
انسائيڪلوپيڊيا
سنڌيڪا
سنڌي ٻوليءَ
ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا
# ۽ سنڌي ٻولي

(مقالا، مضمون ۽ علمي خط)

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

سهيڙيندڙ: رياضت ٻرڙو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ)
قنبر - 2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر (59)**
© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر 2018ع

[هيءُ ڪتاب **اڪيڊمي ادبيات پاڪستان** جي مالي سهڪار سان ڇپيو ويو آهي.]

ڪتاب: **انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سنڌي ٻولي**
**(مضمون، مقالا ۽ علمي خط)**
ليکڪ: **ڊاڪٽر محبت ٻرڙو**
سهيڙيندڙ: **رياضت ٻرڙو**
ڪمپوزنگ: **فراست علي سمون**
پهريون ڇاپو: **اپريل 2018ع**
ڳاڻيٽو: 500
ڇپائيندڙ: **ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر**

**قيمت: 400 رپيا**

# ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**www.sindhsalamat.com**
2023ع

**"Encyclopaedia Sindhica aen Sindhi Boli"**
**[Encyclopaedia Sindhica & Sindhi Language]**
**Written by: Dr. Muhabbat Buriro**
**Compiled by: Riazat Buriro**
**1st Edition: April 2018**
**Published by: Dr. Muhabbat Academy®, Kamber**
**E-mail: drmuhabbatacademy@gmail.com**
**riazatburiro@gmail.com**

**هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين امتياز احمد مغل، سمبارا پبليڪيشن وٽان ڇپائي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران پڌرو ڪيو.**

# ارپنا

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي

نامور علمي ۽ ادبي هستين،

**جناب سراج الحق ميمڻ ۽**

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

جي نالي.

**- رياضت ٻرڙو**

## سنڌسلامت پاران

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناماري اديب ۽ محقق ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جو لکيل ڪتاب ”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سنڌي ٻولي“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون، جنهن جو سهيڙيندڙ رياضت ٻرڙو آهي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو سنڌي قوم ۽ سماج جو هڪ اهم ۽ سڃاڻ ماڻهو هو. فقط پنجيتاليهن ورهَن تي پکڙيل پنهنجي ننڍي ڄمار منجهان، ستاويهه ورهه هُن عملي سياست ۽ سماجي سرگرمين سميت علمي، تحقيقي ۽ ادبي خدمتون ڪندي گذاريا. جن ڪيس هڪ ڏاهي، محقق، ٻوليءَ جي ڄاڻُو، اديب، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس، تنقيدنگار، مترجم، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ڪاهوڙي پُٽ جي سُڃاڻ ڏني. هي ڪتاب سندس ڇپيل، تحقيق ڪيل ۽ ترجمو ڪيل مضمونن تي مشتمل آهي جيڪي ٽن ڪتابن انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا“، ”اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون“ ۽ ”سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت“ جي صورت ۾ ڇپايا ويا هيا.

هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون رياضت ٻرڙي جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
**books.sindhsalamat.com**

# سٿاءُ


- ٻہ چار لفظ ............................................. رياضت ٻرڙو 08

## انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا [1998ع]

- پيش لفظ ............................................. رياضت ٻرڙو 10

1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ............................................. 12
2. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ـــ مواد سهيڙيو مهم:
   i. ذاتيون ۽ ديهون ............................................. 33
   ii. پِسون، راڳ ساز ڳهه، زيور، پرت جو نمونو ۽ ڪپڙو ......... 38
   iii. وڻ، ٻوٽا، ٻاجيون، گاهه، پرزا ۽ اوزار ............................. 42
   iv. ليڪڪ ............................................. 46
3. ٻول گهاڙيتو ............................................. 55
4. ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جن جي مضمون
   ”سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي“ جو مختصر جائزو.... 87
5. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ ڏانهن خط ......................... 122
6. ڊاڪٽر هدايت پريم ڏانهن خط ......................................... 130

## اچو تہ پنهنجي سنڌي لکت سنواريون [2000ع]

- پبلشر نوٽ ............................................. نور احمد ميمڻ 139

1. هر هڪ لفظ هيري۔ڪاڻ ............................................. 140

2. استدلال جو اهو طريقو غلط آهي ........................................ 156

## سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت [2003ع]

• پيش لفظ ........................................................ رياضت ٻرڙو 251
1. /هڪ/ حقيقت ڇا آهي؟ ...................................................... 254
2. جامع سنڌي لغات جو جائزو
(پهرين جلد جي حوالي سان پهرين پڙهڻي) ........................... 279
3. الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ
(ڪجهه اعتراض ۽ ڪجهه انومان) .................................... 345
4. آهي تہ ڇُڪ ننڍڙِي پر...
جيڏا = جينا = جيناه = جيناح = جناح .............................. 361
5. ٻوليءَ ۾ قيرقار جي اڀياس لاءِ اهم ٻوليڄاڻي وٿڪن
جي چونڊ (ترجمو) ............................................................. 363

# ٻه چار لفظ

**ڊاڪٽر محبت ٻرڙو** سنڌي قوم ۽ سماج جو هڪ اهم ۽ سڄاڻ ماڻهو هو. فقط پنجيتاليهن ورهَن تي پکڙيل پنهنجي ننڍي ڄمار منجهان، ستاويهه ورهه هُن عملي سياست ۽ سماجي سرگرمين سميت علمي، تحقيقي ۽ ادبي خدمتون ڪنديءَ گذاريا، جن ڪيس هڪ ڏاهي، محقق، ٻوليءَ جي ڄاڻو اديب، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس، تنقيدنگار، مترجم، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ڪاهوڙي پُٽ جي سُڃاڻ ڏني. گڏوگڏ هُو هڪ حساس دل ۽ ٺڏو مزاج رکندڙ ماڻهو به هو. هُو ڪنهن به قسم جي مصلحت ۽ منافقيءَ کي ننديندڙ هو. هُو حقيقي معنيٰ ۾ پورهيت-دوست ۽ پورهئي سان پيار ڪندڙ شخص هو. هن جي محبتي اکڙين منجهه، سچائيءَ ۽ سورهيائيءَ کي چاهيندڙ سندس روحَ کي پَسي سگهبو هو. جن دوستن، عزيزن ۽ قريبن سندس اکڙين ۾ جهاتي پاتي هوندي، تن هن جي ’روح جا رنگ‘ به ڏٺا هوندا! هو دليل جي دنيا ۾ سوالن جي سوچ کي پري تائين پکيڙي ۽ انهن جا ممڪن جواب ووڙي سگهندو هو. سندس سوچ جي سگهه ۾ سائنسيت سمايل هئي، جنهن ڪيس ڏور-رس ۽ استدلالي نگاهه جو مالڪ بڻايو هو. هُن جي ذهانتَ جي عڪسن کي، سندس سندر اکڙين جي گهرائيءَ، منڙي ڳالهائڻ جي انداز ۽ ٻهڪندڙ مُنهن جي سوجهري مان چڱيءَ پر محسوس ڪري سگهبو هو. اِها ئي ذهانت پِري رِيتِ، هن جي لکڻين ۾ پڻ اوتيل آهي، جيڪي گذريل ويهارو سالن کان اسان سهيڙيندا رهيا آهيون!

اسان، ڊاڪٽر محبت جي گذريل وِيهن ورسين تي ـــ 1998ع کان 2017ع دوران ـــ سندس لکيل توڙي ترجمو ڪيل اٺويهه ڪتاب پڌرا ڪيا آهن، جڏهن ته ويهين ورسيءَ تي، سندس باري ۾ لکيل مقالن، مضمونن ۽ تاثرن تي ٻُڌل ضخيم ڪتاب ”**محبت جن جي من**“ آندو ۽ هڪ ڪتاب ”**ڊاڪٽر محبت ٻرڙو: شخصيت، فڪر ۽ فن**“ 2014ع ۾ ڇپرايو جڏهن ته ڪجهه ڪتابن جا ٻيا ۽ ٽيان ڇاپا به ڇپيا آهن. ڊاڪٽر محبت جي لکيل تحقيقي مقالن ۽ علمي مضمونن تي مشتمل ڪتابن ۾: ”**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا**“ 1998ع ۾ پهرين ورسيءَ تي، ”**اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون**“ 2000ع

۾ ٽين ورسيءَ تي، ۽ ”**سنڌي ٻولي: لفظ لغت ۽ لکيت**“ 2003ع ۾ ڇهين ورسيءَ تي ڇپيا هئا. جيڪي گهڻي وقت کان ختم ٿي ويل هئا. ۽ علمي اُڃ هيٺ، اديبن ۽ محققن سميت سڄاڻ پڙهندڙ انهن ڪتابن جي ڳُهر ڪري رهيا هئا. موجوده ڪتاب، ”**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سنڌي ٻولي**“ ۾، اسان اِن علمي ڳُهر کي ماڻُ ڏيندي، ٿنهي ڪتابن جي سمورن مقالن ۽ مضمونن کي، سواءِ هڪ مقالي ’ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي‘ جي، هڪ ئي ڪتاب منجهه پيش ڪري رهيا آهيون. جنهن سان ٻوليءَ، انسائيڪلوپيڊيا، لغت، لکيت ۽ اصطلاحسازيءَ سان لاڳاپيل اهم مقالا ۽ مضمون، جڙ ته، هڪ ئي ڪتاب ۾ سهيڙيا ويا آهن. انهن سمورن مقالن ۽ مضمونن کي اسان، ٿنهي ڪتابن جي پهرين ڇاپن ۾ آندل ترتيب موجب ئي رکيو آهي، ته جيئن مقالن جو تسلسل، موضوعي طور هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهي. ان ئي ريت، ’**ضميري پڇاڙين**‘ جي سلسلي جا لاڳاپيل مِڙئي مقالا پڻ ڌار ٻئي ڳڏيل ڪتاب ۾ پيش ڪيا ويندا، ته جيئن ٻوليءَ جي موضوع وارن اِيپاسي مقالن ۽ مضمونن جو سلسلو ٻن ڪتابن ۾ سهيڙجي وڃي. ٽئين ڳڏيل ڪتاب ۾ ٻن الڳ الڳ ڇپرايل مڪمل ڪتابن: ”**ٻوليءَ جو ٻڻ**“، 2002ع ۾ پنجين ورسيءَ تي، ۽ ”**ٻول جو ٻڻ**“، 2007ع ۾ ڏهين ورسيءَ تي آندل، کي شامل ڪيو ويندو.

تحقيق جو موضوع تسلسل ۽ مستقل مزاجي گهرندو آهي. اسان ڪوشش ڪئي آهي، ته ان تسلسل ۽ تحقيقي رويي کي برقرار رکون، جنهن جي اڳواٽي، سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي جذبي تحت، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڳوڙهائپ ۽ خوبين کي کوجيندي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ڪئي پئي. هونئن به، محبتَ ڪو وقتي جذبو ته ناهي، ان جي حسناڪي ۽ جماليات سندس لافانيت ۾ ئي ته لڪل آهي!

سدائين ڳڏ.

**رياضت ٻرڙو**

4_اپريل 2018ع، لاڙڪاڻو

# ”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا“ [1998ع]

# پيش لفظ

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، منهنجي محبتي ياءُ، جي 9_اپريل 1997ع تي، اوچتي جوانيءَ ۾، وجود ڏوڏيندڙ وفات کان پوءِ، اسان، ڪجهه سنگتي ـــ خاص ڪري ستار هڪڙو، پائو در محمد ٻرڙو، خادم رند ۽ مان ـــ اهو ئي سوچي سگهياسون تہ سجاڻ جو پرچار ڪندڙ پنهنجي اداري ’ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي‘، جنهن جو ٻالڪپڻو 1989ع ۾ **’موهن جو دڙو سائنس ڪلب‘** جي نانءُ سان شروع ٿيو، جو نالو **’ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي‘** رکجي تہ جيئن پنهنجي ڏيهہ لاءِ مڙني ممڪن پاسن کان ذميواريون نڀائيندڙ هڪ ڏاهي سپوت جي ميجتا ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي ڪم جاري رکي ۽ سندس ياد کي حال سان سلهاڙي سگهجي.

ان ريت **’ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي‘** قائم ٿي، جنهن جي منشور ۾ مختلف علمي ۽ تعليمي موضوعن کي سنڌي ماڻهن لاءِ اربڻ ۽ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ڇپرائڻ لاءِ جاکوڙڻ سميت اهو نُڪتو بہ رکيو ويو تہ ڊاڪٽر محبت جي ڪيل سموري قلمي توڙي ليڪچر ڏنل مواد کي ڇپي پڌرو ڪيو ويندو. **’اڪيڊمي‘** جي ان نُڪتي جو هڪ عملي ۽ علمي روپ ڊاڪٽر محبت جو هيءُ ڪتاب **”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا“** آهي.

انسائيڪلوپيڊيا جي حوالي سان ڊاڪٽر محبت 1991ع ۾ ڪم شروع ڪيو پر پوءِ کيس محسوس ٿيو تہ **سنڌي ٻوليءَ** ۾ انسائيڪلوپيڊيا ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود هجي. ان گهرج کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر محبت **ٻول گهاڙيتو ۽ سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي** مقالا لکيا، پر جيئن تہ انسائيڪلوپيڊيا توڙي اصطلاحسازي تي ڪم ڪرڻُ بنا وسيلن واري ڪنهن هڪ

فرد جي دائري کان گهڻو ٻاهر هيو ۽ زندگي ٻه ڊاڪٽر کي وڌيڪ وقت نہ ڏئي سگهي، جنهنڪري اهو اهم ترين ڪم گهڻو اڳتي وڌڻ کان رهجي ويو.

اسان، هن ڪتاب ۾، ڊاڪٽر محبت پاران انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ اصطلاحسازي جي سلسلي ۾ ڪيل سموري سڏاريل ۽ چڪاسيل ڪم کي، موضوع ۽ مواد آڏو رکي، مرتب ڪري، سنڌي ماڻهن لاءِ پيش ڪيو آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ لاءِ ڊاڪٽر محبت جي ڏسيل واٽ تي 'ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي' ڪم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

**رياضت ٻرڙو**
25 .03 .1998
قمبر

***

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا◆

## ٽوري چاڙ سچاڙ

**انساني سمجهه:**

ماڻهوءَ جو اوائلي استاد پورهيو آهي ۽ قدرت ماڻهوءَ سميت هر ساهواري جي ماءُ. اڻٿڪ پورهيي نہ رڳو ماڻهوءَ جي حياتيءَ کي سولو ڪيو پر سمجهہ بہ ڏني. انساني سمجهہ ئي آهي جيڪا ماڻهوءَ - جهڙي - ساهواري کي جانورن - جهڙي - زندگيءَ مان ڪڍي انساني سماج ۾ وٺي آئي. سمجهہ جو اهڃاڻ اڄ کان 10-لک ورهيہ اڳ تائين پڪ سان ۽ ڪاٿي موجب 30-لک ورهيہ اڳ تائين ملن ٿا. اڄ کان 5 - هزار ورهيہ اڳ تائين وارا ماڻهوءَ - سمجهہ جا اهڃاڻ ماڻهن جي جوڙيل ۽ خلقيل پٿر جي اوزارن، ٽانوَن ۽ گهرن جي صورت ۾ ملن ٿا. سنڌن ڏاڪي بہ ڏاڪي وڌندڙ سڌرندڙ سلجندڙ ۽ نت نيون جوڙون جوڙيندڙ سمجهہ هر ڏينهن نسبتاً سوَلي، ستابي، سُکي ۽ سونهن ڀري ٿيندڙ حياتيءَ مان چٽيءَ طرح بَکي ٿي جنهن جو قصو ڏهاڙي سڌرندڙ ۽ سٺائو ٿيندڙ شڪاري اوزارن، گهريلو واهپي جي شين، ٻني ٻاري ۽ پوکي راهيءَ جي زباني اڄ بہ ”ٻڌي“، ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. هيءُ قصو ڏکن سورن، اهنجن ايذائن، بردباين ۽ دليرين، سُکن ۽ ستابائين، ارڏاين ۽ اوچاين، سورهيائيُن ۽ سرويچائيُن جو رنگارنگ ٽپرس ۾ وجهندڙ ڪيڏارو يا جنگ نامو آهي.

**ٻولي:**

انساني سمجهہ جي اظهار جو ٻيو روپ، سوچن جو ”ڏاتوئي“ خول، ٻولي آهي. ڪروڙين قسمن جا ساهوارا ڪو بہ واڪو (آواز يا لفظ) اچاري نہ ٿا سگهن، اهي رڳو رنگن ۽ ڳنڌن (”سنگهندڻ“ ۽ ”ڪُڳندڻ“) جي ”ٻولي“ سمجهن ٿا، گاهہ، ٻوٽا ۽ وڻ، لکين قسمن جا جيت ۽ ٻن چئن ڪان سواءِ باقي سڀ قسم جون مڇيون ڪو بہ واڪو (آواز، لفظ) ڪو نہ ٿيون ڪڍن ۽ خاص طرح وڻ ٽڻ ۽ جيت جڻيا رڳو رنگ ۽ ڳنڌ وسيلي ئي

---

◆ روزاني ”هلال پاڪستان“ ڪراچيءَ ۾ چئن قسطن ۾ ڇپيل: پهرين قسط 16_آگسٽ 1991ع، ٻي قسط 13_سيپٽمبر 1991ع، ٽين قسط 20_سيپٽمبر 1991ع ۽ چوٿين قسط 27_سيپٽمبر 1991ع.

فطري لڳ لاڳاپي، پيار، پنهنجائپ ۽ ”سمجهه“ جو اظهار ڪن ٿا. واڪيندڙ ساهوارن ۾ ڪجهه ٿورن کان سواءِ باقي سڀ ٽن چئن قسمن جي واڪي وسيلي ئي پنهنجي ”سمجهه“ ظاهر ڪن ٿا ــ تِڏِ کان تِـتَـرَ تائين، ڏيڏر کان ڏاگهي تائين، جهرڪيءَ کان جهنگلي جانور تائين، سڀ ساهوارا ڪي چند قسمن جا واڪا ڪري پنهنجي سَڏَ، سُڏَ، سَونسي، خرابيءَ ۽ خطري جي خبر ڏين ٿا. ماڻهو بہ ڪجهه اهڙن، ٿورن ۽ گهگهن واڪن جي سوڙهيءَ دنيا کان پنهنجيءَ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ سمجهه سبب نت نوَن ۽ ڏينهون ڏينهن بدلجندي سولو ۽ منو ٿيندڙ واڪن (آوازن، لفظن، ٻولن) وسيلي پنهنجي سمجهه پڌري پئي ڪئي آهي. اڄ نوبت اتي وڃي پهتي آهي جو هر سڌريل ٻوليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک قسمن جا واڪا (ٻول، لفظ، آواز) موجود آهن ۽ سڌريل ٻولين جي ڳٽپ 5 ـ سَو کان گهٽ نہ آهي.

### لکيت:

سمجهه ۽ ٻولن کي تصويرن، لِيڪُن ۽ نشانن وسيلي ظاهر ڪرڻ جي تاريخ 5- هزار سال کن پراڻي آهي، سنڌ، چين، مصر ۽ - بابل نينوا ـ سمير جون سيپتائون پنهنجن پنهنجن تهذيبي، تمدني، علمي ۽ ادبي خزانن سان مالا مال پنهنجي اوج وارن ڏينهن ۾ ٻولين جي شاندار واڌ ۽ لکيت جو ڏس پتو ڏين ٿيون. انهن کان پوءِ علم ۽ ادب، فلسفي ۽ سائنس جي روشني ايشيا کان وڏي وچي يورپ ۾ پهتي. يونانين ٻوليءَ ۽ لکيت کي جيڪي رنگ روپ ۽ نقش ڏنا اهي بيشڪ ساراهہ جوڳا آهن. هنن هنر، فن ۽ سائنس جي سوين شعبن ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي هزارين لفظن سان مهڪايو ۽ تحرير (لکيت) وسيلي سنڀالي رکيو. يوناني سيپتا جي تباهيءَ سان گڏ علم ۽ ادب جو مرڪز هڪ ڀيرو وري عرب ۽ فارس جي ڌرتيءَ ڏانهن موٽيو. چيني سيپتا پنهنجي سونهن برقرار رکندي پئي آئي جڏهن تہ ”اٽجاتل دنيا“ (اتر امريڪا کنڊ ۽ ڏکڻ امريڪا کنڊ) ۾ پڻ مايا جهڙين سيپتائُن چلڪاٽ پئي ڪيا. هڪ ڀيرو وري يورپ جي اونداهي چِٽڻ لڳي ۽ هنر، فن، فلسفي، سائنس ۽ سيپتا جي نئين ڀڪار ڦٽي پئي. هاڻي باقاعدي شعوري ڪوشش ڪري ٻوليءَ کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جو ڪم شروع ٿي ويو ۽ سڀ قسم جون لکڻيون عام ماڻهن تائين بہ پهچڻ لڳيون.

### انسائيڪلوپيڊيا:

اڄوڪيءَ دنيا وٽ علم ادب هزارين روپن ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. فلسفو ادب، فن ۽ هنر ۽ سائنسون ـــ قدرتي سائنسون، سماجي سائنسون، طبي سائنسون، هنري سائنسون، انتظامي سائنسون، جنگي سائنسون، انگي سائنسون وغيره ۽ هر شعبي جا ڪيترائي ٽُڙ، هر ٽڙ جون سوين تاريون جن ۾ وري سوين مڪڙيون ۽ پن، گل ۽ گونچ ۽ ميوا موجود. سونَ مٿان سهاڳو وري هيءُ جو ان قسم جي لڳ ڀڳ هرَ گل، ميوي، ٽڙ، پاڙ، تاريءَ ۽ پن تي سوين ڪتاب لکجي چڪا آهن.

ايترين، سوين هزار علمي نعمتن جي وَٽَ ونڻ ۽ چشڪو چکڻ هر ماڻهوءَ لاءِ رڳو ان ڪري ممڪن ناهي جو هر ماڻهو هر شعبي جي مناسب ڄاڻ پرائڻ لاءِ گهڻن ئي ڪتابن تائين پهچي ڪو نه ٿو سگهي. ماڻهن جي علمي سمجهه وڌائڻ جي سِڪ ۽ سَڌَ رکندڙ ڏاهن ان جو حل ايئن ڳوليو ڪڍيو ته ڪو اهڙو ڪتاب جوڙجي جنهن ۾ علم ادب جي هر شعبي جو ست سمايل هجي. انهيءَ گهٽيءَ ڄاڻ واري موتين ـ مالها ۽ گهڻ شاخي هيري ڪاڻ جو نالو آهي انسائيڪلوپيڊيا.

انسائيڪلوپيڊيا يوناني لفظ اينڪائيڪلوپيڊيا (Enkyklopaedia) جو انگريزي اچار آهي. انسائيڪلوپيڊيا جو مطلب آهي گهيرو (گول، دائرو) يا تعليم (ڄاڻ، سکيا) جو مڪمل سرشتو يعني سڀ طرفي ڄاڻ.

پهريَن انسائيڪلوپيڊيائن کي وسيع پيماني تي سادي سِڌي نموني ڊڪشنري (لغت، ٻولَسُڏ) سڏيو پئي ويو يا وري ”سرهائيءَ جو باغ“. جڏهن پهريون پيرو جرئت ڪري **اسڪالش** نالي ماڻهوءَ انسائيڪلوپيڊيا لفظ ڪم آندو تڏهن ان کي گهڻي پليڪار نه ملي، تان جو **ڊينس ڊائڊروٽ** ان کي تاريخي حيثيت وارو فرينچ **انسائيڪلوپيڊيا** لکي عام جام ڪيو. انسائيڪلوپيڊيا جي متبادل طور هڪ لفظ **سائيڪلوپيڊيا** به ڪم ايندو ۽ قابل قبول ٿيندو رهيو آهي.

انسائيڪلوپيڊيا لفظ جي معنيٰ ۾ به تاريخي اوسر سان گڏ تبديلي ايندي رهي آهي. اڄوڪا گهڻا ماڻهو انسائيڪلوپيڊيا کي سموري ميسر ڄاڻ جو گهڻ جُلدي ميڙ (مچو) سمجهن ٿا جنهن کي نقشن ۽ تفصيلي پنوتريءَ سان گڏوگڏ ڪتابِسُڏَن (ببليوگرافيز)، تصويرن، خاڪن، ننڍاڙن (تخفيفن) ۽ پرڏيهي محاورن (اصطلاحن)، ڏيهه سُڏن (گزيٽيئرز) ۽ اهڙي ٻين شين سان سڏاريو ويو هجي.

اڄ ﺑﻪ هڪ جديد انسائيڪلوپيڊيا کي هڪ ڊڪشنري (لغت، ٻولَسُڌ) سڏي سگهجي ٿو پر ڪنهن ﺑﻪ ڊڪشنريءَ، تان جو سني ڊڪشنريءَ کي ﺑﻪ اڄا سوڌو انسائيڪلوپيڊيا ﻧﻪ سڏيو ويو آهي.

**انسائيڪلوپيڊيا جي ٿوري تاريخ:**

انسائيڪلوپيڊيا جي تاريخ لڳ ڀڳ 2-هزار ورهيه پراڻي آهي پر انسائيڪلوپيڊيا جو جديد روپ ڪي 5-سَؤ سال کن اڳ نروار ٿيڻ شروع ٿيو.

انسائيڪلوپيڊيا جا اُهڃاڻ ”اوڀر“ (مشرق) ۾ ”اولهه“ (مغرب) کان وڌيڪ آڳاٽا سمجهيا وڃن ٿا.

پهرين انسائيڪلوپيڊيا جو ڏس پتو چين ۾ ملي ٿو جيڪو 2-هزار ورهيه کن اڳ لکيو ويو ۽ پوءِ ان کي نت نئون ناهڻ بدران جهڙوڪر ساڳيو ئي ورجائبو پئي رهيو. ان جي جوڙجڪ ۾ نمايان اڪابرن حصو ورتو پر پوءِ ﺑﻪ اهو ڇڙڪ چونڊ ادبي تخليقن جو گٽڪو هو ۽ منجهس ڪجهه عنصر ڊڪشنري (لغت، ٻولسڌ) جهڙو هو. ان جو گهڻي ۾ گهڻو واهپو انتظامي معاملن لاءِ شهري عهديدار تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ٿيو. پهرين جاتل چيني انسائيڪلوپيڊيا **هُئانگ-لَئن** (شهنشاهه جو آئينو) شهنشاهه جي حڪم تي 220ع ڌاري تيار ڪيو ويو. ان جو ڪو ﺑﻪ حصو ڪونه ٿو ملي. 600ع ۾ تيار ڪيل پائِيِن-چُو (ادبي موتين مالها، ادب جا ٻويل موتي) جو ڪجهه حصو اڃا ﺑﻪ ملي ٿو. 620ع ۾ 100 بابن ۽ 47 حصن ۾ ورهايل آءِ-وين لِئِي-چُو (فن ۽ ادب جو جهڳٽو) اوُ-يانگ هُسوُنِ تيار ڪيو. انهن کان پوءِ پئِي-تانگ شُ-چاو (ڪتابن جو سَٽُ)، چوُ-هُسُئيه چِي (تعليمي سڪيا ۾ داخلا) ۽ ٽوُنگ-تائين (ذهين پتلا) جڙي راس ٿيا. تـوُنگ-تائين کي وين هسِيئِن تُنگ ڪاؤ (ادبي بچتن جو عام اپياس) وسيلي زبردست واڌ ڏني وئي ۽ اهو سوين ويس پهريندو ۽ بدلائيندو نئين زماني جون نيون شيون جذب ڪندو لُو آره-ڪُوئِي جي تخليق تزُو-يُئانِ جي نالي سان 1915ع ۾ پڌرو ٿيو جنهن کي 1931ع ۾ اڃا ﺑﻪ وڌايو ويو. دنيا ۾ شايد سڀ کان وڏو انسائيڪلوپيڊيا يُنگ-لو-تا-تيئن (مهان ڪتاب) هو جيڪو پندرهين صديءَ جي منڍ ۾ ظاهر ڪيو ويو. نياڳ چَئجي جو ان جي 22-هزار 9-سَو 37-بابن مان ٿورو حصو ئي زماني جي لاهين چاڙهين کان بچي سگهيو. ڪيترائي ٻيا ننڍا ننڍا انسائيڪلوپيڊيا ڇپيا پر ڪارائتو وري **سَين توسائي ٿُو-هُئِي** (1607) هو جيڪو هيو ته ننڍو پر تصويرن سان سينگاريل هو.

افلاطون جي پائٽي، سپيوسيپس (مرڻو 338 - 339 ع ق.م) جي لکت جا ڪجهه ٽُڪرا ئي بچي سگهيا آهن جيڪي يورپ ۾ لکيل پهرين انسائيڪلوپيڊيا جو حصو ڳڻيا وڃن ٿا. سپيوسيپس قدرتي تاري مئٿميٽڪس (انگ+اپياس=انگپياس)، فلسفي ۽ ٻين موضوعن تي پنهنجي چاچي جي خيالن کي لکڻي وسيلي ظاهر ڪيو. ارسطو جا لائسيَم ۾ مختلف موضوعن تي ليڪچر پڻ اثرائتا هئا. افلاطون ۽ ارسطوئي انسائيڪلوپيڊيا، ذهين ثقافتي پس منظر کي اجاگر ڪندڙ ڪتاب، جو پايو وجهندڙ ثابت ٿيا.

ڪيٽو دي سينسَر کي روم ۾ ”پنهنجي پٽ کي نصيحت“ (لڳ ڀڳ 183 ق. م) نالي خَطن لکڻ ڪري انسائيڪلوپيڊيا جي پهرين ليکڪ طور سڃاتو وڃي ٿو. انهن خطن ۾ زندگي گذارڻ ۽ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ بابت زبري ڄاڻ ملي ٿي. هاڻي اهي خط اڻلڀ آهن. ان کان پوءِ هڪ ملهائتي ڪوشش هڪ اڪابر اطالوي ليکڪ مارڪس ٽيرينشس پنهنجن **ڊسيپليناريَم ليبري**-9 (تعليمي سکيا جا نَوَ ڪتاب)، **”شيئن جا يادگار قاعدا، الوهي ۽ انساني“** ۽ **”سوچون“** (خيال) نالي ڪتابن ۾ فن، انساني ڪاوشن ۽ رومي ماڻهن جي زندگين تي روشني وڌل هئي، پر سيني کان اهم ليک پلائني جو **هسٽَريا نيچرلِس** (قدرت جي تاريخ) آهي جنهن ۾ ڄاڻ کي درجي بند ڪري ڳڻتڪن جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

رَبَنَس مارَس (ڄمُ، لڳ ڀڳ 776 - مرڻو 856 ع)، جيڪو انگريز عالم الڪُوئِن جو لائق شاگرد هو جي ڪتاب **ڊِي يونيورسو** (سنسار بابت) ڏکهي ناماچاري ماڻي ۽ وچين دور ۾ اثرائتو رهيو. ان کان پوءِ ڪيٽريون ئي ٻيون ڪوششون بہ ڪتابي صورت ۾ پڌريون ٿيون. **ڊِي او منيفاريا ڊاڪٽرينا** (پانت پانت جا نظريا) انساني ۽ سائنسي ڄاڻ بابت سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾ لکيل هو. هنن ئي ڏينهن ۾ ڌرمي ڇاپ کان آجي ۽ وَڏ ـ شهري (ميٽرو پوليٽن) تعليم ۽ ڄاڻ لاءِ سِڪ وڌي رهي هئي. هَگ آف سينٽ-وڪٽر (ڄم، شايد 1096 - مرڻو 1141 ع ) پنهنجو **ڊِڊا سڪيلِيَن**، جنهن ۾ علمي معاملن سان گڏوگڏ آجن فَنَن (لبرل آرٽس) تي وڌيڪ ڌيان ڏنل هو ڄاڻ جي زبردست درجي بندي تي مضبوطي سان بيهاريو. ان ايندڙ انسائيڪلوپيڊيائن تي پنهنجو سنو اثر ڇڏيو. لڳ ڀڳ انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ انسائيڪلوپيڊيائي ڊڪشنري جنهن کي **سُئِداس** سڏجي ٿو الف ـ ب وار ترتيب ڏنل مواد سان ظاهر ٿي پراڻين روايتن کي پيچي ڇڏيو. ان ۾ اهڙي تہ زبري ڄاڻ ڏنل هئي جو ايندڙ صدين ۾ اهو هڪ اهم وسيلي طور پنهنجي حيثيت برقرار رکي سگهيو پر وچين دور ۾ سڀ کان وڌيڪ

نمايان ۽ لاياڻو ونسينٽ آف ٻيوواٽِس جو **اسپيڪيولم ميجس** (وڏو آئينو) ثابت ٿيو. هيءَ لکيت 10-هزار بابَن تي پکڙيل 80-ڪتابن ۾ سهيڙيل هئي. وِنسينٽ بنيادي طرح ليکڪ ڪونه هو پر سندس اورچ ڪشالو لاياڻو ثابت ٿيو. قَد بت ۾ هن کان وڏو ڪتاب 18-صدي جي وچ تائين پڌرو نہ ٿي سگهيو.

عربيءَ ۾ لکيل انسائيڪلوپيڊيائن کي ٿلهي ليکي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا انهن ماڻهن لاءِ جن ڀاڻ کي سٺي نموني سڌير رکڻ ۽ ثقافتي ورثي جو پورو پورو واهپو ڪرڻ پئي گهريو ۽ ٻيا سرڪاري انتظام رکندڙ جي وڌندڙ انگ لاءِ. انسائيڪلوپيڊيا جو پوٻون نمونو تڏهن وجود ۾ آيو جڏهن عربن يونوچ (ميڊيٽيرانين علائقي جي گهڻن حصن ۾ حڪمراني قائم ڪري ورتي. پهريون حقيقي انسائيڪلوپيڊيا ابن قُتيبه (828-889ع) نالي هڪ استاد ۽ ٻولسِڌ ڄاڻو (فلالاجسٽ، لغاتي علم جي ماهر) جي تخليق هو جنهن پنهنجي ڪتاب جي عنوانن جي ڄاڻ هيٺ روايتي پهاڪا (چوٽيون)، تاريخي مثال ۽ پراڻا عربي گيت ڏنا. سندس ڪتاب **عُيون الاخبار** (پلوڙ روايتون) واري ترتيب ۽ مواد پوءِ ظاهر ٿيندڙ انسائيڪلو پيڊيائن لاءِ پنهنجا نقش ڇڏيا. هن ترتيب موجب ڏهہ ڪتاب رٿيا ويا: سگهہ (قوت، اقتدار)، ويڙهہ (جنگ)، شرافت (نوبلتي)، ڪردار، علم پراڻ ۽ خوشگفتاري (فصاحت)، پوڄا (عبادت)، تپسيا (رياضت)، سنگت (دوستي)، ڪاڏو (ڪاڄ) ۽ عورت. ابن عبدالربيه پنهنجي ڪتاب عقد (مالها) ۾ پنهنجي وقت جا ڪيترائي اصطلاح گڏ ڪري قتيبه جي ڪتاب سان ملائي ظاهر ڪيا. **مفاتيح العلوم** (علمن يا سائنس جي ڪنجي) کي پُل وچان پهريون انسائيڪلوپيڊيا ڳڻيو ويندو آهي پر اهو پارسي عالم الخوارزمي، جيڪو ڪيترين ئي يوناني لکڻين جو چڱيءَ پِر ڄاڻو هو 975-995ع ۾ ترتيب ڏنو هو. ڏهين صديءَ ۾ بصري ۾ ناهيل مذهبي يا سياسي جماعت اخوان صفا (مخلص ياڻيپي) **رسائِل اخوان صفا** نالي پلوڙ ڪتاب ترتيب ڏنو جنهن ۾ پنجن ليکڪن جا 52 ڪتابڙا گڏ ڪيا ويا جن ۾ هلندڙ هزار سالن جي ڄاڻ ڏنل هئي. لکڻيءَ ۾ (1) انگياس، جاگرافي، موسيقي، منطق ۽ لڇڻياس (لڇڻ+ اڀياس = ايستيٽڪس)، (2) قدرتي سائنسون ۽ فلسفو (3) مَٿَ فزڪس (ميٽا فزڪس) ۽ (4) مذهب، جوتش (نجوم) ۽ جادو شامل هئا. مڪمل ڇاپو 1887-1889ع ۾ ظاهر ٿيو.

مصر ۾، ملوڪ دور ۾ رٿيل انسائيڪلو پيڊيائن ۾ **نهايت العرب في فنون الادب** (ادبي فنن ۾ ڏاهہ جو مقصد)، لڳ ڀڳ 9-هزار صفحن تي جوڙيل انسائيڪلوپيڊيا

وڏيڪ اهم آهي جنهن ۾ (1) جاگرافي، آڪاس چاڻ، آبهوا چاڻ، تواريخي چاڻ (ڪرانالاجي)، يُون اپياس (جيالاجي)، (2) ماڻهو [لِڱپياس (ايناٽمي)، لوڪ ادب، ميل جول، سياست]، (3) پسون پياسِ (زولاجي، حيوانات)، (4) اوپڙ پياس (باٽني، نباتيات) ۽ (5) تاريخ ڏنل آهي. 1923ع ۾ مڪمل ڇاپو ظاهر ٿيو.

هورٽس ڊيليساريم شايد پهرين عورت هئي جنهن پنهنجيءَ چارج هيٺ پادرياڻين (ننس) جي تعليم لاءِ 636 ننڍڙين تصويرون رکندڙ انسائيڪلوپيڊيا ڇپرايو. بارٿولو مائِيَس انگليڪس پنهنجو انسائيڪلوپيڊيا **ڊِي پروپرائيٽاٽِبيس** ريرَم سينٽ آئسيڊورءِ پلائني جي لکتن تي پيڙهه رکندي ترتيب ڏنو.

جپان ۾ 'ايڊو' يا 'توڪُو گاوا' دور (1603-1867) هلندي هڪ قسم جو انسائيڪلو پيڊيا، جنهن ۾ اهم جپاني ۽ چيني ادب مان چونڊ ٽڪرا گڏ ڪيل هئا، **ڪو جِيرُوئِين** (51-جُلد، 1879-1914) ۽ **نِهَن-هياڪا-ڊائيجِيٽين** يعني "وڏو (مهانَ) جَپاني انسائيڪلوپيڊيا" (10-جُلد، 1908-1919 ) جديد انسائيڪلوپيڊيا سان ملندڙ هئا پر انهن ۾ گهٽي پاڳي رڳو سائنسي ڄاڻ ڏنل هئي. "شووا" دور (1926-) ۾ وڏيڪ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا ظاهر ٿيا جيئن **ڊائِي-هياڪا** (28-جلد 1931-1935)، **ڪوڪُومِن-هياڪا** (15-جلد، 1934-1936)، **سيڪائِي - ڊائي - هياڪا** (24-جلد، 1955) ۽ **جپانيڪا** (19-جلد، 1967-1972ع) سٺي نموني تيار ٿيل لکڻين جا مثال آهن.

پارسي قانوندان ڏوواني (1427-1501) هڪ قسم جو انسائيڪلوپيڊيا **انمداغ العلوم** ڇپرايو جنهن ۾ هنري ايجادن بابت سوال جواب ۾ دستاويزي ڄاڻ ڏنل هئي.

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ جديد انسائيڪلوپيڊيا جنم ورتو. فرانسِس بيڪن جو **انسٽاريشيو مئگنا** لکڻ مهل مقصد اهو ئي هو تہ سائنس، فنن ۽ سموري انساني ڄاڻ کي نيڪ ناڪ بنيادن تي بيهاري سگهجي تہ جيئن شيُن ۽ ذهن جي وچ ۾ سٺي ۽ حقيقي گهرائي جوڙي سگهجي. ان سڄي رٿيل ماناڻ جو رڳو ڪجهه حصو ئي ڇپجي سگهيو پر ليکڪ 130 ننڍا حصا ٽن وڏن حصن ۾ ورهائي ترتيب ڏيڻ جو سوچيو هو: ٻاهرين قدرت، ماڻهو ۽ قدرت مٿان ماڻهوءَ جو عمل.

ٻارهين صديءَ تائين ڪو بہ انسائيڪلوپيڊيا الف-ب جي ترتيب سان ڇپجي پڌرو نہ ٿيو هو. **سئداس** پهريون پيرو الف-ب جي ترتيب سان ظاهر ٿيو. زارا ۽ السٽيڊ جا انسائيڪلوپيڊيا هڪ سٺي رٿابنديءَ پٽاندڙ رٿيل هئا. پر گوءِ سيني ڪان لوئي

موربرِي ڪتي ويو جنهن الف-ب وار ترتيب ڏئي **گرانڊ ڊڪشنري هسٽارڪ** (مهان تاريخي ٻولَسڊ) لکي ٻهترين اثر ڇڏيو. ان ۾ جاگرافيءَ ۽ شخصيتن جي جيون-ڪٿا بابت گهڻو مواد ڏنل هو. اينٽوني فورٽيئر جي ڪتاب **ڊڪشنري يونيورسل ڊيس آرٽس ايٽ سائنس** (فن ۽ سائنس جي سنساري ٻولسڊ) جي آڇ ايڏي عوامي هئي جو ان ڪنهن به انسائيڪلوپيڊيا کي عوام ڪان پري رکڻ بابت سمورا شڪ شبها ڊاهي ڇڏيا ۽ اهڙيءَ طرح سائنس ۽ فن کي ملائي جديد ثقافت، سائنس ۽ هنر (ٽيڪنالاجي) ۾ وڌندڙ عوامي چَس جي حقيقي فطرت ظاهر ڪئي.

پهريون ڏيهي فرينچ انسائيڪلوپيڊيا چارلس ايسٽيني (1504-1564) جو **ڊڪشنريم هسٽوريم جياگرافيڪم ايٽ پوئيٽِيڪم** (تاريخي، جاگرافيائي ۽ شاعراڻو ٻولسڊ) 1553ع تائين ڇپجي سگهيو. پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ انسائيڪلوپيڊيائن لاءِ فرينچن کي اڃا به ٻين قومن جي انسائيڪلوپيڊيائن، جيئن پيڊوميڪسيڪا جو **ليس ڊائوَرسيس ليزنس** (ٻانت ٻانت جا سبق، 1552) تي ڀاڙڻو هو. جان هئرس جو **ليگزيڪم ٽيڪنيڪم** (هنري ٻولسڊ، 1704ع) وڏيڪ اثرائتو ۽ جديد وسيلن جو مظهر ٿي ميدان تي آيو. ان ۾ فرانس جي انسائيڪلوپيڊيائن تان ڪيل ترجما پڻ شامل هئا. فرانس ۾ ڊائڊروٽ ۽ اليمبرٽ وڏي پيماني تي عمدو فلسفيانه نمونو جو **ايل انسائيڪلوپيڊيا** ظاهر ڪيو. سوچ هيٺ آڻي سگهڻ جهڙي هر موضوع تي لکڻ جي لحاظ کان هن انسائيڪلوپيڊيا ۾ ڪيترين ئي ڪوتاهيون هيون. انهن سڀني ڪوتاهيون کان پاڪ رکڻ جو پهه ڪندي **انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا** جو پهريون ڇاپو (1768-1771ع) ڇپجي پڌرو ٿيو.

جرمنيءَ ۾ ان وقت تائين پرڏيهي انسائيڪلوپيڊيائن جي ترجمن تي ڀاڙيو پئي ويو. هاڻي اتي به وڌندڙ وچين طبقي جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي هڪ سڌريل سماج لاءِ ثقافتي منظر رکندڙ انسائيڪلوپيڊيا جي گهرج هئي. **اليگميِنيس ليگزيڪان** (1721) جوهَن ٿِيوڊور جٻلونسڪي سنواري سينگاري پيش ڪيو. ان کان پوءِ جوهن هيمزخ زيڊلر جو زبرو ڪتاب **گراسيس وولِسٽينڊگز يونيورسل ليگزيڪان** (انتهائي ڀُوڙهو/ رچيل سنساري ٻولسڊ، 1732-1750) جيتوڻيڪ پراڻي ڍنگ تي لکيل هو پر ان جي اهميت چنڊيل ڇاٽيل نيڪ ناڪ چارٽ ۽ جيون-ڪٿا، ڪتابَسُڌ (ببليوگرافي) واري مواد سبب وڌيل آهي. **ڪنوَرسيشنس-ليگزيڪان** (1796-1811) نيڪ ناڪ تازي تواني ۽ ڀُوڙهي رچيل چارٽ مهيا ڪرڻ سبب وڌيڪ سرسو

رهيو ۽ ايندڙ صدين ۾ يورپ جي انسائيڪلوپيڊيائن تي زبردست اثر ڇڏيائين. هن ڪتاب ۾ فريڊرڪ ارنالڊ بروخاس جرمن ماڻهن جي حقيقي گهرج پوري ڪئي.

اٺويهين صديءَ ۾ چيمبر جو سائيڪلوپيڊيا جي سڌاريندڙ ابراهام رِيس نيث نج ۽ سٺي نموني سينگاريل **ڊِي نيُو سائيڪلوپيڊيا** (1802-1820) پيش ڪيو جنهن کي **برٽانيڪا** جو رقيب سمجهيو ويجي ٿو.

نوح ويبسٽر جو گهڻي ڄاڻ مهيا ڪندڙ **اميريڪن ڊڪشنري آف دِي انگلش لئنگئيج** (انگريزي ٻوليءَ جو اميريڪي ٻولسڌ) فطري طرح انسائيڪلوپيڊيا هو جيڪو بروخاس ۽ لوراس جي انسائيڪلوپيڊيائن جيان دور ناهيندڙ ثابت ٿيو. ويبسٽر جي ڪتاب اميريڪي عوام کي نئين چس ڏئي ان جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ورتو.

اٺويهين صديءَ ۾ برطانيا اندر سڀ انسائيڪلوپيڊيا ۽ سندس جوڙيندڙ جهڙوڪر ٿڪجي پيا. انهيءَ وکڙ ۾ نہ ڦاٿو تہ اهو هو **چيمبرس انسائيڪلوپيڊيا** (1860-1868). پر هاڻي دنيا جي ڪيترن ئي ڏيهن ۾ انسائيڪلوپيڊيا زور وٺي رهيو هو. **انسائيڪلوپيڊيا پوزيچنا** (1858-1868) پولئنڊ ۾ ۽ بوهيميائي سلونِڪ ناڪني (سائنسي) ٻولسڌ (1860-1890) سان ريس ڪندي **هنگريَن ايجلٽيميز ميگيار انسائيڪلوپيڊيا** (سنساري هنگرين انسائيڪلوپيڊيا، 1861-1876) پيش ڪيا ويا. روسين وري وِي-اين-تاتيشيف جو **ليڪسيڪن روسسڪوئاءِ** (روسي ٻولسڌ) جو اڏڙ انسائيڪلوپيڊيا 1873ع ۾ ظاهر ڪيو ويو ۽ پوءِ بروخاس جي طرز تي **اي-اسٽار چيوسڪي جو اسپراووچني اينتسائيڪلوپيڊيچيسڪي سِلوور** (انسائيڪلوپيڊيائي ريفرنس ٻولسڌ، 1855-1873) پڌرو ڪيو. وڏيڪ اهم **اينتسائيڪلوپيڊيچيسڪي سِلوور** (1875) هو جنهن کي ان جي ڇپائيندڙ "گرئنات رشين ببليوگرافيڪل انسٽيٽيوٽ" جي نالي پٺيان **"گرئنات"** سڏيو ويجي ٿو. 58-جُلدن ۾ **گرئنات** جو پوءِ آيل ڇاپو (1910-1948) برٽانيڪا جي طرز تي جوڙيل آهي پر ان ۾ انقلاب کان پوءِ بدليل حالتن جو ثقافتي اولڙو چٽو نظر اچي ٿو.

لاروس بنا مقابلي نہ رهيو. **لا گرانڊ اينسائيڪلوپيڊيا** (1866- 1902 ) فرانس کي نهايت مانائتي، پروسي جوڳي ۽ ڳُوڙهي رچيل سڀ طرفي ڄاڻ سان ٽمٽار دستاويزي لکيت موجود ڪري ڏني. ڊنمارڪ ۾ اٺويهين صديءَ جي پڇاڙي ٽن سٺن گهڻ جُلدي انسائيڪلوپيڊيائن سان ٿي: **آلرس** (1892-1899)، **هيگرَپس** (1892-1900) ۽ **سَلمونسينس** (1893-1911) جن جو انسائيڪلوپيڊيائن جي تاريخ ۾

کو مثال ڪونهي. اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين جديد انسائيڪلوپيڊيا پنهنجي سموري سونهن ۽ ساپيا کي رسي چڪو هو.

ٻِروخاس جي روسي ڇاپي (1890-1906) کي جوڳي سرسي ملي. ايس-اين-يُوشاڪ **بولشيا اينتسائيڪلوپيڊيا** (مهان انسائيڪلوپيڊيا, 1900-1909) "مِيير" طرز تي پيش ڪيو پر گرئنات ڪان پوءِ اهم انسائيڪلوپيڊيا 65-جُلدن تي پکڙيل **بيولشيا سُويستڪايا اينتسائيڪلوپيڊيا** (مهان سويت انسائيڪلوپيڊيا 1926-1947) شايع ٿيو جنهن جو پيو ڇاپو مارڪسي-ليننِي نڪتءِ نظر موجب پيش ڪيو ويو هو. ان ۾ لڳ ڀڳ سڄي سويت يونين جي ثقافتي وسيلن کي اجاگر ڪيو ويو هو. 8-هزار عالمن جا ڪتابسُڏ (ببليوگرافي) سميت ڏنل مضمون بيشڪ بين الاقوامي معيار جا هئا. ان کان پوءِ شاندار مُلهاتتا ۽ معياري "ساليانا ڪتاب" هن انسائيڪلوپيڊيا جو ماڻُ وڌائيندا رهيا آهن.

گڏيل-اميريڪي-رياستن (يو. ايس. اي) ۾ نِيُو انٽرنيشنل انسائيڪلوپيڊيا جو پهريون ڇاپو (1902-1904) پڻ ساليانن ڪتابن وسيلي سڌريندو رهيو. انسائيڪلوپيڊيا اميريڪانا 1902ع ۾ نئين سگهه ورتي. هيءَ اميريڪا ۾ انگريزي ٻولي اختيار ڪرڻ مهل (1829-1833) پنهنجايل ٻروخاس جي ستين ڇاپي جو پوبون نسل هو. 1950-1951 ۾ نئين اميريڪي لڪٽي **ڪوليئرس انسائيڪلوپيڊيا** جي صورت ۾ ظاهر ٿي، جنهن کي لاڳيتو ساليانن ڪتابن وسيلي سگهه ملندي رهي ٿي. گهڻيون تصويرون ۽ گهڻا نقشا ان جو نمايان گڻ آهن.

"ايسپا"، **انسائيڪلوپيڊيا يونيورسل السٽريڊا يوروپيو اميريڪانا** (1905-1907) نہ رڳو هڪ مهان انسائيڪلوپيڊيا آهي پر **انسائيڪلوپيڊيا اِٽليانا** جيان ڪيس قداور ساٿي-ڪتابن جي ٽيڪ بہ ملندي رهي ٿي. قد ٻُت ۾ اها وئي دنيا ۾ سڀ کان ٿلهو ٿنيرو ڪتاب آهي. ان جو هڪ مڪمل جلد رڳو اسپين بابت آهي. اسپيني انسائيڪلوپيڊيا **ڊڪشناريو سلوَت** (پهريائين 1907-1913 ۾ ڇپيو) پڻ مختلف وقتن تي هر هر ڇپجي ٿو. ٻيو وڏو اسپيني انسائيڪلوپيڊيا **انسائيڪلوپيڊيا ليبر** (1955-1960) آهي جنهن جو هر جلد هڪ وڏي موضوع جي دنيا تي پکڙيل آهي.

سمورن انسائيڪلوپيڊيائن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم **انسائيڪلوپيڊيا اٽليانا** (1929-1939) آهي جيڪو گهڻ خرچائو (نفيس, شاندار) پيشڪش، عمدين تصويرن ۽ ڊگهن (تفصيلي) عالمانہ ۽ سنن دستاويزي مضمونن جي ڪري مشهور آهي.

لاروس جي لاڳيتي شهرت هوندي بہ فرانس ويهين صديءَ ۾ تي ٻيا انسائيڪلوپيڊيا **اينسائيڪلوپيڊياءِ فرانس** (1935-1966)، **اينسائيڪلوپيڊيا ڊي لا پليياڊ** (1955-) ۽ **انسائيڪلوپيڊيا يونيورسَلِس** (1928-) ظاهر ڪيا.

وڏن انسائيڪلوپيڊيائن سان گڏ خصوصي موضوعن، جيئن فزڪس، ڪيمسٽري، فلسفي، ادب، تاريخ، شخصيت وغيره تي ۽ هر هڪ ڪنڊ لاءِ ڌار ڌار مختلف قد بت جا ڪيترائي انسائيڪلوپيڊيا ظاهر ٿيندا پئي رهيا آهن جن ڪي پنهنجي پنهنجي ڄاڻ، سونهن ۽ سينگار آهي.

ڪيترن ئي ڏيهن ۾ هوندن تہ گهٽا پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ستو انسائيڪلوپيڊيا مڙيوئي موجود آهي. انهن مان ڪجهہ هي آهن:

بلگاريا: **ڪراٽڪا بلگارسڪا اينسائيڪلوپيڊياءِ** (1963-) ۾ ٻيا.

ڊنمارڪ: **گلائڊينڊلس ناءِ ليڪسيڪن** (پهريون ڇاپو 1931-1932) ۾ ٻيا.

فنلئنڊ: **اوٽاون آئسو ٽائٽو سَناڪِرجا/ انسائيڪلوپيڊيا فينِيڪا** (1960-1965) ۾ ٻيا.

يونان: **ميگالي هيليناڪِي اينائيڪلوپيڊيا** (1926-1934) ۾ ٻيا.

هنگري: **ريواءِ نيگي ليگزيڪونا** (1911-1935) ۾ ٻيا.

نيڌرلئنڊس: **ايرِستي نيدرلئنڊسي سستميٽس اِنگرڪتي انسائيڪلوپيڊيا** (1946-1951) ۾ ٻيا.

ناروي: **آشيهائوگس ڪنورَسيشنس ليڪسيڪن** (1970-) ۾ ٻيا.

پولئنڊ: **وِيلڪا انسائيڪلوپيڊيا پوُزيچنا پ ون** (1962).

رومانيا: **ڊڪشنر انسائيڪلوپيڊڪ رومن** (1962-1966).

سوُيڊن: **بونئيرس ڪنورَسيشنس ليگزيڪان** (پهريون ڇاپو 1922-1932) ۾ ٻيا.

ترڪي: **ترڪ آينسائيڪلوپيڊيسي** (1946-).

يوگوسلاويا: **انسائيڪلوپيڊيا يوگو سلاويا** (1955-) ۾ ٻيا.

لتُئانيا: **لِتوِيُ انسائيڪلوپيڊيا** (1953-1969).

استونيا س. س. ر. اِيستيِ نُوڪر وجُود اينتسائيڪلو پيڊيا (1968-).

لبان: **دائرة المعارف** (1887-1900) بطرس البوستاني ۾ سندس پٽ جوڙي تيار ڪيو.

**مياتما سُيزن ڪِيان/ انسائيڪلوپيڊيا برمانيڪا**، برما ترانسليشن سوسائٽيءَ برميز ٻوليءَ ۾ ڇپرايو (1054-).

عبراني ٻوليءَ ۾: **هَه-اينتزائيڪلوپيڊيا هَه-عِوروتِ** (انسائيڪلوپيڊيا هيبرائيڪا 1946-) ۽ ٻه ٻيا.

انڊونيشيائي ٻوليءَ ۾: **انسائيڪلوپيڊيا انڊونيشيا** (1954-).

سِنهالي ٻوليءَ ۾: **سنهاليز انسائيڪلوپيڊيا** (1963-).

۽ سنڌي ٻوليءَ ۾: ..... !؟

هيڏي شاهوڪار سُڪي ۽ ستابي ٻولي، ايڏو ثقافتي ورثو ۽ شاندار ماضي، هزارين ڏاها، ڏاتار عالم اڪابر، سياڻا سيبتا، شاعر، اديب، ليکڪ، سائنسدان، سياستدان، تاريخ ڄاڻُو هنرمند، فنڪار ۽ ڪلاڪار؛ علم، ادب، فن ۽ هنر جو ڪهڙو شعبو آهي جنهن ۾ سنڌي نہ هجن؟ پوءِ بہ سنڌي انسائيڪلوپيڊيا جي خاني ۾ ٻڙي!؟

**سنڌ جو ماضي:**

سنڌ جو تاريخ کان اڳ وارو ماضي بيشڪ بهترين ۽ مانائتو آهي. جڏهن کان تاريخ لکي وئي آهي تڏهن کان سنڌ ۾ علم ۽ ادب، سُک ۽ ستاپائي، سورهيائي ۽ سرويچائي جا آثار تہ برابر ملن ٿا پر جڏهن بہ ڌارين ڪاهيندڙن ڪاهيو تڏهن مڙسيءَ سان وڙهي بہ پهرين نہ ته ٻي، ٽين، چوٿين پيري هار کاڌي اٿئون ۽ انهن جي غلاميءَ هيٺ آيا آهيون. چون ٿا تہ ان جو هڪ ڪارڻ اسان جو ڏيهُ بہ هو. پر مارن سنڌ کي پئي لتاڙيو ڦريو ۽ ماريو آهي. اسان جي حاڪم طبقن تہ هار کائيندڙي ئي سندن چاپلوسي پئي ڪئي آهي پر عوام سدائين ظالم ۽ ظلم کان گهٽ ۾گهٽ بہ نفرت ضرور ڪئي آهي ۽ ڪڏهن بہ ڏيک ويک، لئہ ۽ ٽيگر جي ريس ڪندي دشمن جي پٽ پٺيهر تي پنهنجيءَ لوئيءَ کي نہ لويو آهي. ٻي پاسي سنڌ مٿان جن ”پنهنجن“ حڪمراني هلائي انهن بہ گهٽ ۾ گهٽ ٻوليءَ جي لحاظ کان سنڌ جي ڪا خاص خدمت ڪو نہ ڪئي. ويجهڙ ماضيءَ وارن پنهنجن حڪمرانن پاران سرڪاري سطح تي سنڌ ۾ ڌاري ٻولي ئي مڙهي رکي وئي ۽ سرڪاري سرپرستي جي اڻهوند سبب عوامي سطح تي بہ ڪي سنا ادارا نهي نہ سگهيا. ابوالحسن جهڙن عالمن ۽ هر دور ۾ ايرندڙ وچين طبقي جي ڪيترن ئي ماڻهن سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي لپي ڏيڻ جو پرخلوص ۽ پيار پريو جتن بہ ڪيو راءِ سهاسيءَ کان وني انگريزن جي اقتدار تائين، اسحاق آهنگر ۽ حماد شيخ

ڪان وٺي سچل ۽ ساميءَ تائين سنڌ جي ڌرتيءَ تي گهڻو ڪجهه لکيو پڙهيو ڳالهايو ۽ ڳاتو ويو آهي پر هيءُ هن وقت جنهن ليپيءَ ۾ لکي رهيا رهيا آهيون اها جوڙائڻ، رائج ڪرڻ ۽ وڌرائڻ انگريز جو جتن آهي. انگريز ڦورو ۽ بدمعاش هو قاتل ۽ پرمار هو (اسان جو مٿس گهڻو ئي حق حساب رهيل آهي) پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ٻوليءَ ثقافت ۽ تاريخ سان اڳوڻن پرمارن ۽ هاڻوڪن حڪمرانن جيان هٿ چراند ڪرڻ ۽ مَٽ گُهرو ٿيڻ بدران گهڻ گُهرو ثابت ٿيو. سنسڪرت، عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ جو ڪجهه لکيو ويو ان جو گهڻو ڪجهه ملي ٿو پر پراڻيءَ سپيتا جي مليل مُهرن ۾ لکيتن، هندي، گجراتي، گرمکي وغيره ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ويو آهي ان جي بهتر ڄاڻ اهي عالم ئي ڏئي سگهن ٿا جيڪي لکت ۽ ذاتي ڪچهرين ۾ اهڙي ڄاڻ رکڻ جي ڳالهه ڪندا رهيا آهن. بهرحال سنڌ جي انتهائي پراڻي ماضيءَ ۾ جيڏي وڏيڪ عظمت آهي ويجهي ماضيءَ ۾ ٿورن مثالن کان سواءِ اوتري ئي اڻهوند نظر اچي ٿي.

**سنڌ جو حال:**

عام چوڻ آهي ته اسين گهڻو عرصو ڌارين جا غلام رهيا آهيون تنهنڪري سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ تاريخي ورثي جو بچاءُ نه ڪري سگهيا آهيون جڏهن ته ڌارين حڪمرانن به انهن کي پٺي تباهه ڪيو آهي. پر گهري نظر سان جاچ ڪبي ته پنهنجن جو راڄ پراون جي راڄ کان مُدي ۾ بيٺي ڪان به وڌيڪ نظر ايندو پوءِ به مختلف سببن جي ڪري سنڌ جا حاڪم طبقا ذهني ۽ علمي طرح ڌارين جا غلام ٿي رهيا آهن جنهنڪري اسان، عوام کي ڌارين جي غلاميءَ جو ڳٽ لاڳيتو محسوس ٿيندو رهيو آهي. موڪي بن وسائي کان وٺي 1991ع جي اجوڪي ڏينهن تائين موجود غدارن سنڌ سان وڏيون ويساهه گهاتيون ئي ڪيون آهن. سندس هڪ ڏٽو مس ٿو اگهاڙو ٿي پورو ٿئي ته ٻيو ڏٽو تيار هوندو. اسين ڪنهن غداري ۽ سازش کي مس مس منهن ڏئي متي ٿا. چڙهون ته پرمارن جي اشاري تي اهي غدار ڪنهن ٻي ٻوهي ۾ ڦاسائي ڇڏين ٿا. اچو ته رڳو هڪ مثال وٺون ۽ اهو به ٻوليءَ جي حوالي سان. 1947ع تائين سنڌي ٻولي جي اوسر تي هڪ نظر وجهي ڏسو. ادب ۽ سائنس جو ڪهڙو موضوع هو جنهن تي سنڌي ۾ نه لکيو پئي ويو ۽ سنڌ جو ڪورٽ کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين ڪهڙو شعبو هو جنهن ۾ سنڌي ٻولي رائج نه هجي؟ سنڌي ٻوليءَ حياتيءَ جي هر حصي ۾ ڪيڏي نه تيز رفتاريءَ سان ترقي پئي ڪئي!؟ رڳو علي احمد قاضي ۽ مرزا قليچ بيگ جي لکڻين کي ئي جاچڻ سان خبر پوندي ته سائنس ۽ ادب ۾ ڪيئن پئي وڌيا سين. جيڪڏهن

پنهنجن جون ڏٺيبازيون ۽ غداريون ۽ گُهرائي مڙهيل ڏارين جي مڪروه حاڪماڻي ذهنيت نہ هجي ها تہ نہ ٿهي ها ون-يونٽ ۽ نہ ٿي وري انهيءَ قيد دوران سنڌي ٻوليءَ کي ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي ها، ۽ اڄ اسان جي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي عظمتن تي وڃي پهچي ها. انهن ڪان هزارين ڪوهہ پوئتي نہ هجي ها. ممڪن هو تہ اسين اڄ ڊاڪٽري، انجنيري، وڪالت وغيره مطلب تہ هر اها تعليم جا ڏاري ٻوليءَ ۾ پڙائڻ تي لاچار آهيون اها جيڪر پنهنجيءَ سنڌي ۾ ئي پڙهون ها ۽ اسان جون لائبريريون ٿلهن متارن سنڌي ڪتابن سان سٿل نظر اچن ها، جڏهن تہ سنڌي ثقافت (۽ سنڌي ماڻهن) کي خاص ڪري سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ٽيڄ-ويڪ (مائڪرو اسڪوپ، خوردبين) وسيلي ڳولڻ بدران ريڊين، ٽِيوِين، اخبارن، رسالن وغيره ۾ سَو سيڪڙو ٻڌي، ڏسي، پڙهي، جاڻي سگهون ها...

هن وقت اسين غلام آهيون گورن جي گادي نشين ۽ بدترين ذهنيت رکندڙ ڪارن جا، سنڌي ماڻهن جي هر انساني ۽ قومي حق خلاق هر پاسي کان هُلان جاري آهي. سنڌ سرڪار ۾ گهٽائي تہ سنڌي وڏيرن جي آهي پر اهي آهن ساڳين ئيِ ابن الوقت ۽ موقعي پرست ماڻهن جا جانشين، جن جي ڪري سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن پئي لوڙيو آهي. سنڌ سرڪار جون ڏوريون ڪنهن ٻي هنڌان لوڏيون پيون وڃن ۽ هر سنڌ دشمن ڪم گهٽي ٻاڳي غدار سنڌي جاگيردارن جي مدد سان پيو ٿئي. ون يونٽ ڪان وٺي پاٽي-ورچ جي ناهہ تائين، لياقت ڪان وٺي نواز تائين حڪمرانن جا نالا بدليا آهن، حڪومتن جا ويس بدليا آهن، جاگرافي بدلي آهي، ڪيترائي غدار مئا آهن ۽ ڪجهہ جون ڳالهيون بدليون آهن پر سنڌ، سنڌين ۽ ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ سان ساڳيا هاجا جاري آهن. اڄ سنڌ ۽ سنڌي ٻتي ويل ۾ نہ پر انوٽي عذاب ۾ آهن. سنڌوءَ جو پاڻي چوري ٿيندو ۽ پَرٻاهرو ڦٻجندو رهيو آهي، سنڌ کان ٻاهر ڊيم ٺاهيا ويا آهن ۽ اڃا بہ ٺاهڻ جون تياريون آهن، ناٽو ڦبائڻ لاءِ ٺڳيءَ ڀريا ناهہ پيا ٿين، سنڌ جون پليون ٻنيون ڪوڙن ڪِليَمن ۽ ٺڳين وسيلي اڌ ڪان وڌيڪ ڏارين جي حوالي ڪري چڪا ۽ اڃا بہ "انعامن" ۾ ڏنيون پيون وڃن، دهشت گردن ۽ ڌاڙيلن کي زور وٺائي سنڌ مٿان ڪڙڪايو ويو آهي ۽ وري انهن کي ختم ڪرڻ جي بهاني زمينون کسي ڇاوڻيون وجهي سنڌ کي فوجي قيدخانو بنائڻ جي ڪوشش تي عمل ٿي رهيو آهي، سنڌ جي صنعت ۽ حرفت تي ڏارين جو قبضو پڪو ڪيل آهي ۽ اسرندڙ سنڌي وچين طبقي کي چيپياٽيو پيو وڃي، سامونڊي ڪمائي "ڊراءِ پورٽ" جي نالي ۾ پڪي ڦرجي چڪي آهي، سنڌي

ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي ڪانهي، سنڌي ثقافت کي نيچ ڪرڻ لاءِ هر وسيلو ڪم آندو پيو وڃي، سنڌي عوام تي هر پاسي کان ڏنڊي جو وسڪارو آهي ۽ هاڻي ته قانون به اهڙا پيا جوڙيا وڃن جيڪي اگهاڙي نموني سنڌي عوام جي خلاف آهن. سياست جي نالي ۾ ڏتي بازيءَ، غداريءَ ۽ مڪاري ۾ مٿان وري هڪ طرفي پروپيگنڊا اهو حال ڪيو آهي جو بنهه سچي، وطن دوست، عوامي ۽ جمهوري سياست به شڪ شبهن جو شڪار تي پئي آهي. مجموعي طرح سڀ سياسي پارٽيون هڪ قطار ۾ بيهاريون ويون آهن. جڏهن ته غداريءَ ۽ وطن دوستيءَ ۾ فرق ڪرڻ گهربو هو. نوبت اتي وڃي پهتي آهي جي عوام جي حياتيءَ ۾ سُک چين موڪلائي ويو آهي.

**اسان جو فرض:**

اسان مان هر هڪ کي پنهنجو انساني، اخلاقي ۽ علمي فرض نڀائڻو آهي. جيڪڏهن اسان کي پنهنجو حال ۽ آئيندو سنوارڻو آهي ته حال ۾ ئي، اڄ ۽ هاڻي ڪم ڪرڻو پوندو.

ڳنين من ماضي، ڪنين استقبال،
حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي.

اسان مان هر هڪ چا ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه نه ڪيو اٿائين. اهو سڀ ڪجهه جاچڻ لاءِ چا اسان ڪڏهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏٺو آهي؟ جيترن ڪمن ڪري سگهڻ جي ڏاهپ، ڏات، ڏيا ۽ ڏانءُ اسان ۾ موجود آهي جڏهن اسان اهي نه ڪيا آهن ته چا اسين ڏوهاري نه ليکباسون؟ اسان مان هر هڪ جيڪڏهن پنهنجي اندر جي ماڻهوئڙي، وويڪ، ضمير کي آچاري ۽ اَمين واري سچائيءَ سان پنهنجو جائزو پاڻ وٺي ته هو پنهنجي وطن، قوم، ٻوليءَ ۽ ثقافت ۽ علمي ماڻهپي لاءِ چا ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ڪري سگهي ٿو رڳو اهو اوترو پنهنجي پتيءَ جو فرض پرور ڪري ته جيڪر ماڻهپي، سنڌ ۽ سنڌي عوام مٿان چانيل ڏاڍ جا ڪيترائي ڪڪر ۽ سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ خلاف ٿيندڙ ڪيتريون ئي سازشون بنهه ختم ٿي وڃن. اچو ته هڪ مثال جاچيون ۽ اهو به مٿترڪ کان مٿي پڙهيل ماڻهن جو. سمجهو ڪري ته اهڙن پڙهيلن جو انگ رڳو 5-لک آهي. هر هڪ ماڻهو جنهن شعبي جي ڄاڻ رکي ٿو ان ئي شعبي جي ڪنهن به هڪ موضوع بابت هڪ سال ۾ رڳو هڪ ڪتاب يا مضمون لکي (هڪ ڏينهن ۾ سراسري طرح رڳو

ڏهہ سٿون لکجن تہ بہ) پنجن ۽ ڏهن ورهين ڪان پوءِ اسان جو علم ادب ڪٿي وڃي پهچندو!؟ سمجهو ڪري تہ سنڌ ۾ رڳو 5-هزار ڊاڪٽر آهن ۽ انهن مان هر هڪ هر سال رڳو هڪ موضوع تي لکي ٿو تہ پنجن ورهين ڪان پوءِ طبي ڄاڻ جي اڏام ڪيڏي اوچي هوندي! سمجهو ڪري تہ سنڌ ۾ هڪ هزار انجنير، اٺ سوَ وڪيل، سراسري طرح رڳو هڪ هڪ سوَ ماڻهو ڪيمسٽري (ڪيميا)، فزڪس، ٻانٽي (اوپڙ+اپياس= اوپڙپياس)، زولاجي (پسون+اپياس= پسونپياس)، مئٿميٽڪس (انگپياس)، فائين آرٽس، جاگرافي (ڌرتي ليکڻ، ڌرتي+اپياس= ڌرتپياس)، جيالاجي (پوڻ+اپياس= پوڻئپياس)، ايسٽرانامي (تاراپياس)، ايسٽرالاجي (جوتش، نکٽ+اپياس= نکٽپياس)، نفسيات (مَنُ+اپياس= منپياس)، سوشيالاجي (راڄ+اپياس= راڄپياس)، پوليٽيڪل سائنس (سياستپياس)، ادب، تاريخ، فلسفي، مذهب، ٽيڪنالاجي (هنرپياس)، آرڪيالاجي (جهوني+اپياس= جهونپياس)، ٻوليءَ، فن، ثقافت، پرڏيهي نيتيءَ ۽ لاڳاپن ـــ مطلب تہ علم جي هر شعبي ۾ موجود آهن ۽ اهي هڪ سال ۾ رڳو هڪ ڪتاب يا مضمون لکن تہ سنڌيءَ ۾ علم جو ڪهڙو شعبو هوندو جيڪو وانجهو رهجي وڃي!؟

جيڪو بہ ڄاڻ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ پوسٽ-گرئجوئيٽ يا پِي ايڇ. ڊي آهي ان کي ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي تحقيقي مقالو لکڻو ئي پوي ٿو. رڳو اهو رسما رسمي نہ لکيو وڃي پر سچ پچ تحقيق ڪري سنڌيءَ ۾ (بہ) لکيو وڃي تہ "تاريخ تمدن سنڌ"، "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" ۽ انهن جهڙا ٻيا جيڪر ڪيترا ڪتاب جڙي پون!؟

جيڪڏهن هر استاد پنهنجي پنهنجي موضوع جي وس پڄَي گهٽي ڪان گهٽي ڄاڻ پنهنجي پاڻکن تائين پهچائڻ سان گڏوگڏ لکي پڌري ڪري/ڪرائي تہ چا سنڌي ۾ علم ادب جا انبار نہ لڳي ويندا. چا سنڌي ٻولي شاهوڪار نہ ٿي پوندي ۽ چا سنڌي ثقافت جا اڪابر گڻ اجاگر نہ ٿي پوندا!؟

**قوم ٿي زنده رهي، پر زبان زنده رهي.**

اچو تہ ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجيءَ سگهہ آهر پنهنجي پتيءَ جو علمي ۽ عملي ڪم ڪريون. اڄ سنڌ جون خراب حالتون ۽ سنڌين خلاف سازشون ايترو تہ زور وٺي ويون آهن جو جيڪڏهن اڄا بہ غافل رهياسين ۽ پنهنجي پتيءَ جو فرض اوچائيءَ سان پورو نہ ڪيوسون تہ پوءِ پيار ۽ پاڀوهہ سان ٺمٺار هيءَ حسرت پري ڏانهن ياد رکجو:

الا ايئن مَ هوءِ، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
هُئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا/ سنڌي مهاٻولسُٽ:**

جيڪڏهن هر سنڌ سڄڻ ماڻهو۔

پيهي جان پاڻ ۾، ڳيم روحَ رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نه ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پُنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

۽ ۔

هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ.

۔ جو جيئرو جاڳندو مثال تي اپري اچي، پنهنجين سمورين ڏاهپن ۽ ڏاتن کي واهپي ۾ آڻي ته اسين جيڪر ذهني ته ڇا علمي ۽ عملي انقلاب جو به سج اڀاري سگهون ٿا.

۽ فنا کان بچڻ ۽ پنهنجي بقا لاءِ اسان کي اهو سج اڀارڻو ئي پوندو.

اڄ جو ڪم آئيندي تي ڇڏڻ، چون ٿا ته عقل جي کوٽ جو نشانبر آهي تنهنڪري اڄو ته اڄ ۽ هاڻي کان ئي پنهنجي پتيءَ جو فرض نڀائڻ شروع ڪيون.

سنڌي علم، ادب ۽ جدوجهد جي دنيا ۾ هزارين رنڊڪن ۽ ڏکيائين باوجود، جيئن لُڪَ لڳي تيئن رڪ ٿيا، جو مثال بڻجي اسان جي ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ ڪيترن سنڌ سڄڻ جدوجهد ڪندڙن ساراهه جوڳو ڪم پئي ڪيو آهي. الهڙ شهزاديءَ کي سگهڙ شهزاديءَ ۾ بدلائڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي سائنسي بنياد مهيا ڪري ڏيڻا آهن ۽ سائنسي بنياد مهيا ڪرڻ لاءِ پرک ۽ پروڙ تحقيق ۽ تعليم، ايجاد ۽ اڪابريءَ جو هر ڪم ڪرڻو پوندو ۽ انهن مان هڪ ڪم، بهترين ثقافتي لقاءُ آڇيندڙ علمي هيري کاڻ **ـــ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا/سنڌي مهاٻولسڌ ـــ** جوڙڻ جو ڪم اسان جي آڏو آهي، جي واهر ڪندا ۽ هٿ ونڊائيندا ته هڪ تاريخي جوابداري، علمي فرض پورو ٿي سگهندو.

اردو انسائيڪلوپيڊيا جيان رسمي خانه پُري ڪرڻ کي علمي ويساهه گهاتي سمجهون ٿا. اسان کي ته مُنڍ ۾ بيان ڪيل ۽ ساراهيل علمي معيارن جا انسائيڪلوپيڊيا گهرجن.

هلو هلو ڪورئين، نازڪ جنين نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سڪيا.

ڳنڍڻ، جوڙڻ، ناهڻ، وڏائڻ، سينگارڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿئون. ان ۾ توهان جو ڪردار ڪهڙو هوندو؟

**هڪ اداري جي گهرج:**

هڪ سٺو انسائيڪلوپيڊيا جوڙڻ جو ڪم عام حالتن ۾ ڪنهن پيٽ ۾ پوري ٻيوس ٻنايل ماڻهوءَ جي سگهہ کان ٻاهر آهي. ڪجهہ ماڻهو بہ ڪو خاص ڪم ڪري نہ سگهندا. هيءُ گهڻن ماڻهن جو ڪم آهي جن کي هڪ زبردست اداري يا ادارن جي سهڪار ۽ سرپرستيءَ جي گهرج رهندي.

اجوڪن سٺن انسائيڪلوپيڊيائن جا جوڙيندڙ پنهنجيءَ جاءِ تي جهڙوڪر يونيورسٽيون آهن. هن دنيا ۾ هر گهڙيءَ ملندڙنئين ڄاڻ کي سهيڙيو پيو وڃي تہ جيئن انسائيڪلوپيڊيا جي ايندڙ ڇاپي ۾ ان کي گڏ ڪري سگهجي ۽ جيستائين ايندڙ ڇاپو ظاهر ٿيئي تيستائين **'ساليانو ڪتاب'** وسيلي ڇپجي ظاهر ٿيندي رهي.

سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندڙ سرڪاري ادارو ڪو بہ ڪونهي. نيم سرڪاري ادارا، سي بہ "چار" جيڪي پڻ گهوٻين جو شڪار. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي بيشڪ شاندار ماضي رکن ٿا، پر ڇا اسان رڳو ماضيءَ جي سهاري ترقي سگهنداسون؟ ڇا اسان کي شاندار حال جي گهرج ناهي؟ سنڌ سائنس سوسائٽيءَ جي تہ جاءِ بہ پوليس جي قبضي ۾. سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي تازو ئي ٻاراٽي ادب جي نالي ۾ ٻاراٽا ڪتابڙا ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن. سنڌي ٻولي وسدار (سنڌي لئنگئيج اٿارٽي) نالي ادارو اجا سوڌو رڳو اخبارن ۾ بيان ڪيل ڪوڙ کان مٿي نہ چڙهيو آهي. ٻيو مڙيو ئي خير (گهرجي بہ خير. جيءُ آيئو پلي آيئو اسان ڏي بہ رب جون مهربانيون... ٿيو هيئن تہ ...). جيڪڏهن سنڌي ٻولي وسدار، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ يا ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز کي مالي مدد ڏئي يا سنڌي مهاٻولسڌ وسدار (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا اٿارٽي) جوڙي ايمانداريءَ سان ڪم ڪيو وڃي تہ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا ڇپائڻ جو ڪم ڪو ڏکيو بہ ڪونهي.

زبرا عالم رکندڙ هڪ زبري اداري جي گهرج آهي. اَٿ اَٿ هزار عالم انسائيڪلوپيڊيا جي سونهن ۽ سينگار لاءِ جاکوڙون ڪن ٿا. انسائيڪلوپيڊيا

سنڌيڪا لاءِ اَٺ هزار عالم نہ هجن، اَٺ سوَ بہ نہ هجن پر اَٺ عالم تہ هئڻ گهرجن، جن کي وسدار بنائي، ڪجهہ مددگار عملو ڏئي، هن تعليمي ۽ تخليقي ڪم لاءِ سيڙايو وڃي تہ بہ 'صبر ۽ شڪر ڪاڏي آءُ ڪنڊِي' جي صدا ٻڌي بہ صبر ۽ شڪر ڪندڙ ٻيوس بنايل هيءَ سنڌي قوم سنڌن ٿورو ضرور مڃي ها ۽ هر گهڙيءَ غداري ڪندڙن جي خيسس لفاظيءَ تي ايڊيٽوريل ڪارا ڪري پٽڪا ٻڌائيندڙ اخباري-اڳواڻ ڪين پڌائي چوٽ ضرور چاڙهن ها.

مرڪزي توڙي صوبائي سرڪار کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت لاءِ جيڪا حب آهي ان جو ذڪر ڪهڙو ڪجي!

سنڌي قوم جڏهن ايڏو سجاڳ ٿئي جو پنهنجا جائز حق ماٺي سگهي ان ۾ بہ ڪي ڏينهن لڳندا. تيستائين ڇا ڪجي؟ ڇا ماٺ ڪري ويهجي؟

ماٺ رهان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر.

ماٺ بہ نہ ٿا رهون (متان مشرڪ ٿيون) ۽ ڪُڇون بہ ڪونہ ٿا (متان ڪافر ٿيون)، اچو تہ لکون (من ايمان وارا ٿي پئون).

**سنڌي مهاٻولسڌ جو ابتدائي ڪم:**

چريا ڪريا آهيون پر سمجهون سڀ ڪجهہ ٿا. تاريخ ۾ اهڙن هزارين "مٺي قريل"، "چرياٽن" جو ذڪر ملي ٿو جن رڳو پنهنجي اٿمَئي ذهني پورهيي ۽ جسماني ڪشالي جي آڌار تي اُهي اچرج ۾ وجهندڙ ڪم ڪيا آهن جو ڏسي دنگ رهجي ٿو وڃجي پر "بہ تہ ٻارهن" جي مصداق هٿُ هٿَ ۾ ڏئي ڪم ڪبو تہ 'گهٽن ڪنئي ڇپر بہ ڪڇي ويندو' جي چواڻي سنڌ جي علم دوست ۽ اهل قلم ماڻهن ۾ ايمان رکي، انهن جي سهڪار جا آسائتا ٿي، پڙ ۾ لٿا آهيون. 'جو مليو سو اکين تي' ۽ جي نہ مليو تہ ڏورا پو ڏيڻ جا حقدار هوندي بہ ڪچنداسون ڪو نہ، پاڻ ئي ملندم هوت، ڪجهہ آءُ بہ اڳيري ٿيان.

اسان الف-ب جي ترتيب سان لڳ ڀڳ سڀ جاڻي سگهڻ جهڙو مواد ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ان ۾ 'الف' سان شروع ٿيندڙ عنوانن جي ڳٽپ پنجن هزارنِ ڪان وڌيڪ ٿي چڪي آهي ۽ اجا بہ ٻيو نہ تہ ٽي هزار ڪن وڌيڪ عنوان سهيڙڻ جي اميد اٿئون. اهڙيءَ طرح 'ب' سان شروع ٿيندڙ عنوانن جي ڳٽپ ٽن هزارن ۽ 'ٻ' سان شروع ٿيندڙ عنوانن جي ڳٽپ اٺ سَو کي پهچي چڪي آهي ۽ اهڙيءَ طرح وڌيڪ. اسان اهي

سمورا عنوان سنين اخبارن جي سهڪار وٺندي ڇپرا ڪنداسون ته جيئن هر علم دوست ۽ اهل قلم ماڻهو پنهنجي پسند جي ڪنهن به عنوان تي تحقيقي مواد لکي اسان کي ڏئي سگهي، اهو ڪم نه رڳو سنڌن علمي فضيلت کي وڌائيندو پر سنڌي ٻوليءَ جي به هڪ شاندار خدمت هوندي. اسان سنڌن ٿورن سان اها لکٽي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا/سنڌي مهاٻولسڌ جي رٿيل ڪتابي سلسلن ۾ ترتيبوار ڇپيندا رهنداسون.

ٽيڻ ائين گهرجي ته سڄاڳ ۽ سڄاڻ سنڌي عالم هن ڪم کي سنجيدگيءَ سان هٿ ۾ کڻن ۽ پنهنجو پهر وهن. هڪ علمي ڪچهري سڏائي وڃي جنهن ۾ سنڌ جا علم، ادب، فن ۽ هنر جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ ماڻهو سڏايا وڃن. گڏجي ويهي صلاح مصلحت ڪجي ۽ رايا لکت ۾ ڏجن. جن ۾ اهم ترين ڳالهه ان ذميواريءَ بابت ڏني وڃي ته ”آءٌ پاڻ، پنهنجي سِر ڪهڙو علمي ڪم ڪري سگهان ٿو“. هر شعبي جو هر ڄاڻ رکندڙ ماڻهو پاڻ تي مقرر موضوع کڻي، پنهنجي ڏاهپ ۽ ڏات آهر لکي ۽ (جيستائين ڪو سنڌ ادارو نهي ۽ مهاٻولسڌ ڇپائڻ جو بار کڻي تيستائين) اسان کي ڏياري موڪلي. اسين پنهنجي ساهه ڪان به وڌيڪ سنڌن لکڻين جي سنڀال ڪنداسون ۽ وقت اچڻ تي ڪتابي صورت ۾ ڇپي پڌريون ڪنداسون.

ٿلها، مهانگا، سهڻا ۽ ستابا ويهه ٽيهه جلد هڪ وقت ڇپائڻ اسان لاءِ ممڪن ڪونهي، پنجن ڇهن عنوانن تي سهيڙيل مواد هر ڏينهن اخبار ۾ ڇپائڻ به سنڌ ڪو نه ٿو لڳي. اسان کي بس هڪ ئي رستو سُجهي ٿو ته سٽ ستر صفحن جو به گراٽ قد (ڊبل ڊيمي سائيز) ۾ ڪتابي سلسلو جاري ڪري ڇپايون (جيئن اٺ ڏهه ڪتاب هڪ جلد ۾ بند ڪرائي سگهجن) ۽ ائين وک وک وڌائيندا هلون. لاٽ ٻرندي رهي ۽ ساٿ هلندو رهيو ته اوس سوٻارا ٿينداسون.

ڪيترن ئي علم دوست ماڻهن لکڻ ۽ ڇپائي جي ڪم ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان حب رکندي، اسان سان سهڪار ڪرڻ جو پاٻوهه ڀريو اظهار ڪيو آهي.

اسان سيني علم دوست ۽ سنڌ سڄڻ ماڻهن ۽ ادارن کي وينتي ٿا ڪريون ته هن علمي پورهيي ۾ اسان سان پنهنجيءَ سگهه آهر هر قسم جي هر ممڪن سهڪار ڪن. سنڌن ٿوراڻا رهنداسون.

**ايڪيهين صديءَ جي آجيان:**

دنيا جو هر باشعور ماڻهو ۽ ملڪ پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ نيت موجب ايڪيهين صديءَ جي آجيان لاءِ اتاولو آهي ۽ اچرج ۾ وجهڻ جهڙا اتساهه سانڍي رکيا اٿائين. ڪي ڪوڙ ڪري پنهنجي ٻوٿ تي ”آزادي، برابري، جمهوريت ۽ ڀائپي - سموري انسانذات لاءِ جو نقاب اوڍي ته ڪي وري سچ پچ اعلان ڪندي وقت جي پل مٿان اڳتي اُڪري رهيو آهي. ڀانت ڀانت جا سچ ۽ ڪن وري ڪوڙ گڏ ڪري رکيا آهن.

- محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا جن، تن جو صرافن اٽڪوريو اگهائيو.
- چائٽ پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن، تن جو صرافن، ڏُڪو داخل نه ڪيو.

جن سچ گڏ ڪيو آهي انهن کي سلام ٿا ڪريون ۽ جيڪي ڪوڙ گڏ ڪري ويٺا آهن انهن لاءِ ڦِٽڪار موڪليون ٿا.

ايڪيهين صديءَ کي آجڻ لاءِ سنڌي قوم وٽ هن وقت ته رڳو ڏکن سورن ۽ سختين جو سرمايو آهي. اسان وٽ ٻي وسيءَ، موڳائيءَ ۽ مايوسيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه بچائڻ جو عهد ڪري چڪا آهن ڪوڙ جا پيروڪار. پر جيڪڏهن اسين سڀ، پنهنجي پوري ذهني ۽ جسماني سگهه ڪم آڻي؛ بس رڳو، جيڪو ڪجهه ڪري سگهون ٿا، اهو اوترو، پنهنجي پتيءَ جو فرض پورو پورو ادا ڪريون ته اها صورتحال بدلجي سگهي ٿي... ۽ ايترو بدلجي سگهي ٿي جو... ٿي سگهي ٿو اسين هڪ مانَ شانَ واري، پنهنجن پيرن تي بيٺل، سکي ۽ ستابي ۽ آجيل قوم جي حيثيت سان ايڪيهين صديءَ جي آجيان ڪري سگهون. جيڪو به پنهنجيءَ محبت جا رنڊا روڙي ايندڙ صدي کي آڇيندو ان سان ساٿ ۽ سهڪار جو اظهار ڪندي، پنهنجي پاران ايري سيري حال آهر ايڪيهين صديءَ لاءِ انسائيڪلوپيڊيا/سنڌي مهاٻولسڌ جي سوکڙي آڇڻ جو ارادو ڪري چڪا آهيون.

***

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا♥

## ”مواد سهيڙيو مهم“

## (ذاتيون ۽ ڏيهون)

سمورن علم دوست ۽ سنڌي سڄڻ ماڻهن کي گذارش ٿا ڪريون ته **”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا“** جوڙڻ جي سلسلي ۾ اسان جي هر اها مدد ڪن جيتري سندن وس ۾ هجي. هزارين ماڻهن جي مدد گهرجي ۽ اهي ئي ماڻهو هن **”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا“** جا مالڪ، خالق، سينگاريندڙ ۽ سنواريندڙ هوندا. جنهن به موضوع تي جنهن به سڄڻ مواد موڪليو اهو مواد ان جي نالي سان ڇپيو ويندو. پر لکن کان به وڌيڪ موضوعن واري هن **”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا“** جو ليکڪ هڪ ماڻهو هجي يا ڪجهه ماڻهو هجن اهو ممڪن ڪونهي. توهين پنهنجي من ۾ محبت رکي رنڊا روڙي موڪليو توهان جون محبتون ۽ قرب گهرجن ۽ انهن کي ئي اسين ماڻُ ٿا ڏيون. اسان کي صرافيءَ جي هام ڪانهي پر ويچن جي پاڙي ۾ وينا آهيون.

هيٺ **”الف“** سان شروع ٿيندڙ ديهن ۽ ذاتين جا نالا ڏجن ٿا، اسان کي انهن موضوعن تي هر ممڪن مواد گهرجي. ”الف“ سان شروع ٿيندڙ ڪنهن به ديهه يا ذات جو نالو ڇاڻائڻ جيڪڏهن اسان کان رهجي ويو هجي ته مهرباني ڪري اسان جي رهنمائي ڪندا.

### ــــ ذات ــــ

ذات جي سلسلي ۾ اسان کي ٿلهي ليکي هيٺ ڏنل ترتيب موجب (ڪي واڌارا ڪرڻا هجن ته انهن سميت) مواد جي گهرج آهي:

- حسب نسب
- آبادي، گهٽي آباديءَ وارا علائقا، ڪي به نمايان ڏنڌا وغيره.
- تاريخي اهميت جو ڪردار وغيره.
- نمايان ڪردار ادا ڪندڙ (ڪنهن به شعبي ۾) ماڻهو (جيئن، عرف عام سومرن مان دودي جي سورهيائي ۽ چنيسر جي غداري).

---

♥ روزانه ’**جاڳو**‘ ڪراچي 15ـ آڪٽوبر 1991ع ۾ ڇپيل.

- ڪي خصوصي يادگار (جيئن سومرن جي روپا ماڙي).

آبڙ
آٿلا
آٿيلا
آچاريہ (فرقو)
آچو
آچيا
آرماڻي
آڏڙا
آڊا
آڊاڻي
آڊيچا
آراديرِ
آراڻي
آرائين
آرڪاڻي
آريپوٽا
آريجا
آريسر
آزاداڻي
آسر پوٽا
آسريا (آسڙيا)
آڪاڻي
آگرا
آگرو
آلڪاڻي
آمَرَ
آئري (بلوچن جو ڪُڙم)
ابدالي (پٺاڻن جو ڪڙم)
ابڙا
ابڙيجا
ابڙينگ
ابو پوٽا
اَپيچَڙ
اَتراڻي (بلوچن جو قبيلو)
اُترائي
اُتيرا
اُٽ
اُپريا
اُجواڻي
اُجڙ
اُچَ
اُچوت
احمداڻي
احمداڻي (قبيلا)
احمدزئي
ارباڻي (بلوچن جو قبيلو)
اُڏا
اُڏيچا
اُڏا
اُڏڙ
اُڏيسي پوٽا
اُداڻا
اُديچا
ارباب (ذات ۽ لقب)
اروڙ
اروڙا (ذات، هندو ۽ مسلمان)
اروڙونسي
اروڙا
اڙوڙَ
اسرام
اسراڙ
اسلامي
اشراف
اڪا
اگري
اگِٿ گهڪا
اُگرا
اگڙا
اگهاڙا
اگهاماڻي
اگهم
اگهيم
اڱاريو
التزئي (بروهي قبيلو)
الحاڻي
اُلرا
اُلڪاڻي (بلوچن جو قبيلو)
اَلڪاڻي

| | | |
|---|---|---|
| آمڙا | اُڊا | اُميگراٽي (پتافي بلوچن جو قبيلو) |
| آهوجا | اُڊاٽا | اُنبجا |
| اُنبوه | اوٺا | اوسيلا |
| انيڙ | اوٺوال | اوڳاهي |
| اُنڙ | اوٺي | اهير |
| انصاري | اوڏ | اَينڙا |
| اُونگَر | اوڊا | ايراني |
| اواڻ (اعواڻ قبيلو يا ذات) | اوڊاڻَ | ايري |
| اواٽا (قبيلو يا ذات) | اوڊاٽا | ايريو |
| اوياڙا | اوڊيجا | ايسام (مزاري بلوچن جو قبيلو) |
| اوٺماٽي (قبيلو ۽ ذات) | اوستا | اِيسَر |
| اوٺَ | اوسواڙ | |

## —— ديھ ——

ديھ جي سلسلي ۾ اسان کي ٿلهي ليکي هيٺ ڏنل ترتيب موجب (۽ ڪي واڌارا ڪرڻا هجن تہ انهن سميت) مواد جي گهرج آهي:

- جاگرافيائي اهميت جي هر ڳالهہ/ شيءِ.
- تاريخي اهميت جي هر ڳالهہ/ شيءِ.
- اڪابر ماڻهو ڪنهن ڏنڌي/ ڪرت ۾ نمايان اهميت وارا ماڻهو اهم ڳوٺ ۽ شهر، خاص ڏنڌا وغيره.
- آبادي، تعليم، صحت ۽ عمل ۾ آيل ترقياتي رٿائون وغيره.
- ڪي بہ معاملا، مسئلا ۽ انهن جا حل.
- ٻي ڪا بہ اهميت واري ذڪر جوڳي ڳالهہ.
- اهميت واري هر شيءِ — يادگار، ماڻهو علائقي، جبل، ڍنڍ، ٻيلي وغيره جي مختصر (ننڍايل) ڄاڻ سڃاڻ.
- گهٽي اهميت رکندڙ هر شيءِ جي تفصيلي (ڊيگهاريل) ڄاڻ سڃاڻ.

| | | |
|---|---|---|
| آباد (جيڪب آباد) | آباد (ڪوٽڙي) | آباد جاگير (ڳڪڙ) |
| آباد (ڏوڪري) | آباد (ميهڙ) | آباد ريو (سجاول) |
| آباد (روهڙي) | آباد (وارهہ) | آباد مِهلائي (سکر) |

آباد (سيوهڻ)
آباد (ڪنڊيارو)
آباد (ڪوٽڏيجي)
آبڙي (قمبر)
آبڙي (گوني)
آبڙي (ميرپورخاص)
آتلاه (ڏگهڙي)
آنٽاهه (ڪپرو)
آٿرڪي (شاهه بندر)
آٿيلا (ڏگهڙي)
آٿيري (خيرپور)
آنڙي (ٿَل)
آپارو (جيمس آباد)
آپن (جاتي)
آچر سڏايو (ڳڙهي ياسين)
آڏيگام (ننگر پارڪر)
آڏي ڏامراهو (وارهه)
آراڙو (جوهي)
آراڙو (سامارو)
آرائين (سڪر)
آرائين (هالا)
آرگو (ڏگهڙي)
آريڙو (پنوعاقل)
آساسر (ڪپرو)
آڪيرو (ڪنڊڪوٽ)
آگاٽي (لاڙڪاڻو)
آگرو (پنوعاقل)
آلٽي (حيدر آباد)

آباد پانُچو (سڄاول)
آباد جاگير (روهڙي)
آباد جاگير (سڪر)
آهَر ناري (ڪَڪڙ)
آهري (ڏگهڙي)
آهَريا (دادو)
آهوڙي (ڪڪڙ)
آئلپور (ٽنڊو باگو)
ابراهيم پتافي (ميرپور ماٿيلو)
ابراهيم مهر (گهوٽڪي)
ابڙي پوٽا (ڏوڪري)
ابڙيجاٽي (هالا)
ابڙي جي ترائي (جيمس آباد)
ابڙينگ (ڏگهڙي)
ابيلائي (وارهه)
اپاوڙو (سڪر)
اپلاڪ (سامارو)
اُپيور (سنجهورو)
اُپڙي (خيرپور)
اُتر ساوڙي (مورو)
اُٿل مراداٽي (گهوٽڪي)
اجنال (جيمس آباد)
اُڄ (بدين)
اڄڙو (بدين)
اختيار ويسر (ميرپور ماٿيلو)
اُڊوئي (نارو)
اُڊيجاٽي (ديرو محبت)
اُڊيجاٽي (سڄاول)

آبدار (ڪراچي)
آبڙي (بدين)
آبڙي (حيدرآباد)
استيلو (دادو)
اسلام ڪوٽ، ڳوٺ
ديهه (مٺي)
اَڪائي (گوني)
اڪتَڙ (سيوهڻ)
اڪراڙو (مٺي)
اُڪراڻي (خيرپور رياست)
اَڪرو ديهه ۽
ڳوٺ (فيض گنج)
اَڪڙو (بدين)
اَڪوتو (ڏگهڙي)
اڪوِر (ٽنڊو باگو)
اڪري (روهڙي)
اڪري ڪسي (ڪوٽڙي)
اڪيراج (مٺي)
اگهاماٽو (ماتلي)
اگهم (نوشهرو)
اگهيماٽي (حيدرآباد)
آلرا (روهڙي)
الهه آباد (ٿل)
الهه آباد (روهڙي)
الهه آباد (ڳڙهي خيرو)
الهه آباد (ميروخان)
اَمحابو (جيمس آباد)
امروٺ (ڏوڪري)

آمري (ٽنڊوالهيار)
آنگاهو (سکر)
آنهُون (وارهه)
امير آباد (گهوٽڪي)
امير آباد (ڳڙهي خيرو)
امير بخش لغاري (ميرپورخاص)
امير شاهه (ڳڙهي ياسين)
اميلاٽو (ڪراچي)
اميناٽي (دادو)
امين اوڪر (ڪپرو)
امين نريڙو (بدين)
انبار (ميهڙ)
انڙ (رتوديرو)
انڙ پور (ڪوٽڙي)
انڙڪي (ٽنڊوباگو)
انڙڪي (ٽنڊوباگو)
اُنڙڪي (گوني)
انگڙي (بدين)
انگئي (جوهي)
انهيري (فيض گنج)

اُرادو (فيض گنج)
اروڙ (روهڙي)
اروٽي (جوهي)
اوجهري (بدين)
اوچيهڙ (پنو عاقل)
اوچو (ڪوٽڙي)
اوڏياٽو (شهدادڪوٽ)
اورنگ آباد (ڳڙهي ياسين)
اَوَدَ (سانگهڙ)
اوڍا (بدين)
اوڍا (ڳڙهي ياسين)
اوڍاٽو (ٺُل)
اوڍرڪي (گوني)
اوڍر والي (گهوٽڪي)
اورل (پنوعاقل)
اورنگ آباد (جيڪب آباد)
اوڪراڙو (عمر ڪوٽ)
اُونها ٺڏا (ڪپرو)
اُونهَرَ (ننگر پارڪر)
اووڙي (ٽنڊو باگو)

امروٽ (ڳڙهي ياسين)
اُمَرُ (خيرپور تعلقو)
اميد پور (حيدرآباد)
اوهَانچو (هالا)
اُهبُ (ميرپور ساڪرو)
اهڙا مار (ننگر پارڪر)
اهير (قمبر)
اَئنڊي (فيض گنج)
اُيٽپار (سانگهڙ)
ايراچو (شاهه بندر)
ايراضي (گوني)
ايراضي سعدڪي (پنوعاقل)
ايراضي گهوٽڪي (گهوٽڪي)
ايلاچي (ڪپرو)
ايلچي (ٽنڊوالهيار)
ايلچي (ڪوٽڙي)
ايلچي (قنبر)

***

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا*

## مواد سهيڙڻ جي مهم

## (پسون، راڳ ساز ڳهه، زيور، پرت جو نمونو ۽ ڪپڙو)

### ـــــ پسون ـــــ

**"الف"** سان شروع ٿيندڙ مختلف جانورن، جيتن، پکين ۽ ٻين ساهوارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. پسونپياس (زوالاجي) جي ڄاڻن کي خاص گذارش آهي ته گهٽ ۾ گهٽ پسون پياسي نالو (زولاجيڪل نيم) ۽ ان جي بدران ڪم ايندڙ عام انگريزي لفظ جي ڄاڻ ڏين.

1. حسب نسب
2. سڃاڻپ
3. آبهوا (ملڻ، پلجڻ، وڌڻ، ويجهڻ وغيره جو هَنڌ)
4. واڌ ويجهه جو طريقو
5. فوٽوگراف يا اسڪيچ
6. واسطيدار هر قسم جي ڄاڻ

**"الف"** سان شروع ٿيندڙ نالو جيڪڏهن رهجي يا غلط لکجي ويو هجي ته مهرباني ڪري ٺيڪ ڪندا.

| | |
|---|---|
| آب زُلال، ڪينئون | آتيرڻ، پکي |
| آبياري، پکي | آدم (اُٺ جو قسم) جانور |
| آبنوس، مڇي | آڏڻ، پکي (ٻانڊي جو ڪانءُ ـ بگهلو) |
| آبوجهلي، پکي | آڙ (آرَ) جيت |
| آتش افروز (عنقا، سيمرغ، گرڙپکا) پکي | آڙي، پکي (ٻولاهي؟) |
| آتش خوار (ڏسو ققنُس) پکي | آل، مڇي |

* روزاني **'جاڳو'** ڪراچي، 15 ـ نومبر 1991ع ۾ ڇپيل.

آتورو (تنڊڻ جو هڪ قسم) جيت
آٽيان (مانگر مڇيءَ جو قسم) مڇي
آونگ، مڇي
آهو (ڪبوتر جو قسم) پکي
آهو (ڏسو هرڻ) جانور
آهينُ (مڪ جو قسم) جيت
آئَو مڇي (ڄرڪو)
ابابيل، پکي
اُٺ، جانور
اُٺ منگل (گهوڙي جو قسم) جانور
اڇو تتر (تتر جو قسم) پکي
اڇو پٽون (اڇي رنگ واري پاپيلٽ) مڇي
اڇو جانئو (ڪڪڙ جو قسم) پکي
اڇو ڏنديو مڇي
اڇو ڪرڙو جيت
اڇو ڳيرو (ڳيري جو قسم) پکي
اڇوني (ٻڪري جوقسم) جانور
اڇوني ريڍي (ٻڪري جو قسم) جانور
اڇي چانهين (ٻڪري جو قسم) جانور
اُڏيهي (اڌوهي) جيت
اُرلو پکي
ارني ڪاري (مينهن جو قسم) جانور
اروش (نانگ جو قسم) جيت
اشتر مُور (وڏي ماڪوڙي) جيت

آمِ، مڇي
اصيل (ڪُڪڙ جو قسم) پکي
اصيل (نانگ جو قسم) جيت (؟)
اڪ مڪڙ (سائو مڪڙ، گوگو) جيت
اگهيه (نانگ جو قسم) جيت
ال، مڇي
الپاڪو جانور
الل، خيالي، پکي
اُلو (چبرو) پکي
الي، جيت
اَليهر (ڪاريهر نانگ)
انڌي منگر (مانگر مڇ جو قسم)
اونار، مڇي
اوني (رڍ جو قسم) جانور
اونيرَ، مڇي
اوني ڳلهي (ٻڪري جو قسم) جانور
اُونٿو (چوٿو ڏٿو) جيت
اوُنٽ، مڇي
اويسرَ، مڇي
اَيراني (تتر جوقسم) پکي
ايڙڪ (جهنگلي ٻڪر يا گهٽو) جانور
ايل (هڪ قسم جي ٻڪري يا رڍ) جَانور
ايلاچي (منگر مڇي جو هڪ قسم)

•

هيٺ ڪجھ راڳ ۽ ساز گهه ۽ پرت ۽ ڪيڙن جا نالا ڏجن ٿا. انهن جي سلسلي ۾ ممڪن تحقيقي ۽ سٽي جاڻ ۽ جن جو فوٽوگراف ممڪن هجي، انهن جا فوٽوگراف

(يا اسڪيچ) ۾ ٻين ضروري تفصيلن جِي **انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا** جي سلسلي ۾ گهرج آهي.

**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا** کي اعليٰ معيار جو ڪتاب ناهڻو آهي، جيئن ريفرنس لاءِ ڪم اچي سگهي. ان ڪري هن ۾ جاٽي سگهڻ جهڙي هر شيءِ ۾ سنڌ جي ثقافتي پس منظر کي اجاگر ڪندڙ هر موضوع کي بهترين انداز ۾ پيش ڪرڻو آهي. جيڪڏهن واسطيدار موضوع هيٺ ترتيب ۾ ڪا شيءِ، ڪو موضوع رهجي ويو هجي ته مهرباني ڪري نشاندهي ڪندا.

## راڳ، ساز

| | |
|---|---|
| آبري، راڳڻي | اُچاڙو راڳ |
| آبري، سر | اچڙوتي (يڪتاري وڄائڻ جو نمونو) |
| آپيري، راڳڻي | امروهي (موسيقي جو هنر) (؟) |
| آڙو چوتال، وڄت | انتر نامي، وڄت |
| آڙي، راڳڻي | انترو (راڳ جو وچ) |
| آسا، راڳڻي | اوڄ سُر، موسيقي |
| آساوري (اساوري) راڳڻي | اورنگي، موسيقي |
| آساوري، ٺاٺ | اوغان، راڳڻي |
| آوهه، ساز | |

## ڳهه، زيور

| | |
|---|---|
| آگوٺي | اٽوٽ |
| ارٽڙي (نٿ جو پرزو) | اٽوتي |
| الپاڪ | اوگينئو |
| اَلولَڪُ | ايرينگ (ايئر رنگ) |
| الويڙ (ويڙهه، گهڻ وڪڙ چلو) | ايڪواٽي |
| آلي (ٽڪلو) | |

## پرت جو نمونو ۽ ڪپڙو

| | |
|---|---|
| آب روان (ململ جو قسم) | آرُ اوزار |
| آٿ، ٽوپي | آرنندي |

آڏيو ڪپڙو
آڏي تار
آڏي ڦري
ابيڇٽي، ڪپڙو
اُٽ گهڙيو
اُجاڙ سٽي جو ٿلهو ڪپڙو
اڏ چني
اڏڙونج، چادر
اڏڙي
اڏ ڪوٽ
اڏوترِ، ڪپڙو
اڏ
اَرَمُ، ڪپڙو
اُرمڙو

آر وڏي
آرم، ڪپڙو
آڪ (آنڪ، آئڪ)
اُرمق، ڪپڙو
اطلس، ڪپڙو
اُڦڙدو ڪپڙو
اڪڙي
الاچو ڪپڙو (ايلاچو)
الپاڪو (اُن مان ٺهيل ڪپڙو)
اَوتي (بخيي جو نمونو)
اوتي
اوڊٽي (ڪنوار ڊڪڙ جي چادر)
اورنگزيبي (اورنگ شاهي) ڪپڙو

***

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا•

## مواد سهيڙيو مهم

## (وڻ، ٻوٽا، ٻاڄيون، گاهه، پرزا ۽ اوزار)

### ــــ وڻ، ٻُوٽا، ٻاڄيون ۽ گاهه ــــ

”**الف**“ سان شروع ٿيندڙ مختلف وڻن، ٻوٽن، ٻاڄين ۽ گاهن وغيره جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. اويڙپياس (ٻاٽني) جي ڄاڻن کي خاص گذارش آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اويڙپياسي نالو (باٽنيڪل نيم) ۽ ان جي بدران ڪم ايندڙ عام انگريزي لفظ جي ڄاڻ ڏين.

1. حسب نسب
2. سڃاڻپ
3. آبهوا (ملڻ، پلجڻ، وڌڻ ويجهڻ وغيره جو هنڌ)
4. واڌ ويجهه جو طريقو
5. فوٽوگراف يا اسڪيچ
6. واسطيدار هر قسم جي ڄاڻ

”الف“ سان شروع ٿيندڙ نالو جيڪڏهن رهجي يا غلط لکجي ويو هجي ته مهرباني ڪري ٺيڪ ڪندا.

| | |
|---|---|
| آبنوس، وڻ | آچي (بانس جو قسم) |
| آبنوس، پسارڪو وکر | آڏ انگري، ول |
| آبُو گل (ڏسو ڪُوٽي) | آڏيري، ٻوٽي |
| آتورو وڻ ۽ ڦل | آڏيو (جوئر جو قسم) ٻوٽو |
| آتورو پسارڪو وکر (ڪاري گيدوڙي) | آذر گاهه (اگر، خستوري) |
| آپوسي (انب جو قسم)، وڻ | آراڙ گاهه |
| آچڙو ٻوٽو | آراڙي (جوئر جو قسم)، ٻوٽو يا گاهه |

• روزاني ’**جاڳو**‘ ڪراچي، 28_نومبر 1991ع ۾ ڇپيل

آچُو وڻ
آڙڪ، گاھ
آڙو، ميوو
آزاد، زھريلو وڻ
آزاد (سرو جو قسم) وڻ
آسار، پسارڪو وکر
آساريو پسارڪو وکر
آساندو (آسانڊو آسانڌو آسانڊو آسانگو)، وڻ
آسرنهَہ، وڻ
آسڪند، ٻوٽي
آسَنَ، وڻ
آسند (ٻھمڻ اچو) پسارڪو وکر
آسوٽو ول
آسودڙو ٻوٽو
آسودڙو (لسي ڪَنڊِي جو قسم) وڻ
آفوس (انب جو قسم) وڻ
آڪرُ ڪرھو پسارڪو وکر
آڪونڊو ٻوٽو
آڪونڊو (جابلو ڊِپ جو قسم) گاھ (؟)
آگر، گاھ (آذر)
آگھاڙو ٻوٽو
آلرو (ڪيرولي جو قسم) گاھ
آلُو بالو ميوو
آلو بخارو ميوو
آمڻ (توتيو هيراڪس) پسارڪو وکر
آنورو وڻ ۽ ڦل
آڻُ گاھ
آھُر، ٻج

آرينو وڻ ۽ ٻج
اُبت ڪنڊي (گدڙ ول) ٻوٽو
اُٻھري (جوئر جو قسم)ٻوٽو
اُپرت (ڏت جو قسم) گاھ
اتڪ سرخ، پسارڪو وکر
اُتنگڻ، پسارڪو وکر
اُتَ ڪوڊِيرُ، ول
اُنگچورَ پسارڪو وکر
اچا پوپائي (سارين جو قسم) ٻوٽو
اچاتُوت (توت جو قسم) ميوو
اچا چٽا (چٽن جو قسم) ٻوٽو
اچڙا (چانورن جو قسم) ميوو
اچڙو (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اچو بازيگر (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اچو ٻڙانگ (سارين جو قسم) ٻوٽو
اچو جيرو (جيري جو قسم) ٻج
اچو ڳارٿو (جوئر جوقسم) ٻوٽو
اچو گرگلو (جوئر جو قسم)ٻوٽو
اچو گلاب (چانورن جو قسم) ٻوٽو
اچو گلاب (گلاب جو قسم) ٻوٽو
اچي ٽُري (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اچي ڪوڏي ڪڏڙي (جوئر جو قسم) ٻوٽو
اُڊمبرُ (انجير جو قسم) وڻ
ارني، گل
ارني (ٽانڪارو) ٻوٽو
ارٽي، گاھ
ارُوسو ٻوٽو
ارھر (دال جو قسم) ٻوٽو ميوو ٻج

آهُوپير، پسارڪو وکر
اُشترپائي، ول يا ٻوٽو
اشرفي، گل
افسنتين (گوماندر) پسارڪو وکر
اڪ، گاهه
اَڪَڙُ ٻوٽو
اَڪڙي، ٻوٽو
اڪليل الجبل (Rosemary) ٻوٽو
اَڪليل الملڪ (Nelibop) ٻوٽو
اڪرو ٻوٽو
اڪروٽ، ميووءِ ول
اگر (عود؟) وڻ (؟)
اُگٽسي، گاهه
اڱارَي، ٻوٽو
الله جي ماني، ول
السي، ٻوٽوءِ ٻج
اليتي، ٻوٽو
املدَاس (چمڪٽي) پسارڪو وکر
اناپو (نيلوفر يا ڪُم جو ٻج)
انب، ميووءِ وڻ
آڙڪَ گوار، گاهه
انبڙي (ڪچوانب)
اندرجَو ٻوٽو (زنگي)
اَنڌڙي، گاهه
انڪرو ٻوٽو
آنولاسار، پسارڪو وکر
آٽندَ، وڻ
اُونُ، ٻوٽو
اوئن، ٻوٽوءِ گاهه
اَهُرَ (آهر، رائي) ٻج
اهريو ٻوٽوءِ ٻج
ائٽي، گاهه
ايني، ٻوٽو
ايري (چانور جو قسم)
ايريال
ايريو پسارڪو وکر
ايڪڙ (اڪڙ) ٻوٽو
ايلاچي (ننڍو ڦوٽو) ڦل
ايڙِي گاهه

## ـــــ پرزا ۽ اوزار ـــــ

هيٺ مختلف شين ۽ انهن جي پرزن ۽ اوزارن جي وچور ڏني پئي وڃي. انهن جي شڪل (فوٽو يا اسڪيچ) سان گڏوگڏ ان بابت اهم ڄاڻ جي گهرج آهي. جيڪو پرزو ڪنهن وڏيءَ شيءِ جو انگ (عضوو لڱ) آهي ان جو ڊار اسڪيچ هٺڻ سان گڏ وڏيءَ شيءِ ۾ جنهن هنڌ موجود هجي اها جاءِ بہ ڏيکارڻي آهي. مثال طور ”انچي رندو“ هڪ سڄو اوزار آهي. ”انچي رندي“ جو خاڪو ڏئي انهن سيني پرزن جي نشاندهي ڪرڻي آهي ۽ آڏاڻي ۾ ڪم ايندڙ هڪ پٽر يا نڪر جي تڪر جو نالو ”اڏ لک“ آهي جنهن ۾

ڏور ٻڌي تاجيءَ جي پچڙيءَ ۾ لڙڪائيندا آهن ته جيئن ان کي چڪي بيهي، اهڙي حالت ۾ ”آڏاٽي“ جو خاڪوءِ ان ۾ ”اڏ لک“ جي بيهڪ ٻڌي ڏيکارڻا آهن.

مهرباني ٿيندي جيڪڏهن غلطيءَ کي ٺيڪ ڪيو ۽ رهجي ويل لفظ جي نشاندهي ڪئي وڃي.

آبدوز آتر (سنجت)
آتيرڻ
آڏي رنبو آڏ (ٻيري جو منهن وارو پاسو)
آڏ (هندن ۾ در تي ”و“ جو نشان)
آڏ (سڙهه جي ڪاٺي)
آڏاٽو آڏ (ڊِڳي گاڏي جي ڪاٺي)
آڏَرِڻ (گهوڙي يا مُني)
آر
آريڪڻ
اڏ لک
آڏوپيرو
آڏي
اَرَهڻ (ارٽي) (اهرڻ)
اسطرلاب
اڪولاهي
اڪيلاريو
اڪري
اگردان

اُميٺٽي
انب ڪُنيرو
انبور (انبوري)
انبي (هنيي، انبيو انيي، ڏوئي)
انجيس
انچي رندو
اُنڪُش
انگري (زره، پاڪر)
انگڙ (انگڙو)
انگورو
اوبٺو
اوبٺَي
اود (اوڏ)
اوزار
اونگٽ
ائت (اَيت)
اَيتڙي
ايڪوائي

***

# انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا*

## مواد سهيڙيو مهم

## (ليکڪ)

”**انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا**“ لاءِ الف سان شروع ٿيندڙ جن ليکڪن جا نالا گڏ ڪري سگهيا آهيون، انهن جي وچور هيٺ ڏجي ٿي. هن وچور ۾ ڪن نالن کان سواءِ باقي سڀ اهي آهن جن سنڌيءَ ۾ يا سنڌ بابت لکيو آهي يا وري سنڌي ٻوليءَ ۾ سندن لکڻيون ترجمو ٿي چڪيون آهن. ڪجهه نالا اهڙا بہ آهن جن سنڌيءَ ۾ يا سنڌ بابت لکيو تہ ناهي، پر سنڌ ۾ اوپرا ناهن، جيئن افلاطون ۽ ارسطو وغيره. اسين ٻليءَ پت ڄاڻون ٿا تہ پنهنجي محدود وسيلن ۽ ڄاڻ جي ڪري اسان کان ڪيترين ئي ڪوتون يا ڪچايون ٿي سگهن ٿيون جن کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ هٿ ونڊائڻ لاءِ پنهنجن سڄاڻ قلم ڌڻين جو فرض سمجهون ٿا. هن وچور ۾ ڄاڻائي سگهڻ جهڙا ڪيترائي نالا پڪ ئي اسان کان رهجي ويا هوندا جن جي نشاندهي ڪري اسان جي رهنمائي ڪئي ويندي تہ ٿورائتا رهنداسي. ڄاڻايل قلمڪارن بابت هيٺ ڏنل ترتيب موجب ڄاڻ موڪلي وڃي.

1. سڄو نالو ۽ قلمي نالو فوٽوگراف يا اسڪيچ.
2. پيءُ جو نالو.
3. ڄمڻ جي تاريخ ۽ هنڌ (۽ جيڪڏهن مرتيو ٿيل هجي تہ اها تاريخ ۽ هنڌ).
4. پورو پتو.
5. لکڻيون — ڇپيل يا قلمي صورت ۾ موجود.
6. حياتيءَ ۽ لکڻين جو هڪ عام جائزو.
7. لکڻين جي خصوصي ۽ تفصيلي ڇنڊڇاڻ.

آتم انقلابي، آتما نامہ، آثار آرائين، آٿم، آپٽي هري نارائڻ، آچار محمد، آچاريہ راڄ گوپال، آخوند اي ايس، آخوند حاجي عبدالرحمان ”انجم“ هالائي، آخوند خير

---

* روزاني ’**آفتاب**‘ حيدرآباد، 14_اپريل 1992ع ۾ ڇپيل.

محمد، آخوند رشيد،آخوند زخمي هالائي، آخوند شفقت، آخوند عبداللطيف ”عبد“ صديقي، آخوند گل محمد هالائي، آخوند منور جي، آدرش، آدرش پٽو آدرين ايف، آدم علي ٽالپر مير، آڏواڻي ايل ڪي، آڏواڻي پيرومل مهرچند، آڏواڻي جي بي، آڏواڻي ڪوتومل چينتمل، آڏواڻي نولرام شوقيرام، آڊين جي بي، آذر سنڌي، آذر ناياب، آرائين ايس اي، آرائين پروفيسر افتخار احمد، آرائين غلام عرفاني، آر اي جعفري، آر ايس شرما، آر ايم (حيدر بخش) سرهيو آربيري اي جي، آر ڊبليو قادري، آرڊن وارڊ ڊبليو ايڇ، آرچر جيفري، آرزو عزيز آرزو ڪنول، آر ڪي نير، آريجو حافظ محمد، آريجو عبدالله، آريسر عبدالواحيد، آريسر غلام مصطفيٰ، آريسر گل محمد، آريسر مير حسن، آريسر ثاقب، آرين (؟)، آزاد ابوالڪلام، آزاد بخاري، آزاد بروهي، آزاد جامڪيش، آزاد جي، آزاد خدا بخش، آزاد زرداري، آزاد سائل، آزاد سبحاني، آزاد ميمڻ، آزاد ناياب صديقي، آسانند مامتورا، آس قاضي مس، آسناڻي پگت ڪيمچند پيمومل، آسواڻي نٿومل، آسودو مل ٽيڪمداس، آسي زميني، آشا درگاپوري، آصف بالادي، آصف پهوڙ آصف ناريجو آصف علي چمون خان، آصف علي ميمڻ، آصف قاضي، آصف منياٽوي، آصف مصراڻي، آصف مصراڻي گلبدن، آغا بشير، آغا تاج محمد خان، آغا خواجا شاهه، آغا رفيق، آغا رياض، آغا سعيد، آغا سليم، آغا صوفي، آغا عبدالنبي آغا، آغا عبدالنبي خان عليگ، آغا عرفان الله، آغا عرفانه پروين، آغا قيوم، آغا لياقت علي، آغا محمد علي، آغا محي الدين حسن پروفيسر، آغا مسعود حسن، آغا منير، آغا مهدي حسن، آفاق صديقي، آفتاب ابڙو [ڊاڪٽر]،⊕ آفتاب احمد چنڙ، آفتاب احمد قريشي، آفتاب احمد شاهه لڪياري، آفندي حسن علي، آقائي حسن قلعي ”مستان“، آڪاش، آڪاش انصاري، آڪاش پنيرو آڪاش سنڌي، آگرو الطاف حسين، آگرو عبدالله، آگرو غلام رباني، آگم جوڪيو آمنا رحمان، [آمنه سومرو ڊاڪٽر]، آنچل، آندري مارور، آندري گروميڪو آنند رام ”مخلص“، آنند رام طوطلداس، آنند ڪيماڻي، آنند گولاڻي، آنول ايم ڊي، آوتراءِ روپچند منچنديا، آهوجا امر راجنداس، آهوجا درشن ديدار آهوجا سگن، آهوجو سميع، آءِ آءِ قاضي علامه، آءِ ڪي پيرزادو آئل مل نصرپوري، آير ٽياگراجا اي وي، آينگر ايم اي ايس، ا ب ت، ابرار علي انڙ، ابرار قاضي، ابراهيم اسير ملاح، ابراهيم جويو محمد، ابراهيم خشڪ، ابراهيم خليل شيخ ڊاڪٽر محمد،

---

⊕ **نوٽ**: وڏي ڏنگيءَ منجهه اضافا، مرتب پاران ڪيل آهن. (رياضت)

ابراهيم سنڌي، ابراهيم سومرو محمد، ابراهيم ڪرل، ابراهيم منشي، [اٻڙو احساس]، اٻڙو امتياز، اٻڙو انور، اٻڙو اياز عالم، اٻڙو بدر، اٻڙو جوش، اٻڙو حنيف، اٻڙو خدا بخش، اٻڙو رعنه، اٻڙو روبينه، اٻڙو زاهده، اٻڙو سرتاج، اٻڙو سچل، اٻڙو صفيه ڪنول، اٻڙو طارق عالم، اٻڙو طارق نفيس، اٻڙو عبدالباري، اٻڙو عبدالهادي، اٻڙو عطاءُ الله، اٻڙو غلام رسول هالائي، اٻڙو قمر الدين، اٻڙو قيس عالم، اٻڙو محبوب، اٻڙو منظور حسين، اٻڙو منصور عالم "من"، اٻڙو منور، اٻڙو مير نواز، اٻڙو نصرت حسين پيراڻي، اٻڙو نياز، اٻڙيجو هدايت الله، اٻڙيجو زاهد مشاق، ابن اثير، ابن بلخي، ابن جلال، ابن جوقل (محمد عبدالقاسم)، ابن حيات پنهور، ابن دلگير، ابن سنڌ، ابن صفي، ابن گل سومرو، ابو اسحاق الشيخ، ابو اسلام عابد لغاري، ابوالحسن، ابوالعباد فقير ثناءُ الله، ابوالفات قابل خان شيخ، ابوالفضل علامه، ابوالقام نمڪين، ابوالڪلام آزاد، ابوالهاشم مولوي عبدالخالق ڪنڊ، ابوبڪر (هڪ جهونو شاعر)، ابوبڪر ايم، ابوبڪر شبلي، ابوبڪر شيخ، ابوبڪر صالح شيخ، ابو تراب، ابو جبران، ابو حسن بن محمد امين گلسند، ابو رضا، ابو زيدالحسن آف سان، ابو سهيل سنڌي، ابو شهاب رفيع الله، ابو طالب الحسيني، ابو ظفر مولوي، ابو محمد بديع الدين شاهه، ابو معاد، ابو ياسر، ابيٽسن سر ڊنزل چارلس، ابي عبيد عبيد الله بن عبدالعزيز ابيليف پروفيسر جي آءِ، ابيناش سندر، اتم اي جي، اتم نڪر ڊاڪٽر (اتمچند نڪر)، اتمچنداڻي سندري، اثر [اثر امام]، اثر سنڌي، اُپاڌيا ڪُرجي جاديوُ مير، اُپيندرا ناٿ پال، اجمل هدا پتو اجمل بيگ مرزا، اجواڻي ايل ايچ، اجڻ ظفر، اجڻ عاجز اجڻ مرتضيٰ گوهر صالحاڻي، احساس فيروز الدين، احسان الله، احسان الله بدوي، احسان الله خان ڊاڪٽر، احسان ايس زيد، [احسان دانش ڊاڪٽر]، احسان دانش جمالي، احسان فقير لانگاهه، احسن الهاشمي، احسن چنا حافظ، احسن ڪربلائي، احسن موريائي، احقر احمداڻي ڊاڪٽر غزاله، احمد ايس امام، احمد ايس حسن، احمد ايم ڊي، احمد بخش ڏيپر، احمد بشير، احمد جميل، احمد جي چاڳلا، احمد چانڊيو احمد ياڳلا (احمد جي چاڳلا)، احمد حسين ٽالپر، احمد خان، احمد خان "آصف" مصراڻي، احمد مصراڻي ، احمد خان احمداني، احمد خان چانڊيو احمد خان فراز "لطيفي"، احمد خان سولنگي، احمد خان شيخ، احمد خان طالبائي عامري، احمد خان گلزار پليجو احمد خان مدهوش، احمد خان ملڪاڻي، احمد خان ميمڻ، احمد خان نظاماڻي، احمد شاهه "استاد بخاري"، احمد شاهه بچل شاهه "رفيق"، احمد شفي، احمد شيخ، احمد صديق سونڊوي، احمد صافي نجفي، احمد "ظفر"، احمد عبدالله، احمد

علي انصاري، احمد علي بلوچ، احمد علي جتوئي، احمد علي چانڊيو ”صابر“، احمد علي چنا، احمد علي خان هاشمي پروفيسر، احمد علي شاهه بخاري، احمد علي صافي ”نجفي“، احمد غلام علي، احمد محي الدين ڊاڪٽر، احمد مصر، احمد ملاح حاجي، احمد ملاح مولوي، احمد ميمڻ، احمد ولد محمد اسلام، احمد همداڻي، ”اختر“ احمد خان، اختر انصاري، اختر ايس ايم، اختر بخاري، اختر بروهي، اختر بلوچ، اختر حسين بلوچ، اختر دايو اختر درگاهي، اختر هالائي، اختيار پروين منگي، اختيار ڪوڪر، اخلاق انصاري، اداسي ايم اسماعيل حاجاڻو اداسي غلام نبي، ادا فضل قاضي، ادريسي (ابو عبدالله محمد)، ادل سولنگي، ادل سومرو، ادل عبدالڪريم، اديب جاويداڻي، اڏارام ٺانورداس، اڏارام راءِ صاحب، اڏين آر اُڊو امداد علي، اڍيجو فيض محمد، اراج اسفاشر، اراند سر هينري، ارائوڻن ٽي جي، ارباب سنڌي، ارباب علي چڃڙو مورائي، ارباب علي شاهه، ارباب علي عادل چوهاڻ، ارباب عمر الدين، ارباب منگي، ارجن چاولا ”سائل“، ارجن داس رامناڻي، ارجن ڏيئارام ”سڪايل“، ارجن سامتاني، ارجن شاد، ارسطو ارسڪن ڊبليو اي، ارشاد، ارشاد احمد حقاني، ارشاد احمد مورياڻي ڊاڪٽر، ارشاد بلوچ، ارشاد پناڻ، ارشاد جوکيو ارشاد حسين قاضي، ارشاد ساگر، ارشاد سائل، ارشاد شيخ، ارشاد عاشي ميمڻ، ارشاد قمر، ارشاد ڪاظمي، ارشاد گلاباڻي، ارشاد مورائي، ارشد اي ارشد سراج، ارم محبوب شيخ [ارم محبوب]، ارنالڊ سر ايڊون، ارون ڊبليو ازبر ايم، اسامي علامه استاد، استاد امير بلوچ، استاد حاتم مگسي، استاد نظاماڻي، استخطري، اسٽاڪ جي اي، اسٽالزڪا ڊاڪٽر فريد، اسٽائيسٽيڊ جارجيانا ڪئپٽن، اسٽائيف اي ڊبليو اسٽر آر ايچ، اسٽرابو اسٽرابو آف ايشيا مائينر، اسٽراچن جيمس، ايم، اسٽراگ لي، اسٽرن ڊيل آر اي، اسٽرنگر ڪي وين، اسٽوري سي اي، اسٽوڪلر جي ايچ، اسٽونور آر ايف، اسٽوئرٽ سي جي، اسٽيفنس آيان ميلولي، اسٽيفن زواگ، اسٽيڪ ڪئپٽن جارج اي، اسٽورٽ آر آر، اسٽيوارٽ ميجر چارلس، اسٽيونس ڪئپٽن جاڻ اسپاٽس ووڊ، اسپراٽ ايف ايل، اسپرينگر اي، اسپرينگلنگ ايم، اسپڪنر نال اي، اسپونر ڊي بي، اسپيٽ او ايچ ڪي، اسپينال اي، اسپيئر پرسول، اسحاق انصاري، اسحاق اي آر اسحاق ايس ايم، اسحاق ايم عرساڻي محمد، اسحاق حيدر، اسحاق راهي، اسحاق سميجو اسحاق سومرو، اسحاق لوهر (اسحاق آهنگر) (جنهن جا بيت مجذوب بزرگ شيخ پريو ويرداس پڙهندو هو)، اسحاق محمد، اسحاق مگريو اسدالله ”اسد“ سومرو، اسد الله بلوچ، اسد الله پٽو اسد الله شاهه ”بيخود حسيني“ ڊاڪٽر، اسد انور بلوچ، اسد

بيگ ”آصف“ مرزا، اسد بيگ ”اسد“ مرزا، اسد تڪڙائي، اسد ٿومس جي، اسد عابد قاضي، اسد عباسي، اسد ڪيريو اسرار الحق، اسرار شام، اسرار عباسي، اسڪاٽ، آرٿر ايف، اسڪاٽ ڊبليو اسڪندر بن محمد، اسڪئٽر گوڊس اسڪين ڏو اسلام ايس آر، اسلم آزاد ڊاڪٽر، اسلم اڪبر قاضي، اسلم اي ميمڻ ”مسافر“ ننڌائي، اسلم پٽي، اسلم تنيو اسلم چنا محمد، اسلم ساريو گڪڙائي، اسلم سنڌيلو اسلم سومرو، اسلم سي آر، اسلم شيخ ”مهراڻ“، اسلم صديقي، اسلم عارباڻي، اسلم لاشاري، اسلم لغاري، اسلم ”واصف“، اسليپينانٽس ايم ٽي، اسماعيل ايس خواجه، اسماعيل بن واصف، اسماعيل چانڊيو اسماعيل خاصخيلي محمد، اسماعيل زاهد ملڪ، اسماعيل صادق، اسماعيل لغاري، اسمٿ اين ايچ، اسمٿ جي ڊبليو اسمٿ ڊبليو اسمٿ ونسينٽ اي، اسنيڊ روڊ مئن اي، اسنيل گروو اي ڪي، اسوالڊ متيسالي، اسير قريشي، اسير ڪلياڻي، اسير ملاح، اشتياق احمد، اشتياق انصاري، اشتياڻي عباس اقبال، اشتن سر ليگهه، اشرف امر لاشاري، اشرف پيرچنداڻي، اشرف سومرو محمد، اشرف شاهه اشرف علي، اشرف علي ”اشرف“، اشرف علي عباسي، اشرف علي منشي مير، اشرف مرزا، اشرف واصفاني، اشفاق آذر اشفاق انصاري، اشفاق حسين سيد، اشفاق حسين عمراڻي، اشفاق سومرو اشنر ايمرسن سي، اشوٿاما، اشوڪ بختاڻي، اشوڪ ڪمار ايل نانڪاڻي، اشوڪ لعل، اشير هاد لال، اصغر اي جي، اصغر جتوئي، اصغر چنا ڊاڪٽر، اصغر ساگر، [اصغر سجاڳ]، اصغر سنڌي، اصغر سيتائي، اصغر گرزائي، اصغر حالو اضعف هالائي، اطهر علي، اطهر منگي، اطهر موساڻي، اظهار سنڌي، اظهار سومرو، اظهر ٻانيڻ، اظهر فاروقي ڊاڪٽر، اظهر گيلاني، اظهر مولائي ميان، اعجاز ، اعجاز الحق قدوسي، اعجاز انڙ، اعجاز ٻرڙو اعجاز تو اعجاز پليجو اعجاز جڙيل جتوئي لاڏيون، اعجاز حسين سومرو اعجاز سنڌي، اعجاز شيخ، اعجاز علي خواجا، اعجاز علي ملاح، اعجاز منگي، اعجاز نوري، اعظم پٽي، اعواڻ آزاد سچل، اعواڻ محمد سعيد، اعواڻ مسرت نواز اعيانگر ڪرشن سوامي، افتخار احمد سومرو افتخار حسين لغاري نواب، افروز شورو افسر علي ايم پٽو افضال شاهد، افضال قادري ڊاڪٽر، افضال نعيم، افضل قادري، افضل قريشي ڊاڪٽر، افضل لغاري ڊاڪٽر، افضل مسر پوري، افغان حاجي عبدالنبي، افلاطون، اقبال احمد مگسي، اقبال اسرار سيھڙ، اقبال بلوچ، اقبال بن صديق قريشي، اقبال ترين، اقبال جتوئي، اقبال حسين قاضي، اقبال خشڪ، اقبال رند، اقبال سرڪڙي، اقبال ميمڻ حافظ، اقرا، اڪبر اديب، اڪبر ساگر، اڪبر

سومرو اڪبر سيد، اڪبر شاهه سيد، اڪبر ڪنڊياروي ”آزاد“، اڪبر گل سمون، [اڪبر لغاري]، اڪبر نظاماڻي، اڪبر نهڙيو ”ناز“، اڪرام احمد تنيو اڪرام ايس ايم، اڪرام حسين، اڪرام ساگر عباسي، اڪرام مغل، اڪرم ابڙو اڪرم انصاري، اڪن محمد جمن دايو اڪن محمد حسين دايو اگاٿا ڪرسٽي، اگروال ڊي پي، الا دويسي ابو عبيدالله محمد شريف، الانا امين غلام علي، الانا، غلام علي خواجه [ڊاڪٽر]، الله بخش احمد زرئي حڪيم، الله بخش بروهي، الله بخش راڻوڙ الله بخش قريشي، الله بخش نظاماڻي، الله وڏايو سهاڳ، الاهي بخش بلوچ، الاهي بخش دوراپوري، الاهي بخش ساهووال، الاهي بخش لاڙڪ، الاهي چنا، البرٽ ڪاميو البرٽو موراويا، البشام البلاذري، ابن الحسن احمد بن يحيٰ، البيروني ابوريحان، التيڪر اي ايس، الستي فقير عبدالغفور، الطاف، الطاف احمد، الطاف احمد مغل، الطاف بيدار، الطاف جتوئي، الطاف حسين چوڌري، الطاف حسين شيخ، الطاف حسين نظاماڻي، الطاف سنڌي، الطاف شيخ، الطاف عاصي، الطاف قادري، الطاف ملڪاڻي، الطاف ميمڻ، العظيمي عزيز سولنگي، الف انقلابي، الف ع شيخ، الڪاڪ ليسلي اي، الڪرامي الياس، المنفلوطي مصطفيٰ لطيفي، الهه آباد مولوي، الهه بچايو پيٽو الهه بچايو شيخ، الهه بچايو لغاري، الهه بچايو يار محمد سمون، الهه بخش ايم نظاماڻي، الهه بخش ٽالپر، الهه بخش چانڊيو مولانا، الهه بخش ”سرشار“ عقيلي، الهه بخش ڪهڙو مخدوم، الهه بخش مهيسر مولانا، الهه بخش هاشمي مولوي اپوجهه، الهه جڙيو الهه جڙيو ”شاد“، الهه داد (الله داد)، الهه داد ٻوهيو ڊاڪٽر، الهداد فيض سرهندي، الهداد مهيسر، الهڏنو اياز الهڏنو خان پناڻ، الهڏنو ڪاڪا، الهڏنو گوپانگ، الهنواز رڪٽائي، الهنواز ناز الهوڏايو سهاڳ، الهورايو اداسي، الهورايو ڀرڙ، الهورايو سجاد، الهورايو سولنگي سنڌي، الهورايو ”طارق“ شڪارپوري، الهورايو محمدي ڊاڪٽر، الهه وسايو ”ڪفشدور“ ملا، الياس احمد، الياس اسلام، الياس بي يونس، الياس سيتاپوري، الياس عشقي، اليڪساندر سيراه وچ، الينا ڪاتسيوبا، الين ريو جي اين، امام بخش ”خادم“، امام بخش ناديو امام بخش مرزا، امام بخش ملاٽو امام بخش ”نياز“، امام راشدي، امام شغناني، امام علي بيگ ”افسر“ مرزا، امان الله، امان الله ٻگهيو گچيرائي، امان الله خان، امان الله سرهي، امان الله سومرو، امان الله شيخ، امان الله ”مفلح“ فقير، امان الله ناظم، امان پٽي، امان راهي، امان شيخ، امان علي ”اظهر“ سمون، امان ميمڻ، اسڪر جي آر امبيڊڪر ڊاڪٽر جي آر، امتياز حسين قاضي ”خيام“، امتياز عالم سمون، امتياز علي ٻرڙو امتياز قريشي، امتياز منگي، امتياز ميمڻ

ڊاڪٽر، امجد علي ايس، امداد چانڊيو امداد حسين، امداد عباس فدا، امداد علي، امداد علي امام علي (آءِ آءِ) قاضي، امداد علي بروهي، امداد علي حداد، امداد علي ڪڏو (؟)، امداد علي کهڙو، امداد محمد شاهه، امر، امر اقبال، امرتا بيدل، امرتا پريتم، امرتا سنڌي، امرجليل، امر ساهڙ، امر سنڌو، امر لعل وسٽمل هگوراڻي، امر لغاري، املہ البرٽ بي، ام ناصر، امن سنڌي، امپاتس ملر سليٽس، اميد خيرپوري، اميد علي زرداري، اميد علي شاهه، اميد علي ميرجت، امير ابڙو، امير احمد، امير احمد عباسي مخدوم، امير بخاري، امير حسين شاهه، امير حمزو مسافر، امير خسرو، امير صديقي مس، [امير علي چانڊيو]، امير علي قادري، امير علي ڪاظمي، امين ارباب، امين ترين، امين ٽيپو منگرائي، امين ٽيپو امين محمد صديقي مخدوم پير، امين محمد فهيم، امين مخدوم عمر، امينہ صديقي، انب گوپانگ، انتخاب شاهه، انجمن سومرو، انجم هالائي، اندرا هريش واسراڻي مسز، انڊڙ حافظ ارشد، انڙ مختيار، انڙ گلزار، انصار احمد سومرو، انصار اسلم مسرور، انصاري اي ايچ، انصاري ايم آءِ، انصاري ايم اي ايچ، انصاري ايم ايم، انصاري بشير اي، انصاري ٽي اي، انصاري ڊاڪٽر علي محمد، انصاري ڊاڪٽر نور عالم، انصاري زهره جبين، انصاري سارنگ، انصاري شيخ صادق علي شير علي، انصاري فاروق، انصاري عبدالله، انصاري عثمان علي، انصاري قمر، انصاري مجروح عزيز هالا، انصاري مهر النساءِ، انصاري نديم، انعام پنهوَر انعام پنهوَر، انعام شيخ، انعام عباسي، انقلابي امر اقبال، انقلابي طفيل مگسي، انگر سال رابرٽ گرين، انگليس چارلس سي، اندرام "مخلص"، اندرام مهر، انوار احمد قاضي، انوار پيرزادو، انوار سبحاني، انور، انور ابڙو، انور الدين احمد قريشي، اينور ايمار، انور ٻبر، انور پيرزادو، انور عبدالعزيز، انور علي ح سومرو، انور عنايت الله، انور علي عبدالڪريم خواجا، انور فگار هڪڙو، انور ملاح، انور هالائي، انويراڻي جي ڊي، انيتا غلام علي، انيس، انيس احمد عباسي، انيس الدين، انيس الدين احمد پنهوَر، انيس انصاري، انيس ٻرڙو، انيس مهيري محمد ابراهيم، انيڪر ايم وي، انيلا بلوچ، انيل گاف، اني ماري (اينيمري) شمل ڊاڪٽر، انيم اي عبدالله، اوارو بي پي، اوان زادانوف، اوانو ولاديمير، او برِيان اي پي، او برِيان اِي، اوترام جنرل سر جيمس، اوتار نبي بخش، اوتو ڏٽي بخش، اوپنهيم اي ايل، اوجها منگهارام، اوڌ راجا چندر سيا، اوڌم آر ڊي، اوڌم سي ايف، اوڌ جيٺل، اوڌ رامچند، اورمي رابرٽ، اورنگٽن جي، اورنگزيب شيخ، اوريانا فلاسي، اوستو امتياز علي، اوستو در محمد، اوسلي سر ڊبليو او گلبي جاهن، اولرچ ليوپولڊ وان، اولم

ايف. اولمسٽيڊ اي ٽي، اوليور ايڊورڊ اِي، اونورانيڪو اونيل جوڊٿ، اويس احمد، اويس انقلابي، اهير شمن آر ائنٽي (ينشي) وديار ٽي، اياز آزاد سومرو، اياز بخاري، اياز ٻاگٽ، اياز پاٽولي، اياز جاني، اياز حسين قادري پروفيسر، اياز سولنگي، اياز سنڌي، [اياز شيخ]، اياز علي اين شيخ، اياز علي، اياز علي وراهي، اياز کتري، اياز گاد، اياز گل، اياز لطيف پليجو، اياز لطيف دايو، اي ايچ محمد، اي ايف ميمڻ، اي اي قريشي، اي ايم بزمي، اي ايم جعفري، اي ايم ميمڻ ڊاڪٽر، ايبٽ اِي، ايبٽ جي، ايبٽ ڪئپٽن جيمس، ايبسن هينري، ايٽس ڪي آر، ايٽڪن اي سيچ، ايٽڪنسن جيمز اي ٽي شاهاٽي، اي جي بشير احمد، اي جي پيرزادو، اي جي چانڊيو، ايچيسن سي يو، ايچيسن سي يو اي، ايچ آر ميمڻ، ايچ ايم صادق، ايچ ايم گربخشاڻي، ايچ اين سنڌي، ايچ بي، ايچ جي ويلس، ايڊڪنڊس جي، ايڊمنڊ سي، ايڊورڊس ايس اي، ايڊورڊ ليفٽيننٽ، ايڊورڊ مائيڪل، ايس احمد، ايس اڪرام الدين، ايس امداد بخاري، ايس اي، ايس اي ايچ رضوي ڊاڪٽر، ايس اي پنهور، ايس اي عزيز، ايس ايس زليخا، ايس ايم حامد علي، ايس تصور، ايسٽوڪ اِي بي، ايسٽوڪ ڊبليو جي، ايسراڻي، اشوڪ ڪمار ڊي، ايراني اشوڪ ڪمار ڊي، ايس سي شهاڻي، ايس سيواڻي، ايس گل ”سپاهي“، ايس منور علي، ايس نسرين، ايس يو شيخ، ايشر لارڊ، ايشور چندر، ايف علي نواز بيگ مس، اي ڪي بروهي، اي ڪي سولنگي، ايگرمانٽ پي ايچ ايل، ايل پگوانداس، ايل ٽي پنواڻي، ايلڊرچ ايف بي، ايلسا قاضي، ايلس سر بارو هربرٽ، ايلس فيض، ايلس هينري، ايلفنسٽن مائونٽسٽائارٽ، ايلڪ گولار، ايلمڊ ورٿ، ايلنبرو الارڊ، ايم آر مائيداساڻي، ايم اقبال ”بيوس“ خاصخيلي، ايم اميرالدين، ايم اي ايچ هاشمي، ايم اي پاشا، ايم اي حسن، ايم ايچ پنهور، ايم ايس قادري، ايم ايس قريشي، ايم اي صوفي ڊاڪٽر، ايم اي عالماڻي، ايم اي عزيز، ايم اي عظيم ڊاڪٽر، ايم ايم سنيو، ايم ايم حافظ، ايم ايم (منظور احمد) عرساڻي، ايم ايم ميمڻ، ايم بچل ميمڻ، ايمبري ايناسل، ايمبري جي، ايم بي اياني، ايم حق نواز، ايم ڊي قريشي، ايم رمضان ناشاد ڪنير، ايم زمان جوکيو، ايم سي ملڪاڻي، ايم عبدالماجد، ايم قاسم راڄپر، ايم قاسم نوشاد، ايم ڪمل، ايمل لُڊبيگ، ايم ناز عباسي، ايمينيئن ايم بي، ايم يونس راهمون، اين اي پٽي، اين ايم سومرو، ايٿوونس، اينڊرسن، اينڊرسن ريوپي، اينڊرسن ميجر سي بي، اينڊريو سر ڊبليو پي، ايوب انصاري، ايوب خاصخيلي، ايوب شيخ ڊاڪٽر، ايوب قاضي، ايوب کوسو (محمد؟)، ايوب گاد، ايون هنٽر.

***

# ٻول گهاڙيتو▽

آءُ نہ عالم آهيان نہ اديب ۽ نہ ئي وري محقق يا مدبر. پر اهو فخر سو حاصل اٿم تہ انهن جي تخليقن جي پاڙي ۾ هڪ شاگرد. سيڪڙات جي جذبي سان جيئان ۽ سندن چاڻ جي مني مها ساگر مان هڪ اڌ سرڪي پيري مينهن جي بوند جهپندڙ سپيءَ جيان گدگد ٿيان پيو.

ريڊيو ۽ ٽي وي سنڌي پروگرامن ۽ سنڌي اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن، مجلن تہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، سونهن ۽ سينگار جي سٺي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪن پيا. پر مون کي ڏاڍي افسوس سان اهو بہ چوڻو ٿو پوي تہ، ڪڏهن ڪڏهن نہ پر اڄ ڪلهہ اڪثر ڪري "شان"، "فصل"، "ڪتاب" وغيره جهڙن لفظن کي بہ جنس مؤنث جي شڪل ۾ ڳالهايو/ لکيو وڃي ٿو – "منهنجي شان گهٽجي نہ وينديءَ"، "فصل ڪاٽي وئي"، "ٽيبل تي ڪتاب رکي آهي" وغيره جهڙا جملا پنهنجي ڪنن سان ٻُڌا اٿم. اهڙيءَ طرح "لاش"، "علم"، "ڪتاب" وغيره جهڙن لفظن جو جمع "لاشون"، "علمون"، "ڪتابون"، وغيره بہ ڇپائيءَ جي دنيا ۾ عام ڇپجي پيو. "هوٽلون"، "مارڪيٽون" وغيره جهڙا انگريزي ڏاتو رکندڙ لفظ هتي چاڻائڻ بدران مٿي ڄاڻايل لفظ خاص ڪري ان لاءِ ذڪر هيٺ آندا اٿم جو اهي لفظ سنڌيءَ جي پهرين ۽ ٻي درجي ۾ ئي پڙهايا وڃن ٿا ۽ اسان جي ڪيترن ئي "ليڪڪ"، "چاڻڪ" ۽ "پڙهاڪ" ماڻهن کي بہ جيڪڏهن انهن جي جنس ۽ جمع جي سُڌ ناهي تہ پوءِ پٽڻ کان سواءِ ٻي ڪا راهہ ئي نہ ٿي بچي! خاص ڪري اخبارن سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ ۽ سينگارڻ سان گڏوگڏ بگاڙڻ ۽ سورهن سينگار ڪرائي مٿس ڦينگون چَتڻ ۾، جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪن پيون ان تي اسان جي سجاڻڪ ماڻهن پٽي لکيو آهي جنهن جو اندازو حسام الدين راشديءَ جي مضمون **"سنڌي ٻوليءَ کي للڪار"** (1967) کان وٺي محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي مضمون **"اردو – سنڌي"** (1992) تائين ڪٿي سگهجي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ ان پائي جا ٻيا ادارا، فيروز احمد پارا ڪجهہ فرد وغيره پنهنجن ڪتابن، رسالن ۽ مخزنن

▽ ماهوار 'سائنس' ڄامشورو ڊسمبر 1993ع ۾ ڇپيل.

وسيلي جنهن نموني سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي رسم الخط ۽ صورتخطيءَ کي نيڪ رکڻ جا جتن پيا ڪن اهي، بهرحال، ساراهڻ جوڳا آهن. ٻوليءَ کي درست لکڻُ، پڙهڻُ، چوڻُ ۽ ڳالهائڻُ هر فرد جو فرض ۽ ان کي بگاڙڻ علمي ڏوهہ آهي. آءٌ هڪ سنڌيءَ جي حيثيت ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جي پيشڪارن، ايڊيٽرن، رپورٽرن، ليکڪن، ڇپائيندڙن، ڪمپوز ڪندڙن ۽ ٻين واسطيدار ماڻهن کي خاص طرح وينتي ٿو ڪريان تہ توڙي بي ڌياني ءَ سبب علمي ڏوهہ ڪرڻ بدران ڪجهہ ڌيان ڏئي جيڪڏهن پنهنجو علمي، ادبي ثقافتي ۽ اخلاقي فرض پورو ڪندا تہ هڪ ٻوليءَ جو تقدس برقرار رکڻ ۾ ساٿي ۽ سهڪاري ٿي پونداسون.

ٻيو مسئلو آهي متبادل لفظ جو. مون پاڪسان نهڻ کان اڳ جا ڇپيل جيڪي بہ ڪتاب ۽ رسالا پڙهيا آهن انهن ۾ ٻوليءَ جي تقدس ڏانهن سنڌيءَ جي ليکڪن، پبلشرن ۽ ايڊيٽرن ۾ هڪ سجاڳ رويو نظر اچي ٿو. ڪيترن ئي انگريزي، فارسي ۽ عربي لفظن جا نهڪندڙ مَٽ لفظ ڳولي يا سنڌي مزاج ۽ وياڪرڻي اصولن موجب گهڙي ڪم آندا ويا. اڄ بہ ڪيترائي ليکڪ اهو ڌيان رکن ٿا پر مجموعي طرح ائين ٿو لڳي، ڄڻڪ، انتظار ٿو ڪيو وڃي تہ ڪنهن نئين يا نئين نموني واهپي ۾ آيل لفظ جو متبادل ڀرپائين اردو اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڪم اچي تہ پوءِ اهو بنا ڪنهن ضروري ڌيان ڏيڻ جي، اکيون پوري، انڌو نقل ڪندي سنڌيءَ ۾ هلايو وڃي. ان قسم جا بہ ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا پر ديگهہ کان بچڻ لاءِ هتي رڳو بہ مثال ڏجن ٿا، هڪ آهي "ماحولياتي آلودگي" ۽ ٻيو آهي "نجڪاري".

"موحولياتي آلودگي" انگريزي لفظ "اينوائرونمينٽل پولوشن" (Environmental Pollution) جي بدران ڪم آندو وڃي ٿو. "اينوائرونمينٽ" جو مطلب آهي اوسو پاسو پسگردائي، جيڪو ڪجهہ هر پاسي موجود موجود هجي، ماحول وغيره، ۽ "پولوشن" جو مطلب آهي ناپاڪي، پليتائي، گدلائپ، گدلاڻ، آلودگي وغيره. انگريزي ۾ ڪنهن گهربل لفظ جي پويان "al-" پڇاڙي طور ملائي "ـ جو"ـ جي) يا "ـ وارو" (ـ واري) مطلب ورتو ويندو آهي يعني ان انگريزي اصلاح جو مطلب آهي "ماحول جي گدلاڻ".

"ماحوليات" جو مطلب آهي "ماحول جو علم"، "ماحول بابت ڄاڻ" وغيره. "ماحولياتي" جو مطلب آهي "ماحول بابت علم جي" ۽ "آلودگي" جو مطلب "گدلائڻ"

يعني "ماحول بابت علم جي گندگي" يا "ماحول بابت ڄاڻ جي پليتائي" معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ کان اهو متبادل يا ترجمو ڪيڏو نه ڪِلِ جوڳو ۽ جاهلانه ٿي پوي ٿو!

لفظ "ماحول" ئي متبادل طور آڻٽو آهي ته "ماحول جي"، "ماحولي"، "ماحولائي"، "ماحولاري" صورتون ئي "اينوائرونمينٽل" جو نسبتاً بهترين متبادل آهن ۽ "آلوده" جهڙي اوپري لفظ بدران گدلائپ، گدلاڻ، گندگي وغيره.

"ماحول"- بابت - علم - جي - گندگي" بدران ڇا اهو وڌيڪ سنو ناهي ته "ماحولي گدلاڻ" لفظ ڪم آڻجن؟

اهڙي صلاح "ڄاڳو" کي ڏني وئي، ان "آلودگي" بدران گدلاڻ، گدلائپ ته ڪم آڻڻ شروع ڪيو پر افسوس ته اصلي، ڪارائتي لفظ ماحولي/ماحولائي تي مناسب ڌيان نه ڏنو. جيئن "هيئرنگ" (Hearing) جي متبادل اوپري لفظ "شنوائي" بدران "ٻُڌڻي" جهڙو پنهنجو سنڌي ۽ سڀ کي سمجهه ۾ ايندڙ لفظ ڪم آندو ويو تيئن هڪ مڪمل اوپري، جاهلانه ۽ غلط لفظ/ اصطلاح بدران ڇو هڪ صحيح ۽ سڀ کي سمجهه ۾ اچي سگهندڙ لفظ/ اصطلاح "ماحولي گدلاڻ" ڪم نه آندو وڃي؟

"نجڪاري" انگريزي لفظ "پرائيويٽائيزيشن" جي بدران ڪم آندو ويو آهي. "پرائيويٽ" (Private) جو مطلب آهي "حڪومت يا سيني ماڻهن جو نه، پر هڪ ماڻهوءَ يا ڪجهه ماڻهن جي لاءِ يعني خانگي، شخصي، گروهي" ان ڪري "پرائيويٽائيزيشن" (Privitization) جو مطلب ٿيو (۽ آهي) "حڪومت يا سيني ماڻهن کان ڦيرائي خانگي، شخصي گروهي (نجي، انفرادي) مالڪي هيٺ ڏيڻ/ ڪرڻ" سنڌي ۾ "نج" جي معنيٰ آهي بنا ملاوت، خالص، صاف، شڌ، اٽيل، نجو صفا، نيٺ، سنو نرمل، پوتر وغيره ۽ "ڪار" جو مطلب آهي ڪرڻ/ڪندڙ. اهڙيءَ طرح "نجڪاري" جو مطلب ٿيو (۽ آهي) "نج ڪرڻ جو (عمل)". جڏهن ته "نجي" جي معنيٰ اها ساڳي "نج" واري به آهي ۽ ان سان گڏ ذاتي، شخصي، خانگي به، ان ڪري "پرائيويٽائيزيشن" جي بدران نجڪاري کان وڌيڪ نسبتاً نهڪندڙ لفظ "نجڪاري" نه پر "نجيڪاري" ۽ اڃا به "خانگائڻ" آهي. جيئن اڄ ڪلهه "ڪاوش" ۾ اڪثر ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪم آندو وڃي ٿو.

اسان جا ڪيترائي "پڙهيل"، "ڄاڻو" ۽ "ليکڪ" ساٿي، سچ اهو آهي ته "-يات" جو مطلب "علم"، "ڄاڻ" نه ٿا سمجهن ۽ لفظ تي گهربل ڌيان نه ٿا ڏين. جيڪڏهن اهي

گهربل ڏيان ڏيندا هجن ها ته پوءِ ”علم حياتيات“، ”علم نباتات“، علم نفسيات“، ”علم معدنيات“ وغيره جهڙا لفظ چولکن ها؟ مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اها ڪهڙي قسم جي ”علمداني“ آهي، اهي شايد اردو وارن کي ٻه، سنڌين سان گڏ، سيڪت ڏيڻ گهرن ٿا!

اسين پنهنجي اندر ۾ ٻوليءَ جي چاهڻ کي ڏاڍي عزت ڏيون ٿا، پلي اهي اسان کي نه سڃاڻيندا هجن، اسين کين عزت جي نگاهه سان ڏسندا ئي رهنداسون. پر اهو به سچ آهي ته انهن مان به ڪجهه، يا گهڻا، سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ سينگار تي گهڻو ڌيان نه ٿا ڏين، ۽ جي ڌيان ڏين به ٿا ته پاڻ ڪي مناسب نوان گهاڙيتا، نوان لفظ، بهترين متبادل نه ٿا جوڙين ۽ اڪثر ڪري ”۔يات“ پڇاڙيءَ ئي ڪم آڻين ٿا. ٿيڻ ائين کپندو هو ته اهي خاص ڌيان ڏئي، سيڙجي ويهي، سوچي سمجهي اسان کي سٺا متبادل لفظ ڏين ها ۽ انهن کي خاص طرح علمي رسالن / اخبارن ۾ پڌرو ڪن ها ته جيئن سيني لاءِ هدايت ۽ روشن راهه موجود هجي.

”سائنسداني“، ”صابڻداني“ ۽ ”مڃرداني“ جهڙن لفظن تي ٿورو ڌيان ڏئي ڏسو ڪيئن ٿا ڀانيو؟ ”نفسياتدان“، ”ڪيميادان“، ”گلدان“، ”پائدان“، ”پاندان“ ۽ ”خاندان“ تي به سوچيو! اسين ”۔ دانن“ ۽ ”۔ دانين“ جي سلسلي ۾ ڏاڍا پاٽيرا ٿي ويا آهيون، جي جند نه ٿا ڇڏائي سگهون ته انهن کي اتي ئي ترسائجي.

ٿيون مسئلو هي آهي ته، اڄ ڪلهه سنڌيءَ ۾ سوين نه پر هزارين اهڙا لفظ ڪم اچي رهيا آهن جن جي ڪيترن ئي لکندڙن کي به معنيٰ نه ٿي اچي. ليکڪ جيڪڏهن پنهنجي قلم سان لکيل لفظ جي معنيٰ نه ٿو ڄاڻي ته پڙهندڙ جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ مثال طور اسان وٽ ”ايگزيڪيوٽو“ (Executive)، ”ايڊمنسٽريشن“ (Administration)، ”مئنيجمينٽ“ (Management)، ۽ ”اسٽيبلشمينٽ“ (Establishment) جي متبادل طور هڪ لفظ ”انتظاميا“ ئي اڪثر ڪري ڪم ايندو آهي يا اهي لفظ ساڳي انگريزي اچار ۾ لکيا ويندا آهن. انگريزيءَ ۾ انهن لفظن جي واهپي جو دائرو ٻيو ٻيو آهي. جيڪي ماڻهو اهڙا لفظ لکن، چپن، پڙهن، ڳالهائن ٿا انهن کان معنيٰ ته پڇي ڏسو! اهڙيءَ طرح ”يونين ڪائونسل“ ۽ ”ميونسپل“ کان ويندي ”اسيمبلي“ ۽ ”سينيٽ“ تائين، ”چيئرمين“ ۽ ”چيف آف اسٽاف“ ۽ ”فيلڊ مارشل“ تائين، ”ڪمپني“ ۽ ”اسڪئاڊ“ کان ويندي ”ڊويزن“ ۽ ”ڪور“ تائين وغيره، ڇا اهڙن لفظن جا متبادل ناهڻ ناممڪن آهي؟ يا نٿي نه ٿا سگهن!

مون جڏهن پهريون ڀيرو ”مادي پرست“ ۽ ”خيال پرست“ جهڙا لفظ سنڌي ۽ اردو ۾ پڙهيا تڏهن مون کي آتش پرست ۽ بت پرست جهڙن لفظن جي ئي خبر هئي، تنهنڪري مون انهن لفظن جي معنيٰ به اها ورتي ته اهي ماڻهو جيڪي ”مادي“ ۽ ”خيال“ جي پوڄا ڪن ٿا. وڏيڪ پڙهڻ سان خبر پئي ته ”مادي پرست“ ۽ ”خيال پرست“ جي مون پاران سمجهيل معنيٰ ئي غلط نه هئي پر اهي متبادل به غلط هئا.

اهي لفظ ”مٽيريلسٽ“ (Materialist) ۽ ”آئيڊيلسٽ“ (Idealist) جي بدران ڪم آندل هئا ۽ انگريزيءَ ۾ انهن لفظن جي جيڪا معنيٰ هئي (۽ آهي) اها ”مادي پرست“ ۽ ”خيال پرست“ لفظن مان ڪنهن به طرح ظاهر نه ٿي ٿئي. جيڪڏهن اهي متبادل صحيح هئا ته پوءِ ”ڊارونسٽ“ (Darwinist)، ”مارڪسٽ“ (Marxist)، ”ماچسٽ“ (Machist)، ”ٿامسٽ“ (Thamist)، ”اسڪيپٽيسٽ“ (Scepticist) وغيره جهڙن لفظن جي متبادل طور ”ڊارون پرست“ (ڊارون جو پوڄاري)، ”مارڪس جو پوڄاري“، ”ماچ جو پوڄاري“، ”ٿام جو پوڄاري“، ”شڪ جو پوڄاري“، (شڪ پرست) وغيره لفظ ايندا. ڇا اسين انهن معنائن سان متفق ٿينداسون؟ انگريزيءَ ۾ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ طور جڏهن ” ist - “ (- اسٽ) ڪم ايندو آهي تڏهن ان جي معنيٰ هوندي آهي ڇاٽايل لفظ (فرد جي نڪتهء نظر يا لفظ جي مطلب) کي ”سڻو سمجهندڙ“، ”مڃيندڙ“، ”صحيح سمجهندڙ“، ”پوئواري ڪندڙ“ وغيره جنهن کي ”پرست“ (پوڄاري) ڪنهن به نموني واضح نه ٿو ڪري.

ساڳيءَ طرح، انگريزيءَ ۾ گهڻبل لفظ پنيان ”ism -“ (ازم) پڇاڙي ملائڻ سان سان ڇاٽيل لفظ (فرد جي نڪتهء نظر لفظ جي مطلب) واري ”تعليم“، ”اصول“، ”سچ“، ”جدوجهد“ يا ان جون ”مخصوص خاصيتون رکندڙ“ هوندو آهي، جنهن کي وري ”پرستي“ (پوڄا بندگي، عبادت) لفظ ڪنهن به نموني ظاهر نه ٿو ڪري. انگريزيءَ ۾ مخصوص نالي پنيان ”- ازم“ پڇاڙي ڳنڍيجي ”سوڪريٽزم“ (Socratism)، ”ايپيڪيورينزم“ (Epicurianism)، ”پلاٽونزم“ (Platonism)، ”مائوازم“ (Maoism)، ”فرائيڊينزم“ (Freudianism)، ”ليننزم“ (Leninsim)، وغيره ۽ مخصوص عمل، نڪتهء نظر، تعليم يا جدوجهد پنيان ”فيوڊلزم“ (Feudalism)، ”ڪئپيٽلزم“ (Capitalism)، ”فيٽشزم“ (Fetishism)، ”فارملزم“ (Formalism)، ”فاشزم“ (Fascsim) ”نازي ازم“ (Naziism)، وغيره جهڙا لفظ ٺهيا آهن. اهو ڄاڻڻ کان پوءِ جڏهن ”مادي پرست“ ۽ ”مادي پرستي“، ”خيال پرست“ ۽ ”خيال پرستي“، ”سامراج

پرست“ ۽ ”سامراج پرستي“ وغيره جهڙن لفظن تي سوچيم ته اچرج ۾ ڏک سان گڏ کل به وڃي وئي ته نيٺ اهي ڪهڙي قسم جا لساني ـ ماهر آهن جن پنهنجيءَ ئي ٻوليءَ جو ائين هٿ وٺي ٻيڙو ٻوڙيو آهي!

سمڪ پئي ته اهي سڀ ڪجهه پنهنجن جي اٽڃاٽائيءَ ۽ نقاليءَ ۽ اردو ٻوليءَ ۽ ان جي ”لسانياتدانن“ جي ڪري ٿئي ٿو. (اردو حقيقت ۾ هندي ٻولي ئي آهي جنهن کي عربيءَ، فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جون ڇٽيون هڻي هنديءَ کان نرالي، ڌار نمايان، مسلمان ۽ جديد بنائڻ جي جتن ۾ خود اردو ـ ڳالهائيندڙ کي به زمين تان پٽي، پري ڪري ۽ ٻي پاڙ ونبائي هوا ۾ لٽڪايو ويو آهي.)

ٻوليءَ جي فطري واڌ ويجهه تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ان جون پاڙون ڌرتيءَ ۾، ڌرتيءَ وارن جي اندر ۾، راڄ، سماج ۾ پيهي ويل هجن. سنڌي ٻولي، کي سنڌس پاڳ جو اهو مانُ ۽ مرتبو مليل آهي. پر هاڻي اردوءَ وارن نقالن جو نقل ڪندي اهڙن هزارين لفظن وسيلي ”عام“ ”(عموماً ٿورو يا اڻپڙهيل) ۽ خاص“ (عموماً انگريزي پڙهيل يا پاڙ کي ”پڙهيل“ طور ظاهر ڪندڙ) جي وچ ۾ وڇوٽي پيدا ڪئي وئي آهي، ”عام“ جي ٻولي ”خاص“ گهٽ ٿو سمجهي ۽ ”خاص“ کي به ”عام“ مڙيوئي ڪجهه گهٽ ٿو سمجهي، ”عام“ انهن ”پرستن“ ۽ ”پرستين“، ”ـ ياتن“ ”ـ دانن“ ۽ ”ـ دانين“ کي نه ٿو سمجهي، ۽ سچي ڳالهه ڪجي ته، ”خاص“ به ڪو خاص واقف ناهي. آءٌ پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي پڪ سان چئي سگهان ٿو ته هزارين سنڌي پڙهندڙ لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ اهڙيءَ ئي ”اٽڃاٽائيءَ واري چاڙ“ جو شڪار آهن.

نهڪندڙ مناسب ۽ سولا متبادل ڳولڻ يا گهڙڻ ٻوليءَ جي عالمن ۽ سگهڙن جو ڪم آهي. هن وقت ”**سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو**“ (جنهن لاءِ پڻ سنڌيءَ جا ڪي نهڪندڙ ۽ مناسب ۽ لفظ هجڻ گهرجن) اڏاوت جي مرحلن ۾ آهي، تڏهن به اهو يا ”**سنڌالاجي**“ (!) يا ”**سنڌي ادبي بورڊ**“ (!) يا ”**ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز**“ يا اهي سڀ پاڻ ۾ سهڪار ڪري ئي ٻوليءَ جي ماهرن، سڄاڻن ۽ سگهڙن جو اهڙو مجاهد جٿو جوڙي سگهن ٿا جنهن وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل نون، ۽ خاص طرح ذڪر ڪيل ۽ ذڪر هيٺ ايندڙ لفظن جا نهڪندڙ متبادل (!) سنڌي لفظ ڳولڻ ۽ ناهڻ جو ڪم ٿي سگهي.

سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي گهڻگهرا پنهنجيءَ چاڙ آهر اهڙو مثبت جتن ڪندا رهيا آهن پر سنڌن جوڙيل/ڪوجيل لفظ جيستائين ڳنڍپ جي (ڳانڍو) وسيلن (”ذرائع ابلاغ“ Media`s of communication) (!) وسيلي عام نه ٿا ٿين ۽ سڀ

ليکڪ ۽ لکڻ پڙهڻ سان واسطيدار ماڻهو انهن کي هر هر ورجائي عام نہ ٿا ڪن تيستائين انهن جو عام ٿيڻ ۽ ”عام“ (لوڪ) جي سمجهہ لائق ٿيڻ لڳ ڀڳ ناممڪن آهي. پوءِ حالت اها ٿي هوندي جو طوطي جيان معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ بنا اچار (لفظ، ٻول) پيا اچاريا ۽ نقل ٿيندا رهندا جنهن جو نيٺ بہ تہ. سنڌي ٻوليءَ جي جذب ڪرڻ، پنهنجو ڪرڻ، پنهنجي مزاج موجب سمائڻ واري ذات تي خراب اثر پوندو.

سنڌيءَ ۾، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ خاص طرح، اردو ”لسانياتدانن“ جو نقل ڪندي انگريزي لفظ پنهنجيءَ اصل شڪل ۾ يا، ”- يات“ (علم، ڄاڻ، سائنس، فن يا سائنس جي شاخ هجڻ جي حالت ۾) ۽ ”پرستي“ يا ”پسندي“ (نظريي، نڪتہٴ نظر، جدوجهد جي حالت ۾ ) ڳنڍي مرتب ۽ مرڪب لفظ جي صورت ۾ پئي هلايو آهي. ساڳيو قصو ”- دان“ (ڄاڻڪ، ڄاڻو، سُڄاڻو جي حالت ۾) ڪنهن بہ مفرد، مرتب يا مرڪب لفظ سان ڳنڍي هلايو ويو آهي. انهن جا مثال ڏنل آهن. پر تجربو ۽ مشاهدو ٻڌائي ٿو تہ انهن ۽ اهڙن لفظن جي مخصوص معنيٰ ۽ مفهوم رڳو اهي ئي ڄاڻن ٿا جن انهن لفظن جي صحيح وصف ۽ وضاحت انگريزيءَ ۾ پڙهي آهي. نہ تہ ٻين لاءِ اهي لفظ ”دٻي ۾ ٺڪريون“ يا ”طوطي وارو رٽو“ آهن. ماڻهو اهي ورجائن تہ آٿا پر منجهن سمجهڻ ۽ ڪائنڻ سمجهائي سگهڻ جي اميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ آهي.

گذريل ٻاويهن ورهين کان، جڏهن کان آءٌ سنڌي ٻوليءَ بابت بہ ايرو سيرو پڙهندو پيو اچان، مون کي اوسيئڙو پئي رهيو آهي تہ من ڪي عالم، سنڌي ٻوليءَ جا سڄاڻو گهڻگهرا ۽ سگهڙ ان پاسي تي بہ ڌيان ڏين ۽ ان ڪمزوريءَ کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪي اثرائتا اپاءَ وٺن يا ٻيو ڪٿڻ پر تانگهہ اڃا نہ لٿي آهي.

آءٌ پنهنجيءَ محدود ڄاڻ جو اقرار ڪندي، هڪ سيڪڙات ۽ شاگرد جي حيثيت ۾ اهڙن ڪجهہ لفظن جي متبادل طور پنهنجيءَ سمجهہ آهر ڪي لفظ تجويز ڪيان ٿو ان اميد سان تہ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا ان تي ڌيان ڌري انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي قاعدن، قانونن اصولن ۽ مزاج موجب تيار ڪندا يا ڪي ٻيا مناسب متبادل لفظ ڏيندا. آءٌ توهان سان اتفاق ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ڇا توهين بہ مون سان اتفاق ڪرڻ تي راضي آهيو؟

پنهنجي پاران متبادل لفظ تجويز ڪرڻ کان اڳ، آءٌ سنڌيءَ ۾ عام واهپي ۾ ايندڙ ڪجهہ لفظن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو تہ جيئن اڳتي هلي، ممڪن آهي تہ پيدا ٿيندڙ/ ٿي سگهندڙ ڪجهہ مسئلن ۽ مونجهارن کي منهن ڏئي سگهجي.

هندو مت، شنتومت، ٻڌمت ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ عام مروج آهن. انهن لفظن لاءِ انگريزيءَ ۾ متبادل طور هندو ازم، شنتوازم، ٻڌازم وغيره جهڙا لفظ ڪم آندا ويا (پر، ڪي ٻتاواد، ممانس، سائنڪيا، لوڪيات، ويدانت وغيره جهڙا لفظ ساڳيءَ ئي صورت ۾ برقرار رکيل آهن). ان جو هڪ مطلب هي به آهي ته سنڌيءَ جو لفظ ”مت“ انگريزيءَ جي لفظ ”ازم“ بدران ڪم اچي سگهي ٿو. ”جامع سنڌي لغات“ [جُلد-5، 1988ع] ۾ لفظ ”مت“ جي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

• ”مَتِ“ ج مَتيون: ث. (سن. مَتِ = سمجهه) سمجهه-ٻوجهه-ٻُڌي-هوش-فهم-ادراڪ-پُرجهه-پروڙ-وقوف-هوش-حوصلو-چيتو-عقل-زيرڪي-خرد. دانائي-سياڻپ-هوشياري. سوچ-ويچار-خيال-غور-قياس-خوض. ڳٽت. ڌيان. انديشو-ڪٿَ-هَم ثَم-انسئو. ڏس-صلاح-رٿ-راءِ-اٽڪل. نصيحت-هدايت-اُپديش-سمجهاڻي-سبق. عادت-علت-هير-ورد. {۽ ٽوڪ واري انداز ۾ - ليڪڪ پاران} سيکت-سزا-جُٺ-مار-تنبيهه. [ص: 2585]

• مَتُ ج مَتَ: ذ. (سن. مَتَم = رايو) مذهبي ٽولي-پنٿ-فرقو-ڪوفو. ”مثلاً: ٻُڌ مَت وغيره.“ ڌرم-دين-مذهب-اُمت. ملت. ويساهه-نشچو-پروسو-ايمان-عقيدو-اعتبار-نياءُ درشن-نياءُ شاستر-سِڌانت-خاطري-پڪ. [ص: 2585]

”آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس (Learner`s) ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش“ ۾ لفظ ”ازِم“ (ism) جي معنيٰ هيءَ ڏنل آهي:

**Ism** /izəm/ **n** distinctive doctrine or practice (p.451)

**Ism** /izəm/ **suff** (used to form a **n**) 1. showing qualities typical of: Americanism; heroism. 2. Specific doctrine, principle or movement: Budhism; communism (p.1016)

**يعني**

**ازم**/اِزم/ اسم خصوصي تعليم يا عمل

**اِزم**/ اِزم پڇاڙي (اسم ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندڙ) 1. (ڪنهن جون به) خصوصي خاصيتون ڏيکاريندڙ: اميريڪنزم، هيروازم. 2. مخصوص تعليم اصول (متو) يا تحريڪ: ٻڌمت، ڪميونزم.

اهڙيءَ طرح ”ازم“ جي معنيٰ ۾ مفهوم جي ويجهو هي مطلب آهي: فرق رکندڙ متو اصول، عقيدو، تعليم، سکيا، سڏانت، سمجهه يا سوچ عمل، ڪم، عادت، واهپو، مشق يا دستور، مذهبي ٽولو پروسو ايمان، نياءُ وغيره.

ڪنهن به فرد يا ٽولي پاران مخصوص تعليم، سمجهه، نڪته نظر، نظريي يا اپياس جي ڪري، يا ان پٺاندر ڪيل عمل، سرگرميءَ يا عادت يا ان تي پروسو اعتقاد، ايمان، ويساهه رکڻ جي ڪري، انگريزيءَ ۾، ان فرد يا ٽولي يا لقاءَ يا نڪته نظر يا ڪوڄنا يا سرگرميءَ جي نالي پنيان ”_ ازم“ پڇاڙي ڳنڍي هڪ نئون اصطلاح وجود ۾ آندو (گهڙيو ٺاهيو) پئي ويو آهي. ان ڪري چوائين نه ڪجي ته سنڌيءَ ۾ هلندڙ طريقي موجب ڪنهن به فرد، ٽولي، نڪته نظر، لقاءَ يا سرگرميءَ يا نالي (لفظ) پنيان ”مَتُ“ ڳنڍي هڪ نئون اصطلاح وجود ۾ آندو (ٺاهيو) وڃي؟

”_اِست“ پڇاڙيءَ جي ساڳيءَ ڊڪشنريءَ ۾ هيءَ معنيٰ ڏنل آهي:

**_ist**/_Ist/**suff**(**n**+~=**n**) 1_ agent of an`_ize`v: dramatist; publicist. 2_ follower, practiser of an "_ism" industerialist; fascist. 3_ person concerned with a specific activity or thing: tobacconist; motorist.

**يعني**

_اِست/ است/ پڇاڙي (اسم+اِست= اسم) 1. ”_ائڻ“ ... (_ ارڻ) جو نمائندو جيئن (ڊرامائڻ، ناٽڪائڻ مان) ناٽڪي (ناٽڪيار)؛ (ليڪڪ). 2 _ ڪنهن ”ازم“ (_مت) جو پوئلڳ، ان تي هلندڙ: صنعتڪار (!) فاشست (!). 3_ ڪنهن به خصوصي سرگرميءَ يا شي سان واسطيدار: توبيڪونسٽ (!): موترسٽ (!)

جيئن ”_ ازم“ بدران سنڌيءَ ۾ ”مت“ رکڻ/ مقرر ڪرڻ جو خيال آيو تيئن، فطري هو ته، ”_ است“ جي بدران ”متارو“، ”متيو“، ”متي“ يا ”متر“ ذهن ۾ اچي. ”جامع سنڌي لغات“ [جُلد_5، 1988ع] ۾ ”متيو“، ”متي“ ۽ ”متر“ لفظ موجود ناهن. ”متڙيو“ به ناهي، باقي ”متارو“ سو آهي جنهن جي معنيٰ هيءَ ڏنل آهي:

• مَتارو ج متارا: ڏ. صفت. (سن مَدَ = مستي) ٿلهو_موٽو_ (بدن ۾) پريل_ڏُنبو_ ڏٿو مُٽو_سٽر وَٽر_چوبڪو_ڏَمتالُ_جبرو_جانٺو_قوي_جُنگ_سُڏر_يَٽو_جٽو_ زَٽو_ڦوڦانگ_دَؤنسو_مُتڪو_ڏِگ_سَبر_رُڏ. تندرست_چڱوڀلو_نمرو_جُوپ. چربيءَ وارو (چوپايو مال)_ چِڪنو_سٽيو_سَيرو_سوڪو (ٻڪرُ). چڱي چال وارو (گاجرا). ڏ. (ع.

مُطهرة = سانداري) مسافريءَ تي پاڻ سان گڏ پاڻي کڻي وڃڻ لاءِ چمڙي جي ٿيلهي- ڪَلِي-ننڍو ساندارو-پکال-مشڪ (پرمانند). (ث. متارِي ج متاريون).[1] [ص: 2585-2586]

---

[1] ٻوليءَ-ڄاڻ جي ماهرن لاءِ حد ادب رکندي، انتهائي نيڪ نيتيءَ سان هڪ گذارش عرض ڪجي ٿي جنهن تي اميد تہ ويچار ڪيو ويندو. ”جامع سنڌي لغات“ جي محققن، مرتبن ۽ جوڙيندڙن پاران اها ڳالهہ لڳ ڀڳ هر جلد ۾ ڄاڻائي وئي آهي تہ هر لغت ناهڻ لاءِ جنهن ڏيان ۽ تحقيق جي گهرج رهي ٿي اها ڪيترن ئي سببن جي ڪري نہ ٿي سگهي آهي. ٻيو تہ هن لغات ۾ ادبي توڙي عام مروج ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. گهربل تحقيق نہ ٿيڻ ۽ عام مروج لفظن جي عام مروج معنيٰ اچڻ جي ڪري وڏا امڪان موجود آهن تہ ڪي ڪوتون ۽ خاميون رهجي ويون هجن. ”جامع سنڌي لغات“ پڙهندي اهڙا سوين لفظ نظر ۾ آيا آهن جيڪي معنائن ۾ تہ ڄاڻايل آهن پر پنهنجي سري تي موجود ناهن. اميد تہ ايندڙ واري انهن ڳُسي ويل لفظن جي وچور ڏبي. هتي ”متارو“ سري هيٺ ڏنل معنيٰ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جي گهرج محسوس ٿئي ٿي. ”متاري“ جي معنيٰ ۾، وچ تي، عربي لفظ ”مطهرة“ ڏئي پوءِ ڪجهہ ”معنائون“ڏنيون ويون آهن جن جي وچ ۾ ناتو سمجهہ ۾ نٿو اچي. ممڪن آهي تہ زور سان ← ڏٽي ڀريل سانداريءَ (مشڪ، ڪليءَ) لاءِ اصطلاحن يا ڪن ٻين سببن جي ڪري (متاري) لفظ ڪم آيو هجي پر ان جو اشارو ”زور سان ڀريل“، ”ڏٽيل“، ”سٽيل، ٺونڊيل“ خاصيت ڏانهن تہ ٿي سگهي ٿو پر خود ”سانداريءَ“ ڏانهن نہ. ڇو تہ ”متارو“ اصطلاحن ٿلهي، ڏٽي مُٽي، سٻر، ٺوڦانگ، سوکي مُٽڪي وغيره ڏي اشارو ڪري ٿو. جيڪڏهن ” مطهرة“ ان ڪري ڄاڻايو ويو آهي تہ اهو عربي لفظ زماني ۾ اچار جي ڦير گهير سبب بدلجي متارو/ متاري ٿيو آهي تہ اها ڳالهہ بہ قابل قبول نہ ٿي ٿي سگهي ڇو تہ، جڏهن طاهر، طاهره، طوهر، تطهير، طهارت، ”طاهري“ وغيره جهڙن لفظن کي، جيڪي پڻ ساڳي ڌاتوءَ مان ٺهيل ٿا، ساڳيءَ صورت ۾ رکي سگهيا آهيون تہ پوءِ ڇو هرويرو ان هڪ لفظ ” مطهرة“ کي ڦيرائي کڻي متارو/ متاري بنايوسون؟ ۽ ”مطهرة“ جيڪڏهن متاري يا سانداري جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ آهي تہ ”جامع سنڌي لغات“ ۾ پنهنجيءَ گهربل جاءِ تي موجود ڇو ناهي؟

ٻيو عرض هي تہ ”متارو“ جي معنيٰ ڏيندي سنسڪرت جو لفظ ”مد“ (مستي) آندو ويو آهي. ڇا ”مد“ ڦري متارو/ متاري ٿيو آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ (1) ”مد“ ڦري ”مت“ ٿي ئي ”متارو“ ٿي سگهي ٿو يا (2) ”مد“ ڦري ”مدار“ يا ”مدارو“ ٿي پوءِ ”متارو“ ٿيو هوندو. اهي ٻئي صورتون صحيح نہ ٿيون ٿي سگهن ڇو تہ ”مت“ ۽ ”مدار“ ٻئي سنڌيءَ ۾ صاف اچارجن ٿا. ٽيون سبب هي ٿي سگهي ٿو تہ ”مد“ جي معنيٰ ”مستي“ متاري جي معنيٰ جي ويجهو هوندي پر ”متاري“ جي معنيٰ ۾ ڪو هڪ لفظ بہ اهڙو ناهي جنهن جي معنيٰ مستي نڪرندي هجي، ائين ڇو آهي؟ ائين ٿو لڳي تہ سنسڪرت جو لفظ ”مد“ (مستي) ”متارو“ ۾ ان ڪري ڄاڻايو ويو آهي جو لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ ”موکيءَ جا متارا“موجود آهن ۽ انهن کي ”مست“ سمجهي ”متارو“ جي ڌاتو ۾ ”مد“ ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي. عالم ماڻهو اهو بہ چون ٿا تہ ڪنهن لفظ جي ڌاتوءَ تي ڌيان ڏئي لفظ ۽ معنائون ڳولڻ بدران ان جي باري ۾ اڳواٽ ڪو تصور مقرر ڪري پوءِ ڌاتو ڳولڻ علمي قدرن موجب جائز ناهي. منهنجيءَ سمجهہ موجب ـ ”جامع لغات

ٻوليءَ _ ڄاڻڪ خوب ڄاڻو آهن تہ سنڌيءَ ۾ ڪيترن ئي مناسب لفظن جي پويان /_ر/، /_ار/، /_ارو/، /_ارڪ/، /_ارڪو/ ۽ ڪي ٻيا اکر پڇاڙيءَ طور ملائي /_وارو/، /_جو/، /_ڪندڙ/ ۽ اهڙيون ٻيون معنائون ڪڍيون ويندون آهن. جيئن سگهارو، سونهارو، مهارو، جهالارو، لوهر، لوهار، ڪنير، ڪنيار، (ڪنيارڪو)، ميهر، ميهار، ڏنار (ڏراڙ)، ڳنوار، ريڍار، مهاڙ وغيره. انهن ۾ اهڙن ٻين ڪيترن ئي لفظن جون پڇاڙيون پنهنجي لفظ جي معنيٰ پاڻ ئي ٻڌائن ٿيون، تہ پوءِ ڇو ”متارو“ جي اها معنيٰ موجود ئي ناهي جيڪا ٻولسڏُ (ڊڪشنري) جوڙڻ جي بنيادي اصول موجب اچڻ گهرجي؟

بهرحال، ”_است“ بدران ”متارو“ ڪجهہ واجبي سببن جي ڪري مناسب متبادل نظر نہ آيو.

ساڳيءَ طرح، ”_يات“ (علم، ڄاڻ) تي بہ ڌيان ڏيڻ جي گهرج محسوس ٿي. انگريزيءَ ۾ علم، ڄاڻ، هنر، پرک، پروڙ، گم، گيان، وديا، وڇا وغيره جهڙن لفظن جي اظهار لاءِ ڪيترين ئي پڇاڙيون (Suffixes) يعني اکرُ يا اکرَ، آوازُ يا آوازَ پد يا پدون) گهربل لفظ جي پويان ڳنڍي مرتب ۽ ڪن حالتن ۾ مرڪب لفظ ناهيو ويندو آهي. مثال طور، اڪائوسٽڪس (Acoustics)، سائبرنيٽڪس (Cybernetics)، مئٿميٽڪس (Mathematics) ۽ اردميٽڪس (ارٿميٽڪس (Arithmetics جهڙن مرتب لفظن ۾ پڇاڙي واري ”_ايس“ (_s)، ڊپلوميسي (Diplomacy)، فارميسي (Pharmacy)، اناٽومي (Anatomy) ۽ باٽني (Botany) ۾ پڇاڙيءَ واري ”_ واءِ“، آرڪيالاجي (Archaeology)، پئٿالاجي (Pathology)، ايسترالاجي (Astrology)، اينٽامولاجي (Antamology)، ۽ ”سنڌالاجي“ (Sindhology) ۾ پڇاڙيءَ واري ”_لاجي“ (_logy)، ايسترانامي (Astronomy) ۽ ايگرونامي (Agronomy) ۾ پڇاڙيءَ واري ”_نامي“ (_nomy)، جاگرافي (Geography) ۽ ”ٽائپوگرافي“ (Typography) ۾ پڇاڙيءَ واري ”_گرافي“ (_graphy) يا اڃا بہ رڳو ”واءِ“ (_y) وغيره. اهڙيءَ طرح ڪيترائي اهڙا بہ آهن جيڪي ڀريائين تہ ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ ڪم آيا پر پوءِ هڪ علم (ڄاڻ)

سنڌي“ ۾ هن لفظ ”متارو“ جي رڳو رواجي، اصطلاحي اشاراتي معنيٰ ڏني وئي آهي، حقيقي نہ. ”متارو“ جي حقيقي معنيٰ مت+وارو (مت+ارو) يعني سمجهدار، فهم رکندڙ عاقل، داناءُ، ڄاڻو سياڻو سوچيندڙ وغيره هجڻ گهرجي.

جي حيثيت وٺي بيٺا، جيئن فلوريڪلچر (Floriculture)، نيويگيشن (Navigation)، اريگيشن (Irrigation)، آرڪيٽيڪچر (Architecture) وغيره.

اردو وارن کي ساڳيو انگريزي لفظ جاري رکڻ يا وري ”-يات“ پڇاڙي ملائي ڪم ٽپائڻ جي مجبوري آهي ڇو ته اردوءَ جي پيڙهه هنديءَ جي جنهن اپ-ٻولي (اپڀاشا، لهجي، محاوري، Dialect) ۾ آهي، ان ڪان اردو جي لسانياتدانن کي ظاهري مذهبي ڪٽرپڻي جي ڪري نفرت آهي تنهنڪري اهي ”وگيان“ جهڙن لفظن کي پڇاڙيءَ طور ڳنڍي هلائڻ ناپسند ڪن ٿا ۽ ان ڪري پاڻ کي ”عالم“ بنائڻ لاءِ عربيءَ ۽ فارسيءَ ڏي تڪن ٿا. ياد رکڻ گهرجي ته اردوءَ وچ-ايشيا جي ان بظاهر مذهب پسند لشڪر ۾ جنم ورتو جيڪو هندستان ۾ حڪومت قائم ڪري رهي پيو هو.

پر سنڌيءَ سان اهڙو ڪو به مسئلو ناهي. سنڌي ڪنهن به قسم جي مذهبي/ ڌرمي ڪٽرپڻي کي روحاني ڳهراين سان ناپسند ڪن ٿا ۽ جوهر ۾ انسان دوست آهن. سنڌين جو ڀاڳ چئجي جو ڪين اهڙي ٻولي ملي آهي جيڪا ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جي ذهن ۾ پاڙون رکي ٿي ۽ ڏاڍي جٽادار، ”چيڙهالي“، لچڪدار ۽ ”هوڏي“ آهي جو صدين تائين ڌارين ٻولين جي سرڪاري حڪمرانيءَ باوجود ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ حاڪمن پاران انتهائي وير ۽ بي ڌيانيءَ باوجود نه رڳو پنهنجو وجود بچائيندي آئي آهي پر پاڻ کي سڪيو ستابو سهڻو مٺيادار ۽ ملهائتو به رکندي آئي آهي. سنڌ جي ويجهڙ ماضيءَ واري صورتحال جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ کان پوءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي ڪجهه شهرن ۾ دهشتگرديءَ جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته سنڌيءَ ٻوليءَ جي لاڳيتو اسرجندڙ، پکڙجندڙ، ڦلارجندڙ ۽ سگهارجندڙ وجود کي جاهل نموني ڏڪي/ ڦٽي سگهجي.

ڄاڻ، ٻُوجهه، پُرجهه، ڪَل، سُڌ، سمڪ، سماءُ، ڏس، پرو پرک، سرت، ساڃاهه، ڏيٺ، ٻُڌي، ڳم، گيان، وچا، وديا، هوش، فهم، علم، ذهن، فن، ڄاڻپ، ڪمر، ڪاريگري، چترائي، مهارت، ڳُن، ڳُڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي انگريزي ۾ ”علم“ لاءِ ذڪر ڪيل پڇاڙين جي متبادل طور آٽي/لکي/ڳالهائي سگهجن ٿا.

ساڳيءَ طرح ”-دان“ ۽ ”-داني“ تي به سوچڻ جي گهرج آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ عام واهپي ۾ آهن جن تي ٿورو به ڌيان ڏبو ته اسان تي سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهه جوهر کلي پوندا، جيئن ڄاڻو ڄاڻڪ، سڄاڻُ، سڄاڻو سڄاڻڪ، سياڻو پارک، پارکو سڌير، چيتر، ماهر، ڳڻوان وغيره.

اهڙيءَ طرح مرڪب ۽ مرتب لفظن جو انگريزي جيان، اسان کي هڪ اهڙو ذخيرو ملي پوندو جنهن سان اسين شعوري طرح ۽ سنڌيءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب، علمي ۽ لساني دنيا جي هڪ وڏيءَ کوٽ کي نہ رڳو پوري سگهنداسون پر آئينده لاءِ بہ نقاليءَ جو عذاب ۽ ٻوليءَ سان ”ڪيشٽ“ کان بچڻ جا نوان رستا مهيا ڪري وٺنداسون.

اهي ۽ اهڙيون ڳالهيون ذهن ۾ رکي هيٺ ڪجهہ لفظن جا مَٽ ڏجن ٿا انهيءَ وينتيءَ سان تہ انهن تي گهربل ڌيان ڏنو ويندو.

هن مضمون ۾ سهوليت لاءِ ڪي نشانيون مقرر ڪيل آهن جن کي ذهن ۾ رکيو وڃي:

_ پنهنجي پاران:

+ **انگلش-سنڌي ڊڪشنري**، اي. ٽي. شاهاڻي.

• **آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش**، اي. ايس. هارنباءِ

# **فيروز اللغات اردو جديد**، مطبوعہ: فيروز سنز لاهور

0 **يادگار ڊڪشنري**، سيد علي ڏنو شاهہ

~ (اهو نالو عنوان جنهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي).

$ **جامع لغات سنڌي**، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ

= (ڪجهہ پنهنجي ۽ ڪجهہ ٻين جي پاران)

## 1. ڳاڄجاڻ، ڳاڄپياس Acoustics

• آواز جي يا آواز بابت سُڄاڻَ (سائنس).

_ ڳاڄجاڻڪ: ~ جو ڄاڻيندڙ ماهر.

_ ڳاڄپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

_ ڳاڄپياسي: ~ جو/جي (ڳاڄجاڻو/ڳاڄجاڻي) (Acoustic)

($ **ڳاڄ** = برساتي ڪڪرن جو آواز-گوڙ-ڪڙڪاءُ-گجڪار-ڪڙڪو-گرج-گرجنا-ڌڌڪو-ڌڌڪر-گجگار- ... وڏو گوڙ-هُل-شور-هَنبَس-غلغلو-رڙمات...)

## 2. سوپياڄاڻ Aesthetics

+ علم خوبصورتي، رَس گيان، جماليات.

• فلسفي جي شاخ جيڪا [لڇڻاپ (morality) ۽ ڪارج (utility) جي ڀيٽ ۾] سونهن جي اصولن ۽ قانونن کي ڇنڊڪري ٿي.

ـ سوپيا ڄاڻڪ: ~ ڪي سمجهندڙ ڄاڻندڙ (Aesthete) { • جيڪو يا جنهن ڪي دعوا هجي تہ جيڪو ڪجهہ سهڻو آهي، خاص طرح فن (art) ۾ ان لاءِ ڪيس پيار آهي.}

ـ سوپيائي: ~ جو/جي (Aesthetic, aesthetical)

(0 جمالياتي).

($ سوپيا = سونهن ـ سهٽائي ـ حسن ـ خوبصورتي ـ حسن و جمال ـ زينت. ملوڪت ـ چڱائي ـ مٽيان ـ ديد ـ ڏيک ويک ـ صفائي ـ وٽڻ ـ سينگار ـ زيب ـ ٺاهہ ٺوهہ ـ رونق ـ ٺَٺُ ـ ڀِانيس ـ آراستگي ـ آرائش ـ نزاڪت ـ ٻيهڪ ـ ٺاهہ ـ اُهاءُ ـ تجلو ـ جلوو ـ جهلڪو ـ روشنائي ـ ڏُڃا ـ براج ـ تيج ـ ڪرانتي ـ ڀِڙڪي ـ پرتاب ـ ڏما ـ پيڪو ـ تجمل. عزت ـ آبرو ـــ حَرمت ـ مانُ ـ شانُ ـ آب).

### 3. اڏامڄاڻ، اڏامپياس Aeronautics

0 هوابازيءَ جو علم.

• اڏامڻ بابت سڄاڻ (سائنس) ۽ عمل.

ـ اڏامڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻيندڙ ماهر.

ـ اڏامپياسي: ~ جو/جي (اڏمڄاڻو/ اڏامڄاڻي).

($ اڏام = اڏامڻ جي حالت ـ اُڏائي ـ پرواز).

### 4. لڱڄاڻ، لِڱپياس Anatomy

+ علم تشريح بدن، انگ وديا.

0 انساني بدن جي بناوت جو علم، ماڻهوءَ جي عضون جي جوڙجڪ.

• جيئرن جي جسم جي بناوت بابت سائنس، ان (جسم) ڪي حصن ۾ ورهائي اڀياس ڪرڻ.

ـ لڱڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر (Anatomist)[2]

ـ لڱپياسي: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ (Anatomist).

ـ لڱپياسي: ~ جو/جي (لڱڄاڻو/لڱڄاڻي) (Anatomical).

---

[2] انگريزيءَ ۾ علم (سائنس، فن وغيره) جي ڄاڻو يا ماهر ۽ ان ئي علم جي سکندڙ پڙهندڙ يا شاگرد لاءِ ساڳيو ئي لفظ ڪم اچي ٿو. علمي گهرج آهي تہ انهن جي لاءِ ڌار ڌار ۽ مناسب معني ڏيندڙ لفظ ڪم آندو وڃي.

($ لڱ = عضوو ـ انگ ـ بدن ـ جسم ـ بازو ـ بدن جو ڀاڱو)

### 5. مانسڄاڻ (مانسپياس) Anthroplogy

0 بشريات، انسانيات، علم الانسان.

• ماڻهوءَ بابت سائنس، خاص طرح انسانذات جي ابتدا، اوسر (واڌ)، رواجن ۽ ويساهن (اعتقادن) بابت.

ـ مانسڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر (0 علم الانسان جو ماهر).

ـ مانسپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

ـ مانسپياسي: ~ جو/جي (مانسڄاڻو/مانسڄاڻي) (0 بشرياتي، انساني).

($ مانس = ماس ـ گوشت ـ ماهہ ـ لحم. $ مانسي = ماڻهوءَ جو ـ انساني) (ـ هتي "مانسي" جي معنيٰ ڏسي "مانس"، منش تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.)

### 6. (ٻـنَـڄاڻ) ٻنپياس Archaeology

+ پراچين وستو وديا.

0 آثار قديمہ جو علم، کنڊرن يا ٿُل نشانن جو مطالعو.

• قديم شين جو اڀياس، خاص طرح تاريخ کان اڳ واري دور جون بچيل شيون، مثال طور مقبرا، پورجي ويل شهر وغيره.

ـ ٻنڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻيندڙ ماهر (Archaeologist)

ـ ٻنپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ (Archaeologist)

ـ ٻنپياسي: ~ جو/جي.

($ ٻَنَ = آڳاٽي ٿُل شهر جا نشان ـ پراڻا آثار ـ قديمہ آثار. ٻِگل جايون ـ کنڊر).

### 7. انگپياس، انگڄاڻ Arithmetic

+ **انگي** حساب، علم ـ هندسہ.

0 حساب، حسابن جو علم.

• انگن بابت سُڄاڻَ، انگن سان ڪيڏڻ (Working)

ـ انگڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر (Arithmetician)

ـ انگپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ (Arithmetican)

ـ انگپياسي: ~ جو/جي (انگڄاڻو/ انگڄاڻي) (Arithmetical)

($ انگي حساب = حسابن جو ڪتاب ـ Arthimetic)

## 8. نکٽپياس، نکٽچاڻ Astrology

+ جوتش، نجوم.

0 نجوم يا جوتش جو علم.

• تارن جي حالت (ٻيهڪ، جاءِ، Position) جي اڀياس ڪرڻ جو فن خاص طرح اهو پروسو رکندي تہ اهي انساني معاملن تي اثر انداز ٿين ٿا.

ـ نکٽچاٽڪ: ~ جو چاٽندڙ ماهر.

ـ نکٽپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

ـ نکٽپياسي: ~ جو/جي (نکٽچاٽو/نکٽچاٽي).

($ نِکَٽُ = آسماني تارن جو هڪ ميڙ ـ گٽيون ـ برج ـ نکشتر ـ راس ـ تارو. آگم ـ جهڙ ـ رؤ. برجن جو اثر ـ وسوسو...)

## 9. تارا پياس، تارا چاڻ Astronomy

+ علم هيئت، تارن جو علم.

0 فلڪيات، علم هيئت، تارن جو علم.

• سج، چنڊ، تارن ۽ گرهن بابت سائنس.

ـ تارا چاٽڪ: ~ جو چاٽندڙ ماهر.

ـ تارا پياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

ـ تاراپياسي: ~ جو/جي (تارا چاٽو/تارا چاٽي).

## 10. جيوڙپياس، جيوڙچاڻ Bacteriology

+ جيوڙن جو علم.

0 جراثيمن يا جيوڙن جو مطالعو.

• ننڍڙن ۽ سادڙن (Simple، گهٽي ياڳي يڪ گهرڙيا) ساهوارن جي سائنس ۽ اڀياس.

ـ جيوڙچاٽڪ: ~ جو چاٽندڙ ماهر.

ـ جيوڙپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

ـ جيوڙپياسي: ~ جو/جي (جيوڙچاٽو/جيوڙچاٽي)

($ جيوڙو = ننڍو ساهوارو ـ جيت ـ جيوُ ـ جرثومہ ـ ڪِيئون ـ ڪِيڙو)

### 11. ليکسُڏ Bibliography

+ ڪتابن جي ياداشت

0 ڪتب نامون، ڪتاباياب

• 1. هڪ ليکڪ جِي، يا هڪ موضوع بابت ڪتابن يا لکڻين جي وچور.
2. ڪتابن جي مالڪيءَ (authorship)، ڇاپڻ وغيره جو اڀياس.

_ ليکسڏير: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.

_ ليکسڏي: ~ جو/جي.

### 12. جيوپياس، جيوڄاڻ (جيوتپياس، جيوتڄاڻ؟) Biology

(جِياپياس، جياڄاڻ؟)

+ علم حيات، جيو وديا.

0 حياتيات جو علم.

• جيئرن (ساهوارن، جاندارن-وڻن ۽ جانورن) بابت سائنس.

_ جيوڄاڻڪ (جياڄاڻڪ، جيوتڄاڻڪ): ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.

_ جيو پياسڪ (جيو پياسڪ، جيوتپياسڪ): ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

_ جيوپياسي (جياپياسي، جيوتپياسي): ~ جو/جي (جيوڄاڻو/جيوڄاڻي).

($ جِيوُ = ساهه-روح-جيءُ-آتما-زندگي. ساهوارو-جانور-حيوان. هر هڪ ساهوارو).

### 13. جياسُڏ، جياليک Biography

+ جيون چرتر، جنم ساکي، سوانح عمري.

0 آتم ڪٿا، سوانح حيات.

• 1. فرد جي حياتيءَ بابت ذڪر (يا ان جي حياتيءَ جي تاريخ) جيڪا ٻي (ڪنهن) ليکڪ لکي هجي. 2 . ادب جي هڪ شاخ جيڪا فردن جي حياتين (جي ذڪر) سان واسطو رکي ٿي.

_ جياليکڪ/جياسڏير: ~ جو لکندڙ/ ڄاڻندڙ

_ جياليکي/جياسُڏي: ~ جو/جي.

### 14. اوڀڙڄاڻ، اوڀڙپياسي Botany

+ نباتي علم، علم نباتات، ونسپتي وگيان.
0 ٻوٽن جو علم، علم نباتات.
• وڻن جي بناوت سائنس.
ـ اوڀڙجاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.
ـ اوڀڙپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.
ـ اوڀڙپياسي: ~ جو/جي (اوڀڙجاڻو/ اوڀڙجاڻي).
($ اوڀڙ = ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ يا وڌڻ جي حالت. ونسپتي ـ اوسَرِ "وڃنِ وڻ ٻرِي، اوڀڙِ اپري ڪين ڪي." (شاهه)
($ اوڀڙُ= ٻوٽن وغيره جو ڦوٽهڙو. گاهه، ٻوٽو. وڻ ٽڻ "امت جي آخوند، اوڀڙ سڀ اپاريا" (ڏتو))

## 15. ڏوهجاڻ، ڏوهپياس Criminology

+ علم گناهه.
• ڏوهن جو اڀياس.
ـ ڏوهجاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.
ـ ڏوهپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.
ـ ڏوهپياسي: ~ جو/جي (ڏوهجاڻو/ڏوهجاڻي).
ـ ڏوهاري: ڏوهه ڪندڙ.
ـ ڏوهي: ڏوهه جو/جي.
($ ڏوهه = گناهه ـ پاپ ـ تقصير ـ اپراڌ ـ قصور ـ جرم ـ دوش ـ الزام. خطا ـ ڀُل ـ چوڪَ ـ غلطي ـ عيب ـ سقم ...)

## 16. ڏندجاڻ، ڏندپياس Dentistry

= طب جي شاخ جيڪا ڏندن جي بناوت، اوسر، صحت، ٻرائيءَ، صفائيءَ، نيڪاليءَ وغيره بابت ڄاڻ مهيا ڪري.
ـ ڏندجاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.
ـ ڏندپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.
ـ ڏندپياسي: ~ جو/جي (ڏندجاڻو/ڏند ڄاڻي)

### 17. ڪَلپياس، ڪَلڄاڻ (چَمپياس، چَمڄاڻ) Dermetology

• ڪَل ۽ ان جي بيمارين وغيره جي طبي ڄاڻ.

ـ ڪلڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.

ـ ڪلپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

($ ڪل = بدن جو مٿيون پوش ـ چمڙي ـ چم ـ چوڙو ـ چوڙي ـ پوست ـ کوپو ـ اڏوڙ ـ چوڏو ـ ڇِلُ ...)

= طب جي شاخ جيڪا ڪل (چم) جي بناوت، بيمارين، علاج وغيره بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿي.

### 18. ٻولسڏ Dictionary

+ لغت، ڪوش، فرهنگ.

0 لغت.

• ٻوليءَ جي لفظن ۽ انهن جي معنيٰ/تشريح جو ڪتاب.

### 19. جيتپياس، جيتڄاڻ Entomology

+ جيت جنتر وديا.

• جيتن جو اڀياس.

ـ جيتڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.

ـ جيتپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ.

ـ جيتپياسي: ~ جو/جي (جيتڄاڻو/ جيتڄاڻي).

($ جيت = تمام ننڍڙو ساهوارو ـ ڪِيڙو ـ مڪوڙو ـ جِنَڏ)

### 20. لڇڻپياس، لڇڻڄاڻ Ethics

+ اخلاقي علم، نيت شاستر، نيتي.

0 اخلاقيات

• لڇڻن جي سائنس

ـ لڇڻڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.

ـ لڇڻپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سڪندڙ.
ـ لڇڻپياسي: ~ جو/جي (لڇڻڄاڻو/لڇڻڄاڻي)

## 21. نسلپياس، نسلڄاڻ Ethnology

+ قومن جو علم
0 نسليات جو علم
• انسانذات جي نسلن بابت سائنس.
ـ نسلڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ/ ماهر.
ـ نسلپياسڪ:~ جو پڙهندڙ سڪندڙ.
ـ نسلپياسي: ~ جو/جي (نسلڄاڻو/نسلڄاڻي)

## 22. نسلسُڌ، وَنسڌُ (ونس= اولاد + سڌ) Ethnography (ڄَڻسڌ)

($ ونساوَلي = شجرو، نسب نامو ـ سلسلو ـ حسب نسب)
• انسانذات جي نسلن جي سائنسي تشريح
ـ نسلڌير (ڄڻسڌير، ونسُڌير): ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.
ـ نسلسڌي: ~ جو/جي (ڄَڻسڌي، ونسُڌي)

## 23. ٻولڄاڻ ٻولپياس (واڪيڄاڻ، واڪيپياس) Etymology

+ صِرف، بنياد، اشتقاق، ڌاتو.
0 لفظن جي اشتقاق جو علم.
• لفظن جي بُڻ ۽ تاريخ بابت سائنس، لفظن جي بڻ ۽ تاريخ جو بيان.
ـ ٻولڄاڻڪ (واڪيڄاڻڪ): ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.
ـ ٻولپياسڪ (واڪيپياسڪ) : ~ جو پڙهندڙ سڪندڙ.
ـ ٻولپياسي:~جو/جي (ٻولڄاڻو/ٻولڄاڻي، واڪيڄاڻو/واڪيڄاڻي، واڪيپياسي).
($ ٻولُ = سخن ـ گفتو...قول ـ عهد ... ننڍڙي ٻار جو منڙو ڳالهاءُ...)
($ واڪُ = لفظ جملو شبد، ٻولي، چوڻي ـ وچن ـ ڪالم... چوڻ ـ ٻولڻ. پهاڪو...)

## 24. ٻلوَنسڄاڻ Eugenics

+ اولاد سڌار علم
• انساني جيڻاڻتو (genetic نسلي) مواد (ذخيرو stock) وڌائڻ جي مقصد سان تندرست ٻچاڻ (off spring) جي پيدائش بابت سائنس.

ـ ڀَلونسڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر.

ـ ڀَلونسڄاڻي: ~ جو/جي (ڀلونسڄاڻو)

## 25. جِيٽِپياس، جِيٽِڄاڻ Genetics

• نسلي ورثي سان واسطو رکندڙ سائنس (جيوپياس جي شاخ) ته ڪيئن وڏن جي شڪل شبيهه ٻچاڻن ۾ منتقل ٿئي ٿي.

ـ جيٽڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻيندڙ ماهر

ـ جيٽپياسڪ: ~ جو سکندڙ پڙهندڙ

ـ جيٽپياسي: ~ جو/جي (جيٽڄاڻو/جيٽڄاڻي)

(جيڻ = Gene جيوگهرڙي ۾ "ڪروموسوم" جو اهو ايڪو جيڪو نسلي ورثي کي ڪنٽرول ڪري ٿو)

## 26. ڏٽيمت (ڏٽيءَ مت، ڏٽي ـ مت) Theism

+ ايشور واد، هڪڙي خدا ۾ يقين

• ڪائنات جي خالق ۽ حاڪم الهامي (پُرجهيل، ڪليل، ظاهر ظهور (revealed) خدا جي وجود ۾ ويساهه (پروسو ايمان، اعتقاد)).

= هڪ ڌرمي/مذهبي فلسفو جيڪو مَٿ ـ فطري (supernatural) هستيءَ طور خدا جي ذاتي (شخصي personal) وجود جي ڄاڻ ڏي ٿو. اها هستي فطري طرح سبب (rerson) ۽ حڪم (سَڌ will) جو اختيار (وس) رکي ٿي ۽ ماڻهن جي حياتين (زندگين) سان گڏ سمورن مادي ۽ روحاني عملن (processes) تي ڳجهي (غيبي) نموني اثر وجهي ٿي. ~ موجب دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو اهو الوهي اڳ ـ ڳڻ (providence) جي ڪري ٿئي پيو جنهن تي، چيو پيو وڃي ته، قدرت جي قاعدن جو دارومدار آهي.

ـ ڏٽياڪ (ڏٽيءَ مت تي پروسو رکڻ وارو) Theist

(+ آستڪ، هڪڙي خدا ۾ يقينو رکندڙ ايشور وادي)

ـ ڏٽيو (ڏٽي مت جو) Theistie ڏٽيائي (ڏٽيءَ مت وارو/بابت) Theisical

## 27. مٿ ـ فطري (متفطري) (فطرت کان مٿاهون) Supernatural

+ آتِي سياويڪ، خدائي، عجيب، ڪرامتي (آتِيسَياويڪ = غير معمولي)

0 مافوق الفطرت، عام انسانن جي سطح کان مٿي

• روحاني (spiritual)، اهو جنهن کي فزڪس جي قانونن وسيلي قابو (control) ڪري ۽ سمجهائي نہ سگهجي.

## 28. ڏيجاڻ/ڏيپياس (ڏٺيءَ ڄاڻ، ڏٺي-ڄاڻ، ڏٺيءَ+اپياس) Theology

+ ايشور وديا، علم خدائي، برهم گيان

0 دينيات جو علم، علم الڪلام

• 1. خدا جي فطرت جو ۽ مذهبي/ڌرمي ويساهن (اعتقادن) جو رسمي اپياس. 2. ڏٺيءَ ڄاڻو سرشتو يا ان جي سمجهاڻي

#(علم الحقيقت کي Theology ڄاڻايو اٿس)

ـ ڏيجاڻڪ (ڏيئجاڻڪ): ~ ماهر يا ان جو سکندڙ/ پڙهندڙ Theologician

ـ ڏيجاڻو (ڏيئجاڻو): ~ ڏٺيءَ ڄاڻ جو Theological

ـ (ڏيٺيئجاڻ طور) Theologically

## 29. ڏيسگهہ (ڏٺيءَ سگهہ، ڏٺي-سگهہ، ڏيسگهہ) Theocracy

+ ڏٺيءَ جي حڪومت، خدائي راڄ

0 ديني حڪومت، ملائن جي حڪومت، ملائيت

• حڪمرانيءَ جي (اهڙي) سرشتي (وارو ڏيهہ) جنهن ۾ رياستن جي قانونن بابت سمجهيو (پروسوڪيو) ويندو آهي تہ اهي خدا جا قانون آهن. (ان ڪري) پادرين (مُلن، پنڊتن، ڀاون) پاران يا انهن جي طبقي جي حڪومت.

ـ ڏيسگهي: ~ جو/جي Theocratic

ـ ڏيسَگهہ بدران **ڏياراڄ** يا **ڌرمراڄ** ۽ ڏيسگهار بدران **ڏياراڄڪ** يا **ڌرمراڄڪ** بہ ٿي سگهي ٿو)

## 30. ڏيسَماءُ (ڏٺيءَ سماءُ، ڏٺي-سماءُ، ڏيئسماءُ) Theosophy

+ برهم وديا، علم الاهي، خدائي ڳالهين جو علم

0 فلسفيانہ دين ڪجهہ ضرور هوندو آهي (؟)

# اهو عقيدو يا اصول تہ هر ماڻهو سڌو سنئون خدا جي معرفت ۽ وجدان ماڻي سگهي ٿو.

• فلسفي جي ڪيترن ئي سرشتن مان ڪو بہ هڪ جيڪو روحاني وجد (موج ۽ مراقبي (Contemplation) وسيلي خدا جي سڌي ڄاڻ جو مقصد رکي.

ـ ڏٽيسمائڪ: ~ ۾ پيروسو رکندڙ مڃيندڙيا پسند ڪندڙ Theosophist

ـ ڏٽيسماري: ~ جو/جي Theosophical

## 31. ڏٽيئاچاري (ڏٽيءِ آچار ڏٽيءِ نياءُ، ڏٽيئا چارپ) Theodicy

= فلسفيانہ۔ڌرمي/مذهبي گرنٿن/ڪتابن کي مقرر (طي) ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ اصطلاح. اهي ڪتاب جيڪي دنيا ۾ هڪ قادر مطلق، چڱي (سٺي)، خالق ۾ ويساهہ هڪ پاسي، ۽ بڇڙائيءَ (evil) ۽ ناچاريءَ (انياءُ، بي انصافي) جو وجود، ٻي پاسي، جي وچ ۾ ڇِتي ۽ نااهي جهيڙي کي صحيح (سچو) ثابت ڪري سگهن. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ فلسفيانہ ادب جي هڪ پاٽيري شاخ ٿي وئي.

ـ ڏٽيئاچارڪ: ~ ۾ پيروسو رکندڙ مڃيندڙيا پسند ڪندڙ.

(ڏٽيئاچاري بدران **ڌرماچاري** ۽ ڏٽيئاچارڪ بدران **ڌرماچارڪ** بہ ٿي سگهي ٿو)

## 32. الهجاڻ Theogony

= اِلَهن (ديوتائين gods) جي ڄڻ بابت ڌرمي ڏند ڪٿائن جو سر شتو الهن جِيٽجاڻ (Geneology) يا ابتدا بابت علم. يورپي ادب ۾ قديم يوناني ڏند ڪٿائن جو پهريون ڄاتل شاعراڻو مجموعو هيسياڊ (800 ق م) جو **ٿِيئگوني** هو. ٿيئگوني فيوئر باخ جي 1857ع ۾ ڇپايل هڪ ليکت جو عُنوان آهي.

## 33. آڏٽيمت Atheism

+ ناستڪمت، ناستڪي

**0** اهو ويساهہ تہ (ڪو بہ) خدا موجود ناهي.

= متفطري هستيءَ يا هستين ۾ ويساهہ کي رد ڪندڙ سوچن (نظرين) جو سرشتو.

~ ڌرم، پنٿ، مذهب جي وسيلن (ٻڻ، ذريعن) جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو ۽ ان جي نيسر (نسرڻ) جا ڪارڻ ٻڌائي ٿو. ڪائنات بابت سائنسي اپياس جي نڪتہِ نگاهہ کان ڌرمي متن (نيمن، عقيدن) تي تنقيد ڪري ٿو ڌرم جي سماجي ڪردار کي کولي ٿو ۽ ڏيکاري ٿو تہ مذهبي ساڙن (تعصبن، تنگ نظريءَ) پنيان ڪنهن جو هٿ آهي ۽ ان تي ڪيئن ضابطو رکي سگهجي ٿو. جيئن جيئن سائنسي ڄاڻ وڌي ٿيئن ~ بہ اسرندو ۽ وڌندو ويو. ~ جو فلسفيانہ بنياد ماديت (مادو+مت = Materialism) آهي. ~ جي نظرين هڪ سرشتي جو روپ غلاميءَ واري راڄ ۾ ورتو ۽ ان جي ڌرمن خلاف جدوجهد طبقاتي هَلاچَلي سان گهاٽيءَ طرح ڳنڍيل آهي. ٿيلس، اناڪزيمينس، هيراڪليتس،

ديموڪريٽس (دمقراط)، ايپيڪيورس، زينوفينس ۽ ٻين جي لکيتن ۾ ~ جا ڪجھ جزا موجود آهن. انهن هر لقاءَ جي تشريح لاءِ قدرتي ڪارڻ پيش ڪيا. سنڌن پهچ ڪهري هئي. وچين (وچاڙ Medieval) دور ۾، جڏهن چرچ ۽ ڌرم ڇانيل هئا تڏهن ~ تمام ٿوري ترقي ڪئي. سرمائيڪي ~ ڌرمي حڪمراني هيٺ ڪرائڻ ۾ ڳڻڻ جوڳو ڪردار ادا ڪيو. سرمايڪ (Capitalist) اڏيٽڪن (اڏيٽمت ڪي پسند ڪندڙن) پاران چرچ جي موتار (Reactionary) فطرت جي ڪول (اوگهڙ) جاگيرپ خلاف جدوجهد ڪئي ۽ ان جي تباهيءَ ڪي سولو ڪرڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. سرمايڪ ~ بهرحال پنهنجي مواد ۾ گهٽيل ۽ گُهٽيل، ڪردار ۾ راهه روشن ڪندڙ ۽ هڪ ننڍي دائري ۾ اثر رکندڙ هو. ~ پنهنجي ناهوڪي (رچيل) صورت مارڪسمت-ليننمت ۾ ورتي. مارڪسي ~ طبقاتي حد بندين کان آزاد ۽ ڪردار ۾ ڪلي-ڪوڙيو آهي.

- اڏيٽڪ (اڏيٽاڪ) (اڏيٽمت تي ڀروسو رکندڙ مڃيندڙ پسند ڪندڙ Atheist (+ ناستڪ، مشرڪ، منڪر، دهريو)
- اڏيٽيو (اڏيٽمت جو Atheistic
- اڏيٽيائي (اڏيٽمت وارو/ بابت) (Atheistical)

## 34. يڪڏيٽمت (يڪڏيٽيپ، يڪڏيٽياپ) Monotheism

+ هڪ ايشور کي مڃڻ جو عقيدو

0 هڪ خدا ۾ عقيدو وحدانيت

• متو (اصول، سکيا، تعليم) تہ رڳو هڪ خدا موجود آهي (گهڻڏيٽمت جي ابتڙ ڏسو: گهڻڏيٽيمت).

= هڪ خدا جي پوڄا (مڃتا، عبادت، بندگي). آڳاٽي زماني ۾، جڏهن اڃا راڄ (سماج) جي جوڙجڪ ۾ اوسر تي رهي هئي، ٻيوس، هيٺو ۽ اڻڄاڻ ماڻهو ڪيترن ئي قسمن جي ڀوتن، الهڙن ۽ ديون (۽ ڀوتڻين، الهڙين ۽ ديوين) جي هڪ (وهمي) وجود کي مڃڻ لڳو جيڪي لڳ ڀڳ هر هڪ وٿ، گرڻ ۽ لقاءُ لاءِ هڪ الڳ وجود رکندڙ سمجهيا ويندا هئا. اها سمجهہ هوري هوري وڌي گهڻن الهن (ديوتائن (gods) جي وجود تي ايمان آڻڻ لڳي جن مان هر هڪ جو هڪ نوس وجود، نالو ۽ پنٿ (cult) هو. پورهيي جو راڄوٽي (سماجي) ورهاست ــ هڪ ٽولي جي حاڪمي ۽ گهڻن ماڻهن جي محڪومي هوري هوري الهن (ديوتائن) جي هڪ رياست جي شڪل وٺي ويئي. راڄ جي واڌ ۽

پکيڙ، غلامَ-رکندڙ سرشتي جي جمت، يڪراجائي (يڪشاهي، هڪ بادشاهہ يا شهنشاهہ جي حڪمراني) سلطنت ڏانهن وني ويئي. ان ڪري هڪ ڏاڍي وڏي ديوتا (يا ديوتائن جي ديوتا، جيئن يونان ۾ زيوس ديوتا) جو تصور پاڙون پڪڙڻ لڳو ۽ هوري هوري الهہ-گهر (پئنٿيئن) مان هڪ، سڀ ڪيو تي وس رکندڙ (ڪُلوَس يا سرو شڪيتوان) وڏو-ديوتا اڪيلو ٿي نروار جي آيو. گهٽڏيمت جا نشان اڄ بہ ~ ۾ پويل ملن ٿا جنهن جو هڪ مثال اڄوڪو عيسامت آهي.

- يڪڏٽيئڪ (يڪڏٽياڪ): ~ ڪي مڃيندڙ پسند ڪندڙ پروسو رکندڙ Monotheists

- يڪڏٽيو (يڪڏٽيائي): ~ جو Monotheistic

## 35. ترڏٽيمت (ترڏٽيئپ، ترڏٽيائپ) Pantheism

+ سرو ايشور واد، ويدانت مت، متو جنهن ۾ سڀ ڪي خدا ڄاڻجي.

0 همہ اوست جو نظريو هر شَي ۾ الله جي موجود هجڻ جو نظريو.

• اعتقاد تہ خدا هر شيءِ ۾ موجود آهي ۽ هر شيءِ خدا آهي. سيني الهن ۾ ايمان ۽ انهن جي پوڄا.

= هڪ فلسفيانہ تعليم جنهن موجب خدا هڪ اڏات (غير شخصي Impersonal) مول (اصول، متو سياءُ) آهي جيڪو قدرت کان ٻاهر (پَري) ناهي پر ان سان ساڪيات (هوبهو ساڳيوئي) آهي. ~ خدا کي متفطري جزي طور رد ڪندي قدرت ۾ حل ڪري (ملائي، جذب ڪري) ڇڏي ٿو. اهو اصطلاح ٽولنڊ سجاڻايو جڏهن تہ اڳوٽي ~ ۾ چڱيءَ حد تائين قدرت بابت ماديئڪ (مادو+وارو مادي مت کي مڃيندڙ واريون) سوچون سمايل هيون (مثال طور برونو ۽ خاص ڪري اسپائينوزا) پر هاڻي اهو (~) خدا ۾ دنيا جي وجود واري خيالڪ (خيال+وارو خيالمت کي مڃيندڙ) نظريي ۾ بدلايو ويو آهي ۽ هڪ اهڙو جتن آهي جنهن ۾ سائنس کي ڌرم سان ناهہ ڪرايو (پرچايو هيرايو) پيو وڃي.

- ترڏٽياڪ: (~ کي مڃندڙ پسند ڪندڙ پروسو رکندڙ) pantheist

- ترڏٽيو: (~ جو/جي) pantheistic

## 36. گهٽڏٽيمت (گهٽڏٽيمت، گهٽڏيائپ) Polytheism

+ گهڻن ديوتائن جي پوڄا، انيڪ ديومت

0 شرڪ، هڪ کان وڌيڪ خدائن ۾ عقيدو

• هڪ کان وڌيڪ الهن (ديوين، ديوتائن) ۾ ويساهه يا انهن جي پوڄا.

= آڳاٽي زماني ۾، جڏهن راڄوٽي ناتن جي جوڙجڪ ۾ اوسر اچا تي رهي هئي، ماڻهو ڪيترن ئي قسمن جي ڀوتن–پريتن، ديون–ديوين، خيالي وجودن کي مڃڻ لڳا جو ڪين اهو صحيح نموني سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته، مثال طور : هوا ڇو پئي گُهلي (ڪڏهن ماٺي، ڪڏهن هوري، ڪڏهن تيز ته ڪڏهن مورڳو ڀاڙون–اکيڙيندڙ). پاڻي ڇو پئي وهيو (ڪڏهن ترا ڪڙو، ڪڏهن تار، ڪڏهن ٻنا ٻوڙ ته ڪڏهن مورڳو ٻوڏ). وڻ ۽ ٻيا ”ساهوارا“ ڇو پئي ڄاوا، نپنا ۽ وڌيا ويجهيا ۽ مُئا ۽ مرڻ کان پوءِ سندن ڇا پئي ٿيو خواب ڇا هئا ۽ انهن ۾ ڪيترن ئي نمونن/روپن جا وجود (۽ خاص ڪري مري ويل وجود) ڇو پئي ڏيکاريا. ڏينهن ۽ رات ڇو پئي ٿيا. سج، چنڊ، تارا ڇا هئا ۽ ڏينهن جو ڪاڏي پئي ويا وغيره. ماڻهوءَ کي حقيقت ته سمجهه ۾ نه آئي پر پنهنجيءَ محدود ڄاڻ جي بنياد تي هن اها تاويل گهڙي ته ڪي اهڙيون نظر نه ايندڙ ”هستيون“ ۽ ”قوتون“ هيون جن اهو ۽ اهڙو سڀ ڪجهه پئي ڪيو. انهن هستين/قوتن کي جيڪو بہ نالو ڏنو ويو هجي پر ڀوت، ديو ديوتا ۽ وڏا ديوتا انهن جو ئي اسم عام آهن. اها ”سمجهه“ هوري هوري وڌي، سڌري ۽ پڪي ٿي، انهيءَ وچ ۾ جن لقائن، شين ۽ وهمن جو سبب سمجهه ۾ آيو انهن بابت ديوين/ديوتائن جو تصور ختم ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح انهن لاءِ ڪارڻ مجيل هستي جي وهم کان جند ڇٽي ۽ اجا بہ جيڪو ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو تنهنجو ڪارڻ ڪو نه ڪو مثفطري وجود–ديو ديوي، ديوتا–سمجهيو ويو جنهن جو هڪ نوس وجود مڃيو پئي ويو. ان کي هڪ خاص نالو ڏنو ويو ۽ اهو ڪو هڪ (يا ڪجهه خاص ڪم ڪندڙ سمجهيو ٿي ويو ۽ ان ئي حوالي سان سندس مڃتا، پوڄا ڪئي ويندي هئي، ديو ۽ ديويءَ جي ان صورت سڌري ديوتا (الهه، الاهه، عام خدا) جي حيثيت ورتي.

– گهڻڏٽياڪ: ~ کي مڃيندڙ پسند ڪندڙ پروسو رکندڙ

– گهڻڏيو: ~ جو/جي Polytheistic

## 37. ديومت (ديوائپ) Fetishim

+ جڙ پوڄا

• خاص ڪري پاڳن (غير ڪرسچن/عيسائي، ڪافر، بت پرست، عيسائين پاران عيسامت کان سواءِ باقي لڳ ڀڳ سيني ماڻهن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ) ماڻهن پاران

مختلف وَٿن (شين، لقائن، تصورن) جي پوڄا. ڇو تہ اهي انهن وٿن ۾ روح (آتما Spirit) موجود هجڻ جي پٽ رکن ٿا.

= قدرت جي وٿن ۽ لقائن جي پوڄا. جهونڙي راڄ ۾ ڌرم جي هڪ اڱوٽي (قديم صورت. 1760ع ۾ فرانس جي هڪ تاريخ ـ ڄاڻو ۽ ٻوليءَ ـ ڄاڻڪ ٻيهر ~ جي سڃاڻپ ڪرائي. مادي جي شين جو جوهر نہ سمجهندي ڪيترن ئي ماڻهن انهن ۾ متفطري خاصيتن جي موجودگي محسوس ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ويساهہ رکڻ لڳا تہ اهي وٿون (انهن کي جوڙيندڙ هلائيندڙ ديو ـ ديوين) سندن سَڏن کي سُڪيو (مطمئن) ڪن ٿيون. ~ اوتارمت (Toemism) ۽ سِرڪ (جادو طلسم Magic) سان ڳنڍيل آهي. ~ ڪيترن ئي سرتن مذهبن ۾ بہ موجود آهي (جيئن مورتين يا بتن ۽ صليب جي پوڄا وغيره).

ـ ديوڪَ: ~ ۾ ويسو رکندڙ پسند ڪندڙ مڃيندڙ

ـ ديويائي: ~ جو/جي.

## 38. اوتار مت (اوتارپ) Totemism

+ ڪا بہ قدرتي شيءِ (ڊِڳو وغيره) جنهن کي ڪنهن ديوتا جي مُورتي ڄاڻي ان جي عزت ڪجي.

0 (ٽوٽيم Totem = خانداني نشان)

• (ٽوٽيم = (خاص طرح اتر ـ اميريڪي انڊين ۾) ڪنهن بہ قدرتي وٿ (شَي) خاص ڪري جانور کي پنهنجي خانداني ٽولي جي نشان طور مقرر ڪرڻ، تہ جيئن پاڻ ۾ واسطو رهي).

= جهوني نياتي (پنچايتي) راڄ وارن ڌرمن ۾ هڪ ڌرم. هڪ اصطلاح جي حيثت ۾ پهريون ڀيرو ~ 18 ـ صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري جاهن لانگ ڪم آندو. ~ جو مکيہ ويساهہ ڳڏيل ٻڻ ۾، رتيري مائٽيءَ (blood relationship) ۽ جانور وڻ، وٿ يا لقاءُ جي مخصوص قسم سان ماڻهن جي ٽولي جي سنگت (ٻڌيءَ، مائٽي) ۾ آهي. ~ جي اوسر قَديم معيشت (ميوا ميڙڻ، شڪار ڪرڻ وغيره) ۽ سڳابنديءَ سان گڏ ٻين سماجي ناتن بابت ڄاڻ جي کوٽ ۾ ملي ٿي. اوتار جو ابتدائي تصور جانور ـ وڏڙو ان جي شبيهہ (portayal) يا نشان، ۽ ماڻهن جو هڪ ٽولو پڻ آهي. اوتار ماڻهن جو سگهارو محافظ، ڪين ڪاڄ رَسائي ٿو. ~ آسٽريليا، اتر ۽ ڏکڻ اميريڪا، ملائيشيا، پولينيشيا ۽ آفريڪا جي پراچين (اصلي، قديم) قبيلن ۾ ڏاڍو پکڙيل آهي. ~ جو پاڇولو اسريل

مذهبن ۾ (خدا کي پيءُ سڏڻ/سمجهڻ، ”لارڊ“ سڏڻ وغيره) ۽ لوڪ ڪهاڻي ( folk lore) ۾ محفوظ آهي (جيئن ماڻهن ۽ جانورن جي وچ ۾ پيتارڪيِ (مڙس واري Marital) ۽ رتيري سڳاوتي بابت ڳالهيون).

ـ اوتارڪ: ~ ۾ پيروسو رکندڙ پسند ڪندڙ مڃيندڙ

ـ اوتارڪي: ~ جو/جي

## 39. الهراڇپ، الهراڇمت (خدا شاهيمت، خدا شاهپ Chiliasm

= ڌرتيءَ تي ”خدا جي بادشاهيءَ“ بابت مذهبي متو جيڪا (بادشاهي) دنيا جي انت کان هڪ هزار ورهيه اڳ تائين هلندي رهندي. ~ يهودمت ۽ ابتدائي عيسامت ۾ سياويڪ (سمايل، لڪل، پوبل) هئي جنهن ۾ اها مسيحا ـــ چوتڪارو ڏيندڙ ـــ جي وري اچڻ واري سوچ جي صورت ۾ موجود هئي. ~ وارين سوچن غلامن ۽ غريبن کي ڪشش ڪئي. رومي سلطنت جو سرڪاري مذهب ٿيڻ کان پوءِ، عيسامت ڌرتيءَ تي شين جي ترتيب (بناوت) ۾ ڪنهن بہ تبديلي اچڻ کان هٽ ڪٽي ڇڏيو ۽ دنيا ۾ انعام، (ڦل، اجر، ثواب) جي سوچ کي زور وترايو ۽ ~ کي هڪ ڪوڙي تعليم سڏي رد ڪيو. وچاڙدور ۾ ~ ڪيترن ئي پاکنڊي (لادين، آڌرم) تعليمن ۽ (جن ۾ جاگيردارڪي ڦرلٽ خلاف هارين ۽ شهري غريبن وسيلي سماجي احتجاج جو مذهبي ڍڪ ڏيکاريو) سڏاريو ويو. اڄڪلهہ ~ ڪن ڌرمي فِرقن جي موتار (reactionary) سوچن جو حصو آهي.

ـ الهراڇڪ: ~ ۾ پيروسو رکندڙ پسند ڪندڙ مڃيندڙ

ـ الهراڇي: ~ جو/جي

## 40. الهمت، الهپ Deism

+ ڊيئسٽ (Deist) جيڪو ڏٽيءَ جي هستي مڃي پر الهام نہ مڃي، صوفي.

• خدا يا خدانما (الاهي، ايشور Divine) هستيءَ جي وجود ۾ ويساهہ رکندڙ پر ڪنهن بہ ڌرمي مَتي (نيم، اصول، سڌانت) يا الهام کي نہ مڃيندڙ.

= دنيا جي هڪ اڌات اتم ڪارڻِ جي حيثيت ۾ خدا جي وجود ۾ ويساهہ. الهي (deistic) نڪتہءِ نگاهہ موجب دنيا خلقجڻ کان پوءِ خود پنهنجن قانونن جي عمل (operation) سان ٻڌل هئي. ~ پهريائين انگلينڊ ۾ ظاهر ٿيو. هربرٽ آف چيربريَ (1583ـ1648ع) ~ جو خالق هو. جتي جاگيري ڌرمي تصور ڇانيل هئا اتي ~ گهٽي قدر اڌٽيمت جو ڳجهو (سونسائي، وهمي Superstious) ڊولَ ۽ ڌرم جون پاڙون پٽڻ لاءِ

ماديئڪن جو سهنجو (ڪاراڻتو) اوزار (device) هو. رُوسو ۽ والٽيئر فرانس ۾، لاڪ، نيوٽن، ٽولئنڊ ۽ اينٿوني ايشلي ڪُوپر شافٽسبري انگلئنڊ ۾ ۽ راش چيف، آءِ. پنن، آءِ. پرتوف ۽ ٻيا روس ۾ ~ جا سمجهائيندڙ هئا. هن وقت ~ ڌرم کي سچو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

## 41. آلهه جوڙ (الهه توڙ؟) God_Building

= روس ۾ هڪ مذهبي_فلسفيانه لاڙو 07_1905ع واري انقلاب جي هار کان پوءِ اڀريو. ان جي اڳواڻن ۾ ليوناچارڪسڪي، وي. بزاروف ۽ يُشڪيوچ هئا جن سان گورڪي به ڪجهه عرصو گڏ رهيو. ~ جو مقصد سائنسي راڄمت (سوشلزم) کي مذهب سان ٻڌي ڪرائڻ ۽ اهڙيءَ طرح سڏيو_ويندڙ اڏٽيمت يعني خدا کان سواءِ مذهب پيدا ڪرڻ هو.

## 42. خدا_کوج God_ Seeking

= روس ۾ هڪ مذهبي_فلسفيانه لاڙو جنهن اها ڪوشش ڪئي ته ماڻهن ۾ مذهب جي پختائي پيدا ڪئي وڃي يا انهن تي مذهب جي هلنديءَ کي سگهارو ڪيو وڃي. 1920ع جي ابتدا ۾ هي لاڙو پيدا ٿيو ۽ چڱو وڌيو خاص طور تي سرمايڪ دانشورن ۾، جن چيو پئي ته حياتيءَ جو مقصد خدا جي کوج (ڳولا، ڦولا) ڪرڻ آهي، تاريخ جو مقصد اهو آهي ته ماڻهپي ۾ خدا کي سهي ڪيو (مڃيو ڳوليو) وڃي ۽ هڪ الوهي ماڻهپو تخليق ڪرڻ يعني مذهبي اصولن تي پيڙهه رکندڙ سماجي تنظيم جوڙڻ. ماڻهو اهو مقصد يعني خدا جي بادشاهي رڳو پيار، نوِڙت (نئڙت، نمرتا) ۽ صبر وسيلي ئي ماڻي سگهي ٿو.

## 43. رَشيگم، رشيسُڌ Hagiology

• سينٽس (Saints) جي حياتين ۽ روايتن (legends) بابت ادب.

(• Saint (سينٽ) رشي = 1. پاڪ ماڻهو 2. ماڻهو جيڪو مرڻ کان پوءِ جنت جي سڳورن (نوازيل) ماڻهن ۾ شامل هجي، 3. اهو فرد جنهن کي چرچ (ڪليسا) ڌرتيءَ تي مقدس رهڻيءَ جي ڪري جنت ۾ جاءِ ۽ ڌرتي تي مانُ ماڻيو هجي.)

($ رشي = ويدن جا شُبد ڳائيندڙ= سنت، تپسيا ڪندڙ)

## 44. تنتجاڻ، تنتپياس Neurology

0 تنتي سرشتي جو علم.
• تنتن سان واسطيدار طبي سائنس جي شاخ
ـ تنتجاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر
ـ تنتپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ
ـ تنتپياسي: ~ جو/جي (تنتجاڻو/ تنتجاڻي)
ـ تنتي: تنت جو/جي
($ تنت= تند، وار نلي)
(• Nerve (نَرو) = تنت: ڌاڳو يا ڌاڳن جو مُڇو (ڳنڍڙي) جيڪو دماغ ۽ جسم جي سمورن حصن جي وچ ۾ احساس ۽ اثر نِئي وڃي. + نَس، تنتُو)

## 45. فضاڄاڻ، فضاپياس (موسمپياس، موسمڄاڻ) Meteorology

+ علم آبهوا
0 موسميات: موسمياتي اڳڪٿيءَ جو فن.
• موسم جي سائنس، ڌرتيءَ جي فضا (وايومنڊل) ۽ ان جي تبديلين جو اڀياس.
ـ فضاڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر (موسمڄاڻڪ)
ـ فضاپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ (موسمپياسڪ)
ـ فضاپياسي: ~ جو/جي (فضا ڄاڻو/ڄاڻي، موسمپياسي، موسمڄاڻو/موسمڄاڻي)
ـ فضائي: فضا جو
ـ موسمي: موسم جو
($ فضا= ڪشادي جاءِ ـ ميدان، چوگرد جون حالتون ـ وارتا ورڻ ـ وايومنڊل (ماحول، هوا ـ واءُ وايو)
($ موسم = مند، رت ـ فصل ـ ٽُڙ ويل ـ وقت ـ مهل، ايام، زمانو سمو ـ موقعو...)

## 46. ڳرڀڄاڻ Obstetrics

+ دائڪو علم، ڳرڀ بابت
• ٻار جي جمڻ ان کان اڳ ۽ پوءِ (نتيجن) سان واسطيدار ميڊيسن ۽ سرجريءَ جي شاخ.
ـ ڳرڀڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر
ـ ڳرڀڄاڻو/ڳرڀڄاڻي: ~ جو/جي

### 47. پکيپياس، پکيڄاڻ (پکي-ڄاڻ، پکيءَ ڄاڻ) Orthodontics

+ علم پرند، علم طيور، پکين جو علم
• پکين بابت سائنسي اڀياس.
ـ پکيڄاڻڪ (پکيئڄاڻڪ): ~ جو ڄاڻندڙ ماهر
ـ پکيپياسڪ (پکيئپياسڪ): ~ جو پڙهندڙ سکندڙ
ـ پکيپياسي (پکيئپياسي): ~ جو/جي

### 48. هَڏڄاڻ، هڏپياس Orthopaedics

• هڏي جي خرابيءَ (deformity) ۽ مرضن جي علاج سان واسطيدار سرجري جي شاخ.
ـ هڏڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر
ـ هڏپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ
ـ هڏپياسي: ~ جو/جي (هڏ ڄاڻو/هڏڄاڻي)

### 49. روڳڄاڻ، روڳپياس Pathology

+ علم طب، مرض جو علم
0 بيمارين جي سبب جو علم، مرضن جو علم.
• مرضن بابت سائنس.
ـ روڳڄاڻڪ: ~ جو ڄاڻندڙ ماهر
ـ روڳپياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ
ـ روڳپياسي: ~ جو/جي (روڳڄاڻو/روڳڄاڻي)
($ روڳ = گندگي-پُون-پس، سڙيل رت-رتُ پُون- ڦت مان وهندڙ گند. بيماري-مرض. ڏوار-اگهائي-ناچڱائي-ڏوجُ-ڏجهندو-لڱائي-ڪمهرائي-آزار-بي مزائي-رنجوي-ناچاقي-پيڙا-تڪليف ...)

### 50. راڄپياس، راڄاڻ (راڄ + ڄاڻ) Sociology

+ سماج شاستر، علم معاشرت، پنگتي و گيان.
0 معاشيات، عمرانيات
• قدرت ۽ سماجي (راڄوٽي) سڏاري ۽ سماجي ورتائن بابت سائنس

ـ راڄاٽڪ (راڄيياڪ): ~ جو ڄاڻندڙ ماهر

ـ راڄيياسڪ: ~ جو پڙهندڙ سکندڙ

ـ راڄيياسي: ~ جو/جي

($ راڄ = رعيت ـ رعايا ـ عام ماڻهو ـ پوڄا. قوم. آبادي. بادشاهي. صاحبي ـ حڪومت. مُلڪ ـ علائقو)

***

# ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جن جي مضمون

# ”سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي“ جو مختصر جائزو*


مانوارا **ايڊيٽر ”سائنس“**

سنڌ سائنس سوسائٽي

علامہ آءِ. آءِ. قاضي ڪئمپس

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو_76080


**”سائنس“** جو نئون پرچو اڳين ڪان وڌيڪ نواڻ رکندڙ سهڻو ۽ لاياڻتو ناهي ڇپرايو اٿوَ ان لاءِ وڌايون پيش ڪجن ٿيون. اميد تہ اهڙي ئي جوان جذبي ۽ سُونهنديءَ سمجهہ سان ”سائنس“ جي سنڌي علمي سنسار کي سجايو ڪندا ۽ سينگاريندا رهندا.

ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جن جو مضمون **سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي** ڏاڍي پياري سُوکڙي آهي. ان بابت بہ اڪر ڇوڙ گهران ٿو پر اڳ ۾ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن کي **ڊاڪٽر آف سائنس آنرز ڪازا** جي اعزازي ڊگري ملڻ تي مبارڪ ڏيان ٿو.

**سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ئي نہ پر ان جي جياپي ۽ بقا لاءِ بہ سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي جوڙجڪ بيحد اهم آهي، اڃا بہ صاف چئجي تہ بنيادي حيثيت رکي ٿي.** ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ڏاڍي سٺي نموني ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي تنهنڪري وڌيڪ ڪجهہ چوڻ ورجاءِ برابر ٿيندو. سنڌي ٻولي بين ادبي شعبن ۾ تہ هڪ مناسب لفظي اصطلاحي ذخيرو رکي ٿي پر سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي گهاڙ ۽ انهن کي پنهنجو ڪري مروج ڪرڻ ۽ واپرائڻ جي سلسلي ۾ ان ڇڙڪ اڃا بانبڙا پائي سگهڻ جي سگهہ بہ مس مس پيدا ڪئي آهي.

* ماهوار ’**سائنس**‘ ڄامشورو اپريل 1994ع ۾ ڇپيل.

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جا رايا ڏاڍا وزنائتا آهن. پاڻ سٺي سوچ ۽ محبتي محنت ڪري ڪجهه بهترين ۽ متبادل لفظ مثالن سان پيش ڪيا اٿئون جن جي بنيادي تصور سان اتفاق ڪرڻو ئي پوي ٿو.

سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي ايڏي ته کوٽ آهي جو اوهين ڪو هڪ به سائنسي ۽ فني مضمون ”انگريزي“ لفظ ڪم آڻڻ کان سواءِ سنڌي ۾ بيان نه ٿا ڪري سگهو. اسان جا اڪثر سائنسي مضمون ”اڌ سنڌي ۽ اڌ انگريزي“ هوندا آهن. سنڌي ۾ ڪا هڪ به اهڙي ”سنڌي کان سنڌي“ يا ”انگريزي کان سنڌي“ ڊڪشنري موجود ناهي جيڪا رڳو 25 سيڪڙو ڪن سائنسي ۽ فني اصطلاح، انهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي يا متبادل لفظ مهيا ڪندي هجي.

**سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي اها کوٽ ئي آهي جو سنڌي ۾ هن مهل تائين ڪو هڪ به اعليٰ تعليمي نصاب نه جڙي سگهيو آهي. وڌيڪ صاف ڪري ٺڪي ٺوڪي ڳالهه ڪجي ته ڪنهن هڪ به سائنسي موضوع تي ڪو هڪ سٺو ۽ جامع ڪتاب موجود ناهي.** البت، ٻه چار ڪي اهڙا ڪتاب ضرور موجود آهن جن ۾ سائنسي مواد کي سٺي نموني سمجهائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪيل آهي.

سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جي کوٽ جو مون کي خاص احساس تڏهن ٿيو جڏهن مون **انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا** جوڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. منهنجي سَڌ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ به دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين جيان هر موضوع تي ڌار ڌار ۽ سٺيون انسائيڪلوپيڊيائون موجود هجن پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ، ٻيو نه ته به **انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا** جي جوڙ جي هجي ۽ ان جيان نه رڳو **ميڪروپيڊيا ۽ مائڪرو پيڊيا** صورتن ۾ هجي پر دستاويزي علمي حيثيت به رکندڙ هجي. ان موضوع تي گذريل ٻن ورهن کان ڪم ڪندي مون جاچي ورتو آهي ته انسائيڪلوپيڊيا، جيڪڏهن، سنڌيءَ ۾ ئي ناهڻي آهي (اڌ سنڌيءَ ۽ اڌ انگريزيءَ ۾ نه) ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک کن نوان سائنسي ۽ فني اصطلاح جوڙڻ جي گهرج پوندي. انهن اصطلاحن لاءِ مناسب ۽ ٺهڪندڙ متبادل لفظ ڳولڻ جي نيت ڪري مون سنڌي ٻولي جي ٻن وڏي ۾ وڏن ذخيرن **شاهه جو رسالو ۽ جامع سنڌي لغات** کي ابتدا کان انتها تائين هڪ ڀيرو وري به پڙهي ڏٺو.

جامع سنڌي لغات پڙهندي لاڳيتو خوشي ۽ رنج جي گاڏڙ ڪيفيت ۾ گذارڻو پيو. خوشي اها ته **سنڌيءَ ۾ ايڏو املهه اصطلاحي خزانو موجود آهي جو اسان جو ڪيترين**

**ڏي علمي گهرجون پوريون ڪري سگهي ٿو** ۽ رنج ان ڪري جو ان ۾ مون جهڙي گهٽجاڻڪ ۽ پاڻڪ کي به هزارين لفظن جي کوٽ نظر آئي. پنهنجو فرض سمجهندي **جامع سنڌي لغات جو جائزو پهرين جلد جي حوالي سان، پهرين پڙهڻي لکي "جاڳو"** جي حوالي ڪيم. هن وقت تائين ٽين پتي "يارهن" قسطن ۾ ڇاپي وئي آهي (حالتن مان لڳي ٿو ته باقي مضمون گم ڪيو ويندو).[3]

اهو مضمون لکندي پروڙيم ته سنڌي ٻوليءَ ۾، خاص ڪري **ضميري پڇاڙين** جي حوالي سان، گهڻو ڪجهه غلط لکيو پيو وڃي. ٻوليءَ جي اهڙي بگاڙي کي روڪ ڏيڻ ۽ ختم ڪرڻ ۽ ٻوليءَ کي سڌارڻ جي سڌَ رکي **ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي** جي عنوان سان هڪ مضمون لکي **"مهراڻ"** جي حوالي ڪيم. اميد ته ايندڙ پرچي ۾ ڇپجي ويندو.[4]

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جي سلسلي ۾ گذريل سال (1991) هڪ تفصيلي مضمون به لکيم ۽ پوءِ وقت به وقت **الف** سان شروع ٿيندڙ "ديهن"، "ذاتين"، "جانورن"، "وڻن ۽ ٻوٽن"، "سازن ۽ زيورن" ۽ "ليکڪن" جون وچورون ڏنم جن ۾ اها وينتي ڪيل هئي ته ان سلسلي ۾ ڄاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ واهر ڪئي وڃي.

هڪ لک کن نوان لفظ ۽ اصطلاح جوڙڻ، گهڙڻ ۽ مروج ڪرڻ لاءِ ظاهر آهي ته سنڌيءَ جي عالمن ۽ سگهڙن ۽ اخبارن ۽ رسالن ڏانهن ئي واجهائي سگهجي ٿو پر جيستائين اهي پنهنجي ان فرض کي به محسوس ڪن ۽ نيائن، تيستائين ڪجهه آءٌ به اڳيري ٿيان يا **جيترو ڪري سگهان ٿو اوترو ته ڪري وٺان**. اهو سوچي **ٻول گهاڙيتو** جي عنوان سان ڪجهه علمي ۽ فلسفيانه اصطلاحن جا متبادل لکي **"نئين زندگي"** وسيلي سنڌي عالمن، اڪابرن ۽ سگهڙن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ گهريم پر پنجن مهينن کان پوءِ سڌ پئي ته "نئين زندگي" جا سنپاليندڙ پاڻ ۾ اهو مضمون ڇپي سگهڻ جي جرئت نه پيا ساري سگهن. شڪر آهي جو مضمون گم نه ٿيو.

**ٻول گهاڙيتو** نالي اهو مضمون، ٻڌو اٿم ته، توهان ڇپڻ جي همت ڪئي آهي ۽ شايد ڊسمبر 1993 جي **سائنس** ۾ شامل هوندو.[5]

---

[3] نوٽ: اهو مقالو پوءِ ماهوار **"ڪينجهر"** ۾، ڊسمبر 1994ع ۾ ڇپيو. (رياضت)

[4] نوٽ: اهو مقالو ٽماهي **"مهراڻ"** ۾، 1ـ2/ 1994ع ۾ ڇپيو. (رياضت)

[5] نوٽ: اهو مقالو ماهوار **"سائنس"**، ڊسمبر 1993ع ۾ ڇپيو. (رياضت)

اهڙي وقت ۾ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جو مضمون **سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي** مون پاري تاساريل شاگرد لاءِ ڪيڏو نه وڏو ڏِڍ ثابت ٿيو هوندو. توهين به سولائيءَ سان ڪاٿو ڪري سگهو ٿا.

مضمون پڙهندي خوشي ته بيحد ٿي، سموريون صلاحون هِنئين سان هنڊائڻ جهڙيون آهن پر ڪي ڳالهيون اهڙيون به آهن جن تي نظرثانيءَ جي سڏ ظاهر ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ **پنهنجا ويچار پيش ڪيان ٿو اميد ته ڌيان ڏنو ويندو.**

## 1. سنڌي ۾ اصطلاح سازي!

## انگريزي اصطلاح ڇو نه؟

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن پنهنجي مضمون جو عنوان **سنڌي ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي** مقرر ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر قاضي صاحب جن متبادل طور جيڪي به لفظ ڪم آندا آهن انهن مان هڪ ٻن کي ڇڏي باقي سڀ عربي ۽ فارسي اصطلاح آهن. جيئن: دوربين ، خوردبين، برق بين، طيف بين، تپش پيما، آبپيما، برق نگار، طيف نگار، طريق نگار (سَنڌن) سوزش، شرياني سوزش، علم حيات، علم جراثيم وغيره. هن کي فارسي/عربي يا رعايت ڪندي چئجي ته، اردو ۾ اصطلاح سازي ته سڏي سگهجي ٿو. سنڌي ۾ قطعي نه.

”انگريزي“ جهڙي وسيع ۽ عام پڙهائي ويندڙ ٻولي ڇڏي عربي يا فارسي اصطلاح ڇو سکجن؟ جيڪڏهن سنڌيءَ جي نالي ۾ عربي ۽ فارسي ئي سکڻي پوندي ته پوءِ انگريزي ڇو نه سکجي؟

اسان جو ٻار عام طرح ڇهين جماعت کان وٺي انگريزي پڙهڻ ويهي ٿو انٽرميڊيٽ ۽ ان کان مٿي سڄو ڪورس انگريزيءَ ۾ پڙهي ٿو. هونئن به سمورو رياستي، انتظامي ۽ عدالتي سرشتو ڏيهي توڙي پرڏيهي واپار، پاليسيون ۽ ڳالهه ٻول ۽ تعليم جو ڪم انگريزي ۾ هلي ٿو. انگريزي اخبارون ۽ رسالا گهڻا ۽ وڏيءَ ڳڻپ ۾ ۽ وڌيڪ معياري نڪرن ٿا ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي تي به ان کي چڱو چوکو وقت ملي ٿو هزارين لفظ پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ماڻهوءَ جي حياتي سان واسطيدار ٿي ويا آهن ۽ ننڍو توڙي وڏو عام جام پيو ڳالهائي ــ بلب، بٽڻ، راڊ، پين، پينسل، بوڪ، سائيڪل، لاري، بس، ڪار، ٽرڪ، ريل، اسٽيشن، موٽر، جگ، گلاس، ريڊيو، ٽي وي، ڪريم، پائوڊر، اسٽور، بيگ، پرس، واچ، ٽيبل، ڪلاڪ، منٽ، سيڪنڊ، بينچ، ڪلاس، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنس، لئبريري، ميوزم، ليبارٽري، ڪولر، هيٽر،

ريفريجريٽر، ايئرڪنڊيشنر، فريزر، جنوري، فيبروري... ڊسمبر، اي. سِي، ڊِي. سِي، ايس ايچ او، ڪمشنر، گورنر، چيئرمين، چيف آفيسر، پوليس، ڪمانڊر ۽ اهڙا ٻيا سوين نه، هزارين لفظ. شايد اها يا اهڙيون ڳالهيون ڳٽي حليم بروهي صاحب جن ته سنڌي ۾ لفظن ۽ اصطلاحن ٺاهڻ جي گهرج ڪان نه پر انڪار ڪندي سواليا انداز ۾ چيو هو ته ڪهڙو وري اهي دنيا ۾ ڪٿي به ڪم آٽي سگهنداسون. ان ڪري پاڻ جيترا ڏينهن **عبرت مئگزين** جا ايڊيٽر رهيا، انگريزي ۽ فرينچ پاڙهڻ جو جتن ڪيائون. جنهن لاءِ ٺلهي ليکي چئي سگهجي ٿو ته ”هڪ نيڪ نيت پر اڏنگو طريقو“.

”جيئن ته اسان کي دنيا ۾ ڪٿي به سنڌي جي فني ۽ سائنسي اصطلاحن کي ڳالهائڻ جو موقعو نه ملندو ان ڪري سنڌي ۾ سائنسي اصطلاح ٺاهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪرڻ گهرجي“ــــ هڪ ڇتڪي رويي جي موٽ ۾ جاهل جواب آهي. پوءِ ڪو به اهو سوال ڪري سگهي ٿو ته. جيئن ته سنڌي ٻولي دنيا ۾ ڪٿي به ڳالهائڻ جي وسيلي طور ڪم نه ايندي ان ڪري خود سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي گهرج آهي، سنڌي قوم ڇو نه، اها ڇڏي انگريزي ڳالهائڻ شروع ڪري؟ يا گهٽ ۾ گهٽ، جيڪو به ليکڪ آهي اهو سنڌيءَ ۾ نه لکي، ڇو ته ان کي باقي دنيا ته پڙهندي ڪونه. ان ڪري انگريزيءَ ۾ لکي ته جيئن ڪيس دنيا جو وڏو حصو پڙهي. اک، نڪ، ڪَنُ، هٿ، پير وغيره ڇو چئون: آءِ، نوز، ايئر، هئنڊ، فوٽ وغيره ڇو نه چئون!؟

**جيئن ته اسين سنڌي آهيون ۽ سنڌيءَ ۾ ڳالهايون، لکون، پڙهون ۽ سوچيون ٿا. اسان جو روزانو وهنوار سنڌيءَ ۾ ئي هلي ٿو ان ڪري لازم آهي ته دنيا جو سمورو علم سنڌي ۾ ميسر هجي ــــ اهو ئي هڪ سڌو سادو سلجهيل ۽ سلڇڻو رويو آهي.**

## 2. اڙدو جو نقل

اڄڪلهه ”سنڌي“ ۾ جيترا به فني ۽ سائنسي اصطلاح ٺهن پيا انهن تي عربي ۽ فارسي جو ايڏو ته اثر پئجي ويو آهي جو ائين چوڻ ۾ مون کي ذري جيتري به هٻڪ نه ٿي ٿئي ته لڳ ڀڳ سڀ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ آهن. مٿي ڏنل ڳالهه ٻول جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته اهو هڪ غلط، سراسر غلط ورتو آهي.

اصل ۾، اسان جي عزت لائق عالمن، اديبن، ايڊيٽرن ۽ ليکڪن زور رکيو آهي نقل/ڪاپي ڪرڻ تي ۽ اهو به اڙدو جهڙي ٻوليءَ جو! ”آءٌ سعيو ڪيان سنڌي جو هو پارسيون پُڇن“!

اجوڪي اڙدو هنديءَ، عربيءَ، فارسيءَ، ترڪ ۾ انگريزيءَ جي ڪچڙي آهي. ڪيس ڪچڙي بنائيندڙ سندس پنهنجا لسانياتدان آهن جيڪي سرڪاري پيسو تين وال ڪرڻ گهرن ٿا، نهي نه نهي وٺ رينگت ڪي، ڪَڙڪي تي تڪاءُ پيا ڪن. ڪچڙي ڪيل هڪ لشڪري ٻوليءَ جو نقل ڪرڻ بدران سڌو سنئون انگريزي سکجي جيڪا ان ”چربي“ جي ڀيٽ ۾ هزارين ڀيرا وڌيڪ سڌريل ۽ سولي آهي. هاڻي ته ان جي لسانياتدانن ماهرِ امراضِ چشم، ماهرِ امراضِ قلب، ماهرِ علمِ حيات، ماهرِ علمِ ڪائنات. ماهرِ ماحولياتي آلودگي، فشارِ خون وغيره ٺوڪي اڙدو جا ترا ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر انهن جو نقال ۽ انهن جي نقالي سنڌيءَ کي رڻ ۾ رولي ڇڏيندا. اهڙيءَ ”علمي سنڌي“ ٻوليءَ کان اها ”ڄٽڪي“ سنڌي وڌيڪ سهڻي، ستابي، سولي ۽ سدا بهار آهي جنهن جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ سماج جي اونهاين ۾ کُتل آهن ۽ جنهن ۾ لطيف کي جهونگاري سگهجي ٿو...

سنڌي لفظ ڳولڻا پوندا، سائين!

چوندا آهن ته ”ڏُور ڪي ڍول سُهاني“. اسان ڪڏهن. تڪليف ڪري، انهن لفظن جي معنيٰ تي شايد ئي سوچيو هجي، رڳو ڪنڌ ڌوڻي ”واهه واهه“ ڪرڻ ۾ پورا. گهڻا مثال ڏيڻ بدران رڳو هڪ مثال خرار مان مُٺ طور پيش ڪجي ٿو.

”سياسي سرگرميون اوج تي هيون“. لفظ ”سرگرمي“ تي ڌيان ڏيو.

”سرگرم“ يعني سر (مٿو)+گرم (ڪوسو)! – مٿو ڪوسو. ڪوسي مٿي وارو – چيڙاڪ، بي سبب ڪاوڙ ڪندڙ، غير ضروري ڪاوڙ ڪرڻ وارو، اهو فرد جنهن کي پنهنجي ذهن تي قابو نه هجي. ”سرگرم“ جي اصطلاحي معنيٰ آهي چستيءَ يا ڦڙتيءَ سان ڪم ڪندڙ. لفظي معنيٰ ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾، عام طرح، ائين ئي فرق هوندو آهي. زرخيز، تيپدار، ڪمدار، صوبيدار ۽ اهڙا ٻيا سوين لفظ عام طرح اصطلاحن معنيٰ ۾ ڪم اچن ٿا. مون کي، في الوقت انهن تي ڪو به اعتراض ناهي، اهڙا ٻيا لفظ به سنڌيءَ ۾ ايندا. پر ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌي لفظ ۽ انهن جون معنائون، مفهوم ۽ اصطلاحي مطلب ڇڏي، گم ڇو ڪيون؟

ڇا ائين آهي ته پنهنجا ڏکيا ۽ پراوا سولا آهن؟ ڇا سنڌي لفظ ڏکيا ۽ عربي، فارسي يا انگريزي سولا آهن؟ ڇا سنڌي لفظن ۾ اصطلاحن کي سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ واهپي ۾ آڻڻ جي راهه ۾ ڪي ڏکيائون آهن ۽ انهن جي ڀيٽ ۾ اسان کي ٻين ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح سمجهڻ، ياد رکڻ ۽ واهپي ۾ آڻڻ جون سهولتون وڌيڪ آهن؟

يا ائين آهي تہ ٻين جي نهيل نڪيل شيءِ ڪٽڻ ۽ واپرائڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي ۽ پنهنجي شيءِ ناهڻ، گهڙڻ ۽ واپرائڻ ڏکيو ڪم آهي؟

يا ائين آهي تہ پنهنجا لفظ ۽ اصطلاح ڳالهائيندي، واپرائيندي اسان کي پنهنجي ڪا بيعزتي يا گهٽتائي ٿي محسوس ٿئي، ڇو تہ اهي ”پنهنجا“ آهن ۽ انهن جي معنيٰ چڱيءَ طرح سمجهون (يا نہ سمجهون) ٿا. جڏهن تہ ٻين جا لفظ ۽ اصطلاح واپرائيندي اسان کي اٽلڪو فخر ٿو محسوس ٿئي، توڙي جو (حقيقت اها آهي تہ) انهن جو مطلب نہ ٿا سمجهون (يا غلط سمجهون ٿا). ۽ سمجهون ائين ٿا تہ انهن لفظن جي معنيٰ صحيح سمجهون ٿا.

نيٺ اهو سبب ڪهڙو آهي جو ٻين ٻولين جا لفظ ۽ اصطلاح پنهنجا ڪرڻ ۾ ويرم ئي نہ ٿا وجهون پر پنهنجا لفظ ۽ اصطلاح  ووڙڻ، گهڙڻ ۽ واپرائڻ ۾ ڏکيا ٿي ٿا محسوس ڪيون؟

انگريزي ڇڏي ”عربي-فارسي نما سنڌي“ يا ”اڙدو-سنڌي“ ناهي سگهٽي. نهي تہ سنڌي، نہ تہ انگريزي وڏيڪ سني آهي. سنڌيءَ جي لائق گهٽگهرن، مانَوارن عالمن، سگهڙن ۽ ليکڪن کي وينتي ٿي ڪجي تہ سوچي لوچي ويچاري ۽ ڳولي ڦولي، ووڙيَ سنڌي اصطلاح ناهن. باقي ڪجھ لفظ، اصطلاح يا محاورا عربي، فارسي ۽ هندي تہ ڇا دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ کان وٺي سگهجن ٿا.

### 3. ڏڙيڊو ۽ سِسِي ٻاڪري

ڪي دوست جڏهن اهو ٻڌن ٿا تہ ”انگريزي“ لفظن ۽ اصلاحن جا متبادل سنڌي لفظ آڻڻ، ڳولڻ، ووڙڻ، گهڙڻ ۽ ناهڻ گهرجن تڏهن هڪدم، ڪن حالتن ۾ تہ وڏو وات ڦاڙي، کلي ۽ ٽوڪ منجهان پڇڻ لڳن ٿا تہ ”ڪرڪيٽ“ ۽ ”هاڪي“ جو ترجمو ڇا ڪندؤ؟ ڇا انهن بدران ”هُودڙي-ڏنڊو“ ۽ ”لٺ-ڪينهون“ ناهيو ويندو؟ لنڊن، برٽين، جپان، ٽوڪيو جرمني، نيويارڪ ... جو ترجمو ڇا ٿيندو؟ مسي سپي، ٿيمز، وولگا، اميزان، ڪئسپين ... جي بدران ڪهڙو لفظ گهڙيندؤ؟ اهڙي قسم جا ٻيا بہ ڪيترائي اسم خاص يڪساهيءَ اُچاري انهن جي ترجمي بابت پڇيو وڃي ٿو.

هٿ ٻڌي وينتي ٿي ڪجي تہ ڀاؤ! هرويرو جوش ۾ اچي هوش وڃائڻ جي ڪهڙي گهرج آهي. ڇا انگريزن بہ سنڌ، سنڌي، بلوچ ... پنجابي جو ترجمو ڪيو آهي؟ ٿوري دير اڳ ڪيترائي انگريزي لفظ لکيا ويا آهن، توڙي جو انهن جي هڪ معنيٰ بہ آهي، پر سنڌي گهرن ۾ عام جام ڳالهايا وڃن ٿا.

هڪڙا لفظ سچي جو سچا ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان ڪنيا ويندا، ڪن لفظن جو اڌ اصلي ٻولي منجهان هوندو اڌ سنڌيءَ يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان ڪٽي نئون لفظ ٺاهبو ۽ ڪيترن ئي لفظن کي پوريءَ طرح بدلايو ويندو.

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن آڪسيجڻ، آڪسيجائڻ، آڪسيجيل وغيره لفظ ڪم آندا آهن. زبردست! انهن لفظن ۾ هڪ حصو هڪ ٻوليءَ جو آهي ۽ ٻيو حصو ٻيءَ جو. ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح ان طريقي پٽاندر ٺهندا ۽ ٺاهي سگهبا. ڪي دوست اعتراض ڪري سگهن ٿا ته ”ڌڙ ريڍو ۽ سسي ٻاڪري!“

چا انهن دوستن ڪڏهن سائنسدان، جاگرافيدان، ڪيميادان، حجامڪو نخريلو فقيراڻو وزنائتو يونيورسٽيون، ريڊيا، ٽي وبون، اسٽيشنون وغيره جهڙن لفظن تي ڌيان ڏنو ۽ اعتراض ڪيو آهي؟ هندو ازم، ٻڌ ازم، جينزم، ڪنفيوشنزم، ڪيميسٽري وغيره لفظن بابت انهن ڪڏهن اهو ساڳيو اعتراض اٿاريو آهي؟

## 4 . انگريزي هڪ جٽڪي ٻولي

چا انهن کي اها خبر ناهي ته انگريزيءَ ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن جو هڪ وڏو حصو انگريزي ٻولي سان ذري جيترو به واسطو نه ٿو رکي؟ انگريزي ۾ لفظن جو هڪ وڏو حصو ڌارين ٻولين تان کنيل آهي ۽ لڳ ڀڳ سمورن سائنسي ۽ فني اصطلاحن جو بنياد لاطيني ۽ يوناني آهي. **انگريزي ته هڪ جٽڪي ٻولي آهي، ان ۾ علمي، فني، هنري ۽ فلسفيانه لفظن ۽ اصطلاحن جي ڪوٽ، اڃا به اڻهوند ڏسي، يورپ جا ٻيا رهواسي جٽ انگريزي تي ٽوڪون ڪندا هئا.** جرمن ۽ فرينچ لفظن جو به چڱو چوکو ڳاڻيٽو انگريزيءَ ۾ موجود آهي. هزارين اهڙا لفظ پڻ موجود آهن جن لاءِ بلڪل ائين چئي سگهجي ٿو ته ڌڙ ريڍو ۽ سسي ٻاڪري.

اسان جيئن ته اهي سمورا اصطلاح انگريزيءَ جي حوالي سان پڙهون ٿا، ان ڪري ائين ٿا وسهون ته اهي انگريزي آهن ۽ انگريزي ڪا ڏاڍي رچيل، سُوڌيل ۽ سنواريل ٻولي آهي! پاڻ انگريزن کي به اهي اصطلاح ائين ئي رکڻا پون ٿا جيئن اسان کي، فرق رڳو اهو آهي ته اهي يورپي ٻولين جا اصطلاح آهن. ڪيتري ئي عرصي کان عام جام پيا ڪم اچن، اتي جو ماحول علمي طرح اسان جي ماحول کان اڳتي وڌيل آهي. لفظن ۽ اصطلاحن جو گهاڙيٽو سندن ٻوليءَ جي مزاج موجب آهي ۽ سمورو مواد سندن

پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۾ آهي جنهن ۾ ئي اتي جا رهاڪو پنهنجو نصاب، ادنيٰ توڙي اعليٰ تعليم، پرائمري تا جنهنڪري سولائيءَ سان سمجهي ۽ ڳالهائي سگهن ٿا.

جيئن انگريزي وارن ڪيترين ئي ٻولين — يوناني، لاطيني، فرينچ، جرمن ۽ سڄيءَ دنيا جي سمورين ٻولين ـــ مان لفظ ۽ اصطلاح اڌارا وٺي انهن جون اڳياڙيون، وچاڙيون ۽ پڇاڙيون بدلائي ۽ انهن جي جاءِ تي پنهنجيءَ ٻوليءَ جا گهربل صوتيہ آٽي سهنجو ٺاهيو آهي تيئن اسان سنڌين کي بہ پنهنجيءَ توڙي دنيا جي مختلف ٻولين مان ڪيترائي لفظ چونڊي، گهڙي، سنواري رائج ڪرڻا پوندا. اسان کي، جيڪڏهن، سمورو علمي ۽ سائنسي مواد پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ ۾ نئڊيڻ کان وٺي مٿين کان مٿينءَ سطح تائين پڙهڻ، لکڻ، ڳالهائڻ، سکڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جو مواد ملي پوي تہ ڪو سبب ناهي جو علمي طرح پٺتي رهجي وڃون.

## 5. مرتب ۽ مرڪب لفظ

ڪُنبي

ڪنبي + ار = ڪنبير (ڪنبي وارو، ڪنبي سان واسطيدار)

ڪنبي + آر = ڪنبيار (ڪنبي وارو، ڪنبي سان واسطيدار)

ڪنبي + آر + اي = ڪنبياري (ڪنبيار جو مؤنث)

ڪنبي + آر + اَڪ + او = ڪنبيارڪو (ڪنبيار جو ڪنبيار سان واسطيدار)

ڪنبي + آراڪ + اِي = ڪنبيارڪي (ڪنبيارڪو جو مؤنث)

ڪنبي + آر + اڪ + ان = ڪنبيارڪن (ڪنبيارڪو/ ڪنبيارڪي جو جمع)

ڪنبي + آر + اڪ + ايون = ڪنبيارڪيون (ڪنبيارڪي جو جمع)

ڪنبي + آر + اڪ + اين = ڪنبيارڪين (ڪنبيارڪي جو جمع)

عام مروج ڄاڻ موجب **"ڪنبي"** هڪ بنيادي لفظ پاڙُوَس صرفيہ آهي ۽ مٿي ڏنل باقي سڀ "پڇاڙيون" يا "وچاڙيون ۽ پڇاڙيون" آهن. ان عام مروج سوچ کي بحث جو آئينده وارو موضوع سمجهي پاسيرو رکندي، رواج موجب چئبو تہ "ڪنبي" کان سواءِ باقي سڀ نهيل لفظ "مرتب لفظ" آهن.

بنيادي لفظ + پڇاڙي = مرتب لفظ

بنيادي لفظ + وچاڙي + پڇاڙي = مرتب لفظ

مرتب لفظ/لفظن جو هڪ ٻيو مثال:

سَ + رهہ + او = سرهو (س+رهہ+آڻ = سرهاڻ)

اَ + رهہ + او = ارهو (ا+رهہ+آڻ = ارهاڻ)

**اڳياڙي + بنيادي لفظ + پڇاڙي ( يا وچاڙي ۽ پڇاڙي) = مرتب لفظ**

مرڪب لفظ بابت هن مهل تائين آيل بحث اسان کي ان جي تشريح هن طرح ٻڌائي ٿو:

وڻ + راهہ = وڻراهہ

شاهہ + راهہ = شاهراهہ

مُک + گهر = مُک گهر

**بنيادي لفظ + بنيادي لفظ = مرڪب لفظ**

جيڪڏهن ڪنهن مرڪب لفظ سان بہ اڳياڙي يا اڳياڙي ۽ پڇاڙي يا اڳياڙي، وچاڙي ۽ پڇاڙي ڳنڍيل هوندي تہ ان کي مرتب لفظ چئبو.

دنيا جي هر ٻولي عام طرح ٽن قسمن جي لفظن جي ٺهيل آهي:

**بنيادي يا سادو لفظ مرڪب لفظ ۽ مرتب لفظ**

جيتري ڄاڻ اٿم ان پٽاندر منهنجو خيال آهي تہ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن اصطلاح سازيءَ جي اهميت تي جيترو گهڻو ڌيان ڏنو آهي اوترو گهٽو لفظن ۽ اصطلاحن جي بناوت تي نہ ڏنو آهي. لفظ ۽ اصطلاح جي گهاڙيٽي مهل بنيادي لفظن جي مزاج کي سمجهڻو پوي ٿو ۽ ان سان ڪو بيو لفظ يا آواز يا اڳياڙي، وچاڙي ۽/ يا پڇاڙي ملائڻ مهل انهيءَ مزاج کي پهرين اهميت ڏيڻي پوي ٿي.

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جيڪي "انگريزي" لفظ يا اصطلاح چونڊيا آهن ۽ انهن جي بدران جيڪي سنڌي (يا عربي ۽ فارسي) لفظ يا اصطلاح آندا آهن انهن ۾ لفظن جو اهو توازن قائم نہ رکي سگهيا آهن، ان ڪري، سنڌن جوڙيل لفظن کي جڏهن مختلف جملن ۾ ڪم آڻجي ٿو تڏهن مفهوم غلط ۽ ٻولي بگڙيل ٿي پوي ٿي. مثال طور، ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ٽن هنڌن تي ساڳيو ڌاتو/بنيادي لفظ/اڳياڙي رکندڙ لفظ هن طرح ڪم آندو آهي:

| | |
|---|---|
| Biology | علمِ حيات |
| Biological | حيات بابت |
| Biologist | علمِ حيات جو ماهر |

”انگريزي“ لفظ مرتب لفظ آهن. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن انهن جو مَٽ انهن جيان مرتب صورت ۾ نہ ڏنو آهي پر صحيح چئجي تہ مرڪب صورت ۾ بہ نہ ڏنو آهي. Biologist (بائلاجسٽ) جي بدران تہ ٻار لفظ آندا ويا آهن جيڪي حقيقت ۾ پنج آهن. ”علمِ حيات“ حقيقت ۾ ٽي لفظ ”حيات جو علم“ آهن جيڪي فارسي زير اضافت آڌر جي ڪري ظاهري طرح بہ لفظ محسوس ٿين ٿا. **هڪ مرتب لفظ جي بدران ٻہ، ٽي، چار يا پنج لفظ ڪم آڻڻ جي ڪري ٻوليءَ جي سونهن، سهنجائي، ٿوري ۾ گهڻو چوڻ واري ڏات، ڳوڙهائپ ۽ سگهڙائپ متاثر ٿئي ٿي.** جيڪا ٿوري دير پوءِ بحث هيٺ آڻبي.

انهن اصطلاحن جي سنڌي متبادل طور مون ڪي هي لفظ نسبتاً سنا پائنجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Biologist | جياڄاڻڪ، جياپياسڪ |
| Biology | جيا ڄاڻ، جيا پياس |
| Biological | جياڄاڻي، جياپياسي جيائاٽي (”جيائاٽي“ لاءِ اڳتي، **”ايٿڪس“** ۾ بحث ڪيل آهي). |

## 6. وڻ ڪي ڏسڻ پر ٻيلي ڪي نہ ڏسڻ

سهولت ٿي پئي ها جيڪڏهن ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ساڳيو ڏاتو رکندڙ لفظن جو سيٽ اکين اڳيان رکيو هجي ها، جيئن ساڳين پچاڙين وارن لفظن جا سيٽ رکيا اٿائون. اچو تہ اهڙو لفظن جو سيٽ جاچي ڏسون:

| انگريزي لفظ | ڊاڪٽر قاضي پاران | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Biological weapon | حيات بابت هٿيار | جيائاٽي هٿيار |
| Biological warfare | حيات بابت جنگاڻ | جيائاٽي جنگاڻ |
| Biological bomb | حيات بابت بم | جيائاٽي بم |
| Biography | حيات نگاري | جياسُڌ |
| Biographical | حيات نگاري بابت | جياسُڌي |
| Biographer | (Graph = نگار) حيات نگار وارو | جياسُڌيَرَ ۽ جياليکڪ |
| Bio_data | — | جيا_ڄاڻوڪي (Data = ڄاڻوڪي) |

| | | |
|---|---|---|
| Bio_gas | — | جيا_گئس (Gas=گئس) |
| bionic | — | جيائِڪ |
| biotic | — | جيائِر |

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ”بائلاجي“ بدران ”علم حيات“ آڻن ٿا پر ساڳي ”بائلاجي“ لفظ بدران ”بائلاجيڪل“ لفظ ۾ رڳو ”حيات“ ڪم آڻي ”بابت“ ڳنڍين ٿا. اسان ڏٺو ته بايوگرافي ۾ اهو لفظ ”حيات“ وري بايو (_Bio) جي بدران ڪم آيو جيئن ”بائلاجي“ ۾ ”بايو“ بدران ڪم آيو هو (بايو = حيات ۽ ”لاجي“ = علم، يعني ”حيات جو علم“ جيڪو فارسي زير اضافت آڻڻ جي ڪري ”علمِ حيات“ ٿيو). ”علم حيات“ ناهڻ جي ڪري لفظ جي سچي بناوت ابتي ٿي وئي جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته انگريزيءَ ۾ جيڪي پڇاڙيون ”لاجي“ سان ڳنڍجن ٿيون ۽ نئون لفظ نهي ٿو انهن پڇاڙين جو مَٽ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن هڪ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ نه ٿا آڻي سگهن تنهنڪري ڪين نه رڳو پنهنجي جوڙيل لفظ جو هڪ اهم حصو گم ڪرڻو پوي ٿو پر پڇاڙيءَ جي بدران به سڄو لفظ ”بابت“ يا به سڄا لفظ ”جو ماهر“ ڪم آڻڻا پون ٿا!

”انگريزي لفظ“ ۾ اڳياڙي **بايو** (_Bio) جيوت، جياپي، جيوَن، حياتيءَ، زندگيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي.

سنڌيءَ ۾ جيءُ، جيو، جيئرو، جيئڙو، جيوڙو، جِئَڏُ، جيئاڪ، جيت، جيتامڙو، جيوند، جيدار، جيوت، جياپو ۽ اهڙا ٻيا لفظ چِٽو ڪري ٻڌائن ٿا ته ”جِيُ“ يا ”جِئُ“ بنيادي لفظ آهي. ان ڪري آءٌ ان خيال جو آهيان ته جتي به _Bio (بايو) اڳياڙي هجي اتي گهربل لفظ مَٽ ناهيندي ”بايو“ بدران ”جِيُ“ يا ”جِيا“ ڪم آڻجي.

بئڪٽيريالاجي (Bacteriology) جي بدران متبادل طور ”علمِ جراثيم“ ڪم آندل آهي. هاڻي، جيڪڏهن، بئڪٽيريا سان واسطيدار لفظن جو سيٽ اکين آڏو آڻيو ته صورتحال هيءَ بيهندي:

| انگريزي لفظ | ڏنل متبادل | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Bacteriology | علم جراثيم | جيوڙجاڻ، جيوڙپياس |
| Bacteriological | جراثيم بابت | جيوڙجاڻي/جيوڙپياسي |
| Bacteriologist | علم جراثم جو ماهر | جيوڙجاڻڪ، جيوڙپياسڪ |
| Bacterium | جرثومه | جيوڙو |

| | | |
|---|---|---|
| Bacteria | جراثيم | جيوڙا |
| Bacterial | جراثيم بابت | جيوڙائي |
| Bactericidal | جراثيم مار | جيوڙمار، جيوڙامار |
| Bacteriocidin | — | جيوڙمار |
| Bacteriolysin | — | |
| Bacteriophage | — | جيوڙ |
| Bacteriostasis | — | |
| Bacteriotherapy | — | |
| Bacteriurea | — | |
| Bacteraemia | — | |

### 7. نباتن جو مِيدان

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن Herbivorous (هَربِيوَرَس) جو متبادل ”نبات خور“ مقرر ڪيو آهي يعني هرب (herb) جو مٽ ”نبات“ ٿيو. پارڇ ”aceous_“ پڇاڙيءَ جي بدران ”دار“ مقرر ڪيو اٿائون. ان جو مطلب ٿيو تہ ”Herbaceous“ جي بدران ”نباتدار“ ڪم آڻڻو پوندو. ٻي پاسي ”Botany“ جي بدران ”نباتيات“ يا ”علمِ نباتيات“ لفظ ڪم آندو ۽ ڪورس ۾ پڙهايو ويندو آهي جنهن لاءِ ڪي لسانياتدان ”علم نباتيات“ بہ متبادل طور ڪم آڻيندا آهن. ”باٽني“ ان علم جو نالو آهي جيڪو سيني قسمن جي وڻوٽڻ (وڻن، ٻوٽن، ٻاڄين، گاهن، فصلن وغيره) بابت هر طرفي ڇاڻ مهيا ڪري ٿو. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي راءِ موجب ان لاءِ ”علمِ نبات“ مقرر ڪرڻو پوندو.

| انگريزي لفظ | ڏنل لفظ | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Botane | نبات | وَڻوٽ |
| Botany | علمِ نبات | وڻوٽجاڻ، وڻتيپاس |
| Botanist | علم نبات جو ماهر | وڻوٽجاڻڪ، وڻوٽيپاسڪ |
| Botanical | نبات بابت | وڻوٽجاڻي، وڻوٽيپاسي (وڻوٽائي) |
| Botanical garden | نبات بابت باغ | وڻوٽجاڻي/وڻوٽيپاسي/وڻوٽائي باغ |
| Botanical name | نبات بابت نالو | = / = / = نالو |

| | | |
|---|---|---|
| Botanize | نباتڻ | وٽوتڻ (اوڀڙائڻ) |
| Herb | نبات | اوڀڙ نبات (؟) |
| Herbal | نبات بابت | اوياڙڪ، نباتي (؟) |
| Herbivorous | نبات خور | اوڀڙ کاؤ نباتخور (؟) |
| Herbaceous | نبات دار | نباتائي (؟) |
| Herbage | | ـــ (گاهه پنو) |
| Herbalist | | اوڀڙ جاڻڪ (گاهي) (هاري) |

Herb جي لاءِ مون ڪي في الوقت ڪو سنڌو لفظ نہ ٿو لڀي، ”اوڀڙ“ توٽي جو Botane لاءِ سنو متبادل آهي پر Vegetaion ڪي ذهن ۾ رکي Botane لاءِ ”وٽوت“ چونڊيو اٿم.

## 8. عجيب لفظ، غريب جملا

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ”al_“ پڇاڙي جي بدران متبادل طور هڪ سڄو لفظ ”بابت“ ڪم آڻيندي ڪجهه لفظ مثال طور ناهي پيش ڪيا آهن:

| | |
|---|---|
| علاج بابت | Therapeutical |
| رياضي بابت | Mathematical |
| حيات بابت | Biological |
| دوائن بابت | Medicinal |

اهي ئي سنڌي متبادل، جيڪڏهن، ڪنهن ”هيٺ ڏنل“ قسم جي جملي ۾ ڪم آندل هجن تہ ڇا انهن کي انگريزي ۾ مَٽائيندي، الٽو يا تَرجمو ڪندي، ڪم آڻي سگهبو؟

- اسان ”علاج بابت“ ڳالهہ ٻول پئي ڪئي.
- ”رياضي بابت“ چيو تو وڃي تہ ڏکيو علم آهي.
- ”حيات بابت“ اسان جو بحث علمي نہ هو.
- ”دوائن بابت“ عام ماڻهو اڻڄاڻائي جو شڪار آهن.

هاڻ هيٺ ڏنل جملن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڏسو:

- They were discussing about biological matters.
- It is classified as lethal poison.

- He is a medical student.
- The political party was banned.

ڇا مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن بدران واريسر ”حيات بابت“، ”موت بابت“، ”طب بابت“ ۽ ”سياست بابت“ لفظ ڪم آڻي سگهبا؟

ڇاڪاڻ سنڌي ۽ انگريزي ۾ اهڙا ٻيا سوين جملا چئي ۽ طرح ٻڌائن ٿا ته ”al_“ پڇاڙيءَ بدران سنڌيءَ ۾ ”بابت“ جهڙو لفظ ڪنهن به طرح نه ٿو نهڪي ۽ نه ئي سونهي ٿو. ”بابت“ انگريزي لفظ about (ابائوٽ) جو متبادل آهي. ”مئٿميٽڪس“ جي بدران علم رياضي يا حسابي علم يا ”علم رياض“ ۽ ”مئٿميٽيڪل“ جي ”بدران رياضي“ يا ”حسابي“ وڏيڪ دوست ٿيندا. منهنجي نظر ۾ مئٿميٽڪس جي بدران ڳڻتجاڻ، ڳڻتيپاس، حسابجاڻ، حسابيپاس، ”مئٿميٽيڪل“ جي بدران ڳڻتجاڻي، حسابي، حسابجاڻي، حسابيپاسي ۽ ”مئٿميٽيشينَ“ جي بدران ڳڻتجاڻڪ، ڳڻتيپاسڪ، حسابجاڻڪ، حسابيپاسڪ وڌيڪ بهتر متبادل آهن.

هڪ پڇاڙيءَ جي بدران سڄو لفظ ۽ هڪ مرتب لفظ بدران ٽي، چار يا پنج رُڪني لفظ، مٿي ڪيل بحث وسيلي پڌرو ٿو ٿئي ته خود ڊاڪٽر قاضي صاحب جن پنهنجي ان راءِ جي خلاف آهن ته **”دراصل اصطلاح اهڙا هئڻ گهرجن جي زبان توڙي فن جي لحاظ کان موزون هجن ۽ پڻ ساخت جي لحاظ مختصر هجن، هتي الامڪان ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ٻولي جون لساني خصوصيتون ۽ صرف ونحو جون بندشون بلڪل نظر انداز نه ڪيون وڃن.“**

## 9 . انگريزي ۽ سنڌي لفظن ۾ هم آهنگي

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي اها مٿي ڏنل راءِ ”برحق“ آهي. متبادل لفظ موزون، مختصر ۽ وس پڄندي گرامر جي قاعدن جي پيچڪڙي نه ڪندڙ هئڻ گهرجن. ”انگريزي“ سائنسي ۽ فني اصطلاحن جا سنڌي متبادل ڳولڻ، ووڙڻ، گهڙڻ، لکت ۾ آڻڻ ۽ ڳالهه ٻول ۾ عام مروج ڪرڻ لاءِ لازمي آهي ته **سنڌي لفظ ۽ اصطلاح نه رڳو ”انگريزين“ جو مٽ هجن پر سوال ۽ ننڍا هجڻ سان گڏ سيني گهربل صورتن ۾ بدلجي به سگهن.** ان لاءِ ضروري آهي ته انگريزي اصطلاحن جي فطرت ۽ مزاج ۽ سنڌي اصطلاحن جي فطرت ۽ مزاج کي نه رڳو سمجهيو وڃي پر هم آهنگ به ڪيو وڃي.

اها ڳالهه پهرين نظر ۾ اوپري ۽ ڇتڪي پائبي، ڪٿي يورپي ٻولين جو مزاج ۽ فطرت، ته ڪٿي سنڌي ٻوليءَ جو مزاج ۽ فطرت ۽ پوءِ وري انهن ۾ هم آهنگي! ڪو به، هتي اها چوٽي آٽي سگهي ٿو ته ”ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي تندوالهيار“ پر ائين چوڻ پاڻ اڻجاڻائيءَ جو سولو شڪار ٿيڻ هوندو.

سنڌي ٻوليءَ کي ڪنهن زماني ۾ سنسڪرت جي ڄائي، اڃا به ”بگڙيل ڄائي“ سمجهيو ٿي ويو. وقت گذرڻ ۽ تحقيق وڌڻ سان ٻنهي کي هڪ ٻي جي ڀيڻ سمجهيو ويو. پوءِ ثابت ٿيو ته اپڪنڊ ۾ سنسڪرت جهڙوڪر ڪالهه آئي آهي، سنڌي ان کان گهڻي آڳاٽي ۽ پنهنجو پاڻيرو وجود رکندڙ ٻولي آهي ۽ اڄ سنڌي ٻولي کي ٻولين جي **انڊو-يورپين گهراڻي** جو ڀاتي سمجهيو وڃي ٿو. سياڻي خبر ناهي ته ڪهڙا راز ڪلن ۽ ڪهڙيون حقيقتون سامهون اچن. سنڌي ٻولي لڳ ڀڳ ساندهه سڄي ڄاتل تاريخ دوران ڌارين ۽ پرمارن جي لتاڙ ۽ ڪاهه جو شڪار ٿيندي رهي آهي ان ڪري هن ٻوليءَ جون سوين خصوصيتون اکين کان اوجهل آهن. پر تحقيق وڌي پئي، ڳجهه ٻاڦورجن پيا ۽ نت نوان معاملا روشنيءَ ۾ اچن پيا.

اچو ته هڪ نظر ڪجهه انگريزي لفظن ۽ اصطلاحن تي وجهون ته جيئن انهن جي بناوت ۽ مزاج سمجهڻ ۾ سهولت ٿئي.

“Logos” لاطيني/لئٽن ٻوليءَ جو هڪ لفظ آهي. ان جي “Log” کي “Arithm” سان ملائي “Logarithm” (لاگرٿم، لاگردم) ناهيو ويو آهي. (ارٿميٽڪ يا اردميٽڪ لفظ پاڻ به ٻن جزن جو ٺهيل آهي ــ ”اردم“ ۽ ”ايٽڪ“ ــ جنهن جو مطلب آهي ”انگن جي سڃاڻ“ يا ”انگن وسيلي ڪم ڪرڻ“. سنڌيءَ ۾ ان لاءِ ”انگڄاڻ“ يا ”انگپياس“ يا ٻئي مقرر ڪري سگهجن ٿا). ”'اگرٿم' جو مطلب آهي انگن جو اهڙو سرشتو جيڪو جدول جي صورت ۾ ناهيل هجي ته جيئن ضرب ۽ ونڊ وغيره جا حساب ڪي مخصوص انگ جوڙيا ڪٽ ڪري سلجهائي سگهجن.“ ”لاگرٿم“ جي بدران سنڌيءَ ۾ متبادل **”ڄاڻنگ“** (ڄاڻ+انگ) اصطلاح مقرر ڪرڻ گهرجي.

“Analogous” (اينالاگس) ۾ اهو ساڳيو (لاگس) لفظ ”اينا“ (Ana) کان پوءِ ”نسبت“ يا ”مائٽي/ناتيداري“ يا ”ساڳيائپ“ جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي. ”اينا“ جو مطلب آهي ”مٿين“ يا ”ظاهري“ يا ”ٻاهرين“. ”اينالاگس“ جو مطلب آهي بناوت ۽ ٻڻ ۾ نه، پر ڪِرت جي لحاظ کان هڪ جهڙائي رکندڙ (انگ/ عضوا وغيره)، جيئن ڪنهن

ٻہ پکيءَ ۽ پوپٽ جا پَر. اينالاگس جي بدران سنڌيءَ ۾ متبادل ٻهرنگ (ٻهر+ انگ) مقرر ڪري سگهجي ٿو.

"Homologous" (هومولاگس) جو مطلب آهي ساڳي ڪرت نہ پر ساڳيو بڻ/ پيڙهہ رکندڙ (انگ/عضوا وغيره). هومولاگس جي بدران سنڌيءَ ۾ **ساڳنگ** (ساڳيو + انگ) يا **بڻنگ** (بڻ+انگ) مقرر ڪري سگهجي ٿو.

"Log book" (لاگ بوڪ) اهو ڪتاب/بوڪ/رجسٽر آهي جنهن ۾ حساب، ليکو چوکو ناهي محفوظ رکجي. پر اهو ساڳيو لفظ "Logos" تقرير يا ڳالھ ٻول جي معني پڻ ظاهر ڪري ٿو. لاگس جو لاگ (Log) ڪٽجي، ان جي پنيان "واءِ" (y) ملائي لاگي/لاجي (Logy) سڏجي. مختلف لفظن جي پنيان ڪم آڻجي ٿو ۽ ڄاڻ يا اڀياس جي معني ظاهر ڪري ٿو — آرڪيالاجي، بائلاجي، زوُلاجي، اينٿروپولاجي، مارفولاجي وغيره.

آرڪيو + لاگ + اِي — پنجاڻ، پنيياس، اڏ جاڻ، اَڏيياس
بايو+ لاگ + اِي — جياجاڻ، جياپياس
زوُ + لاگ + اِي — پسُوجاڻ، پسوپياس، جانوتجاڻ، جانوتپياس
اينٿروپو + لاگَ + اِي — مانسجاڻ، مانسپياس (مانس = ماڻهو)
مارفو + لاگ + اِي — روپجاڻ، روپپياس ("ٻولي جاڻ" يا "لسانيات" جي دنيا ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن "علم صرف" متبادل آندو آهي، ان ڪي صرفجاڻ، صرفپياس ڪري سگهجي ٿو).

"Anatomy" (ايناٽمي/ايناٽومي) هڪ يوناني لفظ آهي — اينا + ٽوم + اِي "اينا" معني مٿي/ٻاهر/مٿيون/ظاهري. "ايڪٽوم" ("ٽوم" جنهن تان ورتل آهي) معني وڍڻ ۽ ان سان "واءِ" (y) ملائي ڪيس علم، سڃاڻ جو درجو ڏنو ويو آهي. "ايناٽومي" جو مطلب آهي عضون/لڱن کي وڍي، ٽڪرا ڪري جاچڻ، پرکڻ، اڀياس ڪرڻ. سنڌيءَ ۾ لڱجاڻ/لڱپياس، لڱجاڻڪ/لڱپياسڪ ۽ لڱپياسي لفظ ايناٽومي، ايناٽومسٽ ۽ ايناٽوميڪل جي بدران ڪم آڻي سگهجن ٿا.

"Chemistry" (ڪيمسٽري) جو ڪيم (Chem) عربي لفظ آهي جنهن تان "الڪيمي" ۽ "ڪيميا" لفظ نهيا آهن. "اسٽ" (ist_) پوئلڳ، سنو سمجهندڙ، مڃيندڙ وغيره کي چيو وڃي ٿو. ان سان "_اري" (ry_) پڇاڙي ملائي ڪيس علم جو درجو ڏنو

ويو آهي. ڪيمسٽري اهو علم يا اڀياس جيڪو شين جي نسبتاً دائمي ڳُڻن، بناوتن، رشتن ۽ ڪارجن ڪي بحث/جاچ هيٺ آڻي ٿو.

"S" (ايس) پڻ ڪيترن ئي لفظن جي پڇاڙي آڻي انهن کي علم، اڀياس، سڄاڻ، سائنس جو درجو ڏنو ويو آهي. جيئن مئٿميٽڪس، ايٿڪس، اسٽيٽسٽڪس، اليڪٽرانڪس وغيره (اليڪٽران + اِڪ + س).

## 10 . "پڇاڙين" جو قيدي

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن "انگريزي" اصطلاحن جي ڪجھ پڇاڙين جي متبادل طور ڪي لفظ ڏنا آهن ۽ انهن کي اصطلاح سازي ۾ مقرر رکڻ جي صلاح ڏني آهي جيڪي هت ڏجن ٿيون: وانگر _oid، جهڙو _ferous، دار _aceous، جيان _ose، جوڳو _able، بابت _al، وارو _ous، شڪل _form.

حقيقت هيءَ آهي ته "انگريزي" لفظ جي هر هڪ پڇاڙيءَ جو مطلب هر حالت ۾ مقرر ۽ ڏار نموني جو ناهي. هر هڪ ٻولي پنهنجي مزاج موجب هر لفظ جي آخري "آواز" (وينجڻ هجي يا سُر) جي لحاظ کان هڪ مخصوص آواز واري پڇاڙي قبول ڪندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ به ائين آهي ۽ دنيا جي ٻي ٻوليءَ جيان انگريزيءَ ۾ به ائين ئي آهي. پاڻ ڪي لفظن جي اڳياڙين يا پڇاڙين جو قيدي نه بنائڻ گهرجي پر پڇاڙيءَ بدران ڪوشش ڪري پڇاڙي ئي ڪم آڻڻ گهرجي، لفظ نه، تان جو حد درجي لاچار هجي.

"وانگر"، "جهڙو" ۽ "جيان" ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. ساڳيءَ طرح اڳتي هلي اهو به ڏسنداسين ته "انگريزي" پڇاڙين ۾ به معنيٰ جي لحاظ کان ڪو خاص فرق ناهي.

"پڇاڙيءَ" جي بدران "لفظ" ڪم آڻڻ جي ڪري گهربل اصطلاح نه رڳو اڏنگو پر غلط به ٿي پيو آهي. تيڻ ته ائين گهربو هو ته "انگريزي" لفظن ۽ اصطلاحن جي پڇاڙين جيان سنڌيءَ جون به ڪي ٺهڪندڙ پڇاڙيون ڪم آڻجن ها. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن (شايد) اهوان ڪري نه ڪيو آهي جو پاڻ "انگريزي" پڇاڙين جي مفهوم تي جوڳو ڌيان ڏيڻ بدران پڇاڙي جي اڪرن ۾ اڙجي پيا آهن ــ اڪرن ۾ جيڪو اڙيو عشق جي چاڙهي مُوڙ نه چڙهيو.

Oval (اوول = آنول يعني آنو+اول) ۾ پڇاڙي _al آهي (ان جي معنيٰ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن پاران مقرر ڪيل پڇاڙيءَ موجب "بيضي بابت" ٿيندي. "بيضو" ان ڪري جو پاڻ "ovoid" جو متبادل بيضي وانگر مقرر ڪيو اٿائون). اها "_al" پڇاڙي "_oid" سان مَٽائي "ovoid" (**آنيل** يعني آني+ايل) ناهيو ويو آهي. ياد رکڻ گهرجي

تہ ”oid_“ پاڙ ”eidos“ تان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي شڪل، روپ، صورت يا form (ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ”فارم“ لاءِ ”شڪل“ لفظ مقرر ڪيو آهي).

ovoid جي انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ معنيٰ ”Egg_shaped“ (آني جي شڪل جهڙو) ڏنل آهي.

سنڌيءَ ۾ آنيرو (آني + ايرو) يا آنيارو (آني + آرو) ٻلوءِ آنورو (آنو+ اورو)، جنهن ڪي خصيويا فوطوبہ چيو ويندو آهي، عام مروج لفظ آهي.

Bacillus (بئسيلس =) ۾ پڇاڙي ”us_“ آهي ۽ معنيٰ اٿس لٺ، ڏنڊيءَ يا ڏانڊيءَ جي شڪل جهڙو (Rod_shaped).

Globular (گلوبيولر = گوليرِ يعني گولو + اير) ۾ پڇاڙي ”al_“ آهي ۽ معنيٰ اٿس ”Globe_ shaped“ يعني گولي وانگر يا گولي جي شڪل جهڙو.

Cuneiform (ڪيونيفارم= چاڀَر/چاپرو/چَپرول؟) ۾ پڇاڙي ”form_“ آهي، معنيٰ اٿس ”wedge – shaped“ يعني چيٽيءَ/چپر جي شڪل جهڙو.

Anthropoid (اينٿروپوئاڊ = مانسول يعني مانس+اول) ۾ پڇاڙي ”oid“ آهي پر معنيٰ اٿس ”man_like“ يعني ماڻهو_جيان. (ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ان پڇاڙيءَ لاءِ ”وانگر“ لفظ ڪم آڻيندي ”بشر وانگر“ متبادل ڏنو آهي. ”ٻَل مانس“ معنيٰ ٻلو ماڻهو ۽ ”بن مانس“ معنيٰ جهنگلي ماڻهو. ” مانس“ معنيٰ ماڻهو).

Leguminous (ليگومينَس = **ڦريئار**) ۾ پڇاڙي ”ous_“ آهي ۽ معنيٰ اٿس ”ڦريءَ“ يا ڦريءَ واري ”وٽوٽ“ (plant) جو (of) يا جيان (like). (**وٽوٽ** انگريزي لفظ پلانٽ جي بدران ڪم آندل آهي ”پلانٽ“ ڪيترين ئي معنائن ۾ ڪم اچي ٿو پر **وٽوٽ** رڳو وڻن ۽ وڻ جهڙن وجودن يعني ٻوٽن، ٻاڄين، گاهن وغيره ــ اوپڙــ لاءِ گڏيل طرح ڪم آڻي سگهبو. Plant فعل بہ آهي ۽ ان لاءِ ”وٽوٽڻ“ يا ”پوکڻ“ لفظ ڪم آڻي سگهجي ٿو. ”ڦٽوٽ“ ۽ ”سروٽو“ لفظن کي ذهن ۾ رکي ”وٽوٽ“ جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهبو.

Apical (ايپيڪل= **چوٽار چڪار** يعني چوٽ وارو يا چُڪ/چنهب وارو يا چوٽ/چنهب سان واسطيدار) ۾ پڇاڙي ”al_“ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي چوٽ/چوٽيءَ يا چُڪ/چنهب سان واسطيدار يا ان تي موجود (Pertaining to or located at apex).

هيٺ مختلف پڇاڙين وارا ڪجهہ ٻيا لفظ ڏجن ٿا:

Axial (ڪچ يا سرائيءَ سان واسطيدار) **ڪڇات/ڪڇارَ سرائِيٽو**

Chordate (فائلم ڪارڊيٽ سان واسطيدار) **ڏوريات**

Ophthalmic (اک سان واسطيدار. اک جو اک وارو) **اکيت**

Optic (نظر/ڏسڻ سان واسطيدار) **ڏٺار**

Pelagic (ڪناري کان پري کليل سمنڊ ۾ رهندڙ يا اتي رهندڙ سان واسطيدار)

Auditory (ٻُڌڻ سان واسطيدار ٻڌڻ جو ٻڌڻ وارو) **ٻُڌيت**

Anterior (اڳ واري پاسي سان واسطيدار) **اڳيت**

Posterior (پُٺ واري پاسي سان واسطيدار) **پٺيت**

Lateral (پاسي سان واسطيدار) **پاسيت**

Medial (وچ سان واسطيدار) **وچيت**

Adipose (سٽپ. چربيءَ سان واسطيدار سٽپ جو) **ساٽپ**

Predaceous (کاڌي خوراڪ لاءِ جانور جو شڪار يا شڪار ڪندڙ)

Oviparous (آنا پيدا ڪندڙ) **آناٿِت**

Allantois (هن لفظ جي پڇاڙي "ois_" اها ساڳي آهي جيڪا "oid" آهي يعني "eidos" تان ورتل. "Allas" معني "تُـڙ" ۽ "eidos" معني شڪل يا صورت) **ٽرات**

Diploid (Dipious معني ٻيڻو/ٻٽو ۽ eidos_ معني جهڙو) **ٻٽول**

Aqueous (جنهن ۾ پاڻي هجي) **پاڻيئات**

Aquatic (پاڻيءَ سان واسطيدار يا پاڻي ۾ رهندڙ) **پاڻيئر**

Morphology (Morphe معني شڪل/فار/روپ ۽ Logos يعني ڳالهه ٻول يا تقرير) **روپچاڻ. روپپياس.**

Alveolar (ايلوِيول سان واسطيدار)

ايلويول = (1) هڪ ننڍي کاڻ/ٿُر (pit) يا گهچِي (cavity).

(2) ٿڻائتن (mamallian) جي ڦڦڙ ۾... (air_sac)

(3) ڏندَ چُگهه (tooth socket) مَهار _ مَهاري (مهاروان؟)

(4) هڪ غدود جو ڇيهات (Terminal) رس ڏيندڙ حصو.

Aveolus (ايلويول سان واسطيدار)

مٿي ڏنل سيني لفظن تي ۽ انهن جي پڇاڙين تي ڏيان ڏيڻ سان هڪدم سمجهه ۾ اچي ويندو ته انهن جي معني يا انهن سان لاڳاپيل معني شعوري طرح. جاڻي ٻجهي

مقرر ڪئي وئي آهي. انهن جون پڇاڙيون ساڳيون هجڻ باوجود مختلف معنائون، ۽ مختلف هجڻ باوجود ساڳيون معنائون ڏين ٿيون. ان ڪري اهو قطعي لازمي ناهي ته هڪ ته پڇاڙيءَ بدران سجو لفظ ڪم آڻيون ۽ ٻيو ته مقرر پڇاڙيءَ لاءِ مقرر لفظ (يا پڇاڙي) ڪم آڻيون. ڊاڪٽر قاضي صاحب جن نہ رڳو هڪ مقرر لفظ بدران مرڪب لفظ ڪم آندا آهن پر انهن کي قيد ڪرڻ يا پابند نقل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي. البت ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي پوئواري ڪندي اهو ڪري سگهجي ٿو تہ ساڳي معنيٰ ڏيندڙ "انگريزي" پڇاڙين بدران سنڌيءَ ۾ جيڪي پڇاڙيون ڪم آڻجن اهي هڪ يا ٻہ يا ٽي... پر مقرر هجن.

## 11. سنڌي لفظن جون ڪجھ پڇاڙيون

ساڙيل ـ ساڙيلو ـ ساڙيلي
پاڇيل ـ پاڇيلو ـ پاڇيلي
نخريل ـ نخريلو ـ نخريلي
ڊاڙيل ـ ڊاڙيلو ـ ڊاڙيلي
گهوڙيل ـ گهوڙيلو ـ گهوڙيلي
ڪاڇيل ـ ڪاڇيلو ـ ڪاڇيلي
ٿاريل ـ ٿاريلو ـ ٿاريلي
سُريل ـ سُريلو ـ سريلي
ماٿيل ـ ماٿيلو ـ ماٿيلي
هنيل ـ هنيلو ـ هنيلي

پاٽيات ـ پاٽيانو ـ پاٽياني
لوٽيت/لوٽت ـ لوٽانو ـ لوٽاني
ڪلرات ـ ڪلرانو ـ ڪلراني
ڪانوات/ڪانوات ـ ڪانوانو ـ ڪانواني
پورات ـ پورانو ـ پوراني
ڪلهوڪو ـ ڪلهوڪي
ڪالهوڪو ـ ڪالهوڪي
اڄوڪو ـ اڄوڪي
پروڪو ـ پروڪي
هاڻوڪو ـ هاڻوڪي
هيلوڪو ـ هيلوڪي

ڪمائتو ـ ڪمائتي ـ (ڪمائت)
لاياڻتو ـ لاياڻتي ـ (لاياڻت)
وزناڻتو ـ وزناڻتي ـ (وزناڻت)
ڊولاڻتو ـ ڊولاڻتي ـ (ڊولاڻت)
پيراڻتو ـ پيراڻتي ـ (پيراڻت)
آساڻتو ـ آساڻتي ـ (آساڻت)
پواڻتو ـ پواڻتي ـ (پواڻت)

منيرڪو ـ منيرڪي ـ (منيرڪ)
پنيرڪو ـ پنيرڪي ـ (پنيرڪ)
وٽيرڪو ـ وٽيرڪي ـ (وٽيرڪ)
اميرڪو ـ اميرڪي (اميرڪ)
سڌيرڪو ـ سڌيرڪي ـ (سڌيرڪ)
ساڃهرڪو ـ ساڃهرڪي ـ (ساڃهرڪ)
ڀنيرڪو ـ ڀنيرڪي ـ (ڀنيرڪ)

ميِرڪو ـ ميِرڪي ـ (ميِرڪ)

اباٽو ـ اباٽي  چُرڪٽو ـ چرڪٽي  لوٽو ـ لوٽي
ڏاڏاٽو ـ ڏاڏاٽي  مرڪٽو ـ مرڪٽي  الوٽو ـ الوٽي
ناناٽو ـ ناناٽي  پرڪٽو ـ پرڪٽي  چُوٽو ـ چُوٽي
ماماٽو ـ ماماٽي  ڪرڪٽو ـ ڪرڪٽي  توٽو ـ توٽي
پيڪاٽو ـ پيڪاٽي  ترڪٽو ـ ترڪٽي  تونو ـ توني
ساهراٽو ـ ساهراٽي  تَلِڪٽو ـ تلڪٽي  **(هِڪ) مونو ـ (هڪ) موني**

فقيراٽو ـ فقيراٽي ـ (فقيراڻ)  پيلو ـ پيلي  لوهر ـ لوهار ـ لوهارڪو ـ لوهارڪي
ميراٽو ـ ميراٽي (ميراڻ)  پورو ـ پوري  **ڪنير ـ ڪنيار ـ ڪنيارڪو ـ ڪنيارڪي**
اميراٽو ـ اميراٽي ـ (اميراڻ)  پُورو ـ پُوري  ميهر ـ ميهار ـ ميهارڪو ـ ميهارڪي
پيراٽو ـ پيراٽي ـ (پيراڻ)  ڪورو ـ ڪوري  اوٺي ـ اوٺار ـ اوٺارڪو ـ اوٺارڪي

ڳنوار ـ ڳنوارڪو ـ ڳنوارڪي  ريڍيو ـ ريڍي  ڏوٿي  مانڊاٽي
ريڊار ـ ريڊارڪو ـ ريڊارڪي  ٻاڪرو ـ ٻاڪري  ٻوڏي  ڳوٺاٽي
ٻڪرار ـ ٻڪرارڪو ـ ٻڪرارڪي  ماهيو ـ ماهي  ڌوڏي  واياٽي
ڏڪڻ ـ ڏڪاٽڪو ـ ڏڪاٽڪي  ڳائو ـ ڳائي  لوپي  ماڇاٽي
حجم ـ حجامڪو ـ حجامڪي  اوٺو ـ اوٺي  ٺوڳي  ڪٿياٽي
ڌوٻي ـ ڌوٻڪو ـ ڌوٻڪي

جهانگي  ڏيوالو  جهڙالو ـ جهڙالي ـ (جهڙال)  ڪارو ـ ڪارهه ـ ڪاراڻ
مانجهي  شِوالو  پورالو ـ پورالي ـ (پورال)  ڳاڙهو ـ ڳاڙهه ـ ڳاڙهاڻ
وانجهي  ميڄالو  پُورالو ـ پورالي ـ (پورال)  ميرو ـ ميرهه ـ ميراڻ
ڪانجهي  پٿالو  نيرو ـ نيرهه ـ نيراڻ
سانجهي

ڪانوڙو ـ ڪانوڙي ـ ڪانوڙ  رانبوٽ ـ رانبوٽو ـ رانبوٽي
پيتوڙو ـ پيتوڙي ـ پيتوڙ  اقرات ـ اقراتو ـ اقراتي
ميتوڙو ـ ميتوڙي ـ ميتوڙ  تڪرات ـ تڪراتو ـ تڪراتي
واتوڙو ـ واتوڙي ـ واتوڙ  نڪرات ـ نڪراتو ـ نڪراتي

پاهوڙو ـ پاهوڙي ـ پاهوڙ    نيڪرات ـ نيڪراتو- نيڪراتي
(ڏينيوڙو) ـ ڏينيوڙي ـ (ڏينيوڙ)    لسڙات ـ (لسڙاتو ـ لسڙاتي)

ڪارَسُرو ـ ڪارسري    پٽريلو ـ پٽريلي – پٽريل    پٽرائون ـ پٽرائين
اڇسرو ـ اڇسري    زهريلو ـ زهريلي ـ (زهريل)    نڪرائون-نڪرائين
ڳاڙهسرو ـ ڳاڙهسري    ڦڙتيلو ـ ڦڙتيلي ـ (ڦڙتيل)    گولائون ـ گولائين
اپسرو ـ اپسري    هنيلو ـ هنيلي ـ هنيل    ميوائون ـ ميوائين
چوٿائون ـ چوٿائين

پلير- پليرو ـ پليري    مٽڪو ـ مٽڪي ـ مٽڪائي    ڊهڪو    چوڪرات
مٿير ـ مٿيرو ـ مٿيري    مٿڪو ـ مٿڪي    ڪٽڪو    زوڪات
سنير ـ سنيرو ـ سنيري    ڄٽڪو ـ ڄٽڪي ـ ڄٽڪاٽي    گهڪو    گِسڪات
وڏير ـ وڏيرو ـ وڏيري    ڏٽڪو ـ ڏٽڪي    ڏهڪو    سوسات

راهوجو ـ راهوجاٽي    هاڪار ـ هاڪارو    ويلو    سنگتي
جوٽيجو ـ جوٽيجاٽي    واڏار ـ واڏارو    پيلو    پگتي
پليجو ـ پليجاٽي    سنيار ـ سنيارو    ويڙهو    شڪتي
سميجو ـ سميجاٽي    اولار ـ اولارو    اوچو    ٻيلي
جاڙيجو ـ جاڙيجاٽي    پولار ـ پولارو    ميري
آريجو ـ آريجاٽي    ڪاٽيار ـ ڪاٽيارو    ڪيڙو    ويري

ڳاهيچو ـ ڳاهيچاٽي    واڏل    ميلائي، ٻيلائي    ڪانيرو ـ ڪانيري ـ ڪانير
باريچو ـ باريچاٽي    ٽاڏل    ديرائي، حلوائي    اپيرو ـ اپيري ـ اپير
واهوچو ـ واهوچاٽي    جاڏل    زهرائي، درياهي    ماسيرو ـ ماسيري ـ ماسير
ڦاپُل    ٿلهائي، ويڪرائي    ٿلهو ـ ٿلهيري ـ ٿلهير

ٻِڪات ـ ٻِڪاتي    ڏڙڪو ڦڙڪو    تاريل، مڪريل، مرهيات، ٻودلو، گهريلو
ٻرڙات ـ ٻرڙاتي    ٿَڙڪو ڪڙڪو    مٽيارو مانجهاندو سانپير، پلور، پاروٿو
ٽڙڪات-ٽڙڪاتي    ٽڙڪو ڪُٽڪو    سيراندي، پيراندي، ٽڪاٽو ملول، مُنڙيو
ڦَڙڪات-ڦڙڪاتي    پُڙڪو پٽڪو    جُهڙات، موڳو موڳائي، پيلاڻ، چهراڻ، ٽاڪرو
پٽڪات، پٽڪاتي    ٽڙڪو ڳتڪو    لوسات، نوسات، هيڪاندو جهڳتو زبڙاڪ،
ڪونگهرات-ڪونگهراتي ڪڙڪو نهڪو    هيراڪ، ڪوڙاڻ، ڪوڙٿ، لاڪيٽو ڇٽيسو

وغيره.

انهن ۽ اهڙين ٻين ڪيترين ئي پڇاڙين کي ذهن ۾ رکي هزارين اصطلاح ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. عام طرح، **هر اڳياڙي ڪنهن نہ ڪنهن لفظ جو اڳيون حصو ۽ هر پڇاڙي ڪنهن نہ ڪنهن لفظ جو پٺيون حصو آهي ۽ وچاڙي، ڪانہ ڪا اهڙي پڇاڙي آهي جنهن کان پوءِ ان لفظ ۾ وڌيڪ پڇاڙيءَ اچي ان کي وچاڙي ناهي ڇڏيو آهي**. گهرج آهر سوين اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ناهي سگهجن ٿيون، رڳو جاڻ ۽ سگهڙائپ هجي.

## 12. اکرن ۾ اسرارِ عجيب

"**هر هڪ لفظ هيري ـ ڪاڻ**" جي عنوان سان هڪ مضمون لکيم، هڪ رسالي جي "مددگار ايڊيٽر" پنهنجي رسالي ۾ ڇپڻ لاءِ زوريءَ ڪٽي ورتو ۽ گم ڪيو. ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي **عبرت مئگزين** ۾ ڇپڻ لاءِ ڪنئي وئي ۽ ڇپيو ويو تہ ڊسمبر 1993ع جي پهرين تاريخ ڇپجي ايندو ـــ فهرست ۾ مضمون جو عنوان ڇپيو ۽ اندر مضمون اٽليو![6]

"**هڪ اکرا لفظ**" نالي مضمون تيار ڪيو اٿم[7]. ايتري جيان هر هڪ لفظ ۾ بہ هڪ اسرارن ڀري دنيا لڪل آهي. توهان کان جيڪڏهن پڇجي تہ سوگهائي، سوگهارو، سوگهاڻ، سوگهو، سگهائجڻ، سگهائتو، سگهاتو، سگهائي، سگهرو، سگهت، سگهڻ سگهو ۾ بنيادي لفظ ڪهڙو؟ سمجهان ٿو تہ اوهين هڪدم چوندا، "سگهہ". وري جي پڇجي تہ اگهاڻپ، اگهائي، اگهي ۽ اگهو ۾ بنيادي لفظ ڪهڙو؟ ـــ "اگهہ".

سگهہ معنيٰ سٺي يا گهڻي طاقت، زور، ٻل ۽

اَگهہ معنيٰ هيٺائي يا طاقت، زور، ٻل جي اڻهوند. تہ ـ

اصل لفظ ٿيندو **گهہ**. جيڪا گهاٽ، گهاٽ، گهاٽو وغيره لفظن ۾ پڻ پنهنجي معنيٰ ۽ حقيقت کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪري ٿي. طاقت جي معنيٰ رکندڙ هڪ آواز ـــ **گهہ** ـــ هڪ مڪمل لفظ آهي ۽ هڪ اکر وسيلي لکجي ظاهر ٿئي ٿو ۽ ايتري جيان هڪ مڪمل وجود رکڻ باوجود اڪيلي صورت ۾ نہ تو ليي. جيئن ايتري اها بنيادي "سِر" آهي جنهن وسيلي سڄي ڪائنات اڏجي ٿي تيئن ڳالهائڻ جو "آواز" (۽ لکت جو "اکر") اها بنيادي سر آهي جنهن وسيلي سڄي ٻولي جُڙي ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ موهن دڙي/مَهن دڙي جون مهرون پڙهڻ لاءِ اهو طريقو هڪ ڪُنجي ثابت ٿئي.

---

[6] نوٽ: اهو مضمون ماهوار **ڪينجهر** ۾ مارچ 1994ع ۾ ڇپيو. (رياضت)

[7] نوٽ: هن مضمون هٿ اچي نہ سگهيو آهي، نہ ئي اها سُڌ آهي تہ ڪٿي ڇپيو يا نہ. (رياضت)

متي ڏنل لفظن تي ڌيان ڏئي ڏسي سگهون ٿا تہ ڪيئن هڪ لفظ ٻيا ڪيترائي لفظ ڄاهي ٿو. اسان جا عالم، اڪابر ۽ سگهڙ جيڪڏهن آوازن، اکرن ۽ لفظن ۽ انهن جي هر هڪ اڳياڙيءَ ۽ پڇاڙيءَ تي ڌيان ڏين ۽ انهن جا قدر مقرر ڪن تہ ڪو سبب ناهي جو نيٺ سنڌي طريقي سان سوين/هزارين لفظ ۽ اصطلاح نہ ڄاهي سگهون.

هڪ لفظ جون ڪيئي معنائون ٿين ٿيون ۽ هڪ مطلب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪيئي لفظ ٿين ٿا. سنڌي توڙي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ اهڙا سوين مثال موجود آهن. ان هوندي بہ، هر ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ محسوس ٿا ڪن تہ وٽن ڪيترن ئي مامرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظن جي ڪوت آهي.

## 13. ”انگريزي“ هڪ ڪُٿل ٻولي

سياست ڪندڙ ۽ سياست ڄاڻندڙ ۾ فرق آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ علم جي ڄاڻندڙ ۽ واسطيدار علم جي سيکڙاٽ ۾ فرق آهي. صنعت ڄاهيندڙ ۽ صنعت هلائيندڙ جي وچ ۾ فرق آهي پر انهن لاءِ اهڙا لفظ موجود ناهن جو اهو لفظ ڳالهائڻ يا پڙهڻ سان سمجهي سگهجي تہ اهو ڪنهن لاءِ. مثال طور، ”زُولاجِسٽ“ توٽي جو عام طرح ان علم جي ماهر، ڄاڻڪ لاءِ ڪم ايندو آهي پر ان علم جي سيکڙاٽ/شاگرد/پاڻڪ لاءِ بہ اهو ئي لفظ ڪم ايندو. بيشڪ، انگريزيءَ ۾ اصطلاحي مواد تمام گهڻو آهي، ان هوندي بہ اها ڪٿل آهي.

”زولاجي“ جي بدران، جيڪڏهن، پسُوڄاڻ/پسوپياسڪ (۽ اهڙو ٻيو هر اصطلاح) قبول ڪيو وڃي تہ ”پسوڄاڻڪ“ ماهر لاءِ ۽ ”پسوپياڪ“ شاگرد/سکندڙ لاءِ مخصوص ڪري سگهجي ٿو.

Ethics (ايٿڪس = لڇڻڄاڻ/لڇپياس) جو متبادل عام طرح ”اخلاقيات“ ڏنو وڃي ٿو (ڊاڪٽر قاضي صاحب جن شايد ”علم اخلاق“ وڌيڪ پسند ڪن) جڏهن تہ Ethical جو متبادل ”اخلاقيات بابت“ يا ”اخلاق بابت“ نہ پر ”اخلاقي“ (”اخلاق جو“ يا ”اخلاق سان واسطيدار“) ڪيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ **ايٿيڪل** جا بہ مفهوم آهن ۽ سنڌي ۾ اهي ٻئي ڌار ڌار ڏئي سگهجن ٿا. يعني ”لڇڻائي“ يا ”لڇڻي“ ۽ لڇڻڄاڻي / لڇپياسي — اخلاقي (اخلاق سان واسطيدار) ۽ ”اخلاقياتي“ (اخلاقيات سان واسطيدار).

اهڙيءَ طرح، ”بائلاجيڪل“ جا به متبادل ڏئي سگهجن ٿا يعني جياڄاڻي/ جياپياسي (جياڄاڻ سان واسطيدار) ۽ جياڻاٽي (توڙي جو هن ۾ ساڳي ئي معنيٰ لڪل آهي پر ”جيوت رکندڙ شيءِ“ سان واسطيدار به).

پر اهو لازمي شرط ناهي ته هر حالت ۾ ”al_“ پڇاڙي لڳايل لفظ جون به معنائون ظاهر ڪري، جيئن بئڪٽيريل (جيوڙائي/جنڏائي) جي هڪ معنيٰ آهي ۽ بئڪٽيريالاجيڪل (جيوڙ ڄاڻي/جيوڙپياسي يا جنڏڄاڻي/جنڏپياسي) جي به هڪ معنيٰ آهي.

ان ڪري سنڌي متبادل مقرر ڪرڻ وقت اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻي ئي پوندي ته ڪهڙي اصطلاح ۽ ان جي پڇاڙي ڪهڙي هنڌ ڪهڙي معنيٰ ظاهر ڪري ٿي.

## 14 . ”بصر وانگر بابت“!

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ”ose_“ پڇاڙيءَ لاءِ سڄو لفظ ”جيان“ مقرر ڪندي ”بصر جيان“ (adenose)، ”ڏاڻي جيان“ (glebulose)، ”ماناري جيان“ (favose) ۽ ”ميوي جيان“ ( fruiticose) متبادل آندا آهن.

بصر جيان سنهڙيون پاڙون رکندڙ.

ميوي جيان مٺو ۽ مزيدار.

موتي جي ڏاڻي جيان چمڪدار.

ماناري جيان هن گهر جا ڪمرا به ڇهه ڪُنڊا آهن.

ليڪ ڏنل لفظن بدران ڇا اهي لفظ ڪم آڻي سگهبا جن بدران اهي لفظ ڊاڪٽر قاضي صاحب جن مقرر ڪيا آهن ۽ ڇا هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن بدران سنڌن مقرر ڪيل لفظ ڪم آڻي سگهبا؟

- It seems like an adenose.
- Fruiticose is availed from fruits.
- Glebulose is not a chemical.
- What is favose?

ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي ڄاڻايل متبادل موجب مٿي ڏنل سنڌي جملن کي انگريزي ۾ ۽ انگريزي جملن کي سنڌي ۾ الٿو ڪرڻ سان ماٺهو عجيب ڪيفيت ۾ ڦاسيو وڃي. اصطلاح جوڙڻ مهل بنيادي لفظ ۽ ان جي مدد سان نهندڙ ٻين اصطلاحن

تي گهربل ڏيان نہ ڏيڻ سان گڏ پچاڙيءَ جو قيدي بنائڻ ڪري ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي گهڻن ئي اصطلاحن کي انصاف پلئہ وجهڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪي متبادل تہ مورڳو ڪل جوڳا تي پيا آهن جيئن ”بصر جيان“ جيڪو adenose جي متبادل طور ڪم آندو ويو آهي.

Aden هڪ يوناني لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي ”غدود“/گُٽ. ”ايڊينوز“ معنيٰ ”غدود سان واسطيدار“ يا غدود جو/جي يا غدود وارو/واري ــ گٽوئي“. هيٺ ڪجھ اهڙا لفظ ڏجن ٿا جن ۾ **ايڊين** (aden) بنيادي لفظ آهي:

| | |
|---|---|
| Aden= gland | گٽُ، گٽو (غدود) ايڊِين |
| Adenose (pertaning to aden or gland) | گٽوئي |
| Adenoid (Aden=gland+eidos=from) | گٽول |
| Adenoma (....+oma=raw flesh) | **گٽوسو (گٽ+اسو=ماس جي ڳوڙهي)** |
| Adenitis (Aden+itis=inflammation) | گٽام (....+ ڪام = ساڙو پاچ) |
| Adenectomy (....+ektome=excision) | گٽواڍ (گٽ+ واڍ= وڍڻ جو عمل) |
| Adenovirus(...+virus=poison) | ... |
| Adenomyoma(....+myos+muscle+...) | گٽماسو (.... + ماس + اسو) |
| Adenopathy(...+pathos=disease) | **گٽروڳ** (....+ روڳ = مرض، بيماري) |
| Adenotonsillectomy(...+tonsil+...) | **گٽڪلِيواڍ** (...+ڪلي، ڪليون+....) |
| Adenofibroma(+...fibret+...) | گٽناڌسو (...+ تاندورو + ....) |
| Adenocarcinoma(...+karkinos+...) | گٽڳڙاسو (...+ ڳڙُ + ...) |
| Adenoidectomy(aden+eidos+ektome) | گٽولواڍ |
| Adenosins disucphatie | |

“ader” جو متبادل ”بصر“ ۽ ”adenose“ جو ”بصر جيان“ مقرر ڪرڻ بابت هاڻي ڪهڙو خيال آهي؟

“Adenoid” جو متبادل، ڊاڪٽر قاضي صاحب جن جي رٿيل طريقي موجب ”بصر وانگر“ ٿيندو جو تہ پاڻ odontoid (ڏند وانگر)، ovoid (بيضي وانگر)، Anthropoid (بشر وانگر) ۽ thanatoid (زهر وانگر) پيش ڪيا اٿائون. ان ڪري “Adenoidal” جي متبادل طور ”بصر وانگر بابت“ آڻو پوندو!

| ”انگريزي“ | ڊاڪٽر قاضي موجب | ليکڪ پاران |
|---|---|---|
| Odontoid | ڏند وانگر | ڏنديل، ڏنڌسرو، ڏندير |
| Ovoid | بيضي وانگر | آنول، آنَسرو، آنيل |
| Australoid | آسٽريليائي وانگر | آسٽريلسرو |
| Caucosoid | ڪُؤڪاسري وانگر | ڪؤڪاسرو |
| Congoid | ڪانگوئي وانگر | ڪانگول، ڪانگوسرو |
| Capoid | ڪئپوئي وانگر | ڪئپول، ڪئپوسرو |
| Mongoloid | منگول وانگر | منگولسرو |
| Negroid | حَبشي وانگر | حَبشول |
| Anthropoid | بشر وانگر | مانسول، مانسرو (مانس+سرو) |
| | | (سُرو؛ جيئن ”ڪارسرو“، ڳاڙهسرو...) |

---

| | |
|---|---|
| Anthropology | مانسجاڻ، مانسپياس |
| Anthroplogist | مانسجاڻڪ، مانسپياسڪ |
| Anthropological | مانسجاڻي، مانسپياسي |
| Anthropmorphology | مانسروپجاڻ، مانسروپپياس |
| Anthropmorphologist | مانسروپجاڻڪ، مانسروپپياسڪ |
| Anthropmorphological | مانسروپجاڻي، مانسروپپياس |
| Thanatoid | |
| Thanatology | |
| Thanatologist | |
| Thanatogical | |

Thanatoid جي معنيٰ اِي اٿي. شاهاڻيءَ ”ظاهري مُئل“، ”جومئل ڏسڻ ۾ اچي“ ڪئي آهي. Thanatose (۾ توٽي جو پڇاڙي ”ose_“ آهي پر ان ) جي معنيٰ آهي ”موت“. ان ڪري ٿئنيٽولاجي جو متبادل ٿيندو موتَجاڻ، موتپياس ــ (1) موت جو اڀياس، (2) پروسي جوڳي راهه ڳولڻ ته اهڙو مرڻ (موت) ٿي چڪو آهي جو (ذڪر هيٺ جسم جو) وري_جيئڻ ممڪن ناهي.

## 15. مرڪب ۽ ٻٽا لفظ

گراف (Graph) جي بدران ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ”نگار“ لفظ ڪم آندو آهي: برق نگار، طيف نگار، طريق نگار ۽ هوانگار.

ان اصول موجب ”فوٽوگراف“ لاءِ مناسب متبادل ٿيندو ”روشن نگار“ يا ”روشني نگار“ ۽ ”آٽوگراف“ لاءِ ”خودنگار“. ساڳيءَ طرح ”ڪئليگرافي“ لاءِ ”خوشخط نگاري“ ۽ ”جاگرافي“ لاءِ ”زمين نگاري“ ۽ ”جاگرافڪ“ يا ”جاگرافيڪل“ لاءِ ”زمين نگاري وارو“ مقرر ڪرڻا پوندا.

”گراف پيپر“ چورس خانن واري پني کي چئجي ٿو ۽ ”گراف“ جي اصولي معنيٰ آهي، لِيڪ يا لِيڪن وارو خاڪو جيڪو (پرک هيٺ شيءِ/عمل جي) لاهه چاڙهه (گهٽتا وَڌي يا اڳ ۽ پوءِ هجڻ) کي ظاهر ڪري.

سنڌيءَ ۾ پنهنجيءَ جاڻ آهر سمجهان ٿو ته ”گراف“ جي متبادل طور (1) ڪجهه لفظن پويان ”گراف“ ئي رکڻو پوندو. (2) ڪجهه لفظن پويان ”سُڌ“ رکي سگهبو ۽ (3) ڪجهه لفظن پويان ”ليک“ يا ”لِيڪ“ يا ڪا اهڙي پڇاڙي جيڪا ”ليک“ يا ”ليڪ“ جي بدران ڪم آڻي سگهجي (ٽيليگراف ۾ اهو لفظ گراف هڪ قسم جي مشينري جي نمائندگي ڪري ٿو).

ڪو دوست سوال پڇي سگهي ٿو ته ”بايوگرافي“ بدران ”جيانگاري“ ۽ ”آٽوبايوگرافي“ جي بدران ”خود جيانگاري“ ڇو ڪم نه ٿا آڻي سگهجن؟

جواب ۾ چئي سگهجي ٿو ته ”نگار“ ۽ ”نگاري“ ڪم آڻڻ جي ڪري اسان کي بايوگرافيڪل، بايوگرافر، آٽوبايوگرافيڪل ۽ اهڙن ٻين سيني لفظن لاءِ جيڪي متبادل ايندا اهي خود لفظ ۽ جملي جي بناوت، سهنجائيءَ ۽ ترنم کي ٽوڙي ڇڏيندا.

”جاگرافي“ هاڻي زمين جي خاڪن ۽ لِيڪن تائين محدود رهندڙ عام ڄاڻ کان مٿي چڙهي هڪ باقاعدي سائنس ٿي چڪو آهي جيڪا ڌرتيءَ جي مٿاڇري، ان جي صورتن ۽ علائقن ۽ (هر قسم جي) آباديءَ، اپت، موسم/آبهوا وغيره جو اڀياس ڪري ٿي، تنهنڪري، ان قسم جي ”گرافي“ لاءِ مون کي وڌيڪ مناسب ۽ موزون لفظ ”سُڌ“ پائنجي ٿو:

| | |
|---|---|
| ڀُوسُڌ، ڌرسُڌ | Geopgraphy |
| ڀُوسُڌي، ڌرسڌي | Geographical,Geographic |
| ڀوسڌير، ڌرسڌير | Geographer |

"Geo_" اڳياڙي ڀُو ڀوُن، ڀونءِ، "ڀوم"، "ڀومي"، ڌر، ڌرت، ڌرتي، زمين جي نمائندگي ڪري ٿي. سنڌيءَ ۾ ان جي بدران "ڀُو" يا "ڌَر" جهڙا بنيادي لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا:

ڀُوڄاڻ، ڀوپياس، ڌرڄاڻ، ڌرپياس Geology

ڀُوڄاڻڪ، ڌرپياسڪ، ڀوپياسڪ ڌرپياسڪ Geologist

ڀُوڄاڻي، ڀوپياسي، ڌرڄاڻي، ڌرپياسي ۽ Gelogical

ڀُوماپ Geometry

ڀُوماڄاڻڪ ۽ Geometrician

ڀُوماپي Geometrical وري ان علم لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو جيڪو ڪنهن زماني ۾ رڳو ڌرتيءَ جي ڪنهن ٽڪري جي ڳڻپ، ماپ، ڪاڇي، ماپي سان واسطيدار هو ۽ هاڻي رڇجي "لِيڪن، ڪُنڊن ۽ مٿاڇرن جي ڳڻ ۽ ناتن جي سڃاڻ" بنجي چڪو آهي (يا لِيڪُنڊ ڄاڻ، ليڪنڊڄاڻڪ، ليڪنڊڄاڻي).

وڻ ٽڻ، ماٺهو مِرون، جيت جناور، ياڙو پتو، پيار پريت، ڪرڙ ڪانڊيرو ميٺ محبت، سُڌ سماءُ، خَير خبر ۽ اهڙا ٻيا سوين لفظ سنڌيءَ ۾ عام مروج آهن. انهن کي عام طرح ٻٽا لفظ چيو ويندو آهي. اهي مرڪب لفظ آهن ۽ هر لفظ کي هڪ معنيٰ آهي.

ٻٽي لفظ سان عام طرح اهو تصور وابسطہ رکيو ويندو آهي تہ ان جي پهرين لفظ جي تہ هڪ معنيٰ آهي پر ٻي حصي جي ڪا بہ معنيٰ ناهي، جيئن "وڻ ٽڻ" ۾ "وڻ" جي تہ معنيٰ آهي پر "ٽڻ" جو ڪو بہ مطلب ناهي، اهو اجايو/غير ضروري آهي ۽ لفظ کي رڳو شاعراڻو مزاج ڏي ٿو. آءٌ ان سان اختلاف رکندڙن مان آهيان، پر هتي ان تي بحث ڪرڻ بدران "ڏيک" سان گڏ ايندڙ لفظ "ويک" (ڏيک ويک) کي انگريزيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ "اسڪوپ" (scope) جي بدران ڪم آڻڻ گهران ٿو.

"اسڪوپ" جي متبادل طور اي. ٽي. شاهاڻيءَ "جاءِ، مقصد، آزادي، گنجائش ۽ ميدان" لفظ ڪم آندا آهن. آڪسفورڊ لرنرس (Learner`s) ڊڪشنريءَ ۾ opportunity (وَجهہ، موقعو سُجهہ)، outlet (نيڪال، رستو) ۽ Range of action or observation (عمل يا مشاهدي جي پهچ، حد، دائرو) معنائون ڏنل آهن. ويک، ويڪڻ، ويڪنا (ڏٺ، ڏسڻ، ڏنائي) کي جيڪو ڪجهہ ڏسي، جاچي سگهجي جي معنيٰ ۾ ڪم آڻجي تہ "اسڪوپ" جي متبادل طور آڻي سگهجي ٿو.

ٻِٽويک (ٻِٽ + ويک) Microscope (ٻِٽيک)

پٽويڪي Microscopical,microscopic (پٽيڪي)
پٽويڪپ Microscopy (پيٽڪپ)
پِٽ Micro
پِٽوج (Microbe)، ننڍڙو ذرڙو جيو/جنڊ جيڪو رڳو پٽويڪ (پٽيڪ) جي مدد سان ڏسي سگهجي. **بئڪٽيريا** جا مختلف قسم.
پٽوجي (Microbial)، پٽوج سان واسطيدار
پٽوجياڃاڻ (Microbiology)، پِٽ-جِيوَ جو اڀياس = پٽوجياڀياس.
پٽوجياڃاڻڪ، پٽوجياسڪ Microbiologist
پٽوجياڃاڻي، پٽوجياڀياسي Microbiological
پِٽ-ڪمپيوٽر (Micro computer)
پٽوس (Micro_cosm)، ڪنهن بہ شيءِ (خاص ڪري، ماڻهوءَ بابت اڳوڻن فلاسفرن سمجهيو پئي تہ ان) انسانذات يا سنسار جي نمائندگي پئي ڪئي.
پِٽ-فلم (Microfilm)
پِٽ-ميٽر (Micrometer) ميٽر جو ڏهہ-لکون حصو. "پٽماپر" (هڪ اوزار).
پِٽم (Micron)، ڊيگهہ ماپڻ جو هڪ ايڪو (unit)، ان جو نشان "م" (µ) آهي ۽ ميٽر جي ڏهين لکين حصي جيترو ٿئي ٿو.
پٽجِنڊ (پٽوگ) (Micro_organism)، هڪ جنڊ ايترو ننڍڙو جو رڳو پٽيڪ (پٽويڪَ) وسيلي ڏسي سگهجي.
پِٽ-ٻولڪ (Micro_phone)؟
پِٽ-لهر (Micro_wave)
پٽوٽ (Microdot)، فوٽوگراف جيڪو هڪ نقطي جيترو ننڍو ڪيو ويو هجي.
پرويڪ Telescope (پَريڪ)
پرويڪي Telescopic (پريڪي)
پرويڪپ Telescopy (پريڪپ)

Tele (تيلي) هڪ اڳياڙي آهي. پَر، پَري، پَريون، پرينءَ، پرانهون، پرڏيهہ، پرديس، پرمار، پروڪو، پريوگ، پرلوڪ جهڙن سيني لفظن ۾ "پر" بلڪل اها ساڳي معني ڏي ٿي جيڪا "انگريزي" اڳياڙي "_Tele" ڏي ٿي.

| | |
|---|---|
| Telecommunication | |
| Tele_gram | پرنياپ، ”تارَ“ |
| Telegraph | (پرسُڏارڪ، پرسُڏڪ) |
| Telepost | پرچَونڪِي |
| Tele_lone | |
| Telegrapher | پرسڏيَر |
| Telegraphic | پرسُڏي |
| Telepole | پرٿنڀ |
| Tele wire | |
| Telegraphese | پرسُڏوڪي (پرنياپن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي) |
| Telegraphisty | پرسُڏيڪ / پرسَڏيَر |
| Telegrapy | پرسُڏ |
| Tele metry | پرماپ (هڪ پرانهين پنڌ کان پاڻمرادي ”نشريات“ ۽ ڄاڻوڪي جي ماپ، عام طرح ريڊيو وسيلي). |
| Teleology | |
| Teleologist | |
| Teleological | |
| Telepathy | پرچتڄاڻ (پرچتگيان) |
| Telepathic | پرچتڄاڻي، پرچيتي |
| Telepathist | پرچتڄاڻڪ |
| Telephone | پرڳال (پرڳالھ) ”پرڳالڙ“ فعل ۾ ”پرڳالڪ“ اسم |
| Telephony | پرڳالڄاڻ |
| Telephotolens | |
| Telephotograph | |
| Teleprinter | پرڇاپڪ |
| Teleprompter | پرياڏڪ |
| Telescope | پريک/پرويک |

| | |
|---|---|
| Telescopic | پريکي / پرويکي |
| Radio_telescope | ريڊيوپرويک / ريڊيوپريکي |
| Tele_type_writer | پرٽائيپ_ليکاري/ پرٽائيپ_پريکي |
| Televison | پرڏناڪَ |
| Televise | پرڏناڪڻ |
| Telelx | پرچاپارِڪ (پرچاپڪ سرشتو) |
| Telefax | پرچاپ |

| | | |
|---|---|---|
| لهرويک | Osciloscope | (لهريک) |
| لهرويکر | Osciloscopic | (لهريکي) |
| لهرويکپ | Ociloscopy | (لهريکپ) |
| سيني ويک/سِينيک | Stethoscope | |
| سيني ويکي/سِينيکي | Stethoscopic | |
| سيني ويکپ/ سينيکپ | Stethoscopy | |
| ؟ | Cystoscope | |
| نڙي_ ويک | Laryngoscope | |
| نڙ گهٽ ويک | Pharyngscope | |

## 16. لفظ جي پچاڙيءَ جي حقيقت

ٻني ٻاري يا جاءِ جڳهه جي سَنڌن/ڌَڪن تي جڏهن ڦڏو ٿي پوندو آهي تڏهن جنهن ڏاهي وسيلي ڪَچ ماپ ڪرائي نبيرو ڪيو ويندو آهي ان کي ”ماپارو“ چوندا آهن. ماپ ڪندڙ اوزارن جي حوالي سان ڊاڪٽر قاضي صاحب جن ”ميٽر“ جي جاءِ تي ”پيما“ ڪم آڻڻ جي سفارش ڪندي ”تپش پيما“، ”بارپيما“، آب پيما، ”داب پيما“ ۽ ”هوا پيما“ لفظ ڪم آندا آهن.

آءُ هڪ ميڊيڪل پرئڪٽشنر (ڊاڪٽر) آهيان ۽ گهٽي قدر ڳوٺاڻن يا ٺيٺ سنڌي ڳالهائيندڙن سان واسطو رهي ٿو. ڪيترائي مريض، خاص ڪري وڏيءَ ڄمار وارا چوندا، ”ابا اهو تپاچو ڏئي تپ تہ ماپ.“

تپاچو = تپ + آچو = تپَ ڪاچو يعني ٿرماميٽر.

ڪٿي ائين تہ ناهي، **هڪ ئي سان سڏا ۽ ويجها واسطيدار ٻہ لفظ تڪڙ ۾ اچارڻ جي ڪري، اهڙيءَ طرح ملي پيا آهن جو پوئين لفظ جو پهريون يا پهريون ٻيو... ڳرو آواز ڪاڇِي گم ٿي ويو ۽ اهڙيءَ طرح هڪ نئون مرتب لفظ وجود ۾ آيو.** منهنجي اها هڪ پڪي پختي ۽ سوچيل سمجهيل راءِ آهي ۽ ان جي پٺڀرائي ۾ مون وٽ هزارين مثال آهن. گهڻا مثال ڪنهن ٻي واري پيش ڪبا. هتي رڳو ايترو چئجي ٿو تہ ”آئيندو“، ”آئندو“ ۽ ”ايندو“ ڪي ذهن ۾ رکي سنڌيءَ جي ڪنهن بہ فعل جي زمان مستقبل واري صورت/بناوت تي ڌيان ڏئي ڏسو_ ڪائيندو، لکندو، پڙهندو، ٻڌندو، ڳالهائيندو... _ ۽ ”ڪندڙ“ لفظ کي ذهن ۾ رکي ڪو بہ ڪم ڪرڻ واري فاعل کي جاچي ڏسو: ”لکڻ (جو ڪم) ڪندڙ“ _ لکندڙ. ”پڙهڻ (جو ڪم) ڪندڙ“ _ پڙهندڙ. ”وڙهڻ (جو ڪم) ڪندڙ“ _ وڙهندڙ...

تَپ + ڪاڇ (جيڪڏهن ”ڪ“ گم ٿي وڃي تہ) = تپاڇ

تپ + ماپ (جيڪڏهن ”م“ گم ٿي وڃي تہ) = تپاپ

داب + ڪاڇ/ ماپ = داباڇ/ داباپ

پاٽي + ڪاڇ/ ماپ = پاٽياڇ/ پاٽياپ

هوا + ڪاڇ/ ماپ = هواڇ/ هواپ

بار + ڪاڇ/ ماپ = باراڇ/ باراپ ........

هڪ مرڪب لفظ بہ ڏاڍو سٺو پر لفظُ جي مرتب هجي تہ ان جي سهنجائيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! جنهن بہ مرتب (يا مرڪب يا بنيادي) لفظ جي آخر ۾ ”ا“، ”و“ ۽ ”ي“ ناهي اهو نسبتاً وڌيڪ سولائيءَ سان وڌيڪ پڇاڙي قبول ڪري ۽ تبديل ٿي نئون لفظ ناهي ٿو.

جن بہ لفظن جي آخر ۾ ڪي بہ مقرر يا اڻ مقرر پڇاڙيون هڪ مقرر معنيٰ ڏين ٿيون انهن لاءِ ڪوشش ڪري هڪ پڇاڙي مقرر ڪري ڇڏجي.

سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني لفظن جي اصطلاح سازي هرويرو ڪو ڏاڍو ڏکيو ڪم ناهي، شرط رڳو ڳهرو ڌيان ڏيڻ، ڏاهپ ۽ سگهڙائپ جو آهي _ آءُ اهي، متي ڏنل لفظ عالمن، اڪابرن ۽ سگهڙن جي خدمت ۾ ان نيت سان پيش ڪيان ٿو.

ليلو رچنداڻيءَ جو مضمون ”يوناني ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سُبنڌ“ **مهراڻ** 4_1967ع نظر مان ڪڍيو وڃي تہ بهتر.

رهجي ويل پاسن تي آئنده لکڻ جو ارادو رکندي ۽ توهان جي مهرباني مڃيندي،
اوهان جو تورائتو ۽ مخلص

**محبت ٻرڙو**

لطيف ڪلينڪ،
پوسٽ آفيس قمبر،
ضلعو لاڙڪاڻو.

***

# ڊاڪٽر شمس الدين عرسائيءَ ڏانهن خط◊

**سائين**

سدا خوش، سکيا ۽ سلامت رهو.

توهان جو خط (15-جون 1994ع) مون کي ٿورن ئي ڏينهن ۾ مليو ويو هو. اڳ ئي اوهان جو اڳڏني عقيدتمند. ويتر جو اوهان پاران شابس به ملي ته منهنجي خوشيءَ ۾ هيڪاندو وڌارو ٿي ويو ۽ همتون وڌيون. ارادو هُيم ته پنهنجي جواب سان گڏ توهان جو خط به **ڪونج** (ماهوار، لاڙڪاڻو) ۾ ڇپرائيندم پر ان جي ڇپائيءَ ۾ بي ترتيبي ٿي وڃڻ سبب ائين نه ڪري سگهيم. (**ڪونج** جي فيبروري 1995ع واري پرچي ۾ ممڪن آهي ته ڇپجي وڃي).

**ساڃاهه** (8-9، 1994ع) ۾ توهان جو مضمون **ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن قابل ڪار بنائجي** پڻ اصطلاحسازيءَ جي حوالي سان منهنجي همت افزائيءَ جو اٽسڏو ڪارڻ بڻيو. Cosmos جو الٿو **آفاق** ته خير ويجهڙ ماضيءَ ۾ ڇپيو آهي پر اوهان کي هڪ ڊگهي عرصي کان پڙهندڙ آهيان. توهان جو مضمون **اسلوب** (**نئين زندگي**، جولاءِ 1968ع) کان **ڪاٺ تي ٺُڪ جو ڪم** (**نئين زندگي**، 1-2، 1986ع)، **سنڌي لوڪ سنگيت جا ساز** (**نئين زندگي**، 1، 1989ع) ۽ **محمد اسماعيل عرسائي** ( **نئين زندگي**، 1، 1991ع) ۽ ڪهاڻين **حق موجود** (**نئين زندگي**، 3، 1987ع) ۽ **ڪُڏيون، خانا ۽ وٿاڻ** (**نئين زندگي**، 9، 1991ع) کان اڄوڪي **عبرت مئگزين** تائين پابنديءَ سان پڙهي هنئين سان هنڊائي چڪو آهيان. توهان جي لکڻ جي قوت کان متاثر ۽ لکڻ جي ڏات جو قائل آهيان.

ڀائو **احسان علي عرسائيءَ** جو مضمون **سنڌيءَ ۾ سائنسي اصطلاحسازي** (**سائنس**، جولاءِ-سيپٽيمبر 1994ع)، جيڪو توهان جي صلاحن جي روشنيءَ ۾ تيار ٿيو پڙهي، انهيءَ سَڌ وڌيڪ سگهه ورتي ته سائنسي اصطلاحسازيءَ جو هيءُ ڪم جاري رهڻ گهرجي، ۽ جاري آهي.

---

◊ نوٽ: هيءُ خط موڪلجڻ کان رهجي ويل هو. (رياضت)

**رياضت ٻرڙي**، منهنجي نـنڍي ڀاءُ، وٽ ڀاؤ احسان جن ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ چِٺي چڏي ويا هئا جنهن ۾ ساڻن رابطو ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريل هئي. تڏهن پشيماني ٿيَم تہ چو مون توهان ڏانهن ترت جواب موڪلڻ ۾ غفلت ڪئي. انهيءَ اوٽائيءَ جو ازالو ائين ڪري سگهجي ٿو تہ توهان وٽ حاضري ڏجي.

ارادو اٿم تہ 25ـ ڊسمبر 1992ع تي **جشنِ ڪينجهر** ۾ شريڪ ٿيان، ۽ جي آيم تہ اڳ ۾ توهان سان ملڻ جو شرف ماڻيو نہ تہ بہ 13ـ جنوري 1995ع تي منجهند جو ’نسيم نگر‘ ۾ هڪ دوست وٽ اچڻو آهيان، پڪ توهان جي در تي بہ اچبو.

**رياضت** گذريل ٻن مهينن ۾ **سائنسي ڄاڻ ۽ سڄاڻ** نالي بہ ڪتابڙا ڇپرايا، بہ بہ هزار جي ڇٽپ ۾، ۽ انهن ٻنهي ڪتابڙن ڪي هڪ هنڌ گڏنو ڪري ۽ ڪجهه سوال- جواب وڌائي هڪ ڪتابڙو ڇپرايو جنهن جي ڪاپي موڪلجي ٿي. توهان جي راءِ پٽاندر ان ۾ ’ڳال‘ يا ’ٻول‘ بدران ’**وايو**‘ ڪم آندو ويو آهي ۽ ”**وايو منڊل**“ ۾ ”**واءُ**“ جي نشاندهي ڪندڙ ”**وايو**“ کي تبديل ڪري ”**وائمنڊل**“ ڪيو ويو آهي.

”ٻولي“ جي موضوع تي ڪو بہ ڪم ڪندڙ آهيان. **”جامع سنڌي لغات“ ـــ پهرين جلد جي حوالي سان پهرئين پڙهڻي** تازوئي **ڪينجهر** (”تنقيد نمبر“، ڊسمبر 1994ع) ۾، **هر هڪ لفظ هيري ـ ڪاڻ جي** عنوان سان هڪ مضمون **ڪينجهر** (جون، 1994ع) ۾ ۽ **ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي** نالي هڪ مضمون **مهراڻ** (3ـ 4، 1994ع) ۾ ڇپجي چڪا آهن. ٻوليءَ جي ئي موضوع تي هڪ ڪتاب مسودي جي صورت ۾ اڪين آڏو رکيو آهي جنهن کي تيهر لکي رهيو آهيان. ان ۾ ”**vowel**“ لفظ جي متبادل طور ”**سُرُ**“ بدران ”**وائل**“ لفظ ڪم آندو اٿم ۽ ”**وينجن**“ (Consonant) بدران ”**وائجڻ**“. ۽ اهي متبادل ڪم آڻڻ جو سبب ڄاڻائيندي **يوناني** توڙي ڪجهه ٻين يورپي ٻولين ۽ **سنڌيءَ** جي وچ ۾ ناتيداري جو ذڪر بہ مثالن سان ڪيو اٿم.

منهنجي خيال موجب سنڌيءَ ۾ ”**واءُ**“ ۽ ”**واءُ**“ لفظن جو پاڙ-ٻولَ (Root ـ word) ”**واءُ**“ آهي جيڪو هن وقت بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ عام مروج 3 ـ سَو کن لفظن ۽ اصطلاحن جي بنياد ۾ نظر اچي ٿو.

’**واءُ**‘ ئي ’**وايو**‘ جو بہ ڏاتو آهي ۽ ان کي مختلف صورتون ڏئي ’**phone**‘ ڏاتو رکندڙ لفظن ۽ اصطلاحن جي بدران ڪم آڻيندي، توهان جي رٿيل لفظن/اصطلاحن سان ذري جيترو فرق رکندي، پنهنجن مضمونن **ٻول گهاڙيٽو** (**سائنس**، ڊسمبر 1993ع) ۽ ’**سنڌيءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي**‘ **جو مختصر جائزو** (**سائنس**، اپريل 1994ع)

ٻه ڄاڻايل اصولن جي روشنيءَ ۾ هيٺ ڏنل اصطلاح ترتيب ڏنا اٿم. نظر مان ڪڍي اميد تہ پنهنجيءَ سلجهيل راءِ کان واقف ڪندا.

پنهنجيءَ ڄاڻ آهر ٿورو ٿڪو لکندو رهان ٿو ارادا وسيع ۽ وڏا آهن. توهان جهڙا سڄاڻ ماڻهو مون کي پنهنجي پارڪ ۽ املهہ راين سان نوازين ۽ ايري سيري پورهيي وسيلي محبت من ۾ رکي کيل روڙ جو قدر ڪندي ڀرپور رهنمائي ڪن. مون لاءِ فخر جو ڪارڻ ٿيندو ۽ آهي.

توهان جي مهرباني

ٿورائتو

**محبت ٻرڙو**

15_ڊسمبر 1994ع

| **متبادل ڊاڪٽر محبت پاران تجويز ڪيل** | **متبادل ڊاڪٽر شمس الدين پاران تجويز ڪيل** | **متبادل مختلف عالمن پاران ڪم آندل** | **سائنسي اصطلاح** |
|---|---|---|---|
| **واء** (وا_، واي_، واء_)<br>• ڄاڻِنگي (ڄاڻ+انگ+اِي = Logarthmetic)<br>(ڊيسِيبيل)[8] ماپڻي تي رڙاپ (loudness) جي سطح جو ايڪو (unit). | وايوڪ | — | Phon, Phon_, Phono |
| **وايِل، واياڻي**<br>• واڪي سان واسطيدار، واڪل (vocal) | — | آواز بابت، صوتي | Phonal |
| **وائڪڻ**<br>• (وائڪيو، وائڪيندو، وائڪيل)<br>• واڪل آواز (vocal sound) اپائڻ | وايوڪڻ | — | Phonate |

8 Decibel = (Deci = ڏهون حصو + بيل = گراهم بيل جي نالي جو پويون حصو). هڪ اوزار.

| | | | |
|---|---|---|---|
| **وائڪائپ، وايَپ** | — | — | Phonation |
| • واڪل آواز جي اپت، واڪوا ورڻ (utter) | | | |
| **وائڪي، وايپي، وائڪائي** | — | — | Phonatonry |
| **والانجهه** (= واء + لانجهه، جهيڻ) | — | — | Phonasthenia |
| • واڪي جي لانجهائي/جهيڻائي/هيڻائي. ڳالهائڻ ۾ ڪمزوري. | | | |
| **واپيلڪار** (واء+آپ+لِڪار) **واپانگار** | — | — | Phonautograph |
| • آوازي لرزشن (vibrations) کي ريڪارڊ ڪندڙ اوزار (مشين). | | | |
| **واء (وايو/وائي)** (اسم) | وايو | صوت، ٽيليفون | Phone |
| **واء** (آمر) | | ڪرڻ، آواز ڏيڻ | |
| **وائڻ**، آوازڻ (فعل) | | | |
| • (وائيو وائيندو وائيَل) | | | |
| • پَروايَڪ (ٽيليفون) تي ڳالهائڻ | | | |
| • هڪ سادو ابتدائي ڳالڪ آواز (An elementary speech_sound) | | | |
| (ڏسو Phonemic) | — | — | Phonematic (Phonemic) |
| **وائُيو** (اسم) | — | صوتيو | Phoneme |
| • ڳالڪ آوازن جي آڪهه يا ڳالهه آوازن جو جٿو جن کي ڪنهن به هڪ ٻوليءَ ۾ محض هڪ آواز جي وِٿاڪ/نعم البدل (variant) آواز طور محسوس ڪيو وڃي. | | | |
| **وائيوئي، وائياڄاڻِي** | — | — | Phonemic |
| • وائيي سان واسطيدار | | | |
| • وائياڄاڻ سان واسطيدار | | | |
| **وائيوئڻ (وايوئڻ)** | — | — | Phonemicise |

• وائيي طور ڇيد/تجزيو ڪرڻ.
هڪ وائيو سمجهي ورتاءُ ڪرڻ.

| | | | |
|---|---|---|---|
| **وائياچارَ، وائياپياس** | — | — | Phonemics |
| • (وائُيو+آ=چڱيءَ طرح+چارڻ) = (وائيو+آ = چڱيءَ طرح+اپياس). | | | |
| • وائيوئي/وائياچارِي آوازي جڙتن جي سڄاڻ/سائنس ۽ انهن جي پيٽ. | | | |
| **وايِندر ويکَ** | — | — | Phonendoscope |
| • (واء + اندر + ويکَ) | | | |
| • هڪ اوزار (مشين) جيڪو (انساني جسم اندر) آوازن کي اوچو ڪري ٿو. | | | |
| **وايوئي، وايوئاچارِي** (ڏسو Phonetics) | وايوڪي | صوتي، | Phonetic, _al |
| • ڳالِيَل ٻولي (Spoken_language) | | شبد وديا، | |
| جي آوازن کي پيش ڪندڙ/انهن موجب/ | | آواز جو | |
| انهن سان واسطيدار | | آواز تي ٻڌل | |
| **وايوئاچارڪ** (ڏسو Phonetics) | وايوڪساز | — | Phonetician |
| • وايوئاچارڻ جو واقف/ماهر. | | | |
| **وايوئڻ** | — | — | Phoneticise |
| • وايوئي بنائڻ، وايوئي طرح (Phonetically) پيش ڪرڻ. | | | |
| **وايوئَپ** | — | — | Phoneticism |
| • **وايوئي صورت/ڪردار/شڪل يا نمائندگي.** | | | |
| **وايوئَڪ** | — | — | Phonetist |
| • **جيڪو وايوئي هِجي جي وڪالت ڪري** | | | |
| **وايوئاچارَ** | وايوڪيات | صوتيات، | Phonetics |
| • (وايو+آ = چڱيءَ طرح+چارڻ) | | علم آواز | |
| • ٻولياچارِي (Linguistic) سڄاڻ/ سائنس جي هڪ شاخ جيڪا اچار ڳالڪ اپت (speech production) | | | |

بابت بحث ڪري ٿي. وايوئاچاٽي پيشڪش.

| | | | |
|---|---|---|---|
| Phonetism | — | وايوڪيت | وايپ |
| | | | • وايوئي/لکت/لکٽي (writing) |
| Phonetist (=**Phonetician**) | — | — | **وايوئاچاٽڪ، وايوئاپياسڪ** |
| | | | • وايوئاچاٽي هجي جي وڪالت ڪندڙ يا اها ڪم آڻيندڙ. |
| Phonic | — | — | **وايَڪ** |
| | | | • ڪنهن آواز پر خاص ڪري واڪل آواز سان واسطيدار (ان جو يا ان جِي) |
| Phonics | — | — | **وايَڪچاڻ، وايڪپياس** |
| | | | • ڪنهن بہ آواز خاص ڪري ڳالهايل آوازن جي سچاڻ (سائنس). |
| Phonocamptic | — | — | **وائوَرايو پڙاڏيائي** |
| | | | • آواز کي موٽائيندڙ پڙاڏو ڪندڙ پڙاڏي سان واسطيدار. |
| Phonocamptics | — | — | **پڙاڏاچاڻَ، پڙاڏاپياس** |
| | | | • پڙاڏن جي گهنجاڻ (**Acoustics**) |
| Phonofiddle | — | — | **واسان فونوفِڊل** |
| | | | • ساز جو هڪ قسم (ڏاتوئي يڪتارو) |
| Phonogram | ٽيليفون تارَ | وايوڪنامر | **واليک** |
| | | | • (واء+ليک) (اهو پنو جنهن تي نياپو لکيل هجي) |
| Phonograph | آواز نگار، فونو آوازڪيڏڻ جي ڪَل | وايوليک | **والڪار** |
| | | | • **(واء+لک+آر=وارو/واري اوزار/مشين)** |
| | | | • ايڊيسن جي ايجاد ڪيل هڪ مشين **جيڪا آوازن کي محفوظ/رڪارڊ ڪندي آهي.** |

(**نوٽ:** 'Graph' جي لفظي معنيٰ ليڪ/
لڪت آهي پر اهو لفظ عام طرح انهيءَ
مشين لاءِ ڪم ايندو آهي جيڪا ليڪو/
لڪٽي/خاڪو/عڪس محفوظ ڪري.)

| | | | |
|---|---|---|---|
| **واليڪار، والڪٺار** | وايوليڪڪار | — | Phonographer |
| • (واء+لکڻ+وارو/واري) (مرد/عورت) | (وايوليڪار) | | (Phonographist) |
| **واياڻِڪا، واياڻڪا** | وايوليڪڪاري | — | Phonography |
| • (واء+آ=چڱيءَ طرح+لِڪا=لڪائِي) | (وايوڪاري) | | |
| = (واء+آ=ڄاڻ/خبر/سُڌ) | | | |
| • هڪ خصوصي فرق رکندڙ صورت/ ڪردار/شڪل وسيلي هر ڳالهايل آواز کي پيش ڪرڻ جو فن. | | | |
| **واپٿر** | — | — | Phonolite |
| • (واء+پٿر) رڙندڙ پٿر | | | |
| **واپاٿر** | — | — | Phonolitic |
| • (واپٿر جو/جي سان واسطيدار) | | | |
| **واياڄاڻ، واياپياس** | وايوپياس | علم الاصوات، صوتيات، شبد وديا، علم آواز | Phonology |
| • (واء+آ=چڱيءَ طرح+ڄاڻ/اپياس) | | | |
| • اڳي 'وايوئاڄاڻ' جي متبادل طور ڪم ايندڙ لفظ هاڻي، عمومي طرح ٻوليءَ جي آوازن جي سرشتي (جي اپياس) لاءِ ڪم ايندڙ. لفظ پنهنجي تاريخ دوران جن تبديلين هيٺ آيو آهي ڪڏهن ڪڏهن انهن تبديلين جي ڄاڻ لاءِ پڻ اهو اصطلاح ڪم ايندو آهي. | | | |
| **واياڄاڻِي** | وايوپياسي | — | Phonological |
| • واياڄاڻ سان واسطيدار | | | |
| **واياڄاٽڪ** | وايودان | — | Phonologist |

| | | | |
|---|---|---|---|
| • واياڃاڻ جو واقف/ماهر | | | |
| **واياماپ، واياماپر** | وايوڪماپو | آواز پيما | Phonometer |
| • موضوعي پيٽ وسيلي آواز جي راڙي-سطح جو ڪاٿو ڪندڙ اوزار. | | | |
| **وايار** (= واء+آر)، **وايان** | — | — | Phonon |
| • آوازي لهرن/چولين يا گرمي وسيلي تاڻ-شڪتيءَ جو هڪ ڦائنٽم (Quantum). | | | |
| **واڊچ، واڪيڊپ** | — | — | Phonophobia |
| • واڪي يا زور سان ڳالهائڻ کان ڊچ/ڊپ جي بيماري. | | | |
| **واپاسر، واپسرائٽ** | — | — | Phonephore (Phonepore) |
| • آواز-پَسرائيندڙ مختلف قسمن جا اوزار. | | | |
| **واويک** | — | آوازين | Phonoscope |
| • (واء+ويک=نظارو، لقاءُ+آ=وارو/واري) | | | |
| • اهو اوزار جنهن وسيلي آواز جي پرک ڪري سگهجي. | | | |
| **واڇاپ** | — | — | Phonotype |
| • وائياڃاڻي طرح ڇاپڻ | | | |
| **واڇاپِي** | — | — | Phonotypic, _al |
| **واڇاپٺار** | — | — | Phonotypist |
| **واڇاپڪ** | — | — | Phonotypy |
| • فون ڪال، فون ڪال ڪرڻ لاءِ هڪ ڪارڊ وغيره. | | | |
| **وايوئاڃاڻي هِجي/اچار** | — | — | Phonetic Spelling |
| • هر آواز لاءِ ڌار اهڃاڻ ڪم آڻيندي ٻولي/ٻولَ لکڻ جو طريقو. | | | |

**وايڪ طريقو** — — Phonic method

- اهو طريقو جنهن وسيلي اکرن ۽ اکرن جي جٽن جو وايو ٻڌائي مُلهه/قدر مقرر ڪرڻ وسيلي پڙهڻ سيکارجي.

**واياوارتا، وايارٿ** — — Phonotactics

- انهن طريقن جو اڀياس جن وسيلي ڪنهن ٻوليءَ جا آواز ان ٻوليءَ جي ٻولن ۾ ظاهر ٿين ٿا.

***

# ڊاڪٽر هدايت پريم ڏانهن خط°

**ادا هدايت پريم**

سدا خوش، سکيا ۽ سلامت رهو.

توهان جو پريم هو يا منهنجي محبت يا ٻئي ۽ ٻنهي جي سچائي ۽ چوهه، جو ڪراچي کان موٽندي اوهان وٽ اچي حاضري ڀرڻ لاءِ ٽُول پلازه وٽ لهي، سنڌ يونيورسٽي ۾ توهان جو در ڪڙڪايم، توڙي جو حيدرآباد ترت پهچڻو هو ۽ اتي گهربل ڪم ڪري وري قمبر روانو ٿيڻو هو. مون سان گڏ منهنجو 12- ورهيو پٽ **ساجد** گڏ هو جنهن کي مون واري اها ساڳي ”پِٽَ“ پيل آهي ــ ڪنهن به شيءِ/ڳالهه تي انڌو اعتبار ڪرڻ بدران ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي سوالَ پڇڻ.

بهِ ڳوَرا سفري ٿيلها ڪلهن ۾... ۽ اوهان جو گهر ليي ڪو نہ ــ مارئي هاسٽل ۽ سنڌالاجي جي وچ وارين گهٽين ۾ رلندا رهياسين، تان جو اهو شريف ماڻهو مليو جنهن چيو ”**ڊاڪٽر هدايت الله آخوند** جي گهر جي سڌ نہ اٿم پر سائين **هدايت پريم** کي سڃاڻان ٿو ۽...“ پنهنجيءَ بائيڪ تي ڪٽي توهان جي در تي لاهي هليو ويو.

توهان جي پٽ، جَس هجيس، ڏاڍو تعاون ڪيو. منجهس اوهان جهڙيون ڪي ئي اخلاقي ۽ علمي خوبيون موجود ڏٺم. سياڃهو ماڻهو آهي.

رولي دوران منهنجي پٽ مون کان پڇيو تہ مون ڪنهن کي پئي ڳوليو؟ ٻڌايومانس تہ سنڌ جي هِن علمي مرڪز جي هن پاڙي ۾ اهو ماڻهو رهي ٿو جنهن جي پسند ڪيل نالي جو عربي روپ منهنجو نالو آهي، يا ائين سمجهہ تہ منهنجي اباڻي نالي جو سنسڪرت روپ هن پنهنجي لاءِ چونڊيو آهي ــ سنڌي ٻوليءَ جي ناتي هڪ ئي سڪي جا بہ هڪ جهڙا پاسا. ”’پريم‘ پيو ڳوليان جيڪو ’دنيا‘ ۾ ليي مڙيوئي گهٽ ٿو...“

سنڌي ٻوليءَ جو سينو بيحد وسيع آهي. ان پنهنجي پنهنجائپ پرئي مضبوط پاڪر ۾ سامي ست جي ڪجهہ ٻولين سميت سنسڪرت سان گڏ ڪيترين ئي ٻين انڊو-يورپين توڙي دراوڙي ٻولين جي ٻول- ڪاڻ مان ٻولن جو جججهو ذخيرو جهٽي، جذب ڪري ۽ سانڍي رکيو آهي. مثال طور پريم/محبت لاءِ سنڌيءَ وٽ ڪي ٻيا ٻول نِيهہ

---

° نوٽ: هيءُ خط موڪلجڻ کان رهجي ويل هو. (رياضت)

(نِينهن نِينهن)، لَنئُ (لنئون)، آر (آرو) ۽ پيار به آهن. پريت، چاهہ/چاهنا/چاهت، موهہ، حب، الفت، سنيهہ، قرب، سِڪ وغيره به عام ڪم ايندڙ لفظ آهن. نيهلُ، نيهلِ، پيار، پيارو، پيارل ۽ پريم ۽ محبت ته فردن جا نالا به آهن. ۽ اڄ ڪلهہ Love (لَو) به اوپرو ٻول نه رهيو آهي. ان ڪري سمجهان ۽ پروسوَرڪان ٿو ته سنڌي ٻولي اٿمئي سگهہ رکي ٿي جنهن ۾ لچڪ، جذب پذيري، ڪشادائي ۽ سانيڊپ سپ سرس سمايل آهن. ۽ اهو ئي سبب آهي جو لکت ۾ نه هئڻ باوجود، سنڌي ٻولي صدين کان ٽڳندي، جٽاءُ ڪندي، بقا رکندي ۽ عوامي ٻولي رهندي آئي آهي.

توهان پنهنجي خط ۾ ٻن راين جو اظهار ڪيو آهي:

1. **ڪينجهر** (ماهوار، حيدرآباد) ۾ لکڻ معنيٰ ليکڪ جي مضمون جو عالمن/اديبن/اسڪالرن تائين نه پهچڻ، ڇو ته اهو سيڪڙاتن ۽ ٽِين ايجرس (Teen Agers) جو رسالو آهي.
2. منهنجن مضمونن ۾ اهڙا اصطلاح ڪم آندل آهن جيڪي نوان آهن. "اڳ ۾ رواج ۾ آيل terms (ٽرمس) ته استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيڪڏهن ڪي terms اڳ ۾ موجود نه آهن ته پوءِ نوان terms ٺاهڻ (coin ڪرڻ) لاءِ اهڙن لفظن جي چونڊ ڪرڻ کپي جيڪي عام فهم هجن، سولا هجن ۽ مفهوم جي درست پوئواري ڪري سگهن. اوپرا ۽ اٽپورا ٽرمس استعمال ڪرڻ سبب اصل مضمون سان انصاف نه ٿي سگهندو".

ٻئي صلاحون اکين تي.

وڏڙا به آهيو ته عالم به، ۽ توهان جو پاڳ پلارو جو اهڙي علمي شعبي سان واسطو رکو ٿا جنهن جو بنيادي موضوع سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل آهي. جڏهن ته منهنجي حيثيت هڪ ننڍڙي شاگرد واري آهي ۽ منهنجو مطالعو مئجي ته ڪجهہ به ناهي. جيئن هر ماڻهوءَ وٽ ڪي ئي خواهشون هونديون آهن تيئن مون وٽ به سوين سڌون موجود آهن. سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ مون وٽ هڪ سڌ اها به موجود آهي ته سنڌي ماڻهوءَ کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي سموري تعليم ۽ سِکيا ملي سگهڻ ممڪن هئڻ گهرجي. شعبو ڪهڙو به هجي ۽ سطح ڪهڙي به هجي ۽ ان سڌ جي ابتدائي چيزڙي کي ڇهڻ لاءِ هڪ جامع **انسائيڪلوپيڊيا** ۽ بهترين **ڊڪشنري** جي گهرج اٽڪر ٿو سمجهان.

اصولي طرح، ٿيڻ ائين گهرجي ته هر هڪ شعبي سان واسطيدار ڄاڻ رکندڙ هر سنڌي عالم سنڌي ٻوليءَ کي سنوارڻ، سينگارڻ، وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ پنهنجيءَ ذهانت جو ڀرپور حصو ڏئي ۽ هر علمي/ادبي ادارو انهن جي اشاعت ڪري. اسان جا عالم ۽

علمي/ادبي ادارا جيستائين سنڌ ۽ سنڌين کي اهو سڀ ڪجهه مهيا ڪن، انهن بابت ڳالهائيندو ۽ لکندو رهندم ۽ جيڪو ڪجهه ڪري سگهان ٿو ڪندو رهندم. پاڻ انهن مان ناهيان جي ڀڏڻ جو ڪم ٻروچ لاءِ ڇڏي پاڻ رڳو رڙين ڪرڻ جو 'فرض' نڀائيندا آهن. جيڪڏهن موڪل ڏيو ته هتي لطيف سائين جو هڪ بيت چوان:

روزا نمازون، اِيءَ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

جن جا ڳل ڳاڙها ناهن انهن پِنڻ وارين کي پسند نه ٿو ڪريان ۽ انهن مان آهيان جيڪي پاڻ به ڪجهه اڳيرو ٿيڻ تي پروسو رکن ٿا.

مخصوص حوالي سان سنڌيءَ ۾ معياري رسالو **مهراڻ** آهي جيڪو جيڪڏهن پابنديءَ سان به شايع ٿئي ته ٽئين مهيني هڪ رسالو! هر پرچي ۾ هڪ مضمون ڇپجي، جيڪو ممڪن گهٽ آهي، ته به هڪ سال ۾ چار مضمون! چانيل جتاٽي فضا ۾ اهڙا ڪي ٿورا مضمون ڪو به مثبت ڪردار ادا نه ڪري سگهندا. ان ڪري، گهرج آهي ته ممڪن گهٽڻ سنڌي رسالن ۾ معياري مواد شايع ٿيندو رهي ته جيئن اهي به معياري ٿي سگهن. سڌ اتم ته ڪاش! سنڌي ۾ ڇپجندڙ هر هڪ رسالو ۽ اخبار ڪنهن نه ڪنهن خصوصي حوالي يا ڪن نه ڪن خصوصي حوالن سان معياري ٿي پون ته جيئن علمي راهن جا پانڌيئڙا انهن تي اهي سرچشما پسي سگهن جن مان علم جو هر پيئاڪ پنهنجي اندر جي اڃ اجهائي سگهي.

ٿوس سائنسي موضوعن تي لکيل مضمون پانيان ٿو ته **مهراڻ** ۾ نه ٿا ڇپجي سگهن جڏهن ته پاڻ رڳو هڪ موضوع تي لکندڙ ناهيان. هن وقت مون وٽ هيٺ ڄاڻايل مضمون ۽ ڪتاب تيار رکيا آهن:

1. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن جي مضمون **'ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي' مقالي جو لسانياتي اپياس** ('مهراڻ' 1995ع) جي جواب ۾ **اپياس جو اپياس**[9] (مسودو 102 صفحا).
2. ڳنگارام سمرات صاحب جن جي مضمون **'سنڌي ٻولي'** ('سنڌ سجاڳ' 1995ع) جو تجزيو **استدلال جو اهو طريقو غلط آهي** (مسودو 80 صفحا)[10]

---

[9] هيءُ مقالو ڪتابي صورت ۾ **"ضميري پڇاڙيون"** عنوان سان 2013ع ۾ ڇپيو. (رياضت)
[10] **'سنڌ سجاڳ'** ڏانهن موڪليو اٿم. (محبت)

3. **سنڌ ۾ نئون پٿر وارو دور** (ترجمو 35 صفحا)[11]
4. **ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ** جو ترجمو (450 صفحا)[12]
5. **جيالاجيڪل ڪئلينڊر بابت بنيادي چارٽ** (مضمون، 27 صحفا)[13]
6. **ڌرتي منهنجو گهر**، ڌرتيءَ بابت جاگرافيائي چارٽ ڏيندڙ هڪ ڪتاب (200 صفحا)[14]
7. سنڌي **ٻول جو ٻڻ** (ڪتاب، 250 صفحا)

علم زراعت موضوع تي لکيل (جيڪي مون ترجمو ڪيا) ٻه مضمون گذريل ڇهن مهينن کان 'زراعت' (؟)، انفرميشن ڊپارٽمينٽ پاران ڇپجندڙ رسالي) ڏي موڪليل آهن. سياسي موضوعن تي ڪي ئي مضمون تيار رکيا آهن. ماڻهوءَ جي ارتقا (زوالاجي) بابت هڪ مضمون (55 صفحا) پڻ فيئر ڪرٽو اٿم جنهن کان پوءِ اهو ڇپائي لاءِ تيار هوندو... هاڻي، انهن حقيقتن کي ذهن ۾ رکي صلاح ڏيو ته ڪهڙا مضمون ڪهڙن معياري رسالن ۾ ڇپرايان؟

منهنجيءَ پسند جا موضوع رڳو اهي ناهن. 'جامع سنڌي لغات' جو جائزو وٺي رهيو آهيان. 'ٻوليءَ جو ٻڻ'[15] ڪتاب لکڻ لاءِ مواد سهيڙيان پيو جديد علمي، فني ۽ هنري گهرجون پوريون ڪري سگهندڙ 'انگريزي-سنڌي ڊڪشنري' تيار ڪرڻ لاءِ تي هزار کن اصطلاح ترتيب ڏئي چڪو آهيان. 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا' ۾ جن موضوعن کي شامل ڪرٽو آهي، اهي عنوان 20-هزار کان وڌيڪ رٿابند ڪيا اٿم ۽ پيا گڏ ڪيان پيو... ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه.

اصولي طرح، اهي ڪم واسطيدار موضوعن جي عالمن جا آهن ۽ ڪي وڏا علمي ادارا ئي لکائڻ ۽ ڇپائڻ جو بار کڻي سگهندا پر جيستائين ائين ٿئي تيستائين ڇا ٽيڻ/ڪرڻ گهرجي؟ — ڇا رڙيون؟ واڪا! دانهون!؟... ڇا اهو به ڪو حَل آهي؟

---

[11] 'ڪينجهر' ڏانهن موڪليو اٿم. (محبت)
[12] هڪ هڪ باب تي 'ڪونج' ۾ ڇپيو رهندو آهي. (محبت)
[13] 'سائنس' ڏانهن موڪليم پر اهو في الوقت بند تي ويو آهي تنهنڪري اتان ڦري 'عبرت مئگزين' ۾ پهچي ڪمپوز تي چڪو آهي. (محبت)
[14] ان لاءِ ارادو هو ته هڪ باب تي 'عبرت مئگزين' ۾ ڇپجي پر ٻه باب ڇپجڻ کان پوءِ 'عبرت مئگزين' اهو سلسلو بند ڪري ڇڏيو. (محبت). **نوٽ:** هيءُ ڪتاب 2009ع ۾ پهريون ڀيرو ۽ 2017ع ۾ ٻيو ڀيرو ڇپيو. (رياضت)
[15] هيءُ ڪتاب "**ٻوليءَ جو ٻڻ**" 2002ع ۾ ڇپيو. (رياضت)

**ڪم ڪرڻو آهي**. ٻيا، اسان جا سڄاڻ ۽ اڪابر ماڻهو جڏهن پنهنجيءَ پتيءَ جو فرض نڀائن، **مون کي پنهنجو ڪم ڪندي رهڻو آهي ۽ پنهنجي وت، وس، سگهه ۽ ڄاڻ آهر جيترو ڪجهه ڪري سگهان ٿو اوس ڪندم**.

تعليم ۽ سکيا جي هر شعبي ۾ هزارين اصطلاح مخصوص معنيٰ ۽ مفهوم رکندي ڪم اچن ٿا. جيستائين انهن جو متبادل سنڌيءَ ۾ موجود ناهي، ابتدائي ڪورس ٻه پڙهي ۽ سمجهي سگهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي. سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل هڪ ڪتاب جو عنوان آهي **سنڌ هڪ عام جائزو** (ليڪڪ ايچ.ٽي. لئمبرڪ) جيڪو ظاهر آهي تہ سنڌي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ٿيو آهي. توهان جا شاگرد ايم.اي سنڌي (سنڌي ۾ پوسٽ گرئجوئيشن) جو ڪورس پڙهندڙ آهن. ڪنهن بہ هوشيار شاگرد کي چئو تہ ان ڪتاب جو صفحو نمبر 17 ۽ 18 وڏي آواز سان روان پڙهي ۽ معنيٰ ٻڌائي ۽ توهان خصوصي ڌيان ميسوزوئڪ، پئليوزوئڪ، ڪئنوزوئڪ، ڪئاٽرنري، ٽرشري، پلائيسٽوسين، پلايوسين، اوليگوسين، پيليوسين، ڪريٽيشس، جوراسڪ، ٽرائسڪ، پرميئن، ڪاربنيفيرس، سائلورين، آرڊويشين وغيره جهڙن اصطلاحن جي اچار تي سيڙايو جيڪي انهن صفحن تي بيان ڪيل/لکيل آهن. توهان جو شاگرد جيڪڏهن درست اچار اچاري ۽ معنيٰ ٻڌائي ويو تہ اصطلاحسازيءَ بابت منهنجي صلاح، جيڪا مون پنهنجن ٻن مضمونن **ٻولَ ڳهاڙيتو** ('سائنس'، ڊسمبر 1993ع) ۽ **'سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ فني اصطلاحسازي' جو مختصر جائزو** ('سائنس'، اپريل 1994ع) ۾ بيان ڪئي آهي، عبث ۽ خارج از بحث قرار ڏئي سگهجي ٿي. ٻيءَ حالت ۾ توهان کي منهنجيءَ ان راءِ سان سهمت ٿيڻو پوندو تہ اسان سنڌي ماڻهن کي اصطلاحن جي هڪ وسيع ذخيري جي **سنڌي ٻوليءَ** ۾ گهرج آهي.

اصطلاحن جي سلسلي ۾ اسان وٽ اهو رويو موجود آهي تہ انهن جو متبادل سنڌيءَ ۾ نہ هئڻ گهرجي، ۽ نہ وري سنڌيءَ ۾ نهي سگهي ٿو.

هڪ اعتراض اهو آهي تہ خصوصي علمي اصطلاح بين الاقوامي آهن تنهنڪري اهي جيئن جو تيئن رکڻ گهرجن. اها ڳالهہ جزوي طرح درست آهي. ان تي بحث نہ ٿو ڪرڻ گهران پر ان راءِ جي حامين کي چوڻ گهرجي تہ لسانيات، حيوانيات، ارضيات، علم جغرافيہ، نباتيات وغيره جهڙا اصطلاح بہ ڪم نہ آڻڻ گهرجن، نہ تہ سندن اعتراض بي بنياد ۽ بي معنيٰ ٿي ويندو.

جيڪي چون ٿا تہ اهڙا اصطلاح سنڌيءَ ۾ ٺهي نہ ٿا سگهن، انهن بابت منهنجي ڳٽيل ڳوٽيل راءِ هيءَ آهي تہ اهي سنڌيءَ ٻوليءَ جي حقيقي گڻن کان اڻواقف آهن.

اصطلاحن جو متبادل جيڪڏهن عربي فارسي، هندي/اردو ۾ ٺهي سگهي ٿو ۽ اسان جا ڄاڻو ماڻهو اهي ڪم آڻيندا رهن ٿا تہ پوءِ ڇو سنڌيءَ ۾ نہ ٿو ٺهي سگهي ۽ ڇو اهو ڪم نہ ٿو آڻي سگهجي؟

اسان جي ڄاڻو ماڻهن جو عام رويو هي آهي تہ جيڪڏهن عربي، فارسي، اردو/هندي اصطلاح موجود آهن تہ انهن کي ’مروج‘ سڏي ڪم آڻيندا. جيئن لسانيات، علم لسان، ڀاشا وگيان وغيره پر جي انهن ٻولين ۾ متبادل موجود ناهي تہ پوءِ اهو ئي اصطلاح ڪڻندا ۽ لکندا جيڪو ’بين الاقوامي‘ سڏيو وڃي ٿو جيئن سوشيو-لنگئسٽِڪس، جاگرافي وغيره. پنهنجي پاران تخليقي ڪوشش نہ ڪبي، ۽ جي موڪلَ ڏيو دل ۾ نہ ڪيوءِ مون کي ٿورو ”چڙواڳ“ چڏيو تہ ائين چوان تہ پنهنجي پاران تخليقي ڪوشش ڪرڻ کان ٻرو پيو ڇڙهندو يا وري ائين چئجي تہ تخليقي سگهہ جي اڻهوند کي لڪائڻ لاءِ مختلف تاويلون پيون پيش ڪبيون. ۽ هاڻي اسان جي ڄٽپائي اتي وڃي پهتي آهي جو چڱا ڀلا عالم ۽ ادارا علم حيوانيات، علم ارضيات، علم نباتيات، علم لسانيات، علم صوتيات وغيره جهڙا اصطلاح وينا ڪم آڻين!

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان اسان جا تعليمي ادارا ڪي عالم ۽ اڪابر نہ پر جاهل ۽ رٽُو طوطا پيدا پيا ڪن جيڪي اينڊز سنڌي سماج کي سنڌيءَ ۾ تہ ڪجهہ بہ نہ ڏئي سگهندا. ۽ نيٺ سموري اعليٰ سائنسي، علمي، هنري ۽ فني ڄاڻ، گهٽ ۾ گهٽ، سنڌيءَ ۾ تہ موجود نہ هوندي.

۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن سائنسي، علمي، فني، هنري ۽ اهڙن سڀني موضوعن تي گهربل معياري ۽ عمدو مواد موجود نہ هوندو تہ سنڌي ٻولي محض هڪ ڄٽڪي ٻولي ٿي رهندي ۽ غير سائنسي هجڻ جي ڪري مِتجي يا مَتجي ويندي. **منهنجو هڪ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي انهن گڻن کي اجاري نروار ڪرڻ آهي جيئن اها جديد سائنسي ٻولين جي قطار ۾ شامل رهي.** ۽ اهو مقصد مَن ۾ رکي انهن لکين اصطلاحن کي سنڌي روپ ۾ آڻڻ گهران ٿو جن کان سواءِ اڄوڪيءَ علمي طرح سڌرندڙ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ بقا کي هر دم ڪو نہ ڪو جوکم لاڳو رهندو ايندو.

’مروج‘ اصطلاح جيڪڏهن گهربل درست مفهوم ظاهر ڪري ٿو تہ يقيناً ٻهريائين ان جي چونڊ ڪندم، پر جي نہ ٿو ڪري تہ اهو ڇو ڪم آڻجي؟ ’ماحولياتي آلودگي‘ ڪيئن چئجي تہ درست مفهوم ظاهر ڪري ٿو؟

پاڻ اصطلاحن کي انهن جي وسيع منظر ۽ سڀ طرفي مفهوم ۾ جاچڻ گهران ٿو. توهان ڏٺو تہ منهنجي پڙهڻ ۽ لکڻ جو دائرو متفرقہ آهي (توڙي جو جاڻ اپري سپري اٿم) ان ڪري جڏهن بہ اصطلاحن تي سوچ ويچار جو موقعو ملي ٿو ڪي مسئلا آڏو اچي بيهن ٿا. مثال لاءِ ’صوت‘/‘Phone’ کي جاچيو.

Phonetics (فونيٽڪس) لاءِ سنڌيءَ ۾ ’صوتيات‘ ڪم آندو وڃي ٿو. Phonics, Phonomics ۽ Phonology لاءِ ڪهڙا اصطلاح ڪم آڻجن؟ اهو ٿي ‘Phone’ (فون) ڌاتو رکندڙ ڪي ٻيا اصطلاح هيٺ ڏجن ٿا. انهن جو متبادل ڳولڻ جي سلسلي ۾ ناڪام رهيو آهيان. مهرباني ڪري، انهن جو مناسب متبادل، نئون يا پراڻو ۽ مروج يا غير لکي موڪليندا تہ ٿورائتو رهندم.

Phone, Phonal, Phonate, Phonation, Phonatory, Phonasthenia, Phonagraph, Phonagraphic, Phonagraphically, Phonogram, Phonograph, Phonographer, Phonographist, Phonography, Phonautograph, Phonautographic, Phonautographically, Phonomatic, Phonomatically, Phoneme, Phonemic, Phonemically, Phonemicication, Phonemicise, Phonemicist, Phonemics, Phonendoscope, Phonetic, Phonetically, Phonetician, Phoneticisation, Phoneticise, Phoneticism, Phoneticist, Phonetics, Phonetism, Phonetist, Phonic, Phonics, Phonometer, Phonocamptic, Phonocamptics, Phonofiddle, Phonolite, Phonolytic, Phonology, Phonological, Phonon, Phonophobia, Phonophore, Phonotype, Phonotypist, Phonotypy, Phonetic spelling, Phonic method...

ميگافون/Megaphone، ٽيليفون/Telephone ۽ اهڙا ڪي ٻيا اصطلاح جن ۾ ’فون‘ هڪ ڌاتو آهي، اهي ڌار آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جن فون ڌاتو رکندڙ ڪجهہ اصطلاحن جا متبادل هن طرح ڏنا آهن: Phone = صوت، Phoneme =

صوتيہ، Phonetic = صوتياتي، Phonetics = صوتيات، Phonetic Science = علم صوتيات، Phonology = علم اصوات وغيره. ’صوتيات‘، ’علم صوتيات‘ ۽ ’علم اصوات‘ ۽ اهڙن ٻين اصطلاحن تي سوچ ويچار ضرور ڪندا. اهڙي قسم جي اصطلاحسازي کي عالمانہ ڪيئن ۽ ڇو سڏجي؟

پنهنجيءَ پوري سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان عالمن ۽ انهن جي راين جي رهنمائي هيٺ اڳتي وڌڻ گهران ٿو جي ڊگ لائيندا تہ وڏا وڙ ڇئبا.

مهرباني

ٿورائتو ۽ مخلص

**محبت ٻرڙو**

31_10_1995

***

## ”اچو تہ پنهنجي سنڌي لکت سنواريون“ [2000ع]

# پبلشر نوٽ

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي تقسيم کان اڳ جيڪو ڪم ٿيو سو ٿيو. تقسيم کان پوءِ ڪنهن حد تائين لاڙڪاڻي جي ناماياري عالمن محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي سنڌي ٻوليءَ جي ڏاتن ۽ محترم واحد بخش شيخ سنڌي ٻوليءَ جي صرف ۽ نحو تي ڳڻڻ جوڳو ڪم ڪيو. ان کان وڌو عرصو پوءِ وري بہ سنڌي ٻوليءَ تي گرامر جي حوالي سان ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪُک مان پيدا ٿيو. سو هو **ڊاڪٽر محبت ٻرڙو**. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ادبي ڪاوشن جي ٿورڙي عرصي ۾ ئي وارو وڄائي ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين ۽ سائنسي اصطلاحن جي جوڙجڪ جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جا وڏل بنياد اهڙي وٿ آهن. جن جي بنياد تي اسان جا موجوده ۽ ايندڙ نوجوان ليکڪ وڏيون عمارتون جوڙي سگهن ٿا ـــ افسوس جو ڊاڪٽر کي جوانيءَ جي موت پنهنجي ياڪر ۾ جهلي ورتو۽ اسان ان جي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جوڙيل خاڪن ۽ خدمتن جو ڀرپور فائدو وٺڻ کان محروم وياسون.

سندس ڪاوشن جي مڃتا ۾ اسان **سنڌيڪا** جي پاران هي ڪتاب سهيڙي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. اسان وٽ سنڌي ٻوليءَ جا اڪثر پراڻا توڙي نوان ليکڪ ضميري پڇاڙين جي حوالي سان غلطين جو شڪار رهيا آهن. ان حوالي سان اسان اميد ٿا ڪريون تہ هي ڪتاب خاص ڪري صحافين, اديبن ۽ ليکڪن لاءِ بيحد مفيد ثابت ٿيندو.

**نور احمد ميمڻ**
**چيئرمين**
**سنڌيڪا اڪيڊمي**

***

# هر هڪ لفظ هيري ڪاڻ✪

(ڪجهه فعلن ۽ ضميري پڇاڙي جي حوالي سان هڪ اڀياس)

هن موضوع تي ڳالهه ٻول ڪان اڳ اچو تہ ڪجهه لفظن ڪي ڦوليون:

1. لکان ٿو.“

ڪير؟

❊ ”مان“ (فاعل، ضمير متڪلم، واحد، مذڪر)

2. ”لکان ٿي.“

ڪير؟

❊ ”مان“ (فاعل، ضمير متڪلم، واحد، مؤنث)

3. ”لکون ٿا.“

ڪير؟

❊ ”اسين“ (فاعل، ضمير متڪلم، جمع، مذڪر)

4. ”لکون ٿيون.“

ڪير؟

❊ ”اسين“ (فاعل، ضمير متڪلم، جمع، مؤنث)

5. ”لکين ٿو.“

ڪير؟

❊ ”تون“ (فاعل، ضمير حاضر، واحد، مذڪر)

6. ”لکين ٿي.“

ڪير؟

❊ ”تون“ (فاعل، ضمير حاضر، واحد، مؤنث)

7. ”لکو ٿا.“

ڪير؟

---

✪ ماهوار ”**ڪينجهر**“ حيدرآباد، مارچ 1994ع ۾ ڇپيل

* ”توهان“ (فاعل، ضمير حاضر، جمع، مذڪر)

8. ”لکو ٿيون.“

ڪير؟

* ”توهان“ (فاعل، ضمير حاضر، جمع، مؤنث)

9. ”لکي ٿو.“

ڪير؟

* ”هي/ هُو/اِهو/ اُهو“ (فاعل، ضمير غائب، واحد، مذڪر)

10. ”لکي ٿي.“

ڪير؟

* ”هيءَ/ هُوءَ/اِها/ اُها“ (فاعل، ضمير غائب، واحد، مؤنث)

11. ”لکن ٿا.“

ڪير؟

* ”هي/ هُو/اِهي/ اُهي“ (فاعل، ضمير غائب، جمع، مذڪر)

12. ”لکن ٿيون.“

ڪير؟

* ”هي/ هُو/اِهي/ اُهي“ (فاعل، ضمير غائب، جمع، مؤنث)

مٿي ڏنل سوال-جواب ۾ 1_12 تائين جن لفظن جي آڏو انگ آهن، انهن بابت اسان کي ٻڌايو ٿو وڃي ته ”فعل“ آهن. (’فعل‘ اهو آهي جيڪو هجڻ، ٿيڻ، سهڻ يا ڪرڻ جو ڏس ڏئي). پارهَن ئي انگيل لفظن ۾ ’لکڻ جو ڪم‘ ’ڪرڻ جو ڏس ملي ٿو ۽ اها سُڌ سڄو لفظ نه، پر لفظ جو هڪ ۽ پهريون حصو ’لک‘ — جيڪو ’لکڻ جو ’ڌاتو‘ آهي) هڪ مخصوص سٽاءَ ۾ اچي وجڻ جي ڪري مهيا ڪري ٿو.

مٿي پڇيل سوالن جي جوابن ۾ اسان کي مختلف قسمن جي ضميرن جو ڏس ملي ٿو جي ’فاعل‘ آهن. (’فاعل‘ اهو آهي جيڪو ڪم جو ڪندڙ هجي ۽ ’ضمير‘ اهو آهي جيڪو ڪنهن به اسم جي بدران ڪم اچي). مٿي ڏنل سوال-جواب ۾ جيڪي فاعل ظاهر ٿيا آهن، انهن جو (۽ انهن جي بدران جيڪي ضمير ڪم آندل آهن، انهن جو) چِٽو ڏس ملي ٿو. ظاهر آهي ته (انگن سامهون) ڏنل ”فعلن“ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ”اهو“ آهي، جيڪو فاعل جو ڏس ڏي ٿو. ’اهو‘ ڇا آهي جيڪو فاعل جو ڏس ڏي ٿو؟

* ’لڪان ٿو‘ ۽ ’لڪان ٿي‘ ۾ ’_آن‘ آهي جيڪو ”مان/آءٌ/آئون/آنءُ“ جو ڏس ڏي ٿو.
* ’لڪون ٿا‘ ۽ ’لڪون ٿيون‘ ۾ ’_اُون‘ آهي جيڪو ”اسان/اسين“ جو ڏس ڏي ٿو.
* ’لڪين ٿو‘ ۽ ’لڪين ٿي‘ ۾ ’_اين‘ آهي جيڪو ”تون“ جو ڏس ڏي ٿو.
* ’لڪو ٿا‘ ۽ ’لڪو ٿيون‘ ۾ ’_اَو‘ آهي جيڪو ”توهان/اوهان/توهين/اوهين“ جو ڏس ڏي ٿو.
* ’لڪي ٿو‘ ۽ ’لڪي ٿي‘ ۾ ’_اي‘ آهي جيڪو ”هي/هُو/اِهو /اُهو/هيءَ/هوءَ“ جو ڏس ڏي ٿو.
* ’لڪن ٿا‘ ۽ ’لڪن ٿيون‘ ۾ ’_اَن‘ آهي جيڪو ”هي/هُو/اِهي/اُهي“ جو ڏس ڏي ٿو.

مٿي ڏنل ”فعلن“ مان هر هڪ ۾ هڪ مخصوص ضمير فاعل جي صورت ۾ موجود آهي ۽ ان جو اظهار ”فعل“ ۾ هڪ مخصوص آواز وسيلي ٿئي ٿو.
توهان کي ڄاڻ آهي ته ڪنهن به جملي جو زمان ڄاڻڻ لاءِ ”ڪڏهن؟“ سوال پڇبو آهي. اچو ته مٿي ڏنل هر هڪ ”فعل“ کان اهو سوال پڇون:
”لڪڻ جو ڪم ڪڏهن ٿئي ٿو؟“
* هاڻي، هينئر، هن وقت، هلندڙ گهڙيءَ ۾ يعني لڪڻ جو ڪم ”زمان حال“ ۾ ٿئي ٿو.
”اهو“ ڇا آهي جيڪو مٿي ڏنل ”فعلن“ ۾ ”زمان حال“ جو ڏس ڏي ٿو؟
”ٿ_“.
مٿي ڏنل سمورا ”فعل“ زمان حال جو ڏس ڏين ٿا ۽ سڀني ۾ اهو ”ٿ_“ ئي آهي، جيڪو ”زمان حال“ جو ڏس ڏي ٿو. مٿي ڏنل ”فعلن“ ۾ جيڪڏهن ”ٿ_“ نه هجي ته جيڪر اسان کي ”زمان“ جي سڌ ئي نه پئجي سگهي.

هاڻي اچو ته هڪ نئين شيءِ کي جاچيون.
مٿي ڏنل سمورن ”فعلن“ کي هر هر پڙهي ڏسو آخر ۾ هن نتيجي تي پهچنداسون ته:
(الف) * جنهن به ”فعل“ جي آخر ۾ آواز ”_او“ آهي ـــ لڪان ٿو لڪين ٿو لڪي ٿو ـــ اهو مذڪر ۽ واحد آهي.
* جنهن به ”فعل“ جي آخر ۾ آواز ”_آ“ آهي ـــ لڪون ٿا، لڪو ٿا، لڪن ٿا ـــ اهو مذڪر ۽ جمع آهي.

اسان وٽ عام طرح ’ـاو‘ کي واحد (پر مذڪر) جي نشاندهي ڪندڙ ۽ ’ـآ‘ کي جمع (پر مذڪر) جي نشاندهي ڪندڙ آواز سمجهيو ويندو آهي.

جيڪڏهن ’ـاو‘ واحد جي ۽ ’ـآ‘ جمع جي نشاندهي ڪندڙ آواز آهن ته ٻنهي مان هر هڪ ۾ مذڪر جي نشاندهي ڪهڙو آواز ڪري ٿو؟

ڪٽي ايئن ته ناهي، هنن ٻنهي آوازن جي آڏو هڪ لطيف ۽ ساڪن ويڃڻ اهڙيءَ طرح اچي، سُر ٿي، مِلي، جذب يا حذف ٿي وڃي ٿو ۽ زمانن کان ايئن ٿيندو رهيو آهي، جو اسان کي ان جو احساس ئي نه ٿو ٿئي؟ هِتي اهڙو ممڪن ويڃڻ جيڪو سُر ٿي اڻ لَکي نموني جذب يا حذف ٿي وڃي اهو ’ـاَ‘ آهي. يعني ’ـاو‘ حقيقت ۾ ’اَ + او‘ ۽ ’ـآ‘ حقيقت ۾ ’اَ + آ‘ هجن. جن مان ٻنهي جو ’ـاَ‘ جنس مذڪر جو ڏس ڏي ٿو ۽ ’او‘ عدد واحد آهي ۽ ’ـآ‘ عدد جمع. مثال طور:

ـ گهوڙو (گهوڙ + ا + او) = گهوڙ (هڪ قسم جو جانور) + مذڪر + واحد.

ـ گهوڙا (گهوڙ + ا + آ) = گهوڙ (هڪ قسم جو جانور) + مذڪر + جمع.

(ب) * جنهن بہ ”فعل“ جي آخر ۾ آواز ”ـاِي“ آهي ـــــ لڪان ٿي، لڪين ٿي، لڪي ٿي ـــ اهو مؤنث ۽ واحد آهي.

* جنهن بہ ”فعل“ جي آخر ۾ آواز ”ـاِيون“ آهي ـــ لڪون ٿيون، لڪو ٿيون، لڪن ٿيون ـــ اهو مؤنث ۽ جمع آهي.

اسان وٽ عام طرح ’ـاِي‘ کي واحد (پر مؤنث) جي نشاندهي ڪندڙ ۽ ’ـاِيون‘ کي جمع (پر مؤنث) جي نشاندهي ڪندڙ آواز سمجهيو ويندو آهي.

جيڪڏهن ’ـاِي‘ واحد جي ۽ ’ـاِيون‘ جمع جي نشاندهي ڪندڙ آواز آهن ته ٻنهي مان هر هڪ ۾ مؤنث جي نشاندهي ڪهڙو آواز ڪري ٿو؟

ڪٽي ايئن ته ناهي، هنن ٻنهي آوازن جي آڏو هڪ لطيف ۽ ساڪن ويڃڻ اهڙيءَ طرح اچي، سُر ٿي، مِلي، جذب يا حذف ٿي وڃي ٿو ۽ زمانن کان ايئن ٿيندو رهيو آهي، جو اسان کي ان جو احساس ئي نه ٿو ٿئي؟ هِتي اهڙو ممڪن ويڃڻ جيڪو سُر ٿي اڻ لَکي نموني جذب يا حذف ٿي وڃي، اهو ’ـاِ‘ آهي: يعني ’ـاِي‘ حقيقت ۾ ’اِ + اِي‘ ۽ ’ـاِيون‘ حقيقت ۾ ’اِ + اِيون‘ هجن. جن مان ٻنهي جو ’ـاِ‘ جنس مؤنث جو ڏس ڏي ٿو ۽ ’اِي‘ عدد واحد آهي ۽ ’ـاِيون‘ عدد جمع. مثال طور:

ـ گهوڙي (گهوڙ + اِ + اِي) گهوڙ (هڪ قسم جو جانور) + مؤنث + واحد.

ـ گهوڙيون (گهوڙ + اِ + اِيون) گهوڙ (هڪ قسم جو جانور) + مؤنث + جمع.

هاڻي اچو ڏسون تہ زمان حال ۾ ’ڪرڻ‘ واري فعل جي حوالي سان اسان کي ڦيرو ڪيئن پڙهايو/سيکاريو ويجي ٿو:

* مان لکان ٿو. * مان لکان ٿي.
* اسان لکون ٿا. * اسين لکون ٿيون.
* تون لکين ٿو. * تون لکين ٿي.
* توهان لکو ٿا. * توهان لکو ٿيون.
* هي/هو لکي ٿو. * هيءَ/هوءَ لکي ٿي.
* هي/اهي لکن ٿا. * هي/اهي لکن ٿيون.

مٿي ڏنل ڦيري ۾ جيڪي بہ ضمير آهن اهي فاعل آهن ۽ هر هڪ جملي ۾ فاعل کان سواءِ جيڪو ڪجهہ آهي اهو بظاهر فعل آهي (فعل سڏجي ٿو) جيڪو ٻن حصن ۾ لکجي ظاهر ٿئي ٿو. (هن ڦيري کي في الحال ”الف-ڦيرو“ سڏينداسون.)

الف-ڦيري جو هر هڪ جملو عام ۽ چالو مفهوم موجب درست ڀاسي ٿو پر اسين جيڪڏهن ان جو فاعل (جيڪو ڪو نہ ڪو ضمير بہ آهي) ڪيرائي ڦيرو ڪيون تہ صورتحال هيئن بيهندي: (ان کي ”ب-ڦيرو“ سڏينداسون.)

* لکان ٿو. * لکان ٿي. * لکون ٿا. * لکون ٿيون.
* لکين ٿو. * لکين ٿي. * لکو ٿا. * لکو ٿيون.
* لکي ٿو. * لکي ٿي. * لکن ٿا. * لکن ٿيون.

ب-ڦيري ۾ اسان اهو فاعل ڪيرائي ڇڏيو آهي، جيڪو الف-ڦيري ۾ جاٽايل هو پر ڇا اهو سچ آهي تہ هاڻي ب-ڦيري ۾ فاعل (جيڪو ڪو نہ ڪو ضمير بہ آهي) موجود ناهي؟ ۽ جنهن کي الف-ڦيري ۾ فعل سڏيو ويو هو ڇا اهو رڳو ”فعل“ آهي يا ڪجهہ ٻيو بہ آهي؟

## ڇا توهان لفظن جو ڳالهائڻ ٻڌو هو؟

الف-ڦيري ۾ جن لفظن کي ”فعل“ سڏيو ويو آهي، انهن لفظن کان هن مضمون جي ابتدا ۾ اسان پنج سوال پڇيا هئا، ۽ اسان کي انهن پنجن ئي سوالن جا جواب مليا هئا:

1- ڪهڙو ڪم ٿئي ٿو؟ — ”لکڻ جو“
2- ڪير ڪم ڪري ٿو؟ — فاعل ڪو نہ ڪو ضمير هو.

3ـ ڪڏهن ڪم ڪري ٿو؟ ــ”هاڻي“، زمان حال ۾.
4ـ ڪم ڪندڙن جي ڳڻپ؟ ــ ڪٿي واحد هو تہ ڪٿي جمع.
5ـ ڪم ڪندڙن جي جنس؟ ــ ڪٿي مذڪر هو تہ ڪٿي مؤنث.

يعني

جنهن کي فعل“ سڏيو ويو اهو فعل نہ هو پر ”فاعلاڻو۔فعل“ هو ڇو تہ ان فاعل جي بہ ڄاڻ ڏني پئي، ان ۾ هڪ فاعل (ڪنهن نہ ڪنهن ضمير جي صورت ۾) لڪل هو.

ان کي فعل تڏهن سڏي سگهجي ٿو جڏهن فاعل ڪانئس ڌار ڪيو وڃي. سنڌيءَ ۾ اهو ’ڪرڻ‘ جو فعل، زمان حال ۾، پنهنجيءَ نج ۽ حقيقي صورت ۾ اڻلڀ آهي ــ زمان حال ۾ ’ڪرڻ‘ وارو فعل اسان کي رڳو ”فاعلاڻي۔فعل“ جي صورت ۾ ئي ملي ٿو ــ ان کي سندس حقيقي ۽ نج صورت ۾ ڳولڻو يا پڌرو ڪرڻو آهي.

اسين بلڪل ڀڪ سان چئي سگهون ٿا تہ زمان حال ۾ ’ڪرڻ‘ واري فعل جي حوالي سان اسان کي جيڪو ڦيرو پڙهايو/سيکاريو وڃي ٿو (ڏسو الف۔ڦيرو) ان ۾، درحقيقت بہ فاعل موجود آهن ــ هڪ سنئون سڌو ”مان“، ”اسان“، ”تون“، ”توهان“، ”هي“ ۽ ”اهي“ جي نالي (آواز) سان ۽ ٻيو جيڪو ان لفظ ۾ موجود آهي، جنهن کي ”فعل“ سڏيو وڃي ٿو. اتي سندس موجودگي ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص آواز جي صورت ۾ آهي.

جنهن کي فعل سڏيو وڃي ٿو اهو حقيقت ۾ هڪ ’مرتب‘ لفظ آهي، جيڪو هڪ پاڻ۔وَس ’صرفيہ‘ (”لک“) ۽ چار پر۔وس ’صرفيہ‘ پاڻ ۾ سمائي وينو آهي ۽ سندس هر هڪ ’صرفيہ‘ هڪ مخصوص شيءِ جي نمائندگي ڪري ٿي ــ اها ڳالهہ اسان کي اڳيان ڏنل چارٽ ۾ چِٽي ٿي ملي ٿي:

| ”فعل“ | ”فعل“ ڀڃل حالت ۾ | حقيقي فعل/ ڏس ڏيندڙ | فاعل/ ڏس ڏيندڙ | زمان/ ڏس ڏيندڙ | جنس/ ڏس ڏيندڙ | ڳڻپ/ ڏس ڏيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1. لکان ٿو | لک+آن+ٿ+اَ+او | لِک / ”لک_“ | مان / ”_ آن“ | حال / ”ٿ_“ | مذڪر / ”_آ“ | واحد / ”_او“ |
| 2. لکان ٿي | لک+آن+ٿ+اِ+اِي | لِک / ”لک_“ | مان / ”_ آن“ | حال / ”ٿ_“ | مؤنث / ”_اِ“ | واحد / ”_اِي“ |
| 3. لکون ٿا | لک+اُون+ٿ+اَ+آ | لِک / ”لک_“ | اسان / ”_اُون“ | حال / ”ٿ_“ | مذڪر / ”_آ“ | جمع / ”_ آ“ |
| 4. لکون ٿيون | لک+اُون+ٿ+اِ+اِيون | لِک / ”لک_“ | اسان / ”_اُون“ | حال / ”ٿ_“ | مؤنث / ”_اِ“ | جمع / ”_اِيون“ |
| 5. لکين ٿو | لک+اين+ٿ+اَ+او | لِک / ”لک_“ | تون / ”_ اين“ | حال / ”ٿ_“ | مذڪر / ”_آ“ | واحد / ”_او“ |
| 6. لکين ٿي | لک+اين+ٿ+اِ+اِي | لِک / ”لک_“ | تون / ”_ اين“ | حال / ”ٿ_“ | مؤنث / ”_اِ“ | واحد / ”_اِي“ |
| 7. لکون ٿا | لک+اَون+ٿ+اَ+آ | لِک / ”لک_“ | توهان / ”_اَو“ | حال / ”ٿ_“ | مذڪر / ”_آ“ | جمع / ”_ آ“ |
| 8. لکون ٿيون | لک+اَون+ٿ+اِ+اِيون | لِک / ”لک_“ | توهان / ”_اَو“ | حال / ”ٿ_“ | مؤنث / ”_اِ“ | جمع / ”_اِيون“ |
| 9. لکي ٿو | لک+اي+ٿ+اَ+او | لِک / ”لک_“ | هي / ”_ اي“ | حال / ”ٿ_“ | مذڪر / ”_آ“ | واحد / ”_او“ |
| 10. لکي ٿي | لک+اي+ٿ+اِ+اِي | لِک / ”لک_“ | هي / ”_ اي“ | حال / ”ٿ_“ | مؤنث / ”_اِ“ | واحد / ”_اِي“ |
| 11. لکن ٿا | لک+ان+ٿ+اَ+آ | لِک / ”لک_“ | اهي / ”_ان“ | حال / ”ٿ_“ | مذڪر / ”_آ“ | جمع / ”_ آ“ |
| 12. لکن ٿيون | لک+ان+ٿ+اِ+اِيون | لِک / ”لک_“ | اهي / ”_ان“ | حال / ”ٿ_“ | مؤنث / ”_اِ“ | جمع / ”_اِيون“ |

مٿي ڏنل چارٽ ۾ ڇا توهان هڪ سرشتو هڪ باقاعدگي، هڪ اصولي طريقو هڪ قانوني پابنديءَ هڪ بامقصد سلسلو نوٽ ڪيو؟ ڇا توهان کي خوشي محسوس ٿي؟ ڇا توهان کي ڪجھ عجيب پاسيو؟ ڇا توهان تي ڪو نئون راز پاڌريو؟

ٻوليءَ جي گهرائيءَ، وسعت ۽ وياڪرڻي اصولن ۽ قاعدن جي پختگيءَ ۽ پائداريءَ جو صحيح ڪاٿو تڏهن ٿئي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو جڏهن هر هڪ لفظ ۾ لڪل ڄاڻ جي ذخيري جي سڌيءَ طرح سُڌ پوري ٿي. هر هڪ لفظ ۾ ڄاڻ، سمجھ ۽ ڏاهپ جي هڪ کاڻ ڏِکي پئي آهي. اهو لفظَ لفظ ۾ گهڻو رکيل علمي خزانو ڦولي هٿ ڪرڻو آهي.

صوتيه، صرفيه، فعلي ڦيرا ۽ لفظ سان اڳ، وچ يا پوءِ وارا ڳنڍ (اڳياڙيون، وچاڙيون ۽ پڇاڙيون) اهي ڪنجيون آهن، جيڪي ٻوليءَ جي اصل ۽ وياڪرڻي بڻ جا پنڌار کولي پڌرا ڪن ٿيون. غلام علي الانا صاحب پنهنجي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ نه خاص طرح انهن شين تي ڏاڍو زور ڏنو آهي ۽ انهن جي بنياد تي ڪيترائي اهم عالمانا رايا پيش ڪيا آهن. وسئون ٻين به نه گهٽايو آهي، پر پوءِ به سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ اصل نسل کي ڳولڻ ۾ اهي شيون جيڪو ڪردار ادا ڪن ٿيون، اوترو تفصيلي ويچار هيٺ نه آنديون ويون آهن. مثال طور: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي عالم پنهنجي ڪتاب "**سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ**" ۾ صفحي-12 تي مثال ڏيندي ذڪر آندو آهي ته:

> "سنٿالي (سؤنتالي) ٻوليءَ ۾ "دل" معنيٰ "مارڻ". هن هڪڙي ئي لفظ سان پڇاڙين پنيان پڇاڙيون ڳنڍي چوَن "دل-اوچو-اَکن-تهن-تءِ-تن-اَ-اي". ايئن هڪڙي ئي لفظ پنيان پڇاڙين (Suffixes) ڳنڍڻ سان هيءَ هڪ جملو جڙي پيو آهي ته "هيءُ جو هن جو آهي ۽ اهو جو منهنجو آهي، سو پاڻ کي پيو مارائيندو." ... اسان جي پرڳڻي ۾ اڃا اهڙي قسم جي ٻولي ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ چالو هئي."

۽ ايئن ڇئي ڳالھ کي ٿوري ۾ ڪتايو ويو آهي — جهڙي به هئي تفصيل سان ويچار ته ڪجي ها! "مارايو هيومانسِ"، "مارايومانس"، "مارايو هُيم"، "مارايم"، "ماريُم"، "مُئم"، "ڪارائيندو هوندومانس"، "ڪارائيندومانس"، "ڪارائيندو هوندم"، "ڪارائيندم"، "ڪائيندم"؛ سنڌيءَ ۾ ايندڙ اهڙن هزارين لفظن تي پڻ تفصيلي سوچ ويچار جي گهرج آهي. ڇا مٿي ڏنل سنٿالي لفظ کي "دلوچوڪن تهنتئتَنَي" نه ٿو پڙهي

سگهجي؟ سنڌيءَ ۾ ٻه ته پڇاڙيون ڳنڍجڻ جي ڪري هڪ مڪمل جملو ٺهي ٿو جيئن ”مارايومانءِ“ آهي ته هڪ مرتب لفظ پر ان جو مطلب آهي ”مون توکي مارايو.“

متي ڏنل ”چارٽ“ ۾ ”ب-ڦيرو“ اسان جي آڏو ڪجهه آوازن کي هڪ مخصوص معنيٰ ۾ مفهوم ڏئي ظاهر ڪري ٿو جن مان شايد هر هڪ کي ’بنيادي‘ (Fundamental) يا ’نج‘ (نبار) (Pure) آواز سڏي سگهجي ٿو.

1. ’آن‘ — آنءِ/آءَ/آئون/مان/مون کي،
2. ’اُون‘ — اسان/اسين کي،
3. ’اين‘ — تون/توکي،
4. ’اَو‘ — توهان/اوهان/توهين/اوهين کي،
5. ’اي‘ — هي/هو/هيءَ/اِهو/اُهو/اِها/اُها کي،
6. ’ان‘ — هي/هو/اِهي/اُهي/اِنن/اُنن کي،
7. ’اَ‘ — مذڪر کي،
8. ’اِ‘ — مؤنث کي،
9. ’اَو‘ — اڪيلو کي،
10. ’اِي‘ — اڪيليءَ کي،
11. ’آ‘ — گهڻن کي، ۽
12. ’اِيون‘ — گهڻين کي ظاهر ڪري ٿو. (خود ’گهڻين‘ لفظ ۾ ’گهڻ+اِي+ان‘ سبق ٿو ڏي ته ’اِيون‘ متان ’اِي+ان‘ هجي-اِي = مؤنث واحد ۽ ’ان‘ جمع ڪرڻ جي نشاني!)

## فعل جي حقيقي صورت جي ڳولا

1. ”فاعلاڻن-فعلن“ (ڏسو ب-ڦيرو) جي وچ مان فاعلن (جيڪي ضمير به آهن) کي ڪيڏي ڇڏڻ سان اسان کي فعل جي صورت هيءَ ملي ٿي:

| فاعلاڻو فعل | لڪل فاعل | حقيقي فعل |
|---|---|---|
| ✻ لڪان ٿو | (- آن) | - لڪ ٿو = لڪتو |
| ✻ لڪان ٿي | (- آن) | - لڪ ٿي = لڪتي |
| ✻ لڪون ٿا | (- اُون) | - لڪ ٿا = لڪتا |
| ✻ لڪون ٿيون | (- اُون) | - لڪ ٿيون = لڪتيون |
| ✻ لڪين ٿي | (- اين) | - لڪ ٿي = لڪتي |

| | | |
|---|---|---|
| * لکين ٿو | (_ اين) | _ لک ٿو = لکٿو |
| * لکو ٿا | (_ آو) | _ لک ٿا = لکٿا |
| * لکو ٿيون | (_ آو) | _ لک ٿيون = لکٿيون |
| * لکي ٿو | (_ اي) | _ لک ٿو = لکٿو |
| * لکي ٿي | (_ اي) | _ لک ٿي = لکٿي |
| * لکن ٿا | (_ ان) | _ لک ٿا = لکٿا |
| * لکن ٿيون | (_ ان) | _ لک ٿيون = لکٿيون |

_ اهڙيءَ طرح اسان کي فعل جون چار مقرر صورتون ملن ٿيون:

* لکٿو * لکٿي * لکٿا * لکٿيون

_ انهن مان هر هڪ ۾: چار 'صرفيه' آهن جيڪي واريسر مخصوص مفهوم جي نمائندگي ڪن ٿيون. [ڏسو چارٽ]

2. هڪ ڏکيءَ ڳالهه_ٻول (اجا ٻه بحث) ۾ قيرقار (ترميم) جو حق محفوظ رکندي، زمان ماضيءَ ۾ 'ڪرڻ' جي فعل جي صورتن ۽ زمان مستقبل ۾ 'ڪرڻ' جي فعل جي صورتن کي هتي مختصر طرح 'چيرقاڙ' هيٺ آڻي جاچڻ گهرون ٿا، ته ڇا اهي ٻه ڪنهن نه ڪنهن اصولي طريقي سان اسان پاران کوجيل فعلي صورتن سان سهمت ٿين ٿيون يا نه.

_ زمان ماضي مطلق ۾ (ڪجهه بحث طلب ڳالهين کي پاسي تي رکي) اسان کي فعل جون هي صورتون ملن ٿيون:

* لکيو * لکيِي (لکِي)

* لکيا * لکيون (اصولي صورت "لِکيِيُون")

_ اجو ته انهن کي ڌوليون:

| "فعل" ڀڳل حالت ۾ | فاعل جو ڏس ڏيندڙ | زمان جو ڏس ڏيندڙ | جنس جو ڏس ڏيندڙ | ڳڻپ جو ڏس ڏيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| لک+يـ+اَ+او | لِک _ | يـ _ | _ اَ _ (مذڪر) | _ او |
| لک+يـ+اِ+اِي | لِک _ | يـ _ | _اِ _ (مؤنث) | _اِي |
| لک+يـ+اَ+آ | لِک _ | يـ _ | _ اَ _ (مذڪر) | _ آ |
| لک+يـ+اِ+اِيون | لِک _ | يـ _ | _اِ _ (مؤنث) | _اِيون |

- زمان حال ۾ جيڪو ڪم ’ٿ-‘ ڪري ٿو يعني زمان حال جو ڏس ڏي ٿو اهو ئي ڪم زمان ماضي ۾ ’-ي-‘ ڪري ٿو يعني زمان ماضي جو ڏس ڏي ٿو. فعل جي باقي بناوت، ٻيهڪ ۽ معنيٰ ۾ اهو ساڳيو ئي مفهوم لڪل آهي، جيڪو زمان حال واري فعل ۾.

- هتي، اها ڳالهه بهرحال، نه وسارڻ گهرجي ته زمان حال جي سلسلي ۾ اسان ڪي رواجي طرح فعل جي جيڪا صورت پڙهائي وڃي ٿي، ان ۾ هڪ اهڙو آواز موجود آهي جيڪو فاعل جو ڪم ڪري ٿو (۽ ضمير جو ڏس ڏي ٿو)، جڏهن ته فعل جي ماضي واري صورت ۾ اهڙو ڪو به آواز موجود ناهي. ۽ اها ئي ڳالهه ذهن ۾ رکندي، اچو ته فعل جي مستقبل واري صورت تي به هڪ منظر وجهون.

3. زمان مستقبل جي حوالي سان به هڪ بحث جي گنجائش رکندي، اسان فعل جي ان صورت جي چونڊ ڪئي آهي، جيڪا شڪارپور ۽ ان جي پسگردائي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته باقي سڄيءَ سنڌ ۾ مستقبل لاءِ ’ڪَرڻ‘ جي فعل جو جيڪو صيغو ڪم اچي ٿو ان ۾ ’ن‘ غُنو به شامل هوندو آهي — لکندو، پڙهندو، ويهندو، سمهندو ... — پر شڪارپور پاسي ’ن‘ غُني کان سواءِ اُچارجي ٿو — لکدو، پڙهدو، گهمدو ...

- زمان مستقبل مطلق ۾ اسان کي فعل جون هي صورتون ملن ٿيون:

* لِکدو    * لکدِي    * لکدا    * لکديون

- اچو ته انهن کي ڦوليون:

| ”فعل“ پڳل حالت ۾ | فاعل جو ڏس ڏيندڙ | زمان جو ڏس ڏيندڙ | جنس جو ڏس ڏيندڙ | ڳڻپ جو ڏس ڏيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| لک+د+اَ+او | لِک - | - د - | - اَ - (مذڪر) | - او |
| لک+د+اِ+اِي | لِک - | - د - | - اِ - (مؤنث) | -اِي |
| لک+د+اَ+آ | لِک - | - د - | - اَ - (مذڪر) | - آ |
| لک+د+اِ+اِيون | لِک - | - د - | - اِ - (مؤنث) | -اِيون |

زمان حال ۾ جيڪو ڪم ’ٿ-‘ ڪري ٿو يعني زمان حال جو ڏس ڏي ٿو ۽ زمان ماضيءَ ۾ جيڪو ڪم ’-ي-‘ ڪري ٿو يعني زمان ماضيءَ جو ڏس ڏي ٿو اهو ئي ڪم زمان مستقبل ۾ ’-د-‘ ڪري ٿو يعني زمان مستقبل جو ڏس ڏي ٿو.

فعل جي باقي نباوت. ٻيهڪ ۾ معنيٰ ۾ اهو ساڳيو ئي مفهوم لڪل آهي جيڪو زمان حال ۽ زمان ماضيءَ واري فعل ۾.

- هتي جيڪا ترتيب ۽ رٿابندي نظر اچي ٿي ۽ وياڪرڻي اصولن ۽ قاعدن جي پختگي ۽ پائداري ڏيکارجي ٿي، ان جي ڪري بي اختيار انهن وڏڙن تي فخر محسوس ٿئي ٿو جن اسان جي ٻوليءَ ۾ اها گهرائي ۽ وسعت پيدا ڪئي، ۽ ان جاڻ، سمجهه ۽ ڏاهپ لاءِ مانُ وڏي وجي ٿو جنهن هر هڪ اکر (يا آواز) ۾ هر هڪ لفظ ۾ هڪ معنيٰ، هڪ ڪاڻ لڪائي رکي.

**هڪ رازڪلي ٿو:**

**زمان حال**

1ـ ضمير متڪلم واحد مذڪر/مؤنث

* (مان) چِنو لکان ٿو/ٿي.
* (مان) چِنا لکان ٿو/ٿي.
* (مان) چِني لکان ٿو/ٿي.
* (مان) چِنيون لکان ٿو/ٿي.

2ـ ضمير متڪلم جمع مذڪر/مؤنث

* (اسان) چنو لکون ٿا/ٿيون.
* (اسان) چنا لکون ٿا/ٿيون.
* (اسان) چني لکون ٿا/ٿيون.
* (اسان) چنيون لکون ٿا/ٿيون.

3ـ ضمير حاضر واحد مذڪر/مؤنث

* (تون) چنو لکين ٿو/ٿي.
* (تون) چنا لکين ٿو/ٿي.
* (تون) چنِي لکين ٿو/ٿي.
* (تون) چنيون لکين ٿو/ٿي.

4ـ ضمير حاضر جمع مذڪر/مؤنث

* (توهان) چنو لکو ٿا/ٿيون.
* (توهان) چنا لکو ٿا/ٿيون.
* (توهان) چنِي لکو ٿا/ٿيون.
* (توهان) چنيون لکو ٿا/ٿيون.

5ـ ضمير غائب واحد مذڪر/مؤنث

* (هي/هيءَ) چنو لکي ٿو/ٿي.
* (هي/هيءَ) چنا لکي ٿو/ٿي.
* (هي/هيءَ) چنِي لکي ٿو/ٿي.
* (هي/هيءَ) چنيون لکي ٿو/ٿي.

6ـ ضمير غائب جمع مذڪر/مؤنث

* (اهي) چنو لکن ٿا/ٿيون. * (اهي) چنا لکن ٿا/ٿيون.
* (اهي) چني لکن ٿا/ٿيون. * (اهي) چنيون لکن ٿا/ٿيون.

(هتي عام رواجي طريقي موجب فاعل طور ضمير کي آندو ويو آهي. جيئن ته ان کي ”فعل“ ۾ شريڪ ٿيل سمجهان ٿو ان ڪري منهنجي نظر ۾ اهو فاعل کي ٻه ڀيرا لکڻ آهي. جيڪو گڏيل فيصلي هيٺ گڏجي سيني کي ڪوشش سان ختم ڪرڻو آهي.)

چا توهان ڏيان ڏنو ته مفعول مذڪر واحد (چنو) هجي يا جمع (چنا) يا مؤنث واحد (چني) هجي يا جمع (چنيون) پر فعل جي بناوت، صورت، بيهڪ يعني صيغي تي ڪو به اثر نه ٿو پوي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئبو ته فعل جو سڌو واسطو فاعل سان آهي، مفعول سان نه. ٺيڪ ساڳي صورتحال زمان مستقبل ۾ به بيهي ٿي.

## زمان مستقبل

1ـ ضمير متڪلم/حاضر/غائب (جنهن جي نمائندگي ’+‘ نشان ڪري ٿو) واحد ۾ جنس مذڪر/مؤنث

* + چنو لکندو/لکندي * + چنا لکندو/لکندي
* + چني لکندو/لکندي * + چنيون لکندو/لکندي

2ـ ضمير متڪلم/حاضر/غائب (جنهن جي نمائندگي ’+‘ نشان ڪري ٿو) جمع ۾ جنس مذڪر/مؤنث

* + چنو لکندا/لکنديون. * + چنا لکندا/لکنديون.
* + چني لکندا/لکنديون. * + چنيون لکندا/لکنديون.

مفعول مذڪر هجي يا مؤنث ۾ واحد هجي يا جمع، فعلي صيغي تي اثر نه ٿو پوي.

پر زمان ماضي ۾ اها صورتحال نه ٿي رهي. زمان ماضيءَ ۾ فعل جو لاڳاپو فاعل سان نه ٿو رهي، مفعول سان ڳنڍجي وڃي ٿو ۽ مفعول جي عدد ۽ جنس سان بدلجي ٿو:

* مون چنو لکيو. * مون چنا لکيا. * مون چني لکي. * مون چنيون لکيون.
* اسان چنو لکيو. * اسان چنا لکيا. * اسان چني لکي. * اسان چنيون لکيون.
* تو چنو لکيو. * تو چنا لکيا. * تو چني لکي. * تو چنيون لکيون.
* توهان چنو لکيو. * توهان چنا لکيا. * توهان چني لکي. * توهان چنيون لکيون.

* هن چئو لکيو. * هن چئا لکيا. * هن چئي لکي. * هن چئيون لکيون.
* هنن چئو لکيو. * هنن چئا لکيا. * هنن چئي لکي. * هنن چئيون لکيون.

فاعل ضمير متڪلم، حاضر يا غائب هجي، مذڪر هجي يا مؤنث ۽ واحد هجي يا جمع، فعلي صيغي تي ڪو به اثر نه ٿو پوي. فعلي صيغو مفعول سان ايئن چو آهي؟

**ٿي پڙهڻ ۽ هڪ ڏکيو سوال**

(1) زمان حال ۾ فعلي صيغو فاعل سان لاڳاپيل چو آهي؟ اهو فعلي صيغو ڪهڙو آهي، جيڪو زمان حال ۾ ڪم اچي، پر مفعول سان لاڳاپيل هجي؟

(2) زمان مستقبل ۾ عام مروج فعلي صيغو فاعل سان لاڳاپيل چو آهي؟ اهو فعلي صيغو ڪهڙو آهي، جيڪو زمان مستقبل ۾ ڪم اچي، پر مفعول سان لاڳاپيل هجي؟

(3) زمان ماضي ۾ فعلي صيغو مفعول سان لاڳاپيل چو آهي؟ اهو فعلي صيغو ڪهڙو آهي، جيڪو زمان ماضي ۾ ڪم اچي، پر فاعل سان لاڳاپيل هجي؟

(4) زمان ماضيءَ جي ڦيري ۾ ضمير جي اها صورت چو تبديل ٿي وڃي ٿي، جيڪا حال ۽ مستقبل زمانن ۾ قائم رهي ٿي (جيئن: مان/آءٌ بدران 'مون'، تون بدران 'تو' ۽ هي/هيءَ/اِهي/اُهي بدران 'هِن/هُن/هِنن/هُنن')؟

**ممڪن ڪجهه جواب**

- زمان حال ۾ فعلي صيغو فاعل سان ان ڪري لاڳاپيل آهي جو ان جي عام مروج صورت ۾ هڪ اهڙو آواز شامل آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن شخصي ضمير جي نمائندگي ڪري ٿو جيئن: "لکان ٿو" ۾ "-آن" ۽ "لکون ٿا" ۾ "-اون" وغيره.

- "لکتو"، "لکتا"، "لکتي" ۽ "لکتيون" اهو فعلي صيغو آهي جيڪو جيڪڏهن زمان حال ۾ ڪم اچي ته فعل جو سڌو واسطو مفعول سان ٿي پوي ٿو. عام مروج "فاعلاٽي-فعل" مان شخصي ضمير جي نمائندگي ڪندڙ "آواز" ڪاٽيا وڃن ته فعل جي هيءَ صورت ملي ٿي (۽ انهن ۾ پوءِ ڪو به اهڙو "آواز" نه ٿو بچي جيڪو فاعل يا شخصي ضمير جو ڏس ڏئي سگهي).

- زمان مستقبل ۾ عام مروج فعلي صيغا "لکندو"، "لکندا"، "لکندي" ۽ "لکنديون" آهن. جن سان ضمير متڪلم جي حالت ۾ عام طرح هڪ اهڙو "آواز" آخر ۾ ڳنڍيو وڃي ٿو جيڪو پاڻ به ساڳي ضمير جي نمائندگي ڪري ٿو جيئن: (مان) لکندم/لکندس، (اسان) لکنداسي/لکنداسون، (تون) لکندين ۽ (توهان) لکندؤ.

حقيقت اها آهي تہ ’لکندم‘ ۽ ’لکنداسون‘ ۾ ضمير متڪلم ”مان“ ۽ ”اسان“ ۽ ’لکندين‘ ۽ ’لکندو‘ ۾ ضمير حاضر ”تون“ ۽ ”توهان“ ضمير متصل جي صورت ۾ موجود آهن. اها بہ حقيقت آهي تہ لکندو لکندا، لکندي ۽ لکنديون ساڳي فعل جون مذڪر/مؤنث ۽ جمع صورتون بہ آهن تہ پاڻ ۾ ضمير غائب بہ متصل ضمير جي صورت ۾ شامل رکن ٿيون. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ زمان حال جيان فعل جي هن مستقبل واري صورت ۾ بہ جيئن تہ شخصي ضمير جي نمائندگي موجود آهي ان ڪري سنڌس واسطو فاعل سان ٿي پيو آهي.

- پر جيڪڏهن اسين فعل جي اها صورت ڪڍون ٿا، جيڪا عام طرح شڪارپور ۾ رائج آهي ۽ پاڻ ۾ ڪو بہ اهڙو آواز شامل نہ ٿي رکي جيڪو ڪنهن شخصي ضمير جي نمائندگي ڪري ـــ لکدو لکدا، لکدي ۽ لکديون ـــ ان ڪري فعل جون جڏهن اهي صورتون جملن ۾ ڪم اچن ٿيون، تڏهن فعل جو سڌو واسطو فاعل ڪان ڪتجي مفعول سان ٿيو پوي ـــ ”مون خط لکدو“، ”مون خط لکدا“، ”مون چٺي لکدي“، ”مون چٺيون لکديون“ وغيره.

زمان حال جي ’لکتو لکتا، لکتي ۽ لکتيون‘ واري صورت ۽ زمان مستقبل جي ’لکدو لکدا، لکدي ۽ لکديون‘ واري صورت سان ٺيڪ ٺيڪ ميل کائيندڙ صورت لکيو ’لکيا، لکي (لکيي) ۽ لکيون‘ زمان ماضي ۾ عام مروج آهي، جنهن ۾ ڪو بہ اهڙو آواز شامل ناهي جيڪو ڪنهن بہ شخصي ضمير جي نمائندگي ڪندو هجي، ان ڪري زمان ماضي ۾ عام مروج فعل جو سڌو واسطو مفعول سان آهي.

- زمان ماضي ۾ فعل جي هڪ اهڙي ضمير متصل واري صورت ملي ٿي، جنهن ۾ ضمير غائب آهي، جيئن: لکيائين ۽ لکيائون ـــ خطُ لکيائين، خطَ لکيائين، چٺي لکيائين، چٺيون لکيائين ۽ خطُ لکيائون، خطَ لکيائون، چٺي لکيائون ۽ چٺيون لکيائون ـــ انهن جملن ۾ فعل جي صورت جو سڌو واسطو مفعول سان نہ پر فاعل سان آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ فعل جي اها صورت جنهن ۾ يا جنهن سان شخصي ضمير هڪ ضمير متصل جي صورت ۾ موجود آهي، اها جملي ۾ سڌيءَ طرح فاعل سان ڳنڍيل آهي، جڏهن تہ فعل جي اها صورت جنهن ۾ يا جنهن سان شخصي ضمير ڳنڍيل ناهي، ان جو جملي ۾ سڌو واسطو مفعول سان رهي ٿو.

- متي پيچيل چوٿين سوال جو جواب (شايد) ان حقيقت ۾ لڪل آهي تہ جنهن جملي ۾ فعل جو سڌو واسطو فاعل سان آهي، ان جملي ۾ مان/آءٌ/آنءُ، اسان/اسين،

تون/توهان/توهين/اوهان/اوهين، هي/هو/هيءَ/هوءَ ۾ هي/هو/اِهي/اُهي وڏيڪ سونهِن ٿا. جڏهن ته جنهن جملي ۾ فعل جو سڌو واسطو مفعول سان آهي، ان ۾ مون، اسان، تو توهان/اوهان، هِن/هُن ۾ اِنهن/اُنهن وڏيڪ سونهِن ٿا.

اهي ڪجھ ڳاڻ ڳڻيون ڳالهيون سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جي خدمت ۾ انهيءَ سڌ سان پيش ڪيان ٿو ته جتي غلط هجان اتي منهنجي رهنمائي ڪئي وڃي.

***

# استدلال جو اهو طريقو غلط آهي⊙

’**سنڌ سجاڳ**‘، ماهوار ڪراچي جي آگسٽ 1995ع واري پرچي ۾ علمي دنيا جي هڪ وڏي نالي **گنگارام سمرات** جن جو هڪ مضمون **سنڌي ٻولي**، 22 کان 26 صفحي تائين ۽ 66 صفحي تي هڪ ڪالم جي صورت ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ **سراج** (سراج الحق ميمڻ) صاحب جن جي اپريل 1964ع ۾ لکيل هڪ ڪتاب ’**سنڌي ٻولي**‘ تي تنقيد ڪئي وئي آهي. سمرات صاحب جن جو اهو مضمون، لڳ ڀڳ 25 ورهه اڳ لکيل، جيئن تہ اٽليپ تي چڪو هو تنهنڪري ”**پڙهندڙن جي ڄاڻ وڌائڻ ۽ لسانيات بابت اٿاريل ”نقطن“ تي بحث ڪرڻ لاءِ هيءُ مضمون**“ ڇپيو ويو آهي.[16]

گنگارام سمرات صاحب جن جو نالو سنڌ هند ۾ سنڌي علمي دنيا جي حوالي سان پنهنجي هڪ مخصوص عزت ۽ ساک رکي ٿو. ليکڪ سنڌن هڪ عالماڻي ڪاوش **آريہ ورت** کان واقف آهي، پاڻ پنهنجون ڪيترين ئي تحقيقون سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ سماج جي حوالي ڪري چڪا آهن.

سراج الحق ميمڻ صاحب جن جو نالو پڻ سنڌ هند ۾ هڪ مخصوص عزت ۽ ساک رکي ٿو. ليکڪ جي ڄاڻ موجب 1955ع کان شاعريءَ، افسانہ نگاريءَ، ترجمن، مختلف موضوعن تي تحقيقي مضمون، ايڊيٽوريلن ۽ سياسي ڪالمن ۽ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت هڪ مخصوص نڪتہءِ نظر جي حوالي سان علمي، ادبي ۽ لسانياتي دنيا ۾ ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا.

---

⊙ روزاني ”**جاڳو**“ ڪراچي ۾ 18-نومبر 1995ع کان 10-ڊسمبر 1995ع دوران ڇپيل.

[16] **نوٽ**: سراج صاحب جي ڪتاب ”**سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل**“ [ڇاپو ٻيو، جنوري 2016ع] ۾ سمرات صاحب جو اهو مضمونُ ص 215-231 تي، ”**سراج الحق جي ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ جو مطالعو**“ عنوان سان پڻ ڇپيو ويو آهي، جنهن جي جواب ۾، سراج صاحب جو مضمون ”**شري گنگارام سمرات جي خدمت ۾**“ عنوان سان، ص 232-244 تي ڇپيل آهي. ان کان پوءِ وري، ”**جي.ايم. سيد ڏانهن هڪ خط**“ سِري سان، گنگارام سمرات جو هڪ خط ساڳئي موضوع تي، ص 245-248 تي موجود آهي. انهن کان سواءِ، سمرات صاحب جي تنقيد جي موٽ ۾، پروفيسر علي نواز جتوئي جو مضمون ”شري سمرات جي تنقيدن جو جائزو“ بہ ص 249-264، تي ڇپيو ويو آهي. انهن جو مطالعو پڙهندڙن لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو. (رياضت)

1959ـ1961ع دؤران ٻوليءَ جي ٻڻ بابت لکيل ڪجهه مضمون، 1964ع ۾ ’**سنڌي ٻولي**‘ ڪتاب ۾ پوءِ آيل ڪجهه مضمون، تقريرن ۽ انٽرويوئن، جن ۾ لسانياتي حوالي سان اهو مخصوص نڪتهءِ نظر ورجايو ويجي ٿو، پاڻ مختلف عالمن ۽ علمي حلقن پاران سخت تنقيد جو شڪار رهيا آهن. سمرات صاحب جن جو ذڪر هيٺ مضمون پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي هو.

ليکڪ (**محبت ٻرڙو**) 1972ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات جو ٻه هڪ ’غير اسڪولي‘ شاگرد ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجن وسيلن آهر جيڪو ٻه مواد ڪيس ميسر ٿي سگهيو آهي، ان کي هڪ چاهيندڙ پاٺڪ جي حيثيت ۾ پنهنجيءَ سمجهه موجب پڙهندو، پرجهندو ۽ هنئين سان هنڊائيندو رهيو آهي. ليکڪ ڪنهن کان ٻه جيڪڏهن، ڪو هڪ ٻه ٻول يا نُڪتو سکيو آهي، ان کي پنهنجي عزت لائق استاد جي جاءِ تي ڏسي ٿو ۽ بلڪل واجبي ۽ روايتي حد ادب ۾ رهڻ گهري ٿو.

بحث ۾ چندچاڻ هيٺ موضوع جو واسطو **سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ** سان آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بابت ڪي نظريا:

سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بابت لسانيات ۾ سنڌي ٻوليءَ جي چاڻن وٽ مختلف قسمن جا نظريا/رايا موجود آهن. ايم ايڇ پنهور صاحب جن انهن کي هڪ چارٽ جي صورت ۾ آڻي پنهنجي مضمون **سنڌ جون ٻوليون** (انگريزي) ۾ انهن تي بحث ڪيو ۽ پڻ پنهنجو نڪتهءِ نظر/نظريو ڏنو آهي. [نوٽ: اهو مضمون ”ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ“ نالي ڪتاب ۾ ڇپيو ويو. ان جي مليل فوٽواسٽيٽ ڪاپيءَ تان ليکڪ ترجمو ڪيو ۽ ’**ڪينجهر**‘، ماهوار، حيدرآباد جي اپريل 1995ع واري پرچي ۾ ان جي پهرين قسط شايع ٿي.[17]] انهن چارٽن کي لکت ۾ هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**1ـ ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو:**

* سنسڪرت ـــ پراڪرت ـــ پالي ـــ سوشيني ـــ اپڀرنش ـــ وراچڊ ـــ سنڌي (11ـ هين صديءَ ۾).

**2ـ اي. جي. گريئرسن جو نظريو:**

---

[17] هيءَ ترجمو ڪيل مقالو ڊاڪٽر محبت جي ڪتاب ”**آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي**“ (2010ع) ۾ ڇپيو ويو آهي. (رياضت)

* سنسڪرت سميت ڦهريت (Primary، اولين، ابتدائي، قديم) پراڪرتون — سنسڪرت ۽ ڦهريت پراڪرتون — ٻئيت (Secondary، ثانوي) پراڪرتون ۽ سنسڪرت-2.

**3- ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو نظريو:**

* سنسڪرت — پراڪرتون — اپڀرنش — وراچڊ — اپڀرنش — سنڌي (11-صديءَ ۾).

**4- جيرامداس دولترام جو نظريو:**

* سنڌي پراڪرت — سنڌي اپڀرنش — سنڌي (11-صديءَ ۾).

**5- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو:**

* پروٽو-سيمائيٽ (Proto_Semite) — اويستي+يوناني+ترڪي داردي — پالي ۽ پراڪرت+ترڪي داردي+پهلوي — مقامي ٻوليون+عربي+فارسي — سنڌي (11-صديءَ ۾).

**6- سراج الحق ميمڻ جو نظريو:**

* سنڌو ماٿر سڀيتا جي ٻولي، جيڪا دنيا جي وڏي حصي ۾ اِنڊو-يورپي ٻولين، ميسوپوٽاميا سڀيتائي ٻولين ۽ انڊو-پرشين ٻولين ۽ انڊو-آرين ٻولين جي صورت ۾ پکڙجي وئي.

**7- ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو** (ڪالڊويل جي نڪتهءِ نظر تي ٻيهاريل):

* تواراني — موهن جي دڙي واري ٻولي — سئنڌو — پراڻي سنڌي — وچولي زماني واري سنڌي — جديد سنڌي.

**8- ايم ايڇ پنهور جو نظريو:**

* پروٽو-انڊو يورپين (اوپرائين شاخ) — پروٽو-انڊو ايراني — پروٽو-انڊين+دراوڙي — پروٽو-سنڌي+رگويدي سنسڪرت+پوئين (Late) سنسڪرت+آرامي ۽ پهلوي+پالي ۽ يوناني+پهلوي — اوائلي (Early) سنڌي+عربي ۽ سنسڪرت — وچين زماني واري سنڌي پارسي — (وچ 19 هين صديءَ واري) سنڌي+انگريزي ۽ فارسي — جديد سنڌي.

## ڪهڙي ٻولي 'سَمَ' ڪئي وئي؟

ليکڪ جو مرڪزي موضوع ڪنهن به طرح سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت بحث ڪرڻ ناهي. سمرات صاحب جن سنسڪرت کي 'قديم ٻولين جي ماءُ' ۽ سنڌيءَ کي

ان جي ’ڏيءُ‘ سڏيو آهي ۽ سندن مقصود سراج صاحب جن جي انهيءَ نڪتہِ نظر کي رد ڪرڻ آهي جنهن ۾ اڳ- آڳاهين سنڌو سڀيتا جي ٻوليءَ کي دنيا جي گهڻين ٻولين جو بڻ قرار ڏنو ويو آهي. سراج صاحب جن جي نڪتہِ نظر ۾ جيڪو ڪجهہ غلط سڏي سگهجڻ جوڳو آهي، اصولي ۽ علمي طرح ٿيڻ ايئن گهربو هو تہ سمرات صاحب جن ان کي واضح ڪندي دليلن ۽ ثبوتن سان رد ڏين ها ۽ پنهنجي ليکي اها راءِ، تہ سنسڪرت دنيا جي قديم ٻولين جي ماءُ ٿئي، قبول ڪندي ٻين جي مٿان مڙهڻ بدران شاهدين وسيلي ثابت ڪن ها. پر پاڻ اهي ٻئي بنيادي ۽ اصولي ڪم نہ ڪيا اٿئون. ان ڪري سراج صاحب جن جي ڏنل دليلن (جهڙا بہ آهن) جي پيٺ ۾ سندن بحث علمي هجڻ ۽ بنجڻ بدران اهو ٿي پيو ٿو جنهن کي عام طرح فتوائي بازي چيو ويندو آهي ۽ ان فتوائن ۾ ڪي شخصي حملا بہ شامل آهن. جيڪي بهرحال، ڪنهن بہ عالم جي لکت ۾ نہ رڳو سونهن نہ ٿا، پر ان جي ڪمزوريءَ جو بدنما داغ بہ ٿي پون ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت مٿي ڏنل نظرين تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي پڌرو ٿي پوي ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ، اٺ اختلافي نظريا موجود آهن. جن مان ٿي سنسڪرت کي، بہ سنڌي ٻوليءَ کي، هڪ تورانيءَ کي، هڪ سامي ٻولين کي ۽ هڪ انڊو-يورپي ٻولين کي اوليت ڏئي ٿو. اتي بنا ڪنهن مضبوط دليل جي سمرات صاحب جن جي فتوائن کي مڃڻ ممڪن نہ آهي (بيشڪ سراج جن سان بہ اختلاف هجي).

ليکڪ جنهن موضوع کي هتي بيان ڪرڻ گهري ٿو، ان جو مرڪزي نُڪتو سراج صاحب جن کي درست سمجهڻ يا سمرات صاحب جن کي غلط سمجهڻ ناهي، پر اهو آهي تہ سمرات صاحب جن جو انداز سخن ۽ استدلال سندن پنهنجي ئي قد جيڏو عالمانہ اوچو ۽ مدلل ناهي ۽ پاڻ تنقيد جي معياري پيماني تي پورا نہ لٿا آهن. اهو سمجهڻ لاءِ، ليکڪ ضروري ٿو سمجهي تہ انهيءَ پس منظر کي چٽو ڪيو وڃي، جنهن جي تَر تي مٿي ڄاڻايل مضمون ۾ موضوع تنقيد جو بنياد بيٺل آهي.

سمرات صاحب جن (’دليل‘ ڏيندي) چون ٿا:

”هاڻي اچو انهيءَ مول ڳالهہ تي. مٿي لکيو ويو آهي تہ ليکڪ {سراج} سنڌيءَ کي ان ڪري ايڏي اهميت ڏني آهي جيئن پاڻ اهو ثابت ڪري سگهي تہ خود قديم ٻولين جي ماءُ سنسڪرت کي، پنهنجي ڏيءُ سنڌيءَ جي ڏيءُ ثابت ڪري ڏيکاري. عجيب منطق چئبو! ماءُ پيءُ جا مهاندا ٻار تي ضرور پوندا آهن. چو تہ ٻار مائٽن جو

عڪس آهي. پوءِ ٻار جا مهانڊا ڏسي ايئن چئبو ڇا ته سنڌس ماءُ پيءُ
ڪانئس پوءِ پيدا ٿيا؟... ڀلا، ڪئميرا واري عڪس کي ڏسي ايئن چئبو
ڇا ته خدا ان ڪئميرا واري عڪس کي ڏسي ڪري ٿي ان انسان جي
شڪل جوڙي؟“ (سمرات [1995] 22، ڪالم ـ 3)

منطقي طرح، ٿي سگهي ٿو ته، اهي ’دليل‘ ڏاڍا سنا، معقول ۽ وزنائتا محسوس ٿين، پر انهن جو جواب جيڪو سمرات صاحب جن ماڻهن گهرن ٿا، تڏهن ملي سگهندو جڏهن انهن جيان اڳواٽ ۽ پاڻ ـ هرتو اهو مڃيو ويو هجي ته:

1. سنسڪرت دنيا جي قديم ٻولين جي ماءُ آهي،
2. سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڌيءُ آهي،
3. سنسڪرت تي سنڌي ٻوليءَ جو ڪو به اثر موجود ناهي، ۽
4. سنسڪرت جي حاڪميت مهل قديم سنڌي ٻوليءَ جو ڪنهن به روپ ۾ ڪو به وجود نه هو.

۽ اهي ڳالهيون مڃڻ ۽ مڃائڻ لاءِ جن شاهدين، دليلن، ثبوتن ۽ حقيقتن جي گهرج رهي ٿي، اهي سمرات صاحب جن جي لکت ۾ ڪٿي به موجود ناهن.

هڪ عالم يا ڪو به علمي حلقو جيڪڏهن ڪن به دليلن جي بنياد تي اهو سمجهي ٿو ته خود سنسڪرت ۽ سنسڪرت آٽيندڙ/ناهيندڙ/ڳالهائيندڙ ماڻهن کان به اڳ سنڌو ماٿر سڀيتا جي بنهه پنهنجي ٻولي موجود هئي، سنسڪرت پاڻ پنهنجيءَ اوسر ۽ جڙاوت ۾ ان ٻوليءَ کان/جو اثر ورتو آهي ۽ ان ڪري سنسڪرت ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪي ٿي گڻ موجود آهن. جنهنڪري اها سڌيءَ طرح نه سهي، اڻسڌيءَ طرح سنڌيءَ جي جائي آهي وغيره. ان لاءِ سمرات صاحب جن جي ڏنل ’منطقي دليلن‘ جي حيثيت ٿي کهڙي؟ پوءِ ته جيڪو ماڻهو/عالم سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت کان آڳاٽي، جهوني، وڏڙي ۽ سماجي طرح ڇانيل ٻولي سمجهي ٿو، اهو پڻ ساڳي ٿي ڳالهه، ساڳي ٿي شد مد سان هن طرح به پڇي سگهي ٿو:

”هاڻي اچو انهيءَ مول ڳالهه تي. مٿي لکيو ويو آهي ته ليکڪ (سمرات
سنسڪرت ٻوليءَ کي ان ڪري ايڏي اهميت ڏني آهي، جيئن پاڻ اهو
ثابت ڪري سگهي ته خود قديم ٻولين جي ماءُ سنڌي ٻوليءَ کي،
پنهنجي ڌيءُ سنسڪرت ٻوليءَ جي به ڌيءُ ثابت ڪري ڏيکاري.

”عجيب منطق ڇٽبو! ماءُ پيءُ جا مهانڊا ٻار تي ضرور پوندا آهن، ڇو ته...“

سمرات صاحب جن اهڙيءَ صورتحال ۾ چا اهو سوال نہ پڇندا تہ ”ياوؤ! توهان جو سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت جي ماءُ سمجهو ٿا، سو وري ڪيئن؟“

انهيءَ سوال جو جواب تہ هر حالت ۾ ڏيڻو پوندو.

سراج صاحب جن جي راءِ موجب:

”... پر ان مضمون ۾ بہ مون اهو چيو هو تہ باوجود ان ڳالهہ جي تہ سنڌي ۽ سنسڪرت جو ماٽتاٽو ناتو ثابت ٿئي ٿو سنڌيءَ جي تاريخ سنسڪرت کان بہ ڪهني آهي ۽ هڪ طرح سان سنسڪرت ۽ ان سان لاڳاپيل تمدن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اسريا آهن...

... سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو ماٽتاٽو لاڳاپو تہ آهي، پر ايئن نہ، جيئن اسان وٽ زبان زد آهي: دراصل ڳالهہ تہ مورڳو ابتي آهي ـــ سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو ان کان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي ـــ سڌيءَ طرح نہ سهي، اٽسڌيءَ طرح سهي.“ (سراج [1964] پيش لفظ)

”... تاريخ کان اڳ واري دؤر ۾ هڙپا کان موهن جي دڙي تائين يعني هاڪوڪي سنڌ ۽ پنجاب جي ڪجهہ حصي تائين هڪ قوم آباد هئي، جا هر لحاظ کان هڪ سڌريل قوم هئي، جنهن وٽ هڪ سنو تمدن هو سڌريل زبان هئي ۽ جنهن جا ماٿهو رهڻي ڪرڻيءَ ۾ دنيا جي ڪيترن ٻين ملڪن کان وڌيڪ سکيا ستابا ۽ منظم هئا. سنڌن تهذيب جو نظارو هڙپا، موهن جي دڙي ۽ ڪاهوءَ جي دڙي جي منظرن مان ظاهر آهي... ان قوم وٽ پنهنجي زبان هئي، جا ڪم از ڪم، ڪن مستثنات کان سواءِ، سنڌ جي هاڪوڪيءَ ايراضيءَ اندر رائج آهي.“ (ايضاً. ص_22)

”جيڪڏهن لفظن تي ٿو غور ڪجي تہ سنڌيءَ جا اصلوڪا لفظ ويدڪ سنسڪرت سان ٿي ويجهي ۾ ويجهو لاڳاپو رکن ٿا. هاڻ، ان

حقيقت مان ٻہ نتيجا ڪڍي سگھجن ٿا تہ سنڌي {ٻولي} سنسڪرت مان نهي يا سنسڪرت {ٻولي} سنڌيءَ مان. ٻهرئين نتيجي ۾ نظريي لاءِ آرين نسل جو ٻاهران اچڻ ۽ سموري هندستان ۾ ڦهلجڻ ڪي ثبوت طور پيش ڪيو ويندو آهي — ۽ ايئن چيو وڃي ٿو تہ آريا اها زبان ٻاهران کڻي آيا... پروفيسر لئنگبن، ڊاڪٽر هنٽر، هرانزي ۽ ٻيا ماهر اهو ثابت ٿا ڪن تہ ويدڪ لکيتن جو اولين رڪارڊ جنهن جو رسم الخط 'برهمي' ۽ 'ديوناگري' آهي، سا 'برهمي' ۽ 'ديوناگري' موهن جي دڙي جي مورتي-ٻوليءَ (Pictograph) مان نهي آهي. هاڻي جڏهن ٻوليءَ جي لکيل صورت ڪي ان وقت جي ويدڪ ماڻهن موهن جي دڙي جي لکيل صورت مان ناهيو تہ اٽڪچو چئي سگھجي ٿو تہ نہ رڳو رسم الخط ويدڪ ماڻهن ڪي سنڌو تهذيب مان مليو پر خود سندن ٻوليءَ جو بنياد بہ اتي ئي پيو." (ايضاً. ص 28_27)

جيڪڏهن، ڪو سراج صاحب جن سان سهمت هجي تہ اهو يقيناً سمرات صاحب جن ڪان مٿي ڄاڻايل 'منطقي دليلن' بابت سوال جواب ڪري سگھي ٿو. ٻئي پاسي، سراج صاحب جن جي سيني يا ڪجھ راين سان بيشڪ اختلاف ڪري سگھجي ٿو ان هوندي بہ هر اهو عالم جيڪو سمجھي ٿو تہ سنسڪرت دنيا جي گھڻين يا مڪيہ يا قديم ٻولين جي ماءُ ٿئي، ان ڪي بہ گھٽ ۾ گھٽ ان هڪ سوال جو جواب پڪيءَ طرح مهيا ڪرڻو پوندو تہ نيٺ اها ڪهڙي ٻولي هئي جنهن ڪي 'سم ڪيو' ويو؟

"سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي، 'ڪر' (Kri) معنيٰ 'ڪرڻ'. جنهن جو اسم مفعول 'ڪرت' معنيٰ 'ڪيو' يا 'ڪيل'. 'سم' هڪ اڳياڙي (Prefix) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'چڱو' تنهنڪري سمڪرت (سنسڪرت) ٻولي معنيٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني اجاريل يا سڌاريل ٻولي (Polished or refined language). سنسڪرت ۾ قاعدو آهي تہ 'ڪر' ڌاتو جي اڳيان جيڪڏهن 'سم' اچي تہ 'س' جو اچار بالائي گڏڻ گھرجي. ان سبب 'سمڪرت' بدران 'سمسڪرت' (سنسڪرت) ۽ 'سمڪار' بدران سمسڪار (سنسڪار) چئبو آهي." (پيرومل [1972] 24)

اها ئي وصف ڪجھ بدليل لفظن ۾ **’قديم سنڌ‘** (پيرومل [1992]) جي صفحي 33 تي پڻ آندل آهي.

پيرومل مهرچند آڏواڻي جن پڻ سنڌ جي تاريخ ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان هڪ وڏو نالو آهن. سندن تي ڪتاب ’قديم سنڌ‘، ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ ۽ ’وڏو سنڌي وياڪرڻ‘، جيڪي هن وقت ليکڪ جي نظرن سامهون آهن پنهنجو موضوع پاڻ ٻڌائن ٿا. پيرومل جن سوين ڪتاب پيٽي، انهن جو تت ۽ ڳر سنڌي پڙهندڙن لاءِ انهن تن ڪتابن جي صورت ۾ مهيا ڪيو ۽ پاڻ جيئن تہ دل و جان سان ۽ پڪيءَ طرح سنسڪرت ٻوليءَ کي سنڌيءَ جي ’ماءُ‘، ’ناني‘ يا ’پڙناني‘ سمجهندڙهئا. ان ڪري وٽن جيتري بہ علمي ۽ منطقي ڇاڻ هئي، انهيءَ سلسلي ۾ ڪم آندائون. ليکڪ سمجهي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ لکندڙ عالمن مان پاڻ پيرومل جن ئي آهن، جن پنهنجي پوري ايمان، جوش ۽ جذبي سان سنسڪرت جي وڏائي بيان ڪئي ۽ ساک پري. ان ڪري سنسڪرت جي وڪالت ۾ سندن وٽ ڪان وڏ حوالا پيش ڪيا ويندا.

### اصلوڪي ٻولي:

> ”صدين کان يورپي لوڪ ايئن وسهندا هئا تہ هيبريو (Hebrew) يعني عبراني يا يهودين جي ٻولي، جنهن ۾ سندن آڳاٽا ديني ڪتاب (بائيبل يا انجيل وغيره) لکيل آهن، سا سڀني کان قديم ۽ مقدس يا پاڪ ٻولي (پوتر ڀاشا) آهي ۽ دنيا جون ٻيون سڀ ٻوليون انهيءَ عبرانيءَ مان پيدا ٿيون آهن! هندستان ۾ ڪوٺين وجهڻ کان اڳ ڪيترن يورپي لوڪن کي ايتري بہ ڪل ڪا نہ هئي تہ هندستان ۾ سنسڪرت نالي ڪا ٻولي ٿيندي آهي! جن ٿورن کي اها سڌ هئي، تن سنسڪرت کي آخر ۾ {بہ} نہ پئي آندو. هينئر جو سر وليم جونس ٻڌايُن تہ سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين جو ٻڌ ئي ساڳيو آهي تہ انهيءَ ڳالھ تي ڪنهن بہ ويساھ نہ پئي ڪيو.“ (پيرومل [1972] 4_3)[18]

مٿي ڏنل ٽڪري ۾ جيڪڏهن نالن جي متاستا ڪئي وڃي، يعني ’عبراني‘ جي جاءِ تي ’سنسڪرت‘.

---

[18] نوٽ: رڳو هن مضمون جي حد تائين اها ڳالھ ذهن ۾ رکي وڃي تہ ڪنهن بہ عالم جي Quote ڪيل ٽڪري ۾ ڪو لفظ يا ڪي لفظ جيڪڏهن { } ۾ ڏنل هجن تہ اهي ليکڪ پاران سمجهيا وڃن. (محبت)

’سنسڪرت‘ جي جاءِ تي ’سنڌي‘،
’يورپي لوڪ‘ جي جاءِ تي ’ڪي عالم‘ (جيڪي سنسڪرت کي اهو ڪجهه سمجهن ٿا جيڪو ڪجهه ’يورپي لوڪ‘ ڪالهه تائين ’عبراني‘ کي سمجهندا هئا)، ۽ـ
’سر وليم جونس‘ جي جاءِ تي ’سراج‘ صاحب جن جو نالو رکي، اهو ئي ٽڪرو پڙهيو ويندو ته لڳ ڀڳ اها ساڳي صورتحال پيدا ٿي پوندي، جيڪا سر وليم جونس جي راءِ ٻڌڻ کان پوءِ ’يورپي لوڪن‘ جي ٻڌائي وئي آهي. ٻئي پاسي، هڪ حد تائين اهو نڪتهءِ نظر واضح ٿي ايندو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سراج صاحب جن بيان ڪن ٿا.

”يورپي لوڪن لاءِ هاٽي وڏو مسئلو پيدا ٿيو. هُو چوڻ لڳا ته هندستان ۽ ايرانُ، جي يورپ کان ٿي هزار ڪن ڪوهه پري آهن، تن جي ٻولين جو پاڻ ۾ جڳري ناتو ڪيئن ٿيو؟ هيءَ پرولي سَلي ڪير؟ هندن جي ’رگ ويد‘ مان پتو پيين ته اهي آريا لوڪ هئا.“ (ايضاً، ص 6ـ5)

”هندن جا چار ويد آهن، جن مان رگ ويد سڀني کان آڳاٽو آهي. رگ ويد ۾ جيڪي منڊل (باب) آهن، سي جدا جدا زمانن جا لکيل آهن. تنهنڪري خود رگ ويد جي ٻوليءَ ۾ قير آهي. رگ ويد جون ڪي ڪي رچنائون (Hymns) اهڙي ڪنهن قديم سنسڪرت ۾ لکيل آهن، جو جيڪي رشي، ويدن واري زماني کان سگهوئي پوءِ ٿي گذريا، سي به انهن جو مطلب سمجهي نه ٿي سگهيا... پين تن ويدن جي ٻوليءَ ۾ به ٿورو فرق آهي، پر ٿلهي ليکي انهن چئن ويدن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ کي ’ويدڪ سنسڪرت‘ يعني ويدن جي زماني واري سنسڪرت سڏيو اٿن.“ (ايضاً، ص 25ـ24)

رگ ويد جون ڪي ڪي رچنائون، نيٺ ڇو ويدن واري زماني کان ”سگهوئي پوءِ ٿي گذريل“ رشي به نه ٿي سمجهي سگهيا؟

”گنڌار (قنڌار) وارو پاسو توڙي ڪيڪيه پرڳڻو جو هاڻوڪي ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان کان وٺي ملتان جي حدن تائين هو، سي نيٺ سنسڪرت جي ڪري ايتري قدر مشهور هئا، جو خود مڌيه پرديش وارا انهيءَ اتر طرف وديا {علم} پرائڻ ويندا هئا. انهيءَ اتر

طرف ڪان جيڪي علم پڙائي ايندا هئا، تن جا اچار صحيح ۽ چٽا هوندا هئا ۽ ماڻهو کين سَد {سَنَد} ڪري ليکيندا هئا.“ (ايضاً، ص 28_27)

”مڌيہ ديش وارن آرين نہ رڳو ڌرمي ۽ پنگتي وغيره ڳالهين بابت سخت قاعدا جاري ڪيا، پر پنهنجي ٻوليءَ جو بہ اونو ڌاريائون. هيءُ حڪم جاري ڪيائون تہ: شودرن کي ويدن پڙهڻ جو ڪو بہ اڌڪار (حق) ڪونهي، پڙهڻ پاڙهڻ جو ڪم رڳو برهمڻ ڪن تہ {جيئن} ويدن جا منتر اهي پوريءَ طرح اچارين.“ (ايضاً، ص 27)

سنسڪرت ٻولي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ، ٻولن جو ججهو ذخيرو ڳوڙهو وياڪرڻي سٽاءُ، معنوي گهرائي ۽ فصاحت ۽ بلاغت جون مڙيئي خوبيون رکندڙ ٻولي آهي. مٿي ڏنل تڪرن ۾ ان جي معياري محاوري جي علائقي ۽ ان جي تعليم ۽ سنڀال لاءِ ورتل ڪوشش جو پڻ ذڪر اچي ٿو.

”پراڪت {پراڪرت} ٻوليءَ جي معني پرڪرتيءَ مان پيدا ٿيل ٻولي. ’پرڪرتي‘ لفظ جي هڪڙي معني آهي ’قدرت‘ (Nature) ۽ ٻي معني اٿس ’اصلوڪي صورت‘. جنهن جو ضد آهي ’وڪرتي‘ معني ’بگڙيل صورت‘... اها ٻولي عام طرح ڪم ايندي هئي. تنهنڪري پراڪرت معني عام يا رواجي ٻولي بہ آهي. هر هڪ پرڳڻي جي پراڪرت پنهنجي پنهنجي هئي، تنهنڪري پراڪرت ٻولي معني پرڳڻي جي ٻولي بہ آهي. هن وقت سنڌ جي پراڪرت هاڻوڪي سنڌي ٻولي آهي.“ (ڀيرومل [1972] ص 39_38)

هن تڪري ۾ جنهن هنڌ خال/ڊِئش ڇڏيو ويو آهي، ان هنڌ هي لفظ لکيل آهن:

”پراڪرت ٻوليءَ جي پرڪرتي يا اصلوڪي صورت آهي سنسڪرت تنهنڪري پراڪرت ٻولي معني اصلوڪي صورت يعني سنسڪرت مان پيدا ٿيل ٻولي، جا قدرتي طرح يا پاڻ مرادو سنسڪرت مان نهي پئي.“

انهن لفظن پڙهڻ سان جيڪو مفهوم ظاهر ٿئي ٿو اهو ڪنهن بہ طرح ’سنسڪرت‘ ۽ ’پراڪرت‘ ٻولن جي اصولي ۽ اصطلاحي معني سان هم آهنگ ناهي ۽ ليکڪ سمجهي ٿو تہ، جيئن تہ ڀيرومل جن ذهني طرح اڳواٽ ئي اهو طي ڪري ڇڏيو

تہ پراڪرت هر حال ۾ سنسڪرت مان ئي اسريل آهي. تنهنڪري ’پراڪرت‘ لفظ جي معنيٰ کي ’منطقي موڙ‘ ڏئي سنسڪرت کي اصلوڪي يا قدرتي ظاهر ڪيو آهي، جڏهن تہ اها آهي ڪونہ. اها تہ ’سمڪرت‘ آهي.

اچو تہ انهن ٻولن جي متبادل ٻولن تي ڌيان ڏيون:

1. ’سنسڪرت‘ معنيٰ Polished or Refined
2. ’پراڪرت‘ معنيٰ Natural or Original

جيڪي ماڻهو Polished يا Refined ٻولي ڳالهائيندا هئا، اهي ڪن ٻين ماڻهن بابت چوندا هئا تہ اهي Natural يا Original ٻولي ڳالهائيندا رهن ٿا ۽ اها قدرتي يا اصلوڪي ٻولي ڳالهائيندڙ گهٽي ياڳي عام ماڻهو ئي هئا.

Polished يا Refined ٻولي ڳالهائيندڙ گهٽي ياڳي برهمڻ ۽ حڪمران جيڪي پنهنجي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ عام ماڻهن ۽ شودرن تي پابندي پڻ مڙهي سگهندا هئا، جڏهن تہ Natural يا Original ٻولي ڳالهائيندڙ عام يا محڪوم ماڻهو هئا.

جيڪا قدرتي (Natural) يا اصلوڪي/ٻڌائتي (Original) ٻولي آهي، عام طرح ڪم ايندڙ ٻولي آهي، عام ۽ رواجي ٻولي آهي، علائقي ۽ علائقي جي رهاڪن جي ٻولي آهي، تنهن کي مخصوص مذهبي، سياسي، معاشي، ثقافتي وغيره مفاد رکندڙ حڪمران طبقي جي صاف ڪيل/اجاريل (Polished) يا سڌاريل (Refined) ٻوليءَ مان پيدا ٿيل قرار ڏيڻ لفظن کي غلط معنيٰ پهرائڻ جي عمل کي ظاهر ڪري ٿو.

پيرومل جن جي ساڳي ئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ (ص-49) ڏنل هيٺ آندل تڪري کي پڙهي ڏسو:

> ”حقيقتئون ’پراڪرت‘ نالو ئي انهن ٻولين تي پيل آهي، جي پاليءَ کان وڌيڪ بگڙيل هيون.“

يعني ’اصلوڪيون/ٻڌائتيون‘ يا ’قدرتي‘ ٻوليون ’اجاريل‘ يا ’سڌاريل‘ ٻوليءَ جي بہ هڪ بگڙيل محاوري مان وجود ۾ آيون!؟ ۽ اهي وري ٿيون ’اصلوڪي صورت‘ سنسڪرت جي!

> ”مهاراجا اشوڪ پاڻ مگڌ يعني بهار جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ رهندو هو پر اتي جي پالي ٻوليءَ کان سنڌ جي پالي ٻولي وڌيڪ نيٺ هئي.“ (ايضاً، ص-45)

”سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪي ٿي لفظ آهن، جن جي اصلوڪي سنسڪرت صورت ايتري قدر متجي وئي آهي، جو اهي سڃاڻڻ ئي مشڪل، پر پالي ۽ پراڪرت جي اچارن سان انهن جي پيٽ ڪجي ته، پوءِ سڃاڻڻ سولا ٿين ٿا.“ (ايضاً، ص-48)

يعني ٿيٺ پالي ٻوليءَ جو مرڪز سنڌ هئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي ٻول سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ انهن کي وڌيڪ ويجهو آهن.

”عالمن جو خيال آهي ته سنڌي ٻولي پراڪرت جي هڪ شاخ آهي جا آرين جي اچڻ کان اڳ واديءِ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. پراڪرت (پراڪريتي) جي معنيٰ آهي نج يا صاف ۽ ان جي ابتڙ سنسڪرت (سمسڪريتا) جي معنيٰ آهي ڳاڏڙ يا مليل جُليل.“ (ممتاز پٺاڻ [1977])

”ٻنهي لفظن — پراڪرت ۽ سنسڪرت — جي معنيٰ ۽ وصف جي جائزي کان پوءِ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته ’سڌاريل يا صاف ٿيل يا اجاريل‘ ٻولي (سنسڪرت) مان ’قدرتي يا اصلوڪي‘ ٻولي (پراڪرت) ڦٽي نڪتي هوندي؟ پر حقيقت ۾ ته پاڻ ’اصلوڪي يا قدرتي‘ ٻولي (پراڪرت) مان، صاف ٿيل يا اجاريل ٻولي يعني سنسڪرت ڦُٽي نڪتي هوندي“ (الانا [1974] ص 22-23)

### ٽي مخالف — هڪ اتحاد:

الانا صاحب جن ۽ سراج صاحب جن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بابت جيڪو نڪتهءِ نظر رکن ٿا، توڙي جو ان ۾ ڪا به هم آهنگي موجود ناهي، پر فطري آهي ته، سنسڪرت جي حوالي سان ٻنهي کي همنوا سمجهيو وڃي.

”موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اسري. اها هند-آريائي ٻولي آهي. ’لهندا‘ (سرائيڪي-بهاولپوري-ملتاني - ديري والي-هندڪو)، ’ڪشميري‘ ۽ اترئين سنڌو ماٿر جون داردي ٻوليون ان جون ڀينرون آهن. ٻود و باش جي لحاظ سان اهي مڙيئي

سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون هند_آريائي ٻوليون آهن. پر سنڌيءَ ۾ تاريخي ارتقا جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين ’هند_آريائي‘ ٻولين کان نراليون آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۾ اوسر ۾ مُنڍا ۾ دراوڙي ٻولين کان سواءِ هند_ايراني ۾ اولهہ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي.

”سنڌي انهيءَ ’وراچڊ اپڀرنش‘ مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌي جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کان اڳ واري ’پروٽو_پراڪرت‘ يا ’پهرين_پراڪرت‘ تائين پهچي ٿي.“ (بلوچ [1990] ص 32_33)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت نڪتہءِ نظر جي حوالي سان سراج صاحب جن ۾ الانا صاحب جن سان ڪا بہ هم آهنگي نہ ٿا رکن. اجا بہ ايئن چئجي تہ ٽيئي هڪ ٻئي جا تنقيد نگار رهيا آهن. پر ڏسي سگهجي ٿو تہ سنسڪرت جي حوالي سان تنهي ۾ همنوائي موجود آهي. ٽيئي سنڌي ٻوليءَ ۾ اجوڪي سنڌي سماج جا وڏا نالا آهن. ٽيئي هڪ ٻئي جا تنقيد نگار (۾ سچ چئجي تہ مخالف) آهن. تنهي جي تحقيق سنسڪرت ۾ سنڌي جي حوالي سان هڪ ئي نقطي تي مرڪوز ٿئي ٿي (۾ انهيءَ حوالي سان سچ چئجي تہ اڻ_ڄاتل/اڻ ووڙيل اتحادي آهن) ۾ ٽيئي اها ڳالهہ پنهنجي دلئون گهڙي ڪو نہ ٿا ٻڌائن. مختلف ۾ پروسي لائق عالمن ۾ محققن جي راين جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ بيان ڪن ٿا.

”يورپ ۾ هندستان جا ڪيترائي لسانيات جا ماهر هاڻ ان راءِ جا آهن تہ پاڪ و هند جون سڀ ڏيهي ٻوليون مختلف پراڪرتن جون ئي بدليل صورتون آهن ۾ نہ ڪِ سنسڪرت جون بدليل صورتون. يعني تہ سڀ ڏيهي ٻوليون پراڪرتن مان ئي ڦٽي نڪتل آهن. جيڪي (پراڪرتون) ان زماني ۾ عوامي ٻولين يعني روزمره وارين ٻولين طور ڪم ايندڙيون هيون. انهيءَ دعويٰ جي آڌار تي چئبو تہ سڀني ڏيهي ٻولين جي ماءُ سنسڪرت نہ. پر قديم پراڪرت آهي.“ (الانا [1974] 23)

”اها ته پڪ آهي ته اهي پراڪرتون سنسڪرت جون شاخون نه آهن. جيئن هندستاني ۽ مغربي عالم ـــ هوفر، لئسن، پنڊاڪر ۽ جئڪب ـــ سمجهي وينا آهن.“ (پشيل جو حوالو ڏسو الانا [1972] 23ـ24)

**ديسج ٻولي:**

”هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪيل بحث جو تت هي آهي ته: سنڌي ٻولي هڪ غير آريائي خاندان واري ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون ’موهن جي دڙي‘ واريءَ تهذيب ۾ کتل آهن. جا آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي به ويندي هئي...“ (الانا [1974] ’ڏ‘)

”گرامر آف سنڌي لئنگويج جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو: ’سنڌي ٻوليءَ پنهنجي اصلي بڻ کان ڇڄڻ واريءَ حالت جي وقت واريون قديم پراڪرت جهڙيون سڀ خوبيون پاڻ وٽ سانڍي رکيون آهن، پر اهي سنڌيءَ جي ڀين سيني ڀينر ٻولين قائم نه رکيون آهن.‘“ (رچنداڻي [1989] 22)

”مقامي ٻولين جي ڊگهي ارتقائي دور سان گڏوگڏ اسان کي ڪلاسيڪل سنسڪرت به اسرندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جا پرائمري پراڪرت جي هڪ لهجي مان ڇڃي سنسڪرت جي نالي سان وجود ۾ اچي رهي هئي.“ (گريئرسن جو حوالو الانا [1974] 25)

”مها پنڊت واڪپتراج پنهنجي پراڪرت ڪاويه گئڙوهو ۾ ڄاڻايو: سڀ ٻوليون پراڪرت مان ئي پيدا ٿيل آهن.“ (رچنداڻي [1989] 23)

”سنسڪرت جي معنيٰ آهي ’سڌاريل‘ ۽ ’نئين صورت ڏنل‘. سنسڪرت {ٻولي} پراڪرت (يعني اصلوڪي) ٻوليءَ مان نڪتي آهي.“ (شري پرٿ آچاريه جو حوالو الانا [1974] 25ـ26)

”ڪهڙي ٻولي قديم ۽ پراڻي آهي: سنسڪرت يا پراڪرت؟ سنسڪرت مان پراڪرت جو ڦٽي نڪرڻ، هڪ غير فطري اصول آهي. سڌاريل ۽ سنواريل غير اصلي ٻولي يعني سنسڪرت، ضرور

ڌير سان يعني اصلي ٻوليءَ يعني پراڪرت ڪان پوءِ ڌير سان وجود ۾ آئي هوندي... پراڪرت ويدڪ جو اوائلي روپ ٿي لڳي.“ (الانا [1974] 26)

”**ديشي يا ديسج** (ديس = ڏيهہ+ج = جن = ڄڻ) معنيٰ ديس ۾ ڄاول يا پيدا ٿيل. ديشي (ديسي يا ڏيهي) لفظ اهي آهن، جي آرين جي اچڻ کان اڳ ئي ديس (هندستان) ۾ چالو هئا، يا آرين جي اچڻ کان پوءِ ديس ۾ چالو ٿيا، پر بنياد سنسڪرت مان نہ اٿن. اهي ڪولن، سنٿالن، دراوڙن ۽ ٻين اصلوڪن رهاڪن جي ٻولين مان اڌارا ورتل ليکجن ٿا.“ (پيرومل جو حوالو. ايضاً، ص-35)

”ٻئي پاسي اسان لفظن جو ڪجهہ اهڙو ذخيرو بہ هٿ ڪيو آهي، جنهن کي قديم مقامي ٻوليءَ جا لفظ چئي سگهجي ٿو جنهن (ٻوليءَ) جي نالي جواچ اسان کي پتو پئجي نہ ٿو سگهي، پر ممڪن آهي تہ اها قديم ٻولي تاتار خاندان (Tatar stock) جي شاخ هئي ۽ جا آرين جي اچڻ کان اڳ پوري برصغير تي ڇانيل هئي؛ ڇاڪاڻ تہ برصغير جي مڙني ٻولين ۾ ساڳئي قسم جو غير-آريائي ذخيرو موجود آهي، جنهن کي پراڪرت جي پراڻن وياڪرڻين ديسي (Provincial) لفظ سڏيو آهي.“ (ٽرمپ جو حوالو. ايضاً، ص-36)

”ڪن لفظن کي وري ديسيہ (ڏيهي) نمرايو ويو آهي، جنهن غير آريائي اوائلي لوڪن جي ٻولين مان آيل ٿا ڏسجن ۽ جن کي ڏنپال ۽ هميچندر تہ ديسيہ اکر ڪري نمرايو آهي پر سنسڪرت جا شيدائي انهن جو بنياد بہ سنسڪرت ۾ ئي ڳولي رهيا آهن:

اَڪڙ اٿلهہ اِيس (ڪٽ جي)، اونهو اکوڙڻ، اڳاڙڻ، اُجڙ اٿل پٿل، اُلٽڻ، اُپو اوڪارڻ، اوڳارڻ، اوٽي، اوڊڻ، اولو اوس، ڪچرو ڪچوري، ڪٽيي، ڪڙٻ، ڪپڻ، ڪٿو ڪجڻ، ڪڏ، کل کل، گاڏي، چيڙ، چڪڻ، چوڙو جهنڊو ڊڏو ٽيلهو ٽورو ٽوٽر، ڊير، ڊڙ ڏنڊو نڊيو پنو ٻڏڻ، پٽلو ڦٽڻ، ڦسلائڻ، وڃائڻ، ٻڙ ٻڙ، ٻهو ٻاٽ، منو (ڏڏ جو)، ملائي، ماڙي، رڏ،

ريتي، ريوڙي، لٺ، لڙڻ، لسو لوءِ (گرم هوا)، وڪار (گدام)، ستائڻ، سئا، گهوٽ، چٽڻ، چنال، چيڙو ترتر، نانو جار پاکر (گهوڙي جو)، ڦيرو ٻيڙو، جهڙپ، ڏونگر، ماڪوڙو مامو لاڏ، لاڏي، گهوڙو وت (ٽاٽ)، ڳنڊيري، گودڙي، وهي (چوپڙي)، ٺڪر، وانيڊو وغيره.“ (رچنداڻي [1989] 25)

رچنداڻي صاحب جن سوين اهڙا مثال ڏنا آهن، جن ٻولن جو سنسڪرت سان ڪو به سڌو واسطو نه آهي.

### اڻ-سڌريل/سڌريل ۽ سنڌن شاندار ٻولي:

’آريا‘ درحقيقت آريا هئا يا نه، سڌريل هئا ته ڪيترا ۽ اڻ-سڌريل هئا ته ڪيترا ۽ ’اَڻ-آريا‘ درحقيقت اڻ-آريا هئا يا نه، اڻ سڌريل هئا ته ڪيترا ۽ سڌريل هئا ته ڪيترا؟ اهو ڌيان ۾ ضرور رکڻو پوندو ته ڪير، ڪنهن کي، ڪٿان ويهي، ڪهڙين ڳالهين ۾ ’سڌريل‘ يا ’اڻ سڌريل‘ قرار ڏئي ٿو. اسان جو مضمون هن موضوع تي بحث ڪرڻ جي موڪل نه ٿو ڏئي.

هيٺ پيرومل جن جي هڪ ڪتاب **قديم سنڌ** [1992] تان هڪ اهڙو ٽڪرو ڏجي ٿو جيڪو مختصر طرح ’آرين‘ ۽ ’اڻ-آرين‘ جي سماج ۽ ثقافت جي جهلڪ ڏيکاري ٿو:

> ”... سنڌو ماٿر جي قديم رهاڪن آرين کي پنهنجي ملڪ ۾ پير کوڙڻ نه ٿي ڏنو ۽ ساڻن سخت چڪريون ڪاڏيون هئائون. انهن چڪرين ڪائيندي هزارين اڻ-آريا لوڪ مارجي ويا، ڪن اڻ-آرين ٻيلن ۽ جبلن ۾ وڃي پناهه ورتي، جتان پوءِ به وجهه وٺي آرين تي ڪاهي ايندا هئا... آرين سنڌن قلعا ۽ شهر باهيون ڏئي جلايا. سنڌن فوجون ناس ڪيائون ۽ ڪن کي پنهنجو داس يا غلام بنايائون، جن مان پوءِ ڪي شودرن جي دفعي ۾ ليکجڻ ۾ آيا. منجهائن جيڪي وڏ گهراڻا هئا، تن مان ڪن سان سڱ ڳنڍي، کين پنهنجو ڪيائون...“ (ص-131)
>
> ”جيڪي آرين سان گڏ رهيا، تن تي آرين جي سنسڪرت ٻولي ۽ سڀيتا جو اثر ٿيو. پر ٻولين جو توڙي ٻيو اثر هڪ طرفو نه ٿيندو آهي، قديم دراوڙن جي سڀيتا به ان وقت... اعليٰ درجي جي هئي ۽ ان جو اثر آرين تي به ٿيو.“ (ايضاً. ص-132)

”اول ڪيترا دراوڙي لفظ سنسڪرت ۾ چالو ٿيا... مطلب ته جنگين ۾ دراوڙن کي آرين شهه ڏني ته هنرن، ڪاريگرن وغيره ۾ دراوڙ کين شهه ڏئي ويا.“ (ايضاً. ص_133)

”جيڪڏهن هيءَ ڳالهه قبول ڪجي ته مهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙن جي آهي، ته پوءِ انهن بابت جيڪي تاريخن ۾ پڙهيو اٿئون سو سڀ وسارڻو پوندو.“ (ايضاً. ص_134)

”رگ ويد ۾ چٽيءَ طرح ڄاڻايل آهي ته اڻ_آريا لوڪ ڀاڳيا ماڻهو هئا ۽ منجانئن جيڪي ’پڻي‘ (وڻجارا يا واپاري) هئا سي هيڪاري زور هئا. ڳايون، مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال جهجهو هئڻ ۽ وڙهڻ ۾ به پختا هئا... حقيقتاً دراوڙ {اڻ_آريا} لوڪ انهيءَ آڳاٽي زماني ۾ ئي نهايت سڌريل هئا.“ (ايضاً. ص_135)

”مسٽر رکلداس بئنرجي، جنهن مهن جو دڙو پهريائين پهريائين کوٽايو هو سو وينجهارن جي ساراهه مان ڏاڍي ئي نه ٿو ڇي رگ ويد ۾ جن آرين جو ذڪر آهي، تن کي به اهڙو هنر ڪو نه هو جهڙو مهن جي دڙي جي ڪاريگرن کي هو.“ (ايضاً. ص_78)

ايڏي اعليٰ ۽ سڌريل سماج جون ثقافتي گهرجون پوريون ڪري سگهندڙ ٻولي ڇا ڪنهن به طرح شاندار ٻوليءَ کان گهٽ هوندي؟

ڇا آرين جي اچڻ واري زماني تائين اهو سماج پنهنجي ٻولي وساري گونگو ٿي چڪو هو؟

”علم علامت جي خيال کان نشان (signal) به هڪ نالو آهي. هن طرح سڏي سماج ۾ نشانن جو تعداد ايترو آهي جيترو نالن جو يا ماحول ۾ موجود شين جو. ڪنهن به ٻوليءَ ۾ جيترا گهڻا نالا، اوترو وڏو ان جو ماحول ۽ اوترو وڏيڪ ان سماج جو تجربو. هن جو مطلب ته جيتري ٻولي اوترو سماج يا جيترو سماج اوتري ٻولي.“ (ٻوهيو [1977] 311)

سنڌي ٻوليءَ جو سماج ڪيترو وسيع ۽ ڪيترو جهونو آهي ان جي جهلڪ متي ڏنل احوال ۾ چِٽي ٿي اچي ٿي.

سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪي اهڙا گيت مليا آهن جن ۾ ٻـ ۽ ٽي سُر لڳن ٿا. قدامت جي لحاظ کان اهي دنيا جا قديم ترين گيت آهن جيڪي سنڌ کان سواءِ سڄيءَ دنيا ۾ اڻلڀ ٿي چڪا آهن.

موسيقي تي لکيل ڪتابن مان سڌ ملي ٿي تـ ويدن جون رچائون ٻن ٽن سُرن ۾ ڳايون وينديون هيون. جن کي انوديتا، اديتا ۽ سوريتا چوندا هئا. موسيقي جي تاريخ ۾ ويد تـ ڪالهوڪي ڳالهه آهن... سام ويد ۾ سامن آهن... (منتر ۾ جيڪڏهن وزن هجي ۽ ان کي سُر سان ادا ڪيو وڃي تـ ان کي سامن چيو وڃي ٿو)... سڀ کان اڳ رگ ويد جون رچائون هڪ سُر ۾ ادا ڪيون وينديون هيون جنهن کي آرچڪ چون ٿا...

ويدن کي ٻن ٽن سُرن ۾ ڳائڻ مان اهو ثابت نـ ٿو ٿئي تـ عوامي سطح تي ڳايا ويندڙ گيت بـ ٻن، ٽن ۽ چئن سُرن ۾ ڳاتا ويندا هئا. عوامي سطح تي نت نون گيتن جي تخليق ۽ واڌ ٿي رهي هئي ۽ انهن ئي عوامي گيتن جي ڍنن ۾ ويدن جي رچائن کي ڳهاڙڻ جون ڪوششون بـ ٿي رهيون هيون. سامن جيڪي ٽن سرن ۾ ڳاتا ويندا هئا انهن سان گڏوگڏ اصلي گانا يعني بنيادي گيت بـ مروج هئا. اهي گيت پراڪرتي يعني ڏيهي گانن جو گڏ ڪيل هڪ خزانو هو جن جو طرزون سامن ڳائڻ لاءِ آزمايون وينديون هيون ۽ ويدن جي ٻولن کي (انهن ديسي گانن جي طرزن ۾ بدلائڻ لاءِ) ڏکهو ڪيو ۽ٽو ڪيو يا خارج ڪيو ويندو هو ۽ انهن کي ايتري قدر بدلايو ويندو هو جو اهي بي معنيٰ ٿي ويندا هئا...

اشلوڪن جي لفظن کي ڏيهي گيتن جي طرز ۾ گهاڙڻ لاءِ نـ رڳو ٻولن کي چڪي آڏو ابتو ڪيو ويندو هو پر اڻ-چٽن آوازن جو واڌارو بـ ڪيو ويندو هو.“ (آغا [1984] 35_40)

## سگهڙ ٻولي:

ڇا آرين جي اچڻ کان اڳ هن ڌرتيءَ جي ٽڪري جا رهاڪو ماڻهو ڪو بـ آواز نـ ڪڍندا هئا. سنڌن سماج نـ هو ثقافت نـ هئي، نـ ٻولي هئي نـ ذهن، نـ تجربو نـ واپار، نـ ڏنڌو ۽ نـ ئي وري رهڻي ڪرڻي!؟ آمري، ڪوٽڏجي، ممين (ممن جي دڙي)، جهڪر ۽ جهانگر سيپيتائن جا خالق ڇا ڪا بـ ٻولي نـ ڳالهائيندا هئا؟

جي اها سنڌي ٻولي نہ سڏبي، تہ ڪهڙي هئي؟

ٻولي پنهنجيءَ سڀيتا جو اولڙو هوندي آهي. ٻول جون مختلف لغوي صورتون ۽ معنوي گهرائي ۽ وسعت، سلاست ۽ بلاغت سماج ۾ سندن تجربي، ذهانت ۽ ڪارج کي ظاهر ڪن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جي تجربي ۽ ذهانت، معنوي گهرائيءَ، وسعت، سلاست ۽ بلاغت ۽ ٻول جون لغوي صورتون ۽ سندن ڪارج ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺ هڪ ڌاتو ٻول /لِڪ/ جو مثال پيش ڪجي ٿو. اهو ٻول سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ بہ موجود آهي. ليڪڪ سنڌي ٻولَ-سٽاءَ کي پيش ڪري ٿو. سنسڪرت ۽ پراڪرت جا چاٽو اميد تہ انهن ٻولين ۾ ان ٻول جي مڪمل سٽاءَ کي پيش ڪندا:

* لِڪَ = [ل +اِ + ڪ]

+/ اَ / = لڪَ (اسم، واحد)

+/ اُون/ = لڪُون (’لڪَ‘ جو جمع)

+/ اُ / = لڪُ (امر، واحد)

+/او/ = لڪو (’لڪُ‘ جو جمع)

* /لڪ/ + /آن/ = لڪان

+/اِ/ = لڪانئِہ

+/وَ/ = لڪانوَ

+/س/ = لڪانس

+/نِ/ = لڪانِنِ

* /لڪ/ + /اُون/ = لڪُون

+/اِ/ = لڪونئِہ

+/وَ/ = لڪونوَ

+/سِ/ = لڪونسِ

+/نِ/ = لڪوننِ

* /لڪ/ + /اين/ = لڪين

+/م/ = لڪينم

+/س/ = لڪينس

+/نِ/ = لڪيننِ

**❋ /لک/ + /او/ = لکو**

+/م/ = لکوم

+/س/ = لکوس

+/نِ/ = لکونِ

**❋ /لک/ + /اي/ = لکي**

+/م/ = لکيم

+ /اِ/ = لکيئِ (لکَئِ، لکئِي)

+ /وَ/ = لکيوَ

+/س/ = لکيس

+/نِ/ = لکينِ

**❋ /لک/ + /آنّ/ = لکن**

+/م/ = لکنم

+ /اِ/ = لکنئِ

+ /وَ/ = لکنوَ

+/س/ = لکنس

+/نِ/ = لکننِ

[نوٽ: /لکي/+/اُون/ = لکيئون = ’(هو) اسان ڏي لکي‘ ۽ /لکن/+/اُون/ = لکنئون = ’(اهي) اسان ڏي لکن‘ پڻ ڪم ايندڙ صورتون آهن.]

**❋ /لک/ + /ٿ/ = لکٿ**

+/او/ = لکٿو

+ /آ/ = لکٿا

+ /اي/ = لکٿي

+/اُون/ = لکٿون

[نوٽ: ليکڪ سمجهي ٿو تہ {ٿ} سنڌي ٻوليءَ جي مقرر ٻولن ۾ ’زمان حال‘ جي نمائندگي ڪري ٿي. ساموهن ڄاڻايل صورتون بظاهر سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود ناهن، پر درحقيقت موجود آهن. ليکڪ پنهنجي هڪ مضمون ’**هر هڪ لفظ هيري ڪاڻ**‘ ۾ اهڙو

بحث ڪيو آهي ۽ وڌيڪ تفصيل سان لکڻ جو ارادو رکي ٿو. تنهنڪري هتي ڪا به وضاحت نہ ٿو ڪري. ٻولن جون اهي صورتون ايڏيون ڪي اٽڪاتل بہ ناهن.]

*** /لک/+/آن/ = لکان +/ٿ/ = لکانٿ**

[نوٽ: /آن/ = آنءُ/آءٌ/مان ـــ **ضمير متڪلم واحد**]

+/و/ = لکان ٿو

[نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ هِتي /و/ 'مذڪر واحد' جي نشاندهي ڪري ٿو.]

*** /لکان/ + /اِ/ + /ٿو/ = لکانئہ ٿو**

ـــ /وَ/ ـــ = لکانوَ ٿو

ـــ /س/ ـــ = لکانس ٿو

ـــ /نِ/ ـــ = لکانِن ٿو

*** /لکانٿ/ + /اِي/ = لکان ٿي**

[نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ هِتي /اِي/ 'مؤنث واحد' جي نشاندهي ڪري ٿو.]

*** /لکان/ + /اِ/ + /ٿي/ = لکانئہ ٿي**

ـــ /وَ/ ـــ = لکانوَ ٿي

ـــ /س/ ـــ = لکانس ٿي

ـــ /نِ/ ـــ = لکانِن ٿي

*** /لک/+/اُون/ = لکون +/ٿ/ = لکونٿ**

[نوٽ: /اُون/ = اسان، اسين، اسون ـــ **ضمير متڪلم جمع**]

+/آ/ = لکون ٿا

[نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ هِتي /آ/ 'مذڪر جمع' جي نشاندهي ڪري ٿو.]

*** /لکون/ + /اِ/ + /ٿا/ = لکونئہ ٿا**

ـــ /وَ/ ـــ = لکونوَ ٿا

ـــ /س/ ـــ = لکونس ٿا

ـــ /نِ/ ـــ = لکونِن ٿا

*** /لکونٿ/+/اُون/ = لکون ٿيون**

[نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ هِتي /اُون/ 'مؤنث جمع' جي نشاندهي ڪري ٿو.]

*** /لکون/ + /اِ/ + /ٿيون/ = لکونءِ ٿيون**

—— /وَ/ —— = لکونوَ ٿيون

—— /س/ —— = لکونس ٿيون

—— /نِ/ —— = لکوننِ ٿيون

*** /لک/+/اين/ = لکين+/ٿ/ = لکينٿ**

[نوٽ: /اين/ = تون ــ **ضمير حاضر واحد**]

+/او/ = لکين ٿو

*** /لکين/ + /م/ + /ٿو/ = لکينم ٿو**

—— /س/ —— = لکينس ٿو

—— /نِ/ —— = لکيننِ ٿو

*** /لکينٿ/ + /اِي/ = لکين ٿي**

——+/م/+ —— = لکينم ٿي

——+/س/+ —— = لکينس ٿي

——+/نِ/ + —— = لکيننِ ٿي

*** /لک/+/او/ = لکو + /ٿ/ = لکوٿ**

[نوٽ: /او/ = توهان, اوهان ــ **ضمير حاضر جمع**]

+/آ/ = لکو ٿا

*** /لکو/ + /م/ + /ٿا/ = لکوم ٿا**

—— /س/ —— = لکوس ٿا

—— /نِ/ —— = لکونِ ٿا

*** /لکوٿ/+/اُون/ = لکو ٿيون**

*** /لکو/ + /م/ + /ٿيون/ = لکوم ٿيون**

—— /س/ —— = لکوس ٿيون

—— /نِ/ —— = لکونِ ٿيون

*** /لک/+/اي/ = لکي + /ٿ/ = لکيٿ**

[نوٽ: /اي/ = هي/هو/هن ــ **ضمير غائب واحد**]

+/او/ = لکي ٿو

*** /لکي/ + /م/ + /ٿو/ = لکيم ٿو**

___ /اِ/ ___ = لکيئِہ (لکئہ، لکئِي) ٿو

___ /وَ/ ___ = لکيوَ ٿو

___ /س/ ___ = لکيس ٿو

___ /نِ/ ___ = لکينِ ٿو

*** /لکيٿ/+/اِي/ = لکي ٿي**

*** /لکي/ + /م/ + /ٿي/ = لکيم ٿي**

___ /اِ/ ___ = لکيئِہ (لکئہ، لکئِي) ٿي

___ /وَ/ ___ = لکيوَ ٿي

___ /س/ ___ = لکيس ٿي

___ /نِ/ ___ = لکينِ ٿي

*** /لک/+/اَن/ = لکن +/ٿ/ = لکنٿ**

[ نوٽ: /اَن/ = اهي/هي/هنن ــ ضمير غائب جمع]

+/آ/ = لکن ٿا

*** /لکن/ + /م/ + /ٿا/ = لکنم ٿا**

___ /اِ/ ___ = لکنئِہ ٿا

___ /وَ/ ___ = لکنوَ ٿا

___ /س/ ___ = لکنس ٿا

___ /نِ/ ___ = لکننِ ٿا

*** /لکنٿ/+/اُون/ = لکن ٿيون**

*** /لکن/ + /م/ + /ٿيون/ = لکنم ٿيون**

___ /اِ/ ___ = لکنئِہ ٿيون

___ /وَ/ ___ = لکنوَ ٿيون

___ /س/ ___ = لکنس ٿيون

___ /نِ/ ___ = لکننِ ٿيون

[نوٽ: ڏسي سگهجي ٿو تہ فعل جي ڌاتو /لِکَ/ کان پوءِ جڏهن {ٿ} اچي ٿي، تڏهن زمان حال جي نشاندهي ٿئي ٿي، پر عدد ۽ جنس جي سڌ تڏهن ملي ٿي جڏهن ٻول جي آخر ۾ يعني پڇاڙيءَ ۾ وري عدد ۽ جنس جي نشاندهي ڪندڙ صرفيہ اچي. سنڌي ٻوليءَ

۾ عام طرح {او} عدد واحد ۽ مذڪر، {آ} عدد جمع ۽ مذڪر، {اِي} عدد واحد ۽ مؤنث ۽ {اُون} عدد جمع ۽ مؤنث لاءِ ڪم اچن ٿيون. (ڪن ٻين ٻولن ۾ اهي صرفيائون ڪي ٻيون معنائون به ڏين ٿيون.) اهڙيءَ طرح اسان ڪي ٻول ملن ٿا: **لڪتو، لڪتا، لڪتي** ۽ **لڪتيون**. زمان حال جي مثال ۾ ضمير متصل جي نمائندگي ڪندڙ صرفيائون، جن کي عام طرح 'ضميري پڇاڙيون' چيو ويندو آهي، فعل جي مڪمل صورت جي آخر ۾ نه پر فعل جي ڌاتو (مثال: /لِڪّ/) کان ترت پوءِ ڪم اچن ٿيون ۽ صورتون ملن ٿيون: لکان ٿو/ٿي، لکون ٿا/ٿيون، لکين ٿو/ٿي، لکو ٿا/ٿيون. ٿئي خالص يا شخصي ضمير واحد توڙي جمع صورت ۾ پڌرا آهن. جڏهن ڌاتوءَ جي پويان متصل ضمير جي نمائندگي ڪندڙ ضميري پڇاڙي ملي ٿي ۽ زمان حال ۽ عدد ۽ جنس جي نمائندگي ڪندڙ صرفيائون {ٿ} ۽ {او آ اِي ۽ اُون} نه ٿيون ڳنڍجن، تڏهن جيڪا صورت ملي ٿي، ان کي عام طرح '<u>زمان مضارع</u>' چيو ويندو آهي، جنهن بابت سمجهيو ويندو آهي ته زمان حال ۽ زمان مستقبل ٻنهي جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. **ايئن ڇو آهي؟** پاڻيان ٿو ته ڪنهن به وياڪرڻي عالم ان سوال جو جواب مهيا نه ڪيو آهي. ليکڪ جي اڀياس موجب سنڌي ٻوليءَ جي فعلي ٻولن ۾ {ي} زمان ماضيءَ جي نشاندهي ڪندڙ صرفيه، {ٿ} زمان حال جي نشاندهي ڪندڙ صرفيه ۽ {د} زمان مستقبل جي نشاندهي ڪندڙ صرفيه آهي. زمان مضارع انهن ٽنهي مان ڪا به هڪ صرفيه نه ٿو رکي، اهو رڳو فعل جي ڌاتو (مثال: /لِک/) سان متصل ضمير جي نشانيءَ جي ڳنڍجڻ سان وجود ۾ اچي ٿو ۽ جيئن ته ان سان وڌيڪ ڪا به نشاني مليل ناهي، تنهنڪري زمان مضارع جي ڪا به فعلي صورت جنس جي نشاندهي پڻ نه ٿي ڪري. مثال /لکان/ جو فاعل مذڪر آهي يا مؤنث، ان جي خبر نه پئجي سگهندي. ليکڪ جي اڀياس موجب سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به ٻول جو ڌاتو ڪنهن به طرح عدد ۽ جنس کي ظاهر نه ٿو ڪري، تان جو ان سان عدد ۽ جنس جي نشاندهي ڪندڙ صرفيه (يا صوتيو) نه ملائجي. اهڙيءَ طرح ڪنهن به فعل جو ڌاتو (مثال: /لک/) رڳو عمل جي نشاندهي ڪري ٿو، اهو زمان ۽ عدد ۽ جنس جي نشاندهي نه ٿو ڪري، تان جو ان سان زمان ۽ عدد ۽ جنس جي نشاندهي ڪندڙ صرفيه (يا صوتيو) نه ملائجي ۽ متصل ضمير جي نشاندهي تڏهن ڪري سگهندو جڏهن ان سان اهڙي ضميري پڇاڙيءَ جي نشاندهي ڪندڙ صرفيه (يا صوتيو) مليل هجي. 'زمان مضارع' جي 'لکان' (۽ اهڙين ٻين صورتن) سان مليل /آن/ متصل ضمير طور مفضل ضمير متڪلم واحد 'مان' (آءٌ) جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ اهو /آن/

ڏار ڪجي ته باقي رڳو فعل جو ڌاتو /لک/ بچي ٿو جيڪو هڪ مخصوص عمل جي ته نشاندهي ڪري ٿو پيو ڪجهه به نه. نه زمان ۽ نه ئي عدد ۽ جنس. '**لکيو**'، '**لکتو**' ۽ '**لکدو**' مان هر هڪ صورت جو پڇيڙڪ آواز [او] مذڪر واحد جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ واري سر 'لکيو' جو [ي] زمان ماضي، 'لکتو' (لکان ٿو) جو [ٿ] زمان حال ۽ 'لکدو' (لکندو) جو [د] زمان مستقبل جي نشاندهي ڪري ٿو. 'لکان ٿو' ۾ [آن] ضمير متڪلم واحد جي نشاندهي ڪري ٿو جڏهن ته 'لکندو' ۾ [آن] چو آهي، في الوقت ليکڪ جي ڄاڻ ۾ ناهي.]

*** /لک/+/آڻ/ = لکڻ**

+/ اُ / = لکڻُ

+/ اَ / = لکڻَ

+/او/ = لکٽو

+/ آ / = لکٽا

+/اِي/ = لکٽِي

+/اُون/ = لکٽيون

+/اي/ = لکٽي

*** /لک/+/آڻ/ = لکاڻ**

+/اِ / = لکاڻِ

+/اِي/ = لکاٽِي

+/او/ = لکاٽو

+/ آ / = لکاٽا

+/اُون/ = لکاٽون (لکاٽيون)

*** /لِک/+/ج/ = لِکج**

+/اِ / = لکجِ

+/اِي/ = لکجِي

+/اي/ = لکجي

+/او/ = لکجو

+/ آ / = لکجا

**❋ /لڪج/+/آن/ = لڪجان**

+/ اِ / = لڪجانئِ

+/ وَ / = لڪجانوَ

+/ س / = لڪجانس

+/ نِ / = لڪجانِن

**❋ /لڪجان/+/ٿ/ = /لڪجانٿ/**

**+ /او/ = لڪجان ٿو**

**❋ /لڪجان/+/اِ /+/ ٿو/ = لڪجانئہ ٿو**

___ / وَ / ___ = لڪجانوَ ٿو

___ / س / ___ = لڪجانس ٿو

___ / نِ / ___ = لڪجانِن ٿو

**❋ /لڪجانٿ/ + /اِي/ = لڪجان ٿي**

**❋ /لڪجان/+/اِ /+/ ٿي/ = لڪجانئہ ٿي**

__ / وَ / ___ = لڪجانوَ ٿي

__ / س / ___ = لڪجانس ٿي

__ / نِ / ___ = لڪجانِن ٿي

**❋ /لڪج/+/اُون/ = لڪجون**

+/ اِ / = لڪجونئِ

+/ وَ / = لڪجونوَ

+/ س / = لڪجونس

+/ نِ / = لڪجونِن

**❋ /لڪجون/+/ٿ/ = لڪجونٿ**

**+ / آ / = لڪجون ٿا**

**❋ /لڪجون/+/ اِ /+/ ٿا/ = لڪجونئہ ٿا**

__ / وَ / ___ = لڪجونوَ ٿا

__ / س / ___ = لڪجونس ٿا

ـــ /نِ/ ـــــ = لڪجونِ ٽا

**٭ /لڪجونٽ/ + /اُون/ = لڪجون ٽيون**

**٭ /لڪجون/ + /اِ/+/ٽيون/ = لڪجونئہ ٽيون**

ــــ /وَ/ ــــ = لڪجونوَ ٽيون

ــــ /س/ ــــ = لڪجونس ٽيون

ــــ /نِ/ ــــ = لڪجونِ ٽيون

**٭ /لڪج/ + /اين/ = لڪجين**

+/م/ = لڪجينم

+/س/ = لڪجينس

+/نِ/ = لڪجينِ

**٭ /لڪجين/ + /ٽ/ = لڪجينٽ**

**+ /او/ = لڪجين ٽو**

٭ /لڪجين/+/م/+/ ٽو/ = لڪجينم ٽو

ــــ /س/ ــــ = لڪجينس ٽو

ــــ /نِ/ ــــ = لڪجينِ ٽو

**٭ /لڪجينٽ/ + /اِي/ = لڪجين ٽي**

٭ /لڪجين/ + /م/+ /ٽي/ = لڪجينم ٽي

ــــ /س/ ــــ = لڪجينس ٽي

ــــ /نِ/ ــــ = لڪجينِ ٽي

**٭ /لڪج/ + /او/ = لڪجو**

+/م/ = لڪجوم

+/س/ = لڪجوس

+/نِ/ = لڪجونِ

**٭ /لڪجو/ + /ٽ/ = لڪجوٽ**

**+ /آ/ = لڪجوٽا**

**٭ /لڪجو/ + /م/ + /ٽا/ = لڪجوم ٽا**

ـــ /س/ ـــ = لڪجوس ٿا

ـــ /نِ/ ـــ = لڪجونِ ٿا

* /لڪجوٿ+/اُون/ = لڪجوٿيون

* /لڪجو/ + /م/ + /ٿيون/ = لڪجوم ٿيون

ـــ /س/ ـــ = لڪجوس ٿيون

ـــ /نِ/ ـــ = لڪجونِ ٿيون

* /لڪج/+/اي/ = لڪجي

+/م/ = لڪجيم

+/اِ/ = لڪجيئِ

+/وَ/ = لڪجيوَ

+/س/ = لڪجيس

+/نِ/ = لڪجينِ

* /لڪجي/ + /ٿ/ = لڪجيٿ

* /لڪجي/ + /م/ + /ٿو/ = لڪجيم ٿو

ـــ /اِ/ ـــ = لڪجيئِ ٿو

ـــ /وَ/ ـــ = لڪجيوَ ٿو

ـــ /س/ ـــ = لڪجيس ٿو

ـــ /نِ/ ـــ = لڪجينِ ٿو

* /لڪجيٿ/+/اِي/ = لڪجي ٿي

* /لڪجي/ + /م/ + /ٿي/ = لڪجيم ٿي

ـــ /اِ/ ـــ = لڪجيئِ ٿي

ـــ /وَ/ ـــ = لڪجيوَ ٿي

ـــ /س/ ـــ = لڪجيس ٿي

ـــ /نِ/ ـــ = لڪجينِ ٿي

* /لڪج/ + /اَن/ = لڪجن

+/م/ = لڪجنم

+/ اِ / = لڪجنئِہ

+/ وَ / = لڪجنوَ

+/ س / = لڪجنس

+/ نِ / = لڪجننِ

*** /لڪجن/ + /تَ/ = لڪجنتَ**

**+ /آ/ = لڪجن تا**

*** /لڪجن/ + / م / + /تا/ = لڪجنم تا**

___ /اِ/ ___ = لڪجنئِہ تا

___ /وَ/ ___ = لڪجنوَ تا

___ /س/ ___ = لڪجنس تا

___ /نِ/ ___ = لڪجننِ تا

*** /لڪجنت/+/اُون/ = لڪجن تيون**

*** /لڪجن/ + / م / + /تيون/ = لڪجنم تيون**

___ /اِ/ ___ = لڪجنئِہ تيون

___ /وَ/ ___ = لڪجنوَ تيون

___ /س/ ___ = لڪجنس تيون

___ /نِ/ ___ = لڪجننِ تيون

*** /لڪج/ + /آڙ/ = لڪجَڙ**

+/ اُ / = لڪجڙُ

+/ اَ / = لڪجڙَ

+/ او / = لڪجڙو

+/ آ / = لڪجڙا

+/اِي/ = لڪجڙِي

+/ اُون/ = لڪجڙيون

+/ اي / = لڪجڙي

*** /لڪج/ + /ب/ = لِڪجب**

+ /او/ = لڪجبو

+ / آ / = لڪجبا

+ /اِي/ = لڪجبي

+ /اُون/ = لڪجبون

+ /اُم/ ( = /اُ/+/م/) = لڪجبُم

+ /اَم/ ( = /اَ/+/م/) = لڪجبَم

+ /اُءِ/ ( = /اُ/+/اِ/) = لڪجبُئہ

+ /اَءِ/ ( = /اَ/+/اِ/) = لڪجبَئہ

+ /اُوَ/ ( = /اُ/+/وَ/) = لڪجبُوَ

+ /اَوَ/ ( = /اَ/+/وَ/) = لڪجبَوَ

+ /اُس/ ( = /اُ/+/س/) = لڪجبُس

+ /اَس/ ( = /اَ/+/س/) = لڪجبَس

+ /اُن/ ( = /اُ/+/ن/) = لڪجبُن

+ /اَنِ/ ( = /اَ/+/ن/) = لڪجبَنِ

[نوٽ: سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ٻولن جو ڇيهڪ آواز [اُ] يا [او]، ان جي هڪ اهڙيءَ صرفيہ (يا صوتيي) جو ڪارج ادا ڪري ٿو جيڪا ڪيس مذڪر واحد جو مفهوم ڏئي ٿي، جيئن: جهرڪُ، گهوڙو وغيره. ساڳيءَ طرح [اَ] يا [آ] ڇيهڪ آواز هڪ صرفيہ جو ڪارج ادا ڪندي مذڪر جمع جو مفهوم ڏئي ٿو جيئن: جهرڪَ، گهوڙا وغيره. مؤنث واحد جو مفهوم ڏيندڙ عام ڇيهڪ آواز [اِ] يا [اِي] صرفيہ طور ڪم ايندڙ آهن، جيئن: ڳڏهِ، گهوڙي وغيره ۽ مؤنث جمع لاءِ [اُون] وڏيڪ عام آهي، جيئن: جهرڪيون، گهوڙيون وغيره. ٻولن جي مٿي ڏنل اڏپ ۾ ٻولن جي معنوي گهرائيءَ تي ڌيان ڏبو تہ ڪي وڌيڪ شيون ظاهر ٿين ٿيون، جن جي مختصر وضاحت زمان ماضي جي فعلي صورت هيٺ ڪئي وئي آهي.]

**✱ /لڪ/ + /ب/ = لِڪب**

+ / او / = لڪبو

+ / آ / = لڪبا

+ /اِي/ = لڪبي

+ / اُون/ = لکبيون

+ / اُم/ = لکبُم

+ / اَم/ = لکبَم

+ / اُءِ/ = لکبُئه

+ / اَءِ/ = لکبَئه

+ / اُوَ/ = لکبُوَ

+ / اَوَ/ = لکبَوَ

+ / اُس/ = لکبُس

+ / اَس/ = لکبَس

+ / اُن/ = لکبُن

+ / اَن/ = لکبَن

[نوٽ: هتي ٻـ ٻولن جي معنوي گهرائيءَ تي گهربل ڏيان ڏيڻ سان جيڪي گڻ پڌرا ٿين ٿا، انهن جو مختصر ذڪر ۽ وضاحت زمان ماضي وارين فعلي صورتن هيٺ ڪئي وئي آهي.]

*** /لک/ + /اَت/ = لِکَت**

+ / اَ / = لکتَ (لکتِ!)

+ / اُون/ = لکتون

*** /لک/ + /ي/ = لِکيه**

+ / او / = لکيو

+ / آ / = لکيا

+ / اِي/ = لکيي (لکِي)

+ / اُون/ = لکيون

+ / اُم/ = لکيُم

+ / اَم/ = لکيَم

+ / اُءِ/ = لکيُئه

+ / اَءِ/ = لکيَئه

+ / اُوَ/ = لکيُوَ

+ / اَوَ / = لکيوَ

+ / اُس / = لکيُس

+ / اَس / = لکيَس

+ / اُن / = لکيُن

+ / اَن / = لکيَن

[نوٽ: /لکيُم/ ٻہ مفهوم ظاهر ڪري ٿو:

(1) مون لکيو... 'مون' (ضمير متڪلم واحد) فاعلي حالت

(2) مون ڏي لکيو... 'مون' (ضمير متڪلم واحد) مفعولي حالت

جڏهن تہ 'جيڪو ڪجھ لکيو ويو' (مثال خطُ، ڪاغذ وغيره) اهو 'مذڪر واحد' آهي.]

**/لکيَم/ ڇھ مفهوم ظاهر ڪري ٿو:**

(1) مون لکيا

(2) مون لکِي

(3) مون لکيون

(4) مون ڏي لکيا

(5) مون ڏي لکِي

(6) مون ڏي لکيون

پهرين ٽن جملن ۾ ضمير متڪلم واحد 'حالت فاعلي' ۾ آهي ۽ پوئين ٽن جملن ۾ ان جي حالت مفعولي آهي. جڏهن تہ جيڪو ڪجھ لکيو ويو اهو (1) ۽ (4) جملن ۾ مذڪر جمع، (2) ۽ (5) جملن ۾ مؤنث واحد ۽ (3) ۽ (6) جملن ۾ مؤنث جمع آهي.

ٻول ۾ هر اها صورت جنهن ۾ { اُ } آهي، جيئن لکيُم، لکيُئہ، لکيُس ۽ لکيُن، اتي مفعول مذڪر واحد آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ { اُ } مذڪر واحد جو مفهوم (ٻہ) ظاهر ڪندي آهي. ٻول جي هر اها صورت جنهن ۾ { اَ } آهي، جيئن لکيَم، لکيَئہ، لکيَس، لکيَن، اتي 'مفعول' مذڪر جمع، مؤنث واحد ۽ مؤنث جمع آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ { اَ } مذڪر جمع جو مفهوم (ٻہ) ظاهر ڪندي آهي، پر ايئن چو آهي تہ اها ئي صرفيہ مؤنث واحد ۽ مؤنث جمع جو ٻہ مفهوم ظاهر ڪري ٿي؟ ڇا هڪ ٻول ڇھ مفهوم ٿو ڏئي يا ڇھ ٻول هوري هوري پنهنجون صورتون بدلائي هڪ ٻول جي صورت وٺي بيٺا آهن؟ ليڪڪ سمجهي ٿو تہ ڇھ ٻول هوري هوري پنهنجون صورتون

بدلائي هڪ ٻول جي صورت وٺي بيٺا آهن ۽ مفعول مذڪر واحد واري جملي ۾ بہ ٻول پنهنجون صورتون بدلائي هڪ ٻول جي صورت وٺي بيٺا آهن.

(الف) 1_ /لک/+/ي/+/اُ/+/م/ = لکيُم (مون لکيو)

2_ /لک/+/ي/+/او/+/م/ = لکيوم (مون ڏي لکيو)

(ب) 1_ /لک/+/ي/+/آ/+/م/ = لکيَم (مون لکيا)

2_ /لک/+/ي/+/اِ/+/م/ = لکيئم/لکيَم (مون لکي)

3_ /لک/+/ي/+/اُون/+/م/=لکيئونم > لکيونم > لکيَم (مون لکيون)

4_ /لک/+/ي/+/آ/+/م/ = لکيام > لکيَم (مون ڏي لکيا)

5_ /لک/+/ي/+/اِي/+/م/=لکيِئيم > لکيِيم > لکيم > لکِيئَم > لکيَم (مون ڏي لکي)

6_ /لک/+/ي/+/اُون/+/م/ = لکيئونم > لکيونم > لکيَم (مون ڏي لکيون)

مٿي ڏنل ضمير متڪلم واحد جي مفعولي حالت ظاهر ڪندڙ صرفيائن جي بناوت/اڏپ هن طرح بہ ٿي سگهي ٿي:

(الف) 2_ /لک/+/ي/+/اُ/+/او/+/م/ = لکيوم (مون ڏي لکيو)

(ب) 4_ /لک/+/ي/+/اَ/+/آ/+/م/ = لکيام > لکيام > لکيم (مون ڏي لکيا)

5_ /لک/+/ي/+/اِ/+/اِي/+/م/ = لکيِئيم > لکِئَم > لکيَم (مون ڏي لکي)

6_ /لک/+/ي/+/اُون/+/اُون/+/م/=لکيوئونم > لکيونئم > لکيَم (مون ڏي لکيون)

سنڌي ٻوليءَ جي باشعور ۽ اڪابر سگهڙن جڏهن ڏٺو تہ ان نموني ضمير متڪلم ۽ ضمير غائب جو مفهوم هڪ ٻئي سان وچڙي هڪ ٻئي کي منجهائي ٿو تڏهن ان جو حل ٻئي نموني ڳوليو ويو. جيڪو هيٺ ڏجي ٿو. هِتي /لکجب/ ۽ /لکب/ ترت ڏاتو ٻولن جي سري هيٺ ڏنل ٻولن جو اڀياس پڻ مٿي ڏنل بحث جي روشني ۾ ڪرڻ گهرجي.

*** /لکيَہ/ + /اَل/ = لکيَل**

+ /اُ/ = لکيلُ

+ /اَ/ = لکيلَ

+ /اُون/ = لکيلون

*** /لکيَہ/ + /اُ/ + /م/ = لکيُم**

+ /اَءِ/ = لڪيُمئہ > لڪيُمانءِ

+ /اَوَ/ = لڪيُمَوَ > لڪيُمانوَ

+ /اَس/ = لڪيُمَس > لڪيُمانس

+ /اَن/ = لڪيُمن > لڪيُمانن

يا

**ـ /لڪيَہ/ + /او/ + /مان/ = لڪيومان**

+ /اِ/ = لڪيومانئہ

+ /وَ/ = لڪيومانوَ

+ /س/ = لڪيومانس

+ /نِ/ = لڪيومانِنِ

**ـ /لڪيَہ/ + /او/ +/سي (سون، سين)/ = لڪيوسي**

+ /اِ/ = لڪيوسيءِ

+ /وَ/ = لڪيوسيوَ

+ /س/ = لڪيوسيس

+ /نِ/ = لڪيوسينِ

**ـ /لڪيَہ/ + /او/ + /اِ/ = لڪيوءِ**

+ /م/ = لڪيوئِم، لڪيُئم

+ /س/ = لڪيوئس، لڪيُئس

+ /نِ/ = لڪيوئِنِ، لڪيُئِنِ

**ـ /لڪيَہ/ + /او/ + /وَ/ = لڪيوو**

+ /م/ = لڪيووم، لڪيُوئم

+ /س/ = لڪيووَس، لڪيُوَس

+ /نِ/ = لڪيووَنِ، لڪيُوَنِ

**ـ /لڪيَہ/ + /او/ + /اِين/ = لڪيوئِن، لڪيَئين، لڪيائين**

+ /م/ = لڪيوئينم

+ /اِ/ = لڪيوئينئہ

+ /وَ/ = لڪيوئينوَ

+/م/ = لڪيائينم

+/اِ/ = لڪيائينئہ

+/وَ/ = لڪيائينوَ

+ /س/ = لکيوئينس　　　+/س/ = لکيائينس

+ /نِ/ = لکيوئينِنِ　　　+/نِ/ = لکيائينِنِ

**ـ /لکيَہ/ + /او/ +/اُون/ = لکئون، لکيَئون، لکيائون**

+ /م/ = لکيوئونم　　　+/م/ = لکيائونم

+ /اِ/ = لکيوئونئِہ　　　+/اِ/ = لکيائونئِہ

+ /وَ/ = لکيوئونوَ　　　+/وَ/ = لکيائونوَ

+ /س/ = لکيوئونس　　　+/س/ = لکيائونس

+ /نِ/ = لکيوئونِنِ　　　+/نِ/ = لکيائونِنِ

*** /لکيَہ/ + /آ/ +/م/ = لکيَم　يا ـ /لکيَہ/ + /آ/ +/مان/ = لکيامان**

+/آءِ/=لکيَمَئہ > لکيامانءِ　　　+/اِ/ = لکيامانءِ

+/آوَ/=لکيَموَ > لکيامانوَ　　　+/وَ/ = لکيامانوَ

+/آس/=لکيَمَس > لکيامَس　　　+/س/ = لکيامانس

+/آنِ/=لکيَمنِ > لکيامنِ　　　+/نِ/ = لکيامانِنِ

**ـ /لکيَہ/ + /آ/ +/سي/ = لکياسي**

+ /اِ/ = لکياسيءِ

+ /وَ/ = لکياسيوَ

+ /س/ = لکياسيس

+ /نِ/ = لکياسينِ

**ـ /لکيَہ/ + /آ/ = لکيا + /اِ/ = لکياءِ**

+ /م/ = لکيائِم

+ /س/ = لکيائس

+ /نِ/ = لکيائنِ

**ـ /لکيَہ/ + /آ/ +/وَ/ = لکياوَ**

+ /م/ = لکياوَم

+ /س/ = لکياوَس

+ /نِ/ = لکياوَنِ

**ـ /لکيَہ/ + /آ/ +/اِين/ = لکيائين**

+/م/ = لکيائينم

+/اِ/ = لکيائينئِہ

+/وَ/ = لکيائينوَ

+/س/ = لکيائينس

+/نِ/ = لکيائينِنِ

**_ /لکيُہ/ + /آ/ + /اُون/ = لکيائون**

+/م/ = لکيائونم

+/اِ/ = لکيائونئِہ

+/وَ/ = لکيائونوَ

+/س/ = لکيائونس

+/نِ/ = لکيائونِنِ

**❋ /لکيُہ/ + /م/ = لکيم + /آءِ/ = لکيمَئہ > لکيَمئہ**

+/اَوَ/=لکيمَوَ > لکيَمَوَ

+/اَس/=لکيمَسَ > لکيَمَس

+/اَنِ/=لکيمَنِ > لکيَمَنِ

**يا**

**_ /لکيُہ/ + /اِي/ + /مان/ = لکيمان**

+/اِ/= لکيامانءِ

+/و/= لکيمانوَ

+/س/= لکيمانس

+/نِ/= لکيمانِنِ

**_ /لکيُہ/ + /اِي/ + /سي/ = لکيسي**

+/اِ/= لکيسيءِ

+/وَ/= لکيسيوَ

+/سِ/= لکيسيسِ

+/نِ/= لکيسينِ

**_ /لکيُہ/ + /اِي/ + /اِ/ = لکيئِہ > لکيَئہ**

+/م/= لکيَئم

+/س/= لکيَئس

+/نِ/= لکيَئِن

**ـ /لکيءُ/ + /اِي/ + /وَ/ = لکيٍوَ > لکيَوَ**

+/م/= لکيٍوَم، لکيَوَم

+/س/= لکيٍوَس، لکيَوَس

+/نِ/= لکيٍوَن، لکيَوَن

**ـ /لکيءُ/+/اِي/+/اين/ = لکيٍيئين > لکيَئِن > لکيائين ...+( )**

+ /م/ = لکيَئِينم

+ /اِ/ = لکيَئينئِ

+ /وَ/ = لکيَئينوَ

+ /س/ = لکيَئينس

+ /نِ/ = لکيَئينِن

**ـ /لکيءُ/+/اِي/+/اُون/ = لکيئيون > لکيٍئون > لکيَئون > لکيائين...+( )**

+ /م/ = لکيَئونم

+ /اِ/ = لکيَئونئِ

+ /وَ/ = لکيَئونوَ

+ /س/ = لکيَئونس

+ /نِ/ = لکيَئونِن

**❋ /لکيءُ/ + /اُون/ + /م/ = لکيونم**

+ /اَءِ/ = **لکيونمَئہ > لکيَمَئہ**

+ /اَوَ/ = لکيونمَوَ > لکيَمَوَ

+ /اَس/ = لکيونمَس > لکيَمَس

+ /اَنِ/ = لکيونمَنِ > لکيَمَنِ

**يا**

**ـ /لکيءُ/ + /اُون/ + /مان/ = لکيونمان**

+ /اِ/ = لکيونمانءِ

+ /وَ/ = لڪيونمانوَ

+ /س/ = لڪيونمانس

+ /نِ/ = لڪيونمانِن

**ـ /لڪيۡ/ + /اُون/ + /سي/ = لڪيونسي**

+ /اِ/ = لڪيونسيءِ

+ /وَ/ = لڪيونسيوَ

+ /س/ = لڪيونسيس

+ /نِ/ = لڪيونسيِن

**ـ /لڪيۡ/ + /اُون/ + /اِ/ = لڪيونئِ**

+ /م/ = لڪيونئِم

+ /س/ = لڪيونئِس

+ /نِ/ = لڪيونئِنِ

**ـ /لڪيۡ/ + /اُون/ + /وَ/ = لڪيونوَ**

+ /م/ = لڪيونوَم

+ /س/ = لڪيونوَس

+ /نِ/ = لڪيونوَنِ

**ـ /لڪيۡ/+/اُون/+/اِين/ = لڪيونئين > لڪيئين > لڪيائين...+( )**

+ /م/ = لڪيونئينم

+ /اِ/ = لڪيونئينئِ

+ /وَ/ = لڪيونئينوَ

+ /س/ = لڪيونئينس

+ /نِ/ = لڪيونئينِن

**ـ /لڪيۡ/+/اُون/+/اُون/ = لڪيوئون > لڪيئون > لڪيائون ...+( )**

+ /م/ = لڪيونئونم

+ /اِ/ = لڪيونئونئِ

+ /وَ/ = لڪيونئونوَ

+ /س/ = لکيونئونس

+ /نِ/ = لکيونئونِ

* /لکَجَ/ + /يَ/ = لکَجيَہ

+ /او/ = لکجيو

+ /آ/ = لکجيا

+/اِي/ = لکجِي (لکجي)

+ /اُون/ = لکجيون

+ /اُم/ = لکجيُم

+ /اَم/ = لکجيَم

+ /اُءِ/ = لکجيُءِ

+ /اُوَ/ = لکجيُوَ

+ /اَوَ/ = لکجيَوَ

+ /اُس/ = لکجيُس

+ /اَس/ = لکجيَس

+ /اُنِ/ = لکجيُنِ

+ /اَنِ/ = لکجيَنِ

[نوٽ: ڪن سنڌي عالمن جي راءِ آهي تہ فعل جون هتي ڄاڻايل صورتون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم نہ آڻڻ گهرجن. ڏسو پيرومل آڏواڻي جو ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'. /لکيَہ/ جيان، ان جهڙو ڦيرو هنن صورتن جو بہ ٿي سگهي ٿو.]

* /لک/ + /د/ = لکد

+ /او/ = لکدو

+ /آ/ = لکدا

+ /اِي/ = لکدِي

+ /اُون/ = لکديون

+ /اُم/ = لکدُم

+ /اَم/ = لکدَم

+ /اُءِ/ = لکدُءِ

+ /اَءِ/ = لکدَءِ

+ /اُوَ/ = لکدُوَ

[نوٽ: "رائج تحريري محاوري ۾ 'اسم حاليہ' جي بناوت جو مدار عام طرح ٻن ڳالهين تي سمجهيو وڃي ٿو: (1) ڪنهن اسم مصدر جي 'امر حال' (واحد) جي پوئين حرف تي 'پيشُ' هوندو تہ اهو 'پيش' 'زبر' سان مٽائي، پنيانئس 'ندو'، 'ندا'، 'ندي' يا 'نديون' جو اضافو ڪبو تہ اسم حاليہ ٺهي پوندو. جيئن لکُ مان لکندو، لکندا، لکندي ۽ لکنديون... ماٿيلي-اوباوڙي

+ /اَوَ/ = لکڏَوَ
+ /اُس/ = لکڏُس
+ /اَس/ = لکڏَس
+ /اُنِ/ = لکڏُنِ
+ /اَنِ/ = لکڏَنِ

جي ٻوليءَ ۾ جيئن ته امر حال (واحد) جو پويون اکر ساڪن ٿئي ٿو تنهنڪري ان ۾ اسم حاليه جوڙڻ وقت 'ن' غنو حذف ڪري ڇڏبو آهي ۽ آخري اکر تي پيش واري امر حال جي پڇاڙي 'دو'، 'دا"، 'دي' يا 'ديون' جو اضافو ڪبو آهي. مثلاً لکندو بدران 'لکدو'، پڙهندو بدران 'پڙهدو'، گهمندو بدران 'گهمدو'، ڦرندو بدران 'ڦردو' وغيره اچاربو آهي. اهڙي حالت ۾ 'ن غني' کي اٽلڪي نموني به ظاهر نه ڪبو آهي...

... مثلاً لکندڙ کي 'لکدڙ'، ونندڙ کي 'وندڙ'، چيندڙ کي 'چيدڙ' ڪري ڳالهائبو آهي." (پروفيسر شيخ محمد فاضل، 'ماٿيلي- اوباوڙي جي ٻولي'، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد. 1992، ص- 57 ۽ 59]

* /لکد/+/اُ(او)/+/م/(يا /مان/) = لکدُم لکدوم (لکدومان)

+ /اَءِ/ (يا /اِ/) = لکدومَئہ (لکدومانءِ)
+ /اَوَ/ (يا /وَ/) = لکدومَوَ (لکدومانوَ)
+/اَس/ (يا /س/)=لکدومَس (لکدومانس)
+ /اَنِ/ (يا /نِ/) = لکدومَنِ (لکدومانِنِ)

[نوٽ: ليکڪ پاڻ کي ان حيثيت ۾ نه ٿو ڀانئي جو هن ترتيب کي وڌيڪ تفصيل ۽ ٻنين ضميري پڇاڙين سميت بيان ڪري سگهي.]

* /لکد/ + /اَڙ/ = لکدڙ

[نوٽ: ليکڪ سمجهي ٿو ته سنڌي فعلي ٻولن ۾ {د} هڪ اهڙي صرفيه آهي جيڪا مقرر هنڌ تي زمان مستقبل جي نشاندهي ڪري ٿي. فعل جي ڌاتوءَ (مثال: /لک/ کان پوءِ جڏهن {ت} اچي ٿي ته زمان حال، {ي} اچي ٿي ته زمان ماضي ۽ {د} اچي ٿي ته زمان مستقبل جو ٻول ٺهي ٿو (مثال: /لکد/) جنهن جي پويان عدد ۽ جنس جي نشاني {او، آ، اِي يا اُون} اچي، فعل جي مڪمل صورت جوڙي ٿي — لکتو لکيو لکدو لکتا،

لکيا، لکدا، لکتي، لکيي (لکي)، لکدي ۽ لکتيون، لکيون، لکديون. زمان حال سان ماڻهوءَ جو تمام گهڻو ۽ سڌو واسطو رهي ٿو. تنهنڪري، ۽ زمان مستقبل ڏي لاڳيتو وڌڻو آهي، ان ڪري انهن زمانن بابت سنڌس ڳالهه ٻول وڌيڪ واضح ۽ چٽي هئڻ گهرجي.
ان ڪري زمان حال لاءِ گهٽي ۽ وڌيڪ ۽ زمان مستقبل لاءِ هڪ حد تائين وڌيڪ ڳالهه ٻول ٿيندي رهي ٿي ۽ ليکڪ سمجهي ٿو ته ان ڪري انهن زمانن ۾ ڳالهه ڪي وڌيڪ چٽو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ٿي نسبتاً وڌيڪ تبديليون آڻڻ جو ڪارڻ ٿئي ٿي، جڏهن ته زمان ماضي ۾ جيڪا بہ ڳالهه ٻول ٿئي ٿي، اها نسبتاً طي ٿيل انداز جي هوندي آهي، تنهنڪري ان ۾ تبديلي نسبتاً گهٽ واقع ٿئي ٿي ۽ صورتون نسبتاً پائدار. 'فعل متعدي' اهو فعل آهي جنهن جو مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ فاعل سان گڏ مفعول جي ضرورت پوي. (واحد بخش شيخ، **سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو** سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/حيدرآباد، 1986، ص-367). پر متعدي فعل جو ٽنهي زمانن ۾ گردان ڪري ڏسبو تہ هڪ نئين ڳالهه واضح ٿي ايندي. زمان ماضيءَ ۾ فعل جو عدد ۽ جنس مفعول جي عدد ۽ جنس سان لاڳاپجي مَتجندي رهندي:
'مون خط لکيو'، 'مون خط لکيا'، 'مون چٺي لکي'، 'مون چٺيون لکيون' پر اهڙو ئي ڦيرو زمان حال ۽ زمان مستقبل ۾، مروج فعلي صورتن سان ڪبو تہ فعل جو عدد ۽ جنس مفعول سان لاڳاپجي مَتجڻ بدران فاعل سان لاڳاپجي مَتجندي نظر ايندا:
"(آءٌ) خطُ لکان ٿو"، "(آءٌ) خطَ لکان ٿو"، "(آءٌ) چٺي لکان ٿو"، "(آءٌ) چٺيون لکان ٿو"، "(آءٌ) خطُ لکندم"، "(آءٌ) خطَ لکندم"، "(آءٌ) چٺي لکندم"، "(آءٌ) چٺيون لکندم"...

| | |
|---|---|
| "(آءٌ) خطُ لکان ٿو" | "(آءٌ) خطُ لکندم" |
| "(اسين) خطُ لکون ٿا" | "(اسين) خطُ لکنداسي" |
| "(تون) خطُ لکين ٿو" | "(تون) خطُ لکندين" |
| "(اهي) خطُ لکن ٿا" | "(اهي) خطُ لکندا" |

ايئن ڇو ٿو ٿئي؟ ليکڪ سمجهي ٿو تہ زمان ماضي جي مروج فعلي صورت ۾ ڪنهن بہ ضميري پڇاڙيءَ جو ميلاپ ڪونهي ۽ زمان حال ۽ مستقبل جي مروج فعلي صورت ۾ جيئن تہ ڪا نہ ڪا ضميري پڇاڙي موجود آهي، تنهنڪري ايئن ٿئي ٿو. زمان حال ۽ مستقبل جي مروج فعلي صورت ڪان ضميري پڇاڙيون ڌار ڪبيون تہ فعل جون صورتون /لکتو لکتا، لکتي ۽ لکتيون/ ۽ /لکدو لکدي، لکدا ۽ لکديون/ ٻچنديون ۽

انهن صورتن سان ڦيرو ڪري ڏسبو تہ زمان ماضي جيان فعل جو عدد ۽ جنس مفعول جي عدد ۽ جنس سان لاڳاپجي مَتجڻ لڳندو:

’مان خط لکتو‘. ’مان خط لکتا‘

’مان چٺي لکتي‘. ’مان چٺيون لکتيون‘

’مان خطُ لکدو‘. ’مان خط لکدا‘

’مان چٺي لکدي‘. ’مان چٺيون لکديون‘.

اڄوڪي سنڌيءَ ۾ زمان حال جي اها صورت گم ٿي ويل ۽ زمان مستقبل جي اها صورت محدود ٿي ويل آهي، پر زمان ماضي چٽو شاهد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٻولن جون حقيقي فعلي صورتون ان ئي ترتيب سان ٺهيل آهن.

ليکڪ نہ ٿو ڄاڻي تہ زمان مستقبل جي عام فعلي صورتن ۾ [اَن] يا [اِين]، جيڪي گهٽا وائل (Vowel) آواز آهن، ڇو وڌيل آهن؟ ليکڪ سمجهي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ ٻول ۾ ڪو بہ آواز غير ضروري طرح نہ ٿو وڌي (سواءِ ان هڪ سبب جي تہ اچار بگاڙيو ويو هجي) پر ’اسم حاليہ‘ جي هر فعلي صورت ۾ [اَن] يا [اِين] جي واڌ (جيئن /لک/+/ان/+/د/+/او/ = لکندو، /ڏس/+/اِين/+/د/+/او/ = ڏسيندو وغيره) ٻڌائي ٿي تہ اها اجائي ناهي. زمان حال جي مثال ۾ فعلي صورت (مثال: /لکتو/ جي وچ تي، ڌاتوءَ (مثال: /لک/) کان پوءِ متصل ضمير جي نشاني {آن، اُون، اين، او اي يا اَن} اچي ٿي ۽ فعلي صورت فاعل سان لاڳاپجي ڦري ٿي. زمان مستقبل جي فعلي صورت (مثال: /لکندو/) جي وچ ۾ ڌاتوءَ (مثال: /لک/) کان پوءِ ڪم ايندڙ نشاني {اَن يا اِين} ڪن ٻين ٻولن ۾ متصل ضمير طور ڪم اچي، ضمير غائب (جمع يا واحد) جي نشاندهي ڪن ٿيون. جيئن ’لکن ٿا‘ ۾ /اَن/ ۽ ’لکيئِين‘ ۾ /اِين/. تنهنڪري ليکڪ هڪ امڪان قائم ڪري ٿو تہ زمان مستقبل جي سيني مروج صورتن ۾ ضمير غائب (واحد يا جمع) شامل آهي ۽ ان ڪري فعلي صورت مفعول سان لاڳاپو ٽوڙي فاعل سان ڳنڍجي ويجي ٿي.]

* /لِکَ/+/اَن/+/د/ = لِکندَ

+/او/ = لکندو

+/آ/ = لکندا

+/اي/ = لکندِي

+/اُون/ = لکنديون

+/اي/ = لکندي

+/اُم/ = لکندُم

+/اَم/ = لکندَم

+/اُءِ/ = لکندُءِ

+/اُوَ/ = لکندُوَ

+/اَوَ/ = لکندَوَ

+/اُس/ = لکندُس

+/اَس/ = لکندَس

+/اُنِ/ = لکندُنِ

+/اَنِ/ = لکندَنِ

**❋ /لکند/+/اُ/+/م/ = لکندم**

+/اَءِ/ = لکندُمَئه > لکندمانءِ

+/اَوَ/ = لکندُمَوَ > لکندمانوَ

+/اَس/ = لکندُمَس > لکندمانس

+/اَنِ/ = لکندُمَنِ > لکندمانِنِ

**ـ /لکند/+/او/+/مان/ = لکندومان**

+/اِ/ = لکندومانءِ

+/وَ/ = لکندومانوَ

+/س/ = لکندومانس

+/نِ/ = لکندومانِنِ

**❋ /لکند/+/اِ (اي)/+/م/ = لکندم، لکنديم**

+/اَءِ/ = لکندِيمَئه > لکندِيمانءِ

+/اَوَ/ = لکندِيمَوَ > لکندِيمانوَ

+/اَس/ = لکندِيمَس > لکندِيمانس

+/اَنِ/ = لکندِيمَنِ > لکندِيمانِنِ

**يا**

**ـ /لکند/+/اِي/+/مان/ = لکندِيمان**

+/اِ/ = لکندِيمانءِ

+/وَ/ = لکندِيمانوَ

+/س/ = لڪنڊِيمانس

+/نِ/ = لڪنڊِيمانِ

**❋ /لڪنڊ/+/آ/+/سي/ = لڪنڊاسي**

+/اِ/ = لڪنڊاسيءِ

+/وَ/ = لڪنڊاسيوَ

+/س/ = لڪنڊاسيس

+/نِ/ = لڪنڊاسينِ

**❋ /لڪنڊ/+/اُون/+/سي/ = لڪنڊيونسي**

+/اِ/ = لڪنڊيونسيءِ

+/وَ/ = لڪنڊيونسيوَ

+/س/ = لڪنڊيونسيس

+/نِ/ = لڪنڊيونسينِ

**❋ /لڪنڊ/+/اين/ = لڪنڊين**

+/م/ = لڪنڊينم

+/س/ = لڪنڊينس

+/نِ/ = لڪنڊينِ

**❋ /لڪنڊ/+/اينءَ/ = لڪنڊينءَ**

+/م/ = لڪنڊينئم

+/س/ = لڪنڊينئس

+/نِ/ = لڪنڊينئنِ

**❋ /لڪنڊ/+/آو/ = لڪنڊَو (لڪنڊؤ)**

+/م/ = لڪنڊَوم

+/س/ = لڪنڊَوس

+/نِ/ = لڪنڊَونِ

**❋ /لڪنڊ/+/اُون/+/آو/ = لڪنڊيونئَو**

+/م/ = لڪنڊيونئَوم

+/س/ = لڪنديونئَوس

+/نِ/ = لڪنديونئَونِ

❋ /لڪند/+/او/ = لڪندو

+/م/ = لڪندوم

+/ اِ / = لڪندوءِ

+/ وَ / = لڪندووَ

+/س/ = لڪندوس

+/نِ/ = لڪندونِ

❋ /لڪند/+/اِي/ = لڪندِي

+/م/ = لڪندِيم (لڪنديَم)　　+/اَم/ = لڪندِيئم

+/ اِ / = لڪندِيئِ (لڪندَءِ)　　+/اَءِ/ = لڪندِيئِئِ

+/ وَ / = لڪندِيوَ (لڪنديَوَ)　　+/اَوَ/ = لڪندِيئوَ

+/س/ = لڪندِيسِ (لڪنديَس)　　+/اَس/ = لڪندِيئسِ

+/نِ/ = لڪندِينِ (لڪنديَنِ)　　+/اَنِ/ = لڪندِيئنِ

❋ /لڪند/+/اَ(آ)/ = لڪندَ, لڪندا

+/م/ = لڪندَم　　/لڪندا/+/م/ = لڪندام

+/اِ/ = لڪندَءِ　　+/اِ/ = لڪنداءِ

+/وَ/ = لڪندَوَ　　+/وَ/ = لڪنداوَ

+/س/ = لڪندَس　　+/س/ = لڪنداس

+/نِ/ = لڪندَنِ　　+/نِ/ = لڪندانِ

❋ /لڪند/+/اُون/ = لڪنديون

+/م/ = لڪنديونم　　+/اَم/ = لڪنديونئم

+/اِ/ = لڪنديونئِ　　+/اَءِ/ = لڪنديونئئِ

+/وَ/ = لڪنديونوَ　　+/اَوَ/ = لڪنديونئوَ

+/س/ = لڪنديونس　　+/اَس/=لڪنديونئس

+/نِ/ = لڪنديونِ　　+/اَنِ/ = لڪنديونئِنِ

❋ /لڪند/+/آڙ/ = لڪنڌڙ

+/اُ/ = لکنڊڙُ

+/اَ/ = لکنڊڙَ

+/اَو/ = لکنڊڙَوا!

**✻ /لکج/+/اَن/+/د/ = لکجند**

+/او/ = لکجندو ... +

+/آ/ = لکجندا ... +

+/اِي/ = لکجندِي ... +

+/اُون/ = لکجنديون ... +

+/اي/ = لکجندي

+/اُم/ = لکجندُم

+/اَم/ = لکجندَم

+/اُءِ/ = لکجندُءِ

+/اَءِ/ = لکجندَءِ

+/اُوَ/ = لکجندُوَ

+/اَوَ/ = لکجندَوَ

+/اُس/ = لکجندُس

+/اَس/ = لکجندَس

+/اُن/ = لکجندُن

+/اَن/ = لکجندَن

**✻ /لکجند/+/اَڙ/ = لکجندڙ**

+/اُ/ = لکجندڙُ

+/اَ/ = لکجندڙَ

+/اَو/ = لکجندڙَوا!

**✻ /لک/+/آءِ/ = لکاءِ**

+/اِ/ = لکاءِ

+/اِي/ = لکائِي

+/او/ = لکائيو لکايو

+/آ/ = لڪائيا، لڪايا

+/اُون/ = لڪائيون، لڪايون

+/اُ/ = لڪاءُ

+/اَ/ = لڪاءَ

[نوٽ: [آء] هڪ يڪسرو (monopthong) وائل آواز (Vowel Sound) آهي، جيڪو سنڌي ٻولن ۾ تہ موجود آهي، پر اجا تائين نہ کوجيو ويو آهي. اهو صاف وائل آواز [آ] کان فرق رکي ٿو ۽ /آءِ/ بہ ناهي. /آء/ درحقيقت ٻن صاف وائل آوازن [آ] ۽ [اِ] جو ميڙ آهي. [آء] ڇڙڪ [آ] ۽ /آءِ/ آوازن جي وچ تي، هڪ قسم جو نرالو آواز آهي. انهيءَ سان گڏ ليکڪ ڪيترن ئي ٻين وائل (Vowel، سر) آوازن کي سنڌي ٻولن ۾ موجود ڏسي، انهن کي ووڙي صاف ڪري، انهن جو تفصيلي ذڪر پنهنجي ڪتاب '**ٻول جو ٻڻ**' ۾ آندو آهي.[19]]

| | | |
|---|---|---|
| ❋ /لڪاء/+/آن/ = **لڪايان** | (+/ٿ/+/او/ = **ٿو**) | (/ٿ/+/اِ/ = **ٿي**) |
| +/اِ/ = لڪايانءِ | لڪايانءِ ٿو | لڪايانءِ ٿي |
| +/وَ/ = لڪايانوَ | لڪايانوَ ٿو | لڪايانوَ ٿي |
| +/س/ = لڪايانس | لڪايانس ٿو | لڪايانس ٿي |
| +/نِ/ = لڪايانِن | لڪايانِن ٿو | لڪايانِن ٿي |
| ❋ /لڪاء/+/اُون/ = **لڪايون** | (+/ٿ/+/آ/=**ٿا**) | (/ٿ/+/اُون/=**ٿيون**) |
| +/اِ/ = لڪايونءِ | لڪايونءِ ٿا | لڪايونءِ ٿيون |
| +/وَ/ = لڪايونوَ | لڪايونوَ ٿا | لڪايونوَ ٿيون |
| +/س/ = لڪايونس | لڪايونس ٿا | لڪايونس ٿيون |
| +/نِ/ = لڪايونِن | لڪايونِن ٿا | لڪايونِن ٿيون |
| ❋ /لڪاء/+/اين/ = **لڪائين** | (+/ٿ/+/او/ = **ٿو**) | (/ٿ/+/اِ/ = **ٿي**) |
| +/م/ = لڪائينم | لڪائينم ٿو | لڪائينم ٿي |
| +/س/ = لڪائينس | لڪائينس ٿو | لڪائينس ٿي |
| +/نِ/ = لڪائينِن | لڪائينِن ٿو | لڪائينِن ٿي |
| ❋ /لڪاء/+/او/ = **لڪايو** | (+/ٿ/+/آ/=**ٿا**) | (/ٿ/+/اُون/=**ٿيون**) |

[19] نوٽ: اهو ڪتاب 2007ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. (رياضت)

| | | |
|---|---|---|
| +/م/ = لڪايوم | لڪايوم ٿا | لڪايوم ٿيون |
| +/س/ = لڪايوس | لڪايوس ٿا | لڪايوس ٿيون |
| +/نِ/ = لڪايونِ | لڪايونِ ٿا | لڪايونِ ٿيون |
| ❋ /لڪاء/+/اي/ = **لڪائي** | (+/ٿ/+/او/ = **ٿو**) | (/ٿ/+/اِ/ = **ٿي**) |
| +/م/ = لڪائيم | لڪائيم ٿو | لڪائيم ٿي |
| +/اِ/ = لڪائيئِ | لڪائيئِ ٿو | لڪائيئِ ٿي |
| +/وَ/ = لڪائيوَ | لڪائيوَ ٿو | لڪائيوَ ٿي |
| +/س/ = لڪائيس | لڪائيس ٿو | لڪائيس ٿي |
| +/نِ/ = لڪائينِ | لڪائينِ ٿو | لڪائينِ ٿي |
| ❋ /لڪاء/+/ان/ = **لڪائن** | (+/ٿ/+/آ/ = **ٿا**) | (/ٿ/+/اُون/=**ٿيون**) |
| +/م/ = لڪائنم | لڪائنم ٿا | لڪائنم ٿيون |
| +/اِ/ = لڪائنئِ | لڪائنئِ ٿا | لڪائنئِ ٿيون |
| +/وَ/ = لڪائنوَ | لڪائنوَ ٿا | لڪائنوَ ٿيون |
| +/س/ = لڪائنس | لڪائنس ٿا | لڪائنس ٿيون |
| +/نِ/ = لڪائنِ | لڪائنِ ٿا | لڪائنِ ٿيون |

❋ **/لڪاء/ + /اِڻ/ = لڪائڻ**

+/اُ/ = لڪائڻُ

+/اَ/ = لڪائڻَ

+/او/ = لڪائڻو

+/آ/ = لڪائڻا

+/اي/ = لڪائڻِي

+/اُون/ = لڪائِڻيون

+/اي/ = لڪائڻي

❋ **/لڪاء/ + /ج/ = لڪائج** = [ل+اِ+ک+آء+ج]

+/اِ/ = لڪائجِ

+/او/ = لڪائجو

+/اِي/ = لڪائجِي

+/اي/ = لڪائجي

+/آ/ = لڪائجا

| | | |
|---|---|---|
| ❋ /لڪائج/+/آن/ = **لڪائجان** | (+/ٿ/+/او/=**ٿو**) | (/ٿ/+/اِي/ = **ٿي**) |
| +/اِ/ = لڪائجانئِ | لڪائجانئِ ٿو | لڪائجانئِ ٿي |
| +/وَ/ = لڪائجانوَ | لڪائجانوَ ٿو | لڪائجانوَ ٿي |
| +/س/ = لڪائجانس | لڪائجانس ٿو | لڪائجانس ٿي |
| +/نِ/ = لڪائجانِنِ | لڪائجانِنِ ٿو | لڪائجانِنِ ٿي |
| ❋ /لڪائج/+/اُون/ = **لڪائجون** | (+/ٿ/+/آ/=**ٿا**) | (/ٿ/+/اُون/=**ٿيون**) |
| +/اِ/ = لڪائجونئِ | لڪائجونئِ ٿا | لڪائجونئِ ٿيون |
| +/وَ/ = لڪائجونوَ | لڪائجونوَ ٿا | لڪائجونوَ ٿيون |
| +/س/ = لڪائجونس | لڪائجونس ٿا | لڪائجونس ٿيون |
| +/نِ/ = لڪائجونِنِ | لڪائجونِنِ ٿا | لڪائجونِنِ ٿيون |
| ❋ /لڪائج/+/اين/ = **لڪائجين** | (+/ٿ/+/او/=**ٿو**) | (/ٿ/+/اِي/=**ٿي**) |
| +/م/ = لڪائجينم | لڪائجينم ٿو | لڪائجينم ٿي |
| +/س/ = لڪائجينس | لڪائجينس ٿو | لڪائجينس ٿي |
| +/نِ/ = لڪائجينِنِ | لڪائجينِنِ ٿو | لڪائجينِنِ ٿي |
| ❋ /لڪائج/+/او/ = **لڪائجو** | (+/ٿ/+/آ/=**ٿا**) | (/ٿ/+/اُون/=**ٿيون**) |
| +/م/ = لڪائجوم | لڪائجوم ٿا | لڪائجوم ٿيون |
| +/س/ = لڪائجوس | لڪائجوس ٿا | لڪائجوس ٿيون |
| +/نِ/ = لڪائجونِ | لڪائجونِ ٿا | لڪائجونِ ٿيون |
| ❋ /لڪائج/+/اي/ = **لڪائجي** | (+/ٿ/+/او/=**ٿو**) | (/ٿ/+/اِي/=**ٿي**) |
| +/م/ = لڪائجيم | لڪائجيم ٿو | لڪائجيم ٿي |
| +/اِ/ = لڪائجيئِ | لڪائجيئِ ٿو | لڪائجيئِ ٿي |
| +/وَ/ = لڪائجيوَ | لڪائجيوَ ٿو | لڪائجيوَ ٿي |
| +/س/ = لڪائجيس | لڪائجيس ٿو | لڪائجيس ٿي |
| +/نِ/ = لڪائجينِ | لڪائجينِ ٿو | لڪائجينِ ٿي |
| ❋ /لڪائج/+/اَن/ = **لڪائجن** | (+/ٿ/+/آ/=**ٿا**) | (/ٿ/+/اُون/=**ٿيون**) |
| +/م/ = لڪائجنم | لڪائجنم ٿا | لڪائجنم ٿيون |
| +/اِ/ = لڪائجنئِ | لڪائجنئِ ٿا | لڪائجنئِ ٿيون |

| | | |
|---|---|---|
| +/وَ/ = لکائجنوَ | لکائجنوَ ٺا | لکائجنوَ ٺيون |
| +/س/ = لکائجنس | لکائجنس ٺا | لکائجنس ٺيون |
| +/نِ/ = لکائجنِ | لکائجنِ ٺا | لکائجنِ ٺيون |

**❋ /لکائج/ + /اَڻ/ = لکائجڻ**

+/اُ/ = لکائجڻُ

+/اَ/ = لکائجڻَ

+/او/ = لکائجڻو

+/آ/ = لکائجڻا

+/اي/ = لکائجڻِي

+/اُون/ = لکائجڻيون

+/اي/ = لکائجڻي

**❋ /لکاء/ + /بُ/ = لکائبُ** = [ل+اِ+ک+آء+ب]

+/او/ = لکائبو

+/آ/ = لکائبا

+/اِي/ = لکائبِي

+/اُون/ = لکائبيون

+/اُم/ = لکائبُم

+/اَم/ = لکائبَم

+/اُءِ/ = لکائبُئِہ

+/اَءِ/ = لکائبَئِہ

+/اُوَ/ = لکائبُوَ

+/اَوَ/ = لکائبَوَ

+/اُس/ = لکائبُس

+/اَس/ = لکائبَس

+/اُن/ = لکائبُن

+/اَنِ/ = لکائبَن

**❋ /لکاء/ + /اَٿ/ = لکائٿ (لکاوَٿ)**

+/آ/ = لڪائتَ (لڪاوَت)

+/اُون/ = لڪائتون (لڪاوتون)

**❋ /لڪاء/ + /يَ/ = لڪائيَہ** = [ل+اِ+ک+آء+ي]

+/او/ = لڪائيو لڪايو

+/آ/ = لڪائيا، لڪايا

+/اِي/ = لڪائِيي، لڪائي

+/اُون/ = لڪائيون، لڪايون

+/اُم/ = لڪايُم

+/اَم/ = لڪايَم

+/اُءِ/ = لڪايُئِہ

+/اَءِ/ = لڪايَئِہ

+/اُوَ/ = لڪايُوَ

+/اَوَ/ = لڪايَوَ

+/اُس/ = لڪايُس

+/اَس/ = لڪايَس

+/اُنِ/ = لڪايُنِ

+/اَنِ/ = لڪايَنِ

**❋ /لڪاء/ + /اَل/ = لڪائيَل، لڪايَل**

+/اُ/ = لڪايَلُ

+/اَ/ = لڪايَلَ

+/اُون/ = لڪايَلون

**❋ /لڪايو/ + /م/ = لڪايوم** يا /مان/ = **لڪايومان**

+/اَءِ/ = لڪايومَئہ — +/اِ/ = لڪايومانئہ

+/اَوَ/ = لڪايومَوَ — +/وَ/ = لڪايومانوَ

+/اَس/ = لڪايومَس — +/س/= لڪايومانس

+/اَنِ/ = لڪايومَنِ — +/نِ/ = لڪايومانِنِ

**٭ /لڪايو/ + /سي/ = لڪايوسي**

+/اِ/ = لڪايوسيءِ

+/وَ/ = لڪايوسيوَ

+/س/ = لڪايوسيس

+/نِ/ = لڪايوسينِ

**٭ /لڪايو/ + /اِ/ = لڪايوءِ**

+/م/ = لڪايوئم

+/س/ = لڪايوئس

+/نِ/ = لڪايوئنِ

**٭ /لڪايو/ + /وَ/ = لڪايووَ**

+/م/ = لڪايووَم

+/س/ = لڪايووَس

+/نِ/ = لڪايووَنِ

**٭ /لڪايو/+/؟/=لڪايو يا +/اِين/=لڪايوئين ۽ +/اُون/=لڪايوئون**

| | | |
|---|---|---|
| +/م/=لڪايوم | +/م/=لڪايوئينم | +/م/=لڪايوئونم |
| +/اِ/=لڪايوءِ | +/اِ/=لڪايوئينئہ | +/اِ/=لڪايوئونئہ |
| +/وَ/=لڪايووَ | +/وَ/=لڪايوئينوَ | +/وَ/=لڪايوئونوَ |
| +/س/=لڪايوس | +/س/=لڪايوئينس | +/س/=لڪايوئونس |
| +/نِ/=لڪايونِ | +/نِ/=لڪايوئيننِ | +/نِ/=لڪايوئوننِ |

**٭ /لڪايا/ + /م/ = لڪايام** يا /مان/ = لڪايامان

| | |
|---|---|
| +/آءِ/ = لڪايامَئہ | +/اِ/ = لڪايامانئہ |
| +/آوَ/ = لڪايامَوَ | +/وَ/ = لڪايامانوَ |
| +/آس/ = لڪايامَس | +/س/ = لڪايامانس |
| +/آنِ/ = لڪايامَنِ | +/نِ/ = لڪايامانِنِ |

**٭ /لڪايا/ + /سي/ = لڪاياسي**

+/اِ/ = لڪاياسيءِ

+/وَ/ = لڪاياسيوَ

+/س/ = لڪاياسيسِ

+/نِ/ = لڪاياسينِ

**⁕ /لڪايا/ + /اِ/ = لڪاياءِ**

+/م/ = لڪايائم

+/س/ = لڪايائس

+/نِ/ = لڪايائنِ

**⁕ /لڪايا/ + /وَ/ = لڪاياوَ**

+/م/ = لڪاياوَم

+/س/ = لڪاياوَس

+/نِ/ = لڪاياوَنِ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| **⁕ /لڪايا/+/؟/=لڪايا** | **يا** | **+/اِين/=لڪايائين** | **۽** | **+/اُون/=لڪايائون** |
| +/م/=لڪايام | | +/م/=لڪايائينم | | +/م/=لڪايائونم |
| +/اِ/=لڪاياءِ | | +/اِ/=لڪايائينئِ | | +/اِ/=لڪايائونئِ |
| +/وَ/=لڪاياوَ | | +/وَ/=لڪايائينوَ | | +/وَ/=لڪايائونوَ |
| +/س/=لڪاياس | | +/س/=لڪايائينس | | +/س/=لڪايائونس |
| +/نِ/=لڪايانِ | | +/نِ/=لڪايائينِنِ | | +/نِ/=لڪايائونِنِ |

| | | |
|---|---|---|
| **⁕ /لڪائِي/ + / م/ = لڪائيم** | **يا** | **/مان/ = لڪائيمان** |
| +/اَءِ/ = لڪائيمَئہ | | +/اِ/ = لڪائيمانئہ |
| +/اَوَ/ = لڪائيمَوَ | | +/وَ/ = لڪائيمانوَ |
| +/اَس/ = لڪائيمَس | | +/س/= لڪائيمانس |
| +/اَنِ/ = لڪائيمَنِ | | +/نِ/ = لڪائيمانِنِ |

**⁕ /لڪائِي/ + /سي/ = لڪائِيسي**

+/اِ/ = لڪائيسيءِ

+/وَ/ = لڪائيسيوَ

+/س/ = لڪائيسيسِ

+/نِ/ = لڪائيسينِ

**❋ /لکائِي/ + /اِ/ = لکائِيئہ > لکايَئہ**

+/م/ = لکايَئم

+/س/ = لکايَئس

+/ن/ = لکايَئن

**❋ /لکائِي/ + /وَ/ = لکائيوَ > لکايَـوَ**

+/م/ = لکائِيوَم، لکايَـوَم

+/س/ = لکائِيوَس، لکايَـوَس

+/ن/ = لکائِيوَن، لکايَـوَن

**❋ /لکائِي/+/؟/=لکائِي يا +/اِين/ = لکائِيئين ۽ +/اُون/ = لکائيئون**

| | **> لکايَئين** | **> لکايئون** |
|---|---|---|
| +/م/=لکائِيم | +/م/=لکايَئينم | +/م/=لکايئونم |
| +/اِ/=لکائِيئہ > لکايَئہ | +/اِ/=لکايَئينئہ | +/اِ/=لکايئونئہ |
| +/وَ/=لکائِيوَ > لکايَـوَ | +/وَ/=لکايَئينوَ | +/وَ/=لکايئونوَ |
| +/س/=لکائِيس > لکايَس | +/س/=لکايَئينس | +/س/=لکايئونس |
| +/ن/=لکائِين > لکايَن | +/ن/=لکايَئينن | +/ن/=لکايئونن |

**❋ /لکايون/ + /م/ = لکايونم يا /مان/ = لکايونمان**

| | |
|---|---|
| +/اَءِ/ = لکايونمَئہ | +/اِ/ = لکايونمانئہ |
| +/اَوَ/ = لکايونمَوَ | +/وَ/ = لکايونمانوَ |
| +/اَس/ = لکايونمَس | +/س/=لکايونمانس |
| +/اَن/ = لکايونمَن | +/ن/ = لکايونمانن |

**❋ /لکايون/ + /سي/ = لکايونسي**

+/اِ/ = لکايونسيءِ

+/وَ/ = لکايونسيوَ

+/س/ = لکايونسيس

+/ن/ = لکايونسين

**❋ /لکايون/ + /اِ/ = لکايونئہ**

+/م/ = لکايونئم

+/س/ = لکايونئس

+/نِ/ = لڪايونئِنِ

**✽ /لڪايون/ + /وَ/ = لڪايونوَ**

+/م/ = لڪايونوَم

+/س/ = لڪايونوَس

+/نِ/ = لڪايونوَنِ

**✽ /لڪايون/+/؟/=لڪايون يا +/اِين/ = لڪايونئين ۽ +/اُون/ = لڪايونئون**

**> لڪايَئين > لڪايَئون**

+/م/=لڪايونم

+/اِ/=لڪايونئِ

+/وَ/=لڪايونوَ

+/س/=لڪايونس

+/نِ/=لڪايونِ

**✽ /لڪاء/ + /اِين/ + /ڏ/ = لڪائيندَ**

+/او/ = لڪائيندو

+/آ/ = لڪائيندا

+/اِي/ = لڪائيِندِي

+/اُون/ = لڪائينديون

+/اُم/ = لڪائيندُم

+/اَم/ = لڪائيندَم

+/اُءِ/ = لڪائيندءِ

+/اَءِ/ = لڪائيندَءِ

+/اُوَ/ = لڪائيندُوَ

+/اَوَ/ = لڪائيندَوَ

+/اُس/ = لڪائيندُس

+/اَس/ = لڪائيندَس

+/اُنِ/ = لڪائيندُنِ

+/اَنِ/ = لڪائيندَنِ

**❋ /لڪائيندو/ + /م/ = لڪائيندوم    يا    /مان/ = لڪائيندومان**

+/اَءِ/ = لڪائيندومَئِ    +/اِ/ = لڪائيندومانءِ

+/اَوَ/ = لڪائيندومَوَ    +/وَ/ = لڪائيندومانوَ

+/اَس/ = لڪائيندومَس    +/س/=لڪائيندومانس

+/اَنِ/ = لڪائيندومَنِ    +/نِ/ =لڪائيندومانِ

**❋ /لڪائيندي/+/م/ = لڪائيندِيم>لڪائيندم  يا  /مان/ = لڪائيندِيمان**

+/اَءِ/ = لڪائيندِيمَئِ    +/اِ/ = لڪائيندِيمانءِ

+/اَوَ/ = لڪائيندِيمَوَ    +/وَ/ = لڪائيندِيمانوَ

+/اَس/ = لڪائيندِيمَس    +/س/=لڪائيندِيمانس

+/اَن/ = لڪائيندِيمَنِ    +/نِ/ =لڪائيندِيمانِ

**❋ /لڪائيندا/ + /سي/ = لڪائينداسي**

+/اِ/ = لڪائينداسيءِ

+/وَ/ = لڪائينداسيوَ

+/س/ = لڪائينداسيسِ

+/نِ/ = لڪائينداسينِ

**❋ /لڪائيندِيون/ + /سي/ = لڪائيندِيونسي**

+/اِ/ = لڪائيندِيونسيءِ

+/وَ/ = لڪائيندِيونسيوَ

+/س/ = لڪائيندِيونسيسِ

+/نِ/ = لڪائيندِيونسينِ

**❋ /لڪائيند/ + /اَو/ = لڪائيندَو (لڪائيندؤ)**

+/م/ = لڪائيندؤم

+/س/ = لڪائيندؤسِ

+/نِ/ = لڪائيندؤنِ

**❋ /لڪائيندو/ + /؟/ = لڪائيندو...**

+/م/ = لڪائيندوم

+/اِ/ = لڪائيندوءِ

+/وَ/ = لڪائينڊووَ

+/س/ = لڪائينڊوسِ

+/نِ/ = لڪائينڊونِ

**❋ /لڪائينڊِي/ + /؟/ = لڪائينڊِي**

+/م/ = لڪائينڊِيم

+/اِ/ = لڪائينڊِيئِہ

+/وَ/ = لڪائينڊِيوَ

+/س/ = لڪائينڊِيسِ > لڪائينڊيَس

+/نِ/ = لڪائينڊِينِ > لڪائينڊيَنِ

**❋ /لڪائينڊا/ + /؟/ = لڪائينڊا**

+/م/ = لڪائينڊام > لڪائينڊَم

+/اِ/ = لڪائينڊاءِ > لڪائينڊَءِ

+/وَ/ = لڪائينڊاوَ > لڪائينڊَوَ

+/س/ = لڪائينڊاسِ > لڪائينڊَس

+/نِ/ = لڪائينڊانِ > لڪائينڊَنِ

**❋ /لڪائينڊيون/ + /؟/ = لڪائينڊيون**

+/م/ = لڪائينڊيونم > لڪائينڊَم

+/اِ/ = لڪائينڊيونئِہ > لڪائينڊَءِ

+/وَ/ = لڪائينڊيونوَ > لڪائينڊَوَ

+/س/ = لڪائينڊيونسِ > لڪائينڊَس

+/نِ/ = لڪائينڊيونِ > لڪائينڊَنِ

**❋ /لڪائينڊ/ + /آڙ/ = لڪائينڊَڙ**

+/اُ/ = لڪائينڊڙُ

+/آ/ = لڪائينڊڙَ

+/آو/ = لڪائينڊڙو!

**❋ /لڪائج/ + /آند/ = لڪائجند (؟)**

+/او/

+/آ/

+/اِي/

+/اُون/

+/اي/

+/آڙ/

* /لڪَ/ + /رَ/ = لڪَرَ = [ل + اِ + ڪ + ر]

+/اُ/ = لڪَـرُ

+/آ/ = لڪـرَ

+/او/ = لڪــرو

+/اِي/ = لڪــرِي

* /لڪر/ + /آء/ = لڪراء

+/اُ/ = لڪراءُ

+/او/ = لڪرايو

* /لڪراء/ + /آن/ = لڪرايان...

+/اُون/ = لڪرايون...

+/اين/ = لڪرائين...

+/او/ = لڪرايو...

+/اي/ = لڪرائي...

+/اِن/ = لڪرائن...

[نوٽ: /لڪاء/ کي ماڊل بنائي، /لڪاء/ جي بدران /لڪراء/ آڻي سموريون ضميري توڙي پيون پڇاڙيون ساڳي ئي ترتيب سان ملائي سگھجن ٿيون. ورجاءَ کان بچڻ لاءِ هتي رڳو ترت ڏاتو ٻول (Immediate stem words) ڏنا ويا آهن.]

+ /اِڻ/ = لڪرائڻ...

+ /ج/ = لڪرائج...

+/آن/ = لڪرائجان...

+/اُون/ = لڪرائجون...

+/اين/ = لڪرائجين...

+/او/ = لڪرائجو...

+/اي/ = لڪرائجي...

+/اَن/ = لڪرائجَن...

+/آڻ/ = لڪرائجَڻ ...

+ /ب/ = لڪرائب ...

+ /ي/ = لڪرائيہ ...

+/او/ = لڪرائيو لڪرايو...

+/آ/ = لڪرايا ...

+/اي/ = لڪرائِي ...

+/اُون/ = لڪرايون ...

...

+ /ايند/ = لڪرائيند

+/او/ = لڪرائيندو...

+/آ/ = لڪرائيندا ...

+/اي/ = لڪرائيندِي...

+/اُون/ = لڪرائينديون ...

[نوٽ: سنڌي ٻوليءَ ۾ متعدي بالواسطہ سان گڏ ٻٽو متعدي بالواسطہ ۾ 'ٻٽو ٻيٽو' متعدي بالواسطہ جا مثال پڻ موجود آهن (ڏسو ڊاڪٽر غلام علي الانا، **سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد**). باشعور ڪوشش ڪري، جيڪڏهن، انهن جو بلڪل درست مفهوم، انهن کي ڪم آڻڻ جو ٺهڪندڙ موقعو ۾ انهن سان لڳي سگهندڙ پڇاڙيون واضح ڪجن تہ سنڌي ٻولن جون سوين صورتون موجود ٿي سگهن ٿيون.]

/لک/ = [ل+اِ+ک] جي وائل آواز [اِ] جي تبديل ٿئي ٿي ۾ اهو بدلجي [اي] ٿئي ٿو تڏهن هڪ نئون ٻول ٺهي ٿو: /ليک/ = [ل+اي+ک]

| | |
|---|---|
| **❋ /ليک/** | **❋ /ليک/ + /آء/ = ليکاء** |
| + /اُ/ = ليکُ | + /اِ/ = ليکاءِ |
| + /اَ/ = ليکَ | + /او/ = ليکايو |
| + /او/ = ليکو | + /اُ/ = ليکاءُ |
| + /آ/ = ليکا | + /اَ/ = ليکاءَ |
| + /اِي/ = ليکِي | + /اُو/ = ليکائُو |
| + /اُون/ = ليکيون | |

+ /اِ/ = ليڪِ

+ /او/ = ليڪيو

+ /اي/ = ليڪي

+ /اُو/ = ليڪيو

**٭ /ليڪ/ + /ر/ + /آءِ/ = ليڪراءِ**

**٭ /ليڪ/ + /آن/ = ليڪيان**

+ /اِ/ = ليڪيانءِ + تو/تي

+ /وَ/ = ليڪيانوَ + تو/تي

+ /سِ/ = ليڪيانس + تو/تي

+ /نِ/ = ليڪيانِن + تو/تي

**٭ /ليڪاءِ/ +/آن/ = ليڪايان، ليڪائيان**

+/اِ/ = ليڪايانءِ+تو/تي

+/وَ/ = ليڪايانوَ+تو/تي

+/سِ/ = ليڪايانس+تو/تي

+/نِ/ = ليڪايانِن+تو/تي

**٭ /ليڪراءِ/ + /آن/ = ليڪرايان**

**٭ /ليڪ/ + /اُون/ = ليڪيون**

+ /اِ/ = ليڪيونئہ + تا/تيون

+ /وَ/ = ليڪيونوَ + تا/تيون

+ /سِ/ = ليڪيونس + تا/تيون

+ /نِ/ = ليڪيونِن + تا/تيون

**٭ /ليڪاءِ/+/اُون/ = ليڪايون، ليڪائيون**

+ /اِ/ = ليڪايونئہ+تا/تيون

+ /وَ/ = ليڪايونوَ+تا/تيون

+/سِ/ =ليڪايونس+تا/تيون

+/نِ/ = ليڪايونِن+تا/تيون

**٭ /ليڪراءِ/ + /اُون/ = ليڪرائيون**

**٭ /ليڪ/ + /اين/ = ليڪين**

+ /م/ = ليڪينم + تو/تي

+ /سِ/ = ليڪينس + تو/تي

+ /نِ/ = ليڪينِن + تو/تي

**٭ /ليڪاءِ/+/اين/ = ليڪائين**

+/م/ = ليڪائينم+تو/تي

+/سِ/ =ليڪائينس+تو/تي

+ /نِ/ = ليڪائينِن+تو/تي

**٭ /ليڪراءِ/ + /اين/ = ليڪرائين**

**٭ /ليڪ/ + /او/ = ليڪيو**

+ /م/ = ليڪيوم + تا/تيون

+ /سِ/ = ليڪيوس + تا/تيون

+ /نِ/ = ليڪيونِ + تا/تيون

**٭ /ليڪاءِ/+/او/ = ليڪايو ليڪائيو**

+/م/ = ليڪايوم+تا/تيون

+/سِ/ =ليڪايوس+تا/تيون

+ /نِ/ = ليڪايونِ+تا/تيون

❋ /ليڪراءِ/ + /او/ = ليڪرايو

❋ /ليڪ/ + /اي/ = ليڪي

+ /م/ = ليڪيم + تو/تي

+ /اِ/ = ليڪيئہ + تو/تي

+ /وَ/ = ليڪيوَ + تو/تي

+ /سِ/ = ليڪيس + تو/تي

+ /نِ/ = ليڪينِ + تو/تي

❋ /ليڪاءِ/ +/اي/ = ليڪائي

+ /م/ = ليڪائيم+تو/تي

+ /اِ/ = ليڪائيئِہ + تو/تي

+ /وَ/ = ليڪائيوَ + تو/تي

+/سِ/ = ليڪائيس+تو/تي

+ /نِ/ = ليڪائينِ+ تو/تي

❋ /ليڪراءِ/ + /اي/ = ليڪرائي...

❋ /ليڪ/ + /اِن/ = ليڪن

+ /م/ = ليڪنم + تا/تيون

+ /اِ/ = ليڪنئہ + تو/تيون

+ /وَ/ = ليڪنوَ + تا/تيون

+ /سِ/ = ليڪنس + تا/تيون

+ /نِ/ = ليڪننِ + تا/تيون

❋ /ليڪاءِ/ +/اِن/ = ليڪائن

+/م/ = ليڪائنم+تا/تيون

+ /اِ/ = ليڪائنئِہ+تا/تيون

+ /وَ/ = ليڪائنوَ+تا/تيون

+/سِ/= ليڪائنس+تا/تيون

+ /نِ/ = ليڪائننِ+تا/تيون

❋ /ليڪراءِ/ + /اِن/ = ليڪرائن...

❋ /ليڪ/ + /اِڙ/ = ليڪڙ

+ /اُ/ = ليڪڙُ

+ /او/ = ليڪڙو

+ /آ/ = ليڪڙا

+ /اِي/ = ليڪڙِي

+ /اُون/ = ليڪڙيون

❋ /ليڪاءِ/ +/اِڙ/ = ليڪائڙ

+ /اُ/ = ليڪائڙُ

+ /او/ = ليڪائڙو

+ /آ/ = ليڪائڙا

+ /اِي/= ليڪائڙِي

+ /اُون/ = ليڪائڙيون

❋ /ليڪراءِ/ + /اِڙ/ = ليڪرائڙِ...

❋ /ليڪ/ + /ج/ = ليڪج

+ /آن/ = ليڪجان...

+ /اُون/ = ليڪجون...

+ /اين/ = ليڪجين...

❋ /ليڪاءِ/ +/ج/ = ليڪائج

+ /آن/ = ليڪائجان...

+ /اُون/ = ليڪائجون...

+ /اين/ = ليڪائجين...

+ /او/ = ليکجو...
+ /اي/ = ليکجي...
+ /اَن/ = ليکجن...

+ /او/= ليڪائجو..
+ /اي/ = ليڪائجي...
+ /اَن/ = ليڪائجن...

**❋ /ليڪراءِ/ + /ج/ = ليڪرائج**

**❋ /ليک/ + /ب/ = ليکب**

+ /او/ = ليکبو
+ /آ/ = ليکبا
+ /اِي/ = ليکبِي
+ /اُون/ = ليکبيون
+ /اُم/ = ليکبُم
+ /اَم/ = ليکبَم
+ /اُءِ/ = ليکبُئه
+ /اَءِ/ = ليکبَئه
+ /اُوَ/ = ليکبُوَ
+ /اَوَ/ = ليکبَوَ
+ /اُس/ = ليکبُس
+ /اَس/ = ليکبَس
+ /اُن/ = ليکبُن
+ /اَن/ = ليکبَن

**❋ /ليڪاءِ/ +/ب/ = ليڪائب**

+ /او/ = ليڪائبو
+ /آ/ = ليڪائبا
+ /اِي/ = ليڪائبِي
+ /اُون/= ليڪائبيون
+ /اُم/ = ليڪائبُم
+ /اَم/ = ليڪائبَم
+ /اُءِ/ = ليڪائبُئه
+ /اَءِ/ = ليڪائبَئه
+ /اُوَ/ = ليڪائبُوَ
+ /اَوَ/ = ليڪائبَوَ
+ /اُس/ = ليڪائبُس
+ /اَس/ = ليڪائبَس
+ /اُن/ = ليڪائبُن
+ /اَن/ = ليڪائبَن

**❋ /ليڪراءِ/ + /ب/ = ليڪرائب**

**❋ /ليک/ + /ي/ = ليکيه**

+ /او/ = ليکيو
+ /آ/ = ليکيا
+ /اِي/ = ليکيِي
+ /اُون/ = ليکيُون
+ /اُم/ = ليکيُم
+ /اَم/ = ليکيَم

**❋ /ليڪاءِ/ +/ي/ = ليڪائيه، ليڪاي**

+ /او/ = ليڪايو ليڪائيو
+ /آ/ = ليڪايا، ليڪائيا
+ /اِي/ = ليڪائِي
+ /اُون/= ليڪايون
+ /اُم/ = ليڪايُم
+ /اَم/ = ليڪايَم

| | |
|---|---|
| + /اُءِ/ = ليڪيُئہ | + /اُءِ/ = ليڪايُئہ |
| + /اَءِ/ = ليڪيَئہ | + /اَءِ/ = ليڪايَئہ |
| + /اُوَ/ = ليڪيُوَ | + /اُوَ/ = ليڪايُـوَ |
| + /اَوَ/ = ليڪيَوَ | + /اَوَ/ = ليڪايَـوَ |
| + /اُس/ = ليڪيُس | + /اُس/ = ليڪايُس |
| + /اَس/ = ليڪيَس | + /اَس/ = ليڪايَس |
| + /اُن/ = ليڪيُن | + /اُن/ = ليڪايُن |
| + /اَن/ = ليڪيَن | + /اَن/ = ليڪايَن |

**❋ /ليڪراءِ/ + /ي/ = ليڪراي**

**❋ /ليڪيومان/ + /اِ/، + /وَ/، + /س/، + /ن/**

**❋ /ليڪايومان/ +/اِ/، + /وَ/، + /س/، + /ن/**

**❋ ليڪيوسي...        ❋ /ليڪايوسي...**

**❋ /ليڪيُئہ/ + /م/، + /س/، + /ن/**

**❋ /ليڪائُئہ/ +/م/، + /س/، + /ن/**

**❋ ليڪيوَ        ❋ /ليڪايوَ**

**❋ /ليڪيو/ + /م/، + /اِ/، + /وَ/ + /س/، + /ن/**

**❋ /ليڪايو/ +/م/، + /اِ/، + /وَ/ + /س/، + /ن/**

**❋ ليڪيَئين...        ❋ /ليڪايَئين...**

**❋ ليڪيَئون...        ❋ /ليڪايئون...**

**❋ /ليڪ/+/اِين/+/د/ = ليڪيند        ❋ /ليڪاءِ/+/اِين/+/د/ = ليڪائيند**

| | |
|---|---|
| +/او/ = ليڪيندو... | + /او/ = ليڪائيندو... |
| +/آ/ = ليڪيندا... | + /آ/ = ليڪائيندا... |
| +/اِي/ = ليڪينڊِي... | + /اِي/ = ليڪائينڊِي... |
| +/اُون/ = ليڪينديُون... | +/اُون/=ليڪائينديُون... |
| +/اي/ = ليڪيندي | + /اي/ = ليڪائيندي |
| +/اُم/ = ليڪيندُم | + /اُم/ = ليڪائيندُم |

+/اَم/ = ليکيندَم
+/اُءِ/ = ليکيندُءِ
+/اَءِ/ = ليکيندَءِ
+/اُوَ/ = ليکيندُوَ
+/اَوَ/ = ليکيندَوَ
+/اُس/ = ليکيندُس
+/اَس/ = ليکيندَس
+/اُن/ = ليکيندُن
+/اَن/ = ليکيندَن

+ /اَم/ = ليکائيندَم
+ /اُءِ/ = ليکائيندُءِ
+ /اَءِ/ = ليکائيندَءِ
+ /اُوَ/ = ليکائيندُوَ
+ /اَوَ/ = ليکائيندَوَ
+ /اُس/ = ليکائيندُس
+ /اَس/ = ليکائيندَس
+ /اُن/ = ليکائيندُن
+ /اَن/ = ليکائيندَن

**٭ /ليکرائيند...**

**٭ /ليکيند/+/آڙ/ = ليکيندڙ**
+/اُ/ = ليکيندڙُ
+/اَ/ = ليکيندڙَ
+/اَو/ = ليکيندڙَوا!

**٭ /ليکائيند/+/آڙ/ = ليکائيندڙ**
+ /اُ/ = ليکائيندڙُ
+ /اَ/ = ليکائيندڙَ
+ /اَو/ = ليکائيندڙَوا!

**٭ /ليک/+/ج/+/اَن/+/د/ = ليکجَند...**

**٭ /ليکاء/+/ج/+/اَن/+/د/ = ليکائجند...**

[نوٽ: ٻتو بالواسطہ ۽ 'ٻتو ٻيٽو' متعدي بالواسطہ صورتن کي شعوري طرح سينگاري ڪم آڻي سگهجي ٿو.]

**٭ /ليک/+/اَڪ/ = ليکڪ**
+/اُ/ = ليکڪُ
+/اَ/ = ليکڪَ
+/آ/ = ليکڪا
+/اُون/ = ليکڪائون

**٭ /ليکاءِ/+/اَڪ/ = ليکائڪ**
+ /اُ/ = ليکائڪُ
+ /اَ/ = ليکائڪَ

**٭ /ليک/+/اڙ/ (يا /ڙ/) = ليکڙ**
+/اُ/ = ليکڙُ
+/اَ/ = ليکڙَ
+/او/ = ليکڙو

+/آ/ = ليڪـڙا

+/اُو/ = ليڪـڙُو

**٭ /ليڪ/+/آر/ = ليڪار**

+/اُ/ = ليڪارُ

+/اِي/ = ليڪارِي

+/آ/ = ليڪارَ

**٭ /ليڪار/+/اَڪُ/ = ليڪارڪ**

+/او/ = ليڪارڪو

+/آ/ = ليڪارڪا

+/اِي/ = ليڪارِڪي

+/اُون/ = ليڪارڪيون

**[ ٭ لِڪَڻُ: مصدر (سن. لِکَن = لکڻ)... ليڪائِي ڪرڻ... لڪي وڃڻ... لڪي ڇڏڻ...**

- لڪيل ج لڪيَلَ... لڪي ڇڏيل
- لڪيل پڙهيل:
- لڪڻهارُ ج لڪڻهارَ: لڪڻهارو... ليڪاري ـ ليڪڪ...
- لڪٽِي ج لڪٽيون: لڪت
- لڪٽيداس:
- لڪيت ج لڪيتون
- لڪيو انگ پَرَڻُ: ... لڪئي کي لوڙڻ
- لڪيو ماٽڻ:
- لڪئي جون لامون کوڙڻ... لکيو انگ پورو ٿيڻ
- ليڪُ ج ليڪَ: (سن. لِڪشام لِک = لکڻ)...
- ليڪارو ج ليڪارا:
- ليڪاري ج ليڪاري:
- ليڪڪُ ج ليڪڪَ: ليک لکندڙ ـ لکڻ وارو...
- ليکَڻِ ج ليکڻيون:
- ليکو:

- ليڪائتو ج ليڪائتا:
- ليڪو پيرڻ:
- ليڪو پائڻ:
- ليڪو چوڪو ج ليڪا چوڪا:
- ليڪو ڪولڻ:
- ليڪو لاهڻ:
- ليڪو ليڪائتو:
- ليڪيو وجهڻ:
- ليڪي: ... (جيئن "منهنجي ليڪي ۾")...
- ليڪي باقي:
- ليڪي پاڙُ ج ليڪي پاڙَ:
- ليڪي کي ليڪ ڏيڻ: ليڪو چڪتو ڪرڻ...
- ليڪي ۾ گُهٻَت ڪرڻ:
- ليڪي ۾ نہ هجڻ:
- ليڪائڻ:
- ليڪاٽِي:
- لڪاوتَ ج لڪاوتون:
- لڪت پڙهت: لڪپڙهہ...
- لڪپڙهہ ج لڪپڙهون:... لڪاوت... '**جامع سنڌي لغات**'، جلد_5 تان ورتل]

[نوٽ: ليڪڪُ آوازن (Sounds)، صوتين (Phonemes) ۽ صرفين (Morphemes) جي هن سڄي منظم سٽاءَ کي انساني ذهانت جو هڪ اعليٰ سگهڙ مثال سمجهي ٿو ۽ انهيءَ ترتيب کي ذهن ۾ رکندي ڪي نتيجا اخذ ڪري ٿو جن جو ذڪر '**ٻول جوبڻ**'[20] ۾ تفصيل سان ڪيو ويو آهي.]

## سنڌي هڪ مستحڪم سيپتا:

آرين جي آمد کان اڳ سنڌي سماج شڪاري ۽ ڏراڙڪو ثقافتي ڏاڪو اڪري ڳڌهوڪو پوڪي راهيءَ جي ڏور ۾ اچي ڪي ئي منزلون اڳتي وڌي چڪو هو. جڏهن

[20] هيءُ ڪتابُ ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران 2007ع ۾ ڇپرايو ويو آهي. (رياضت)

ٻه ٻه ثقافتون ويڙهه ۾ چٽاڀيٽيءَ جي عمل ۾ داخل ٿين ٿيون يا گڏ رهڻ تي مجبور هجن ٿڏهن. بهرحال، آخري نتيجو اهو هوندو آهي تہ برتر ثقافت پاڻ کان گهٽ ثقافت تي چانئجڻ لڳندي آهي ۽ گهٽ ثقافت کي برتر ثقافت کان گهڻو ڪجهه وٺڻو پوندو آهي. پوءِ چو نہ اها ثقافت ڪنهن اهڙي ٽولي سان واسطو رکندي هجي جنهن ڪنهن بہ نموني پنهنجي حڪمراني قائم ڪري ورتي هجي ۽ سنڌ ۾ بہ اهو عمل ٿيو. آريا حڪمراني دوران سنڌي سماج بہ گهڻو ڪجهه ورتو پر گهڻو ڪجهه ڏنو بہ. شڪاري آرين کي، جيڪي پنهنجو گهر، گهر واري ۽ گهر وارا پاڻ سان گڏ کڻي هلندا هئا، انهن کي ٽڪاءَ واري ثقافت، پوکي راهيءَ جو رستو وٺڻو پيو.

- ڪيتي ٻاڙيءَ جا لفظ ۽ اصطلاح بہ بيشمار آهن، جي ڪنا ڪجن تہ هڪ چڱي چوکي لغت ٺهجي پوي ۽ عجب لڳي تہ انهن جي پاڙ بہ سنسڪرت ۾ مشڪل سان ملندي. ٿورا ئي اکر هت ڏجن ٿا، جي آهن: ڪاڏو، پڙوو (ڪڏ)، ڪهر (وڊيل جهنگ جو ڍير)، آٽُو (ٻني)، سانهر (ڪاٺ جو تختو)، پيل (پوک جو نقصان)، منَهہ، چنو مهرو (اپو گهڙيل نار)، ڪاجڻ (ڊگهي ڪاني)، پارونڀ (مڪڙي اتڪائڻ واري ڪاني)، ارا (چڪر جا ڦرها)، ڳاڏي (تختو)، ٻائڙ، ٽارا، ايريون (ڪوڙ جون نڍيون ڪانيون)، پاڙچ (ڪاٺ جو وڏو نارو)، رونبو وهراج، ڊِڍو (ڪچڙو سنگ)، لابارو (ٻني لٽڻ)، ڪڙٻ، پلال، پراڙ ڳاهڻ، وائرڻ وغيره. (**رچنداڻي** [1989] 36)
- ڪوهستان ۾ عربن جي حملي کان پوءِ سما وڃي رهيا هئا ۽ سما سنڌ جي اصلي قومن مان هڪ قوم آهن. ان ايراضيءَ ۾ جيڪي بہ هالو چالو لفظ آهن، سي پراڻي سنڌيءَ جي مهڪ ڏين ٿا ۽ انهن جو مول سنسڪرت ۾ مشڪل سان ملندو. انهن مان ڪجهہ لفظ اجهي هي آهن: سرچو (آباد)، لوهيون (ڪلون)، ڳيڙو (برسات)، مڙيانو (کير جي ڌُهائي)، ٻچ (ڪپڙا)، چچ (پيٽ)، گدو (موڙو)، ماچاند (واڙو)، اوڙ (ڪيتي)، جهڪون (ڏبريون)، مرئيون (ڪتيون)، ٽاڪيون (پتڙيون)، جوال، گريتا (ڏاس مان نهيل ڳوٽيون)، پتي (مزدوري)، ڳچ (گهنج)، ڳم (نشو)، اڪورو (ٻاڪرو)، پاهو (ريڍو)، سنڊ (برتڻ)، ٻدي (چمڙي جي ڳوٿري)، ٻوڊو (نندي مشڪ)، ڳاري (چقمقي پٿر)، روسي (دانهوڙ)، ٿور (ڦرڻ جو ڏڻ)، ميڙايانو (ڏارائڻ)، سرڳون ۽ ارڳون (ٻڪرين جا قسم)، ٻتا (ڍڪ)، ڏڙڪي (رلي)، مندريا (اڙيا)، گهورا (ڳولائو)، ننڌ (ڪنجوس)، تاڏ (ڳانيون)، ڦندڪ

(ٺونگو)، پنوري (ساجهر)، ڪکر (پٿريلي زمين)، رٽ (سيلابي زمين)، وٽ (وڏا پٿر)، کورين ۽ گگڙيون (وٽن جا نالا)، سنبهار (ٻوٽو)، سيونگ (گاهه جو قسم)، ڪنڌي (پاڇين جو ڏڳ)، ارڪ (ٺونٺ)، ورانڊ (پيشن، پوباڙي)، ٽوبي (روٽي ڪرڻ لاءِ پٿر)، دالي، شٺ (ڪٺهڙو)، ڊيگڙ (روٽلو)، جهمٽي (مڏي ٻيڙي)، ڏل (تلسيءَ جو پن ۽ گل)، ڊس (ڪيپ، نواڙو)، ٻانپ (ٻيلا)، گهڙ (ٻيڻ نوڙيءَ جي)، ڊانڊ (اڙاهه، باهه جو مچ)، ٻوڪو دلُوچور (ڏول)، مونڊو يا جلوبو (سگري)، ونگاڙ (للڪار)، ڇٽات (ڪڙڪو)، رُگهه (گُهٽ، ڪاڙهو اهمو)، ويگڙ (مصالحو چٽڻي)، اٻاٻ (سِڪ، قرب)، اجهنڊو پِيپ (اوندهه)، ڊَڪي (اسر، پنيرڪو)، گهينگو (ڦندڻ)، هوبو (پڙاڏو)، هڏڪ (ٻربر، پرک، آسرو)، ڇچ (گاگڙو سپ)، جڄ (جهنگل)، مجر (ڏيڻ)، ولر، سنگهي (پکين جو ميڙ)، ڪير (رڍن جو ڌڻ)، لوگهو (ٻرگهل)، ڪيڄ (جوٺ، اوجهر)، چير (لٽو ڪپڙو)، ڇهر (ڇوڪري)، ڪت (منهون مجر)، اير (ٻڪرار)، ڪگهه، گهٽ، واڙل (ڪنٺ، مالا)، کهو جهپاٽو (طوفان)، وهر (گانءِ کي گرمي)، مهر (گهڙي کي گرمي)، سڄ (راند لاءِ ڪڏ)، تس (نديءَ ۾ سوراخ)، (**ايضاً**، ص 37-36)

- بيمارين جا ٻه جيڪي نالا سنڌيءَ ۾ آهن، انهن جو سنسڪرت مول ورلي ملندو. جهڙوڪ: پيچش، اک ۾ ڪتر، اڄ، آگر ويڙهه، آرايون، اُٻاسي، ڳڍڙيون، ڦرڙي، ڦوڦيندو، چوڪ، ڦيسر، ڏنڊڻ پوڻ، سرطاني {!} ڳوڙهو، سيٺ، سَٽ، سِيڪيون، ڪچوراڙي، ڪڙنهن، ليس، لڦ، موڪا، سرت، موهيڙا، نڪ هير، وائي سور، چرندوار، هڏڪي، سائي وغيره. (**ايضاً**، ص 32-31)
- پسار، پاڇين، مصالحن، بيمارين وغيره جا نالا ٻه ڪيترا اهڙا آهن جن جو آد سنسڪرت ۾ ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ جن مان ڪي پوءِ جي منزل واريءَ سنسڪرت ۾ داخل ڪيا ويا هوندا.

{هتي هڪ ڊگهو شعر ڏنل آهي جنهن ۾ 88 مختلف وڻن جا نالا ڏنل آهن...} چانيهو گيسوڦل، واءِ وٽنگ، هيرڻ، ڪاشني، ڊاک، ڪرياتو رسوَل، جرڦل، پيپلا مول، دالچيني، ڪباب چيني، ڪنڊياري، ورڄ، پٽو پٽر، هريٽر، آورا، ٻهيڙا، گهيرو ڏاتورو ايريال، پيري، مروڙ ڦلي، بيلگري، ناگ قيصر، ايريو اتيس، ڪڙاچال، ڪيترو {ڪتيرو}، رال وغيره. (**ايضاً**، ص 31-30)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن پنهنجي ڪتاب **سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ** [1990] ۾ البيروني (جنهن کي ڪي عالم 'سنڌي' سمجهندا آهن) جي ڪتاب **الصيدنہ** (1050_1051) ۾ آيل ستر کن سنڌي نالن جي جدول ڏني آهي، جن ۾ جواڻ (جاڻ)، جيرو/جيروا، مَرچ (مِرچ)، سِڱر (ڪنڌيءَ جا)، ڪُنڀهو هلدر (هيڊ)، ڪٿوري، هڙتال، ٻُلو (ٻلهڻ)، سُورن ڪُٽي (سونَ ڪُٽ)، رُپاڪُٽي (رُپا ڪُٽَ)، هِڱ، هملو (هرمرو)، لِمَ (نم) وغيره پڻ شامل آهن.

رچنداڻي صاحب جن، سنڌي سازن ۽ زيورن جا ستر کن نالا ڄاڻايا آهن، پر واضح طرح اهو نہ ٻڌايو آهي تہ اهي ٻول سنسڪرت ۾ بہ موجود آهن يا نہ. باقي صفحي 29 ۽ 30 تي "روزاني جيون ۾ چالو اکر بہ ٻنهي ٻولين ۾ نرالي روپ وارا آهن. هتي ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:" چوندي سنسڪرت ۽ سنڌي ٻول ڏنا آهن. ڪي سنڌي ٻول هيٺ ڏجن ٿا:

- ونجهہ، ٻهاري، مداري، ڌوٻي، پاوڙو واڍو شڪاري، ڪلال، ڪتاڻ، ڏاڏو لوئي، مائو چانور، واڱڻ، نانو مامو نڱ، ريتي، ڇَڪي، لڏو ملائي، آچار بصر، ڏاڳو ساڙهي، مال پڙو ڇاڄ، ٿُوري، ڇاڇو نائي، توڪري، جُوتو ڪڇوري، مکڻ، ڇنڊي، پينڍي، ڌوتي، انگوچو آهر، ٻاجهري، ڪدو پڙڏاڏو ڇاڇي، ڏيراڻي {ڏيرياڻي} وغيره.
- جهمٽمل وسناڻيءَ **وٿيتپي ڪوش** ۾ هزار ڏيڍ کن تہ واهہ جو اهڙا ڌاتو ڏنا آهن، جي سنسڪرت جا ڇيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ هن اهو بہ صاف ڄاڻايو آهي تہ "سڀ ڪومول شبد سنسڪرت ڌاتو نہ آهي." {هيٺ ٻنهي ٻولن جا هڪجهڙا اچار رکندڙ ٻول ڏار ڏار نہ ٿا ڏجن. باقي فرق رکندڙ سنسڪرت ٻول ڏنگيءَ ۾ ڏجن ٿا}:

هاڃ (هان)، سک، سِنڌ سَنڌ، ويلا، ورلو (ورل)، واٽ، للاٽ، رڻ، ملهہ (مل)، پيٽ، پَٽ (پٽڪ)، ڪٽڪ، هٽ سَر (شر يعني ڪانوَ)، ويدن {ويڌن؟}، وٽ، ول، لنب، جاجڪ (ياجڪ)، مس، پٽ، نچ، سارنگ، ورٽ، ورهہ، وارڻ، لوهہ، روڪ، مڄ (منج)، پل، نم (نمب) وغيره. (**رچنداڻي** [1989] 26)

- ڪي الفاظ نہ ڪي سنسڪرت ۾ تہ نہ ڪي ايراني يا سامي زبانن ۾ آهن، مگر سنڌي ۽ براهوڪي، ٻنهي ۾ يڪسان موجود آهن:

| سنڌي | براهوڪي | سنڌي | براهوڪي |
| --- | --- | --- | --- |

| | | | |
|---|---|---|---|
| منجهند | منجن | ڪڪڙا | ڪڪڙا |
| ڪُڙي | ڪُري | لُڪ | لڪ |
| ڪارِي (ڪارينڊڙ) | ڪارِي | ٻولڙو | ٻُولو |
| اوجهري | اوجرنڪ | پِنِي (چنگهه جي) | پني |
| جهڙ | جڙ (ڪوهيڙو) | تُوم | تُوم |
| ڪبڙ | ڪبڙ | ڏِٻِي | ڏِٻِي |
| ڪوپري (مٽي جي) | ڪوپڙي | رنبي | رنبي |
| ٽونٽ | ٽوت | تنوار | توار |
| ڳوٽري | ڳوٽري | (**بلوچ** [1990] 12) | |

مٿي ڏنل سمورن ٻولن تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي احساس ٿئي ٿو ته انهن مان گهڻا اڄ به جيئن جو تيئن اچاريا, ڳالهايا ۽ ساڳي مفهوم لاءِ ڪم آندا وڃن ٿا.

**چُوسٽا/داخلي ڌماڪيدار آواز:**

سنڌيءَ ۾ **ٻ**، **ڄ**، **ڏ** ۽ **ڳ** اهي چار نج سنڌي اکر ليکيا وڃن ٿا. انهن مان ڪو به اکر جنهن لفظ ۾ ايندو آهي سو نج سنڌي لفظ ليکيو ويندو آهي, مثلاً ڄڄ، ٻڏڻ، ڏيڻ، ڳڱ. هي چارئي اکر نه ڪي سنسڪرت ۾، نه ڪي ڪنهن پراڪرت ٻوليءَ ۾ آهن، ته پوءِ اسان ڪٿان آندا؟ پڌرو پيو آهي ته سرائيڪي ڳالهائيندڙن سان نهايت قديم زماني کان وٺي، ويندي ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين تائين، گهڻو لهه وچڙ ۾ اچڻ جي ڪري ڪائنڻ سکيا آهيون. (**پيرومل** [1972] 76)... سنڌي ٻوليءَ تي داردڪ ٻولين جو اهڙو اثر ٿيو آهي. (**ايضاً**، ص_87)

پيرومل جن جي هيءَ راءِ چڪاس لائق آهي. گذريل سوا هزار ورهين کان سنڌي مسلمان عربيءَ ٻوليءَ سان گهاٽي ناتي ۾ آهن. عقيدي جي ڪري عربي آوازن ۽ اچارن کي درست نموني ڳالهائڻ جي پڻ شعوري ڪوشش ٿيندي پئي رهي آهي، پر اڄ ڏينهن تائين اهي عربي آواز سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي آوازن جهڙا ناهن. جيئن: [ث]، [ذ]، [ص]، [ض]، [ط]، [ظ]، [ع] وغيره سنڌي سماج ۾ عوامي سطح تي درست نموني نه ٿا اچاريا وڃن. ان جو صاف مطلب هي ٿيو ته [ٻ]، [ڏ]، [ڄ] ۽ [ڳ]، جيڪي سنڌي

سماج ۾ هر سطح تي سولائيءَ سان اچاريا وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪن ٻين ٻولين مان سکيا/ورتا ويا آهن تہ بہ ڪين انهيءَ ڪان وڌيڪ عرصو گهربل آهي.

عربن جي سنڌ ۾ آمد کان هڪ هزار ورهہ اڳ تائين 'ترڪي دارڊي' جي سنڌ ۾ موجودگيءَ جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن ڪن ٿا:

> انهيءَ دَور (چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ) واري سنڌ جي هن سامي-صفت زبان جي سنبنڌ جو امڪان هڪ طرف دراوڙي زبان سان، ٻئي طرف ايراني زبانن سان، تہ ٽئين طرف 'ملتان کان ڪشمير' وارين 'سنڌي-وري ٻولن' سان ٿي سگهي ٿو. ازانسواءِ هندستان جي اتر-اولهہ وارن پهاڙي لڪن مان بہ اتي جي دارڊي قومن جو ڪشمير کان ملتان تائين رهندڙ ماڻهن سان، اصل-آريائي قرابت توڙي مسلسل هجرت ۽ آمدورفت سببان تعلق رهيو. جنهنڪري هن سڄي اتر-اولهہ خطي تي دارڊي ٻولين جو پڙ اثر پيو. انهيءَ ڪري ڪشميري، ملتاني ۽ سنڌي ٻولين جو رنگ ڍنگ ٻين هند-آريائي ٻولين کان نرالو ٿيو ۽ انهن ٽنهي ٻولين ۾ هڪ بنيادي نسبت پيدا ٿي. (**بلوچ** [1990] 4)

سنڌي سماج ۾ عربيءَ جي دخل ۽ اثر کي نظرن ۾ رکندي ۽ مٿئين تڪري کي سوچ ويچار هيٺ آڻيندي ڪو بہ ماڻهو ايئن نہ چئي سگهندو تہ مٿي ڄاڻايل آواز جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جا بنهہ پنهنجا آواز نہ آهن تہ اهڙي (ذڪر ڪيل) ڇڏي تعلق جي ڪري ڪو ٻين يعني دارڊي ٻولين کان ورتا ويا هوندا ۽ اهي وري سڄي سماج ۾ مروج ٿي سگهيا هوندا.

انهيءَ کان 5 سؤ ورهہ اڳ تائين سنڌي سماج تي ڪنهن بہ اهڙيءَ ٻوليءَ جو غلبو نہ رهيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آواز موجود هجن. ٻيو تہ، فطري طرح هتي هڪ سوال ٿو اڀري تہ، ڇا اهو لازمي آهي تہ اهي آواز سنڌي ٻوليءَ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ کان ئي ورتا هجن. ڇا اهو ممڪن ناهي تہ اهي آواز سنڌي ٻوليءَ جا بنهہ پنهنجا ئي هجن؟

جاهن ڄِي بورڊي [ٻ]، [ڏ]، [ڄ] ۽ [ڳ] تي تفصيلي بحث ڪيو آهي:

> The recency or antiquity of development may also be indicated by such investigation. Where one or an other feature as a marker on the road to uniqueness of identity.

Alternately, it may be used to indicate the degree of distance between two related languages… through the use of these [ٻ, ڏ, ڄ, ڳ] implosives. Sindhi has a three_way contrast among its stop phonemes. These are contrasts between Voice and its absense, Aspiration and its absense, and Ipmlosion and its counter. Additionaly Sindhi makes use of five articulatory positions: Bilabial, Dental, Alveolar, Palatal and Velar. These features and positions produce one of the more luxariant stop systems known in any Language for a total of twenty four stop phonemes.

What is unusual about the implosives is the general rarity of such sounds in Language other than those of Africa. Indo_European Languages use implosives only frequently and then usually not as a distinctive set with several members. When used, they seem to be onomatopoetic for most part representing a limited number of events. Implosive do accur, however, in several languages in Asia… these seem to be emphatics distinctively rather than implosives and appear in some instances to be in free variation with the corresponding explosives. Khubchandani mentions implosives in free variation with the corressponding explosive stops in Rajasthani and Gujrati as well as in Multani. These would seem to be the result of Sindhi influences under certain conditions. (Bordie [1975] 270_271)

**آوازن ۽ ٻولن جي تبديل:**

اهو بيان شڪ جوڳو آهي تہ هر اهو ٻول جنهن ۾ [ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ] شامل هجن اهو لازمي طرح سنڌي ٻول هوندو. ٻوليون ٻين کان ورتل ٻولن ۾ پنهنجيءَ طبيعت ۽ اچار-سهنج جي لحاظ کان تبديلي آڻينديون آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ بہ يقيناً ايئن ڪيو آهي، پر ان جو قطعي اهو مطلب ناهي تہ ڪنهن بہ ٻيءَ ٻوليءَ سنڌيءَ کان ڪو هڪ ٻول بہ نہ ورتو آهي يا ان جي ٻول کي پنهنجيءَ طبيعت ۽ اچار-سهنج جي لحاظ کان تبديلي نہ آندي آهي. جيئن سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ڪي عربي آواز اچاري نہ ٿا سگهن، تيئن عربي ڳالهائيندڙ بہ سنڌي جا [ٻ، ڀ، ٿ، ٽ، ٺ، ڄ، جهہ، ڃ، ڇ، ڇ، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ڙ ڦ، ڪ، ڳ، ڱ، گهہ، ڻ ۽ ڙهہ] اچاري نہ سگهندا ۽ اهڙو ڪو بہ ٻول جنهن ۾ انهن مان ڪو هڪ بہ آواز موجود هوندو يقيناً عربي ٻولي ايئن بگاڙي ڇڏيندي جيئن اسان ان جي [ث ۽ ص، ذ، ض ۽ ظ ۽ ط، ع ۽ غ] سان ڪيو آهي.

ساڳيءَ طرح، جنهن ٻوليءَ ۾ مثال طور [ڄ] ۽ [ڻ] نہ هوندا ۽ اهڙو ڪو ٻول سنڌيءَ کان وٺندي جنهن ۾ اهي آواز موجود هوندا تہ انهن کي واريسر [ج] ۽ [ن] ڪري ڇڏيندي. مثال طور، ليڪڪ جي نظر ۾ هڪ ٻول آهي /ڄَڻ/ (ڄڻڻ).

جيڪو [ڄ] ۽ [ڻ] نہ ٿو اچاري سگهي، اهو چوندو /جَن/ (جَنَن، جننا). رومن الفابيٽ ۾ ان کي لکبو /gen/ (Genan) يا /jen/ (Jenan). [نوٽ: اها ڳالهہ ياد رکي وڃي تہ رومن الفابيٽ ۾ وائل (vowel) اکر يعني حرف علت ڪل پنج آهن: a، e، i، o ۽ u. ڪڏهن ڪڏهن w ۽ y کان بہ حرف علت جو ڪم ورتو ويندو آهي، پر انگريزيءَ ۾ ٻيَڪسُرا وائل آواز (Monopthong vowel sounds) ٻارنهن ڇيا وڃن ٿا. (باربر [1982] 7-5)

تنهنڪري ڪو هڪ وائل اکر ٻن، ٽن، چئن يا پنجن قسمن جي وائل آوازن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم اچي سگهي ٿو جيئن شَل/Shall، بال/Ball، بيئر/Bare، بيس/Base ۽ بلئڪ (بلَيڪ)/Black ٻولن ۾ 'a' وسيلي ظاهر ڪيل آواز.]

'ڄڻ/جن/gen' پاڙ ٻول، ڌاتو اصل يا مول رکندڙ سوين ٻول سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن. جيئن: ڄڻڻ، ڄڻيو ڄڻيندو ڄڻيل، ڄڻيندڙ ڄڻائڻ، ڄڻايو ڄڻائيندو ڄڻايل، ڄڻائيندڙ اڄڻ، ڏُڄڻ، سَڄڻ وغيره. /gen/ ڪيترن ئي جديد علمي اصطلاحن ۾ موجود آهي، جيئن جيني/gene، جينيولاجي /genelogy، جينيٽڪس/ genetics، آڪسيجن/oxygen، هائڊروجن/hydrogen وغيره.

ڪي ماڻهو چون ٿا ته /ڄڻ/ نه پر سنسڪرت /ڄَن/ (يا جنم) ڌاتوءِ اصلي ٻول آهي ۽ سنڌيءَ ان کي بگاڙي /ڄڻ/ ڪيو آهي. ليڪڪ اهو سوچڻ ۾ حق بجانب آهي ته سنڌي ٻولي جڏهن /ڄُنِ، جناب، جناخ، جنازو جنب، جنم، جِنب، جنباهه، جنبش، جُنبڻ، جَنبي، جنتر، جنتري، جَنبر، جِند، جَنڊ، جنڊِ، جنرل، جِنس، جنسار جَنگ، جُنگهه، جنگڻ، جَنگو جنگير، جَنهر/ وغيره جهڙا سوين ٻول ۽ انهن مان نهيل اصطلاح ڳالهائي/اچاري ٿي ته ڇو /ڄن/ (يا جنم) کي /ڄڻ/ (يا ڄڻڻ) ڪندي؟

ليڪڪ جڏهن **جامع سنڌي لغات** جي سپ ڪان وڌيڪ سوڏيل، سنواريل ۽ سوجهيل جلد-1 ۾ [ٻ] سان شروع ٿيندڙ ٻولن تي نظر وجهي ٿو تڏهن اهو ڏسي حيران ٿئي ٿو ته لڳ ڀڳ 2160 (ٻه هزار هڪ سؤ سٺ) ٻولن ۽ اصطلاحن جي ڍڳهيءَ لڙهه ۾ رڳو ٻه ٻول ’ٻاوڙي‘ ۽ ’ٻيدِي‘ ئي اهڙا آهن، جن جو ڌاتو واريسر عربيءَ جو ’بِئَر‘ ۽ ’بيداءَ‘ ڄاڻايو ويو آهي، توڙي جو اهو به لکيو ويو آهي ته ٻاوڙي/ٻائر نالي هڪ ٻير جهڙو وڻ ۽ ’ٻائري‘ نالي تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه به موجود آهي. ’ٻائِڙُ‘ معني هرلي يا نار جي ڏينگي جون ڪاٺيون... ۽ ’ٻائڙ ٻوڙ‘ اصطلاح پڻ ڏنا ويا آهن.

انهيءَ [ٻ] ٻول مالها ۾ سوين اهڙا ٻول ڄاڻايل آهن، جن جو ڌاتو سنسڪرت، پراڪرت، هندي، فارسي، انگريزي، ترڪي وغيره مان ڇيو ويو آهي، ايتري قدر جو ’ٻنگاري‘ ٻول ۾ آرش ڌاتو ’ٻن‘ = تامو به نه وساريو ويو آهي. ڇا اها عجيب ڳالهه ناهي ته جنهن سنڌي ٻوليءَ بابت ڇيو/ڄاڻايو ويو آهي ته ان ڪيترين ئي ٻولين جي سوين ٻولن جو ڦيريون آواز بگاڙي [ٻ] ڪري ڇڏيو آهي، ان ٻوليءَ عربيءَ جو گڏريل ٻارنهن سؤ ورهن ۾ ڪو هڪ به اهڙو ٻول نه بگاڙيو آهي جيڪو [ب]، [و]، [پ] وغيره سان شروع ٿئي ۽ سنڌيءَ ۾ ڦري [ٻ] ٿيو هجي! انهيءَ مثال کي سامهون رکندي ليڪڪ شڪ ٿو رکي ته اهي سوين ٻول جن جو ڦيريون آواز ڇيو ٿو وڃي ته سنڌيءَ بگاڙي [ٻ] ڪيو آهي، متان ايئن نه هجي.

[ڏ] سان شروع ٿيندڙ ٻولن جي مالها ۾ (**جامع سنڌي لغات**، جلد-3) لڳ ڀڳ ٻه هزار ٻول ۽ اصطلاح ڏنا ويا آهن ۽ ڄاڻايو ويو آهي ته سنسڪرت، پراڪرت، هندي، فارسي وغيره جي ڪيترن ئي مختلف ٻولن جا ابتدائي آواز بگاڙي [ڏ] ڪيو ويو آهي. جن آوازن کي ڇيو ويو آهي ته سنڌيءَ بگاڙيو آهي، انهن ۾ نمايان ’دُر‘، ’دَر‘ ۽ ’دِر‘ پڻ شامل آهن. پر ليڪڪ اتي به اهو ڏسي حيران ٿي ويو آهي ته نيٺ ڇو سنڌي ٻوليءَ عربيءَ جو هڪ به اهڙو ٻول نه بگاڙيو آهي، جنهن جا ابتدائي اچار ’دُر‘، ’دَر‘ يا ’دِر‘ هجن.

رڳو ٽي ٻول ڏول (ع. دلو)، ڏيرو (ع. دائره) ۽ ڏيلو (ع. دائره) ڏنا ويا آهن، جن ۾ ظاهر ٿو ٿئي تہ 'دلو' کي 'ڏول' ۽ 'دائره' کي 'ڏيلو' ۾ بدلايو ويو آهي. انهيءَ حالت کي ڏسندي ليکڪ هتي بہ شڪ ٿو ڪري تہ [ٻ] جيان [ڏ] سان شروع ٿيندڙ آواز بہ متان سنڌي ٻوليءَ نہ بدلايا هجن.

ٻئي پاسي، هر اها ٻولي جنهن ۾ [ٻ] ۽ [ڏ] موجود ناهن ۽ ڪنهن بہ طرح سنڌيءَ کان جيڪڏهن اهڙا ٻول وٺي ٿي جن ۾ اهي آواز بہ شامل هجن، تڏهن شڪ کان آجو ٿي، پڪ سان اها ڳالھ ڪري سگهجي ٿي تہ ٻي ٻولي انهن ٻولن جي [ٻ] کي [ب]، [پ]، [ڀ]، [و] وغيره ۽ [ڏ] کي [ڊ]، [ڌ]، 'ڊر'، 'در' وغيره ۾ بدلائي ڇڏيندي.

[نوٽ: ليکڪ [ڄ] ۽ [ڳ] شامل رکندڙ ٻولن جا جائزا اڃا نہ وٺي سگهيو آهي، انهن بابت ڪنهن ٻئي واري ڳالھ ٻول ڪبي.]

**مول شبد/ڌاتو ٻول/اصل لفظ:**

'لکڻ'، 'پڙهڻ'، 'گهمڻ'، 'ڊوڙڻ'، 'مارڻ' ۽ 'ڏارڻ' وغيره جهڙا ٻول سنڌي ٻولن جو مصدر قرار ڏنا ويندا هئا. پر نيٺ بحث مباحثي ۽ تحقيق کان پوءِ ڪي عالم انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ اهڙا ٻول سنڌي ٻولن جو ڌاتو ٿي نہ ٿا سگهن. (اهي 'اسم مصدر' يا 'حاصل مصدر' آهن ۽ عام طرح 'مصدر' سڏيا وڃن ٿا.) اهڙن سنڌي ٻولن جي آخر ۾ آيل /اَڻ/ يا /اِڻ/ ڪيرائڻ کان پوءِ جيڪو ٻول ملي ٿو اهو ئي فعلي ٻول جو ڌاتو/مول/اصل آهي. [نوٽ: الانا صاحب جن **سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس** [1987] ۾ انهيءَ موضوع تي مناسب بحث ڪيو آهي.]

پيرومل [1985] جن سنڌي ٻول جي امري صورت کي ان ٻول جو ڌاتو قرار ڏين ٿا. (ڏسو ص-98 ۽ اڳتي) پر پاڻ ئي مختلف ٻولن جي مثالن ۾ انهيءَ بيان تي قائم نہ ٿا رهن ۽ ڇڙڪ مونجهاري جو شڪار ٿي چون ٿا تہ "امر واحد جي پڇاڙيءَ واري اعراب ڪيڻ سان فعل جو ڌاتو يا بنياد ملي ٿو." (ص-99)

جَڻَ = [ج] + [اَ] + [ڻ]، ڌاتو آهي.

جَڻِ = [ج] + [اَ] + [ڻ] + [اِ]، امر آهي.

هَلَ = [هہ] + [اَ] + [ل]، ڌاتو آهي.

هلُ= [هہ] + [اَ] + [ل] + [اُ]، امر آهي.

/جَڻ/ ۾ /اِ/ ۽ /هلُ/ ۾ /اُ/ معنوي فرق پيدا ڪندڙ جزو يعني صوتيو (Phomene) آهي ۽ اصولي طرح هئڻ به ايئن گهرجي، ڇو ته ڌاتو ٻول ۽ ان جي امري صورت ۾ معنوي فرق موجود ٿئي ٿو.

> اهڙيءَ طرح ڪنهن به لازمي توڙي متعدي فعل جي ڌاتوءَ پنيان ’اَڻ‘ يا ’اِڻ‘ پڇاڙي گڏڻ سان مصدر ٺهي ٿو. (پيرومل [1985] 99)

> اصل سنسڪرت پڇاڙي ’اَن‘ (مثلاً پوجه - پوجن - سنڌي ’پوڄڻ‘) تنهن جو اچار ڦيرائي اَڻ-اِن ڪريون ٿا. (ايضاً، ص_99)

> سنسڪرت ۾ ڪت معني ڪٿڻ يا بيان ڪرڻ. ’ڪت‘ پنيان ڪا به اعراب ڪانهي، پر جي مؤنث پڇاڙي ’آ‘ گڏبي ته اسم ٺهندو ’ڪتا‘ ۽ جي ’اَن‘ پڇاڙي گڏبي ته مذڪر اسم ٿيندو ’ڪٿن‘ معني بيان يا تخمينو... انهيءَ سنسڪرت اسم ’ڪٿن‘ بدران اسين چئون ’ڪٿڻ‘، مطلب ته سنسڪرت وارو اسم [مذڪر واحد] ڦري سنڌيءَ ۾ اسم مصدر ٿئي ٿو. (ايضاً، ص_99)

۽ اهو ئي سبب آهي جو پيرومل جن کي ’منطقي نتيجو‘ ڪڍڻو پيو ته ”هر ڪو مصدر جڏهن سدائين عدد واحد ۽ جنس مذڪر آهي، تڏهن ان جي عدد ۽ جنس ڄاڻائڻ جو ضرور ڪو نه ٿو ٿئي.“ (ايضاً، ص_101)

ليڪ پيرومل جن جي ان راءِ سان ڪنهن به طرح سهمت ناهي. ڪو به اسم مصدر ڪڏهن به مذڪر ۽ واحد ٿي نه ٿو سگهي، سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به اسم مصدر جي جنس ۽ عدد جو تيستائين پتو پئجي نه ٿو سگهي جيستائين اهڙو معنوي فرق پيدا ڪندڙ صوتيو ان جي ڇيهه (Final Position) وٽ نه اچي. ’لکڻ‘، ’لکائڻ‘، ’لکرائڻ‘، ’لکجڻ‘، ’لکائجڻ‘، ’لکرائجڻ‘، ’ليکڻ‘، ’ليکائڻ‘، ’ليکرائڻ‘، ’ليکجڻ‘، ’ليکائجڻ‘ ۽ ’ليکرائجڻ‘ جهڙا مثال ڏنا ويا آهن، انهن کي ڏيان سان جاچڻ کان پوءِ ڏسو ته سندن ڇيهه وٽ ڪهڙو صوتيو ملي ڪهڙي عدد ۽ ڪهڙيءَ جنس جي معني پڌري ڪري ٿو.

ليڪ هن راءِ جو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪو به ڌاتو ٻول ڪنهن به طرح عدد ۽ جنس کي ظاهر نه ٿو ڪري ۽ اهو ڌاتو ٻول جيڪو ڪنهن فعلي صورت کي جنم ڏئي ٿو اهو ڌاتو واري حيثيت ۾ ڪنهن به زمان کي ظاهر نه ٿو ڪري، رڳو سرگرميءَ جي

نشاندهي ڪري ٿو. عدد، جنس ۽ زمان کي ظاهر ڪرڻ جو ڪارج پورو ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻولي پنهنجي ٻول جي چيهه وٽ ڪو نه ڪو صوتيو آٽي ٿي.

*** وَڏَ = [و + اَ + ڏ]، هڪ ڌاتو ٻول آهي.**

وَڏِ = [و]+[اَ]+[ڏ]+[اِ]، (امر واحد، جنهن جو جمع 'وڏيو' = /وَڏِ/+/او/ آهي.)

وَڏُ = [و]+[اَ]+[ڏ]+[اُ]، (اسم، جنهن جو جمع 'وڏَ' = /وَڏِ/+/اَ/ آهي.)

وَڏَ = [و]+[اَ]+[ڏ]+[اَ]، (اسم، وڏڻ جي حالت، جنهن جو جمع 'وڏون' = /وَڏِ/+/اُون/ آهي.)

وڏو = [و]+[اَ]+[ڏ]+[او]، (اسم، جنهن جو جمع 'وڏا' = /وَڏِ/+/آ/ آهي.)

وڏڻ = /وڏِ/+/اڻ/.

*** /وڏڻ/ + /او/ = وڏٽو**

+ /اي/ = وڏٽي

+ /آ/ = وڏٽا

+ /اون/ = وڏٽيون

*** واڏَ = [و] + [آ] + [ڏ]**

+ /اِ/ = واڏِ (جمع واڏون/واڏيون)

+ /او/ = واڏو

+ /اِي/ = واڏِي

+ /اُون/ = واڏيون

*** /واڏڪ/ + /او/ = واڏڪو**

+ /آ/ = واڏڪا

+ /اِي/ = واڏِڪِي

+ /اُون/ = واڏِڪيون

*** وڏج، وڏائج، وڏرائج، ...**

ثابت ٿيو ته سنسڪرت وارو 'ڪتن'، جيڪو مذڪر واحد آهي، ڦري سنڌي ٻوليءَ جو اسم مصدر ڪو نه ٿو ٿئي.

**اڄوڪي سنڌي ۽ آڳاٽي انگريزي:**

جاتل اتهاس ۾ انگريزي ٻوليءَ جو سنڌي ٻوليءَ سان هڪ قسم جو سماجي ناتو ارڙهين صديءَ ۾ ان ڪان پوءِ جي ڳالھ آهي ۽ يونانيءَ ۽ سنڌيءَ جو ٿوري مدي لاءِ ويجهو اچڻ چوٿين صدي قبل از مسيح کان اڳ ۾ ناهي. وڏ ۾ وڏ ٻـ مهينا ڊِچ سپاهين ٻـ ڊاہو ڪيو ۽ نٿي واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ماڻهن کي ڪُٽيو ۽ وسندين کي باهيون ڏئي ساڙيو ڦريو لٽيو ۽ موٽي ويا. (اها سورهين صدي عيسوي جي ڳالھ آهي.)

انگريزي هڪ انڊو-يورپين ٻولي آهي.

انگريزي فعلي ٻول جو ڌاتو (جيئن 'Kill'/'ڪِل' يعني ڪُهَ, وَڍِ, مارَ) ٻول 'امري' (Imperative) صورت ٻـ آهي, جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ, اهو ڪيو ويندو آهي جو ٻول جي ڪنهن جزي تي زور (stress) وڌيڪ ڏنو ويندو آهي ۽ اهو جزو ٻول جي ڇيهـ (Final Position) وٽ نـ هوندو آهي. يڪپدو (Monosyllabic) اچار هوندو تـ پد جي پهرئين جزي تي ۽ ٻِپدو (Bisyllabic) هوندو تـ عام طرح ٻئي پد جي پهرئين جزي تي زور وڌايو ويندو ۽ ان زور جي ڪري ٻول جو اهو بنيادي آواز تبديل نـ ٿيندو.

سنڌيءَ ۾ –

/هَلَ/ = [هـ]+[اَ]+[ل], ڌاتو ۽ /هَلُ/ = [هـ]+[اَ]+[ل]+[اُ] امر آهي.

انگريزيءَ ۾ /Kill/ ئي ڌاتو ۽ اهو ئي امر آهي, ممڪن آهي تـ [K] تي زور ڪجهھ وڌايو وڃي.

اصولي, علمي, منطقي ۽ وياڪرڻي طرح ڌاتوءَ ۽ امر جي وچ ۾ فرق هجڻ گهرجي. سنڌي ٻولي پوئين جز تي /اُ/ يا /اِ/ وڌائي امري صورت ٺاهي ٿي ۽ انگريزي ٻولي پوئين کان سواءِ, ڪنهن اڳين جز تي زور وڌائي امر ٺاهي ٿي.

ليڪڪ هتي جنهن پاسي ڌانهن ڌيان ڇڪائڻ گهري ٿو اهو هي آهي تـ سنڌي ٻولي, اڄ ٻـ ۽ ڪلهھ ٻـ, پنهنجي ٻول جي اسم مصدر جي صورت /اَڻ/ يا /اِڻ/ ملائي حاصل ڪري ٿي/ڪندي هئي, پر انگريزي اڄ, ٻول جي آڏو 'to' آڻي اهو مقصد حاصل ڪري ٿي, جڏهن تـ ڪالهھ /an/ يا /en/ ڌاتو ٻول جي ڇيهـ وٽ ڳنڍي اسم مصدر صورت ٺاهيندي هئي.

انگريزي ٻوليءَ کي ٽن دورن ۾ ورهائي اڀياس هيٺ آندو وڃي ٿو:

1_ آڳاٽي يا پراڻي انگريزي (Old English), نارمن سوڀ (1066ع) تائين.

2_ وچاڙ يا وچين انگريزي (Middle English), لڳ ڀڳ 1600ع تائين.

3_ نئين يا جديد انگريزي (Modern English), لڳ ڀڳ 1600ع کان پوءِ.

پراڻي انگريزي ۾ سموريون اسم مصدر صورتون /an/ يا /en/ پڇاڙي رکندڙ هيون ۽ اهو اثر وچاڙ انگريزي تائين رهندو آيو. وچاڙ انگريزي ۾ /Kill/ جي صورت /Killen/ يا /Cullen/ آهي. (ڏسو چيمبرس انگلش ڊڪشنري)

سي. ايل. باربر پنهنجي ڪتاب **دي اسٽوري آف لئنگئيج** [1982] جي مختلف صفحن تي پراڻي انگريزي جي ڪجهه فعلن جي نشاندهي ڪئي آهي، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

| سنڌي معنىٰ | جديد صورت | پراڻي انگريزي | هڪ امڪاني صورت (چڪاس جوڳي) |
|---|---|---|---|
| ڳائڻ، ٻولڻ | = to sing | Singan | سينڊڻ، سينڊ وجائڻ |
| ڦوڪ ڏيڻ، ڦوڪڻ | = to puff | Pyffan | ڦِڦڻ، ڦَڦ ڦَڦ ڪرڻ |
| ڏيڻ | = to give | Giefan | ڏيئڻ، ڏيڻ/ڏِئڻ |
| چُمڻ | = to kiss | Cyssan | ڪينسڻ |
| وهنجڻ | = to bath | Bapian | ڏاتڻ، ڏاوڻ/ڏائڻ |
| ٿڌو ڪرڻ | = to cool | Celan | — |
| چونڊڻ | = to choose | Ceosan | چَسڻ (جيڪا چَس ڏئي) |
| وڙهڻ | = to quarel, to chide | Cidan | ڪِڏڻ، ڪيڏڻ، ڪيڏارو (ع. 'ڪيد') |
| چوڻ | = to say | Seegan | — |
| ٿورو مڃڻ | = to thank | Pancian | — |
| ورهائڻ | = to divide | Daelan | ڏَلِڻ، ڏَرڻ |
| کارائڻ | = to feed | Fedan | — |
| ڳالهائڻ | = to speak, to say | Sprecan | — |
| سڌ رکڻ | = to wish | Wesan | وسهڻ، ويساهه ڪرڻ |
| (سزا) ڏيڻ | = to inflict | Nellan | نيلڻ، نيل هڻڻ |
| نِئڻ | = to take | Niman | نيئڻ/نِئڻ |
| ڄاڻڻ | = to wit | Witan | ويچارڻ/وِچارڻ |

هتي ليڪڪ واجبي طرح اهو سوال پڇي سگهڻ جي حيثيت ۾ آهي ته آخر اهو ڪهڙو سبب آهي جو پراڻي انگريزي جي اسم مصدر صورت سنسڪرت سان ويجهڙائي رکڻ بدران سنڌيءَ سان وڌيڪ ويجهي مائٽي رکي ٿي؟ ڇا پيرومل جن هتي اهو چوڻ پسند ڪن ها ته سنسڪرت جي مذڪر واحد اسم صورت کي سنڌيءَ جيان انگريزيءَ به پنهنجي اسم مصدر صورت بنايو؟ ڇا اهو ممڪن آهي ته ٻه ٻوليون، جن جي وچ ۾ لاڳاپي بابت تاريخ ڪا به شاهدي نه ٿي ڏئي ۽ هڪ ٻئي کان لڳ ڀڳ ڇهه هزار ميل پرانهن ڏيهن جي سماج ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، ڪنهن هڪ ٻوليءَ جي هڪ ئي اسمي صورت کي پاڻ وٽ هڪ جهڙي صورت ۾ بدلائي رائج ڪن؟ ليڪڪ جيڪڏهن ايئن چوي ته انهيءَ حوالي سان سنڌي ۽ پراڻي انگريزي جي وچ ۾ هڪ وياڪرڻي مائٽيءَ جي سڌ پوي ٿي، ته ڪيئن غلط سڏبو؟

**ماءُ ۽ پيءُ:**

ليکڪ سمجهي ٿو ته هاڻي اهو پس منظر هڪ حد تائين چِٽو ٿي آيو آهي، جنهن کي نظرن آڏو رکندي سمرات صاحب جن پاران ڪيل تنقيد کي مناسب نموني ڇنڊڇاڻ هيٺ آڻي سگهجي.

’ماءُ‘ ۽ ’ڏيءُ‘ جي حوالي سان اڳ آنڌل سمرات صاحب جن جي مثال کي ياد ڪيو. ڪو جيڪڏهن ڪن بنيادن تي ايئن وسهي ٿو ته سنڌي ٻولي يا ڪا ٻي ٻولي، جيئن پراڪرت، سنسڪرت جي ماءُ آهي ته پوءِ خود سمرات صاحب جن پاران اٿاريل اعتراض/سوال جو جواب سڌيءَ طرح اهو ٿيندو ته سنسڪرت جيئن ته ڪنهن نه ڪنهن جي ڄائي آهي، تنهنڪري ان ۾ سندس ابي امڙ جا (جيڪڏهن ابو امان اتي ڪم آڻڻ درست هجي ته) مهانڊا اوس نظر ايندا، ۽ سنسڪرت ۾ جيڪڏهن ڪنهن ٻ ٻيءَ ٻوليءَ جي پيٽ ۾ سنڌيءَ جا مهانڊا وڌيڪ نمايان آهن ته پڪ ٿئي ان کي سنڌيءَ جي ڏيءُ مڃڻو پوندو ۽ جي ڏيءُ جو جوڀن ٻه هجي، نقش و نگار ٻه چِٽا هجن، سورنهن سينگار ڪرائي ويتر جو ڪيس محلن جي راڻي بنائي عقيدن سان سلهاڙيل پوتر ديويءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو هجي ته هر هڪ پنهنجيءَ سرنديءَ سارو انهيءَ تي پيو اول گهول ٿيندو.

’سمڪيل‘ ٻوليءَ کي عالمن، اڪابرن، رشين، منين ۽ حاڪمن جي قوت ۽ پنيرائي مليل هئي، اجا ٻه ايئن چئجي ته انهن جي ثقافتي ۽ سماجي برتريءَ لاءِ

’سمڪيل‘ ٻولي ئي وڏيڪ سونهي پئي، عقيدي جي اظهار ۽ ڪرياڪرم جي ورجاءَ ان کي پوتر درجو عطا ڪري رکيو هو ويتر جو لکت ۾ اچي وئي ته ان جو محفوظ رهجي وڃڻ اٽل هو.

’سمڪيل‘ ٻولي اڄ ’مُئل‘ ٻولي آهي، ان کي ڪو به عوامي گروهه ۽ سماج پنهنجي مادري ٻوليءَ طور ۽ عام رواجي طرح نه ٿو ڳالهائي. اسان جي اپڪنڊ ۾ اچي ٻوليءَ تي به تحقيق ڪندڙ پهرين يورپي عالمن محفوظ رهجي ويل سنسڪرت کي جڏهن اڀياس هيٺ آندو تڏهن اهو ڏسي حيران رهجي ويا ته يورپ جي گهڻين ٻولين ۾ سنسڪرت ۾ هڪ قسم جو گهرو ناتو موجود آهي ۽ سنسڪرت هڪ قديم ٻولي به آهي (عقيدي موجب آدجڳاد کان موجود هئي). هتي جي ٻين ٻولين ۾ ڏٺو ويو ته ڪي ئي اهڙا وياڪرڻي گڻ ۽ ٻولن جو ذخيرو موجود هئا، جن جو ڏس پتو سنسڪرت ۾ مليو پئي (۽ جي نه پئي مليو ته به مختلف ’عالمانه‘ توجيهن وسيلي ملايو ويو).

مهين شهر (موهن جي دڙي) ۾ مليل مهرن جو واسطو ڪهڙي ٻوليءَ سان آهي، اڄ به هڪ راز بڻيل آهي. مختلف عالمن مختلف ڏس پتا ڏنا آهن پر پڪي ڳالهه ڪا به ناهي ۽ سمورا عالم، ڏيهي توڙي پرڏيهي، رڳو ان هڪ نُڪتي تي متفق آهن ته جيستائين انهن مهرن تي موجود لکت کي حل (Decipher) نه ٿو ڪيو وڃي تيستائين هتي جي ڪنهن قديم ٻوليءَ بابت ڪجهه به چوڻ عبث آهي.

هاڻوڪي سنڌي ٻولي تحرير ۾ ڇٽڪ ڪالهه آئي آهي، توڙي جو ان جي ٻولن جي وجود جو ڏس بهرحال هڪ جهوني جڳ تائين پڪ سان ملي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي مذهبي نيڪيداريءَ جي حيثيت جو ڪو به ڏس پتو نه ٿو ملي، نه ان کي حاڪمن جي پُٺ ملي، نه وري ٻاون ٻانيٺن ۽ رشين منين پنهنجي ڌرمي ڪرياڪرم ۽ فلاسافيڪل عقيدي جي صورت ۾ رائج ڪيو اها ڇٽڪ آدجڳاد کان محڪوم ۽ ماريل، ٻانڌي ۽ پانڌي عوام جي ٻولي رهندي آئي آهي، ۽ ان هوندي به بي مثال پختگيءَ سان موجود آهي.

فرض ڪريو ته صورتحال ابتڙ هجي يعني سنڌي ٻوليءَ جون قديم لکيتون موجود هجن ها، ڌرمي عقيدن، ڪرياڪرمن، ڀڄنن، ناٽڪن ۽ حاڪماڻين فلسفيانه تعليمن جي اظهار جو وسيلو به هجي ها، ديوتائن/خدائن جي ٻولي به اها ئي هجي ها ۽ تيهه چاليهه صدين کان نسل در نسل انسان جو اولاد ان ۾ ۽ ان جا گيچ ڳائيندو آيو هجي ها ۽ ڪالهه ۽ اڄ جڏهن جديد تحقيق ۽ اڀياس هيٺ اچي ها، يورپ ۽ ايشيا جي مختلف ٻولين ۾ ان جا آثار نظر اچن ها ۽ اهو به ڏٺو وڃي ها ته خصوصاً [ٻ، ڏ، ڄ، ڃ،

گَ، ڻ] وغيره جھڙن آوازن کي ٻين ٻولين /ب، ڀب، ٻر، پر، ور، پ، و د، ڊ، ڊر ڏر ج، نج، نگ، گ، ن/ وغيره بدلايو آهي، تڏهن بلڪل فطري، منطقي، علمي، اصولي ۽ وياڪرڻي طرح ثابت ڪري سگهجي ها تہ اصلوڪي/ٻڻائتي ٻوليءَ کي ’سمڪري‘ جيڪا ٻولي وجود ۾ آئي ان کي اڳتي هلي ’سنسڪرت‘ سڏيو ويو.

چائي بہ هجي، اجاريل ۽ سنواريل بہ هجي ۽ منجهس سنڌيءَ جا ڪيترائي گڻ بہ موجود هجن، پوءِ چا چئبو؟

انهيءَ حالت ۾ سمرات صاحب جن جي اٿاريل اعتراض جي حيثيت ڇا هجي ها!؟

هڪ ڳالهہ ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي تہ:

هڪ ٻولي لوڪ جي ٻولي آهي ۽ ٻي مخصوص مفاد رکندڙ حاڪم ٽولي جي، لوڪ جي ٻوليءَ کي مخصوص ايراضيءَ ۾ سوين ورهين جو تاريخي پس منظر مليل آهي، جڏهن تہ گروهہ جي ٻوليءَ کي گهٽ ۾ گهٽ، ان ايراضيءَ ۾ اڳوٽيءَ جي ڀيٽ ۾ اڪ-چنپ جيترو عرصو مس گذريو آهي، لوڪ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي پنهنجي فطري سماجي ماحول موجب ڳالهائيندو رهي ٿو، جڏهن تہ گروهہ جو پورو ڌيان پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءَ، سينگار، واڌ ۽ ويجهہ ۽ سار سنڀال تي سيڙيل آهي، ڇو تہ سندس سماجي، معاشي، سياسي، نفسياتي ۽ ڌرمي مفاد ئي ان ۾ لڪل آهي تہ سندس ٻولي وس آهر حاڪماڻي حيثيت ۾ رهي، لوڪ هڪ ڪان ويندي، ٻن ٽن تان ٿيندي سَتن سُرن تائين پنهنجي ٻولي ۾ لوڪ گيت ڳائيندو ۽ جهومندو رهي ٿو. جڏهن تہ گروهہ کي اها پريشاني تہ پنهنجين رچائن کي سريلو ۽ جهومَ لائق بنائي سگهي. هڪ ٻوليءَ، لوڪ جي ٻوليءَ بابت اهڙو ڪو پڪو پختو ثبوت موجود ناهي جو اٽڪر نموني پڪ سان چئي سگهجي تہ اها ڪا قديم ٻولي ناهي، جڏهن تہ ٻيءَ ٻوليءَ بابت پڪا پختا ثبوت موجود آهن تہ اها اصلوڪي/ٻڻائتي ٻولي ناهي ۽ ’چڱي ڪيل‘، ’اجاريل‘ ۽ ’سنواريل‘ ٻولي آهي. لوڪ جي ٻولي ناموافق حالتن باوجود اڃ بہ پوريءَ قوت سان جيئري ۽ وڌندڙ آهي، جڏهن تہ گروهہ جي ٻولي ’موافق‘ حالتن باوجود اڃ عملي طرح مري چڪي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڇو اهو ويساهہ ڪجي تہ لوڪ جي وسيع ٻولي، پوءِ ڪاهي آيل گروهہ جي محدود ڪيل ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتي آهي؟

## قديم ٻولي:

سمرات صاحب جن هڪ نڪتو اهو بہ اٿاريو آهي تہ:

ٻڌائيندو ليڪ مهاشيه {سراج صاحب} دنيا جي ڪا ٻه اهڙي قديم ٻولي جنهن ۾ ان ’نهايت قديم‘ سنڌي جا 2_3 لفظ موجود هجن؟ پاڻ فقط پنجن ٻولين جا مثال ٻڌائي سگهي ٿو نه ته ڪيس پنجن نه پر پنجاهه ٻولين ۾ سنسڪرت جا 2_3 نه پر سوين لفظ ثابت ڪري ڏيکاري سگهجن ٿا. فقط اهو ئي دليل ڪافي ٿيندو جو هو صاحب ثابت ڪري ڏيکاري ته سنڌي سچ پچ ڪا قديم ترين زبان آهي. ([1995] 23, ڪالم_1)

سمرات صاحب جن ته ٻه ٽي نه پر سوين ٻول ڏيکاري سگهن ٿا پر ان جي ڪهڙي ثابتي آهي ته اهي ’سنسڪرت‘ جا ئي ٻول آهن ۽ ان ٻوليءَ جا ناهن جنهن کي ’سم ڪيو‘ ويو هو؟

متئين تڪري ۾ ٻه ڳالهيون ڪيل آهن، هڪ ته، دنيا جي مختلف ٻولين ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ جا ٻول ڏيکارجن ۽ ٻي ته، سنڌي ٻولي سچ پچ ڪا قديم زبان آهي!

اها پوئين عجوبه ذهانت ڳالهه هاڻي ته پڪ ئي مدي خارج ٿي وئي آهي. ان ڳالهه جو پايو شايد انهن ’نظرين‘ تي ٻڌل آهي جن موجب جديد سنڌيءَ جي ابتدا 11_ صدي عيسوي ۾ ٿي، اها ڪنهن اپڀرنش مان نڪتل آهي ۽ اِها سنڌي اُها سنڌي ناهي جيڪا ’سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي‘ جي زمري ۾ آڻي سگهجي!

ليڪ حيران آهي ته ڇا هاڻي سمرات صاحب جن جهڙي پائي جي عالمن کي ٻه اهي ڳالهيون (سمجهاڻيون ته نه چوڻ گهرجي) ٻڌائڻيون پونديون، اجا ٻه ايئن چئجي ته ورجائي ٻڌائڻيون پونديون ته سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي، گهٽ ۾ گهٽ، ويدڪ سنسڪرت کان وڌيڪ قديم. ڇو ته رگ ويد لکجڻ کان ٻه اڳ ’سنڌ‘ ۽ ’سنڌو‘ پڪ سان موجود هئا (۽ ’هند‘ ۽ ’هندو‘ ۽ ’اِند‘ ۽ ’اِندو‘ ٻولن اجا وجود نه ورتو هو) ۽ ويدڪ شُرتين جي منترن کي رچائڻ جي صورت ڏيڻ لاءِ سنڌ جي سماج ۽ لوڪ جي گيتن کان سُرَ ۽ تال وٺي منجهن وزن پيدا ڪرڻ جو جتن ڪيو ويندو هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن ٻه انهيءَ راءِ جا آهن ته (جديد) سنڌيءَ جو بنياد 11_ صدي عيسوي ڌاري پيو. پاڻ پنهنجي هڪ تحقيقي ڪتاب **سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ** [1990] ۾ ٻڌايو اٿئون ته البيروني جي ڪتاب **الصيدنه** لکجڻ مهل (1050/51ع) سنڌي ٻولي ايڏي ته اسريل هئي جو عربي، يوناني ۽ هنديءَ جا ٻول

جاٽائڻ سان گڏوگڏ خصوصي گهرج محسوس ڪئي وئي ته انهن شين/وڪرن جا سنڌي نالا به ڏنا وڃن.

۽ اها هڪ ٻي شاهدي ان راءِ کي رد ڪرڻ جو پختو دليل آهي.

سنڌيءَ جيڪڏهن 11_صديءَ ۾ پنهنجو هاڻوڪو روپ ورتو ته ڪولن، سنٿالن، ڀيلن ۽ دراوڙن جا ٻول ان تائين ڪيئن پهتا؟ ڇا اهي به ٽي هزار ورهيه انتظار ڪندا رهيا ته 11_صديءَ ۾ سنڌي ٻولي ٺهندي ته ان ۾ هلي جذب ٿيندا!؟

اهي عالم جيڪي سنڌيءَ کي سنسڪرت مان اسريل چون ٿا، انهن مان به گهڻا اهو چون ٿا ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي نه ڪي خصوصي گڻ موجود آهن، جيڪي سنسڪرت ۾، بهرحال، موجود ناهن.

> ... ’ٿورو‘ معني احسان يا ڀلائي، جو اصل ۾ سنسڪرت لفظ ستوَڪ (stavaka) آهي، ۽ اصل معني اٿس ’ساک يا ساراهه...‘ اهو ستوَڪَ لفظ اول بگڙجي ٿيو ’ٿوڪ‘ {ٿوَڪ؟}، ۽ پوءِ ’ڪ‘ حذف ٿيو ته باقي بچيو ’ٿو‘ {ٿوَ}، تنهن جي پنيان ’رو‘ پڇاڙي (suffix) گڏجي چئون ’ٿورو‘. (ڀيرومل [1972] 172_173)

جامع سنڌي لغات ۾ پڻ ’ٿورو‘ جو ڌاتو ’ستوَڪَ‘ ڄاڻايل نظر اچي ٿو. هوندو!

پر صاف ظاهر آهي ته اهڙي تبديلي ٻڌائڻ لاءِ لفظ جي اکرن کي ڏنو ويو آهي، ٻول جي آوازن کي نه. جي آوازن جي بنياد تي انهيءَ وضاحت کي قبول به ڪجي ته سنڌي ٻول ’ٿَورو‘ [= ٿ + اَ + و + اَ + ر + او] هئڻ گهرجي ها، نه ڪي ’ٿورو‘ [= ٿ + او + ر + او].

> ڇيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ سنسڪرت جي ’پتار سُوسري‘ کي ’پڦي‘، ’ماتر سُوسري‘ کي ’ماسي‘، ’پگني پتي‘ کي ’پيڻويو‘، ’شيت ڪال‘ کي ’سيارو‘ ۽ ’آشند ڪال‘ کي ’اونهارو‘ ڪيو آهي. (ڀيرومل [1972] 171)

ايئن به هوندو!

هونئن ڏسجي ته سنڌي ٻوليءَ سخت ناواجبي ڪئي آهي، جنهن سنڌ جي ايراضيءَ ۾ سنسڪرت ۽ پالي صاف ستري، معياري ۽ نيٺ انداز ۾ ڳالهيون ويندي هيون ۽ اتي جي پڙهيل جو اُچار سَند ڪري سمجهيو ويندو هو جنهن سنڌيءَ پالي، پراڪرت توڙي سنسڪرت جون نسبتاً وڏيڪ خوبيون اڄ ڏينهن تائين نسبتاً بهتر

انداز ۾ سانڍي رکيون آهن. جنهن سماج ۾ اڄ به سوين ڏراوڙ ۽ سنسڪرت ٻول، يوناني ۽ ترڪي ٻول، عربي ۽ فارسي ٻول وغيره هڪ حد تائين درست نموني سانڍي رکيا ويا آهن. اتي 'پتار سُوسري' کي 'پِڦي' ۽ 'ماتر سُوسري' کي 'ماسي' ۾ تبديل ڪيو ويو آهي! 'ماسي' جي بدران 'ماڦي' يا 'پِڦي' جي بدران 'پُسي' ۽ اهڙي طرح 'ماسڙ' بدران 'ماڦڙ' يا 'پِڦڙ' بدران 'پُسڙ' ڪيو ويو هجي ها ته، ڪجهه ته قاعدن جي ڳالهه محسوس ٿئي ها!

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت تي شڪ اڄ خارج از بحث موضوع آهي. ليڪ ٻيو به ڪجهه نه ته پيچڻ چاهي، بس رڳو ايترو ٻڌايو وڃي ته:

1. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽين ضميري پڇاڙين ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڇو وجود ورتو؟
2. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل اڪر ترڪ ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڇو وجود ورتو؟
3. جنهن کي 'زمان مضارع' چيو وڃي ٿو اهو سنڌي ٻوليءَ ۾ درحقيقت ڪيئن آهي؟

**مُلڪو دليل:**

سمرات صاحب جن بائيبل ۽ قرآن مجيد مان به آيتون آڻي ٻڌايو آهي ته اصل ۾ انسانذات هڪ ئي قوم (امت) هئي ۽ ان جي ٻولي به هڪ ئي هئي ۽ اها ئي آهي دنيا جي قديم قوم ۽ ان جي مقدس زبان. نالو اختيار ۾ آهي چاهي ڪجهه به رکوس. ([1995] 23، ڪالم-1)

"نالو اختيار ۾ آهي چاهي ڪجهه به رکوس" چئي سمرات صاحب جن پنهنجي آندل دليل کي پاڻ ئي رد ڏنو آهي.

اصل ۾ اهو ڪنهن به طرح ڪو عالمانه دليل آهي ئي ڪو نه. پنهنجي ڳالهه ان نموني بيان ڪري سمرات صاحب جن هڪ مُلي/ڀائي/پنڊت/پادريءَ وارو ڪم ڪيو آهي. يعني ماڻهو جيئن ته عقيدي خلاف ڳالهائڻ پسند نه ڪندو يا اهڙي جرئت نه ڪندو ان ڪري 'دليل' پنهنجو ڪم ڪري ويندو. جڏهن ته پاڻ سمرات صاحب جن به پڪ ئي ڄاڻندا هوندا ته اڄوڪي تحقيق ۾ حقيقتون، شاهديون ۽ دليل ڪم ڪندا آهن، عقيدو نه.

انهن ئي ڪتابن جي روشنيءَ ۾ جيڪا ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولي ثابت ٿئي، ڇا سمرات صاحب جن ان کي قوم (امت) جي اولين، آڳاٽي ۽ قديم ترين ٻولي مڃيندا؟

ظاهر آهي ته ’نه!‘، ڇو ته جي ايئن هجي ها ته نالو ڪٽي ٻڌائين ها. ايئن نه چون ها ته ”نالو اختيار ۾ آهي. ڪجهه به رکوس.“

**ٻول ڄجي/۾ قيرقار:**

ٻولين ۾ ٻول اسرن، تبديل ٿين ۽ موافق حالتن ۾ وڌن ويجهن ۽ گهٽ–روپا ٿين ٿيون/ٿا. جنهن ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ متحرڪ سماج جو جيئرو ماڻهو نه هوندو، اها ٻولي مري ويندي.

> پري نه وڃو. شاهه عبداللطيفُ جا ٻولي پنهنجي زماني ۾ سمجهندو ۽ ڳائيندو هو سا ئي منظوم ڪيائين نه؟ پوءِ گهڻا آهن جيڪي شاهه جي ٻوليءَ کي سمجهي ٿا سگهن؟ هڪ سمجهدار ۽ پڙهيل سنڌي به **شاهه جو رسالو** پوريءَ معني سان اڄ نه ٿو سمجهي سگهي. ڇو؟... گهڻا انگريز آهن جي شيڪسپيئر ۽ ملٽن جي ٻولي سمجهي سگهن ٿا؟ (سمرات [1995] 23، ڪالم 2_1)

> ... هاڻ ان طرح جي لفظ گسندا، بگڙندا، نهندا، وڌندا، ڇمندا، مرندا رهندا ته ٻولي ڪيئن قائم رهي سگهندي؟... جڏهن ڪجهه صدين جي ٻولين جو اهو حشر آهي ته پوءِ يار ڪهڙي آثار تي وينا آهيو موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي اڄ جي سنڌيءَ سان پيٽڻ! (ايضاً، ص_23، ڪالم_1)

> ... ٻوليءَ تي ڪهڙو ڀروسو! پارهين ڪوهين ٻي. ان لاءِ هوڏ ڪري ايئن چوڻ ته صدين کان اڳي سالم رهندي اچي ته اها فقط خوش فهمي ٿيندي (ايضاً، ص_24، ڪالم_2)

ايئن ٿو ڀانئجي ڄڻڪ ڪو صنعتڪار پيو پڇي ته اي لسانيات جا ڄاڻوئو! هي جو اوهان ٻوليءَ ۽ ٻولين جي بڻ بنياد بابت (يا آثار قديمه بابت) وينا تحقيقون ڪريو زندگيون ڳاريو ۽ نور نچوئيو سو ڇو؟ ان جو ڪهڙو فائدو؟...

سمجهو ڪري ته ڪو هڪ به ماڻهو اهڙو ڪونهي جيڪو شاهه لطيف يا شيڪسپيئر ۽ ملٽن جي ڳالهايل ڪنهن هڪ به لفظ جي معني سمجهندو هجي. ان جو مطلب اهو آهي ڇا ته شاهه لطيف جي ٻولي سنڌي نه هئي ۽ شيڪسپيئر جي ٻولي انگريزي نه هئي؟

ماهر جڏهن مئل ٻوليون، جن جو هڪ ٻه ڳالهائيندڙ موجود ناهي، پڙهيو وڃن، تڏهن چوهڪ جيئري ٻوليءَ جا ٻول ۽ انهن جون معنائون سمجهي نه سگهندا!؟

هڪڙي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هڪ فرد سڄو سماج ناهي، هزارين يا لکين فردن جي ميڙ کي، جيڪو ڪن مخصوص ناتن ۾ جڙيل ٿئي ٿو، سماج سڏجي ٿو ان سماج جا سوين شعبا ٿين ٿا. هر هڪ شعبي ۾ ڪم ايندڙ مخصوص ٻولن جي هڪ حد، لسانياتي حد ٿئي ٿي. ضروري ناهي ته هڪ شعبي جا مخصوص ٻول ٻئي ڪنهن مخصوص شعبي جو ماڻهو پوريءَ طرح سمجهي سگهي پر ان جو مطلب اهو به ناهي ته اهي هڪ ٻئي جا عام وهنواري ٻول به سمجهي نه سگهندا.

ٻولي سماج جيتري ڪشادي، گهڻ طرفي ۽ رنگين ٻول ـ ڪاڻ جو نالو آهي جيڪا پنهنجي سماج جون سموريون ذهني توڙي مادي ثقافتي گهرجون پوريون ڪري ٿي، ۽ فرد ان سماج جو هڪ جز آهي، جيڪو پنهنجي سماج جي پيٽ ۾ بهرحال محدود ٿئي ٿو. ڪو هڪ فرد پنهنجي سماج جي ڪل ٻولي سمجهي سگهي چڻڪ ناممڪن آهي پر سماج پنهنجي هر فرد جي ٻولي سمجهي ٿو. ضروري ناهي ته هڪ هاريءَ جي واتئون ڳالهايل هر ٻول ڪو صنعتي مزدور يا ان جو ڳالهايل هر ٻول ڪو هاري سمجهي سگهي پر ٻنهي جا ڳالهايل ٻول سنڌن ٻوليءَ جي ٻول ـ ڪاڻ جو هڪ جز آهي. اجوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ جيترا به ٻول ٻوليا وڃن ٿا، انهن مان هر هڪ ٻول جي معنيٰ هر هڪ فرد کي نه ايندي پر ان جو مطلب ڪنهن به طرح اهو ناهي ته اها ٻولي سنڌي نه هوندي.

ٻول يقيناً تبديل ٿين ٿا پر انهن جي تبديليءَ جي رفتار هرويرو ايڏي تيز به ناهي جو پنجاهه يا سٺ ورهين کان پوءِ مورڳو سمجهي نه سگهجي. هيٺ ڪي ٻول ڏجن ٿا اچو ڏسون ته اهي سمجهي سگهون ٿا يا نه.

- ’جِهمَ‘ معنيٰ ترائي يا هيناهين. ’جهم پير‘ اڄ به هڪ وسنديءَ جو نالو آهي.
- ’مَتو‘ معنيٰ جيڪو مت رکندڙ هجي يا متل هجي. ’ڪُورَ متل‘ اڄ به هڪ واهه جو نالو آهي.
- ’وَسايو‘ معنيٰ وسيل، وَس يا آباديءَ وارو. ’الله وسايو‘ اڄ به هڪ فرد جو نالو آهي.
- ’ڍول‘ اڄ به ڪنهن پياري ماڻهوءَ کي چوندا آهيون ـ ڍولا مارو منهنجا، پرچن شال پنهوار.

- ’پُر‘ (پور) معنيٰ پريل يا ڀَتيل. جتي ڪنهن شيءِ جي ججهائي هجي. شڪارپور ۽ شهدادپور اڄ بہ ڪن شهرن جا نالا آهن.
- ’ڪوٽ‘ معنيٰ ڍڪڻ، ويڙهڻ، بند ڪرڻ. جهل ڊيڙ يا جنهن وسيلي اهي ڪاٽا ايل ڪم ڪيا وڃن. رني ڪوٽ، ڪوٽ ڏيجي ۽ شهدادڪوٽ کان ڪير واقف ناهي؟
- ’سونهن‘ جي هڪ معنيٰ خوبصورتي بہ آهي. ’سونهن‘ ۽ ’سونهندي‘ اڄ بہ ڪن عورتن جا نالا آهن.
- لاڪا، لوهاٽا، سهتا، جَت، ڀَتي ۽ هالا ۽ چچ پور ۽ نيرون ڪوٽ مان ڪجهہ نالن جي معنيٰ ممڪن آهي تہ اڄ اسان کي نہ اچي پر انهن ٻولن کان نہ رڳو واقف آهيون پر ايئن جو ايئن ڳالهائيندا رهون ٿا.

چا ڪو پروسو ڪندو تہ اهي نالا ايئن جو ايئن اڄ کان ڪي 12-سؤ ورهہ اڳ بہ ڳالهايا ويندا ۽ سنڌي سماج جو جز هئا؟ ۽ اهي نالا هڪ اهڙيءَ الفابيٽ ۾ لکيا ويا جيڪا سمورن سنڌي آوازن کي درست نموني ظاهر نہ ٿي ڪري سگهي!؟

اهي نالا **چچنامي** ۾ آندل آهن.

اچو ڪن ٻين ٻولن ۽ انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ساريون:

ڄُري، ڪَنُ، نَڪ، ٿان (ٿانءُ)، ٽَنو (ڪوسو)، ماس، رَت، ميل (مير)، چورُ، اُوچو سَت، پَٽ (ريشم)، مڙس، مارُو (ماڙهو ماٺهو)، جَوَ وغيره.

اهي ٻول جِپسي ماٺهن جي ٻوليءَ ۾ ملن ٿا. جن کي اڄ ڪلهہ بہ عام طرح ’يورپ جا رولُو ماٺهو‘ سڏيو وڃي ٿو ۽ قديم سنڌ واري وسيع ايراضيءَ مان پانئجي ٿو تہ 6 سؤ - 8 سؤ ورهہ قبل مسيح ڏاري لڏي وڃي ڪاري (Black) سمنڊ جي ڪناري تائين پهچي ويل ’سنڌي وٽجارا‘ هوندا يعني انهن ٻولن ۽ ٻوليندڙن کي سنڌ جي ڌرتيءَ کان ڌار ٿئي لڳ ڀڳ 3-هزار ورهہ ٿي چڪا آهن! ڇهہ هزار ميلن کان وڌيڪ وٿي، ٽي-هزار ورهہ ڪن وقت جو مدو ۽ ماحول موڙگو اوپرو پر ڪهڙو عام سنڌي هوندو جو انهن ٻولن جو مطلب نہ ٻڌائي سگهي؟

ڪن بہ ٻن ٻولين ۾ ايڏي هڪ جهڙائي محض اتفاقي ٿي نہ ٿي سگهي.

ٻولين جا ٻول يقيناً تبديل ٿين ٿا ۽ ترت بہ ٿين ٿا پر هر حالت ۾ سڀ جو سڀ نہ ڪي بلڪل هوري تبديل ٿين ٿا ۽ ڪي جهڙو ڪر نہ.

... سنڌي ٻوليءَ تي جيتوڻيڪ ٻاهريون اثر به ٿيو آهي، پر ان هوندي به ان جي ساخت ۽ سٽاءَ ۾ ڪا به ڦيرگهير نه آئي آهي...

ان ڪري اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته سنڌي ٻولي قديم دور کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ساڳي آهي. وقت گذرڻ ۽ ڌارئين اثر هيٺ، اها ڪي قدر بدليل ڏسجي ٿي پر ايتري ڦيرگهير نه آهي جيتري برصغير جي ٻين ٻولين ۾ ڏٺي وئي آهي. (ممتاز پٺاڻ [1971])

سنڌي ٻوليءَ ڪي ٻين ٻولين جي اکرن، لفظن ۽ جملن کي پنهنجي جسم ۾ جذب ڪرڻ جي اصل ذات مليل آهي جيڪا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ کي ورلي حاصل آهي. (سمون [1977])

سنڌي ۽ دراوڙي ۾ ڪي ئي هڪ جهڙا ٻول موجود آهن جن جو سنسڪرت ۾ پتو به نه ٿو ملي. اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو؟ جڏهن ته ويدڪ آرين کان پوءِ سنڌ ۾ دراوڙن جي گهري سماجي حڪمراني ۽ ميل جول جو پتو به نه ٿو ملي!

دراوڙ يُونِوچ (Mediterranean) سمنڊ کان آيا يا ڏکڻ ڀارت کان، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌي ويدڪ آرين کان اڳ پهتل هئا ۽ هتي جي سماج جو حصو ٿي چڪا هئا. ويدڪ آرين کان پوءِ سنڌ ۾ دراوڙن جي آمد/ڪاهه/راڄ جو ڪو مثال موجود ڪونهي. ٻڌائيندا سمرات صاحب جن ته سنڌي ٻوليءَ ۾، جيڪڏهن اها قديم/آڳاٽي/جهوني ۽ ڪهني ٻولي ناهي ته، دراوڙ ٻول ڪيئن پهتا؟

سنڌ مان سمنڊ هٽي پري ٿيو ته جن لوڪن اهي واريا سا پٽ اچي وسايا تن مان قديم ۾ قديم لوڪ هاٽوڪن ڪولن، سنٿالن ۽ ڀيلن وغيره جا ابا ڏاڏا هئا... ڪول، سنٿال، ڀيل وغيره اڳي جڏهن سنڌ سميت سڄي اتر هندستان ۾ رهندا هئا، تڏهن سنڌ ۾ جيڪا ٻولي چالو هئي، سا هن وقت وچ-هندستان ۾، چوٽا ناگپور طرف ڪول ۽ سنٿال ڳالهائين ٿا. (ڀيرومل [1972] 10 ۽ 11)

... {ڀيرومل جن هتي ’ڪولن جي ٻوليءَ جا سنڌيءَ ۾ نشان‘ ڄاڻائيندي اڳتي لکن ٿا}

...ڪولن ۽ منڊ لوڪن جي ٻولين جا ڪيا به ڪي نشان سنڌيءَ ۾ هوندا ته عجب ڪونهي. (ايضاً، ص-15)

... هن مان سمجهجي ٿو تہ دراوڙن جي ڪاهہ ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪي ڪول ۽ سنٿال ساٿن گڏ رهيا پيا هئا.

پيرومل جن هتي اي هسٽري آف انڊيا، ص_13 تان انگريزي ۾ حوالو آندو آهي جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

> ايئن ٿيو هوندو تہ بہ قومون/نسل (Races) يعني ڪولرَين (Kolarians) ۽ دراوڙ (Dravidians) هڪ ٻئي جا پاڙيسري ٿي رهيا هوندا. ۽ اهو ئي نظريو اڄ ڪلهہ عمومي طرح قبول ڪيو وڃي ٿو يا ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ هن ڌيهہ ۾ ڪولرَين اڳ ۾ اچي رهيا هجن ۽ دراوڙ پوءِ اتر يا اولهہ کان انهن ڌينهن ۾ آيا هجن جڏهن آسٽريليا جي رخ ۾ پکڙيل انڊيا جو اهو زمين ٽڪرو سمنڊ هيٺ اچي ويو هجي.
>
> مٿين ڪجهہ حوالن مان پڌرو آهي تہ دراوڙ ۽ ڪولرَين بہ جداريون قومون آهن ۽ موهن جي دڙي توڙي سنڌو ماٿر جا اصل پهريان آباد ڪندڙ بہ صرف ڪول، سنٿال ۽ ڀيل آهن جن کي ڪولرين قوم سڏجي ٿو. سنڌن سنئون سڌو واسطو يا سنڌن خاندان پروٽو_آسٽريلائڊ (Proto_Australiod) آهي. هن جو زمانو پراڻو پٿر جو دور آهي. دراوڙ قومون تہ ڌڪڻ هندستاني آهن ۽ ڪول، سنٿال ۽ ڀيل ماٺهن يعني مقامي ماڻهن مٿان فاتح بڻيا. جنهنڪري هنن پنهنجي هر شيءِ کي مقامي ماڻهن مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ٻنهي قومن پاڻ ۾ ميل ميلاپ سان رهڻ ڪري اڳي کان وڌيڪ هن خطي کي ترقي وٺرائي ۽ هيءُ وري نئين پٿر وارو دور سڏجي ٿو جنهن کي اٽڪل 5_ هزار ق.م جي تهذيب سڏجي ٿو. (قريشي [1995] 7)

**تنقيد جو 'معيار':**

> بلوچ {ڊاڪٽر نبي بخش خان} صاحب جو تہ فقط نظريو غلط هو پر سندس محنت ۽ ڏنل حوالا نهايت قيمتي ۽ وزندار هئا. برعڪس، هن ڪتاب {**سنڌي ٻولي**، سراج} جو نظريو ڪٿي ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهي پر ٻيو سڀ ڪجهہ ايترو ڪمزور آهي جو جاڻو ماڻهوءَ جو پڙهندي لطف گهٽجيو وڃي. (سمرات [1995] 22)

- حوالا نهايت قيمتي ۽ وزندار ـــ نظريو غلط!
- ٻيو سڀ ڪجھ ڪمزور ۽ ٻُسو ـــ نظريو هڪ حد تائين درست!

اهو منطق جنهن کي سمجھ ۾ اچي، مهرباني ڪري، ليکڪ کي سمجهائي.

جن ماڻهن وسهيو پئي تہ سچ هڪ ديوتا آهي، ڇا ٿا سمجهو انهن پنهنجي ان 'نظريي' جي وضاحت ۾ جيڪي 'دليل' ڏنا هوندا سي ڪي گهٽ 'قيمتي' ۽ 'وزندار' هوندا؟ ڌرتيءَ تي جيوت ۽ ان جي بقا جو دارومدار سج سان لاڳاپيل آهي، ان کان سواءِ اونده ۾ سيءُ ئي ڌرتيءَ جي 'نصيب' ۾ لکجي ويندا... ۽ جن سمجهيو پئي تہ ڌرتي گول ناهي، ڇا ٿا سمجهو انهن وٽ پنهنجي 'نظريي' جي وضاحت لاءِ ڪي 'وزني' ۽ 'قيمتي' 'دليل' ڪو نہ هئا؟

۽ جن چيو پئي تہ سج ڪو ديوتا ناهي، 'باهہ جو گولو' آهي يا ڌرتي هڪ گولو آهي ۽ پنهنجيءَ سَرائي (axis، محوَر) ۾ سج جي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي، انهن جا دليل هالو چالو سمجھ موجب ڇا (ٻُسا ۽ ڪمزور تہ ڇڏيو) واجب القتل نہ هئا؟

> ڀلا ههڙي نازڪ، عالماڻي ۽ بلڪل خشڪ موضوع لاءِ خسيس پنج سال بہ ڪو عرصو آهي؟ ...دوست {سراجُ} فقط پنج سال ڪجھ ڪتاب پڙهي ههڙي عالماڻي مضمون تي جيڪي لکندو ان کي ڪهڙو وزن ٿي سگهندو؟ (سمراٹ [1995])

'ڀلا ههڙي، نازڪ، عالماڻي ۽ بلڪل خشڪ موضوع' لاءِ گهٽا سال ۽ گهٽا ڪتاب پڙهجن جو ان ۾ 'وزن' پيدا ٿي سگهي؟

ضروري ناهي تہ هڪ موضوع ڪنهن هڪ لاءِ 'بلڪل خشڪ' هجي تہ ڪنهن ٻئي لاءِ بہ صورتحال ايئن ئي رهي، باقي جيستائين تعلق آهي موضوع جو تہ تحقيق جي دنيا ۾ هر موضوع نازڪ ۽ عالماڻو ٿئي ٿو. ليکڪ نہ ٿو ڄاڻي تہ 'وزندار' لکڻيءَ لاءِ گهٽا سال ۽ ڪيترا ڪتاب پڙهڻ جو شرط رکيل آهي. پر اهو ڄاڻي ٿو تہ ڪي ماڻهو 28ـ ورهين جي عمر ۾ ئي پِي ايچ ڊي (Ph.D) ڪري وٺن ٿا ۽ ڪي آهن جو ستر ورهين ۾ بہ جهڙوڪر ٻار. ڪن ماڻهن پنهنجين سڄين ڄمارن ۾ ڪو ڪارنامو سرانجام نہ ڏنو پر ڪي آهن جن 25ـ ورهين ۾ ئي دنيا کي وائڙو ڪري ڇڏيو. ليکڪ نہ ٿو سمجهي تہ ڏاهپ، ڏات ۽ ڏانءَ جو تعلق ورهين ۽ پوٿين جي ڳٽپ سان آهي.

> مان اٽڪل 25 سالن کان دنيا جي تاريخ جو مطالعو ڪندو پئي رهيو آهيان جو منهنجو ذوق آهي ۽ گذريل پنجن سالن کان 'موهن جو دڙو'

جي لپيءَ لاءِ ذخيرو گڏ ڪري رهيو آهيان تہ بہ گهربل ميزان تنگ ڪنيو بيٺو آهي. (سمرات [1995] 22)

خبر ناهي تہ هيءَ ڳالهہ چئي سمرات صاحب جن ڇا ٻڌائڻ گهرن ٿا. تحقيق جي دنيا ۾ ڪنهن هڪ موضوع ڪي صاف ٿيڻ لاءِ صديون گهربل هونديون آهن. توڙي جو ان موضوع تي ويچار ڪندي ڪن پنهنجون ڄمارون گذاري ڇڏيون هجن. اڄ جنهن ڦيٿي يا باهہ کي ناهي يا ٻاري سگهڻ جو ڪم هڪ ڀيرو بہ ڪري سگهي ٿو اهو ڪم عمل ۾ اچڻ لاءِ انسان ٿيندڙ ساهواري کي لکين ڇهہ لک ورهہ لڳي ويا. وڻ جو ميوو ڇڇڻ کان پوءِ ڇڻندو ئي رهندو آهي پر نيوٽن کي اتان ڇرپر جي هڪ قانون کي کوجڻ جي ڪنجي ملي وئي. آرڪميڊيز ڇيو هو تہ هڪ ڊگهي لٺ ۽ بيهڻ جي جاءِ ڏيو تہ ڌرتي کڻي ڏيکاريانوَ!

ڪنهن هڪ موضوع جي صفائي ڪنهن ٻئي موضوع جي مونجهاري کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي. ڪالهہ ماٺهوءَ لاءِ چنڊ جي تمنا ڪرڻ هڪ خواب هو اڄ مريخ کان اڳتي اڏامڻ جون سوچون پيو ڪري. ياد رکڻ گهرجي تہ هر موضوع جون ڪي اڳ_گهرجون (Pre_requists) هونديون آهن. هوائي جهاز جو ٺهڻ گذريل صديءَ ۽ ڪمپيوٽر جو ٺهڻ هن صديءَ ۾ ئي ممڪن هو اهو ڪم غارن ۽ ٻيلن ۾ رهندڙ آڳاٽو انسان نہ پئي ڪري سگهيو. اڄ سڄيءَ دنيا ۾ لکين سائنسدان/سڄاڻ موجود آهن پر ڪهڙو راز ڪير ۽ ڪڏهن سلجهائيندو ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي. ڊاڪٽر آسڪو پرپولا ۽ سندس ساٿي، ڊاڪٽر نوروزوف ۽ سندس ساٿي وغيره. ليڪڪ جي ڄاڻ موجب گذريل ٽيهہ کن ورهين کان سنڌو لکيت کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ مامرو حل نہ ٿو ٿئي.

**سنڌ صدين ڏوران** ڪانفرنس (1997ع) ۾ آسڪو پرپولا جن بہ پنهنجو هڪ عالمانہ ۽ تحقيقي موضوع **”رِيسينٽ ڊيولپمينٽس اِن دي اسٽڊي آف انڊس اسڪرپٽ“** پڙهيو هو جنهن ۾ ٻڌايائون تہ ”... پر ايئن ٿو ڀانئجي تہ سنڌو لکيت، جيستائين حقيقي تصويري خاڪن جو تعلق آهي، گهڻي ڀاڱي خودمختار تخليق آهي.“ اها ئي ڳالهہ سراج صاحب جن 1964ع ۾ ڪئي هئي، جنهن تي تنقيد ڪندي سمرات صاحب جن کي اهو مضمون لکڻو پيو آهي جنهن بابت هن وقت ڳالهہ ٻول ڪري رهيا آهيون.

پنجويھ ورهين جي پورهيي ۽ ڪمپيوٽر جي مدد سان ڪن عالمن سنڌو مُهرن تي گهٽي کان گهٽي نظر ايندڙ نشان کي  ’مڇي‘، دراوڙي ۾ ’مِن‘ (min) پڙهيو آهي ۽ ان کي هڪ وڏي اڳتي قرار ڏيندي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي. ليڪن حيران آهي تہ ان ساڳي ئي نشان کي سراج صاحب جن، 1964ع ۾ جڏهن ’مڇي‘ پڙهيو ۽ ’م+حرف علت‘ جو نمائندو سڏيو تہ ڇو اها ڳالهہ ساراهڻ بدران ڪين تنقيد جو نہ، ٺوڪ جو نشانو بڻايو ويو؟

سمراٽ صاحب جن وٽ پنجن سالن کان پوءِ بہ گهربل ميزان ٿنگ ڪنيو بيٺو آهي تہ انهيءَ تي اسان جو وس ناهي.

> مون محض هڪ طالبعلم جي حيثيت ۾ ٻولين ـــ ۽ خاص ڪري ڪُهنين ۽ قديم ٻولين جو مطالعو پئي ڪيو آهي، ۽ ٻين مطالعن کان هيءُ اڀياس وڌيڪ دل لڀائيندڙ محسوس ڪيو اٿم. (سراج [1964] 120)

هڪ عالم لاءِ جيڪو موضوع ’بلڪل خشڪ‘ آهي، اهو ٻئي لاءِ ’دل لڀائيندڙ‘! ليڪ کي ڏک اهو بہ آهي تہ جنهن لاءِ جيڪو موضوع ’دل لڀائيندڙ‘ هو اهو ان موضوع کي ڇٽڪ ڇڏي ڇڪو آهي نہ تہ گذريل ٽيهن ورهين ۾ ضرور ڪي ڇُڪيون ڇَڪائي ها!

> سو دوست! هي قيمتي ۽ عالماڻو ڪم فقط بزرگن ۽ عالمن لاءِ ڇڏي ڏيو. ڇو ڪراڙو ڪم ڪونهي جو نوجوان ايئن نباهي ويندو. (سمراٽ [1995] 26، ڪالم-3)

ڳالهائڻ جو اهو انداز ممڪن آهي تہ ڪن ’عالمن‘ کي ڏاڍو وڻي، ليڪ رڳو اهو عرض ٿو ڪري تہ، وڏڙا آهيو تہ وڏڙن واري نظر رکي پنهنجين ئي راهُن جي پانڌيئڙن کي ايئن نہ ڏڪاريو. توهان جو اهو عمل توهان تي سونهي نہ ٿو. توهان تہ نوجوانن کي سڏ ڏيو تہ تحقيق ۽ تدبر جي هن راهہ تي بہ اچو تہ جيئن توهان کان پوءِ اهي گس گم نہ ٿي وڃن.

سراج صاحب جن هن راهہ تي رمڻ کان جيڪا پهلوتهي اختيار ڪئي آهي، ڇا ان ۾ سمراٽ صاحب جن جي ان تنقيد جو بہ ڪو حصو آهي!؟

هت آئون ڪليل لفظن ۾ اعتراف ڪرڻ گهران ٿو تہ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي حل ڪرڻ متعلق مون کي ڪا خوشفهمي نہ آهي... منهنجي هن ڪتاب کي بہ هڪ ڪوشش سمجهڻ گهرجي. عين ممڪن آهي تہ منهنجي ڪوشش بہ قطعي غلط هجي. ان حالت ۾ اميد تہ پڙهندڙ۽ عالم ان کي هڪ طالبعلم جي ڪوشش ۽ پيار جو پورهيو سمجهي معاف ڪندا. (سراج [1964] پيش لفظ)

❊

ليڪڪ جي سَڌ آهي تہ ۽ ان ڪري سراج صاحب جن کي هڪ گذارش ڪجي ٿي تہ جيڪڏهن پنهنجي نڪتہءِ نظر کي درست سمجهو ٿا ۽ ان مان مطمئن آهيو ۽ جي نہ آهيو تہ بہ، **سنڌي ٻولي** ڪتاب لکي ٽيهہ ورهہ گذري چڪا آهن ۽ تحقيق جي دنيا اجا گهڻو اڳتي وڌي وئي آهي، ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي نڪتہءِ نظر کي نئون، تازو ۽ توانو ڪريو جيڪو ۽ جيترو حصو نامناسب يا غلط هجي، ان کي عالمانہ فراخدليءَ سان قبول ڪندي، ڪوري ڪڍي ڇڏيو ۽ جيڪو ۽ جيترو درست هجي ان کي وڌائي ويجهائي مواڙ ڪريو تہ جيئن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت ٿيندڙ تحقيق اجا ڪجهہ اڳتي وڌي سگهن ۽ اسان جهڙا انهن راهن جا پانڌيئڙا ۽ موکيءَ جي انهن مَٽن جا هيراڪ پنهنجو پاڻ کي ذهني طرح متارو ڪري سگهن.

...

**ليکڪَا**


1. آغا خالد سليم [1984ع] **سنڌ ۾ موسيقي** (ڪتاب)، (اردو)، پهريون ڇاپو اداره ثقافت پاڪستان اسلام آباد.
2. الانا، غلام علي ڊاڪٽر [1974ع] **سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد** (ڪتاب)، پهريون ڇاپو زيب ادبي مرڪز حيدرآباد.
3. الانا، غلام علي ڊاڪٽر[1987ع] **سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس**، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.
4. باربر، سي. ايل. [1982ع] **دي اسٽوري آف لئنگئيج**، (انگريزي)، اٺون ڇاپو پان بُڪس لميٽيڊ ڪاواءِ پليس، لنڊن.
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر [1990ع] **سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ**، ٽيون ڇاپو پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو.

6. بورڊِي، جاهن جي. [1981ع] **اين اينقئائريِ اِنٽو دي گلاٽو-ڪرانالاجي آف سنڌي فونولاجي** (مضمون)، (**سنڌ ٿرو سينچريز** نالي جوڙيل ڪتاب)، آڪسفورڊ پريس.
7. ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر [1978ع] **سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج**، پهريون ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.
8. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي [1972ع] **سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ**، ٽيون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
9. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي [1985ع] **وڏو سنڌي وياڪرڻ**، ٻيو ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.
10. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي [1992ع] **قديم سنڌ**، ٽيون ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
11. پرپولا آسڪو ڊاڪٽر [1981ع] **ريسينٽ ڊولپمينٽس ان دي اسٽڊي آف انڊس اسڪرپٽ** (مضمون)، (**سنڌ ٿرو سينچريز** نالي جوڙيل ڪتاب)، آڪسفورڊ پريس.
12. پنهور، ايم. ايڇ.: **سنڌ جون ٻوليون** (مضمون)، سنڌي ترجمو: محبت ٻرڙو ماهوار **ڪينجهر** حيدرآباد، اپريل 1995ع.
13. رچنداڻي، ليلا رام ڏيونداس [1989ع] **سنڌي ٻولي**، احمد آباد، ڀارت.
14. سراج (سراج الحق ميمڻ) [1964ع] **سنڌي ٻولي**، پهريون ڇاپو عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد.
15. سمرات، گنگارام: **سنڌي ٻولي** (مضمون)، ماهوار **سنڌ سڄاڳ** ڪراچي، آگسٽ 1995ع.
16. سمون، صالح محمد يار محمد: **سنڌي ٻولي ۽ ان جا ڏار ڏار لهجا** (مضمون)، ماهوار **نئين زندگي** حيدرآباد، اپريل-مئي 1977ع.
17. قريشي، پروفيسر مظهر علي: **موهن جي دڙي جا آباد ڪندڙ انسان** (مضمون)، ماهوار **نئين زندگي** حيدرآباد، جون 1995ع.
18. ڀناڻ، ممتاز ڊاڪٽر: **سنڌي پراڻي شاعري تي هڪ نظر** (مضمون)، ماهوار **نئين زندگي** حيدرآباد، اپريل 1971ع.
19. **جامع سنڌي لغات** (5-جلد).
20. **چئمبرس انگلش ڊڪشنري**


***

# ”سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت“ [2003ع]

# پيش لفظ

ٻوليءَ جي سلسلي ۾ لکيل، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي زرخيز ذهن مان سرجيل مقالن ۽ مضمونن جي هڪ ٻي سميڙ ”**سنڌي ٻولي: لفظ لغت ۽ لکيت**“ عنوان هيٺ ڪتابي روپ ۾، ڊاڪٽر محبت جي ڇهين ورسيءَ جي موقعي تي نرواري پئي وڃي، ته جيئن هِن عالم ماڻهوءَ جي، پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڪيل تخليقي، تحقيقي ۽ علمي-تنقيدي پيشڪش مان لاڀ پرائي سگهجي.

هن ڪتاب جو پهريون مقالو ”**/هِڪ/: حقيقت ڇا آهي؟**“ هڪ انوکو مقالو آهي، جنهن ۾ **هڪ** لفظ جي چنڊڇاڻ ڪيل آهي. هيءُ مقالو به، دراصل، ڊاڪٽر محبت جي ان علمي راءِ جو تسلسل آهي، ته جيڪو به لفظ سنڌي ٻوليءَ جو مفرد/بنيادي/پهريتو سمجهيو ۽ سمجهايو وڃي ٿو سو حقيقت ۾ مفرد لفظ ناهي: پيڙهائتو لفظ اڃا اڳيرو آهي.

ڪتاب جو ٻيو تنقيدي مقالو/اڀياس ”**جامع سنڌي لغات جو جائزو**“ هڪ بهترين ۽ استدلالي لکت آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر محبت ساراهه جوڳي ذهني ۽ علمي جاکوڙ ڪري، ”جامع سنڌي لغات“ جي ”جامعيت“ کي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ هڪ نئين روپ ۾ اڳيان آندو. ڇا اها حيرت جوڳي ڳالهه ناهي ته ”...لغات“ جي پهرين جلد ۾ ڏنل لفظن مان 1155 لفظَ ”...لغات“ جي پنجن ئي جلدن ۾، معنيٰ لاءِ لفظ طور موجود نه هجن!؟ پر جيڪڏهن اهڙي جاکوڙ ٻي، ٽين، چوٿين ۽ پنجين جلدن ۾ به ڪئي وڃي، ته اهو تعداد ڪيتري وڃي دنگ ڪندو؟ اهم ۽ اچرج جوڳي ڳالهه هيءَ به آهي ته انهن 1155 لفظن مان الف، ب ۽ ٻ سان شروع ٿيندڙ 343 لفظ ۽ اصطلاح، وڏي محنت ۽ مشقت سان سوڌيل ۽ سنواريل ”پهرين جلد“ ۾ موجود ناهن! هڪڙي ٻي جاکوڙ هيءَ به ڪري سگهجي پئي ته رهيل چئني جلدن ۾ ڏنل الف، ب ۽ ٻ سان شروع ٿيندڙ ڪهڙا لفظ ۽ اصطلاح ”پهرين جلد“ ۾ ناهن ڏنا ويا؟ ان ڪري حقيقي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ”جامع سنڌي لغات“ کي بلڪل نئين سر سنواري، جامع بڻايو وڃي.

ٽيون مضمون ”**الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ**“ پڻ مدلل ۽ تنقيدي مضمون آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ متوقع رومن لکيت ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوشش جي جواب طور، ڊاڪٽر محبت لکيو. جيئن تہ رومن لکيت جو وڏو حمايتي حليم بروهي صاحب رهيو آهي ۽ هن صاحب هَلڪي ٻوليءَ ۾ هڪ مضمون لکيو جنهن ۾ هن ماناٽين شخصيتن تي اگرا چوهڙ چنڊيا. تنهنڪري ڊاڪٽر محبت هن مضمون ۾ مخاطب بہ بروهي صاحب کي ڪيو. ڊاڪٽر محبت پنهنجي عالماڻي رويي موجب، ذاتي مؤقف کي واضح ڪري ٻڌايو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ موجوده عربي–سنڌي لکيت ئي بهتر آهي.

چوٿون ننڍو مضمون ”**آهي تہ ڇڪ ننڍڙي پر...**“ ان غلطيءَ جي نشاندهي ٿو ڪري، تہ اسان کي لفظن، خصوصاً اسمن جي شعوري توڙي لاشعوري طور ٿيندڙ/ڪئي ويندڙ غلطين، غلط اچارن ۽ تحريرن ڌانهن جوڳو ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ درست اچارن ۽ لکتن لاءِ اثرائتيون ۽ عملي ڪوششون وٺڻ گهرجن ۽ لفظن جي بگاڙ ۽ تبديل کان بچڻ گهرجي.

ڪتاب ۾ ڏنل پنجون ۽ آخري مضمون ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي صاحب جي هڪ انگريزي مضمون جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو 1994ع ڌاري ڊاڪٽر محبت ڪيو، پر ٻگهيو صاحب، ڊاڪٽر محبت جي جوڙيل سنڌي اصطلاحن ۽ ترجمي سان متفق نہ ٿي سگهيو جنهنڪري اهو مضمون اَڻ ڇپيل ئي رهجي ويو پر پوءِ ڪجهہ تبديلين ۽ واڌارن سان ٻگهئي صاحب شايد پاڻ اهو مضمون ترجمو ڪري، پنهنجي ڪتاب ”**سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين**“ (1998ع) ۾ شامل ڪيو. ان ريت جيڪا محنت ڊاڪٽر محبت ان مضمون تي ڪئي ۽ وقت سيڙايو سو ڇڻ تہ اجايو ويو. مون اهو مضمون صرف ڊاڪٽر محبت جي ڪيل ان محنت ۽ وقت–سجائيءَ خاطر موجوده ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. هڪ ٻيو سبب اهو بہ آهي تہ هيءُ مضمون مٿي ڄاڻايل ۽ ڇپيل مضمون کان مواد ۾ ڪجهہ قدر مختلف پڻ آهي، جنهن جو اندازو ٻنهي مضمونن کي پڙهي، ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر محبت جي تنقيدي مقالن جي نسبت سان، مان ماهوار ”ڪينجهر“ حيدرآباد جي ايڊيٽر ناز سنائي صاحب کي اپيل ٿو ڪيان، تہ هو مهرباني ڪري، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي تنقيدي مضمون ”**ضميري پڇاڙيءَ ۽ صحيح سنڌي ٻولي مقالي جو لسانياتي اڀياس**“ (تماهي ”مهراڻ“ جنوري–مارچ 1995ع) جي جواب

۾ لکيل، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي تنقيدي-علمي مقالي **”اپياس جو اپياس“**[21] جي نقل ڪاپي ٿي سهي، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر کي ڏئي ته جيئن ”اڪيڊمي“ ان کي ڇپرائڻ جو بندوبست ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي حلقن آڏو پيش ڪري ۽ ٻوليءَ جي بهتريءَ لاءِ ڪيل هڪ علمي ڪوشش ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي، پنهنجو فرض نڀائي سگهي.

امید ٿو رکان ته هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي مقالن ۽ مضمونن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن، لغت ۽ لکيت کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي.

مهرباني.

**رياضت ٻرڙو**

2-اپريل 2003ع، قنبر

***

[21] نوٽ: اِن ڪتاب جو هڪُ ابتدائي مسودو، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي قلمي مواد ۾ موجود هو جنهن کي ترتيب ڏئي، **”ضميري پڇاڙيون“** جي نالي سان، اپريل 2013ع ۾، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران، ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. ان هوندي به، اصل ۽ مڪمل مسودي جي گهرج آهي، جنهن جي ڇپجڻ سان، يقيناً، سنڌي ٻوليءَ جا ڪيئي ڳڻ پڌرا ٿيندا. (رياضت)

# /هڪ/
# حقيقت ڇا آهي؟◇

/**هِڪ**/ سنڌيءَ ٻوليءَ جو هڪ عام مروج ٻول آهي، جنهن جي اصل، معنيٰ ۽ مفهوم بابت ’جامع سنڌي لغات‘ (ج س ل) ٻڌائي ٿي تہ:

- هِڪُ: صفت : [سن. ايڪ] هڪ جو انگ = هڪڙو - ڳاڻيٽي جو عدد - ايڪو (اصل سنسڪرت ”ايڪن“ آهي. ”اي“ معنيٰ اچڻ ۽ ”ڪن“ معنيٰ وڃڻ. ايڪن معنيٰ پاٺيهي اچي پاٺيهي وڃي يعني اڪيلو - ڇڙهو. اڪين جو اچار ڦيرائي ايڪ، هيڪ، هڪ ۽ هڪڙو ٿيو آهي).

يعني

/اي/۽/ڪن/ جي ميلاپ وسيلي ٺهيل مرڪب ٻول (Compound Word)

/ايڪن/ هڪ ڌاتو ٻول آهي، ان جي لفظي معنيٰ ’اچڻ وڃڻ‘ آهي ۽ ان جي حقيقي اچار کي گهٽائي ۽ ڦيرائي /ايڪ، هيڪ، هڪ ۽ هڪڙو/ جهڙا ٻول ٺاهيا ويا آهن!

انهيءَ سلسلي ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي جن جي وضاحت ۽ ان تي تبصرو هيٺ ڏجي ٿو:

- سنسڪرت جو اثر سنڌيءَ تي ڪيئن پيو آهي، ان لاءِ خود پيرومل مهرچند ٿي لکي ٿو تہ، ”ڪيترا پنڊت ڌرمي ڳالهين بابت بحث مباحثو ڪندا ئي سنسڪرت ۾ آهن...“

۽ اهڙو اثر سنڌيءَ جي ڪن نحوي صورتن تي بہ پيو آهي، جنهن جا ڪجهہ مثال پيرومل پنهنجي ڪتابن ”**وڏو سنڌي وياڪرڻ**“ ۽ ”**سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ**“ ۾ ڏنا آهن، جي هن ريت آهن...

انگن ۾ پهريون آهي هڪ يا هڪڙو جو اصل سنسڪرت لفظ ”ايڪن“ آهي (سنسڪرت ۾ ”اي“ معنيٰ اچڻ ۽ ”ڪن“ معنيٰ وڃڻ ـــ ايڪن معنيٰ جو پاڻهي اچي وڃي.)

هڪ لفظ جو اهو اشتقاق بہ ڏاڍو عجيب ڇئبو!

---

◇ تماهي ’**مهراڻ**‘ [جولاءِ-ڊسمبر 1997ع] ۾ ڇپيل.

(ليلا رام ڏيونداس رچنداڻي، **’سنڌي ٻولي‘** [1989] ص 38_39)

لفظ جو اهو اشتقاق عجيب ۽ پانئجي يا نہ، سنڌيءَ جي ڪجهہ عالمن ’ايڪن‘ ڪي ئي ’هڪ‘ جو ڌاتو بنياد يا اصل سڏيو آهي.

مرزا قليچ بيگ جن ’هڪ‘ جو ڌاتو ’ايڪ‘ ٻڌائن ٿا:

- **عددن جو اصل:** سنڌي ڳاڻيٽي جا لفظ، يا عدد شماري توڙي قطاري، سڀ پراڪرت جي معرفت سنسڪرت مان ورتل آهن. ’هِڪ‘ سنسڪرت ’ايڪ‘ ۽ پراڪرت ’ايڪ‘ مان نڪتل آهي. هندي ۾ ’ايڪ‘ آهي.

(**’سنڌي وياڪرڻ‘** 4_ ڀاڱا [1992] ص 244)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جن پنهنجي ڪتاب **”دي گرامر آف سنڌي لينگئيج“** [1872] (ص 185) ۾ چيو آهي تہ سمورا سنڌي انگ پراڪرت وسيلي سنسڪرت مان ڦيرايل/ورتل آهن ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جن اتان اهو ٽڪرو ڪٽي پنهنجي ڪتاب **”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد“** [1974] (ص 77) ۾ بنا ڪنهن تبصري جي آندو آهي.

يعني

’ايڪ‘ بنيادي لفظ آهي ۽ ’هڪ‘ انهيءَ تان نهيو آهي، جڏهن تہ ’ايڪ‘ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي. انهن صاحبن ’ايڪن‘ لفظ جو ذڪر نہ ڪيو آهي.

سراج صاحب جن سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي قديم ترين ۽ بنيادي ٻولين مان هڪ سمجهن ٿا ۽ پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت مان ڦٽي ۽ بگڙي نڪتل ٻولي نہ ٿا سمجهن. اجا بہ سنسڪرت جي ڪيترن ئي ٻولن کي سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي مان آيل سمجهن ٿا (اهو مڃيندي تہ سنڌيءَ جا ڪيترائي ٻول سنسڪرت اصل مان آهن) سندن راءِ:

- سنڌيءَ جي قدامت جو هڪ وڏو ثبوت انگن مان بہ ملي ٿو. سنڌيءَ جي انگن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هند_ آريائي زبانن مان پراڻي ۾ پراڻي صورت سنڌي انگن جي آهي. سنڌي ’هڪ‘ کي اسين ’ايڪو‘ بہ چئون. ٻين ٻولين ۾ اهو ٻنهي صورتن ۾ موجود آهي. سنسڪرت اڪ ۽ ايڪ، هتي_ ايڪ ۽ هيڪ (اويستا _ آيئوا، يوناني_ ايئس، لئٽن_ اونس، گاٿڪ _اِنيس.) سنڌي هڪ جو مثال ان جي وقتي شمار جي صورت ’هيڪر‘، اويستا ’هيڪرت‘ مان ملي ٿو.

(**’سنڌي ٻولي‘** [1964] ص 61)

يعني

’هڪ‘ ۽ ’ايڪ‘ (ايڪو) سنڌي ٻوليءَ جا ٻول آهن ۽ ائين ئي سنسڪرت ۾ ’اڪ‘ ۽ ’ايڪ‘ ۽ دنيا جي ڪجھ ٻولين ۾ لڳ ڀڳ اهڙو اچار رکندڙ ٻول موجود آهن. سنڌن راءِ مان پڌرو ٿئي ٿو تہ ’هڪ‘ ۽ ’ايڪ‘ (ايڪو) ڪي سنڌي ٻوليءَ جو اصلوڪو ۽ بنيادي ٻول سمجهن ٿا پر جتي ڪنهن هڪ لفظ لاءِ ايڏو اختلاف راءِ موجود هجي اتي اها ڳالھ ڪرڻ لاءِ ڪجھ وڌيڪ مضبوط دليلن جي گهرج رهي ٿي.

چيمبرس ڊڪشنري ’One‘ (وَن = هڪ) لاءِ ٻڌائي ٿي تہ اهو ٻول پراڻي انگريزي (Old English) ۾ ān (اين = [اي] + [ن])، پراڻي نورس ۾ einn (ائِنَ)، جرمن ۾ ein (اِينَ يا اِئن)، لاطيني ۾ ūnus (اُونَس) ۽ يوناني ۾ oinē (اَئني يا اوئني) آهي. اجوڪي انگريزيءَ ۾ مروج a (اي) بابت وڌيڪ چوي ٿي تہ اهو ٻول پراڻي انگريزي جي an جي ٽٽل صورت آهي جيڪو ڪنهن وينجن (Consonant) سان شروع ٿيندڙ ٻول جي آڏو اچي ٿو. (جملي ۾ ’هڪ‘ جو مفهوم پيدا ڪري ٿو.)

سنڌي ٻوليءَ ۾ /هڪ، هيڪ، ايڪ ۽ اِڪ/ کي بنيادي ٻول طور شامل رکندڙ هيٺيان لفظ موجود آهن:

- هڪڙو: ذ. صفت. [سن. ايڪ = هڪ] هڪ – واحد – ڇڙو – اڪيلو – نجو – يڪو.
- هِڪڙائي، هڪڙِي
- هيڪُ ج هيڪا: ذ. صفت. هڪ – هڪڙو – هڪ ڄڻو – هڪ عدد – ڇڙو.
- هيڪا ڏٺا، هيڪار، هيڪان، هيڪاٽي، هيڪاهہ، هڪائي (هيڪايون)، هيڪر، هيڪڙ، هيڪڙاند، هيڪڙائي، هيڪڙو، هيڪلاڻ، هيڪلائي، هيڪلو (هيڪلا)، هيڪلي (هيڪليون)، هيڪو (هيڪا)، هيڪوٽو (هيڪوٽا)، هيڪوندو (هيڪوندا)، هيڪوڻ، هيڪوٽائي، هيڪوٽو هيڪاري، هيڪاند، هيڪاندو (هيڪاندا).
- هيڪل (ت): صفت. [سن. ايڪ = هڪ] اڪيلو – اڪيلي سر.
- هيڪلو (هيڪلا). (ج س ل)
- هيڪاند: (سن. ايڪانَتَ). گڏجڻ، ملاقات. (’تحقيق لغات سنڌي‘)
- ايڪانَت: (سن. ايڪانَت. ايڪ = هڪ+اَنَت = حد. 0 اَنت = ٻڌڻ)، اڪيلائي، نويڪلائي، گوشہ نشيني.

- ايڪتا: (سن. ايڪتا. ايڪ = هڪ. 0اِڻ =وڃڻ)، ايڪو اتحاد، ٻَڌي. ('سامي ڏاتو ڪوش')
- ايڪاسي: (گ. ايڪاسي. پرا. ايڪاسِ. سن. ايڪاشيت) اسي ۽ هڪ.
- ايڪانوي: (سن. ايڪانَوَتِ) نوي ۽ هڪ.
- ايڪٽيهہ: (پرا. ايڪتِيس. سن. ايڪتِرِنشَتْ) ٽيهہ ۽ هڪ.
- ايڪونجاهہ: (گ. ايڪاوَن. پرا. ايڪاوَنَ. سن. ايڪَپَنچاشَتْ) پنجاهہ ۽ هڪ.
- ايڪهتر: (گ. ايڪوتيرَ. سن. ايڪسَپَتَ) ستر ۽ هڪ.
- ايڪهٺ: (گ. ايڪَسَٺَ. سن. ايڪَشَشٺ) سٺ ۽ هڪ.
- ايڪيتاليهہ: (سن. ايڪچتوارِنشَتْ) چاليهہ ۽ هڪ.
- ايڪيهہ: (سن. ايڪوِنشَتْ) ويهہ ۽ هڪ.

(ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو '**تحقيق لغات سنڌي**' [1980])

- ايڪ: صفت. [سن. ايڪ] هڪ ـ واحد ـ هڪڙو.

ـ ايڪادَسِي، ايڪادَشِي: ث. [سن. ايڪادَشي] سنڌي مهيني جي يارهين تِٿَ (جنهن تي هندو ورت رکندا آهن) ـ گيارس.

ـ ايڪائي، ايڪڙ ٻيڪڙ، ايڪلائي (ايڪلايون)، ايڪلڏارو (ايڪلڏارا).

- ايڪلو ج ايڪلا: ذ. صفت. [سن. ڪيوَلَ] هڪ ـ اڪيلو ـ هيڪلو ـ تنها ـ ڇڙو. (ث) ايڪلي ج ايڪليون.
- ايڪو ج ايڪا: ذ. صفت. [سن. ايڪ] هڪ ـ هڪڙو (عدد) ـ هڪ درجي وارو انگ (1 کان 9 تائين). ايڪتا ـ اتحاد ـ ٻڌي. هڪ ڏڪي واري ڳاڏي ـ چڪڙو.

ـ ايڪواٽِي (ايڪواٽيون)، ايڪوائي (ايڪوايون).

- ايڪوتَر ج ايڪوترو: صفت. [سن. ايڪ + اُتَّر] هڪ سيڪڙو ـ سوَ تي هڪ (وياج).
- ايڪهٽو ج ايڪهٽا: ذ. [سن. ايڪ + آهار] ڏينهن ۾ هڪ پيرو کاڌو..
- ايڪيتالُ: ذ. واپارين جي اصطلاح ۾ هڪ مڻ ۾ چاليهن سيرن بدران ايڪيتاليهن سيرن جي تور. (ج س ل)

- اِڪِي: صفت. [سن. ايڪ = هڪ] اهو عدد جو ٻن سان نہ ونڊجي سگهجي. ”ٻڌيءَ“ جو ضد.
- اِڪو جِ اِڪا: ذ. صفت. [سن. ايڪ = هڪ] يَڪو ـ هڪڙو ـ هڪ عدد. (ج س ل)
- اڪيلو: (سن. ايڪَ. هـ. ”لا“ پچاڙي)، نرالو هڪ ڇڙو ڇڙو.

(تحقيق لغات سنڌي)

مختلف ٻولن جي معنيٰ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي /يَڪو/ ٻول پڻ ڪم آيو آهي. بهتر آهي تہ ان جي جاچ بہ ڪري ونجي.

- يَڪُ: ذ.صفت. [ف] هڪ ـ ايڪ ـ واحد ـ اڪيلو..

ـ يڪتارو (يڪتارا)، يڪ تَهو يڪ جاءِ، يڪدم، يڪ رنگو يڪ زبان، يڪ مَنو يڪتا.

- يَڪو جِ يَڪا: ذ. صفت. [ف] واحد ـ هڪ.
- يَڪُو جِ يَڪُو: ذ. صفت. هڪ اڪ وارو ـ ڪاٺو..
- يگان: ذ. [ف. يڪ+گان] اڪيلو ـ واحد ـ هڪڙوئي.

ـ يگانو (يگانا)، يگانگي (يگانگيون) (ج س ل)

/هڪ، هيڪ، اڪ ۽ ايڪ/ سان گڏ، ليکڪ جي سڏ آهي تہ /يَڪ/ کي بہ ذهن ۾ رکيو وڃي.

انهن، مٿي ڏنل سيني ٻولن جي وچ ۾ معنوي ۽ اصطلاحي حوالي سان هڪ ساڳياپ موجود آهي، اهي پاڻ ۾ هڪ گهاٽو ناتو رکن ٿا. اهي ڪنهن ساڳي ئي ڌاتو ٻول مان اپرن ٿا/نڪتل آهن ۽ ان ڪري ئي اشتقاق ۾ هڪ جهڙي معنيٰ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. انهن جي وچ ۾ معنوي فرق ساڻن ڳنڍيل پڇاڙين (suffixes) جي ڪري آهي.

هِتي، ڇا اهو سوال اٿارڻ فطري ناهي تہ انهن سيني ٻولن ۾ ڌاتو ٻول ڪهڙو آهي؟

ليکڪ اهو سوال اٿارڻ بہ ضروري ٿو سمجهي تہ ڌاتو ٻول ڇا انهن ئي مان ڪو هڪ هئڻ ضروري آهي؟

ڇا اهو ممڪن ناهي تہ انهن سيني ٻولن جو ڌاتو مٿان مورڳو ئي ڪو ٻيو هجي!؟

مٿي ڏنل سيني ٻولن کي ڏيان سان جاچڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ وڌيڪ نروار ٻول /هڪ، هيڪ، اڪ، ايڪ ۽ يڪ/ آهن. ۽ وڏو امڪان اهو آهي تہ ڌاتو ٻول

انهن ئي مان ڪو هڪ هوندو پر ليڪڪ انهيءَ راءِ جو آهي تہ حقيقي پاڙ (root)، اصولي ڏاتو ٻول اچا ڪو ٻيو آهي. ڪهڙو؟ ليڪڪ ائين چوتو چوي؟

اچو تہ لفظن جي آوازن تي ڌيان ڏيون:

- /هِڪَ/ = [هہ] + [اِ] + [ڪ]
- /هِيڪَ/ = [هہ] + [اِي] + [ڪ]
- /اِڪَ/ = [اِ] + [ڪ]
- /ايڪَ/ = [اِي] + [ڪ]
- /يَڪَ/ = [ي] + [اَ] + [ڪ]

ڪو اعتراض اٿاري سگهي ٿو تہ صحيح اچار /هِڪَ/ نہ پر /هِڪُ/ آهي ۽ اهڙيءَ طرح /هِيڪَ/ درست ناهي پر /هيڪُ/، جيئن ج س ل جاڻايو آهي. يا وري /هيڪِ/ درست آهي ۽ /ايڪَ/ جي بدران درست اچار /ايڪُ/ ٿيندو. پر، پانيان ٿو تہ /اِڪَ ۽ ايڪَ/ جي اچار تي ڪو بہ اعتراض نہ اٿاريو ويندو ۽ جن سببن جي ڪري انهن ٻولن جي اچار تي اعتراض نہ ٿواٿي نيڪ انهن سببن جي ڪري /هِڪَ، هِيڪَ ۽ ايڪَ/ تي بہ اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي پر پوءِ بہ مختصر ڳالهہ ٻول ۾ وضاحت جي گهرج، بهرحال، موجود آهي.

(1) هيءَ هِڪُ هٽ آهي.

(2) هيءَ هڪَ آڱر آهي.

پهرئين جملي ۾ /هِڪُ/ ۽ ٻئي جملي ۾ /هِڪَ/ ٻول ڪم آيو آهي.

/هِڪُ/ = [هہ] + [اِ] + [ڪ] + [اُ]

/هِڪَ/ = [هہ] + [اِ] + [ڪ] + [اَ]

ٻنهي ٻولن جو (ٽرت)_ڏاتو ساڳيو آهي، ٻئي صفت آهن پر ٻنهي جي مفهوم ۾ معنوي فرق موجود آهي، ۽ اهو معنوي فرق انهن ٻنهي ٻولن جي ڇيهہ وٽ آيل صرفيائن {اُ} ۽ {اَ} جي ڪري آهي جن کي پروس صورت يا پڇاڙي بہ سڏي سگهجي ٿو.

/_اُ/ پڇاڙيءَ واسطيدار ٻول ۾ مذڪر واحد جو مفهوم وڌايو آهي.

/_اَ/ پڇاڙيءَ واسطيدار ٻول ۾ مؤنث واحد جو مفهوم وڌايو آهي.

انهن ٻنهي ٻولن جو (ٽرت)_ڏاتو ٿيندو /_هِڪَ/ = [هہ]+[اِ]+[ڪ]

/اِڪو/ ۾ /_او/ ۽ /_اِڪي/ ۾ /_اِي/ پڇاڙيون آهن جيڪي ٻول ۾ معنوي فرق پيدا ڪندي صرفيه جو ڪردار ادا ڪن ٿيون. ٻنهي ٻولن جو (ترت) _ڏاتو /اِڪُ/ آهي.

[نوٽ: '**سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو**' ليکڪ واحد بخش شيخ. '**وڏو سنڌي وياڪرڻ**' ليکڪ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، '**سنڌي معلم**' ليکڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا، '**سنڌي وياڪرڻ**' (4_ڀاڱا) ليکڪ مرزا قليچ بيگ ۽ سنڌي وياڪرڻ جي حوالي سان لکيل ٻين ڪتابن ۾ مٿي ڄاڻايل پڇاڙين جو تفصيلي ذڪر موجود آهي.]

/هيڪاٽي/ ۽ /هيڪائي/ ٻولن ۾ واريسر /_آٽي/ ۽ /_آئي/ پڇاڙيون آهن تنهنڪري انهن ٻولن جو (ترت) _ڏاتو ٿيندو /هيڪُ/.

/ايڪاٽي/ ۽ /ايڪائي/ ٻولن ۾ واريسر /_آٽي/ ۽ /_آئي/ پڇاڙيون آهن تنهنڪري انهن ٻولن جو (ترت) _ڏاتو ٿيندو /ايڪُ/.

/ايڪ/ جو قري، مَتجي /هيڪ/ ٿيڻ ۽ /هيڪ/ جو قري، مَتجي /ايڪ/ ٿيڻ ۽ ساڳيءَ طرح /هِڪ/ ۽ /اِڪ/ جي هڪ ٻئي ۾ مَٽ ست سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان بحث جوڳي ڳالهه ٿي ناهي. سنڌيءَ ۾ ضمير غائب جي نمائندگي ڪندڙ ٻول ان جو چٽو مثال آهن.

- اِيءُ: ضمير. [سن. اِوَمَ] هيءُ. (ج س ل)

_ ”اِي ڪم الاهي، نه ته ڪُنن ۾ ڪير گهڙي.“ (شاهه: سهڻي)

_ ”هِي منهن ڏئي ٻن، تون وهه ڪائي نه مرين.“ (شاهه: مارئي)

هِنَ = اِنَ

هُنَ = اُنَ

هُنَنَ = اُنَن، اُنهن

هِنَنَ = اِنَن، اِنهن

هو = او

هي = اي

ليکڪ پاران اهو سوال اٿارڻ بلڪل فطري آهي ته /هِڪ/ قري، مَتجي، وڏي /هيڪ/ ٿيو آهي يا /هيڪ/ قري، متجي، گهٽجي /هڪ/ ٿيو آهي؟

مختلف لغتن تان چونڊيل، مٿي ڄيترا به ٻول ڏنا ويا آهن انهن مان ڪنهن ۾ به، جيڪڏهن، ڪو ٻول ڏاتو طور نشانبر ڪيل آهي ته اهو /ايڪ/ ٿي آهي، تنهنڪري،

چئبو تہ انهن عالمن جي نظر ۾ ڌاتو ٻول /ايڪ/ آهي جيڪو ڦري، مَتجي، سُسي يا گَهتجي /اِڪ/ ٿيو آهي ۽ ساڳين بنيادن تي چئبو تہ /هيڪ/ پڻ ڦري، متجي، گهتجي /هڪ/ ٿيو آهي.

ڪن ٻولن ۾ جڏهن تبديلي اچي ٿي تڏهن ڇا سُر آواز سُسندا يعني ڊگهي سُر مان بدلجي ننڍا سُر ٿيندا آهن؟

جي، 'ها'، تہ ان جي ڪا ثابتي؟

۽ جي مڃجي تہ /ايڪن/ ڦري /ايڪ/ ۽ اهو ڦري /اڪ/ ٿيو آهي تہ انهيءَ ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وڌيڪ دليلن جي گهرج پوندي.

ليکڪ وٽ اهو پروسو رکڻ لاءِ ڪيترائي سبب ۽ انهن لاءِ مثال موجود آهن تہ ننڍو سر آواز ٻول جي ڪيترين ئي ترڪيبن ۾ ڦري، متجي، وڌي (اندروني تبديليءَ هيٺ اچي) ڊگهو سر ٿي سگهندو آهي، ۽ ڪيترين ئي حالتن ۾ هڪ معنوي فرق پيدا ڪندو آهي. ٿورا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**فعلي ٻولن جو ڌاتو ۽ اسم مصدر**

| لازمي صورت | اندروني تبديلي | متعدي صورت |
|---|---|---|
| ٻَـرَ، ٻَرڻ | [ اَ ] وڌي [ آ ] ٿئي ٿو | ٻـارَ، ٻارڻ |
| ٽَـرَ، ٽَرڻ | = | ٽـارَ، ٽارڻ |
| ٺَـرَ، ٺَرڻ | = | ٺـارَ، ٺارڻ |
| ٺَـهَ، ٺَرڻ | = | ٺـاهَ، ٺارڻ |
| پَـرَ، پُرڻ | [ اُ ] وڌي [ او ] ٿئي ٿو | پـورَ، پورڻ |
| ٽُـرَ، ٽُرڻ | = | ٽـورَ، ٽورڻ |
| چُـرَ، چُرڻ | = | چـورَ، چورڻ |
| رُلَ، رُلڻ | = | رولَ، رولڻ |
| ٽِـڙَ، ٽِڙڻ | [ اِ ] وڌي [ اي ] ٿئي ٿو | ٽـيڙَ، ٽيڙڻ |
| رِڙهَ، رِڙهڻ | = | ريڙهَ، ريڙهڻ |
| ڪِـڙَ، ڪِڙڻ | = | ڪـيڙَ، ڪيڙڻ |
| هِـرَ، هِرڻ | = | هيرَ، هيرڻ |

(اسم مصدر لفظ **'سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو'** تان ورتل)

/هِڪ، اِڪ/ ۾ سُر آواز [اِ] آهي ۽ مٿي ڏنل مثالن کي سامهون رکي سمجهي سگهجي ٿو ته اهو سر آواز جڏهن ڊگهو ٿئي ٿو تڏهن [اي] ۾ بدلجي ٿو. /هڪ، اڪ/ مان سر آواز جي اهڙيءَ ئي تبديليءَ جي نتيجي ۾ /هيڪ، ايڪ/ جنم ورتو آهي ـــ اها آهي ليکڪ جي راءِ.

ان تبديليءَ کي جيڪڏهن مڃيو وڃي ته اها ڳالهه تسليم ڪرڻ ۾ اجا وڌيڪ ڳرن دليلن جي گهرج پوندي ته /ايڪن/ ۽ /ايڪ، هيڪ/ ڦري، مَڃجي، سُسي، اندروني تبديليءَ هيٺ اچي /اڪ، هڪ/ ٿيو هوندو. جڏهن ته /اڪ، هڪ/ جو بدلجي /ايڪ، هيڪ/ ٿيڻ هڪ مدلل ۽ نوس بنياد رکي ٿو.

ڪو اعتراض واريندي چئي سگهي ٿو ته مٿي ڏنل مثالن ۾ سندس راءِ موجب، متعدي فعل ڦري، مَڃجي، سُسي، اندروني تبديليءَ هيٺ اچي لازمي فعل ٿيا آهن.

ڪير به ائين چئي سگهي ٿو ۽ ائين چئي سگهڻ جو ڪيس حق به آهي پر ڪيس پنهنجيءَ راءِ جي حمايت ۾ دليل، بهرحال، آڻڻا ئي پوندا.

لسانيات جي دنيا ۾ طي ٿيل اصول آهي ته ڪو به ڌاتو ٻول ڪڏهن به ڪردنت صورت مان نه اسرندو آهي. ڌاتو ٻول ننڍي ۾ ننڍو معندار جزو ۽ هڪ آزاد ۽ خودمختار صورت ئي هوندو آهي. ڌاتو ٻول سان ڪا به پروس صرفيه ڳنڍيل نه هوندي آهي.

شڪ جو ڪو به علاج ناهي. ان هوندي به هيٺ هڪ ڌاتو ٻول ڏئي ان مان ڪردنت صورتن جي نشاندهي ڪجي ٿي:

- /وَڏِ/ = [و] + [اَ] + [ڏِ]

/وَڏِ/ + /اُ/ = وَڏُ

+ /آ/ = وڏا

+ /اِ/ = وَڏِ

+ /او/ = وَڏو/وڏيو

+ /اي/ = وَڏي

+ /اڻ/ = وَڏڻ

+ /او/ = وَڏِٽو

+ /آ/ = وَڏِٽا

+ /اِي/ = وَڏِٽِي

+ /اون/ = وَڍِٽيون...

سُر آواز جي تبديل جي نتيجي ۾:

**وڍِ > واڍِ**

/واڍِ/ = [و] + [آ] + [ڍِ]

/واڍِ/ + /او/ = واڍو

+ /آ/ = واڍا

+ /اِي/ = واڍي

+ /اُون/ = واڍيون

+ /ڪ/ = واڍڪ

+ /او/ = واڍڪو

+ /آ/ = واڍڪا

+ /اِي/ = واڍڪي

+ /اُون/ = واڍڪيون

وڍائڻ، وڍائٽي، وڍائٽيون... ۽ ٻيا سوين اهڙا /وڍ/ ڌاتو رکندڙ ٻولَ. ليکڪ پنهنجي هڪ مقالي **”استدلال جو اهو طريقو غلط آهي“** (جاڳو 18-نومبر - 10-ڊسمبر 1995ع)[22] ۾ /لِڪَ/ ڌاتو رکندڙ ڪردنت ٻولن جون لڳ ڀڳ 12-سَو ممڪن سنڌي صورتون ڄاڻايون آهن.

| | |
|---|---|
| پَنڌَ ــ پانڌي | مچ، مچي، ماچي |
| مَنڍ ــ مانڍو | ڪچ، ڪچي، ڪاچيلو |
| ٻڪر ــ ٻاڪرو | تر، تري، تاريلو |
| پُچ ــ پوچڙ | ڪُڏ، ڪوڏ، ڪوڏيو |
| ٻُڌ ــ ٻوڌي | رُل، رولو، رولاڪ |
| ڏُت ــ ڏوتي | ڏڏ، ڏوڏي، ڏوڏيلو |
| مِڙ ــ ميڙو | مِٺ، ميٺ، ميناج |

---

22 ڪتاب **”اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون“** [2000ع] ۾ ڇپيل آهي. (رياضت)

هِر ــ هيراڪ        تِڪ، تيڪ

ڏِٺ ــ ڏيٺ        پِن، پينو پيناڪ

ڪي ٿي ٻيا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

هتي اها ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا ٻول به موجود آهن جن ۾ [اُ] بدلجي [اُو] ۽ [اِ] بدلجي [اِي] ٿئي ٿو پر اهڙي تبديليءَ جي نتيجي ۾ نهيل ٻولن منجهه عام طرح ڪو خاص معنوي فرق نه ٿو اچي. ڪجهه مثال:

نِئڻ ــ نيئڻ        ٿئڻ (ٿيڻ) ــ ٿيئڻ

ڏيڻ ــ ڏيئڻ        جئڻ ــ جيئڻ

**هڪ/اڪ جا مفرد ٻول آهن؟**

- **مفرد لفظ:** اهو لفظ، جو هڪ ئي خودمختار صورت وارو هجي، ۽ جنهن سان ڪا به پروس صورت ملايل نه هجي، اهڙي لفظ کي 'مفرد لفظ' چئبو آهي. ماهرن اهڙن لفظن کي بنيادي لفظ (Primary Word) به سڏيو آهي. مفرد لفظن جا مثال هي آهن:

/چوڪر، پيءُ، پٽ، پت، هاٿي ۽ چاڙ/ وغيره

**مرتب لفظ:** اهو لفظ، جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروس صورتون شامل ڪيل هجن، اهڙي لفظ کي مرتب لفظ (Complex Word) چئبو آهي. مثال طور:

/سُپَت، واڄَٽ، پُٽيتو، ڪٺمنڙو، اٿوند، اَڄاڻ، اٹڄاٽپ، ڏُتڙ، سڄڻ، سچيتائي، ڪُپٽيو/ وغيره.

**مرڪب لفظ:**...مرتب ۽ مرڪب لفظ ۾ اهو ئي ته خاص فرق آهي، يعني مرتب لفظ اهو آهي جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پروس صورتون شامل هجن... پر مرڪب (Compound) لفظ جي حالت ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هونديون آهن، ليڪن ان سان ڪا به پروس صورت گڏيل ڪا نه هوندي آهي. مثال طور:

/گهر ڏٺي، آگ گاڏي ۽ پروس/ لفظ.

(ڊاڪٽر غلام علي الانا، '**سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس**' [1987] ص 24 ۽ 30)

[نوٽ: ليکڪ کي الانا صاحب جن پاران ڏنل ڪجهه مثالن سان اختلاف آهي. هتي مقصد گهربل اصطلاحن جي وصف ۽ وضاحت آڻڻ آهي.]

/ايڪن/ ٻول جا /اي/ ۽ /ڪن/ جيڪڏهن ڀ جز آهن ۽ هر هڪ جز جي پنهنجي سر، آزاد صورت ۾ ڪا مقرر معني آهي ته. /ايڪن/ کي هڪ مرتب ٻول قرار ڏيڻو پوندو. ليکڪ نه ٿو ڄاڻي ته سنسڪرت ٻولن جي ڊڪشنريءَ ۾ ڪو اهڙو ٻول يا ڪي اهڙا ٻول موجود آهن يا نه جن ۾ /ايڪن/ (ترت)_ڌاتو ٻول طور ڪم ايندو هجي، جيئن /پروَسيڪو/ ٻول ۾ /پروس/ (ترت)_ڌاتو ٻول طور ڪم آيو آهي. ٻيو ته، /ايڪن/ جي اصطلاحي معني سچ پچ "هڪ" ئي هجي، بحث جوڳي ڳالهه آهي، تنهنڪري /ايڪن/ بحث کان خارج آهي.

اچو ته اڳ ۾ ڪجهه ٻين ٻولن تي ڌيان ڏيون:

| لفظ | ترت ڌاتو | پڇاڙي |
|---|---|---|
| ليکڪُ = ليکڪ + /اُ/. | | /_اُ/ سنڌيءَ جي ڄاتل سڃاتل مذڪر واحد لاءِ هڪ پڇاڙي. |
| ليکڪا = ليکڪ + /آ/. | | /_آ/ سنڌيءَ جي ڄاتل سڃاتل مؤنث واحد لاءِ هڪ پڇاڙي. |
| ليکڪَ = ليک + /ڪَ/. | | /_ڪ/ هڪ پڇاڙي جيڪا عام طرح 'دار' يا 'وار' جي معني ڏئي ٿي ۽ مذڪر جي حوالي سان 'وارو' ۽ مؤنث جي حوالي سان 'وارِي' جو مفهوم پيدا ڪري ٿي. |

- /ليکَ/ سُر جي تبديليءَ وسيلي /لِکَ/ مان اسريو آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ٻيهڪ = ٻيهڪ + /آ/. | | /_آ/ سنڌيءَ جي ڄاتل سڃاتل مؤنث واحد لاءِ هڪ پڇاڙي. |
| ٻيهڪَ = ٻيه + /ڪَ/. | | /_ڪ/ هڪ پڇاڙي جيڪا ڪيترن ئي ٻولن ۾ واسطيدار ٻول واري حالت جي نشاندهي ڪري ٿي. |

**ڪنيارڪو=ڪنيارڪ +/او/. /_او/سنڌيءَ جي ڄاتل سڃاتل مذڪر واحد لاءِ هڪ پڇاڙي**

ڪنيارڪي=ڪنيارڪ +/اِي/. /_اِي/ سنڌيءَ جي ڪيترن ئي مقرر ٻولن ۾ مؤنث واحد لاءِ ڄاتل سڃاتل هڪ پڇاڙي.

ڪنيارڪ =ڪنيار +/ڪ/. /_ڪ/ هڪ پڇاڙي جيڪا ڪيترن ئي ٻولن ۾ جڏهن اچي ٿي تڏهن ان ٻول سان واسطيداري جو مفهوم پيدا ڪري ٿي.

- /ڪنيار/ ۾ /_آر/ هڪ پڇاڙي آهي.

سنڌيءَ جا ڪي ٻول هيٺ ڏجن ٿا جن ۾ هڪ مرڪب ٻول سان ڪي پڇاڙيون ڳنڍجي انهن کي مرتب ٻول ۾ تبديل ڪن ٿيون:

ٻپاڙو = /ٻہ/ + /پاڙ/ + /او/

– ٻپُڙي، ٻپُور ٻجِيو ٻہ لَڙهو ٻہ لَپي، ٻہ هٿيو ٻہ تارو ٻہ ٽِڙ، ٻپارو ٻہ جويو ٻچِتو ٻرقمي، ٻِسَر، ٻِڪَنو ٻلاتو ٻواتو ٻپهري.

هيٺ ڪي مرتب ٻول ڏجن ٿا جن ۾ ڏاتو ٻول کي پرکٽو آهي:

ٻِل، ٻِلهہ، ٻِلهڻ، ٻِلهڙ ٻِياني، ٻِهار ٻنهي، ٻِئڙ ٻهاڻ ٻيو ٻيون، ٻِئُوڻ، ٻِيڻ، ٻِي، ٻن.

ٻِٽو = /ٻٽ/ +/او/

ٻِٽي = /ٻٽ/ +/اي/

ٻِٽا = /ٻٽ/ +/آ/

ٻِٽيون = /ٻٽ/ +/اُون/

ٻِٽائي = /ٻٽ/ +/آئي/

ٻِٽُ = /ٻٽ/ +/اُ/

ٻِٽَ = /ٻٽ/ +/اَ/

توڙي جو هنن ٻولن ۾ ڏاتو ٻول /ٻٽ/ پائنجي ٿو پر ڇا اهو ئي سچ پچ ڏاتو ٻول آهي؟

جواب آهي، ”نہ“.

- ٻِٽَ: ٿ. ٻہ پوتيون يا چادرون... ٻٽي چادر... ٻہ ڳنڍيل ڪپڙا. تترن جا ٻہ ڳنڍيل پڃرا. ٻہ–سانگي ڪاٺي – ٻيلنگهہ. ڪن ٻہ ٻن شين جي گڏ هجڻ جي حالت. ٻٽائي – ٻيڻ...
- ٻِٽَ ڄ ٻٽَ: ڏ. [س. ڌوِ = ٻہ] ٻن آڱرين سان مقعد کي هنيل ڏڪ...
- ٻِٽَ، ٻٽُ: صفت. ٻہ گڏ – ٻيلهہ – جوڙو – جُٽ. ڪلهو ڪلهي ۾ – شامل – گڏ... (ج س ل)

/ٻِٽ/ ۾ /ٻِ (ٻہ)/ ڏاتو آهي ۽ /ٽ/ هڪ پڇاڙي آهي جيڪا ڏاتو جي معنوي موجودگي واري حالت يا ان سان واسطيداريءَ جو مفهوم پيدا ڪري ٿي.

هيٺ ڏنل ٻولن ۾ ساڳئي ڏاتو کي محسوس ڪريو:

– ٻارهو ٻاراهي، ٻاروهي، ٻارهو ٻارِس، ٻارَس، ٻاون، ٻاونجاهہ، ٻائيتاليهہ، ٻاهتر، ٻاهٺ، ٻاچُو ٻاڪُو ٻاڪَ، ٻٽونگر، ٻٽيهہ، ٻٽيهو ٻٽيهي ۽ ٻَٽورَ.

- ٻَڪُ ج ٻَڪَ: ذ [سن. وڪشَس = ڇاتي] ٻنهي ٻانهن سان وڌل ڀاڪر...

/ٻک/ ۾ /ٻَ (ٻہ)/ ڌاتو آهي ۽ /ک/ هڪ پڇاڙي جيڪا سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ٻولن ۾ /ــڪ/ جهڙي مفهوم جي نمائندگي ڪري ٿي. مثال: وائڪ.

ـ ٻپهري، ٻيجڙ، ٻيجهڙ، ٻيچتي، ٻيچرو، ٻيڏارو، ٻيڪڙ، ٻيلهه، ٻيگهڙو، ٻيگهو، ٻيل، ٻيلهه، ٻيلاس، ٻيلانگ، ٻيلپ، ٻيلڙو، ٻيلپڻ، ٻيلڻ، ٻيلهار، ٻيلهاڙو، ٻيلهڙ، ٻيئي ۽ ٻيلي.

/ٻي/ = [ٻ] + [اي]

/ٻِ/ = [ٻ] + [اِ]

انهن ٻنهي ٻولن ۾ ٻہ ڌاتو /ٻِ (ٻہ)/ آهي.

ـــ ٻيڻ، ٻيڻُ، ٻِيٽي، ٻيٽائي، ٻيٽائڻ، ٻيهار، ٻيهر، ٻيئر، ٻيئار ۽ ٻيئڙ.

/ٻي/ = [ٻ] + [اي]

/ٻِ/ = [ٻ] + [اِ]

انهن ٻولن ۾ ٻہ ڌاتو /ٻِ/ آهي.

/ٻُڪُ، ٻُڪڙ ۽ ٻُڪِي/ ۽ /ٻِڪَ، ٻِڪو ۽ ٻِڪي/ ۾ واريسر بظاهر ڌاتو ٻول /ٻُڪَ/ ۽ /ٻِڪَ/ آهي، پر ڇا حقيقت ائين آهي؟

ڇا انهن ٻولن ۾ /ک/ هڪ پڇاڙي ناهي؟

- ٻِڪَ ج ٻِڪون: ث. [سن. دُوِ = ٻہ] پٽن جي تاس ۾ ٻن داڻن وارو پٽوـــ دُڪي.
- ٻُڪڙُ ج ٻڪڙَ (ث): ذ. اهو هنڌ جتي ٻن پٽن جا منهن اچي پاڻ ۾ ملن.
- ٻُڪي ج ٻُڪيون: ث. اَنّ جي لپَ... (ج س ل)

[نوٽ: ج س ل ۾ /ٻُڪي/ ٻول جون جيتريون ٻہ معنائون ڏنل آهن انهن ۾ 'لپَ' جو ذڪر ڪيو ويو آهي. 'لَپَ' جي معنيٰ "ڪنهن شيءِ سان پريل مُٺ ـــ هٿ جي تريءَ جيترو مقدار ـــ جيترو هٿ ۾ اچي. هٿ ڏونگهيءَ وانگر جهلڻ جي حالت..." ڏنل آهي، ۽ اها نسبتاً درست آهي. 'ٻُڪي' ۽ لَپ ۾ فرق آهي.]

- ٻُڪُ ج ٻُڪَ: ذ. هٿن جي ڇيچ وارن پاسن کي پاڻ ۾ ملائي جهلڻ جي حالت.

[نوٽ ٻہ گڏيل لپون برابر آهن هڪ 'ٻک' جي. اڳي هڪ عورت ويهي جنڊ ڦيرائيندي هئي ۽ ٻي عورت 'ٻڪي' وجهندي هئي، اهڙيءَ طرح شاديءَ مراديءَ تي جيڪا 'ٻڪي' ورهائبي هئي ان ۾ عام طرح منائي جو 'ٻُڪ' پري ڏبو هو.]

’ٻن‘ جو تصور مٿي ڏنل سڀني ٻولن ۾ موجود آهي، ان ڪري، /_ڪ/ کي هڪ پڇاڙي ئي سمجهڻو پوندو.

/ڄَتڪو ڄتڪو ۽ واٽڪو/ ۽ /ڄتڪي، ڄتڪي ۽ واٽڪي/ ٻولن تي ڌيان ڏيو. انهن سڀني ٻولن ۾ /_او/ ۽ /_اي/ پڇاڙيون آهن. جيڪي ڌار ڪرڻ کان پوءِ باقي (ترت)_ڌاتوٻول /ڄتڪَ، ڄتڪَ ۽ واٽڪَ/ بچن ٿا. ڇا انهن کي مفرد يا ڌاتوٻول سڏي سگهبو؟

جواب آهي، ”نہ“.

هاڻي، عدد 3 ۽ عدد 6 ساريو.

/تِڪَ (تِرڪَ)، تِڪو (ترڪو) ۽ تڪي (ترڪي)/ ۽ /ڇَڪو ۽ ڇَڪِي/ ۾ ڇيهڪ آواز جيڪي پروس صرفيائون، پڇاڙيون آهن. ڌار ڪيون وڃن تہ باقي ٻول بچندا: /تِڪ (ترڪ)/ ۽ /ڇَڪَ/ پر ڇا انهن ٻولن کي ڌاتو سڏي سگهبو؟

جواب آهي، ”نہ“.

/تِ (تِر)/ = [ت] + [اِ]

/تي/ = [ت] + [اي]

/تِڪَ (تِرڪَ)/ جو ڌاتو /تي (تري) يا تِ (تِر)/ آهي.

/ڇَڪَ/ جو ڌاتو /ڇ (ڇهہ)/ آهي.

بلڪل ساڳي طرح /هِڪ،اِڪ/ جو ڌاتو /هِ،اِ/ آهي ۽ /ڪ/ ان ۾ پڇاڙي، هڪ پروس صرفيہ آهي.

/هِڪ،اِڪ/ مفرد ٻول ناهي.

واضح دليلن جي روشنيءَ ۾ ليکڪ /اِڪ، ايڪ، هِڪ، هيڪ/ مان ڪنهن هڪ بہ ٻول کي اصولي ۽ عملي طرح ڪنهن مفرد ٻول، ڪنهن ننڍي ۾ ننڍي معندار جز هڪ پاڙ (Root) جي ڪسوٽيءَ تي پورو لهندي نہ ٿو ياڻي. انهن سڀني ٻولن ۾ هڪَ پروس صرفيہ، هڪ پڇاڙي /_ڪ/ ڳنڍيل آهي جنهن ڪري چوي ٿو تہ اهي سڀ مفرد ٻول نہ آهن پر مرتب ٻول آهن. ليکڪ جي نظر ۾ انهن سڀني جو حقيقي پاڙٻول، هڪ ٻئي ۾ متجي سگهندڙ /اِ، هِ/ آهي.

**/اِ، هِ/ هڪ مفرد ٻول:**

هتي، اهو سوال اٿڻ/اٿارڻ بلڪل فطري آهي ته، ڇا اهو مفرد ٻول سنڌيءَ جي ٻولَ ڪاڻ ۾ ڪٿي به پنهنجو ڪو وجود رکي ٿو؟

هڪ صاف ۽ سنئون جواب آهي، ’ها‘.

هن مقالي جي ابتدا ۾ /هڪ، هيڪ، اڪ، ايڪ/ (ترت)_ڏاتو رڪندڙ جيڪي به ٻول ڏنا ويا آهن، انهن سڀني ۾ اهو عملي طرح پرڪيل، اصولي، حقيقي پاڙ ٻول موجود آهي. تِهائين وڌيڪ چٽو ۽ کَرو ثيڻ لاءِ اسان کي اوس اهو سمجهڻو پوندو ته سنڌي ٻول-ڪاڻ ۾ موجود ڏاتو ٻول عام طرح ڪهڙيءَ صورت ۾ وجود رکن ٿا، ۽ ڇا اهي پنهنجيءَ مفرد، ڏاتوئي صورت ۾، هڪ مڪمل لفظ طور ڳالهايا وڃن ٿا.

(1) انهيءَ سوال جو جواب آهي، ”بيحد گهٽ، ورلي“. سنڌيءَ ٻولي جي ٻول-ڪاڻ ۾ ڏاتو ٻول عام طرح پنهنجي اصولي ڏاتوئي صورت ۾ وجود نه ٿا رکن، انهن سان ڪا نه ڪا پروس صرفيه عام طرح ڳنڍيل رهي ٿي.

- سنڌي ٻوليءَ جي پهرين مکيه خاصيت يا خاص ڳالهه هيءَ آهي ته: ”سنڌيءَ جي ڪهڙي به لفظ جو پهريون توڙي پويون اکر ’ساڪن‘ ڪونهي“. سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ يا ته ڪو حرف علت، يا ته ڪا اعراب، آهي ئي آهي. (پيرومل مهرچند آڏواڻي، ’**سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ**‘ ص 323)

ليکڪ کي پيرومل جن جي راءِ سان هڪ قسم جو اختلاف آهي. ٻئي پاسي اها حقيقت آهي ته سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ سڀني عالمن سنڌي ٻولن جي ان خاصيت جو ذڪر ڪيو آهي پر ليکڪ جي نظر مان اڃا سوڌو اهڙي ڪا ڀرپور ۽ مدلل لکت نه گذري آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ان گڻ جي مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي هجي.

پيرومل جن سنڌيءَ جي ان گڻ جي ساراهه ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ جي ’**سنڌي گرامر**‘ (ص 31) تان هڪ ٽڪرو به آندو آهي جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو.

- ان واڪيدار (Vocalic) پوڇڙائپ (Termination) جي ڪري سنڌيءَ ٻاڻ وٽ هڪ لچڪ سانڍي رکي آهي، ۽ ان سان ڳڏوگڏ واجيداري (Sonorousness) پڻ، جنهن ڪان ٻيون جديد ڏيهي ٻوليون پوريءَ طرح وانجهيل آهن.

سنڌيءَ جي اها خوبي پنهنجي جاءِ تي پر سندس اهو ئي گڻ ان جي ڏاتو ٻولن جي اصولي صورت کي لڪائي ڇڏڻ جو ڪارڻ ٿي پيو آهي.

رڳو به مثال ڏجن ٿا:

/ڏُڪَ، ڦوڪَ، ڪوڪَ، تورَ ڏڄُ، ڄمُ، لڪُ، چيرُ، ڪاڏِ، لاٿِ، ڏيٺِ/ ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي اسم ٻولن جو اصولي (ترت)_ڏاتو ٻول /ڏُڪؐ، ڦوڪؐ، ڪوڪؐ، تورؐ، ڏڄؐ، لِڪؐ، چِيرؐ، ڪاڏؐ، لاٿؐ ۽ ڏيٺؐ/ آهن.

اهڙا سمورا ڏاتو ٻول عام طرح پنهنجي ڏاتوئي صورت ۾ ڪم نہ ٿا اچن، اهي پنهنجي ڇيھ وٽ متحرڪ رهن ٿا. ظاهر آهي تہ انهيءَ تحرڪ جو ڪارڻ ٻول جي ڇيھ وٽ ڪم ايندڙ سُر آواز آهي، جيڪو بهرحال، هڪ پروس صرفيہ ٿي ڪم اچي ٿو.

(2) [اِ] هڪ سُر آواز آهي ۽ اهو بہ ننڍو. جڏهن تہ، سنڌيءَ ۾ گهٽي ڪان گهٽيون ڪم ايندڙ پڇاڙيون سر آواز تي ئي ٻڌل آهن، اهي جڏهن ان آواز سان، ۽ ڪنهن بہ ٻئي سر آواز سان ملنديون تڏهن جوڙپ بدران جذب پذيريءَ جو عمل وڌيڪ ٿيندو. (مثالَ هيٺ.)

[هہ] هڪ گسڪيدار (Fricative) اوسرڳ (Aspirated) آواز آهي ۽ ان جي نهڻ جو هنڌ يا مخرج (Point of articulation) نڙگهٽ آهي پر سمورن وينجن (Consonant) آوازن ۾ اهو اڪيلو آواز آهي جيڪو ٻي پٽو (Voiceless) بہ آهي تہ پٽيٽو (Voiced) بہ. (ڏسو **'علم لسان ۽ سنڌي زبان'**، ليکڪ علي نواز حاجن خان جتوئي، ص **65، 66، ۽ 70_71**)

۽ [هہ] جي ئي سلسلي ۾، ان ڪان وڌيڪ اهم ڳالهہ جيڪا ليکڪ چوڻ گهري ٿو، اها هيءَ تہ، دنيا ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪو بہ ٻيو اهڙو سُر يا وينجن آواز موجود ناهي جيڪو وات ڪي پوريءَ طرح بند رکڻ وسيلي اچاري سگهجي جڏهن تہ [هہ] اڪيلو آواز آهي جيڪو وات ڪي پوريءَ طرح بند رکندي ڦڦڙن جي هوا ڪي نڙ گهٽ وٽ ڌوڪ ڏئي نڪ مان خارج ڪبو تہ بہ [هہ] جهڙو پٽڪو پيدا ٿي سگهندو.

وينجن آوازن جي وسرڳائي پنهنجي جاءِ تي پر سنڌيءَ جي خاص ڪري [ق] ۽ [چ] جهڙن ٻي پٽن ۽ [م]، [ن]، [ڻ]، [ل]، [ر]، ۽ [ڙ] جهڙن اوسرڳ پٽيٽن جي ڪيڊ هوا جو هڪ [هہ] جهڙو ڦڦڪو بہ ڪن حالتن ۾ پنهنجي ليکي اپريو اچي.

سنڌي جيئن تہ بنيادي طرح هڪ سُريلي ٻولي آهي ۽ گهٽي ڪان گهٽيون سرائتيون پڇاڙيون ڪم آڻي ٿي ان ڪري [هہ] جهڙي آواز سان بہ سندن پائداري قائم نہ ٿي رهي سگهي جڏهن تہ اهو [هہ] ڪنهن مهل بہ، ڪنهن بہ، خاص ڪري ننڍي سر ۾ بدلجي سگهي ٿو.

<u>**ڏاتو ٻول**</u> ⊙ <u>/وڏؐ/</u> ⊙ <u>/سَتؐ/</u> ⊙ <u>/هِ/</u> ⊙ <u>/اِ/</u>

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ...+/اَ/ | وِدَ | ستَ | هِئہ هَ | اِئہ اَ |
| ...+/اِ/ | وِدِ | — | هِئہ هِ | اِئہ اِ |
| ...+/اُ/ | وِدُ | — | هِئُہ هُ | اِئہ اُ |
| ...+/او/ | ودو ۽ وديو | ستو (هفتو) | هِئو هو | اِئو او |
| ...+/آ/ | ودا | ستا | هِئا ها | اِئا آ |
| ...+/اِي/ | وِدي | سِتي | هِئي هِي | اِئي اِي |
| ...+/اُو/ | وِدُو | (سِتُو) | هِئُو هُو | اِئُو اُو |
| ...+/اي/ | ودي (مضارع) | ستي (واحد جي حالت عام) | هِئي هي | اِئي اي |
| ...+/اَو/ | وِدَو (ندائي حالت) | ستَو | هِئَو هَو | اِئَو اَو |
| ...+/اون/ | — | ستون | هِئون هون | اِئون اون |
| ...+/اُون/ | وِدون (وِدِ جو جمع ۽ مضارع) | ستُون ستيون | هِئُون هُون | اِئُون اُون |
| ...+/اين/ | ودين (مضارع) | ستين | هِئين هِين | اِئين اين |
| ...+/اِين/ | — | ستِين | هِئِين هِين | اِئِين اِين |
| ...+/آن/ | وِدان < وديان (مضارع) | ستان (جمع جي حالت عام) | هِئان هان | اِئان آن |

نوٽ ڪريو ته /هِہ اِ/ سان ڪهڙا ٻول نهيا آهن جيڪي اڄ به ڳالهايا وڃن ٿا. /اِ، هِ/ جي اهائي ڪمزوري اهو ممڪن ڪارڻ پائنجي ٿي جنهن جي ڪري /ــڪ/ پڇاڙي انهن ٻولن سان ڳنڍجي رهي ٿي. جڏهن ته /ٻ (ٻہ)/ ۽ /ڄ (ڄهہ)/ جهڙن ٻولن سان اها ساڳي ئي پڇاڙي پنهنجي ساڳئي ڪارج لاءِ ڳنڍجي به ٿي ته ڌار به ٿئي ٿي.

/ٻِ/ + /ڪ/ = ٻِڪ + /او/ = ٻڪو

+ /اِي/ = ٻڪِي

/ڄَ/ + /ڪ/ = ڄَڪ + /او/ = ڄڪو

+ /اِي/ = ڄڪي

/اِ/ + /ڪ/ = اِڪ + /او/ = اِڪو

+ /اِي/ = اِڪي

/هِ/ + /ڪ/ = هِڪ + /اُ/ = هڪُ

+ /اَ/ = هڪَ

هاڻي هيٺ ڏنل ٻولن ۾ معنوي فرق کي محسوس ڪريو.

* /اِڪ/ + /او/ = اِڪو * /ايڪ/ + /او/ = ايڪو

+ /آ/ = اِڪا + /آ/ = ايڪا

+ /اِي/ = اِڪي ....

ڪنهن ٻول ۾ /اِ/ وڏي. متجي جڏهن /اي/ ٿئي ٿو تڏهن معنوي فرق پيدا ڪري ٿو.

(3) ڪنهن بہ ڌاتو ٻول سان جڏهن بہ ڪا نمڪندڙ پڇاڙي ڳنڍجي ٿي تڏهن ان ۾ هڪ معنوي فرق پيدا ٿئي ٿو. جيئن /چ ، بہ/ ۽ /چَڪ. ٻِڪ/ جي وچ ۾ هڪ معنوي فرق موجود آهي تيئن اصولن /اِ. هہ/ ۽ /اِڪ. هڪ/ جي وچ ۾ بہ هڪ فرق موجود هئڻ گهرجي پر اڄ اسان وٽ /اِڪ. هڪ/ هڪ ڌاتو ٻول جي صورت ۾ موجود آهي. ائين ڇو ٿيو آهي؟

انهيءَ سوال جي جواب. ليکڪ سنڌ جي تاريخ. سماجي اٿل پٿل. ٻوليءَ جي اڻ-لکيل صورت. پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن بي ڌيانيءَ ۽ پرڏيهي ٻولين جي بالادستيءَ ۾ ڳولي لهي ٿو. تفصيلن ۾ وڃڻ بدران اڇو تہ ’هڪ‘ ۽ ’هڪڙو‘ ٻولن جي مثال ۾ ان کي ڳوليون.

/هڪ/ ۽ /هڪڙو/. ڇا ٻنهي جي وچ ۾ ڪو معنوي فرق موجود آهي؟

متي لغتن مان جيترا بہ ٻول ڏنا ويا آهن انهن مان ڪنهن هڪ ۾ بہ انهن ٻنهي ٻولن جي وچ ۾ ڪنهن بہ معنوي فرق جي نشاندهي نہ ڪئي وئي آهي. ايتري قدر جو اشارو بہ نہ ڪيو ويو آهي. پر ليکڪ انهن ٻنهي ٻولن جي وچ ۾ هڪ اصولي معنوي فرق کي محسوس ڪري ٿو.

ائين سمجهڻ يا مڃڻ تہ /هڪڙو/ ۾ /ڙو/ ائين ئي اجايو بيڪار خواه مخواه وڌي ويو/وڌايو ويو آهي ۽ ان جي ڪري ڪو بہ فرق پيدا نہ ٿو ٿئي. ڀانيان ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ سان هڪ مذاق برابر هوندو.

ڇا /جام ۽ جامڙو. هَٿ ۽ هٿڙو. ڳوٺ ۽ ڳوٺڙو. ڪَم ۽ ڪمڙو/ ۽ اهڙن بين ڪيترن ئي ٻولن جي وچ ۾ ڪو بہ معنوي فرق موجود ناهي؟

جي ”ها“، ته /هڪ ۽ هڪڙو/ جي وچ ۾ معنوي فرق موجود نه هجي، عقل کان بعيد ڳالهه ٿيندي، پر لغتون شاهد آهن ته سنڌيءَ ۾، انهن ٻن لفظن جي وچ ۾، اهو اصولي فرق قائم نه رهي سگهيو آهي.

/هڪ/ + /ڙ/ + /او/ = هڪڙو

+/اِي/ = هڪڙِي

/ڙ/ سنڌي جي ڪيترن ئي ٻولن ۾ ’سان واسطيدار‘ (جنهن ٻول جي پٺيان اچي ان سان واسطيدار) جو مفهوم ۽ ڪيترن ئي ٻولن ۾ تصغير (جنهن ٻول جي پٺيان اچي ان کان ننڍائي) جو مفهوم پيدا ڪري ٿي پر سنڌيءَ جي ٻول /هڪڙو/ سان /هڪ/ جي ڀيٽ ۾ اهڙو ڪو به مفهوم لاڳاپيل ناهي. ڇو؟

ائين ڇو نه چئجي ته ’هڪ‘ ۽ ’هڪڙو‘ جي وچ ۾ اصولي معنوي فرق ڪي گم ڪري، وڃائي ويٺا آهيون؟

بلڪل ائين يا لڳ ڀڳ ساڳين سببن جي ڪري /اِ، هِه/ سان لاڳاپيل پڇاڙي /ـڪ/ جو به عملي طرح نهنڊڙ مفهوم گم ڪري، وڃائي ويٺا آهيون ۽ اڄ، /اِڪ، هڪ/ کي هڪ مفرد ٻول سمجهون ٿا.

(4) /اِ، هِه/ سان سُرائتيون پڇاڙيون ملائڻ کان پوءِ اسان ڏٺو ته /هِي، هو هي ۽ هُو/، جيڪي ضمير غائب جا ٻول آهن، کان سواءِ ڪي ٻيا معندار ٻول /ها/ ۽ ڪنهن حد تائين /هان/ هئا.

هِي = /هِه/ + /اِي/

/اِي/ پڇاڙيءَ سان منسوب تصور هڪ ڏکهو بحث گهري ٿو جنهن جي هتي گنجائش ناهي، اها رڳو مؤنث ڪندڙ پڇاڙي ناهي، ٻول ۾ ڪي ٻيون تبديليون به آڻي ٿي. ’ڏوڏي‘، ’ڏوبي‘، ’ڏوتي‘ مرد به ٿي سگهي ٿو ته عورت به، ڇوڪرو به ٿي سگهي ٿو ته ڇوڪرِي به ۽ اهڙيءَ حالت ۾ انهن لفظن جي پويان ايندڙ اسم واحد به ٿي سگهي ٿو ته جمع به.

/هِي/ + /اُ/ = هيءُ

+ /اَ/ = هيءَ

/هِيءُ/ ـــ مذڪر واحد

/هِيءَ/ ـــ مؤنث واحد

/هِي/ ـــ عدد واحد توڙي جمع ۽ جنس مذڪر توڙي مؤنث.

هُو = /هِـ/ + /اُو/

/_اُو/ پڇاڙيءَ سان منسوب تصور بڻ هڪ ڏکيو بحث گهري ٿو جنهن جي هتي گنجائش ناهي. /ماڻهو ڀِرُو واڱو تارُو ڦورُو لاڏُو ناچُو/ ۽ اهڙا ٻيا ڪي ٻئي ٻول عام طرح مذڪر واحد سمجهيا ويندا آهن. پر /_اُو/ پڇاڙي اهڙو ڪو به مفهوم پيدا نه ٿي ڪري، جي ائين هجي ها ته انهن ٻولن جو مؤنث، واحد ۽ مذڪر ضرور هجن ها. /_اُو/ پڇاڙيءَ جي ڪري انهن ٻولن ۾ اهو گڻ پيدا ٿي پيو آهي جو مؤنث به آهن ته مذڪر به، ۽ واحد به آهن ته جمع به.

/هُو/+/اَ/ = هوءَ

/هُو/ کي عام طرح مذڪر واحد سمجهون ٿا.

/هوءَ/ کي مؤنث واحد طور مقرر ڪيو اٿئون.

/هُو/ اصولي طرح مذڪر واحد به آهي ته جمع به ۽ مؤنث واحد به آهي ته جمع به.

’هيءُ‘ جو ڌاتو سنسڪرت ’اِوَم‘، ’هُو‘ جو ڌاتو عربي ’هُوَ‘ (۽ سنسڪرت هو = هِي) تي بحث ڪري سگهڻ ليکڪ لاءِ ممڪن ناهي، پر سنڌيءَ جي /هُو هِي، هي، هيءُ هوءَ/ جهڙن ضمير غائب ٻولن کي سنڌي بڻ مان آيل سمجهي ٿو.

[نوٽ سنسڪرت ’هو‘ ۽ ’اِوَم‘ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. /_اَم/ هڪ پڇاڙي آهي.]

**هڪ ۽ ٻارهن (ٻارهه):**

- اهڙيءَ طرح ٻارهن کان ويهن تائين ڳڻڻ لاءِ ايڪا پهرين ڳڻبا آهن ۽ ڏهاڪا پوءِ ڳڻبا آهن. پر ويهن کان پوءِ سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ ساڳيو طريقو يعني ساڳي سٽاء رهندي آهي، يعني ته ايڪا پهرين چئبا آهن ۽ ڏهاڪا پوءِ چئبا آهن. پر سنسڪرت، فارسي، انگريزيءَ ۽ ٻين آريائي ٻولين ۾ سٽاء ان جي ابتڙ هوندي آهي يعني ته ڏهاڪا پهرين ۽ ايڪا پوءِ ڳڻبا آهن، تنهن ڪري چئبو ته سنڌي ٻوليءَ واري اها سٽا غير آريائي آهي. مثال طور:

| سنڌي | سنسڪرت | فارسي | لاطيني (لئٽن) | انگريزي |
|---|---|---|---|---|
| ايڪويهه | _ | بيست و يَڪ | Viginti unus | Twenty One |
| ٻاويهه | _ | بيست و دو | Viginti duo | Twenty Two |

Thirty One    Triginti unus    سِي ويَڪ    -    ايڪٽيھ

ڪاش الانا صاحب جن ايڏي وڏي ڳالھ ڪرڻ ۽ ان جو دليل آڻڻ کان اڳ سنسڪرت جا گھربل لفظ ڳوليا ۽ انھن جي بناوت تي غور بہ ڪيو ھجي ھا!

جنھن بہ ماڻھوءَ رڳو 'جامع سنڌي لغات'، 'تحقيق لغات سنڌي' ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' کي ۽ انھن ۾ ڄاڻايل لفظن کي مٿاڇري نظر سان بہ ڏٺو ھوندو اھو چٽيءَ طرح چوندو تہ ڳڻپ بابت سنسڪرت جي حوالي سان مٿي ٻڌايل ڳالھ غلط آھي. (ڏسو ھن مقالي جي ابتدا ۾ 'ايڪيھ' 'ايڪٽيھ' ۽ اھڙا ٻيا لفظ.)

انھيءَ ۾ ڪوشش ناھي تہ 'ويھ' (20) کان مٿي انگن جي ڳڻپ ۾ جتي بہ 'ھڪ' استعمال ٿئي ٿو اتي ان جو اچار 'ايڪ' آھي. ايڪويھ، ايڪٽيھ، ايڪيتاليھ، وغيره. پر 'ايڪ' ھوبھو سنسڪرت جو لفظ ٿي آھي ۽ سنڌيءَ ان تان ڪنيو آھي. بھرحال، ھاڻي بحث جوڳو نہ رھيو آھي. انگن جي حوالي سان سنڌيءَ ۽ سنسڪرت ۾ ھڪ جھڙائي موجود آھي ۽ ٻنھي ٻولين ۾ ڳڻپ گڏوگڏ ھلي ٿي، پر سنڌي ۾ 'يارھن' ۽ سنسڪرت ۾ 'ايڪادش' ٻول ڏيان اوس ڇڪن ٿا.

سنڌيءَ ۾ 'يارھن' ٻول ڇو آھي، 'ايڪارھ' ڇو ناھي؟

ويھ (20) تائين ڳڻپ ۾ يارھن ۽ انھن کان پوءِ وارن انگن ۾ لڳ ڀڳ سڀ ٻولين ايڪي جو انگ اڳ ۾ رکن ٿيون ۽ ڏھاڪو پوءِ چون ٿيون، ان جو ڪارڻ، ٻنھي ھٿن ۽ ٻنھي پيرن جي آڱرين کي مثال بنائيندي سمجھيو ٿو وڃي تہ انسانذات وٽ اوائلي ۽ جھوني ڳڻپ ويھن تائين ھوندي ھئي. سنڌيءَ ۾ 'ويھ' بدران 'ڪوڙي' لفظ بہ ڪم ايندو آھي ۽ اڄ بہ بہ ويِھون، بہ ڪوڙيون، ٽي ويھون، ٽي ڪوڙيون وغيره چوندي وڏي ڳڻپ ڪئي ويندي آھي.

سنڌيءَ ۾ يارھن کان ارڙھن (اٺره، اٺاره) تائين ڳڻپ ۾ 'ڏھ' جي بدران /_اَرھ/ يا /_آرھ/ ڪم اچي ٿو سواءِ 'چوڏھن' جي (۽ چوڏھن نرالو ڇو آھي، ان تي ايندڙ واري ڳالھ ٻول ڪبي). جڏھن تہ سنسڪرت ۾ /دشن/ ڪم اچي ٿو. ڪن عالمن جي راءِ آھي تہ سنسڪرت جو /دشن/ ڦري /_اَرھ/، /_آرھ/ ٿيو آھي.

- ايڪادش > ايڪارھ > اي آرھ > يارھ > يارھن.

(**سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس**، ليکڪ غلام علي الانا، ص 108)

[نوٽ الانا صاحب جن فوٽ نوٽ ۾ ڄاڻايو آهي تہ لاڙ ۾ بدين طرف گهڻا ئي ماڻهو ’ڪارهہ‘ ۽ ’يارهہ‘ بہ چوندا آهن. لطيف بہ ’ڪارهن‘ لفظ ڪم آندو آهي:

”ڪارهين ڏينهن ڪرم، وريو ويراڳين جو.“

۽ اهو حوالو پيرومل جن جي ڪتاب ’**سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ**‘ (ص 133) تان ورتل ڄاڻايو آهي. حوالو ڏنل ڪتاب ۾ صفحي تي ”اگيارهہ“ يا ”گيارهہ“ لفظن جي ڄاڻ بہ ڏنل آهي.]

ڇا اهو فطري ناهي تہ ”ايڪادش > ايڪارهہ > اي آرهہ > يارهہ > يارهن جي لڙهہ ۾ ’ڪارهن‘، ’اگيارهہ‘ يا ’گيارهہ‘ جي رکڻ جي هنڌ بابت پڇا ڪئي وڃي؟

ڇا سنڌي ٻوليءَ ’ايڪادش‘ کي بگاڙي ’يارهن‘ ڪيو آهي؟

’**جامع سنڌي لغات**‘ تان ورتل ٻولن ۾، جيڪي هن مقالي جي ابتدا ۾ ڏنل آهن. /ايڪادَسي، ايڪادَشي/ ٻول ڄاڻايل آهن، جيڪي ساڳئي اچار سان سنڌ جي هِندن ۾ مروج آهن. سنڌي ٻوليءَ انهن کي بگاڙيو ناهي.

- يارهن: صفت. (سن. ايڪادش. اڪادشن. پرا. ايڪادهن) ڳڻڻ جو انگ 11 ـ هڪ+ڏهہ ـ ڪارهن ـ گيارس. (ج س ل)

’جامع سنڌي لغات‘ پراڪرت ٻول ’ايڪادهن‘ ڄاڻايو آهي، پر مرزا قليچ بيگ جن اهو ٻول ’ايئاره‘ ٻڌائن ٿا.

- يارهن، پراڪرت ايئاره، سنسڪرت ايڪادشن. (’**سنڌي وياڪرڻ**‘، ص 245)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ بلڪل چٽو ڪري ’اي آرهہ‘ ڄاڻايو آهي ۽ الانا صاحب جن سندس حوالو ’**سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد**‘ ۾، ص 88 تي آندو آهي.

سنڌي ۾: يارهہ، يارهن
پراڪرت ۾: اي آرهہ
فارسي ۾: گيارهہ
سنسڪرت ۾: ايڪادشن

’ايڪيهہ‘ کان ايڪانوي‘ تائين جيڪي بہ انگ ’هڪ‘ (ايڪ) اچار رکن ٿا انهن سيني کي سنڌي ٻولي ’ايڪ‘ ئي اچاري ٿي. پوءِ نيٺ ڪهڙا ممڪن ڪارڻ ٿي سگهن ٿا جن جي ڪري ڙگو هڪ ٻول ’ايڪادشن‘ جو ’ايڪ‘ قائم نہ رکي سگهي؟

چا سنڌي ٻوليءَ سچ پچ ٻہ ’ايڪادشن‘ ٻگاڙي ’يارهہ‘ ۽ پراڪرت ’اي آرهہ‘ ۽ فارسيءَ ’گيارهہ‘ ڪيو آهي؟

فارسي اچ ٻہ ’يڪ‘ ٻول قائم رکيو اچي. ’بيست ويڪ‘ (ايڪيهہ) چوي ٿي. پر ان ۾ ٻہ ’ڏهہ‘ جي نمائندگي ڪندڙ /ـ آرهہ/ چو آهي؟

انهن سوالن جو جواب، هڪ حد تائين، هڪ آوازي تبديليءَ جي ذڪر ڪان پوءِ ڪيو ويندو.

سنڌيءَ ۾ مضارع جو متڪلم واحد ۽ جمع جوڙڻ لاءِ /ـ آن/ ۽ /اُون/ پڇاڙيون ملايون وڃن ٿيون:

/مَـرَ/ + /آن/ = مَران

/مَـرَ/ + /اُون/ = مَرون

/مَـارَ/ + /آن/ = ماريان

/مَـارَ/ + /اُون/ = ماريون

ٻنهي ڌاتن جو پڇيهڪ آواز عام چواڻي ساڪن آهي پر هڪ ڌاتو سان /ـ آن ۽ ـ اُون/ پڇاڙيون ملن ٿيون تہ [ي] جو آواز نہ ٿو اڀري پر ٻئي ڌاتوءَ سان ساڳيون ئي پڇاڙيون ملڻ مهل [ي] جو آواز اڀري اچي ٿو چو؟

- ساڳيءَ طرح ”ماريان“ (= مار+آن) ــ هتي ٻہ ’آن‘ پڇاڙي گڏجي ٿي ۽ ’يہ‘ جو اچار پاڻمرادو پيدا ٿئي ٿو.

(’**وڏو سنڌي وياڪرڻ**‘ ليکڪ پيرومل مهرچند آڏواڻي، ص 128)

الانا صاحب جن ٻہ ساڳي ئي ٻول جو ذڪر ڪيو آهي ۽ /مار/ جي بدران /مارِ/ ٻول آندو آهي. (**سنڌي ٻولي جو اڀياس**، ص 115) سندن راءِ موجب جن ٻولن جي پڇيهہ وٽ آواز /اِ ۽ اِي/ هجي ۽ انهن سان جڏهن اهڙي ڪا پڇاڙي ملي ٿي جنهن جو شروعاتي آواز /آَ ـ ۽ آ ـ/ هجي تڏهن [ي] پيدا ٿئي ٿو. (ص 115ـ116) ۽ پنهنجيءَ راءِ سان تضاد بياني ڪندي ص 41 تي چون ٿا تہ سڀ زمان ڌاتن مان ڦٽي نڪرن ٿا... ۽ زمان مضارع ۾ ضميري پڇاڙين جا ٻہ سيٽ آهن: (01) ـ آن، ـ اُون؛ مثال: هلان، هلون، ۽ (02) ـيان، ـيون. مثال: ماريان، ماريون. هڪ هنڌ ٻڌائن ٿا تہ /مارِ + آن/ = ماريان ۽ ٻئي هنڌ چون ٿا /مارَ+يان/ = ماريان! ليکڪ جو موضوع انهن ڳالهين تي وڏيڪ بحث

جي موڪل نہ ٿو ڏئي. هتي ليڪڪ جو مقصد رڳو ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي تہ ٻن صورتن جي ميلاپ وٽ مخصوص حالتن ۾ شرطن هيٺ [ي] جو آواز اڀري اچي ٿو.

/هِہ اِ/ + /_اَرهہ _آرهہ/ = هيارهہ اِيارهہ

۽ اسان پرکيو آهي تہ ننڍو سُر [اِ] ڪن ٻولن ۾ وڌي /اِي/ ۽ /اي/ ٿئي ٿو.

'اي آرهہ' سَو سيڪڙو سنڌي مزاج موجب ڦري ايارهہ يارهہ ٿي سگهي ٿو.

پراڪرت جو 'اي آرهہ' ۽ سنڌي جو 'يارهہ' ڪنهن بہ طرح سنسڪرت جي 'ايڪادشن' مان اسريل ناهي.

'ايڪادشن' تہ 'اي آرهہ' ۽ 'يارهہ' جي پيٽ ۾ گهڙيو پيو. سماجي اوسر جي اهڙي ڪنهن ڏاڪي تي نهيو آهي جڏهن ڏاتو ٻول /هِہ اِ/ سان /ڪ/ پڇاڙي ڳنڍيجي ۽ پوءِ مخصوص مفهوم وڃائي /اي هي/ جو مستقل جز ٿي چڪي هئي.

هيٺ ڏنل ٻن تبديلين تي ڌيان ڏيو:

1. /ايڪادش/ منجي گيارهہ ٿيو آهي.
2. /هيارهہ ايارهہ/ مَنجي گيارهہ ٿيو آهي.

انهن ٻنهي مان ڪهڙي تبديلي وڌيڪ ممڪن ۽ عقل جي ويجهو آهي؟

جواب (2) جي حمايت ۾ وڃي ٿو.

ليڪڪ 'گيارهہ' کي 'هيارهہ' 'ايارهہ' جو مٽيل يا بگڙيل اچار نہ ٿو سمجهي پر ڪنهن آڳاٽي سمي، جڏهن اڃا سنسڪرت هِتي نہ پهتي هئي يا ان جو سماجي طرح ڇاڻجڻ عمل ۾ نہ آيو هو تڏهن هِتي جي ٻولين ۾ اها تبديلي اچي چڪي هوندي (اهو نڪتو اڃا وڌيڪ ويچار گهري ٿو).

۽ ليڪڪ اويستا جي 'ايئوا' ۽ 'هيڪرت' ۽ فارسيءَ جي 'يَڪ' ۽ 'گيارهہ' ٻولن کي ان روشنيءَ ۾ جاچڻ جي سڏ رکي ٿو.

•••

# ”جامع سنڌي لغات“ جو جائزو◄

(پهرين جلد جي حوالي سان پهرين پڙهڻي)

’**جامع سنڌي لغات**‘ انهن ڪتابن مان هڪ آهي، جيڪو هر سنڌي سُڄاڻ ۽ ڄاڻ-ڪوڏيو پاڻ وٽ سانڍڻ ضرور پسند ڪندو. سنڌيءَ مان سنڌيءَ ۾ سنڌيءَ جي ادبي توڙي عاماڻن يا لوڪ لفظن جي هيءَ پهرين لغت (ڊڪشنري ٻولَسُڏ) آهي، جنهن تي اهڙن سنڌي عالمن ”لاڳيتو“ پنجاهه ورهيه ڪم ڪيو آهي جيڪي سنڌ توڙي پَرسِنڌ ۾ مانَ جي نگاهه سان ڏٺا وڃن ٿا. جنهن ۾ اڳ ڇپيل سمورن سنڌي لغتن جي پيٽ ۾ گهٽا لفظ ۽ اصطلاح ڏنل آهن. جنهن جي ترتيب ۽ تدوين، جنهن جي سوڌڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ڪيترن ئي سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻڪن ۽ گهٽگهرن گڏجي سڏجي، هڪ ٻي جو ٻانهه ٻيلي ٿي اهو ڪم ڪيو آهي. جيڪو سنڌ جي سڄي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به نه ٿيو. سڄيءَ سنڌ ۾ جتي ڪٿي پکڙيل لک ڪان وڌيڪ موتين جهڙا جرڪندڙ لفظ ۽ اصطلاح گڏ ڪري ’**جامع سنڌي لغات**‘ جي لڙهيءَ ۾ پوئي سنڌيءَ جي پڙهندڙ کي مٿيءَ مُٺ ۾ آڇيا آهن. اهي سمورا لفظ-جاڪوڙي ۽ اکر-ڪوڏيا جَس لهڻن ٿا.

جڏهن علمي ڪتابن جي ڳالهه ڪيون ٿا، انهن کي پڙهون ۽ پرکيون ٿا، انهن مان سِکون ۽ ڄاڻ پِرايون ٿا تڏهن هر طرح رڱو عالمن ۽ اڪابرن جي صحبت ۾ اچي ساڻن سِڌي واسطي ۾ رهون ٿا جن پنهنجين پروڙن ۽ پرکن جي سڄاڻ دنيا مان ملهائتا ماڻڪ چونڊي اسان کي آڇيا آهن. علمي ڪتاب ڪنهن سڄاڻوءَ ياران ولوڙيل رت جي نتيجي ۾ مليل منتار مکڻُ آهي. انهن مکڻن کي جڏهن مون پارو تاساريل ماٿهو چکي ٿو تڏهن، سچ ته، ليکڪ ڪير به هجي، ڪٿان جو به هجي، ڪڏهن جو به هجي ان لاءِ هڪ قسم جو پيار، پنهنجائپ ۽ وڏائي محسوس ڪري ٿو.

سنڌي عالمن به اسان کي پنهنجي وِت سارو ماکي مکڻ پئي آڇيو آهي. سندن ڪيترن ئي علمي ڪارنامن تي اسين ٻَجا طور پاٻوهه پري وڏائي محسوس ڪيون ٿا. پر اهو به سچ آهي ته سنڌي ڄاڻڪن ۽ ڄاڻ ڪوڏين کي جيترو ڪجهه علمي مواد ڏيڻ گهربو هو ۽ ڏئي نه سگهيا، اسين ان ماڳ جا سڏائتا پانڌيئڙا ئي مس ٿي سگهيا آهيون.

---

◄ ماهوار ”**ڪينجهر**“ [ڊسمبر 1994] ۾ ڇپيل.

اسين جڏهن انگريزي، جرمن، فرينچ، روسي، چيني ۽ ڪجهه ٻين ٻولين ۾ ڇپيل ۽ ڇپجندڙ علمي ۽ تحقيقي مواد بابت ٻڌون ۽ سوچون ٿا يا انهن مان ڪنهن سان ٻه سڌو يا اڻ سڌو (ترجمي وسيلي) واسطو پئجي وڃي ٿو تڏهن انهن ٻولين ۾ موجود علمي ذخيرن تي، بنا ڪنهن رک رکاءَ جي چئجي ته، نه رڳو اکيون ڪُليو وڃن پر عالمن جي سمجهه ۽ ساڃاهه، اڪابري ۽ ڏاهپ تي واڪاڻ پريا واڪا پاٽمرادو نڪريو وڃن. علمُ ۽ علمَ، ادبَ ۽ فن جي ڪا به شاخ وٿ وٿن وسيع علمي ۽ تحقيقي ڪتابن کان وانجهي نه رهي آهي ۽ نت نئين ڏينهن نت نئين کوجنا پئي ٿئي. ڏار ڏار موضوعن تي سوين ڪتاب ڏهاڙي ڇپجن ۽ سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي وڃن ٿا. اهڙي ماحول ۾ جڏهن پاڻ تي، سنڌ ۽ سنڌيءَ تي نظر وجهجي ٿي تڏهن...

هڪ سنگتيءَ پڇيو "پنهنجي هڪ سنگتيءَ کي سوڪڙي ڏيڻي آهي، موضوع فلسفو هجي، ڪهڙو ڪتاب ڏيان؟"

"**ڏاهپ جو اپياس**، ليڪڪ سڪندر مغل ۽ جيڪڏهن ترجمو ته افلاطون جو **رعيتي راڄ** ... **فلسفي جو ابتدائي ڪورس** به آهي..." ڪجهه دير پوءِ هڪ ٻه ٻيا نالا به ذهن ۾ آيا، پر جنهن سوال ذهن ۾ واسو ڪيو اهو هيءُ ته **سنڌيءَ ۾ فلسفي جي موضوع ۽ ان جي ڏار ڏار شاخن تي ڪهڙا ڪتاب آهن؟** ۽ پوءِ ته سوالن جي لانڊ ڪونجن جي قطار جيان ذهني اپ تي سواليا ونگڙ وجهي ويهي رهي. انهن سيني سوالن کي گڏي هڪ سوال ڪجي: **هر هڪ سائنسي، سماجي، ادبي ۽ فني موضوعن تي سنڌيءَ ۾ ڪهڙا ۽ ڪيترا ڪتاب آهن؟** (آءُ پڇان ٿو ڪتاب!)

محسوس ٿيو ته سنڌيءَ ۾ لوڪ ادب، سنڌيءَ ٻوليءَ، شاهه لطيف ۽ سنڌ جي تاريخ تي ئي ڪي ڳڻي سڳهڻ جوڳا ڪتاب آهن ته آهن، باقي ٻيو وڃي ٿيو ڪل خير! ۽ جي ٽَڪي ٽوڪي ڳالهه ڪجي، ته انهن ۾ پڻ سائنسي بنيادن تي پرک ۽ پروڙ جي زبري گهرج آهي.

'جامع سنڌي لغات' به هڪ قسم جي عالمانه جتن جو نتيجو آهي. هن ڪتاب کي جڏهن اسان اجا گهرائيءَ سان اپياس هيٺ نه آندو آهي تڏهن ڪجهه نه ڪجهه فخر لائق لڳي ٿو پر جڏهن ان کي ڪجهه گهري، تنقيدي ۽ علمي نگاهه سان جاچجي ٿو تڏهن مٿي ڄاڻايل سائنسي بنيادن تي پرک ۽ پروڙ واري راءِ وزن وٺي وڃي ٿي.

'جامع سنڌي لغات' جي جلد پهرين ۾ مهاڳ جي صفحي (ج) تي ڄاڻايل آهي "...پر چوندا آهن ته 'جيئن دير تيئن خير' ـــ انهيءَ دير سببان هن بنيادي لغات کي ويتر

وڏيڪ سُوڌڻ ۽ سنوارڻ جو موقعو مليو ۽ لفظن جي تعداد، توڙي لغات جي فني سٽاءَ کي بهتر بڻايو ويو. لفظن جي تعداد جي پيٽ انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿي، تہ ڇپيل لغاتن مان ’ڪئپٽن سٽئڪ‘ واري سچي لغات ۾ اٽڪل 16900 الفاظ ۽ اصطلاح آهن. شرٽ، اڏارام ۽ مرزا صادق عليءَ واري لغات ۾ 21450، پرمانند واريءَ سنڌي-انگريزي لغات ۾ 25140، ۽ هن لغات جي فقط پهرين ٽن حرفن هيٺ 15735 الفاظ ۽ اصطلاح آهن.“

پهرين نظر ۾ اها ڳالهہ ڪجهہ فخر لائق لڳي ٿي.

حقيقت ۾، جن ٽن لغتن سان لفظن جي ڳڻپ جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي اهي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ لفظن جي معنيٰ ڏيندڙ آهن، جڏهن تہ ’جامع سنڌي لغات‘ سنڌيءَ مان سنڌي ۾ معنيٰ ٻڌائي ٿي. ڀيٽ جو مزو تڏهن اچي ها جڏهن اها انگريزيءَ يا ٻي ڪنهن سڌريل ٻوليءَ جي لغت سان ڪئي وڃي ها. سنڌيءَ کان سنڌي ۾ لغت لاءِ لفظن جي سهيڙپ جو ڪم هن صديءَ جي چاليهن واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو ۽ 1988ع ۾ آخري جلد ڇپيو ۽ منجهس لفظن جي ڪُل ڳڻپ سوا لک مَس ٿيندي. اهڙي، سوا لک لفظن ۽ اصطلاحن واري لغت اسان جا عالم سڳورا پنجاهہ سالن يعني اڌ صديءَ ۾ مَس تيار ڪري سگهيا آهن! ۽ جيڪو ڪجهہ تيار ٿيو آهي، ان ۾ بہ سوين غلطيون، هزارين ڪوتون ۽ سائنسي لفظن جي اٿوند! ۽ اهو بہ ايڪويهين صديءَ جي چائنٽ تي پهتل سائنسي ترقيءَ جي ان ڪمپيوٽرائزڊ دور ۾، جڏهن علم ۽ عرفان اُپ ڀيو چاچولي ۽ علمي بنيادن تي تيار ٿيل، مختلف ٻولين ۾ هزارين لغتون موجود آهن!

- ’جامع سنڌي لغات‘ جي بنيادي مسودي کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ۽ ڇپائڻ کان اڳ ان تي خالص علمي اصولن موجب تحقيقي نظر ڪري، ان کي وڌيڪ اضافن ۽ اصلاحن سان ’ايڊٽ‘ ڪرڻ وارو مرحلو هو ۽ پهرئين جلد کي ان مطابق وڏي ڏيان سان ”ايڊٽ“ ڪري ڇاپايو ويو. هاڻي جڏهن تہ ڇپائي باقاعدي هلي رهي هئي، سو راقم ڇپائي هلندي ٻئي جلد کي ”ايڊٽ“ ڪرڻ شروع ڪيو. هيءُ ڪم نهايت خاطر خواهہ نموني ۾ هلي رهيو هو ۽ ٻئي جلد جا 142 صفحا تصحيح ۽ تحقيق سان ڇپائيءَ هيٺ اچي چڪا هئا جو رڪاوٽن جو سلسلو شروع ٿيو... ”ايڊٽ“ ڪرڻ جو ڪم ٻين صاحبن جي سپرد ڪيو ويو... پر جڏهن تہ هيءُ ڪم نهايت نازڪ، تحقيق طلب ۽ مشڪل هو تنهنڪري

ڪنهن ڪان بہ پورو ٿي نہ سگهيو. [”مهاڳ“، جلد پنجون، ’جامع سنڌي لغات‘،
ص (ب)]

هيءُ تڪرو اسان جي متي ڏنل راءِ کي وزنائتو ڪري ٿو. پر جيئن هن تڪري ۾ ڄاڻايو ويو آهي، ڇا پهريون جلد ان راءِ تي نهڪي اچي ٿو ڇا ان تي خالص علمي اصولن موجب تحقيقي نظر وڌي وئي؟

1) ’جامع سنڌي لغات‘ (ادبي توڙي عام مروج ٻوليءَ جي) ڪتاب جو سرو آهي ۽ ان سان ئي هن ڪتاب جي ”جامعيت“، ”ادبائپ“ ۽ ”عام مروجائپ“ شروع ٿي وڃي ٿي. منجهس ”لغات“ جي معنيٰ ڏنل ناهي. سِرو پڙهڻ سان پهريون خيال اهو ٿو اڀري تہ هن ڪتاب ۾ انهن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي جامع نموني ڏنل آهي جيڪي ادب ۽ لوڪ ۾ عام واهپي هيٺ آهن. پر سندس مُک تي ئي ”مروج“، ”بسعي“، ”مرتبہ“، ”اهتمام“، ”زيرنگراني“ ۽ ”شعبہ“ جي منجهس معنيٰ نہ ٿي ملي (تنهنڪري اهي لفظ نہ تہ ”ادبي“ آهن ۽ نہ ئي وري ”عام مروج“) باقي لفظ بہ ”عام مروج“ تہ ناهن، متان ’ادبي‘ هجن!

2) ڪنهن بہ سٺي لغت ۾ اٿندي ئي ڄاڻايل هوندو آهي تہ منجهس گهربل لفظ يا اصطلاح ڪيئن ڳولجي. لفظ کي ٺيڪ اچارڻ لاءِ گهربل هدايتون انهن جي وياڪرڻي بيهڪ، جنس، عدد ۽ ٻين سمجهاڻين سان گڏ جملن ۾ انهن جي واهپي بابت مثال وغيره ڏنل هوندا آهن تہ جيئن گهربل لفظ تائين ترت پهچجي ۽ ان کي صحيح نموني سمجهي سگهجي. منهنجي آڏو هن وقت ٽين ۽ چوٿين درجي (جماعت) جا ڪتاب رکيا آهن ۽ هر هڪ ۾ ڏنل پهرين گيت جو هڪ هڪ بند هيٺ پيش ڪجي ٿو انهن ۾ ڪجهہ لفظ ۽ اصطلاح نروارِيل آهن. ڇا انهن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ملندي؟

- وڻ ٽڻ ٻوٽا ڏٺيءَ اُپايا،
  قسمين قسمين پَن بنايا،
  گل ڦل ميوا ڪئين گلزار،
  جوڙيا سائينءَ سڀ جنسار.

- **ڪوٺان ڪوٺ ٻڌايئہ** ڏرتيون،
سهسين سج، چنڊ، تارا ڪتيون،
جن جو **انت نہ پارا**، قدرت وارا.

مثال طور، ڪو شاگرد ڪنهن ڪتاب ۾ هڪ جملو پڙهي ٿو ”خط تہ ضرور لکندومانءِ پر ان جو جواب بہ ترت ڏِجَئينم“. ان شاگرد کي ”لکندومانءِ“ ۽ ”ڏِجَئينم“ جي معنيٰ نہ ٿي اچي ۽ نہ وري ڪيس انهن جي وياڪرڻي بناوت جي سُڌ آهي، تنهنڪري هو ’جامع سنڌي لغات‘ ڏسي ٿو چو تہ ان ڪان وڏيڪ سنو لغت جو ٻيو ڪو ڪتاب سنڌيءَ ۾ موجود ناهي. ڇا سچي لغت جاچڻ باوجود ڪيس انهن لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ملندي؟

3) جلد پهرين جي مهاڳ ۾ صفحي (ز) تي ڄاڻايل آهي تہ ”مصدر جي حالت ۾ معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ ان فعل جي ’فاعل‘، ’ماضي‘ توڙي ’اسم حاليہ‘ کي نروار ڪيو ويو آهي.“

اها ڳالهہ سراسر غلط آهي. مثال طور اچو تہ ٻين سڀني جلدن کان ”جيئن دير تيئن خير“ جي نتيجي ۾ وڏيڪ سوڏيل، سنواريل ۽ خالص علمي اصولن موجب تحقيقي نظر ڪيل ’پهرين جلد‘ کي مختلف هنڌن تان ڪولي ڪجھ ’مصدر‘ جاچي ڏسون:

- آبڻ ( آبيو - آبيندو - آبيل) ص - 8
- آچلائڻ ( آچلائيو - آچلائيندو - آچلائيل) ص - 26
- آڙڻ ( آڙيو - آڙيندو - آڙيل) ص - 47
- آڳتڻ (آڳيتو - !؟ - آڳتيل ) ص - 68
- آهوڙڻ (آهوڙيو - آهوڙيندو - آهوڙيل) ص - 87
- اٿوڙڻ (اٿوڙيو - اٿوڙيندو - اٿوڙيل ) ص - 116
- اڏڻ ( !؟ - !؟ - !؟) ص - 162
- اڏهڻ (!؟ - !؟ - !؟) ص - 162
- اڏارڻ ( !؟ - !؟ - !؟) ص - 163
- اڪولڻ (اڪوليو - اڪوليندو - اڪوليل) ص - 230
- بانبرجڻ ( بانبريو؟ - بانبريو؟ - بانبريل!) ص - 341

- ٻرغلائڻ ( ٻرغلايو - ٻرغلائيندو - ٻرغلايل) ص - 372
- ٻٽگجڻ ( !؟ -!؟ - !؟ ) ص - 405
- ٻيهڻ (ٻيهندو! - ٻينو! - ٻينل) ص - 443
- ٻاهڻ ( ٻاهيو - ٻاهيندو - ٻاهيل) ص - 462
- ٻيڪائڻ (ٻيڪائيو - ٻيڪائيندو - ٻيڪايل) ص - 513

هنن مثالن مان پڌرو آهي تہ مصدر جو ’ماضي‘، ’مستقبل‘ (۽ اهي ٻئي شڪيلون بہ رڳو واحد ۽ مذڪر واريون، جمع ۽ مؤنث واريون نہ) ۽ ’اسم حاليہ‘ ڏنل آهي ( ۽ اهو بہ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪٽل، ٻي ترتيب ۽ غلط) نہ ڪي ڄاڻايل علمي ۽ تحقيقي دعويٰ موجب ’فاعل‘، ’ماضي‘ ۽ ’اسم حاليہ‘! (باقي چئني جلدن ۾ تہ اها ترتيب بہ رڳو ڪجهہ هنڌن تي ”پُل چُڪ“ وچان درست اچي وئي آهي).

سنڌيءَ ۾ فاعل ائين بہ ٺهندو آهي تہ مصدر جو ”-ڻ“ ڪيرائي ان جي جاءِ تي ”-ڻيندڙ“ يا ”-اندڙ“ پڇاڙي ملائي جڏجي، جيئن ”آهوڙيندڙ“ ”ڄاڻندڙ“، ”ٻرغلائيندڙ“، ”گهمندڙ“ وغيره. مصدرن مان اهڙن ٺهيل سمورن فاعلن سان جيڪا تعدي ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڪئي وئي آهي اها شايد ئي دنيا جي ٻي ڪنهن بہ ”سڌريل“ يا ”اڻ سڌريل“ ٻوليءَ واري لغت ۾ ڪئي وئي هجي. پوين چئني جلدن تي جيڪڏهن ”تحقيقي نظرثاني“ ٿئي ها تہ ان ۾ ڪٿي ڪٿي اچي وبل اهڙا فعل بہ شايد نظر نہ اچن ها.

4) جلد پهرين جي مهاڳ ۾ صفحي (د) تي ڄاڻايو ويو آهي تہ ”اصولي لفظ کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان جي آڏو گول ڪاري ٻڙيءَ (•) جو نشان ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ اصولي لفظ مان ٺهيل ٻين لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏئي رکيو ويو آهي...“

اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين صحيح آهي ۽ ڪجهہ غلط.

مثال طور، ”جهنگ“، ”مَنجهہ“ ۽ ”ٻيلو“ اصولي لفظ آهن جن مان ”جهانگي“، ”مانجهي“ ۽ ”ٻيلاٽي“ لفظ ٺهيا آهن پر اهي پنهنجن اصولي لفظن کان اڳ ڏنل آهن.

”آيام“ لفظ جي معني ڏيڻ کان پوءِ لکيل آهي: ”آيامڻ مصدر مان اسم آهي“ جي ائين آهي تہ پنهنجي اصولي مصدر ”آيامڻ“ کان اڳ آيل آهي. ”آڍائڻ“ ”آڍڻ“ مصدر مان متعدي بالواسطہ آهي پر پنهنجي اصولي مصدر کان اڳ ۾ آيل آهي. ”آتجڻ“ ”آتڻ“ جو فعل مجهول آهي ۽ ”آتڻ“، پنهنجي اصولي مصدر، کان اڳ ۾ آيو آهي.

”آيام“ جهڙا ڪيترائي اسم، ”آڊائڻ“ جهڙا ڪيترا متعدي بالواسطه ۽ ”آتجڻ“ جهڙا ڪيترائي فعل مجهول، پهرين جلد ۾ ئي پنهنجي جاٽايل رٿابنديءَ جي ابتڙ ڏنل آهن. باقي ڇئني جلدن جي چا ڳالهه ڪجي! جيڪڏهن اسين ”اڻ-“ (انڪاري معنيٰ ڏيکاريندڙ صفاتي اڳياڙي) وارن لفظن جي اصطلاحن تي ڌيان ڏيون، مثال طور اڻ پوري، اڻ تارو، اڻ پڙهيو، اڻ پهچ، اڻ چاتل، اڻ سانگو، اڻ سڌو، اڻ سرتو، اڻ سونهون، اڻ واقف، اڻ هيريو وغيره، ته ڏٺي تي ئي جاڳي ونداسون، ته اصولي لفظ ڪنهن بي هنڌ آهي ۽ رڳو ”اڻ-“ اڳياڙيءَ جي ڪري ”اڻ-“ واري ترتيب ۾ رکيو ويو آهي. اها ساڳي ڳالهه باقي سمورين اڳياڙين — ”آ-“، ”اَ-“، ”ب-“، ”با-“، ”بد-“، ”بي-“، ”ڏ-“، ”سُ-“ (سَ-)، ”ڪُ-“ وغيره — سان به لاڳو آهي.

”آتش پرستي“ ۾ ته اصولي لفظ ”آتش“ آهي پر ”آتشِ نمرود“ ۾ اصولي لفظ ڪهڙو؟ ”آبِ زمزم“، ”آبِ ڪوثر“ وغيره ۾ اصولي لفظ ”زمزم“ ۽ ”ڪوثر“ آهن يا ”آب“؟

5) سنڌي ۾ سهولت تڏهن ٿيندي ۽ اصولن ٿيڻ به ائين گهرجي، جنهن به لفظ جي صورتخطي، ڪنهن به طرح، ايتري قدر جو رڳو سُر جو فرق رکي ٿي، ان کي پنهنجي ڌار جاءِ ملڻ گهرجي. بنيادي معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ لاءِ اصولي لفظ ڏي اشارو ڪري ڇڏجي باقي، سموري سمجهاڻي ۽ معنيٰ اتي ئي ڏئي ڇڏجي. مثال طور ”لڪائيندڙ“ لفظ ڏسڻو آهي:

- **لِڪائيندڙ**: (فاعل، مذڪر، واحد) لڪائڻ وارو. جيڪو لِڪائي: *مريم ڪان ڇئي لڪائيندڙ سنڌس پاءُ هو. شاگردن کي صورتخطي لڪائيندڙ سندن استاد هو.*

  هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهو ”لِڪائڻ“ ڏسڻ گهري ٿو:

- **لِڪائِڻُ**: (مصدر، فعل، متعدي بالواسطه) ٻي کان لِکڻ جو ڪم وٺڻ، ڪرائڻ. ٻي کي لکڻ جو ڪم چوڻ: *ڇني لڪائڻ مهل اُچارن تي پورو ڌيان ڏجي. هن خط لکائڻ ئي مَس شروع ڪيو ته پيڻ جي مُس ڪپي وئي.*

  وري جيڪڏهن اهو ماڻهو ”لکڻ“ به ڏسڻ گهري ٿو:

- **لکڻ**: (مصدر، فعل) ڪنهن به مٿاڇري خاص طور تي پَني تي پين پينسل، برش، قلم، ڪلڪ وغيره سان اکر، لفظ، جملا، اصطلاح يا انهن جا اهڃاڻ (مثال طور لفظي نشان) لِيڪڻ، ناهڻ، اکر يا لفظ ڇِٽڻ، ڇپڻ، اپارڻ، اڪارڻ، نروارڻ، ظاهر

ڪرڻ، تحرير ڪرڻ، رَقم ڪرڻ: *ساجد لکڻ ۽ پڙهڻ خوب ڄاڻيندو هو. لکڻ تہ بس عظيم ڄاڻي. اڪبر بادشاهہ لکڻ جي هنر کان اڻ واقف هو.*

ڪنهن لفظ جو اچار ۽ صورتخطي تہ هڪ جهڙا هجن پر معنيٰ ۽ مفهوم ٻيو ٻيو هجي تہ اهڙي حالت ۾ ڇا ڪجي؟ لفظ آهي ”لِکائي“.

- **لِکائِي:** 1. (اسم) لکڻ جو نمونو ڍنگ، طريقو انداز: *ظفر جي لکائي ايڏي سهڻي آهي جو ماڻهو بس ويٺو ڏسي. لِکائي تہ اسلم جي، ايڏي رد جو پاڻ بہ پڙهي نہ سگهي!* 2. (فعل، متعدي بالواسطہ، مؤنث) لکائڻ جو ماضي. *نصيبان چِٺي تہ لکائِي پر موڪلي نہ سگهي. اصغر سڄي ڪلاس کي صورتخطي لکائي.*

”لکڻ“ مان ”لکجڻ“، ”لکائڻ“، ”لکائجڻ“، ”لکرائڻ“، ”لکرائجڻ“، ”لکارائڻ“ ”لکارائجڻ“ مصدر اچن ٿا، وري انهن جا ماضي، مستقبل ۽ اسم حاليہ، پوءِ فاعل ۽ مفعول، وري مذڪر ۽ مؤنث ۽ واحد ۽ جمع شڪليون. ۽ انهن کان پوءِ انهن سان ملندڙ ضميري پڇاڙيون (واحد ۽ جمع ۽ مذڪر ۽ مؤنث) آهن. جنهنڪري هر هڪ مصدر مان ڏهاڪن جي ڳُٽپ ۾ تہ رڳو فعلي صورتون ٺهن ٿيون.

6) ضميري پڇاڙيون رکندڙ لفظن کي ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ (”پل چڪ کان سواءِ“) ڪنهن بہ هنڌ نہ آندو ويو آهي جڏهن تہ انهن جي ڪري لفظ جي صورت ئي بدلجيو وڃي. ”ٻڌايَءِ“، ”ٻڌايئِہ، ”لکايَءِ“، ”ٻڌايم“، ”ٻُڌايم“، ”لکايُم“، ”ٻڌايوسون“، ”ٻڌايوسون“، ”لکايوسون“ وغيره جهڙا هزارين لفظ سنڌيءَ ۾ عام واهپي هيٺ آهن. اهڙن لفظن کي ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڪيئن ڳولجي ۽ سمجهجي، ۽ وري جي ضميري پڇاڙيون ڀِتيون هجن تہ!؟

ضميري پڇاڙين بابت وس ڀڳي مڪمل ڄاڻ لغت جي ابتدا ۾ ئي ڏيڻ گهرجي. ائين بہ ڪري سگهجي ٿو ڪرڻ گهرجي، تہ ضميري پڇاڙيءَ واري هر هڪ صورت لاءِ ڌار ڌار اکر ۽ انگ مقرر ڪري ڇڏجن ۽ لغت ۾ جتي بہ ضميري پڇاڙي وارو لفظ ڪم آيل هجي، اتي، ان جي اڳيان ڏنگيءَ ۾ اهو اکر يا اکر ۽ انگ ڏئي ڇڏجي. جيئن.

(ض) = ضمير

(ض پ) = ضميري پڇاڙي

(ض پ ذ و-1) = ضميري پڇاڙي مذڪر واحد. ”مان“، ”مون“، ”آءٌ“ جي حالت فاعلي ڏيکاريندڙ: لکندم، پڙهندس، ويندس، پڙهيُم، وَيُم، وَيُس.

(ض پ ث و_1) = ضميري پڇاڙي مؤنث واحد. ”مان“، ”مون“، ”آءٌ“ جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکنديمِ، پڙهنديس، وينديس، وَيمِ، وَيس.

(ض پ ذ ج_1) = ضميري پڇاڙي مذڪر جمع. ”اسان“، ”اسين“. جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکيوسي، لکنداسون، پڙهنداسون، لکيوسون، پڙهيوسون، پڙهيوسي، لکنداسي، پڙهنداسي.

( ض پ ث ج_1) = ضميري پڇاڙي مؤنث جمع. ”اسان“، ”اسين“ جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکيوسين، پڙهيوسين، لکنديونسي، پڙهنديونسي.

(ض پ ذ و_2) = ضميري پڇاڙي مذڪر واحد. ”تون“ جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکندين، پڙهندين، لکيُئہ، پڙهيُئہ.

(ض پ ث و_2) = ضميري پڇاڙي مؤنث واحد. ”تون“ جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکندينءَ، پڙهندينءَ، لکيَئِہ، پڙهيَئِہ.

(ض پ ذ ج_2) = ضميري پڇاڙي مذڪر جمع. ”توهان“، ”توهين“ جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکندؤ پڙهندؤ لِکيُوَ پڙهيُوَ.

(ض پ ث ج_2) = ضميري پڇاڙي مؤنث جمع. ”توهين“، ”توهان“ جي حالت فاعلي ڏيڪاريندڙ: لکندؤ پڙهندؤ لکيَوَ پڙهيَوَ.

(ض پ ذ ج_2 ۽ ض پ ث ج_2 کي گڏ بہ لکي سگهجي ٿو.)

اهڙيءَ طرح هر هڪ ضميري پڇاڙيءَ کي سندس وياڪرڻي حالت موجب اکرن ۽ انگن جي مدد سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو.

7) ساڳي نموني واحد مان جمع ۽ جمع مان واحد، مؤنث مان مذڪر ۽ مذڪر مان مؤنث ۾ بدلجڻ جا طريقا ٻڌائي، انهن لاءِ پڻ اکر انگ مقرر ڪرڻ گهرجن.

هِتي انگريزي مان هڪ مختصر تفصيل واري ’مصدر‘ جو مثال ڏجي ٿو.

**Wriggle** /'**rigl**/ *vi, vt* **1** [VP2A, C, 3A] move with quick, short, twistings; move along in this way: *The worm ~d as Jim put it on the fish _ hook, Small children ~ in their seats when they are bored. The eel ~d out of my fingers. He ~d out of (=escaped from) the difficulty. He ~d (his way) through the thick hedge. My criticism made him ~,* feel uncomfortable. **2** [VP6A, 15B, 22] move with a wriggling

motion: ~ *one's toes;* ~ *oneself free*, get free (eg from ropes round the body); ~ *one's way out*. □*n* wriggling movement. **wrig.gler** /'rigələ'(r)/ *n* (esp) larva of a mosquito.

['**آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش**' (ٽين ڇاپي جو ويهون عڪس: 1985) ص_996]

**انگلش_سنڌي ڊڪشنري**: اي. ٽي. شاهاڻي ۾ ان لفظ جي معنيٰ "ڪِينئين وانگر سُرڻ، گوٺنات ڪرڻ" ڏنل آهي. اچو ڏسون تہ پاڻ انگريزي وارن ان لفظ بابت معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڪيئن ڏني آهي:

1. ٿولهہ جي لحاظ کان ٽن قسمن جي ٽائيپ ڪم آندل آهي. وچٿري ٿلهي، ڪجهہ سنهي ۽ ٻاوانجري (ليٽيل، اٽلڪ) ۽ ان سان گڏ "اٻتي سبتي".
2. 'لفظ' وچٿري ٿلهي ٽائيپ ۾ آهي ۽ سمجهاڻي جي تفصيل ۾ ڪٿي لهر (~) جو نشان جيڪو ساڳي لفظ جو اهڃاڻ آهي.
3. لفظ کان ترت پوءِ ٿورو اُڀين لِيڪُن جي وچ ۾ "اٻتي سبتي" الفابيٽ ۾ لفظ جو اچار بيان ڪيل آهي. اچار ۾ 'آر' اکر جي مٿان ' جو انگ ڏنل آهي جيڪو ٻڌائي ٿو تہ اهو اکر چٿوڪري (زور ڏئي) پڙهبو ۽ باقي اکر عام آواز ۾ پڙهبا. هن لفظ جو اچار ٿيو "رِگل".
4. اچار کان ترت پوءِ ٻاوانجرن اکرن ۾ vi (فعل لازمي) ۽ vt (فعل متعدي) ڄاڻايل آهي.
5. هاڻي 1 جي انگ کان پوءِ ان لفظ جي پهرين معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.
6. وڏي ڏنگي ۾ اکر ۽ انگ ان لفظ جي فعلاتي ڍنگ (pattern verb) جي ڄاڻ ڏين ٿا.
7. ان کان پوءِ لفظ جي معنيٰ جو تفصيل ۽ ڇهن جملن ۾ ان جو واهپو سمجهايل آهي: تڪڙن، ننڍن، ور_وڪڙن ۾ ڇرڻ، ڦٿڪڻ، ان طريقي سان اڳتي وڌڻ، ڦٿڪي ڇُٽڻ، ڀاڄ ڪائڻ، ٻيچين ٿيڻ.
8. هاڻي 2 جي انگ کان پوءِ ان لفظ جي ٻي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي.
9. 2 جي انگ کان ترت پوءِ وڏي ڏنگيءَ ۾ اکر انگ فعلائتي ڍنگ جي ڄاڻ ڏين ٿا (هيءُ فعلائتو ڍنگ پهرين کان مختلف آهي).
10. لفظ جي معنيٰ ۽ ٻن جملن ۾ سمجهاڻي ڏنل آهي: ٽڙ تڪڙ ۾ ور وڪڙ چرپر.

11. هاڻي چورس ڪان پوءِ ٻاوانجرن اکرن ۾ 'اين' ڏنل آهي جيڪا ٻڌائي ٿي ته هيءُ لفظ 'اسم' به آهي جنهن موجب ان جي معنيٰ "ور_وڪڙ هلڻي" ٿئي ٿي.

12. هاڻي وري وچٿري ٿلهي ٽائيپ ۾ ان فعل جو فاعل ۽ ليٽيل اپين لِيکن ۾ ان جو اچار رِگل(ر) بيان ڪيل آهي (يعني آخري 'ر' هلڪي اچاربي يا ڪيرائي ڇڏبي.) ٻاوانجري 'اين' 'اسم' کي ظاهر ڪري ٿي: معنيٰ ۽ خصوصي معنيٰ ڏنل.

مون اهي سڀ انگريزي ۾ اڳتي وڌيل (اسريل) سيڪڙاتن لاءِ جوڙيل ڊڪشنري جي "پيش لفظ" ۾ "ڊڪشنري کي بهتر نموني ڪيئن ڪم آڻجي" پڙهي جاتيون آهن. توهان ڏٺو ته هر هڪ لفظ جي مڪمل فطرت، معنيٰ، سمجهاڻي ۽ واهپو وغيره ڄاڻايل آهي. گهڻن هنڌن تي ائين به آهي ته جيڪي لفظ عام واهپي ۾ هڪ معنيٰ، فلسفي ۾ ٻي، قانون ۾ ٽين معنيٰ رکن ٿا انهن جي معنيٰ کان اڳ ان علمي شعبي جي نشاندهي به ڪيل آهي. "سيڪڙاتن" لاءِ جوڙيل ان ڊڪشنري ۾ هڪ لک کن لفظ ۽ اصطلاح ڄاڻايل طريقي موجب بيان ڪيل آهن، ڪٿي ڪٿي گهربل تصويرون ڏنل آهن، سائنسي جدولون، دنيا جي سيني ڏيهن جا نالا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ڏنل آهي ۽ اها سڄي ڊڪشنري 'ڊيمي' (گِراٺ) قد ۾ ۽ هڪ جلد اندر 1038 صفحن تي پکڙيل آهي. انگريزي مان انگريزي ۾ نئين جوڙيل ڊڪشنري ۾ ساڳين اصولن موجب 30 ڪروڙ[23] لفظ ۽ اصطلاح ڏنل آهن.

هاڻي اسين ٻِئي ٻاڪون (ڊبل ڪرائون) قد ۾ پنجن جلدن ۽ **3100** صفحن تي پکڙيل سوا لک لفظ ۽ اصطلاح ۽ لڳ ڀڳ هر قسم جون خاميون ۽ ڪوتون رکندڙ 'جامع سنڌي لغات' تي نظر وجهي ان جو حقيقي معيار ۽ قد بت ڪٿي سگهون ٿا!

لغت جو ڪتاب، سِڌي ڳالهه آهي ته، لفظن ۽ اصطلاحن بابت سڀ طرفي مڪمل ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. ڏاڍي ڏک سان اها ڳالهه قبول ڪرڻي ۽ چوڻي پوي ٿي ته 5 هزار ورهين تي پکڙيل مهذب ثقافت رکندڙ سنڌي ٻوليءَ ۽ قوم وٽ اڃا تائين اهڙي عملي ۽

---

[23] **نوٽ:** لفظن ۽ اصطلاحن جو هيءُ تعداد شَڪي آهي. جيتوڻيڪ ماهوار "ڪينجهر" حيدرآباد، ڊسمبر 1994ع ۾ ڇپيل، ان مقالي ۾ ص: 90 تي، اهو ئي انگ ڏنل آهي! مان وٽ اصل مسودو موجود نه هجڻ سبب، ان جي درستي نه ڪري سگهيم. ٻي طرف، 'اوڪسفرڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري' جي نائين ڇاپي [2015ع] جي، بيڪ ٽائٽل تي ڄاڻايل آهي، ته منجهس 185,000 (هڪ لک، پنجاسي هزار) کان وڌيڪ لفظ، اصطلاح ۽ معنائون موجود آهن. ان سبب، مٿيون انگ، بهرحال، ان کان گهٽ هجڻ گهرجي. (رياضت)

تحقيقي لغت ميسر ناهي. ان هوندي بہ آءٌ پنهنجي دلئون درست ٿو سمجهان تہ جنهن ماڻهوءَ 'جامع سنڌي لغات' ۽ 'شاهہ جي رسالي' کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گهرِي نظر سان نہ ڏٺو آهي، اهو سنڌي ٻوليءَ جي رچائيءَ ۽ رمزن کان واقف هجي ۽ ان کي صحيح نموني لکي سگهي، ڏاڍو ڏکيو آهي.

مون کي پڪ آهي تہ هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ ڇپيل سمورن ڪتابن، رسالن، اخبارن، وغيره مان پوري ڏيان سان جيڪڏهن هر لفظ کي گڏ ڪيو وڃي تہ هاڻوڪيءَ 'جامع سنڌي لغات' جو قد ٻٽ ٽيڻو ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن هر لفظ تي پورو ڌيان ڏئي ان مان جڙندڙ ۽ جڙي سگهندڙ سڀني صورتن کي تحقيقي انداز ۾ گڏ ڪيون، تہ اهو ڪتاب پنجوڻو ٿي سگهي ٿو.

مثال طور، مثي مون چوٿين درجي جي هڪ گيت جو هڪ بند لکي ان ۾ ڪم آيل لفظن جي ڳولا جو طريقو پڇيو هو "ڪوتان ڪوتِ" ۾ شامل لفظن ۽ ان جي اصطلاح تي ڪجهہ ڌيان ڏيو پوءِ "ٻڌايَءِ" کي ڏسو ۽ "اَنت نہ پارا" کي پرکيو. 'جامع سنڌي لغات' ۾ "ڪوتُ ۽ ڪوتَ"، "ٻڌائڻ" (ٻڌايو ـ ٻڌائيندو ـ ٻڌايل) ۽ "انت نہ پار هجڻَ" ڏنل آهن. اڪيلي سِر "پارا" (جنهن معنيٰ ۾ هتي ڏنل آهي) ڪٿي بہ ڪونهي، ۽ جي آهي تہ "پارو" ج "پارا" جاڻايل آهي. تنهنڪري لازم آهي تہ 'جامع سنڌي لغات' مان جيڪو بہ لاڀ وٺڻ گهري ٿو ان کي سنڌيءَ جي اڳوات ئي چڱي ڀلي، بلڪ عالمانہ ڄاڻ هئڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري آءٌ ان راءِ جو آهيان تہ سنڌيءَ ٻوليءَ جو هر هڪ لفظ واحد توڙي جمع، مذڪر توڙي مؤنث، ماضي توڙي مستقبل، جيڪو ڪنهن بہ طرح، ايتري قدر جو رڳو سُرَ جو فرق هجي تہ لغت ۾ ڌار داخلا (عنوان، اِنٽري) رکندڙ هجي. "ڏسڻ" جو ماضي "ڏٺو"، "ڄاڻڻ" جو ماضي "ڄاتو" آهي، "ڏٺو" ۽ "ڄاتو" پنهنجي الڳ جاءِ تي اچڻ گهرجن ۽ اتي گهربل معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏئي سندن بنيادي يا اصولي لفظ ڏانهن اشارو ڪجي. "ڏٺائين" ۽ "ڄاتائين" وري هڪ ٻي معنيٰ رکن ٿا تہ انهن جو عنوان بہ پنهنجي ترتيب موجب گهربل هنڌ تي هجڻ گهرجي.

"لکڻ" مصدر مان لکجڻ، لکائڻ، لکائجڻ، لکرائڻ، لکرائجڻ، لکارائڻ ۽ لکرائجڻ مصدر اچن ٿا، جيڪي پنهنجي ترتيب موجب "لکڻ" کان اڳ ۾ ايندا ۽ اچڻ گهرجن، جيڪڏهن انهن سان سندن فاعلي صورتون ۽ ضميري پڇاڙيون گڏ هجن تہ سندن

ترتيب اجا به ڦري ويندي. ڇا اسين سنڌيءَ جي ان خاصيت کي لغت جھڙي ڪتاب ۾ ڪم نہ آڻيون ۽ ٻي ڏيانيءَ سان ڦٽو ڪري ڇڏيون؟

هن سوال جو جواب ڏيڻ کان اڳ بهتر آهي تہ اڳ ۾ ”لکڻ“ مان ايندڙ هيٺين لفظن تي هڪ نظر وجھون:

1. لِک
2. لِکاراءِ
3. لکارائج
4. لکارائجڻ
5. لکارائجي
6. لکارائِجي
7. لکارائڻ
8. لکارائي
9. لکارائِي
10. لکارائيندا
11. لکارائيندڙ
12. لکارائيندو
13. لکارائيندي
14. لکارائِيندي
15. لکارائينديون
16. لکارايل
17. لکان
18. لکانءِ
19. لکاٽي
20. لکاٽيون
21. لکاءِ
22. لکائبا
23. لکائبو
24. لِکائبِي
25. لکائبيون
26. لکائج
27. لکائجان
28. لکائجبا
29. لکائجبو
30. لکائجبِي
31. لکائجبيون
32. لکائجندا
33. لکائجندڙ
34. لکائجندڙن
35. لکائجندو
36. لکائجندي
37. لکائجندِي
38. لکائجنديون
39. لکائجڻ
40. لکائجو
41. لکائجي
42. لکائجِي
43. لکائجيو
44. لکائجيوَ
45. لکائڻ
46. لکائٽا
47. لکائٽو
48. لکائٽي
49. لکائٽِي
50. لکائٽيون
51. لکائي
52. لکائِي
53. لکائيج
54. لکائيندا
55. لکائينداس
56. لکائينداسُون
57. لکائينداسُونءِ
58. لکائينداسي
59. لکائينداسين
60. لکائينداسِين
61. لکائينداسيوَ
62. لکائيندڙ
63. لکائيندَس
64. لکائيندُس
65. لکائيندَم
66. لکائيندُم
67. لکائيندو
68. لکائيندوسانءِ
69. لکائيندوسانوَ
70. لکائيندوسانِ
71. لکائيندومانءِ
72. لکائيندومانوَ

73. لڪائيندومانِ
74. لڪائيندؤ
75. لڪائيندي
76. لڪائيندِي
77. لڪائينديسانءِ
78. لڪائيندسانوَ
79. لڪائينديسانِ
80. لڪائينديمانءِ
81. لڪائينديمانوَ
82. لڪائينديمانِ
83. لڪائيندين
84. لڪائيندِينءَ
85. لڪائينديونسُون
86. لڪائينديونسونءِ
87. لڪائينديونسيوَ
88. لڪايا
89. لڪايان
90. لڪايانِ
91. لڪايانسِ
92. لڪايانئِ
93. لڪايائون
94. لڪايائونِ
95. لڪايائونسِ
96. لڪايائونمِ
97. لڪايائين
98. لڪايائينِ
99. لڪايائينسِ
100. لڪايائينمِ
101. لڪايَسِ
102. لڪايُسِ
103. لڪايَمِ
104. لڪايُمِ
105. لڪايو
106. لڪايُوَ
107. لڪايوس
108. لڪايوم
109. لڪايُون
110. لڪايونِ
111. لڪايوءِ
112. لڪايَئِ
113. لڪايُئه
114. لڪيو
115. لڪبو
116. لڪبِي
117. لڪبيون
118. لڪت
119. لڪتون
120. لڪج
121. لڪجانِ
122. لڪجان
123. لڪجانسِ
124. لڪجانءِ
125. لڪجبا
126. لڪجبيو
127. لڪجبي
128. لڪجبيون
129. لڪجن
130. لڪجندا
131. لڪجندڙ
132. لڪجندو
133. لڪجندي
134. لڪجندِي
135. لڪجنديون
136. لڪجڻ
137. لڪجو
138. لڪجوسِ
139. لڪجومِ
140. لڪجون
141. لڪجونءِ
142. لڪجي
143. لڪجِي
144. لڪجيل
145. لڪجينِ
146. لڪجيوَ
147. لڪراءِ
148. لڪرائجندڙ
149. لڪرائجندو
150. لڪرائجندي
151. لڪرائجنديون
152. لڪرائجڻ
153. لڪرائجوس
154. لڪرائجوم
155. لڪرائجون
156. لڪرائجي

157. لڪرائجِي
158. لڪرائجيس
159. لڪرائجيل
160. لڪرائجيم
161. لڪرائجينِ
162. لڪرائٹ
163. لڪرائٽا
164. لڪرائٽڻ
165. لڪرائٽو
166. لڪرائٽي
167. لڪرائِٽي
168. لڪرائي
169. لڪرائِي
170. لڪرائيسِ
171. لڪرائيَس
172. لڪرائيمِ
173. لڪرائيم
174. لڪرائين
175. لڪرائينِ
176. لڪرائيندا
177. لڪرائينداسون
178. لڪرائينداسُونِ
179. لڪرائينداسونءِ
180. لڪرائينداسي
181. لڪرائينداسين
182. لڪرائينڊڙ
183. لڪرائينڊڙن
184. لڪرائيندو
185. لڪرائيندوسان
186. لڪرائيندوسانوَ
187. لڪرائيندوسانءِ
188. لڪرائيندومانِ
189. لڪرائيندومانوَ
190. لڪرائيندومانءِ
191. لڪرائيندؤ
192. لڪرائيندؤنِ
193. لڪرائيندي
194. لڪرائينديسانِ
195. لڪرائينديسانوَ!
196. لڪرائينديسانءِ
197. لڪرائينديمانِ
198. لڪرائيندمانوَ!
199. لڪرائينديمانءِ
200. لڪرائيندين
201. لڪرائيندينِ
202. لڪرائيندينءَ
203. لڪرائينديون
204. لڪرائينديونسين
205. لڪرائينديونسينِ
206. لڪرائينسِ
207. لڪرائينم
208. لڪرائين
209. لڪرائينِ
210. لڪرايا
211. لڪرايان
212. لڪرايانِ
213. لڪرايانسِ
214. لڪرايانوَ!
215. لڪرايانءِ
216. لڪرايائون
217. لڪرايائونِ
218. لڪرايائونس
219. لڪرايائوم
220. لڪرايُس
221. لڪرايل
222. لڪرايُم
223. لڪرايِم
224. لڪرايَن
225. لڪرايُنِ
226. لڪرايو
227. لڪرايُوا!
228. لڪرايوس
229. لڪرايوم
230. لڪرايومانِ
231. لڪرايومانوَ
232. لڪرايومانءِ
233. لڪرايُون
234. لڪرايونِ
235. لڪرايونوَ
236. لڪرايونئہ
237. لڪندا
238. لڪنداسون
239. لڪنداسونِ
240. لڪنداسونوَ

241. لڪنداسونءِ
242. لڪنداسيوَ
243. لڪندڙ
244. لڪندڙن
245. لڪندَسِ
246. لڪندُس
247. لڪندَم
248. لڪندُم
249. لڪندو
250. لڪندَوَ
251. لڪندُوَ
252. لڪندوسانِ
253. لڪندوسانوَ
254. لڪندوسانءِ
255. لڪندومانِ
256. لڪندومانوَ
257. لڪندومانءِ
258. لڪندؤ
259. لڪندي
260. لڪندِي
261. لڪنديَس
262. لڪنديسان
263. لڪنديسانِ
264. لڪنديسانوَ
265. لڪنديسانءِ
266. لڪنديمانِ
267. لڪنديمانوَ
268. لڪنديمانءِ
269. لڪندين
270. لڪندينِ
271. لڪندينءَ
272. لڪنديون
273. لڪنديوسون
274. لڪنديونسُونِ
275. لڪنديونسونءِ
276. لڪنديونسوَ
277. لڪنديونسُونءِ
278. لڪنديونسِين
279. لڪنديونسِينِ
280. لڪنديونسيوَ
281. لڪڙ
282. لڪو
283. لڪوس
284. لڪوم
285. لڪون
286. لڪُونِ
287. لڪونسِ
288. لڪُونوَ
289. لڪونءَ
290. لڪٽي
291. لڪٽيون
292. لڪي
293. لڪِي
294. لڪيا
295. لڪياءِ
296. لڪيائون
297. لڪيائونِ
298. لڪيائونس
299. لڪيائونم
300. لڪيائين
301. لڪيائينِ
302. لڪيائينس
303. لڪيائينم
304. لڪيج
305. لڪيُس
306. لڪيل
307. لڪيَم
308. لڪيُم
309. لڪين
310. لڪينِ
311. لڪينس
312. لڪينم
313. لڪيوَ
314. لڪيَو
315. لڪيُو
316. لڪيَوَس
317. لڪيُوَسِ
318. لڪيوم
319. لڪيُون
320. لڪيونِ
321. لڪيَءَ
322. لڪيُءَ
323. ليڪُ – ليڪَ
324. ليڪارِي

325. ليڪڙو
326. ليڪڙُ، ليڪا!
327. ليڪا
328. ليڪُو

في الحال ذهن ۾ اهي ئي لفظ ٽا اچن. هاڻي جيڪڏهن ”ليڪُو پُٽ“ ”ليک لکڻ“، ”ليک وجهڻ“، ”لِک لِکان“، ”لک لکان لڳڻ“ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي اصطلاح انهن لفظن سان پنهنجي پنهنجي گهربل جاءِ تي اچن ته ’جامع سنڌي لغات‘ جي جامعيت يقيناً وڌي ويندي (لکڻ جهڙا مصدر جيڪڏهن رڳو ٻه هزار به هجن ته به 6 لک 50 هزار لفظ ۽ هزارين اصطلاح رٿجي سگهندا).

دنيا جا سمورا ڏيهه، اهم شهر، تاريخي مڪان، ڄاڻائڻ جوڳا ناهه، وڏا جبل ۽ علائقا، درياسا ۽ پٽ، رياستي عهدا، سير گاهه ۽ بندرگاهه، فلسفيانه، سائنسي، علمي ۽ فني اصطلاح ۽ دنيا جون ٻوليون، نديون، ماٿريون، ڊنڊون... ڄاڻائي سگهڻ جهڙو سڀ ڪجهه ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ اچي وڃي ته پوءِ ڪهڙي ڳالهه ڪجي!

اهڙيون هزارين قسمن جون شيون ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڪٿل آهن، پر رڳو اِهي شيون ڪٿل ناهن، ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي.

’جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڪيترائي سوَ ٻيرا لفظ ڏسڻا ٻيا اٿم. ڪيترائي ٻيرا ان نيت سان لفظ ڳوليو اٿم ته اهو منجهس موجود آهي يا نه. ڪي مليا آهن ۽ ڪي نه. جيڪي نه مليا اهي اڳي نوٽ نه ڪندو هوس، هاڻي ڪندو آهيان. ڪجهه لفظن جي معني غلط به نظر آئي، ته ڪن جي مورڳو بيگر لٽل ۽ ٻُڌ سڌ واري. مثال طور ”اشتراڪيت“ ۽ ”اشتماليت“ ٻنهي جي معني هڪجهڙي ڏنل آهي، جڏهن ته اشتراڪيت (سوشلزم) ۽ اشتماليت (ڪميونزم) جي معنائن ۾ علمي ۽ فلسفيانه لحاظ کان ڏاڍو وڏو فرق به آهي.

”اوات“ جي معني ”ڪُوات“ ۽ ”الڪٽو“ جي معني ”ڪلڪٽو“ به ڏنل آهي جڏهن ته اڳياڙي ”آ“ ۽ ”اڳياڙي“ ”ڪُ“ جي اچڻ سان واريسر ”نه“ ۽ ”ڪِنو“ (ڪڏو) جي معني ظاهر ٿيندي. ”اوات“ معني جنهن لاءِ يا جتي وات نه هجي ۽ ”ڪوات“ معني ”ڪِنو يا خراب ڏِگ“. ”متارو“ جي چالو معني ڏنو متو ٿلهو ٿنيرو وغيره ته ڏني وئي آهي، پر ان جي علمي ۽ حقيقي معني ”مت+وارو“ يعني اڪابر، سمجهدار، ڏاهو وغيره نه ڏنل آهي.

ڪٿي ڪٿي ته سنڌي لفظن جي معني عربي ۽ فارسي ۾ ڏني وئي آهي — ”اگم ڄاڻ“ جي معني ۾ ”غيبدان“ ڄاڻايو ويو آهي، جڏهن ته ”غيب“ جي حوالي سان به

صحيح معنيٰ ”غيبداني“ ٿيندي. ”اڇميو“ جي معنيٰ ”فوق العارت“ ۽ ”اڇل“ جي معنيٰ ”بي جنبش“ ڪيئن ٿا ڀانيو؟

حياتيءَ جي هر شعبي سان واسطيدار ۽ هر ڇمار جي ماڻهو سان حال احوال رهي ٿو. مختلف وقتن تي انيڪ اهڙا لفظ ڳالهايا وڃن ٿا جو مَن کي ڏاڍا ڀانءِ پون ٿا. هڪ پوڙهي چيو پئي تہ ”... ابا، اسين بہ تر ۾ نالي وارا گهڻ_ڪائڪ هئاسون...“ يا وري ”...ابا، پِرُون بہ اچا ٿي ويا، اسيءَ ۾ پير اٿم، ايترو بہ چاٽڪ نہ هوندم چا...“

’جامع سنڌي لغات‘ ۾ نہ ”گهڻ_ڪائڪ“ لڌو ۽ نہ ئي وري ”چاٽڪ“. ٻي واري ڪو ٻيو لفظ پئي ڏنم تہ اوچتو ”اڏ“ ۾ ”گهڻ_ڪائڪ“ تي نظر پئجي وئي. مون سوچيو ”گهڻ_ ڪائڪ“ هڪ تہ عام لفظ آهي ۽ ٻيو تہ لغت رٿيندڙن جي نظر ۾ بہ آيو پوءِ ڇو پنهنجيءَ گهربل جاءِ تي موجود ناهي؟ اهو سوال رڇي وڃي هيئن ٻينو تہ جيڪي لفظ خود ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ موجود آهن، عالمن ۽ راٿيُن (واحد ’راٿي‘ = رٿيندڙ) جي نظرن مان بہ نڪتا، ڇا انهن مان هر هڪ جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏنل آهي؟

انهيءَ نيت سان ’جامع سنڌي لغات‘ جي پهرين جلد جو جائزو ورتو اٿم. پهرين پڙهڻيءَ ۾ جيڪي لفظ پنهنجي جاءِ تي نظر نہ آيا انهن کي، معنيٰ صحيح يا غلط، ان کان لاتعلق رهندي، نوٽ ڪيو اٿم. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا. اميد اٿم تہ ’جامع سنڌي لغات‘ جي ٻي ڇاپي ۾ انهن کي پنهنجيءَ جائز جاءِ تي آندو ويندو. (باقي چارئي جلد تہ محض ٻيگر طور ڇپيل آهن، انهن کي تہ نئين سر سوڌڻ سنوارڻ جي گهرج آهي.)

ننڍڙي ڏنگي ۾ ڏنل انگ ’جامع سنڌي لغات‘ جي صفحي نمبر کي ظاهر ڪري ٿو.

**الف**

1. لغات _ جلد پهريون ٽائيٽل.
2. بسعي _ جلد پهريون ٽائيٽل.
3. زيرنگراني _ جلد پهريون ٽائيٽل.
4. مرتبہ _ جلد پهريون ٽائيٽل.
5. اهتمام _ جلد پهريون ٽائيٽل.
6. شعبہ _ جلد پهريون ٽائيٽل.

7. آرتو "آب آرتو" (2) ۽ آرتا (41) ۾.
8. "آب زلال" (2) ۾. لفظ "زلال" جنهن جي معنيٰ "هڪ ڪينئون" ڄاڻايل آهي. ڇا "آب زلال" معنيٰ "هڪ ڪينئين جو پاڻي"؟
9. بستہ "آب بستہ" (2) ۾.
10. ٿمر ٿمر "آب زمزم" (4) ۾.
11. گريہ "آب زمزم" (4) ۾.
12. شور "آبِ شور" (4) ۾.
13. وسُنئن "آباداني" (5) ۾.
14. علوي "آباء علوي" (6) ۾.
15. ضعيف "آبري" (7) ۾.
16. ٻالو (ابوجهه)، "آيام" (9) ۾.
17. چوپچڻ "آبڙجڻ" (10) ۾.
18. ڏاڏرڻ "آيامڻ" (10) ۾.
19. ٻاپن (ج)، "آپيو" (10) ۾.
20. بيمار گهر (اسپتال)، "آترا شالا" (10) ۾.
21. بيمارستان "آترا شالا" (11) ۾.
22. وچ سار "آتشبار" (12) ۾.
23. ڪيڙائو (تارو)، "آتش بان" (12) ۾.
24. نفس شناسي، "آتم ٻڌ" (14) ۾.
25. بي مڙسيو "آترڻ" (14) ۾.
26. ڳگ گروڙ "آتورو" (18) ۾.
27. گينداڙو "آتورو" (18) ۾.
28. آگرت "آناڳ" (19) ۾.
29. قول قيري (؟)، "آنڙ" (19) ۾.
30. گهپ (وڻ جي اک _ قرڙي)، "آجورو" (22) ۾.

31. آنچون (ج)، ”آچڙو“ (25) ۾ (”آنچ“ لفظ پنھنجي جاءِ تي ڏنل آھي، پر ھن جي اھڙي ڪا بہ معنيٰ ڏنل ڪانھي جيڪا ”آچڙو“ جو مطلب ٻڌائي).
32. ڪاٻاري، ”آچڪ“ (25) ۾.
33. اڪشوھٽي، ”آچوٽي“ (27) ۾ (”اڪشوٽي“ ۾ ”اڪھشوھٽي“ ھڪ سنسڪرت لفظ طور ڄاڻايل آھي).
34. آنھن، ”آخور“ (28) ۾.
35. آدسماديہ، ”آسماد“ (29) ۾.
36. تانئر، ”آڏار“ (31) ۾.
37. ساڏاري، ”آڏاري“ (31) ۾.
38. اڏڙي، (ڳوڻ جو اڏ)، ”آڏڙيو“ (31) ۾.
39. تسانگ، ”آڏڙو“ (31) ۾.
40. ڊوماھي، ”آڏيڙو“ (32) ۾.
41. بدنجان بري، ”آڏيري“ (36) ۾.
42. پسٽئان، ”آر“ (37) ۾.
43. آرھاڙي، ”آراڙي“ (39) ۾.
44. ڦوڳيسي، ”آراڙي“ (19) ۾.
45. اولانبي، ”آرانبي“ (40) ۾.
46. آياس، ”آرجوڻ“ (40) ۾.
47. آرگا (؟).
48. اڙھو ”آرلي“ (43) ۾.
49. مُونھان، ”آرو“ (44) ۾.
50. ڪِئو ”آرو“ (44) ۾.
51. آڏائين، ”آئڙ“ (45) ۾ (”آڏائون“ موجود).
52. ٻاغائڻ، ”آرياٽي“ (46) ۾.
53. ڪُرءُ، ”آريج“ (46) ۾ (”ڪَرَءُ“ موجود).

54. اظلام، ”آريچو“ (46) ۾.
55. اِرڙي، ”آريڙي“ (46) ۾.
56. تَنُتَڪڙ، ”آڙاگوڙي“ (48) ۾.
57. ڪلوٽڙو ”آڙيڪڙ“ (48) ۾.
58. ڳاروٽي، ”آزار“ (49) ۾.
59. ساٽيھا، ”آسابند“ (51) ۾.
60. گولڪي، ”آساجي گولڪي“ (51) ۾.
61. ڀاڙتِ، ”آساپُري“ (51) ۾.
62. آساروسِ، ”آسارو“ (52) ۾ (ھتي ضميري پڇاڙيءَ جي مفھوم موجب معنيٰ ڏنل ناھي.)
63. آسائو ”آسروند“ (53) ۾.
64. ٻَھُ، ”آسڪت“ (53) ۾.
65. فدائيت، ”آسڪتا“ (53) ۾.
66. آبي چڪي (”آبي برج“ ۽ ”آبي حرف“ جيان ”آبي چڪي“ بہ ساڳي سلسلي ۾ اچڻ/ملڻ گھرجي)، ”آسياب“ (56) ۾.
67. وارن پرست (ويدانتي علم جو شاگرد)، ”آشرم“ (57) ۾ (”وان“ ۾ ”ويدانتي علم“ جاٽايل ناھي ۽ ”پرست“! لفظ پنھنجيءَ جاءِ تي ناھي. تي سگھي ٿو ”پرست“ حقيقت ۾ ”پرسٽ“ ھجي.)
68. مت اڪڙيل، ”آشفتہ عقل“ (57) ۾.
69. مت ڪِتل، ”آشفتہ عقل“ (57)، ”ابڌ“ (101)، ”اِسئو“ (199) ۽ ”اولادي چريو“ (303) ۾.
70. چگھوتو ”آشنا“ (57) ۾ (”چگھوتو“ لفظ ”ڏيڙي“ جي ھم معنيٰ طور ڪم آندو ويو آھي. ”چگھوتو“ لفظ جاٽايل تہ آھي پر معنيٰ ڏنل ناھي.)
71. سھيپو ”آشنائي“ (57) ۾.

72. حد نظر، ”آفاق“ (58) ۾. (”حد بلوغ“ ۽ ”حد بندي“ لفظ ڏنل آهن تہ ”حد نظر“ بہ هجڻ گهرجي).
73. سمستان، ”آفاق“ (57) ۾.
74. دريده دهن، ”آفاقو“ (58) ۾.
75. ناگهاني، ”آفت ناگهاني“ (59) ۾.
76. سانڊو ”آفتاب پرست“ (59) ۾ (جتي لفظ ”سانڊو“ آيو آهي اتي اصطلاحاً ”آفتاب پرست“ ڄاڻايل ناهي).
77. اَقو ”آقو“ (60) ۾.
78. هاتفي آواز ”آڪاس ٻاڻي“ (61) ۾ (”هاتف“ لفظ ۾ ئي ”آسماني آواز“ معني ڄاڻايل آهي).
79. سمثان، ”آڪاس گرڀ“ (61) ۾ (”سمٿو“ لفظ ڏنل آهي، ساڳيءَ معني لاءِ ”سمستان“ (69) بہ ڏنل آهي).
80. اگُن (اگن گولو)، ”آڪاس اگن گولو“ (61) ۾ (”اگِن“ ڏنل آهي).
81. عامي، ”آڪر“ (64) ۾.
82. پاڪلو (!)، ”آڪلو پاڪلو“ (64) ۾.
83. پاڪنڊو (!)، ”آڪنڊو پاڪنڊو“ (64) ۾.
84. پَڇاڻِ، ”آگاھ“ (65) ۾ (”پڇاڻ“ لفظ ڏنل آهي).
85. بڪتا (!)، ”آگم بڪتا“ (66) ۾.
86. پيچيل، ”آگيل “ (67) ۾.
87. آڳيئڙو ”آڳيہ“ (67) ۾.
88. آڳانجھ، ”آڳاجھ“ (67) ۾.
89. ساڳت (!)، ”آڳت ساڳت“ (68) ۾.
90. جيندي، ”آڳھ“ (69) ۾ (”جيئندي“ لفظ بہ ڏنل آهي).
91. پاڳيڙ، ”آڳيئڙو“ (69) ۾.
92. وٿ ست، ”آلس“ (73) ۾.

93. ڪُر موڙ "آلس" (73) ۾ ("ڪُڙ موڙڻ" لفظ ڏنل آهي.)
94. فرعونيت، "آمريت" (75) ۾.
95. ڳاراٽي، "آميز" (76) ۾.
96. ٻاهي، "آنتي" (77) ۾.
97. پيتوڙي، "آنڊي اپو" (78) ۾.
98. سُتگ، "آنڪي" (80) ۾.
99. لَبو "آبوَ" (80) ۾.
100. دوبارو "آنٽڻ" (81) ۾.
101. انيئي، "آوارج" (82) ۾.
102. ليبي، "آٽي" (82) ۾.
103. ينان، "آواج" (82) ۾.
104. يغديون (ج)، "آواري" (83) ۾ ("يغدي" بہ ڏنل آهي.)
105. چاولي، "آولو" (84) ۾.
106. مهاوڙ(مهاڙيي)، "آهتي" (86) ۽ "آهت" (85) ۾.
107. ٽُڪَڙُ، "آهوڙڻ" (87) ۾.
108. وارئو "آهم" (87) ۾.
109. ٽاڪٽي، "آهوڙو" (87) ۾.
110. زحاف، "ابتر" (92) ۾.
111. مقربن (ج)، "ابليس" (96) ۾.
112. پِسر، "ابن" (96) ۾.
113. غير فنائيت، "ابناس" (97) ۾.
114. مؤخر، "ابن الفارض" (97) ۾.
115. برگزيدو "ابن سيرين" (97) ۾.
116. ڪيڙون (ج)، "اُب" (100) ۾.

117. اَوِيارُلَ، ”ابيار“ (100) ۾.
118. سڪندڙ ”اباٽڪو“ (101) ۾.
119. اُيڪڙائي، ”اباهر“ (101) ۾.
120. ٻگهٽو ”ابنگ“ (103) ۾.
121. هُبو ”ابو“ (103) ۾.
122. هلاچو (!)، ”ابو“ (103) ۾ (”هل هلاچو“ موجود آهي.)
123. اڻ ونڏيل، ”ابوهيو“ (103) ۽ ”اونڏ“ (306) ۾ (”ونڏيل“ لفظ ”ونڏڻ“ 2972 ۾ به ڏيڪاريل آهي.)
124. جاهليت، ”اپ ۾ تڪون اچلائڻ“ (104) ۾.
125. ماچ، ”اپار“ (104) ۾، (”ماچُ“ ۽ ”ماچَ“ لفظ موجود آهن.)
126. سچ سنئون ڪرڻ، ”اپارڻ“ (104) ۾.
127. جڳديس، ”اپاس“ (104) ۾.
128. ڪِنوايو ”اپاڳ“ (104) ۾ (لفظ ”ڪنوائڻ“ موجود آهي ان ۾ ’جامع سنڌي لغات‘ جي ترتيب موجب ”ڪنوايو“، ”ڪنوائيندو“ ۽ ”ڪنوايل“ ڏيڻ گهرجن.)
129. اُنين، ”اپاڳ“ (104) ۾.
130. بي ڀاڳائي، ”اپاڳ“ ۽ ”اپاڳائي“ (104) ۾.
131. بي بختي، ”اپاڳ“ (104) ۾.
132. بي نصيبي، ”اپاڳ“ (104) ۾.
133. چُلندي، ”پاڳي“ (104) ۾.
134. ايامندڙ ”ايامٽي“ (105) ۾.
135. پلتندڙ ”ايامٽي“ (105) ۾.
136. پرلئہ، ”اپاءِ“ (105) ۾.
137. بي پتيو ”ايت“ (105) ۾.
138. بي ڍنگو ”ايت“ (105) ۾.
139. هاٿيڙو ”اپيوت“ (105) ۾.

140. ڦرنڊو "اپيوت" (105) ۾.
141. ابلاڪا، "اپلاشا" (106) ۾ ("ابلاشا" سان گڏ ئي "ابلاڪا" ڏنل آهي، اصولن ڌار عنوان هجڻ گهرجي.)
142. اڻ ٺهڪيل، ايورڪڙي" (107) ۾.
143. اڻيائي، "ايوڳائي" (107) ۾.
144. ٻي سودائي، "ايوڳائي" (107) ۾.
145. ايومي، "ايومو" (107) ۾.
146. ٻي برڪت، "آيَهو" (107) ۾.
147. ڏياناڻي (هڪ ڏياناڻي)، "اپياس" (107) ۾.
148. نرجو "اتابو" (107) ۾.
149. اٿرجڻ، "اتاڙجڻ" (109) ۾.
150. وٽاءُ، "اتانهم" (109) ۾ ("وَٽاءُ" لفظ موجود آهي.)
151. اُپَسوڻ، "اتپات" (110) ۾ (آپسوڻ لفظ موجود.)
152. ڊرو "اتر قطب" (110) ۾ (هتي "ڊرو" ۽ "درو" سهواً لکجي ويل لڳي ٿو، "دُرو" موجود آهي.)
153. دور ترين، "اتراڻ" (110) ۾.
154. منقلب صيفي، "اتراڻ" (110) ۾ ("صفي" بہ ڏنل آهي.)
155. ستمٽي، "اتمٽي" (112) ۾.
156. ياترائي، "اتيت" (113) ۾.
157. هشڪاريندڙ "اتيجڪ" (113) ۾.
158. ٻي پهچ، "اتيم" (113) ۾.
159. اٿپ، "اٿ" (113) ۽ اٿٽي" ۽ "اٿ ويهہ" (116) ۾.
160. لڳائڻ، "اٿارڻ" (114) ۾.
161. ڪابوس، "اٿارو" (114) ۾.
162. رستاخيز "اٿاڻ" (114) ۾.

163. غير مقرر(!)، "آتت" (114) ۾ ("غير مفرر" پڙهڻ ۾ ايندڙ لفظ موجود آهي، شايد پروف ريڊنگ جي چڪ!)

164. هتڙ پتڙ، "اتر پتر" (114) ۾ ("هَتَڙ پِتَڙ" لفظ موجود جنهن جي معني بي حجاب سنئون سڌو... ڏنل آهي!)

165. هاتڙ پاتڙ، "اتڙ پتڙ" (114) ۾ ("هاتڙ پاتڙ" ڏنل آهي. شايد پروف ريڊنگ جي چڪ!)

166. هلڙو قلڙو "اتل" (114) ۾ ("هلڙو" موجود.)

167. لوت پوت، "اتل پتل" (114) ۾ ("لوت پوت" موجود.)

168. گنل پينل، "اتليل پتليل" (155) ۾ ("گنل" موجود.)

169. مڏي مال، "اتڻ" (155) ۾.

170. ٽُڪيندڙ "اُتو" (166) ۾.

171. چُتو "اتو" (166) ۾.

172. ڏُتو "اتو" (166) ۾.

173. چڏارائي (چڏرائڻ)، "اغوڙ" (116) ۾.

174. متو مونو "اتومتو" (166) ۾.

175. گيو (؟) (ويو!)، "اتياڪ" (166) ۾.

176. مجازيل، "اتيل" (116) ۾.

177. مُت، "اِتُ" (117) ۾ ("مَتَ"، "مَتُ" ۽ "مِتُ" موجود.)

178. آماس، "اتات" (117) ۾ ("اُماس" موجود.)

179. سيتيل، "اتاتي" (117) ۾.

180. اتهڙجي (اتهرجڻ، اتهڙجڻ، اتهرڻ؟) پڻ ڏسو (145)، "اتارجي پوڻ" (117) ۾.

181. اتنجڻ، "اتارجي پوڻ" (117) ۾.

182. اتهڙو "اتاڙو" (177) ۾.

183. لتار "اتالي" (117) ۾.

184. چاٽتو (پرڻ)، "اتائو" (118) ۾.

185. اَڙ اَڊيل (!)، ”اترمتر“ (118) ۾.
186. ٻي ڪرو ”اترمتر“ (118) ۾.
187. ڪيڏندڙ ”اتڪ باز“ (119) ۾.
188. ڳوراڻ ”اتڪل“ (119) ۾ (”ڳورڙ“ موجود.)
189. سبباڻ ”اتل“ (119) ۾.
190. بازولي ”اتل بازي“ (119) ۾.
191. ڇُپندڙ ”اتنگڙ“ (120) ۾.
192. عيب جوئي ”اتي مان وار ڪيڻ“ (120) ۾ (”عيب جُو“ موجود).
193. دوم شوم ”اتومتو“ ۽ ”اتي متي“ (121) ۾ (”دوم سوم“ ۽ ”دم سم“ موجود.)
194. اَلهوٽ ”انئي الهوٽ“ (122) ۾.
195. انئي ”انو“ (124) ۾.
196. هائوڪاري ”اثباتي“ (126) ۾.
197. بوجا (ج)، ”اثقال“ (126) ۾.
198. مجيندڙ ”اثناعشري“ (126) ۾.
199. ڇُوندبيل ”اثير“ (126) ۾.
200. انحد (؟ اٽهد)، ”اپار“ (126) ۾.
201. ڪرچي ”اپائڻ“ (127) ۾.
202. پيڙيائي ”اپٽڻ“ (128) ۾.
203. دري ”اپٽڻ“ (128) ۾.
204. اپنا ”اپٽا“ (131) ۾.
205. اپنو ”اپٽو“ (131) ۾
206. جبريہ ”اجباري“ (133) ۾.
207. بجاوري ”اِجرا“ (133) ۾.
208. آيوڪِ ”اجرڻ“ (134) ۾.

209. سانپيل، ”اجوڪو“(136) ۾.
210. اڻ جوڳ، ”اجوڳ“(137) ۾.
211. اڻ سويو ”اَجي“(137) ۾.
212. لم يولد، ”اجوڙ“(137) ۾.
213. غير مغلوب، ”اجيت“(137) ۾.
214. مرده، ”اجيو“(137) ۾.
215. اجوٽڪو ”اڄ اجوڪو“(137) ۾.
216. اجوٽو ”اڄ اجوڪو“(137) ۾.
217. اٽاٽي، ”اُڄ“(137) ۾.
218. غير واقفيت، ”اڄاٽپ“(137) ۾.
219. سڄهندو، ”اڄهندو“(137) ۾.
220. ڪڪائين، ”اَڄها“(137) ۾.
221. ٻانڌين، ”اُڄهڻ“(137) ۾.
222. ٻِتڪ، ”اڄهه“(137) ۾.
223. شتابڪار ”اڄهڪو“(139) ۾.
224. جهانپي، ”اڄهوڪو“ (140) ۾ (’جامع سنڌي لغات‘ جي ص_951 تي ”جهاٽپو“ ڇپيل آهي، جيڪو متان چڪ جي ڪري هجي ۽ اصل لفظ ”جهانپو“ هجي!)
225. ڇيڪاڙِي، ”اڇاري“(140) ۾.
226. مواسي، ”اڇڪري“(142) ۾.
227. چنچلپائي، ”اڇڪري“(142) ۾.
228. ڪپيندڙ ”اڇڪو“(142) ۾.
229. بي جنبش، ”اڇل“(142) ۾.
230. منهن لڳ، ”اڇٽو وڇٽو“(142) ۾ (”منهن لڳڻ“ موجود.)

231. پُنا، ”اڇ“ (143) ۾ (”پُنا“ تعلقي ڦنبر جي هڪ ڏيهہ طور تي ڄاڻايل آهي پر ”پُنا“، ”پورا ٿيا“ ۽ ”پُنڻ“ = ”پورو ٿيڻ“ جي حيثيت ۾ موجود ناهن.)

232. فوق العادت، ”اڇميو“ (142) ۾.

233. غير عادي (شايد ”غير مادي“ اصلي لفظ آهي)، ”اڇميو“ (142) ۾.

234. ڍلڙو ”اڇاترو“ (144) ۾.

235. توڙائين، ”اڇائي“ (144) ۾ (”توڙان“ موجود.)

236. نرواري، ”اڇائي“ (144) ۾.

237. لڪندڙ ”اڇري“ (145) ۾.

238. اڻ چڙندڙ ”اڇڙ“ (145) ۾.

239. تيلاهين، ”اڇلڻ“ (145، 146) ۾.

240. وڏائين، ”اڇل“ (146) ۾.

241. اڻ واپرايل، ”اڇوتو“ (147) ۾.

242. زور پسند، ”احسن“ (149) ۾.

243. حشم خدم، ”احتشام“ (149) ۾ (”حشم“ موجود، ”حشم خدم“ ناهي.)

244. ساراهيل، ”احمد“ (150) ۾.

245. مُتبي، ”احمدي“ (150) ۾ (”مُتنبهه“ موجود.)

246. پوڪپائي، ”احمقپائي“ (150) ۾.

247. آڇج، ”احوال“ (150) ۾.

248. يگانگيت، ”اخرت“ (153) ۾.

249. ويلا (موت جي ويلا)، ”اخير وقت“ (153) ۾.

250. پِہ، ”ادا“ (153) ۾.

251. ويڳاڻل، ”اداب“ (154) ۾.

252. ڏيهاڻي، ”اداسي“ (154) ۾.

253. سيڪاريل، ”ادب آموخته“ (145) ۾.

254. سکيل، ”ادب آموخته“ (145) ۾.

255. پاليل، ”ادب پرورده“ (154) ۾.

256. اڻ ڏنائي، ”آدرشتا“ (155) ۾ (”ڏنائي“ بہ موجود ناهي).

257. متجانس، ”ادغام“ (156) ۾.

258. يڪذات، ”ادغام ۾ اعراب“ (156) ۾.

259. ميرو سيرو ”ادلو گدلو“ (156) ۾.

260. ڪميٽپ، ”ادنائي“ (156) ۽ ”بدمعاشي“ (260) ۾.

261. سٽندو ”ادورائي“ (157) ۾ (”سٽڻ“ موجود).

262. ندورائي، ”ادورائي“ (157) ۾.

263. ادبار ”ادورائي“ (157) ۾.

264. چنبائي، ”ادورائي“ (157) ۾.

265. نردوش، ”ادوش“ (157) ۾.

266. پَوَنُ (پائونڊ، رطل)، ”اڏسير“ (158) ۾.

267. اڏوگابرو ”اڏ گردو“ (158) ۾.

268. مانٽي، ”اڏ لکي“ (158) ۽ ”مانٽو“ (2559) ۾.

269. اڏ بنديل، ”اڏ لڳي“ (158) ۾ (”بنديل“ بہ موجود ناهي).

270. اڏ پهريل، ”اڏوراٽو“ (158) ۾ (”پهريل“ بہ موجود ناهي).

271. اڏگابرو ”اڏورو“ (158) ۾ (”گابرو“ بہ موجود ناهي).

272. اڏپتيار ”اڏيار“ (159) ۾ (”پتيار“ بہ موجود ناهي).

273. بددعاتيون، ”اڏاتورو“ (159) ۾ (”عادتيون“ بہ موجود ناهي، ”عادتي“ آهي).

274. اُڏيو ”اڏاٽو“ (160) ۾.

275. ڏريئون (ڏرئيون ڏار تيل)، ”اڏري“ (160) ۾.

276. نُتيءَ (نتي)، ”اڏري“ (160) ۾.

277. سامائل، ”اڏل“ (161) ۽ ”اڏوماساٽو“ (162) ۾ (”سمايل“ موجود).

278. جهيڙاڪار ”اڏير“ (163) ۾ (”جهيڙاڪر“ موجود).

279. پرجهلائي، ”آڏ“ (163)، ”اڏامڪي“ (164) ۽ ”اڏائي“ (166) ۾.

280. اڏائي، ”اڏاري“ ۽ ”اڏام“ (263) ۾.
281. ناهپ، ”اڏاوت“ (164) ۾.
282. اڏرڻ، ”اڏڻ“ (165) ۽ ”اڊرڻ“ (166) ۾.
283. آسائو ”اڏيڪ“ (165) ۾.
284. گهڻ ڪائڪ، ”اڊ“ (166)، ”ٻنارو“ (349) ۽ ”ٻيل“ (441) ۾.
285. ڪلا روڳ، ”اڍ“ (166_167) ۾ (”ڪُلا“ هڪ ذات ۽ ”روڳ“ موجود.)
286. تانئر، ”اڊارڻ“ (167) ۾.
287. پاڙئون پٽڻ، ”اڊائڻ“ (167) ۾ (”پاڙپٽ“ ۽ ”پاڙون پٽي ڪيڏڻ“ موجود.)
288. اڊايوڻو ”اڊائوڻ“ (167) ۾.
289. مُڪا، ”اڊنگو“ (167) ۾ (”مُڪ“ ۽ ”مُڪا“ موجود پر ٻنهي جو ”مُڪا“ سان ڪو به تعلق ناهي.)
290. پيرڙي ”ارت“ (170) ۾ (”پيرڙو“ موجود.)
291. ڪاڙهيل، ”ارتاب“ (170) ۾.
292. تڙي ڪڙي، ”ارتجال“ (171) ۾.
293. آتر ڏاڏر ”ارتر“ (171) ۾.
294. داڦڙ ”ارجل“ (172) ۾.
295. اهنڊائي، ”ارڏائي“ (172) ۾.
296. ارڙي، هڪ بيماري، ترتيب ۾ موجود ناهي.
297. سِپيان، ”ارسونگا“ (174) ۾.
298. پيليري (ج)، ”ارغچ“ (175) ۾.
299. ٻانڊوٽا (ج)، ”ارغچ“ (175) ۾.
300. جهليندڙ ”ارغوان“ (175) ۾.
301. جهلاءِ، ”ارڪان“ (175) ۾.
302. اڏو تڏو ”ارڪو ترڪو“ (176) ۾ (”اڏو“ موجود.)
303. هرڪو ترڪو ”ارڪو ترڪو“ (176) ۾.

304. سجارائڻ، ”ارڪائڻ“ (176) ۾.
305. ادٻائتي، ”ارگ“ (176) ۾.
306. ميراڻ سيراڻ، ”ارگر“ (176) ۾ (”ميراڻ“ موجود.)
307. اريجائي، ”ارو“ (178) ۾ (”اريج“ موجود.)
308. ٻي ريجائتي، ”اروجي“ (178) ۾.
309. ٻي مهانڊي، ”اروڪو“ (179) ۾.
310. نرويو ”اروگ“ (179) ۾ (”نروئو“ موجود.)
311. رول چول، ”ارهندي“ (180) ۾.
312. ڏٽين مُئي، ”ارهندي“ (180) ۾.
313. آجا پاجا، ”اڙپڙ“ (182) ۾.
314. آتاپتا، ”اڙٻڙ“ (182) ۾.
315. سڌ سماءُ، ”اڙڪ پڙڪ“ (183) ۾.
316. اڙڪي ڦڙڪي، ”اڙڪي پڙڪي“ (183) جي متبادل طور آندل لفظ.
317. روڪيل، ”اڙيو رهڻ“ (183) ۾.
318. پاٽئون، ”ازخود“ (184) ۾ (”پاٽون“، ”پاٽهي“، ۽ ”پاٽهين“ موجود.)
319. ڪاراٿيل، ”اس سڙيو“ (185) ۾.
320. سنيريل، ”اساترو“ (186) ۾.
321. اسميو ”اساڏيو“ (186) ۾.
322. ڦوڳو ”اسارو“ (186) ۾.
323. تاوڙي، ”اساڪري“ (187) ۾ (”تائڙي“ موجود.)
324. اساڪڙي، ”اساڪري“ (187) ڪان هڪدم پوءِ ساڳي سٽ ۾ ڏنل آهي، جڏهن ته ان کي ڌار عنوان طور ڄاڻائڻ گهرجي.
325. وانجي، ”استثنائي“ (188) ۾.
326. رجوليت، ”استرڪ“ (189) ۾.
327. سڪاوت، ”استرگي“ (189) ۾.

328. پُڇيل، ”استفهام“ (190) ۾.
329. استت، ”استوار“ (190) ۾.
330. ڪِروڪر، ”ايست ويست“ (191) ۾ (”ڪِروڪرو“ ۽ ”ڪِروڪرائي“ موجود.)
331. اُڃائجڻ، ”استراجڻ“ (193) ۾.
332. اڪيرجڻ، ”اسڪڻ“ (195) ۽ ”اڪنڊائڻ“ (219) ۾.
333. ڪاڍائڻ، ”اسڪڻ“ (195) ۾.
334. اس گنڍٽي، ”اس گهنڊٽي“ (195) ۾.
335. پوڪيل، ”اسم“ (196) ۾.
336. ٻيڙڙو ”اسم تصغير“ (196) ۾.
337. ٻيڙڙي، ”اسم تصغير“ (196) ۾.
338. چوڪرڙي، ”اسم تصغير“ (196) ۾.
339. ڪسيرڙو ”اسم تصغير“ (196) ۾.
340. تڪڪ، ”اسم تصغير“ (196) ۾.
341. تَڪڙو ”اسم تصغير“ (196) ۾.
342. اڻ سگهو ”اسمرت“ (197) ۾.
343. ناپديد، ”اسوجهه“ (198) ۾.
344. ترڪ موالات، ”اسهڪار“ (199) ۾ (”ترڪ“ لفظ تہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي، پر ان سان گڏ ”موالات“ ڏنل ناهي ۽ نہ ئي وري ”موالات“ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.)
345. سُڪوتان، ”اشارت“ (199) ۾ (”سُڪوت“، ”سڪوتي“، ”سڪوتو“ وغيره موجود.)
346. سوٽل موٽل، ”اشترخوءِ“ (200) ۾ (”سوٽل موٽل“، ”سوٽو موٽو“ موجود.)
347. ”اشتراڪيت“ ۽ ”اشتماليت“ (200) ۾ (ٻنهي جي معنيٰ هڪ جهڙي ڏني وئي آهي، جڏهن تہ سوشلزم (اشتراڪيت) ۽ ڪميونزم (اشتماليت) ۾ فرق آهي.)

348. مَرئي، ”اشخاص“ (201) ۾.
349. شريف پائي، ”اشرافت“ (201) ۾.
350. ڳاڙيندڙ ”اشڪبار“ (202) ۾.
351. وهائيندڙ ”اشڪبار“ (202) ۾.
352. هاريندڙ ”اشڪبار“ (202) ۾.
353. روئندڙ ”اشڪبار“ (202) ۾.
354. رڪندڙ ”اشڪيلي“ (202) ۾.
355. لکندڙ ”اصحاب قلم“ (203) ۾.
356. درميانگي، ”اعتدال“ (207) ۾.
357. وچٿرائي، ”اعتدال“ (207) ۾.
358. ڳالهائي ٻولهائي، ”اعجم“ (208) ۾.
359. ڏاريانئي (؟ ڏاريائي)، ”اغياري“ (209) ۾.
360. نارچگي، ”افتاد“ (209) ۾.
361. چڙوچڙائي، ”افراتفري“ (210) ۾.
362. پناٽڪي، ”افغاني“ (211) ۾.
363. اچلائيندڙ ”افگن“ (211) ۾.
364. ”هٽ ڏائڻ!“، ”اق ڏائڻ“ (212) ۾.
365. ڪرفاتو ”اقراتو“ (212) ۾.
366. لسڪڻ، ”اقڙڪڻ“ (212) ۾.
367. اڪنياڻ، ”اڪنبائڻ“ (219) ۾.
368. اڪنيجڻ، ”اڪنبجڻ“ (219) ۾.
369. واجهائيندڙ ”اڪنبي“ (219) ۾.
370. ايڪولائي، ”اڪولاهي“ (220) ۾.
371. ندورائي، ”اُڪي“ (220) ۾.
372. اڪندڻ، ”اڪيرڻ“ (220) ۾.

373. چڙائي، "اڪيلائي" (221) ۾ ("چڙائي" جي ڪڍ ساڳي عنوان هيٺ "چڙائي" ڏنل، باقي ڌار عنوان طور نہ ڏنل آهي.)
374. اڪين سنهو "اک ٻڏاٽو" (221) ۾.
375. اک ڦريل، "اک ٻڏاٽو" (221) ۾.
376. اک ٻوتيل، "اک ٻوٽ" (221) ۾.
377. اک آلي ٿيڻ، "اک ڀڄڻ" (221) ۾.
378. اک ڦرڪڻ، "اک ڦڙڪڻ" (222) ۾.
379. لنئو لائڻ، "اک لڳائڻ" (223) ۾.
380. پريت پائڻ، "اک لڳائڻ" (223) ۾.
381. گشق لڳڻ، "اک لڳائڻ" (223) ۾.
382. اکين جو آسرو هئڻ، "اکين جو آسابند هجڻ" (224) ۾.
383. اکين جي روشني، "اکين جو سوجهرو" (224) ۾.
384. اکين ۾ ڪڪرا پوڻ، "اکين کي ڪتر پوڻ" (225) ۾.
385. اکين ۾ ڪنڪڻ، "اکين ۾ ڪنڊو پوڻ" (225) ۾.
386. تاڙجڻ، "اک ۾ هئڻ" (225) ۾.
387. ٻيرا ٿيڻ، "اکيون آلو ماهہ ٿيڻ" (225) ۾.
388. واٽ ڏسڻ، "اکيون پائي ويهڻ" (226) ۾.
389. ميل ڪرڻ، "اکيون پائي ويهڻ (226) ۾.
390. ڏسي وائسي ڪم ڪرڻ (ڏسڻ وائسڻ)، "اکيون پٽي ڪم ڪرڻ" (226) ۾.
391. اکين ۾ ڪڏون پوڻ، "اکيون ڌار ڏيڻ" (226) ۾.
392. منهن مٽڻ، "اکيون ڦيرڻ" (227) ۾ ("منهن متائڻ" موجود.)
393. خمار چڙهڻ، "اکيون ڳريون ٿيڻ" (227) ۾.
394. نظر جو اٽڪڻ (نظر اٽڪڻ)، "اکيون لڳڻ" (227) ۾.
395. لڄارو ٿيڻ (لڄ ٿيڻ)، "اکيون مٿي ڪٽي نہ نهارڻ" (227) ۾.
396. اکيون ملڻ، "اکيون مهٽڻ" (227) ۾.

397. مستي ڏيڪارڻ، ”اکيون هٽڻ“ (227) ۾.
398. بيغيرت ٿيڻ، ”اکيون هيٺ ڪرڻ“ (227) ۾.
399. بيحيا ٿيڻ، ”اکيون هيٺ ڪرڻ“ (227) ۾.
400. دوڙڻ ”اکڙ“ 227 ۽ ”اکڙوت اکيو“ (229) ۾.
401. اتو هارڻ، ”اکريءَ ۾ پاٽي چڙڻ“ (229) ۾.
402. ڏنگرن تي اتو هارڻ، ”اکريءَ ۾ پاٽي چڙڻ“ (229) ۾.
403. اڻ ڪيڙيل، ”اکڙ“ (229) ۾.
404. ڦوٽاريل، ”اکڙيو“ (229) ۾.
405. چاڙڪون هٽڻ (چاڙڪ هٽڻ، چاڙڪ)، ”اکلون هٽڻ“ (229) ۾.
406. ڏسندڙ ”اکيار“ (230) ۾.
407. الهه تلهه ناس ٿيڻ ”اگر تگر چٽ، ناس ٿيڻ“ (231) ۾.
408. اٽپورائي، ”اگلاني“ (231) ۾.
409. غيبدان، ”اگم جاڻ“ (223) ۾.
410. اَپِٽيو ”اگوتري“ (232) (”اَپٽيو“ موجود پر معني ساڳي ناهي).
411. اڳائو ”اڳ جائو“ (233) ۾.
412. ڏکويل، اڳ ڏڌو“ (233) ۾.
413. اڳ ويچار ”اڳ ڳڻتي“ (233) ۾.
414. ڏريندو ”اڳوار“ (233) ۾.
415. مهندان اچڻ، ”اڳي اچڻ“ (232) ۾.
416. رور سوڙ ”اگهه سگهه“ (237) ۾.
417. اگهاڙيس، ”اگهاڙڻ“ (238) ۾.
418. ناچڱيلائي، ”اگهائي“ (238) ۾.
419. سڪالائي، ”اگهائي“ (238) ۾.
420. اڻ آزمودگار ”ال“ ۽ ”ال ڪانءُ“ (240) ۾.
421. اتڻ ويڙهي رکڻ، ”الاٽڻ“ (241) ۾.

422. لاڏلاٽي، ”البيلائي“ (242) ۾.
423. چنچلپائي، ”البيلائي“ (242) ۾.
424. دادلائي، ”البيلائي“ (242) ۾.
425. اليت، ”الت“ (243) ۾.
426. سومتي، ”الت“ (243) ۾.
427. ٻکيڙي ۾ پوڻ، ”الاجهڻ“ (244) ۾.
428. شموليت، ”الحاق“ (244) ۾.
429. وتجي ستجي هلڻ (وتجڻ ستجڻ)، ”الرڻ“ (244) ۾.
430. پاسو ڪوڙائڻ، ”الرائڻ“ (245) ۾ (”پاسو ڪوڙڻ“ موجود، شايد چڪ.)
431. اڪوڙائڻ، ”الرائڻ“ (245) ۾.
432. ڪلڪٽو، ”الڪٽو“ (247) ۾.
433. ڇُٽَ چريو ”المست“ (247) ۾.
434. ڏوڏائڻ، ”الوڙائڻ“ (248) ۾.
435. اڪيڙائڻ، ”الوڙائڻ“ (248) ۾.
436. الڙنڊڙ ”الولڙو“ (248) ۾.
437. ڍلڙو ”الولڙو“ (248) ۾.
438. لڏنڊڙ لمنڊڙ ”الولڙو“ (248) ۾.
439. وراڪا (وراڪو) وجهڻ، ”الويڙ وجهڻ“ (249) ۾.
440. ور وجهڻ، ”الويڙ وجهڻ“ (249) ۾.
441. وڪڙ وجهڻ، ”الويڙ وجهڻ“ (249) ۾.
442. رنڊڪ وجهڻ، ”الويڙ وجهڻ“ (249) ۾.
443. رهيو ڪهيو ”الهو تلهو ناس تيڻ“ (249) ۾.
444. (طعام) تڪينڊڙ ”الهڙ“ (249) ۾.
445. مهنداري، ”امامت“ (251) ۾.
446. هٿيڪائي (هٿيڪو)، ”امانت“ (252) ۾.

447. انصافي فيصلو ڪرڻ، ”امانت ڪرڻ“ (252) ۾.
448. ڪِريو، ”امرو“ (254) ۾ (”ڪريو“ جاٽايل آهي ۽ ان جي معنيٰ بہ ساڳي ”ڪِريو“ واري آهي!)
449. صلح سانت، ”امن“ (255) ۾.
450. پارڙا (پارڙو) ”اميٽي“ (255) ۾.
451. منان، ”امونگهہ“ (255) ۾.
452. ڏيهاٽي (؟)، ”اميس“ (256) ۾ (”ڏيهاٽو“ يعني ڏيهي موجود.)
453. وياري، ”انان“ (257) ۾.
454. ٻريائي (؟)، ”انبر“ (258) ۾.
455. پاڙيندڙ ”انجامي ڪوڙو“ (260) ۾.
456. جهليندڙ ”انجير“ (261) ۾.
457. هلائيندڙ ”انچارج“ (261) ۾.
458. ٻيچيائي، ”انحراف“ (261) ۾.
459. اندر ۾ ساڙهئڻ، ”اندر ۾ چريون، ڪاتيون هجڻ“ (262) ۾.
460. ڳجهو وڙهڻ، ”اندريون هئڻ (262) ۾.
461. سانيڊي، ”اندگلي“ (262) ۾.
462. (غم جو) انڊ چڙهڻ، ”اوندهہ اچڻ“ (263) ۾.
463. اگهي سگهي، ”انڌراڙڻ“ (263) ۾.
464. تنگيان، ”انڌي“ (264) ۾.
465. انڊ هٽڻ (264) ۾.
466. هٽي ڏٽي پورت ڪرڻ، ”اُنڊ جا بند ڪرڻ“ (264) ۾.
467. گنڊ گوچڙ، ”انڊ گنڊ، منڊ“ (264) ۾.
468. گڪ مُڪ (ٻاراٽي راند)، ”اُنڊو ونڻ“ (265) ۾.
469. ڪتندڙ ”انڊو ونڻ“ (265) ۾.
470. ڏيندڙ ”انڊي“ (265) ۾.

471. وانتيدار "انسي" (265) ۾.
472. تامين، "انشورنس" (266) ۾.
473. چاهيندڙ "انصاف طلب" (266) ۾.
474. ڳرڻ ڳائڻ، "انصاف مجڻ" (266) ۾.
475. حقاني حق، "انصافي انصاف" (266) ۾.
476. چابين، "انعامي " (266) ۾.
477. يڪتائي، "انفراديت" (266) ۾.
478. انقلابي، "انقلاب پسند" (267) ۾.
479. مجيندڙ "انڪاري" (267) ۾.
480. وارېندڙ "انڪاري" (267) ۾.
481. انگهون ڏيڻ، "انگون پائڻ" (267) ۾.
482. ازل جو ليکو هئڻ، "انگ هئڻ" (267) ۾.
483. وڪڙجڻ، "انگڙجڻ" (268) ۾.
484. ڪلوئڙو "انگڙو" (268) ۾.
485. آڏو ابتو "انگڙ ونگڙ" (268) ۾.
486. انگيمر، "انگڙ" (269) ۾.
487. اٿاريندڙ "انگيز" (269) ۾.
488. نچائيندڙ "انوادي" (270) ۾.
489. اٽوپرو "انوپو" (271) ۾.
490. اٽسنيريل، "اٽتيار" (272) ۾.
491. ٽنندڙ "اٽتت" (272) ۾.
492. ٽيندڙ "اٽتر" (272) ۾.
493. اٽوٽندڙ "اڻ جڙندو" (273)، "بي تالو" (420) ۽ "بي لذت" (430) ۾.
494. اٽنهندو "اڻ جڳائتو" (273) ۾.
495. جڳائيندڙ "اڻ جڳائيندو" (273) ۾.

496. اڻ پورائي، ”اڻ جوڙائي“ (273) ۽ ”اوٽائي“ (308) ۾.
497. ڇُتندڙ ”اڻ ڇُت“ (273) ۾.
498. ڏڏندڙ ”اڻ ڏڏ“ (273) ۾.
499. ٿورو دليو ”اڻ سهه“ (274) ۾.
500. اڻ سڃاتو ”اڻ سيڃاتو“ (274) ۾.
501. سانڊيندڙ ”اڻ ڳاڇ“ (274) ۾.
502. گسندڙ ”اڻ گس“ (274) ۾.
503. اڻ سڌريل، اڻ گهڙيو“ (274) ۾.
504. ايندڙ (ذ)، ”اڻ ميل“ (275) ۾ (”اينڊِڙ“ بدران شايد حقيقي لفظ ”ايندڙُ“ آهي، تڏهن تہ مذڪر ڄاڻايل آهي!)
505. ڪائيندڙ ”اڻ ميل“ (275) ۾.
506. اوڄائڻ، ”اٽائڻ“ (276) ۾.
507. اڻ ڏانوِٽيو ”اٽائو“ (276) ۾.
508. ڪوات، ”اوات“ (278) ۾.
509. وتندڙ ”اوات“ (278) ۾.
510. پتڪندڙ ”اوايو“ (278) ۾.
511. پڪڙندڙ ”اوت پوت“ (281) ۾.
512. ڪيانتل، ”اوتارو“ (281) ۾.
513. اٽڪنڊيل، ”اوتڙو“ (282) ۾.
514. جاچيل جونچيل (جاچيل جُوچيل)، ”اوتيل پوتيل“ (282) ۾ (”جاچ جوچ“ موجود.)
515. ائونـڙو ”اوتـڙ“ (283) ۾ (”ائنترو“ جي ڪيڊ ڏنل.)
516. رونـتـڙو ”اوترو“ ۽ ”اوتٽو“ (284) ۾.
517. ڪيڙيندڙ ”اوتيڙو“ (284) ۾.
518. متي ميرائي (ميرائي)، ”اوتائي“ (284) ۾.

519. ڏڙي ڏڪي ڪيڻ، ”اونو ملائڻ“ (285) ۾.
520. زمين سنڌڻ، ”اونو ملائڻ“ (285) ۾.
521. موچاراس، ”اوپسر“ (285) ۾.
522. خسيسپائي، ”اوچ“ (287) ۾.
523. نيچائي، ”اوچ“ (287) ۾.
524. خسيسپڻو ”اوچائي“ (287) ۾.
525. ڪمينپ، ”اوچائي“ (287) ۾ (”ڪمينپائي“ موجود.)
526. لڄ ڇڏي وڃڻ، ”اوڏري وڃڻ“ (289) ۾.
527. اوڏائي، ”اوڏ“ (289) ۾.
528. ويجهڙائي، ”اوڏيار“ (289) ۾.
529. اڏينڊڙ ”اوڏ“ (289) ۾.
530. ڀرواٽي، ”اوڊاٽي“ (290) ۾.
531. سينگاريا (سينگاريو)، ”اوراتو“ (291) ۾.
532. هينڙو ”اورار“ (291) ۾.
533. ٻورَڻ، ”اورار“ (291) ۾ (”ٻورِڻ“ موجود.)
534. رُل پِن (”رُل“، ”پِنَ“) ”اور پور“ (292) ۾.
535. ويجهڙو ”اوتارهون“ (292) ۾.
536. اُوٽيي، ”اُورن“ (293) ۾.
537. حال ونڊڻ، ”اورڻ“ (293) ۾.
538. حال ڏيڻ، ”اورڻ“ (293) ۾.
539. ڳالهڙيي، ”اوڙڪ“ (294) ۾.
540. ٽمنڊڙ ”اوس“ (295) ۾.
541. تَـڙَ ”اوِسَر“ (296) ۾.
542. ٽيڙ ڏيارڻ، ”اوسڙو ڏيارڻ“ (297) ۾.
543. پاوٽائي، ”اوسنائي“ (297) ۾.

544. بيسودائي، ”اوسنائي“ (297) ۾.
545. آڪائي، ”اوسنائي“ (297) ۾.
546. تڪائي، ”اوسنائي“ (297) ۾.
547. سوڙ ڳنڍڻ، ”اوسهه مڱڻ“ (297) ۾.
548. پلٽ پلٽان، ”اوڪ اوڪان“ (298) ۾.
549. اسونهندي، ”اوڳت“ (300) ۾.
550. ڪائيندڙ ”اوڳرو“ (300) ۾.
551. بدعادتون (بدعادت)، ”اوڳڻو“ (300) ۾.
552. بدلچڻو ”اوڳڻو“ (300) ۾.
553. بي چيائي، ”اوڳيا“ (301) ۾.
554. اڳاڙيندڙ ”اوڳاهيو“ (301) ۾.
555. اوڳن توڳن، ”اوڳڻ توڳڻ“ (301) ۾.
556. اولجي (اولجڻ)، ”اول“ (302) ۾.
557. ڳڙا وسڻ، ”اول پوڻ“ (303) ۾.
558. مصيبت پوڻ، ”اول پوڻ“ (303) ۾.
559. ڪيپ ڪٽڻ، ”اول ورائڻ“ (303) ۾.
560. جفائون (جفا) ڪرڻ، ”اولون ڪرڻ“ (303) ۾.
561. ڇٽيا (ڇٽيو)، ”اولاد“ (303) ۾.
562. الر ڪرائڻ، ”اولارائڻ“ (303) ۾.
563. پهچائيندڙ ”اولاڪ“ (303) ۾.
564. گند گوڙ ”اولڙ سولڙ“ (304) ۾.
565. اوري گهوري، ”اول گهول“ (304) ۾.
566. ٻلهار ٿيڻ، ”اول گهول ٿيڻ“ (304) ۾.
567. ڪڪائين، ”اولو“ (304) ۾.
568. ڏيڪائو ”اولو“ (304) ۽ ”اوٽو پوٽو“ (308) ۾.

569. ريجائين، ”اولو“ (304) ۾.

570. ٻونگا (ٻونگو) ٺاهڻ، ”اولا اڏڻ“ (304) ۾.

571. سِڪون لاهڻ، ”اولا اڏڻ“ (304) ۾.

572. ڳَٽتيون لاهڻ، ”اولا لاهڻ“ (304) ۾.

573. ڏک تارڻ، ”اولا لاهڻ“ (304) ۾.

574. سبب بنائڻ، ”اولو ڪرڻ“ (304) ۾.

575. ويجهو پوڻ، ”اولي پوڻ“ (304) ۾.

576. بي مڙسيو ”اونتريو“ (306) ۾.

577. ٻاڏِ، ”اوندهه“ (306) ۾.

578. اڻ پوتل، ”اِونڌ“ (306) ۾.

579. اماڙو چمڻ، ”اونڌو چمڻ“ (307) ۾.

580. نِنهڪڻ، ”اونڪارڻ“ (307) ۾.

581. عيب ڪيڻ، ”اوٽايون ڪيڻ“ (308) ۾.

582. کير گهٽائڻ، ”اوهه سڪائڻ“ (309) ۾.

583. آڏواڳ، ”اوهاڙ“ (309) ۾.

584. ماٺهو چيٽو ”اوهي واهي“ (310) ۾ (”ماٺهو چيهٽو“؟ موجود.)

585. چنڊڪار ”اوهيرو“ (310) ۾.

586. سجائي (سجي ساري)، ”اوائي“(310) ۾ (”سجائي“، ”چڱائي“ ۽ ”ڀلائي“ واري معنيٰ ۾ موجود.)

587. وڪڙ چاڙهڻ، ”اويڙ ڏيڻ“ (311) ۾.

588. ايڏنگو (!؟)، ”اويڙو“ (311) ۾.

589. وسارينڌڙ ”اويسلو“ (311) ۾.

590. مسافر مڙو ”اوي سوي“ (311) ۾.

591. اوهَڏ، ”اهڏ“ (312) ۾.

592. اوهڏڻ، ”اهڏڻ“ (312) ۾.

593. هڪارجڻ، ”اهرڻ“ (312) ۾.
594. جهانديدا، ”اهل زمان“ (314) ۾ (”جهانديد“ موجود.)
595. ڇهتندڙ ”اهل ظاهر“ (314) ۾.
596. هلائيندڙ ”اهلڪار“ (314) ۾.
597. ڏسندڙ ”اهل نظر“ (324) ۾.
598. وڏوڙو ”اهندڙ“ (315) ۾.
599. اڻ هنڍايل، ”اهنڊ“ (315) ۾.
600. ڏٽي ڏوٽي، ”اهوسهو“ ۽ ”اهي پهي“ (316) ۾.
601. وارث وسيلو ”اهوسهو“ ۽ ”اهي پهي“ (316) ۾.
602. پاليندڙ ”اهير“ (316) ۾.
603. انٽالو ”اٽالو“ (316) ۾.
604. پٻ گيري (!)، ”ائنچر“ (317) ۾.
605. چاريندڙ ”ايار“ (317) ۾.
606. سوسيو (!)، ”ايٽ“ (318) ۾.
607. پيسرو ”ايٽ“ (318) ۾.
608. مرحبائي، ”ايٽ هوم“ (318) ۾.
609. سُلب، ”ايجاب“ (318) ۾ (شايد حقيقي لفظ ”سُلب“ نہ پر ”سَلب“ آهي جيڪو موجود آهي.)
610. اڪتشاف، ”ايجاد“ (318) ۾.
611. اِتر پتر، ”ايچون پيچون“ (319) ۾.
612. منهن مهاڙ ”اير پير“ (320) ۾.
613. مـَرُميل، ”اير غير“ (320) ۾.
614. قند فريب، ”اير قير“ (320) ۾.
615. اڻ گڏيل، ”ايسو“ (321) ۾.
616. گڏاريندڙ ”ايڪانتي“ (321) ۾.

617. ونڊڙ ”ايگزيڪيوٽو“ (322) ۾.
618. مزائي مزا، ”ايگو ايگو“ (322) ۾.
619. خوشي ئي خوشي، ”ايگو ايگو“ (322) ۾.
620. ڪُٻي هٽڻ، ”ايگو هٽڻ“ (322) ۾ (”ڪُٻيون هٽڻ“ ڏنل آهي، ”ڪُٻي هٽڻ“ **ج** ”ڪُٻيون هٽڻ“ ڄاڻائڻ گهرجي، ساڳئي طرح، ”ڪُٻيون مارڻ“ ڪان اڳ ۾ ان جو واحد ”ڪُٻي مارڻ“ ڏيڻ گهرجي.)
621. ڪچون ٽوڪڻ (322) تي ڏنل آهي ۽ پنهنجي گهربل جاءِ تي بہ موجود آهي، پر ان جي آڏو پڻ ان جو واحد ”ڪچ ٽوڪڻ“ اچڻ گهرجي.
622. فوج چاڙهڻ، ”ايلهہ چاڙهڻ“ (326) ۾.
623. ايمان وڪڻندڙ ”ايمان فروش“ (322) ۾.

**ب**

624. نس پس، ”بجنسي“ (325) ۾.
625. عزت مند، ”باوقار“ (327) ۾.
626. لکيو ٽيڻ، ”باب ٻڌڻ“ (327) ۾.
627. بابِي (هڪ مذهب)، ”باب“ (328) ۾.
628. راڌائتو ”بابوچي“ (328) ۾.
629. پُٽڙو ”بابڪ“ (328) ۾.
630. گهڻ ڳالهائو ”باتوني“ (328) ۾.
631. بانا هٽڻ، ”بانا ڪچڻ“ (328) ۾.
632. ڏاني، ”باجگذار“ (328) ۾.
633. باجر ٻوجر، ”باجر“ (328) ۾.
634. باجڪاٽي (329) ”لاشارين جو پاڙو“ ڄاڻايل آهي، باجڪاٽي ”چانديہ جو پاڙو“ بہ آهي.
635. ڪاوڙ ڏيکارڻ، ”باچاڙهڻ“ (329) ۾.
636. ونڊڙ ”بادبروت“ (329) ۾.

637. هوا ڪڇيندڙ (ڪڇيندڙ)، ”بادپيما“ (329) ۾.
638. ڊوڙندڙ ”بادپيما“ (329) ۾.
639. لڳندڙ ”بادخايہ“ (329) ۾.
640. ٽيندڙ ”بادي“ (330) ۾.
641. پاڙو جهاڙو ”باداش“ (330) ۾.
642. پاسو ونندڙ (ونندڙ)، ”بادرو“ (330) ۾.
643. باران، ”بادرو“ (330) ۾.
644. پارهيو ”بادشاهہ“ (330) ۾.
645. قرلت/قرلت مچڻ، ”بادشاهہ گردي لڳڻ“ (330) ۾.
646. انڌ ڌنڌ مچڻ، ”بادشاهہ گردي لڳڻ“ (330) ۾.
647. سڪيو وقت گذارڻ، ”بادشاهي ڪرڻ“ (330) ۾.
648. مينهن چڙهي اچڻ، ”بادل پرجي اچڻ“ (330) ۾.
649. مَئيندڙ ”بادهہ پيما“ (331) ۾.
650. ٺٺ قوس، ”بادي“ (331) ۾.
651. رٽواسي، ”باديہ نشين“ (331) ۾.
652. رڻ ۾ رهندڙ (رڻ ۾ رهڻ ـــ رهندڙ)، ”باديہ نشين“ (331) ۾.
653. سفارش آڻڻ، ”بار آڻڻ“ (332) ۾.
654. چئو چواءُ ٽيڻ، ”بار پوڻ“ (332) ۾.
655. ڳرو لڳڻ، ”بار ڪرڻ“ (332) ۾.
656. چِڪيندڙ ”بارڪش“ (332) ۾.
657. ڍوئيندڙ ”بارگير“ (332) ۾.
658. بي دليو ڪم ڪرڻ، ”بار لاهڻ“ (332) ۾.
659. جوابداري وجهڻ، ”بار وجهڻ“ (332) ۾.
660. چمڪندڙ ”بارق“ (332) ۾.
661. ذمو ڪٽائڻ، ”بار ڪٽائڻ“ (333) ۾.

662. وٺ پڪڙ "بازپرس" (334) ۾
663. ڏاريندڙ "بازدار" (334) ۾
664. جهليندڙ "بازگير" (334) ۾
665. واپار جو چلتو ٿيڻ "بازار تيز ٿيڻ" (335) ۾
666. اگهه آڪرو ٿيڻ "بازار چاق ٿيڻ" (335) ۾
667. بازار مچڻ (؟)
668. ڪيڏ ڪندڙ "بازندو" (335) ۾
669. سرجهلائو "بازو" (335) ۾ ("سرجهالائو" موجود.)
670. اهڃاڻ اچڻ "باس اچڻ" (336) ۾
671. نذر باسڻ "باس باسڻ" (336) ۾
672. پرکيندڙ "باطن بين" (337) ۾
673. ڳجهه جون ڳالهيون ڪرڻ "باطوني خبرون ڪرڻ" (337) ۾
674. پنهنجي وَسائڻ "باغين توتين لڳڻ" (337) ۾
675. اُٽندڙ "بافنده" (338) ۾
676. حساب چور "باقيدار" (338) ۾
677. اڻ پرٽيل "باڪره" (338) ۾
678. ڀانگڙ "باڪرو" ۽ "باڪڙ" (338) ۾
679. ٻگاڙِ "باگڙ" ۽ "باگاتو" (339) ۾
680. گهيريدار "بالو" (340) ۾
681. محبوبڙو "بالهڙو" (340) ۾
682. ڪنڌڪ "بالين" (340) ۾
683. ڳوليندڙ "بالين پرست" (340) ۾
684. زاري ڪرڻ "بان پرڻ" (341) ۾
685. ٻمرجڻ "بانبرجڻ" (341) ۾
686. ٻرگهل ٿيڻ "بانيار لهڻ" (341) ۾

687. نچائيندڙ ”باندري“ (342) ۾.
688. ٻولائي، ”باندري“ (342) ۾.
689. ملائيندڙ ”بانگو“ (343) ۾.
690. ڀانو ٻنائڻ، ”باني ڏيڻ“ (344) ۾.
691. اڏيندڙ ”باني“ (344) ۾.
692. سٿاءُ/سٿاءُ سٿيندڙ ”بانيڪار“ (344) ۾.
693. فساد جاڳائڻ، ”باھ ڀڙڪائڻ“ (344) ۾.
694. جهيڙو نارڻ، ”باھ تي چنڊو وجهڻ“ (344) ۾.
695. باھ دکائڻ، ”باھ جاڳائڻ“ (344) ۾.
696. فساد مچائڻ، ”باھ جاڳائڻ“ (344) ۾.
697. وجندڙ ”باھ جو گهنڊ“ (344) ۾.
698. ٻن وجهڻ، ”باھ ڏيڻ“ (344) ۾.
699. ساڙونڻ، ”باھ لڳڻ“ (344) ۾.
700. شھوت مارڻ، ”باھ مارڻ“ (344) ۾.
701. جهڙو ناھڻ (؟ نارڻ!)، ”باھ وسائڻ“ (344) ۾.
702. دونھان دکائڻ، ”باھيون ٻچڻ“ (344) ۾.
703. مچ مچڻ، ”باھيون ٻرڻ“ (344) ۾.
704. پونڪائڻ، ”باھڙائڻ (345) ۾.
705. پونڪندڙ ”باھو (345) ۾.
706. پاڳوارو ”ٻبِخَتو“ (346) ۾.
707. سموئجڻ، ”ٻبا سگُوئجڻ“ (346) ۾.
708. ڪير چڏائڻ، ”ٻبو وارڻ“ (346) ۾.
709. پاڙون وجڻ، ”ٻيڙيو وجڻ“ (346) ۾.
710. پاڙون پتجڻ، ”ٻيڙيون وجڻ“ (346) ۾.
711. سياندا پوڻ، ”بت ڪاندارجڻ“ (348) ۾.

712. اوجھڙ ۾ وجهڻ، ”ٻتلڻ“ (348) ۾.
713. چٽيج، ”ٻُٽ“ (349) ۾.
714. ڊؤنگ ڪرڻ، ”ٻپ ٻڌڻ“ (350) ۾.
715. تنبجي وجهڻ، ”ٻج ٻج ٿي وجهڻ“ (350) ۾.
716. ڪُسي وجهڻ (ڪُسجڻ)، ”ٻج ٻج ٿي وجهڻ“ (350) ۾.
717. ڏهيون ٻہ نہ چڏڻ، ”ٻج ٻہ نہ ڇڏڻ“ (350) ۾.
718. مچارڪو، ”ٻجاجي“ (351) ۾.
719. جاياَئتو ”ٻجاءِ“ (351) ۾.
720. ڦٽ لعنت، ”ٻجو“ (352) ۾.
721. ڦٽ لعنت ڪرڻ، ”ٻجو هڻڻ“ (352) ۾.
722. بچائيندڙ ”ٻچاٽِهار“ (325) ۾.
723. پناهہ ڏيندڙ ”ٻچاٽِهار“ (342) ۾.
724. وڇوڙڻ، ”ٻڇڙڻ“ (353) ۾.
725. گهڻ ڳالهائو ”ٻحري ٻچو“ (355) ۾.
726. نسطوري، ”ٻحيرا“ (355) ۾.
727. تپ اچڻ، ”ٻخار چڙهڻ“ (356) ۾.
728. تپ ٽيڻ، ”ٻخار ٽيڻ“ (356) ۾.
729. ڪاوڙ چنڊڻ، ”ٻخار چنڊڻ“ (356) ۾.
730. اندر جو بار هلڪو ڪرڻ، ”ٻخار چنڊڻ“ (356) ۾.
731. اندر ۾ ساڙ ساندڻ، ”ٻخار رکڻ“ (356) ۾.
732. انر جو ساڙ ڪيڻ، ”ٻخار ڪيڻ“ (356) ۾.
733. ٻخت کلڻ، ”ٻخت ساجو ٿيڻ“ (356) ۾.
734. اقبال وڌڻ، ”ٻخت ساجو ٿيڻ“ (356) ۾.
735. عين نوازش ڪرڻ، ”ٻخش جو ڀرو ڏيڻ“ (356) ۾.
736. بخشيندڙ ”ٻخشڻهار“ (357) ۾.

737. ڏيٺهار، ”بخشٺهار“ (357) ۾.
738. بدلچِٽو ”بد خُو“ (358) ۾.
739. بد سَوڻي، ”بدشگوني“ (359) ۾.
740. بدبنياد، ”بدطينت“ (359) ۾.
741. رک منهائي، ”بدمزاجي“ (360) ۾.
742. بيسوادائي، ”بدمزگي“ (360) ۾.
743. نامهرباني، ”بدمزگي“ (360) ۾.
744. بدنيڪي، ”بدناموش“ (360) ۾.
745. اٽوٽنڊڙ ”بد وضع“ (360) ۾.
746. اڳ لکيو ”بدا“ (361) ۾.
747. موڪلاٽي ڪرڻ، ”بدا ڪرڻ“ (361) ۾.
748. گناهن (گناهه) پريو ”بدادي“ (361) ۾.
749. پاران پوڙ، ”بدران پوڙ“ (362) ۾.
750. ان پان، ”بدرقو“ (362) ۾.
751. چرچوگهيو ”بذله“ ۽ ”بذله سنجي“ (364) ۾.
752. مهل سر، ”بر موقع“ (365) ۾ (”مهل سر اچڻ“ موجود).
753. شنگ تي بيهڻ، ”بر تي بيهڻ“ (366) ۾.
754. هموزن ڪرڻ، ”برابر ڪرڻ“ (366) ۾ (”هموزن“ موجود).
755. هموزنائي، ”برابري“ (366) ۾.
756. نٽ ونڙ، ”براجڻ“ (367) ۾.
757. بلائون ڪٽڻ، ”برائون ڪٽڻ“ (368) ۾.
758. ٻچڙائي تي سنيرڻ، ”برائي تي اٿڻ“ (368) ۾.
759. ماري مُڇ ڪرڻ، ”برتوڪرڻ“ (369) ۾.
760. ڪُتي پاهه ڪرڻ، ”برتوڪرڻ“ (369) ۾.
761. سرنڌڙا، ”برجنگ“ (370) ۾.

762. بت سڪي پوڻ، ”برجي پوڻ“ (370) ۾.
763. سهنڌڙ ”بردبار“ (371) ۾.
764. ديرينو ٽيڻ، ”بردبار ٽيڻ“ (371) ۾ (”ديرينو“ موجود.)
765. آرباٽي (ٻڙدين جو پاڙو)، ”بردي“ (371) ۾.
766. باجڪاٽي، ”بردي“ (371) ۾ (”باچڪاٽي“ موجود پر لاشارين جي هڪ پاڙي طور ڄاڻايل ۽ ”چانڊين“ ۽ ”ٻڙدين“ جي پاڙي طور نه ڄاڻايل.)
767. ٻنگواٽي، ”بردي“ (371) ۾.
768. چيلاٽي، ”بردي“ (371) ۾.
769. جبلاٽي، ”بردي“ (371) ۾.
770. ڪنراٽي، ”بردي“ (371) ۾ (”ڪنراٽي“ هڪ ديهه طور ڄاڻايل.)
771. ڪتوهڙ، ”بردي“ (371) ۾ (”ڪتوهڙ“ هڪ ذات طور ڄاڻايل.)
772. گجاٽي، ”بردي“ (371) ۾.
773. گورشاٽي، ”بردي“ (371) ۾.
774. چيچت، ”برڙاٽ“ (371) ۾ (”چيچات“ ڪان پوءِ ساڳي عنوان ۾ ڄاڻايل.)
775. ڪليو ملايو ”برسر اقتدار“ (372) ۾.
776. ملڪ وسڻ، ”برسڻ“ (373) ۾.
777. لاڏاٽو ڪرڻ، ”برقعو متائڻ“ (373) ۾.
778. گهٽتائي اچڻ، ”برڪت نڪرڻ“ (373) ۾.
779. کوٽ پوڻ، ”برڪت نڪرڻ“ (373) ۾.
780. لڳنڌڙ ”برڪڻ“ (373) ۾.
781. چڪو ڦڪو ڪرڻ، ”برگ و پاٽي ڪرڻ“ (374) ۾.
782. نيرن پاٽي ڪرڻ، ”برگ و پاٽي ڪرڻ“ (374) ۾.
783. ڏُٽيل، ”برگزيدو“ (374) ۾.
784. ڇَٽُ هٽنڌڙ (ڇَٽُ هٽڻ)، ”برمي“ (374) ۾.
785. تامائي، ”برنجي“ (374) ۾.

786. نڪ چٺل، ”برو“ (374) ۾.
787. نڪ وڍيل، ”برو“ (374) ۾ (”نڪ وڍيو“ موجود.)
788. نڪ ڪپيل، ”برو“ (374) ۾.
789. نيڪ بد، ”برو يلو“ (375) ۾.
790. پيٺنگ هڃڻ، ”برهمانچڙ“ (376) ۾.
791. ٿهندڙ ”برءِ“ (377) ۾.
792. ٿهي نڪي، ”بري“ (377) ۾.
793. هل بکيڙو ”بريز بريز“ (377) ۾.
794. هاءِ گهوڙا ڪرڻ، ”بريز بريز ڪرڻ“ (377) ۾.
795. وتائڻ، ”بڙد ڪرڻ“ (378) ۾.
796. پُتِڪ، ”بڙد“ (378) ۾.
797. ٽيڪ هٽڻ، ”بڙيڪ هٽڻ“ (379) ۾.
798. اڏ ڊائو ”بز“ (379) ۾.
799. گيدپٽو ”بزدلي“ (379) ۾ ۽ ”گيديپٽو“، ”ڪم همتي“ (2106) ۾.
800. يوڪپائي (يوڪپٽو)، ”بزائي“ (379) ۾.
801. وڏائيندڙ ”بزم افزا“ (380) ۾.
802. وهڪي وڃڻ، ”بسوڪڻ“ (382) ۾.
803. پرنيندڙ ”بشتي“ (383) ۾.
804. ماري مڃائڻ، ”بضو يجڻ“ (384) ۾.
805. وات پلجڻ، ”بطال ٽيڻ“ (384) ۾.
806. صوفياٽي، ”بطن“ (389) ۾.
807. رنجيندو ”بغان“ (389) ۾.
808. ظالماني، ”بغداد“ (385) ۾.
809. ظلم ٽيڻ، ”بغداد ٽيڻ“ (385) ۾.
810. واتان ڪڇڻ، ”بقائڻ“ (386) ۾.

811. جهڳي هٽڻ، ”ٻڪ ڪرڻ“ (387) ۾.
812. سختي ڏيڻ، ”ٻڪ ڏيڻ“ (389) ۾.
813. ٻڪ لڪائڻ، ”ٻڪائڻ“ (389) ۾.
814. اڏوسٽل، ”ٻکڙ“ (389) ۾.
815. سڪنڊڙ (هوندي سوندي سڪندي)، ”ٻکيت“ (389) ۾.
816. رڱڙو ڪرڻ، ”ٻکيڙو ڪرڻ“ (390) ۾.
817. مطالعو وڌائڻ، ”ٻکيڙو ڪرڻ“ (390) ۾.
818. جهيڙو وجهڻ، ”ٻکيڙو وجهڻ“ (390) ۾.
819. غربت سان وقت نپائڻ، ”ٻکئي پيٽ کي پٽيون ٻڌڻ“ (390) ۾.
820. وقت نباهڻ، ”ٻکئي پيٽ کي پٽيون ٻڌڻ“ (390) ۾.
821. جهوليدار ”ٻگليو“ (391) ۾.
822. وجهه ڏيارڻ، ”ٻل ڏيارڻ“ (391) ۾.
823. لچڻ پچڻ (لچ پچ)، ”ٻل ڪائڻ“ (392) ۾.
824. رنڊڪ پوڻ، ”ٻلا آڏي اچڻ“ (393) ۾.
825. شامت پوڻ، ”ٻلا اچي ڪڙڪڻ“ (393) ۾.
826. جاڪوڙا ڪيندڙ ”ٻلاڪش“ (393) ۾ (”جاڪوڙا ڪيڻ“ موجود).
827. اڻ ڳوليو ”ٻلاطلب“ (393) ۾.
828. ڪُندفهمي، ”ٻلادت“ (393) ۾.
829. مزي ڪوڏيو ”ٻلاسي“ (393) ۾.
830. ڳڙڪائيندڙ ”ٻلاع“ (394) ۾.
831. جاياڻتو ”ٻلائتو“ (394) ۾.
832. سيٽ ٻتاڪ، ”ٻَلبل“ (394) ۾.
833. جر قوتو ”ٻلبلو“ (394) ۾.
834. پروڙيندڙ ”ٻلندبين“ (396) ۾.
835. اڏامندڙ ”ٻلند پرواز“ (396) ۾.

836. چور بازاري ڪرڻ (چور بازاري)، ”بليڪ ڪرڻ“ (398) ۾.

837. متڪبر هجڻ، ”بلي هجڻ“ (398) ۾.

838. پيڙهه ٻڌڻ، ”بنا بنائڻ“ (399) ۾.

839. نچندڙ ”بند باز“ (400) ۾.

840. جهنجولڻ، ”بنداڻڻ“ (401) ۾.

841. ڏانڏولڻ، ”بنداڻڻ“ (401) ۾.

842. جوڙيندڙ ”بندڙائي“ (401) ۾.

843. لڱ چڙهي پوڻ، ”بندجڻ“ (401) ۾.

844. حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ، ”بندي موڪ ڪرڻ“ (402) ۾.

845. ڪپ ڪوڙي ويهڻ (ڪپ ڪوڙڻ)، ”بند تي ويهڻ“ (402) ۾.

846. پُرپارو ”بنيادي“ (404) ۾.

847. هٿ قاڙاهي، ”بوالفضولي“ (404) ۾.

848. ڍونگ پکيڙڻ، ”بوتو بنائڻ“ (406) ۾.

849. گل حڪمت ڪرڻ، ”بوتو چاڙهڻ“ (406) ۾.

850. بوتي آهر ڪائڻ (سڀ ڪو پنهنجي بوتي آهر ڪائيندو)، ”بوتو“ (406) ۾.

851. پرندڙ ”بوٿ“ (406) ۾.

852. ٿَڪو ٿيڻ، ”بوججڻ“ (406) ۾.

853. بدي وجهڻ، ”بوچ وجهڻ“ (407) ۾.

854. هرج وجهڻ، ”بوچ وجهڻ“ (407) ۾.

855. لاڳاپو چنڊڻ، ”بوچڻ چندبي اٿڻ“ (497) ۾.

856. چرڙيو ”بودلو“ (407) ۾.

857. سالهه، ”بوراڪ“ (408) ۾.

858. ساماٽپ، ”بوراڪي“ (408) ۾.

859. اٽندڙ ”بورياباف“ (409) ۾.

860. پراٽائي، ”بوسيدگي“ (410) ۾.

861. ڳاڙهو ڳٽلو "بوفلو" (410) ۾.
862. بدلجندڙ "بوقلمون" (410) ۾.
863. ڦرندڙ گهرندڙ "بوقلموني" (410) ۾.
864. بوڪيندڙ "بوڪٽو" (410) ۾.
865. ٽيڪيندڙ "بوڪٽو" (410) ۾.
866. ٻيءَ، "ٻه" (413) ۾.
867. قيمت ٻڌڻ، "ٻها ڪرڻ" (413) ۾.
868. جوڙيندڙ "ٻهانه ساز" (414) ۾.
869. ڳوليندڙ "ٻهانه جُو" (414) ۾.
870. لڳائيندڙ "ٻهتان تراش" (415) ۾.
871. ورچ ونڻ، "ٻهرو ونڻ" (415) ۾.
872. ياڳي نيندڙ (نيندڙ)، "ٻهره بر" (415) ۾.
873. ٻونڪائڻ، "ٻهڪائڻ" (415) ۾.
874. ڪلندڙ "ٻهلول" (416) ۾.
875. ڳٽيون چڙهڻ، "ٻهور چڙهڻ" (417) ۾.
876. ڳٽين ۾ پوڻ، "ٻهور چڙهڻ" (417) ۾.
877. اٽواقفي، "بي آگاهي" (418) ۾.
878. اڻ ڳڏيل، "بي آميز" (418) ۾.
879. جهيڙاڪار "بي اتفاق" (418) ۾.
880. بي ڏياناڻي، "بي اتفاقي" (418) ۾.
881. وڳوڙيل، "بي بندوبست" (419) ۾.
882. بي ڊپو "بي ٻوُ" (420) ۾.
883. بي ڊپائي، "بي ٻوائي" (420) ۾.
884. ٻتڪندڙ "بيتال" (420) ۾.
885. سڌو سنواتو "بي تڪلف" (420) ۾.

886. بي جتائي، ”بي تڳائي“ (420) ۾.
887. بي سوچائي، ”بي تميزي“ (420) ۾.
888. بي ساماني، ”بي توشگي“ (420) ۾.
889. ٽڙٽاڪ، ”بي ٽانيڪو“ (420) ۾.
890. ڪوبساهي، ”بي پتيائي“ (421) ۾.
891. لوٽيپائي، ”بي پرهيزگي“ (421) ۾.
892. اڻ لتاڙيل، ”بي پيرو“ (421) ۾.
893. اڻ ڊولائتو ”بي پيرو“ (421) ۾.
894. ٽالهين لٽل، ”بي ڏاتيو“ (324) ۾.
895. پريندڙ ”بي رائڪو“ (324) ۾.
896. اڻ منڊائتو ”بي رتو“ (324) ۾.
897. بي ڏاڙهيو ”بي ريش“ (425) ۾.
898. اڻ پرٽيل، ”بي زن“ (425) ۾.
899. بي پهچ، ”بي زور“ (425) ۾.
900. اڻ سٽائتو ”بي سجلو“ (425) ۾.
901. اڻ ڳالهائتو ”بي سجلو“ (425) ۾.
902. بد آواز ”بي سرو“ (426) ۾.
903. بي ترتيبو ”بي سروپا“ (426) ۾ ۽ ”بي قرب“ (428) ۾.
904. اڻ طهريل، ”بي سنتو“ (426) ۾.
905. گذاريندڙ ”بي سنگو“ (426) ۾.
906. گهرندڙ ”بي سوال“ (426) ۾.
907. بي اخلاق، ”بي سيرت“ (426) ۾.
908. بي سوٽو ”بي شبو“ (426) ۾.
909. بي گهرج، ”بي ضرورت“ (428) ۾.
910. بي گهرجائي، ”بي ضرورتي“ (428) ۾.

911. بي الڪو ”بي فلڪو“ (428) ۾.

912. اڻ جهل، ”بي قابو“ (428) ۾.

913. بي رتو ”بي قرنيو“ (429) ۾.

914. بي طاقتي، ”بي قوتائي “ (429) ۾.

915. اڻ جڪڙيل، ”بي قيد“ (429) ۾.

916. بي مائٽو ”بي ڪڙمو“ (429) ۾.

917. بي آڪاهيو ”بي ڪڙمو“ (429) ۾.

918. ڦرٽو گهرٽو ”بي گٿيو“ (429) ۾.

919. حقون ناحق، ”بي گناهه“ (429) ۾ (”حق ناحق“ موجود.)

920. بي الڪي، ”بي گوندرو“ (430) ۾.

921. منهن موڙيندڙ ”بي مک“ (431) ۾ (”منهن موڙڻ“ موجود.)

922. اڻ سهندائي، ”بي مناسبت“ (431) ۾.

923. اڻ سهائيندڙ ”بي مناسبت“ (431) ۾.

924. پريندڙ ”بي ننگو“ (432) ۾.

925. پاڙيندڙ ”بي وفا“ (432) ۾.

926. نڀاهيندڙ ”بي وفا“ (432) ۾.

927. شاهي ڏيڻ، ”بيانو ڏيڻ“ (433) ۾.

928. سوٿي ڏيڻ، ”بيانو ڏيڻ“ (433) ۾.

929. هوش وڃائڻ، ”ٻيٻجڻ“ (434) ۾.

930. بدحواس ٿيڻ، ”ٻيٻجڻ“ (434) ۾.

931. همت ڏيکارڻ، ”بيٺ ٻڌڻ“ (435) ۾.

932. اڻ وهندڙ ”بيٺل“ (435) ۾.

933. بند ڪيڻ، ”بيخ ڪيڻ“ (436) ۾.

934. جمار ڳارڻ، ”بيخ ڪيڻ“ (436) ۾.

935. ناس ڪندڙ ”بيخ ڪن“ (436) ۾.

936. ڀاڙ پٽيندڙ ”بيخ ڪن“ (436) ۾.
937. وساريندڙ ”بيخود“ (436) ۾.
938. مڙهيندڙ ”بيدباف“ (436) ۾.
939. ناهيندڙ ”بيدباف“ (436) ۾.
940. قبضو ڇڏائڻ، ”بيدخل ڪرڻ“ (436) ۾.
941. حرفتون ڪرڻ، ”بيديون ڪيڏڻ“ (437) ۾.
942. چالبازيون ڪرڻ، ”بيديون ڪيڏڻ“ (437) ۾.
943. تنگ ڪيڻ، ”بيڏڻ“ (437) ۾.
944. برباد ٿيڻ، ”بيران ٿيڻ“ (437) ۾.
945. حيران ٿيڻ، ”بيران ٿيڻ“ (437) ۾.
946. ڏلجي وڃڻ (ڏلجڻ؟)، ”بيرون ٿيڻ“ (438) ۾.
947. بيحال ٿيڻ، ”بيرون ٿيڻ“ (438) ۾.
948. بدحال ٿيڻ، ”بيرون ٿيڻ“ (438) ۾.
949. ڪونجان، ”بِيس“ (438) ۾ (”ڪونج“ **ج** ”ڪونجون“ موجود.)
950. بي نتيجي، ”بيسود“ (438) ۾.
951. وڌ گهٽ، ”بيش و ڪم“ (438) ۾.
952. گهٽو تورو ”بيش و ڪم“ (438) ۾.
953. اوقاتي، ”بيڪيت“ (439) ۾.
954. گهوڪائي، ”بيڪيت“ (439) ۾.
955. ڏاريائي، ”بيگانگي“ (440) ۾.
956. اسهونپ، ”بيگانگي“ (440) ۾.
957. ڊڄندڙ ”بيمناڪ“ (441) ۾.
958. ناچاقائي، ”بيماري“ (441) ۾.
959. ڏسندڙ ”بينا“ (442) ۾.
960. پسندڙ ”بينا“ (442) ۾.

961. پروڙيندڙ ”ٻينا“ (442) ۾.
962. پرجهندڙ ”ٻينا“ (442) ۾.
963. اندر جا طاق کولڻ ”ٻينا ڪرڻ“ (442) ۾.
964. شادمانا ٿيڻ (شادمانو)، ”ٻين ٻاجا وڄڻ“ (442) ۾.
965. ڪات ڇانٽ، ”ٻيونت“ (443) ۾.
966. اپو ڪرڻ، ”ٻيهارڻ“ (443) ۾.
967. ڪٽندڙ ”ٻيئرر“ (443) ۾.
968. جهليندڙ ”ٻيئرر“ (443) ۾.

## ٻ

969. رياءَ ڪرڻ، ”ٻـ اڪيون ڪرڻ“ (444) ۾.
970. اڪيرجڻ، ”ٻـ ٻـ ڇٽڻ“ (444) ۾.
971. ٻتاٻتا، ”ٻـ ٻـ گوڙها روئڻ“ (444) ۾.
972. ٻتا ٻتا لڙڪ وهائڻ، ”ٻـ ٻـ گوڙها روئڻ“ (444) ۾.
973. فتنو اٿارڻ، ”ٻـ گهر ٻارڻ“ (444) ۾.
974. فساد جاڳائڻ، ”ٻـ گهر ٻارڻ“ (444) ۾.
975. ٻڪمو ”ٻـ ڪاريو“ (445) ۾.
976. ٻِلامي، ”ٻلاري“ (445) ۾.
977. ماريندڙ ”ٻـ مار“ (445) ۾.
978. لائي چائي ڪندڙ ”ٻـ منهون“ (445) ۾.
979. ٻـ سُول، ”ٻـ واتو“ (445) ۾.
980. لگيندڙ ”ٻـ وايو“ (445) ۾.
981. ڏوايو ”ٻـ وايو“ (445) ۾.
982. گونشاٽڙو ”ٻاٻت“ (445) ۾ (”گونشاٽڙو“ موجود.)
983. مهانگو سهانگو خريد ڪرڻ، ”ٻاٻل جر وهائڻ“ (446) ۾.

984. طوطلائڻ (!)، ”ٻاتاڙڻ“ (446) ۾.
985. طوطلي (!)، ”ٻاتاڙي ٻولي“ (446) ۾.
986. سور ڪائڻ، ”ٻاتون ڏيڻ“ (447) ۾.
987. هڏڪيون ڪائڻ، ”ٻاتون ڏيڻ“ (447) ۾.
988. واهيات بڪڻ، ”ٻاتگڻ“ (447) ۾.
989. دونهاتجي وڃڻ، ”ٻاتجڻ“ (448) ۾.
990. زاريون ڪرڻ، ”ٻاجهائڻ“ (448) ۾.
991. واجهائيندڙ ”ٻاجهائي“ (448) ۾.
992. تڪيندڙ ”ٻاجهائي“ (448) ۾.
993. ٻجهندڙ ”ٻاجهوڪ“ (448) ۾.
994. اتڪندڙ ”ٻاجهوڪ“ (449) ۾.
995. ساڪرو ”ٻاجهوڪ“ (449) ۾ (”ساڪرو“ هڪ تعلقي ۽ ديهه طور ڄاڻايل.)
996. ڪرو ڪولڻ، ”ٻارِ ٻيڃڻ“ (450) ۾.
997. ڪرو هٽڻ، ”ٻار ڪٽڻ“ (450) ۾.
998. ڪيچلپائي، ”ٻارائي“ (450) ۾.
999. ڪسانجو تيڻ، ”ٻار پوڻ“ (450) ۾.
1000. ڪهاءَ تيڻ، ”ٻار ڪِرڻ“ (450) ۾.
1001. باهه ڏيارڻ، ”ٻارائڻ“ (450) ۾.
1002. سج تيڻ، ”ٻارهن ڪوهي سج تيڻ“ (453) ۾.
1003. سنيير، ”ٻارهن ڪوهي ميگهه“ (453) ۾.
1004. رهبيليون (رهبيلي)، ”ٻاري“ (453) ۾ (”رهبيلي“ موجود.)
1005. ڪارڙو ”ٻاڙو“ (454) ۾.
1006. واڪا ڪرڻ، ”ٻاڪارڻ“ (455) ۾.
1007. رڙورڙ ”ٻاڪر ڪتو“ (455) ۾.
1008. دانهون مچائڻ، ”ٻاڪر ڪتو ڪرڻ“ (455) ۾.

1009. مڙندڙ "ٻاڪر" (455) ۾.
1010. نڌيڙائپ، "ٻالپڻ" (455) ۾.
1011. اڻوجھ ھجڻ، "ٻالو ٻولو ھجڻ" (356) ۾.
1012. ٻانھو ڪرڻ، "ٻان ڪرڻ" (356) ۾.
1013. ھٽڻ، "ٻان ڪرڻ" (356) ۾.
1014. جھلجي وڃڻ، "ٻان وڃڻ" (356) ۾.
1015. برھمڻڪو "ٻانيٽڪو" (356) ۾.
1016. مِرسرياٽي، "ٻانيٽي" (356) ۾ ("مسراٽي" موجود.)
1017. ناظرو "ٻانيو" (356) ۾.
1018. منھن رکو "ٻانٺ" (357) ۾.
1019. داڻ بندي، "ٻانڊ" (357) ۾.
1020. ناھيندڙ "ٻانڊارو" (357) ۾.
1021. ورائيندڙ "ٻانڊي" (458) ۾.
1022. بيزاري ڏيکارڻ، "ٻانڊ پائڻ" (458) ۾.
1023. لڙھندڙ "ٻانڊ" (458) ۾.
1024. زور ڀڃڻ، "ٻانھن ڀيٽي ڪرڻ" (458) ۾.
1025. سگ روڪڻ، "ٻانھن جھلڻ" (459) ۾.
1026. وڏائي ڏيکارڻ، "ٻانھن لڳڻ" (459) ۾.
1027. وڏائي ٽيڻ، "ٻانھن لڳڻ" (459) ۾.
1028. ٽيلارو "ٻانھن لوڏ" (459) ۾ ("ٽيلاڙو" موجود.)
1029. ڏاڍائي ڏيکارڻ، "ٻانھن مروڙ ڪرڻ" (459) ۾.
1030. عاجزي ڏيکارڻ، "ٻانھون ٻڌڻ" (459) ۾.
1031. رعب ڏيکارڻ، "ٻانھون ڪنجڻ (459) ۾.
1032. وجھ لڳڻ (ٻئي)، "ٻاڻ لڳڻ" (460) ۾.
1033. تيرھو ڏيڻ، "ٻاون ڏيڻ" (460) ۾.

1034. ڪٽڙيل، ”ٻاهتريو“ (461) ۾ (”ڪٽريل“ موجود.)
1035. ٻاڙيندڙ ”ٻاهر وسيڪو“ (461) ۾.
1036. ڇڙواڳ هلڻ، ”ٻاهرئين ٻني تي هلڻ“ (462) ۾.
1037. دشمني وهائڻ، ”ٻبر پوڪڻ“ (464) ۾.
1038. ناداني ڏيکارڻ، ”ٻبرن کان ٻير گهرڻ“ (464) ۾.
1039. وهجاڻ (!)، ”ٻبي“ (464) ۾ (”وهجائڻ“ موجود.)
1040. پور پَٽ، ”ٻٽ ٻٽ“ (464) ۾.
1041. تڙ تڙِ ڪرڻ، ”ٻٽ ٻٽ ڪرڻ“ (464) ۾.
1042. ٻاتاڙجي وڃڻ، ”ٻتڙجي وڃڻ“ (464) ۾.
1043. اسڪائي، ”ٻتڪو“ (464) ۾.
1044. پُتڪو ”ٻتڪو“ (464) ۾.
1045. عيب وجهڻ، ”ٻتڙ وجهڻ“ (465) ۾.
1046. همراهه ڪرڻ، ”ٻٽ ڪرڻ“ (465) ۾.
1047. ٻوڙاهه ۾ پوڻ، ”ٻٽ ۾ پوڻ“ (466) ۾.
1048. ڏڪ ڏيڻ، ”ٻٽ ڏيڻ“ (466) ۾.
1049. گهٽتي، ”ٻٽڻ“ (467) ۾.
1050. ڏوڙايو (ڏوڙارائڻ)، ”ٻٽوبالواسط“ (467) ۾.
1051. ڪارائي (ڪرارائڻ)، ”ٻٽوبالواسط“ (467) ۾.
1052. قونڊر ”ٻٽُر“ (467) ۾.
1053. ٻُسي هئڻ، ”ٻتي ٻوڪي هئڻ“ (468) ۾.
1054. ڪپت ڪرڻ، ”ٻتي ڪرڻ“ (468) ۾.
1055. پيينگ هئڻ، ”ٻتي ليلي ٻه نه هجڻ“ (468) ۾.
1056. دوپارو ”ٻپارو“ (471) ۾.
1057. اڻ چرندڙ ”ٻجهل“ (471) ۾.
1058. مغز ۾ ويهارڻ، ”ٻجهائڻ“ (471) ۾.

1059. اڻ ڦرنڌڙ "ٻجهل" (471) ۾.
1060. ٻانڌاڻ ٿيڻ "ٻجهڻ" (471) ۾.
1061. سڪڙو ڪرڻ، "ٻچڙ چڙڻ" (472) ۾.
1062. ٻچڪر ڪرڻ، "ٻچڪارڻ" (473) ۾.
1063. ٻڏندڙ ترندڙ "ٻہ دليو" (474) ۾.
1064. ٻڙڏول، "ٻڏڙڪ" (475) ۾.
1065. ٻڙڏڪ ٻارڻ، "ٻڏڙڪ مچائڻ" (475) ۾.
1066. پوڙهو لڳڻ، "ٻڍائڻ" (476) ۾.
1067. پوڙهو ٿيڻ، "ٻڍائڻ" (476) ۾.
1068. پيرسن ٿيڻ "ٻڍائڻ" (476) ۾.
1069. خوشي ٿيڻ، "ٻُر چڙهڻ" (477) ۾.
1070. سورات، "ٻرات" (477) ۾.
1071. پروت، "ٻرات" (477) ۾.
1072. تيز ٿيڻ، "ٻڙاٽجڻ" (477) ۾.
1073. ٽڪائي وجهڻ، "ٻرائي وجهڻ" (478) ۾.
1074. پيڙ ڪرڻ، "ٻرڪڻ" (479) ۾.
1075. مچ ٿيڻ، "ٻرڪڻ" (479) ۾.
1076. پورو ڏيڻ، "ٻرڪڻ" (479) ۾.
1077. ظلم ڪڙو ٿيڻ، "ٻري اچڻ" (480) ۾.
1078. ويچا ڪيڻ، "ٻُرڻ" (480) ۾.
1079. گهوگهوتو (ڳيري جو آواز)، "ٻروڙ" (481) ۾.
1080. پٽڪو ڪيڻ، "ٻڙڪ ڪيڻ" (481) ۾.
1081. ڏڪا ٿاٻا جهلڻ، "ٻڙيون ڪائڻ" (483) ۾.
1082. ڪاتو واري چڙڻ، "ٻڙي ڏيڻ" (483) ۾.
1083. پيٽڙِي، "ٻسڪ" (483) ۾.

1084. ڪنان تار ڪرڻ، ”ٻسڪڻ“ (484) ۾.

1085. ٻِتبي، ”ٻڪچي“ (484) ۾.

1086. جُهنڊ هٽڻ، ”ٻُڪر هٽڻ“ (484) ۾.

1087. خوف کائڻ، ”ٻڪري ٻنجڻ“ (485) ۾.

1088. ڪنجوسائي ڪرڻ، ”ٻڪي چڪي ڪرڻ“ (486) ۾.

1089. ڏک ڪيڻ، ”ٻڪي ڏيڻ“ (486) ۾.

1090. ڳنڍيجي وڃڻ، ”ٻک وجهڻ“ (476) ۾.

1091. ميل مارڻ، ”ٻل ڪٽڻ“ (487) ۾.

1092. ڏهائيندڙ ”ٻُل ڪٽڻ“ (487) ۾.

1093. ٻل ڏيارڻ، ”ٻلائڻ“ (488) ۾.

1094. ٻچاپڙو ڏيڻ، ”ٻلڙ گويو“ (488) ۾.

1095. ڏارائيندڙ ”ٻلٽي“ (489) ۾.

1096. تڪليف اچڻ، ”ٻلو پوڻ“ (489) ۾.

1097. ٻلهاٻاڙي ڏيڻ، ”ٻله ڪرڻ“ (489) ۾.

1098. ڪان ٻلاتي، ”ٻلهڻ“ (489) ۾.

1099. ٻنا ٻهري، ”ٻنا ٻاڙِ“ (491) ۾.

1100. ٻت هٽڻ، ”ٻنپ سٽڻ“ (491) ۾.

1101. لوڙهو لتاڙڻ، ”ٻنيو اورانگهڻ“ (491) ۾.

1102. در پورجڻ، ”ٻنجو اچڻ“ (491) ۾.

1103. ٻنڊو اچڻ، ”ٻنجو اچڻ“ (491) ۾.

1104. ٻندش پوڻ، ”ٻنجو اچڻ“ (491) ۾.

1105. والڙو ”ٻنڊڙو“ (491) ۾.

1106. ٻند پچڻ، ”ٻند پچڻ“ (492) ۾.

1107. ٻڏندڙ ”ٻنڌڪ“ (492) ۾.

1108. ڦاسائيندڙ ”ٻنڌڪ“ (492) ۾.

1109. سوگهو ڪرڻ، ”ٻنڌڻ“ (492) ۾.
1110. لاڳاپو ٽيڻ، ”ٻندڻ پوڻ“ (492) ۾.
1111. تنجڻ ۾ هجڻ، ”ٻنڌڻ ۾ هجڻ“ (493) ۾.
1112. ٻڌي سڌي، ”ٻنڌي سنڌي“ (493) ۾.
1113. ڄاڻڻ ٻجهڻ، ”ٻنڌڻ سنڌڻ“ (493) ۾.
1114. سڻڻ سمجهڻ، ”ٻنڌڻ سنڌڻ“ (493) ۾.
1115. ٻوچ ڏيڻ، ”ٻنٻڻ“ (493) ۾.
1116. ڳنڍو ڏيڻ، ”ٻنٻو ڏيڻ“ (493) ۾.
1117. ڳنڍو پيچڻ، ”ٻنٻو لوڙهڻ“ (494) ۾.
1118. وڃهه ملڻ، ”ٻنگ لهڻ“ (494) ۾.
1119. وڃهه ونڻ، ”ٻنگ لهڻ“ (494) ۾.
1120. ٻڪ هٽڻ، ”ٻنگ هٽڻ“ (494) ۾.
1121. واهه واهه ڪري ڇڏڻ، ”ٻنو جهلي ڇڏڻ“ (495) ۾.
1122. نقصان ڏيڻ، ”ٻني پوڙڻ“ (495) ۾.
1123. لُبجي (لبجڻ؟)، ”ٻُٽنگ“ (496) ۾.
1124. دانهوڙ پوڻ، ”ٻُوبٽ ٻڙڻ“ (496) ۾.
1125. وڍيون اچڻ، ”ٻوبا ڏيڻ“ (496) ۾.
1126. منهن ڦيرائڻ، ”ٻوٿ ٻيٺو ڪرڻ“ (497) ۾ (”منهن ڦيرڻ“ موجود.)
1127. مهاندو هٽڻ، ”ٻوٿي هٽڻ“ (497) ۾.
1128. تڪر تڪر ٿيڻ، ”ٻوتارجڻ“ (497) ۾.
1129. ڪتالڙي، ”ٻوتيري“ (498) ۾.
1130. نائڻ، ”ٻورائڻ“ (499) ۾.
1131. ٻُڏائڻ، ”ٻوڙڻ“ (500) ۾.
1132. ٽبي ڏيارڻ، ”ٻوڙهو ڏيڻ“ (500) ۾.
1133. منوٻڌڻ، ”ٻوڙي“ (501) ۾.

1134. هڪلينڊز "ٻوڙي" (501) ۾.
1135. گائينڊز "ٻول" (502) ۾.
1136. پلهاٽا ڏيڻ، "ٻولاٽا ڏيڻ" (502) ۾.
1137. ٻولينڊز "ٻولٽو" (503) ۾.
1138. راڳينڊز "ٻولٽو" (503) ۾.
1139. ڦريو گهمائڻ، "ٻهارڻ" (505) ۾.
1140. ڀهريرو "ٻهرائون" (506) ۾.
1141. بدفضليتو ٿيڻ، "ٻُهر ٿيڻ" (506) ۾.
1142. وجهنڊز (سانگ وجهنڊز)، "ٻهروبي" (506) ۾.
1143. موراهه، "ٻُهڙ" (506) ۾.
1144. ٻلڪار ڪرڻ، "ٻُهڪار ڪرڻ" (507) ۾.
1145. الڪو ٿيڻ، "ٻهو تارا لڳڻ" (507) ۾.
1146. آتر ويلا ٿيڻ، "ٻهو تارا لڳڻ" (507) ۾.
1147. بچاپڙائي ڪرڻ، "ٻئي ڪلها وهڻ" (508) ۾.
1148. ڪڙڪ پوڻ، "ٻيٽ پوڻ" (509) ۾.
1149. زور لائڻ، "ٻيٽون ڏيڻ" (509) ۾.
1150. اڻ فيصل، "ٻيڏو" (510) ۾.
1151. سٽائي ڪرڻ، "ٻيڙو تارڻ" (512) ۾.
1152. جهڳو جهڻ ٿيڻ، "ٻيڙي ٻڏڻ" (521) ۾.
1153. ياري لائڻ، "ٻيلهه ٻڌڻ" (515) ۾.
1154. ٻيگهڙو ڪرڻ، "ٻيلهڙو ناهڻ" (515) ۾.
1155. ٻيٽو ڪرڻ، "ٻيٽائڻ" (516) ۾.

•••

# الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ▼

## (ڪجھ اعتراض ۽ ڪجھ انومان)

حليم بروهي صاحب جن 16 آڪٽوبر 1994ع جي حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ هڪ سنڌي اخبار ۾ "**الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ**" جي عنوان سان "مضمون بازي" ڪئي آهي. هتي مون "مضمون بازي" اصطلاح لکڻ نہ پئي گھريو پر مجبوري آهي، ڇو تہ ان لکڻيءَ کي مضمون ڪنهن بہ اصولي حوالي سان سڏي نہ ٿو سگھجي ۽ جيئن تہ ان کان هڪ ڏينهن پوءِ ساڳي اخبار ۾ پاڻ بذات خود شعربازي ڪري چڪا آهن، ان ڪري "مضمون بازي" کان وڌيڪ پيو ڪو مناسب لفظ بہ نہ ٿو سُجھي.

انهيءَ "مضمون بازيءَ" ۾ چار "نُڪتي بازيون" آهن:

1. اڄوڪي سائنسي دور ۾ فقط اهي رسم الخط اڳتي وڌي رهيا آهن جيڪي کاٻي کان ساڄي طرف لکبا آهن. ڪمپيوٽر بہ کاٻي کان ساڄي ڪم ڪندو آهي.
2. اسان جي رسم الخط ۾ جيئن تہ زبر، زير ۽ پيش واريون نشانيون ۽ اکرن جا نقطا بلڪل الڳ صورت ۾ ڏنا ويندا آهن، ان ڪري اهو سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي معاملن ۾ بلڪل مُدي خارج طريقو آهي. ان ڪري ئي سنڌي ٽائيپ رائيٽر بيڪار ثابت ٿيو آهي.
3. انهيءَ رسم الخط جي ڪري ڪمپيوٽر نہ تہ اکرن جون چڪون درست ڪري سگھي ٿو ۽ نہ ئي وري ڊڪشنري يا ٿيسارس جي معاملن ۾ مدد ڪري سگھي ٿو. "موجوده رسم الخط اوهان کي افسانانگار، ڪهاڻيڪار، شاعر، اديب ۽ دانشور ته اهي اوهان کي جديد ترقي يافتہ دور ۾ بيڪار ۽ ناڪاره فرد ناهي سگھي ٿو."
4. "پر جيڪڏهن اوهان ۾ اڃا بہ ڪجھ هوش آهي ۽ اوهان جي ذهنن تان اوهان جي ننگ، ڪائُو ۽ ناٽڪي دانشورن جو چنبو هلڪو ٿيو آهي تہ هڪدم انهيءَ فرسوده رسم الخط تان هٿ ڪڻي رومن (انگريزي) اکر ڪتب آڻي سنڌي ٻوليءَ کي

▼ ماهوار 'پرک' جي ٻن شمارن [جلد: 3، شمارو: 2 ۽ 3] ۾ ٻن قسطن ۾ ڇپيل.

**نوٽ:** هيءَ مقالو محترم حليم بروهيءَ جي "مضمون" "الفابيٽ/رسم الخط/اسڪرپٽ" (ڇپيل روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 16-آڪٽوبر 1994ع) جي جواب ۾ لکيل آهي. (رياضت)

انگريزي جيان ڪاٻي کان ساڄي لکڻ سکوءِ ڪمپيوٽر جون سڀئي جديد سهولتون استعمال ڪريو.“

منهنجي اندر ۾ حليم بروهي صاحب جن لاءِ ڪجهه علمي سببن جي ڪري احترام جو جذبو موجود آهي. انهن سببن مان هڪ اهو به آهي جيڪو مٿي ڏنل چئن نُقطن ۾ جت ڪٿ نظر اچي ٿو يعني سنڌي ٻوليءَ، علم، ادب ۽ ماڻهوءَ کي جديد ڪمپيوٽرائيزڊ دنيا سان هم آهنگ ڪرڻ جي پُرخلوص ۽ زوردار نيت. جيڪا بدقسمتيءَ سان ۽ حليم صاحب جن جي مخصوص تحريري اسٽائيل سبب تهمت، چٿر ۽ ڪِيني جي زهريلي ڳليءَ ۾ ويڙهيل آهي. مون کي پڪ آهي ته اها ساڳي نيت، بنا ڪنهن تهمت، چٿر ۽ ڪيني جي، خلوص ۽ وڌيڪ بهتر دليلن سان به پيش ڪري سگهجي پئي، پر جيئن ته حليم صاحب جن جي الزام موجب موجوده رسم الخط اسان کي افسانانگار، شاعر وغيره ڏاهي جديد دور ۾ بيڪار ۽ ناڪاره فرد ڏاهي سگهي ٿو ان ڪري وٽن پاڻ کي بيڪار ۽ ناڪاره ثابت ڪرڻ جو ان کان وڌيڪ بهتر طريقو ٿي ئي نه پئي سگهيو. چو ته پاڻ اُهو ئي ڪجهه آهن جنهن کي پاڻ ئي بيڪار سڏيو اٿائون.

حليم صاحب جن تهمت هنئي آهي ته جيڪو به ماڻهو مروج سنڌي رسم الخط تان هٿ ڪڻي مروج رومن يا انگريزي رسم الخط اختيار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ان تي نَڳ، ڪائُو ۽ ناٽڪي دانشورن جو ڇنبو مضبوطيءَ سان ڪُتل آهي. مون کي خبر ناهي ته سنڌن نظر ۾ نڳ، ڪائو ۽ ناٽڪي دانشور ڪهڙا آهن. جيڪڏهن وٽن اخلاقي جرئت هجي ها ته انهن جا نالا کڻي ۽ سنڌن ڪيل ڪم کي آڏو رکي، دليل سان نڳ، ڪائو ۽ ناٽڪي ثابت ڪري ها. البته ايترو سو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته پاڻ پنهنجي سڄي ڄمار انهن ئي دانشورن جي اثر هيٺ رهي انهيءَ ئي رسم الخط ۾ پنهنجي سموري ”تخليق“ لکندا رهيا آهن. ڪنهن جي دليل کي تهمت وسيلي رد ڪرڻ جو عمل هڪ اهڙي ذهنيت جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪا عزت لائق لفظ سان ياد نه ٿي ڪري سگهجي.

حليم بروهي صاحب جن ٻي وڏي تهمت اها آندي آهي ته ”موجوده رسم الخط اوهان کي افسانانگار... ڏاهي اوهان کي جديد ترقي يافته دور ۾ بيڪار ۽ ناڪاره فرد ڏاهي سگهي ٿو.“ هتي اها ڳالهه واضح ٿيڻ گهرجي ته ڇا اهو ڪنهن مخصوص رسم الخط جو ڏوهه آهي ته اهو اختيار ڪرڻ جي ڪري سماج جا ناڪاره فرد پيدا ٿيندا رهن؟ ڇا دنيا جي جن ملڪن ۾ رومن/انگريزي/ڪاٻي کان ساڄي لکجندڙ رسم الخط مروج آهي، اتي افسانانگار، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، شاعر، اديب، دانشور وغيره

(جن کي حليم بروهي بيڪار ۽ ناڪاره سڏي ٿو) پيدا نہ ٿيا هئا، نہ ٿيا آهن ۽ نہ ٿي وري ٿيندا؟ اجا بہ اهو سوال هن طرح پڇڻ گهرجي، تہ جن معاشرن ۾ ڪاٻي ڪان ساڄي لکجندڙ رسم الخط مروج آهي، اتي اهي حليم بروهي جي نظر ۾ بيڪار ۽ ناڪاره فرد وڏيڪ تعداد ۾ پيدا ٿيا آهن يا انهن معاشرن ۾ جتي ساڄي کان کاٻي لکجندڙ رسم الخط مروج آهي؟

ڏاڙهونءَ ۾ جيڪڏهن ڪي داڻا خراب، مئل ۽ ناڪاره آهن تہ سڄو ڏاڙهون ڦٽي ڪرڻ يا ان کي خراب چوڻ پيٽ پرائي جو اهڃاڻ آهي يا وري بيوقوفيءَ جو؟ اسان ۾ هڪ غلط رويو موجود آهي، تہ ڪاري ۾ جيڪڏهن هڪ ميڇي بہ خراب آهي تہ سڄو ڪارو خراب سمجهيو ويندو. سنڌين ۾ جيڪڏهن ڪي فرد ڏاڙيل آهن تہ انهيءَ جو مطلب سڄيءَ قوم جو ڏاڙيل هجڻ ناهي. انسان ذات ۾ جيڪڏهن ڪي ماڻهو دهشتگرد ۽ قاتل آهن تہ انهن جي ڪري سڄيءَ انسان ذات کي دهشتگرد ۽ قاتل چوڻ هڪ چِٽائي حرڪت ٿيندي. جيڪڏهن ڪي افسانانگار، ڪهاڻيڪار، شاعر وغيره ننگ، ڪاڻُو ناٽڪي، بيڪار ۽ ناڪاره فرد آهن بہ ڪٿي، تہ انهن جي ڪري هر ليکڪ کي بيڪار سڏڻ ذهني گندگيءَ جو اهڃاڻ آهي.

ڇا اهو رسم الخط جو ڪارنامو آهي تہ ڪٿي سائنسدان، عالم، اڪابر ۽ محقق پيدا ڪري، تہ ڪٿي جاهل، نِڪما ۽ واتوڙي؟ مغربي دنيا ۾ جيڪڏهن هر چڱائيءَ پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ اتان جو رسم الخط آهي، تہ اتي هر برائي پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ ڪير آهي؟ انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هاڻوڪيون انسان ذات کي سُک پهچائيندڙ ايجادون اڄوڪي مغرب ۾ پيدا ٿيون آهن پر انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ نہ هئڻ گهرجي تہ هاڻوڪيون انسان ذات کي ڏک پهچائيندڙ ئي نہ پر تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندڙ ايجادون پڻ اڄوڪي مغرب ۾ ئي پيدا ٿيون آهن. ان ڪري انساني ۽ سماجي سڻائي يا برائي جو پَٽڪو ڪنهن مخصوص رسم الخط جي مٿي تي نہ ٿو ٻڌي سگهجي.

حليم بروهي صاحب جن جو ڪو بہ ڪتاب هڪ هزار کان وڏيڪ ڇُپ ۾ نہ ٿو ڇپجي سو ڇو؟ سنڌي ٽائيپ رائيٽر جو وڏي پئماني تي وڪرو نہ ٿو ٿئي، انهيءَ سوال جو جواب پهرئين سوال جي جواب ۾ لڪل آهي. سنڌي ٽائيپ رائيٽر ۾ نقص آهن، پروف ريڊنگ ڪندڙ سنڌي ڪمپيوٽر ڪونهي وغيره جهڙن اعتراضن جو جواب علمي، هنري ۽ تحقيقي دنيا ۾ سنڌين جو پوئتي هجڻ آهي ۽ انهيءَ جو وڏو ڪارڻ، معاف ڪجو حليم بروهي صاحب جهڙا فرد آهن جيڪي اهڙين شين جي اهميت

سمجهڻ جي باوجود اهو ڪم نہ ٿا ڪن پر پنهنجي سڄي ڄمار افسانانگاري، شاعري بازي وغيره جهڙن ”بيڪار“ ۽ ”ناڪاره“ ڪمن ۾ ضايع ڪريو ڇڏن.

هندي ٻولي ڪاٻي کان ساڄي لکي وڃي ٿي پر يُو اين او ۾ هلنڊڙ ڪاروائي جو ڪمپيوٽر ترجمو ان ۾ نہ ٿو ٿئي، جڏهن تہ عربي ٻولي ساڄي کان کاٻي لکي وڃي ٿي پر ان جو ڪمپيوٽر ترجمو بہ ٿئي ٿو. ان ڪري اهو اعتراض تہ سنڌي ٻولي جيستائين کاٻي کان ساڄي يعني رومن اسڪرپٽ ۾ تبديل نہ ڪئي ويندي تيستائين ڪمپيوٽر جون سهولتون حاصل نہ ٿي ڪري سگهي، هڪ بي بنياد فتويٰ آهي هڪ ”ناڪاره“ ۽ ”بيڪار“ فرد جي.

ٻوليءَ جي رچيل هجڻ جو سڌو تعلق قوم ۽ سماج جي خوشحاليءَ ۽ گهڻ- طرفائيءَ سان آهي. هن مهل جيڪي ٻوليون گهڻي ڀاڱي وسيع علمي ذخيرو رکن ٿيون اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح هڪ اهڙي سماج سان لاڳاپيل آهن جيڪو تاريخ ۾ حاڪم، خودمختيار ۽ ڪاهيندڙ رهيو آهي، جنهن جي لساني گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ مختلف ٻولين مان هزارين لفظ اڌارا ورتا ويا، انهن کي پيچ گهڙ ۽ ناهہ ٺوهہ هيٺ آڻي پنهنجو ڪيو ويو.

سنڌ بہ جيڪڏهن هڪ آزاد ۽ خود مختيار ڏيهہ هجي، سنڌي قوم پنهنجن سمورن وسيلن جي مڪمل طرح مالڪ هجي ۽ پنهنجيءَ ٻوليءَ کي دنيا جي سمورين ٻولين مان هزارين لفظ وٺي گهڙي ناهي سنڌي مزاج موجب بنائي، تہ ڪو سبب ناهي جو سنڌي ٻولي ڪمپيوٽر جي دنيا مان مڪمل سواد نہ وٺي سگهي. انگريزيءَ، فرينچ، جرمن، روسي ۽ چيني ٻولين ۾ ڳالهايل هر لفظ جيڪڏهن في البديهہ عربيءَ ۾ ترجمو ٿي سگهي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ ڇو نہ ٿو ٿي سگهي؟ عربن وٽ مال آهي، پنهنجي ملڪ تي مالڪي آهي ۽ هنن تحقيق تي وڏي سيڙپ ڪئي آهي. اسين بہ جيڪڏهن ايئن هجون ۽ ڪري سگهون تہ سنڌي ٻولي نہ رڳو ڪمپيوٽرائيزڊ ٿي سگهي ٿي پر پيو بہ گهڻو ڪجهہ نهي سگهي ٿو. ساڄي کان کاٻي لکجندڙ سموريون ٻوليون مدي خارج ناهن. عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ تہ سمورو سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي علم هوري هوري پوريءَ طرح شامل ٿيندو پيو وڃي. هن وقت اهو لازمي قرار ڏنل آهي تہ جيڪو بہ نگ عرب دنيا منجهہ ورو ٿيڻو آهي، ان بابت سمورو مواد عربيءَ ۾ ڇاپيو وڃي. جيڪڏهن سنڌي ماڻهو بہ عربن جيان پنهنجي ڏيهہ، ٻوليءَ ۽ ثقافت جا واڳ ڌڻي هجن تہ سنڌ ۾ وڪرو ٿيندڙ هر نگ لاءِ اهو شرط رکي سگهن ٿا، ۽ پوءِ دنيا جي ڪهڙي سرمائيدار

ڪمپني هوندي، اليڪٽرانڪ ڪان وينڊي ميڊيڪل تائين، جيڪا پنهنجو مواد سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري نه ڏيندي؟ سائين منهنجا! اوهان جيڪي به تهمتون آنديون آهن انهن توڙي اسان سيني جي علمي پستيءَ جو هڪ وڏو سبب اسان جو غلام هجڻ آهي، نه ڪي رسم الخط.

—*—

حليم بروهي صاحب جن جي مضمون بازيءَ ۾ ٻئي نمبر نُڪتي جو سڌو واسطو ٻوليچارڻ (لسانيات، Linguistics) سان آهي. ان ۾ چيو ويو آهي ته اسان جي رسم الخط ۾ زبر، زير ۽ پيش واريون نشانيون ۽ اکرن جا نقطا الڳ ۽ هيٺان يا مٿان آهن. "انهن نشانين يا نُقطن جي ڪري عربي، فارسي ۽ موجوده رسم الخط گڏريل ورهن جي ڪيئي ڏهاڪن کان سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي جي معاملن ۾ به ۽ ڇپائي جي معاملن ۾ به مدي خارج ٿيل آهن."

مون کي حيرت آهي ته حليم بروهيءَ پنهنجي سڄي ڄمار هڪ مدي خارج ٻوليءَ ۾ لکندي ڇو وڃائي!

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته اڄوڪي مروج انگريزي ٻوليءَ ۾ انتهائي شاندار، قابل فخر ۽ لائق علمي، سائنسي، ٽيڪنيڪي، هنري ۽ فني ذخيرو موجود آهي، اها دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي پر ڇا ڪو به سالم عقل وارو ماڻهو ائين چئي سگهندو ته ان سموريءَ علمي برتريءَ جو اڪيلو سبب انگريزي ٻوليءَ جو ڪاپي کان ساڄي يعني رومن لکيت آهي؟

12ـ صدي عيسوي تائين انگريزي ٻولي نِڪر ۽ ٻَڪر قسم جي وحشي ۽ ڏاڙيل ڄٽن جي ٻولي سمجهي ويندي هئي، توڙي جو اها کاٻي کان ساڄي يعني رومن الفابيٽ ۾ لکي ويندي هئي. خود انگريز ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ پسند نه ڪندا هئا، ڳالهائڻ پسند نه ڪندا هئا، ڇو ته انگريزي غلامن ۽ نالائق ماڻهن جي ٻولي هئي. شابس ملڻ گهرجي جوناٿن سوِفٽ ۽ چاسر جهڙن ماڻهن کي جن پنهنجون تحريرون، وڏي جرئت ڏاري، انگريزيءَ ۾ لکيون ۽ ميدان تي آنديون. جيئن اسان وٽ ڪنهن زماني ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ فخر جوڳو ڪم هو تيئن برطانيه ۾ فخر جوڳو ڪم فرينچ ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ هو جڏهن ته سمورو مذهبي ڪم لاطيني ۾ ٿيندو هو.

چوڏهين کان سورهين صدي عيسوي تائين دولت، سونَ، هيرن جواهرن جي ڳولا لاءِ ۽ سورهين صديءَ کان پوءِ مال وڪڻڻ ۽ مَڏيون هٿ ڪرڻ جي ڳولا لاءِ يورپ جي

ٻين ڪيترين ئي قومن جيان انگريز به سنڌرو ٻڌي نڪري پيو. ڪو آسٽريليا وڃي نڪتو ته ڪنهن اميريڪي کنڊن جي ووڙ ڪئي. واپار ڪيائون، وڙهيا جهيڙيا ۽ حاڪم ٿيا. اسپيني، فرينچ ۽ انگريزي جهڙوڪر سڄيءَ ڌرتيءَ جون حاڪم ٻوليون بڻجي ويون ۽ حاڪمن جي ٻولين ۾ ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ سمورن غلامانه ذهنيت جي محڪوم ماڻهن جو شيوو رهيو آهي. دنيا جي ماڻهن، ماڳن، قومن، تهذيبن، وڻن، واهن، جانورن، جبلن، علائقن، مندن، خشڪ توڙي پاڻيائي راهن، وڙن وڪرن، مطلب ته هر قسم جي مامرن بابت سفرناما، يادگيريون، تحقيقون ۽ تدبيرون لکجڻ ۽ ڳالهائجڻ لڳيون ۽ ڪجهه ٻين خاص ڪري يورپي ٻولين سان گڏ انگريزيءَ جو علمي ذخيرو به وڌڻ، چال ڏيڻ لڳو.

ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري جا ڪيترائي سبب ٿين ٿا. انهن مان پهريون ۽ وڏو سبب هي آهي ته ڌرتيءَ جي لائق پٽن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪيترن املهه علمي ڪتابن، مقالن، مضمونن ۽ خيالن جو واڌارو ڪيو آهي ۽ ڪيترن ۽ ڪهڙن ڪهڙن علمي شعبن ۾ تحقيق ۽ تدريس جون روشنيون پکيڙيون آهن. خاص ڪري چوڏهين صديءَ کان پوءِ انگريزي ٻوليءَ جيڪو چال ڏئي ترقيءَ جا ڏاڪا طي ڪيا آهن انهن جو بنيادي سبب سنڌن حاڪميت، پنهنجي ڏيهه تي مالڪي، دنيا جي ناياب ڪتابن جو ترجمو دنيا جي ڪيترن ئي ڏيهن تي سنڌن اقتدار ۽ سائنس توڙي فن ۽ هنر جي هر شعبي ۾ تحقيق ۽ تدريس آهي. اهو چوڻ ته انگريزي ٻوليءَ جي شاندار ترقيءَ جو راز مخصوص رومن لکيت آهي، هڪ بي عقليءَ واري ڳالهه آهي.

ڇا حليم بروهي صاحب پاران ماڻهو انهيءَ لائق آهن جو پنهنجي سيني تي فخر سان هٿ ڪٽي ڪا هِن قسم جي دعويٰ ڪري سگهن ٿا ته پاڻ (1) فلاڻو ڪِي فلاڻو ناياب، علمي، فني، هنري، ٽيڪنيڪي، سائنسي يا ڪو به ٻيو شاندار ڪتاب پنهنجي ٻوليءَ جي ذخيري ۾ وڌائي چڪا آهن، يا (2) فلاڻي يا فلاڻي ڪا هنري، فني يا علمي تحقيق ڪري قلمبند ڪئي اٿن، يا (3) پنهنجيءَ قوم جي چوٽڪاري، آزاديءَ ۽ پنهنجي ڏيهه تي پنهنجي قوم جي مالڪي موٽائڻ لاءِ فلاڻي يا فلاڻي علمي جدوجهد ڪئي اٿن؟ اهي ڪم ته خير ڌرتيءَ جا ڪي سمڻا پٽ، جتيهه لکڻا پٽ ئي ڪري سگهندا، حليم بروهي صاحب جن ڇا رڳو اهڙن هزار يا سو به نه، ڏهن ٻارهن سائنسي، فني يا هنري اصطلاحن ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ پسند ڪندا جيڪي پاڻ پنهنجي سر نور نچوئي سنڌي ٻوليءَ جي علمي ذخيري ۾ وڌايا آهن؟ جنهن ماڻهوءَ پنهنجي سڄي

شعوري زندگيءَ ۾ اڪابر ۽ واقف هجڻ باوجود پنهنجي ٻوليءَ کي نہ تہ ڪو علمي، فني يا هنري ڪتاب، مقالو مضمون وغيره ڏنو آهي، تحقيق نہ ڏني آهي، قومي چوٽڪاري جي وات ۾ وقت نہ ڏنو آهي ۽ نہ ئي وري چند علمي اصطلاحن جو واڌارو ڪيو آهي، اهو ڪهڙي بنياد تي سينو ٺوڪي انهن ماڻهن تي ٺڳ، ڪائُو ۽ ناڪي هجڻ جي فتويٰ جاري ڪري جن سندس پيٽ ۾ گهٽو ڪجهہ ڪيو آهي يا ساچي ڪان ڪاپي لکجندڙ سمورين ٻولين لاءِ مدي خارج هجڻ جو ٺپو هڻي؟

اٽجاڻ ۽ ڇت ماڻهوءَ تي (شايد) ڪا مَيار ناهي جيڪڏهن هو ناڪاره ۽ بيڪار ڪمن ۾ پنهنجي سڄي زندگي وڃائي ڇڏي، پر جيڪو ماڻهو علم، ادب، فن، هنر، سائنس، ٽيڪنالاجيءَ وغيره جو ادراڪ ۽ عرفان رکندو هجي ۽ پنهنجيءَ زبان سان اهڙي هام بہ هڻي ۽ اهو بہ جيڪڏهن پنهنجي اڪيلي ۽ ناياب زندگي بيڪار ۽ ناڪاره ڪمن ۾ وڃائي، تہ اهو نہ رڳو مياري پر ڏوهاري بہ آهي. حليم بروهي صاحب جن تہ الائي ڪيترن ئي ماڻهن جا الائي ڪيترا لک ڪلاڪ پنهنجون ناڪاره ۽ بيڪار تحريرون پڙهائي برباد ڪيا آهن؟!

حليم بروهي صاحب جن تهمت آندي آهي تہ سنڌيءَ سان گڏ عربي ۽ فارسي ۽ هر اها ٻولي جيڪا ساچي ڪان ڪاپي لکي وڃي ٿي، سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ ڇپائيءَ جي معاملن ۾ مدي خارج آهي.

پنهنجو تيسو پورو ڪرڻ، ٻين سان وير پاڙڻ، پرايون عورتون تاڙي عيب جوئي ڪرڻ ۽ ناڪاره ۽ بيڪار ڪمن ۾ پنهنجي حياتي گاري ڇڏڻ بدران جيڪڏهن ٻوليءَ جي رڳو ان هڪ پهلو تي ئي تحقيق ڪئي وڃي ها، تہ شايد وڏيڪ عزت لائق ماڳ ماڻي سگهجي ها!

حليم بروهي صاحب جن ”مضمون بازي“ ۽ ”شعر بازي“ ۾ پنهنجو ۽ ٻين جو وقت وڃائڻ بدران جيڪڏهن اڄ بہ ڪو علمي ڪم هٿ ۾ کڻن، تہ شايد سنڌي ٻوليءَ کي ڪي لاجواب ڪتاب تحفي ۾ ڏئي سگهن. پر هتي سوال آهي تہ ساچي ڪان ڪاپي ويندڙ ٻوليون ڇپائيءَ جي معاملن ۾ مدي خارج ڪيئن آهن؟

سنڌي، اردو، فارسي، عربي وغيره ٻولين ۾ ڪمپيوٽر تي سوين ڏهاڙي اخبارون، هزارين ماهوار رسالا ۽ ساليانو لکين ڪتاب ڇپجي رهيا آهن ۽ ڏينهون ڏينهن سندن سونهن سرس ٿيندي پئي وڃي. منجهن الائي ڪيترو سائنسي، فني، هنري، ٽيڪنيڪي ۽ ٻيو علمي مواد وڌندو ئي رهي ٿو اهي ٻوليون ڇپائي جي معاملي ۾ مدي

خارج وري ڪيئن چئبيون؟ ڇا انگريزيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن، رسالن، اخبارن وغيره کي ڪي عجيب قسم جا خوشبودار گل پاتل هوندا آهن، جيڪي هنن ٻولين وٽ ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ ميسر ناهن؟

حليم بروهي صاحب جن جي ٻي تهمت آهي ته ساڄي کان کاٻي لکجندڙ ٻولين ۾ الڳ نقطا ۽ هيٺان مٿان زير، زبر، پيش وغيره جون نشانيون ڏنل هونديون آهن جنهنڪري اهي مدي خارج ٿي پيون آهن. اهو هڪڙو عجيب قسم جو بي بنياد منطق آهي. سنسڪرت ۽ لاطيني ٻوليون (اجوڪي حوالي سان) مدي خارج ٿي نه ”مُئل ٻوليون“ (Dead Languages) بہ آهن. اها ڳالهه علمي دنيا ۾ مڃيل آهي. ٻئي کاٻي کان ساڄي لکيون وينديون هيون ۽ لاطيني ته آهي ئي رومن رسم الخط جي ماءُ! يوناني ٻولي کاٻي کان ساڄي لکجڻ ۽ ”سمورن علمن جي ماءُ“ هجڻ باوجود اڄ جهڙوڪر مدي خارج ٻولي آهي، جڏهن ته عربي ٻوليءَ کي فنا ٿي وڃڻ کان بچائڻ ۽ سولو ڪرڻ لاءِ ئي نقطن ۽ زيرن، زبرن، پيش وغيره جو رواج وڌو ويو. هندي ٻولي کاٻي کان ساڄي لکي وڃي ٿي پر رومن رسم الخط ۾ ناهي ۽ عربي ۽ فارسي ٻولين نه رڳو ساڄي کان کاٻي لکيون وڃن ٿيون پر اکرن جا الڳ نقطا ۽ زيرون، زبرون ۽ پيش بہ رکن ٿيون ۽ هن وقت اسان جي ڌرتيءَ تي شايد اهي ٽيئي ٻوليون سڀ کان وڌيڪ قديم زماني کان لکبيون ايندڙ ٻوليون آهن. چوٿين ٻولي چيني آهي جيڪا پڻ رومن رسم الخط ۾ نه ٿي لکي وڃي. سنڌي ٻولي باقاعدي تحريري صورت ۾ جهڙوڪر ڪالهه آئي آهي ۽ زبردست رنڊڪن باوجود لاڳيتي ترقي ڪندي رهي ٿي، تنهنڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته زيرون، زبرون ۽ پيش ۽ اکرن جا الڳ نقطا ۽ کاٻي کان ساڄي يا ساڄي کان کاٻي لکجڻ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ترقيءَ يا تباهيءَ لاءِ ذميوار يا ان جي مدي خارج هجڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جو دليل ناهن. ياڻئجي ٿو ته حليم بروهي صاحب جن انگريزيءَ جي اجوڪي چمڪ تي ڀنيلجي ۽ موهت ٿي پيا آهن.

کاٻي کان ساڄي ۽ ساڄي کان کاٻي يا رومن ۽ غير رومن الفابيٽ ۾ لکجڻ واري چڪربازيءَ کان الڳ رهي، اچو ته هاڻي ”ٻوليڇاڻ“ (Linguistics، لسانيات) جي ڪجهه اصولن جي روشنيءَ ۾ انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تحريري ڳٽن تي هڪ نظر وجهون.

**ڪي ياد رکڻ جهڙيون ڳالهيون:**

1- ٻولي ڳالهائڻ جي ڄمار لکين ورهه آهي ۽ ٻولي لکڻ جي ڄمار رڳو ڪجهه هزار سال.

2- دنيا جي ڪا به ٻولي ناهي جيڪا ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾ سَو سيڪڙو هم آهنگ هجي. لکيت ۾ ڪي نه ڪي خاميون ۽ ڪوتون موجود رهن ٿيون. ان هوندي به ڌرتيءَ تي شايد اڪيلي عربي ٻولي ئي آهي جيڪا نسبتاً وڌيڪ جامع تحريري انداز رکي ٿي.

3- ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ڦِري“. هر ٻولي پنهنجي علائقي ۾ ڪجهه وقتيءَ کان پوءِ ٿوروڪي گهڻو لهجو/محاوورو رکي ٿي ۽ هر ڏهن پندرهن ورهين کان پوءِ ڪجهه نه ڪجهه بدلجي ٿي، جڏهن ته لکيت عام طرح سڄي علائقي لاءِ ساڳي رهي ٿي ۽ ان جي بدلجڻ جي رفتار ڏاڍي ڍري هوندي آهي.

4- دنيا جي ڪا به ٻولي اهڙي ناهي جيڪا پنهنجيءَ نج ڪلاسيڪل شڪل ۾ مروج ۽ موجود هجي.

5- دنيا ۾ ڪا به اهڙي ٻولي موجود  جيڪا ٻين ٻولين جي سمورن آوازن کي صحيح نموني ادا ڪري سگهي.

6- لکيت ۾ ايندڙ هر ٻولي پنهنجن آوازن کي ڪن مخصوص تحريري نشانن وسيلي ظاهر ڪرڻ جي محتاج آهي. انهن تحريري نشانن کي اکر سڏجي ٿو. دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ هر ممڪن آواز لاءِ هڪ ڌار ۽ مخصوص اکر موجود ناهي.

سنڌي ٻولي پنهنجا مخصوص آواز ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪي مخصوص اکر ڪم آڻي ٿي ۽ انگريزي به اکرن وسيلي ئي لکجي ظاهر ٿئي ٿي. سنڌي اکر کاٻي کان ساڄي لکيا وڃن ٿا ۽ انگريزي اکر کاٻي کان ساڄي. سنڌي ٻولي ڪن آوازن جي لاهه چاڙهه کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪجهه اکرن ۾ زيرن، زبرن، پيش وغيره جي نشانن کان مدد وٺي ٿي، پر انگريزي ٻولي اهم ڪم رڳو پنهنجي اکرن کان وٺي ٿي. سنڌي ٻولي جيڪا هڪ آواز جي نمائندگي ڪندڙ اکر تي هينان يا مٿان ڪي نقطا وڌائي ٻئي آواز جو نمائندو اکر مقرر ڪري ٿي، جيئن ’س‘ اکر تي ٽي نقطا وڌائي ’ش‘ ڪري ٿي، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ اهو ڪم به اکرن کان ئي ورتو وڃي ٿو جيئن ايس (S) اکر سان ايچ (H) ملائي ’س‘ جي آواز مان ’ش‘ جو آواز بنائي ٿي. مقرر تحريري نشانن ۽ آوازي نشانين جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جا آواز وڌيڪ پائدار صورت وٺي بيهن ٿا جڏهن ته نقطن ۽ آوازي نشانين

ٻدران تحريري نشان ڳنڍڻ جي ڪري انگريزي ٻوليءَ جا آواز ڪنهن هڪ پائدار صورت کان محروم ٿيو پون ۽ منجهن ڪيترائي نقص رهجيو وڃن. مثال طور ’ش‘ کي زبر ڏئي /شَ/ ڪرڻ کان پوءِ اهو آواز ڪنهن به لفظ ۾ ڪٿي به (يعني لفظ جي اڳ ۾، وچ ۾ يا آخر ۾) اچڻ کان پوءِ هر حالت ۾ پنهنجي اها ئي صورت ۽ آواز برقرار رکندو ۽ /شَ/ ئي پڙهڻ ۾ ايندو جيئن شَڪتي، شَڪي، شَريف، روشَن، فرشَن، جوشَ، هوشَ لفظن ۾ /شَ/ جي صورت ۾ ڪو به ڦيرو يا تبديلي نه ٿي اچي.

انگريزي ۾ به /ش/ آواز موجود آهي پر اهو ڪنهن هڪ مقرر تحريري صورت وسيلي ظاهر نه ٿو ٿئي. مثال طور ’ش‘ اکر جو آواز ظاهر ڪرڻ لاءِ انگريزي مروج طريقن مان هڪ طريقو S (ايس) جي نشان کان پوءِ H (ايچ) ڳنڍڻ آهي يعني **ايس** تي نقطا ڏيڻ بدران اهو ڪم **ايچ** ڳنڍڻي ورتو وڃي ٿو. هاڻي جيڪڏهن /شَ/ آواز ظاهر ڪرڻو آهي، ته زبر ڏيڻ بدران انگريزي ۾ مروج طريقن مان هڪ طريقو اهو آهي ته A (اي) ڳنڍيو وڃي يعني /شَ/ جو متبادل ۽ برابر آواز آهي /SHA/، پر اکرن جي انهي ترتيب جو آواز هر حالت ۾ /شَ/ نه ٿيندو:

Shall (شل) لفظ ۾ /Sha/ جو آواز /شَ/ آهي.
Sham (شئم) لفظ ۾ /Sha/ جو آواز /شئه/ آهي.
Shame (شيم) لفظ ۾ /Sha/ جو آواز /شي/ آهي.
Share (شيئر) لفظ ۾ /Sha/ جو آواز /شيئه/ آهي.
Shaft (شافٽ) لفظ ۾ /Sha/ جو آواز /شا/ آهي.

ان جو صاف مطلب ٿيو ته A (اي) هر حالت ۾ ساڳيو مقرر آواز پيدا نه ٿو ڪري پر گهٽ ۾ گهٽ پنجن سُرن (vowels) پيدا ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو تنهنڪري ڪنهن مخصوص لفظ ۾ ان جو آواز ڪهڙو آهي اهو رٽڻو پوندو. زبر جهڙو آواز Shun (شَن) لفظ ۾ u (يُو) اکر پيدا ڪري ٿو پر اهو ’يُو‘ پڻ هر هنڌ رڳو زبر جو آواز نه ٿو ڏئي جيئن tube (ٽُوب/ٽيوب)، tumid (ٽيومڊ)، truth (ٽرٿ) وغيره لفظن ۾ آهي. ساڳيءَ طرح shirt (شَرٽ) لفظ ۾ i (آءِ) اکر زبر جو آواز پيدا ڪري ٿو پر ’آءِ‘ پڻ هر هنڌ رڳو زبر جهڙو آواز نه ٿو ڏئي جيئن shire (شائِر/شاير)، ship (شِپ)، shine (شائين) وغيره جهڙن لفظن ۾ آهي. اهڙي نموني shed (شيڊ) ۽ shell (شيل) ۽ sherd (شرڊ) لفظن ۾ e (اِي) اکر زبر جهڙو آواز پيدا ڪري ٿو پر ”اِي“ پڻ هر هنڌ زبر جهڙو آواز نه ٿو ظاهر ڪري، جيئن she (شِي)، recount (رِيڪائونٽ) جهڙن لفظن ۾ آهي. son

(سَن) ۽ ڊَن done جهڙن لفظن ۾ o (او) پڻ زبر جهڙو ڪم ڪري ٿو پر tone (ٽون) ۽ record (ريڪارڊ/ريڪورڊ) جهڙن لفظن ۾ نـه. ان ڪري بلڪل پڪ سان چئي سگهجي ٿو تـه آواز جي ساڳي حرڪت ظاهر ڪرڻ لاءِ انگريزي ۾ ڏاڍي وڏي ڪمزوري موجود آهي، ڪنهن بـه مددگار اکر جي مدد سان ڪنهن لفظ يا آواز تي جيڪا مخصوص حرڪت پيدا ڪئي وڃي ٿي، اهو ئي مددگار اکر ڪنهن ٻئي هنڌ وري ڪنهن ٻئي قسم جي حرڪت يا سُر پيدا ڪري ٿو. ان ڪري ڪنهن بـه لفظ ۾ ڪنهن بـه اهڙي مددگار اکر وسيلي جيڪا حرڪت يا جيڪو سُر پيدا ڪيو ويو آهي اهو هر لفظ جي لاءِ ڌار ڌار رکڻو پوي ٿو.

ٻئي پاسي رڳو `SH` واري ترتيب ناهي جيڪا ’ش‘ اکر ناهي ٿي. CH پڻ ڪٿي ’چ‘ جو آواز ڏئي ٿو (چارم، Charm) تـه ڪٿي ’ڪ‘ جو (ڪئريڪٽر، Character) ۽ ڪٿي وري ’ش‘ جو (شاونزم، Chauvinsim)، (شِوَلرِي، Chavalry)، (شِڪينري، Chicanery)، وغيره. جنهن لفظ کي اڪيلي صورت ۾ سائنس (Science) چارجي ٿو اهو ئي لفظ ’شَنس‘ ٿي وڃي ٿو. مثال ڪانشنس (Consience) پر ’سائنس‘ لفظ ۾ جيڪا تحريري صورت ’ساءِ‘ (Sci) آواز پيدا ڪري ۽ ٻئي هنڌ /شَ/ آواز پيدا ڪري ٿي، اها صورت ٽئين هنڌ /شِ/ آواز پيدا ڪري ٿي جيئن شِياٽيڪا (Sciatica) ۾ آهي. ڪٿي ڪٿي تـه اڪيلو S (ايس) اکر ٻئي اکر u سان ڳنڍجي ’ش‘ جو آواز پيدا ڪري ٿو: شوئر (Sure).

اهي تـه هئا اهڙا مثال جن ۾ /ش/ آواز لفظ جي اڳيان اچي ٿو پر اهو ساڳيو آواز /شَ/ جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي وچ ۾ اچي ٿو تـه ڏهن SH سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ 12 ـ صورتون ٻيون بـه رکيون پون ٿيون:

(1) ـ sio ـ مئنشَن (Mansion)
(2) ـ ssio ـ پئشن (Passion)، امپريشن (Impression)
(3) ـ scie ـ ڪانشنس (Conscience)
(4) ـ sia ـ يوريشن (Eurasian)
(5) ـ cia ـ گِريشن (Grecian)، اسپيشل (Special)
(6) ـ cie ـ اينشنٽ (Ancient)، سَفِيشنسي (Sufficiency)
(7) ـ cea ـ اوشن (Ocean)،

(8) ـ ciou ـ ايفِيڪيشَس (Efficacious)، گرِئشس (Gracious)
(9) ـ tiou ـ فَسِيشَس (Facitious)، فئڪٽيشَس (Factitious)
(10) ـ tio ـ اسٽيشن (Station)
(11) ـ tia ـ جينشن (Gentian)، اِسينشَل (Essential)
(12) ـ tie ـ پيشنٽ (Patient)

انهيءَ ۾ ڪوشش ناهي تہ ڪنهن اکر جا ڏار نقطا ۽ تحرڪي نشان ڏيڻ ۾ توري گهٽي ڏکيائي ٿئي ٿي. جيئن سنڌي جي ’س‘ مٿان ٽي نقطا ڏئي ’ش‘ ناهجي ٿو ۽ ان مٿان سنهي ليڪ ڏئي /شَ/ ڪجي ٿو پر سنڌي ٻولي کي ان ڏاڪي کان پوءِ اها برتري ملي پوي ٿي تہ جتي بہ /شَ/ اچارڻو آهي اتي اها هڪ ئي تحريري صورت برقرار رهندي. جڏهن تہ انگريزي ٻوليءَ کي اهو ساڳيو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 18 (ارڙهن) تحريري صورتون رکڻيون پون ٿيون ۽ سمجهان ٿو تہ اها ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تحريري نشانن جي هڪ ڏاڍي وڏي ڪمزوري/ڪچائي آهي. ڪنهن آواز جي تحريري نشان جي هڪ مقرر صورت ياد ڪرڻ ۽ لکڻ وڌيڪ سولو آهي يا ساڳي ئي آواز جون 18 تحريرون صورتون ياد ڪرڻ ۽ لکڻ؟ ٽي نقطا ڏيڻ ۾ وڌيڪ تڪليف آهي يا ٽي تحريري نشان جيڪي بہ مختلف لفظن ۾ مختلف هجن؟ ۽ هڪ زبر ڏيڻ وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي يا اهڙو تحريري نشان جنهن جو هڪ لفظ ۾ آواز هڪ آهي، تہ ٻئي لفظ ۾ ٻيو؟

هتي اهو بہ ياد رکيو وڃي تہ سنڌي ۾ لکجندڙ هر اکر هر لفظ تي تحرڪي نشانيون ڏيڻ هر حالت ۾ ضروري ناهي. اهي رڳو ابتدائي تعليم مهل سيکارجن ٿيون ۽ عام توڙي خاص تحرير ۾ تڏهن آڻجن ٿيون جڏهن لفظ نئون يا ڪجهہ منجهائيندڙ هجي. سنڌيءَ جون سموريون اخبارون ۽ سمورا رسالا ۽ ڪتاب انهيءَ ڳالھ جا شاهد آهن. جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ هر حالت ۾ هر لفظ کي زير، زبر، پيش وغيره جو ڪارج ادا ڪندڙ تحريري نشان وسيلي ئي لکڻو پوي ٿو ۽ انهن تحريري نشانن جي ترتيب بہ رٽڻي پوي ٿي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ 19 قسمن جا سُر (Vowel) آواز ۽ لڳ ڀڳ 30 قسمن جا وينجن (Consonant) آواز موجود آهن جن وسيلي ٿلهي ليکي هڪ سَو قسمن جا صَوتيا (Phonemes) نهن ٿا. سُر آواز ملائڻ کان پوءِ اهو صوتياتي ذخيرو 360 تائين

پهچي ويندو. انهن سيني صوتين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ وٽس رڳو 26 اکر آهن. ان ڪري سيني صوتين جو گلو گُهٽي ۽ اکرن جو ترتيبون بدلائي زوريءَ ڪين هڪ مخصوص آواز قرار ڏنو ويجي ٿو ان ڪري ئي ڪيترين هڪ جهڙين تحريري صورتون مختلف قسمن جا صوتيا اچارڻ لاءِ مجبور ڪيون ويون آهن. ['Th' جو آواز 'د' (دِس this) ٻه ته 'ٿ' (ٿِن. thin) ٻه.] انگريزي ٻوليءَ جي وارثن کي جيڪڏهن اها صلاح ڏجي ته اهي / شَ / لاءِ رڳو هڪ تحريري صورت/ترتيب مقرر ڪن ۽ مٿي ڏنل قسم جي لفظن جون اسپيلنگون (Spellings) هن طرح لکن: manshun, pashun, conshunce, urashun, greshun, anshunt, oshun, efficashun, facishus, genshun, pashunt وغيره ته ڇا اها وڏيڪ اصولي ۽ عملي ڳالهه نه ٿيندي؟ ساڳيءَ طرح ڪين اهو به چئي سگهجي ٿو ته 'C' (سِي) اکر جو آواز ڪٿي 'ڪ' (ڪيئر. Care)، ڪٿي 'ڪ' (ڪَف. Cough) ۽ ڪٿي 'س' (سٽي. City) يا 'G' (جِي) جو آواز ڪٿي 'گ' (گراس. Grass) ۽ ڪٿي 'ج' (جيالاجي. Geology) يا 'T' (ٽِي) جو آواز ڪٿي 'ٽ' ۽ 'ٿ' ته ڪٿي 'چ' (مئچوئر. mature)، (فرنيچر. Furniture) وغيره وغيره نه ٿا ٺهن. اصولي ناهن. تنهنڪري ٻيلي ڏاها ٿيو سڌرو ۽ پنهنجي ٻوليءَ جا اکر ۽ آواز ٺيڪ ڪيو ته ان ۾ ڪهڙي خطا ٿي پوندي؟

ڇا حليم بروهي صاحب جن ڪين اهڙي اصولي صلاح ڏيڻ پسند ڪندا ۽ ڪين چوندا ته سنڌن دماغن تان جيڪڏهن سنڌن جَٽ، ڪاڻُو ۽ ناٽڪي دانشورن جو ڇنبو ڪجهه ڍرو ٿيو آهي ته هڪدم آوازن لاءِ مقرر اکر ناهن ۽ پنهنجي اسپيلنگ درست ڪن؟!

سنڌي سُر آواز 10 ڏهه ڇيا وڃن ٿا جيڪڏهن انهن سان "ن" گُهٽي وارا ڏهه سر به ملائجن (۽ ملائڻ گهرجن) ته اهي ٿيندا 20 (ويهه). سنڌي ۾ وينجڻ آواز لڳ ڀڳ 40 (چاليهه) آهن (هتي مون اهي وينجڻ آواز شامل نه ڪيا آهن جيڪي عربيءَ مان آيل آهن ۽ سنڌي لوڪ جن کي صحيح اچاري نه ٿو سگهي جيئن ث، ح، خ، ذ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ ۽ ق). انهن تي تحرڪي نشانيون آٽڻ وسيلي سنڌن 120 قسمن جا صوتيا پنهنجين اصولي ۽ مقرر صورتن ۾ ناهي سگهجن ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ مروج آهن. انهن سان سُر آواز ملائبا ته صوتياتي ذخيري جو انگ 570 تائين وڏي ويندو ۽ ان جي صورت به مقرر هوندي. انهن سان وري جي مرڪب آواز پنهنجي صوتياتي صورت ۾ ملائجن ته اهو ذخيرو اڃا وڏيڪ ٿي ويندو. رومن الفابيٽ ۾ انهن سيني آوازن جي صورت ڪيئن بيهندي، ان جو هڪ ننڍڙو مثال هيٺ ڏنل آهي. ان هوندي به جيڪڏهن ڪو "اڪابر"

ڪمپيوٽرائيزڊ ٿيڻ جي بهاني اها صلاح ڏئي ته هرويرو رومن الفابيٽ اختيار ڪيو نه ته ڇَٽ. ڪاٿُوءِ ناٽڪي دانشورن جي چنبي کان آزاد ٿيل ناهيو ته سندس دماغي صحت تي شڪ جو پيدا ٿيڻ اٽٽر آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪرڻ لاءِ اها اٽٽر مجبوري ناهي ته رومن الفابيٽ اختيار ڪئي وڃي. ان لاءِ پنهنجي تحقيق کي وڌائڻو ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ کي سمجهڻو پوندو ۽ ٻيو نه ته ٻه هڪ مخلص ۽ ڪجهه خرچ ڪري سگهندڙ ادارو گهربو. اسان جا ڪيترائي نوجوان ٽيڪنيڪي ۽ سائنسي دماغ رکن ٿا، وٽن هنر ٻه آهي ته فن ٻه. کين مناسب سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن، ته ڪو شڪ ناهي جو ايندڙ ويهه پنجويهه ورهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مڪمل طور ڪمپيوٽرائيزڊ نه ڪري سگهجي!

حليم بروهي صاحب جن پنهنجي انهيءَ نيت سان ڏاڍا مخلص آهن (۽ مون کي سندن اها ڳالهه ڏاڍي وڻندي آهي)، ته سنڌيءَ ٻوليءَ کي رومن الفابيٽ ۾ لکيو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ پنهنجي هڙئون وڙئون خرچ ڪري هڪ ڇوپڙي ٻه ڇپرائي هئائون. ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي حوالي سان اها ڪيئن آهي، اهو هڪ ڌار بحث ٿيندو پر ان ۾ سنڌي لفظن جا ڪي ٽِپيڪل مثال ڏئي هڪ اسپيلنگ مقرر ڪئي هئائون. ڇا پاڻ ان ڇوپڙيءَ جي بنياد تي امتحان ڏيڻ پسند ڪندا؟

منهنجي اکين آڏو مسٽر جِي. اي. گِريئرسن (G.A Grierson) پاران جوڙيل هڪ ڪتاب **لِنگئسٽڪ سروي آف پاڪستان** (Linguistic Survey of Pakistan) جو چوٿون جُلد موجود آهي جيڪو ”اڪيُوريٽ پرنٽرس“ لاهور وارن ڇپايو آهي. اهو ڪتاب **لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا** جي انين جلد جو ڦهريون ڀاڱو آهي. هن ڪتاب ۾ مسٽر گريئرسن سنڌي ۽ لهندا ٻولين جو جائزو ورتو آهي ۽ منجهس ڪيترن ئي سنڌي آوازن لاءِ رومن الفابيٽ ۾ مقرر ڪيل اسپيلنگون موجود آهن. مسٽر گريئرسن وڏي پائي جا عالم هئا ۽ پنهنجيءَ وسيع ڄاڻ آهر سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي کي آڏو رکيو هئائون تنهنڪري سندن مقرر ڪيل اسپيلنگون معياري سڏي سگهجن ٿيون. هتي انهيءَ ڪتاب مان حيدرآباد واري معياري لهجي/محاوري جو هڪ ٽڪرو مثال لاءِ پيش ڪجي ٿو:


Hekṛē manhua khā bba puṭa huā. Ṭin mā̃
nandhē piu khē chayō ē bābā māla mā̃
jēkō bhāṅō mũhejē hiṣē aché, so mũ khē
khaṇī ḍḍē; jā̃he tē huna māla bbinhī
khē virāhē ḍḍinō. Thōrane ḍḍīhana khā̃
pō̃ sanduse nandhō puṭu sabhu kī hatha
karē hekṛē ḍḍūrāhē̃ ḍḍēha ḍḍē uthī
haliō, jitē pāhejo mālu ajhalāia mē̃
vinīyā̃ī. Sabhu khapāiṇa khā̃ pō itifāqā̃
unhē ḍḍēha mē̃ ḍḍāḍhō ḍḍukara achī piō,....

مٿي ڏنل هر هڪ لفظ کي پوري ڌيان سان پڙهو ۽ پوءِ پنهنجي راءِ ڏيو تہ ڇا ان قسم جي الفابيٽ ۾ لکڻ لاءِ انگريزيءَ جو 26 اکرن وارو سرشتو قابل قبول ۽ لائق ثابت ٿيندو؟ ڇا زيرن، زبرن، پيشن ۽ نقطن جو هڪ نئون سلسلو رومن الفابيٽ ۾ نہ وڌائڻو پوندو؟ ڇا ان قسم جي الفابيٽ ڪم آڻڻ لاءِ ٽائيپ رائٽر اوتروئي ڪارگر ٿي سگهندو جيترو هن وقت انگريزي ٽائيپ رائٽر ڪارگر آهي؟ ڇا ان قسم جي ٽائيپ رائٽر تي ٽائيپ ڪرڻ مهل رڳو ايتري رفتار بہ برقرار رهي سگهندي جيتري هن مهل سنڌي ڪمپيوٽر ٽائيپ رائٽر تي آهي؟ ان قسم جي الفابيٽ کي هٿ سان لکڻ مهل صورتحال ۽ رفتار ڪيئن رهندي؟ ٻارن کي سيڪارڻ، اِنڊا پرائڻ ۽ انهن جو امتحان وٺڻ مهل جيڪي ڏکيائون آڏو اينديون، ڇا اهي سڀ اجوڪين جي پيٽ ۾ وڌيڪ سهنجيون هونديون؟ ڇا ان طريقي سان لکيل پنهنجا هٿ اکر سڀ ماڻهو رڳو پاڻ پڙهي سگهندا؟

1850ع ڌاري سنڌيءَ جي الفابيٽ ترتيب ڏيڻ مهل اهو هڪ وڏو بحث هو ته سنڌيءَ لاءِ ڪهڙي الفابيٽ مقرر ڪئي وڃي گرمکي/هندي يا عربي/پارسي. ڪيترن ئي عالمن پنهنجا رايا ظاهر ڪيا هئا. ساڳيءَ طرح ڪجهه عالم انهيءَ جا قائل به آهن ته سنڌيءَ لاءِ رومن الفابيٽ اختيار ڪئي وڃي، جنهن لاءِ هتي سراج الحق ميمڻ صاحب جن جو نالو ڪٽي سگهجي ٿو. هاڻي ٻڌجي پيو ته ڪن علمي سببن جي ڪري انهيءَ راءِ جا حامي نه رهيا آهن. ڪي دوست ته اهو چوندي به ٻڌا ويا آهن ته سنڌيءَ لاءِ الفابيٽ رومن هجي، هاڻوڪي سنڌي، اهو به ڪو موضوع آهي جنهن تي بحث ڪجي! ان هوندي به سمجهان ٿو ته پلي بحث ڪري هڪ ڳالهه کي چٽو ڪيو وڃي. جيڪڏهن مقصد رڳو ڪجهه ماڻهن تي ٺوڪبازي ڪري پنهنجو تيسو مارڻ/نارڻ ناهي، ته پوءِ خود حليم بروهي صاحب پاران انهيءَ موضوع تي دليلن جي آجيان ڪئي ويندي.

آخر ۾، منهنجو پنهنجو خيال هي آهي ته رومن الفابيٽ اختيار ڪرڻ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي مخصوص آواز جي گم ٿي وڃڻ يا بگڙي وڃڻ جو خطرو هر گهڙيءَ موجود رهندو جن ۾ مکيه آواز هي هوندا: ٻ، ڀ، ٽ، ٺ، ٿ، ڄ، جهه، ڃ، ڇ، ڊ، ڏ، ڍ، ڙ ک، ڳ، ڱ، گهه، ڳ ۽ ڻ.

•••

# آهي تہ ڇُڪ ننڍڙي، پر...°

## جِيٽا = جينا = جيناھ = جيناح = جناِح

سنڌيءَ ٻولي مٿان جِتي ٻيون هچائون مڙهيون ويون آهن اتي ڪجھہ اهي بہ آهن تہ سنڌيءَ جي تاريخي ماڳن، وستين ۽ وڙن سان گڏ خود سنڌي ماڻهوءَ جو نالو ۽ سندس ذات جو بہ اچار غلط ڪيو ويو. ڪنهن وسنديءَ جو نالو مٽائڻ تہ سڌي سئين زوراوري آهي جيئن ”خان ڳڙهہ“ کي ”جيڪب آباد“ ڪري ڇڏڻ يا ”نيرون ڪوٽ“ کي ”حيدرآباد“ ڪرڻ وغيره. پر نالو بگاڙڻ بہ خراب آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو بگاڙو ڏاڍو خراب ٿيو وڃي، جيئن ”ڪلهوڙا“ کي ”ڪا لوڙا“ سڏڻ يا ”ٺٽو“ کي...

هڪ ڀيري ڄام شوري ڦاٽڪ وٽ بس جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هوس. منهنجي ڀرسان هڪ ”لئنڊ ڪروزر“ (ڀُون-چيٽي، ڏرتي چِٿيندڙ) جيپ اچي بيٺي، جنهن ۾ هڪ ٿاهوڪو يورپي مرد ۽ ڪجھہ جهڙي يورپياڻي ويٺل هئا. مردُ سَٽ ڏئي در کولي، لهي اچي منهنجي ڀرسان بيٺو. سندس هٿ ۾ نقشو هو ۽ ڦرڙاٽ ڪندڙ ۽ سمجھہ ۾ نہ ايندڙ هڪ لفظ ڀويان مون کي رڳو ”ٿاٿا“ ٻڌڻ ۾ آيو. ڪيس ورجائڻ لاءِ چيم. ورجائيندي ساڳيو ئي ڦرڙاٽ ڪندڙ ۽ سمجھہ ۾ نہ ايندڙ لفظ چئي ”ٿاٿا“ چيائين ۽ ان سان گڏ نقشي تي هڪ هنڌ آڱر رکيائين. نقشي تي ڏٺم، سندس آڱر ”Thatta“ لفظ ڏي اشارو ڪري رهي هئي جنهن جو اچار ٿيندو ”ٿَٽا“ ۽ هُن اچاريو پئي ”ٿاٿا“، جڏهن تہ حقيقي لفظ آهي ”ٺٽو“ (جيڪو انگريزي سميت دنيا جي هر ٻولي ۾ سولائيءَ سان اچاري سگھجي ٿو). تڏهن سمجهيم تہ اهو ڦرڙاٽ ڪندڙ ۽ سمجھہ ۾ نہ ايندڙ لفظ هڪُ نہ پر بہ هئا يعني where is ۽ ”ٿاٿا“ جو مطلب هو ”ٺٽو“ يعني ”ٺٽو ڪٿي آهي؟“ ۽ هن سموري ڳالھہ جو مطلب هو تہ ٺٽي ڪهڙي رستي سان وڃي سگھجي ٿو. مون دل ئي دل ۾ شڪر ڪيو تہ هن وري بہ ”ٿاٿا“ چيو. جيڪڏهن ”ٺٽو“ جي ”ٺ“ بدران ”ٽ“ جو اچار ڪيدي ها، جيئن ڪيترائي ڀِجي-آيل-پارٽي اچاريندا آهن، تہ بہ مان ڇا ڪري پئي سگھيس!

جيئن ”ٺٽو“ ڦِري ۽ بِگڙي ”ٿٽو“، ”ٺٽو“ ”.....“، ”ٿٽا“، ”ٺٽا“ ۽ ”ٿاٿا“ پئي ٿيو آهي، تيئن ”موئِن جو ڊارو“، ”ڪوٽڏيجي“، ”لاڙڪانا“ يا ”لڙڪانا“ ”سَکر“، ”سِنڌِ“ (Scindhe) ۽ ”سِندھ“ (Sind) پڻ زبردست ۽ زوريءَ بگڙيل لفظ آهن. (سنڌ بابت لکيل ڪجھہ پراڻن انگريزي ۽ جرمن ڪتابن ۾ ”سنڌ“ جو اچار Scindh لکيل آهي جيڪو

---

° روزاني ”جاڳو“ ڪراچي، 11-مارچ 1998ع ۾ ڇپيل.

ٺيڪ آهي.) تازو ئي سرڪاري طور مڃيو ويو آهي ته ”سنڌ“ آئينده Sind (سِنڊ) نه لکبو پر Sindh (سنڌ) لکيو ويندو. انگريزي ۽ ”قومي“ ٻوليءَ ۾ سنڌي ۽ سنڌين جون ڪيتريون ئي شيون، جيئريون توڙي اَڃيون خاص طور جن ۾ ”ٻ“، ”ڄ“، ”ڃ“، ”ڏ“، ”ڳ“، ”ڱ“، ۽ ”ڻ“ اکر آهن، اهڙو ته بگاڙيون وڃن ٿيون جو ڪيترن ئي موقعن تي کِل سان گڏ شرم به اچيو وڃي. انهن اچارن ۾ مجبوري سمجهندي اسين ڪٽي ”ڪوٽڊيجي“، ”راءِ ڊِياچ“، ”ڏاهر“، ”الله ڏنو يا ڏينو“ ”ڄام“ وغيره تي ماٺ ڪري به وڃون. پر سَسِي پُنُو (پُنُون)، عمر مارِئي، ”موئن جو دڙو“ وغيره جيڪي ٺيڪ اچاري سگهجن ٿا، انهن کي ڇو ٿو بگاڙي وڃي؟

اهو ساڳيو حشر خاص طرح جڏهن ماڻهوءَ جي نالي يا ذات سان ٿئي ٿو تڏهن مورڳو اندر سڙيو وڃي. ”جُڻيجو“، ”ٻرڙو“، ”کوڙو“، ”ڀُٽو“، ”مَگنيجو“، ”ٽالپُور“ وغيره جهڙا بگڙيل اچار ڪنهن جا ٻُڌل ناهن! پر وڏي ڏک جي ڳالهه اها آهي ته جنهن فرد کي اپکنڊ جي مسلمانن جو قائداعظم ۽ پاڪستانين جو حقيقي رهبر سمجهيو وڃي ٿو ان جي ذات کي گڏريل پنجاهه سالن کان لاڳيتو بگاڙيو پئي ويو آهي.

محمد علي جي جنم جاءِ ڇِهرڪن ۾ سمجهي وڃي يا ليارِيءَ ۾، پر ان تي ڪو به اختلاف ناهي ته سندس ذات ”ڄِيٽا“ هئي جيڪا انگريزي ۾ Jina يا Jinah لکي ويندي هئي جنهن کي اپکنڊ جي غير سنڌي آباديءَ ته بگاڙي ”جينا“، ”جيناهه“، ”جيناح“ يا ”جناح“ چوڻ شروع ڪيو پر جن ٻولين ۾ ”ڻ“ اچاري سگهجي ٿو جيئن سرائيڪي، پنجابي، هندڪو وغيره، انهن ۾ به ”جناح“ ئي سڏجڻ لڳو ۽ حد درجي خراب ڳالهه اها هئي، ۽ آهي، جو سنڌيءَ ۾ به ”جناح“ چيو لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. اسان جيڪڏهن ائين ڪندا رهياسون ته پوءِ سوين لفظن جي بگاڙي ۾ پاڻ به شامل هونداسون ۽ اها، بهرحال، سنڌي ٻوليءَ سان هٿچراند آهي، جنهن ۾ اسين پاڻ گڏ رهي ڪورس جي ڪتابن وسيلي پنهنجي ايندڙ نسلن کي به بگڙيل صورت ۾ منتقل ڪري رهيا آهيون.

جيئن ”ڀُٽو“، ”جُڻيجو“ ۽ ”ڄام“ کي ٺيڪ اچارڻ جو جتن ڪندي، اڄ ڪلهه ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي غير سنڌي اناؤنسر به ڀُٽو جوڻيجو ۽ ڄام چئو ڪري اچاري سگهن ٿا، تيئن جنهن کي ”قوم جو ابو“ سمجهيو وڃي ٿو ان جي ذات پڻ ٺيڪ اچارڻ گهرجي.

بظاهر ته ڇڪ ننڍي آهي، پر پوءِ به اهڙيون سوين ڇُڪون گڏجي ٻوليءَ جي مزاج ۽ ميناج کي بگاڙيو ڇڏين.

ڇُڪ ڀلي ننڍي يا ننڍڙي هجي پر ٺيڪ ڇو نه ڪئي وڃي؟

ليکڪ: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو
سنڌيڪار: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

# ٻوليءَ ۾ ڦيرڦار جي اڀياس لاءِ اهم ٻوليجاڙِي وِٽڪن جي چونڊ

[Isolating Significant Linguistic Variables for the Study of Variation in Language]

**نِشانڪ ميڙا** (Notational Conventions):
( ) ٻوليجاڙي وِٽڪي جي نشاندهي ڪندڙ.
// ويٽڪ جي وائياجاڙي نمائندگي جي نشاندهي ڪندڙ.
[ ] وِٽڪي جي ويٽڪ فهم جي نشاندهي ڪندڙ.

ٻوليءَ ۾ ايندڙ ڦيرڦار جي اڀياس لاءِ پهريون ڪم **ٻوليجاڙِي وِٽڪن** (Linguistic variables) جي هڪ محدود ڳُٽپ ۾ چونڊ ڪرڻ آهي. ٻوليجاڙي وِٽڪن جي سڄاڻپ کان اڳ، خود ٻوليجاڙي وِٽڪي جي **سُوجهه** (Notion) تي هڪ **سڀاڙ** (General) ابتدائي نگاهه، اڀياس دوران ٻوليجاڙي وِٽڪي ڏانهن هڪ محقق (Researcher) جي رويي کي سمجهڻ ۾ پڙهندڙ جي مدد ڪندي.

هڪ ٻوليجاڙي وِٽڪو چيمبرس (Chambers) ۽ ٽرڊگِل (Trudgill) (1880:60) جي وضاحت موجب:

- هڪ ٻوليجاڙِي ايڪو (Lingusitic unit) جنهن جا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ويٽڪ (varients) موجود هجن ۽ ٻين سماجي ۽/يا ٻوليجاڙي وِٽڪن سان هم آهنگ ڦيرڦار هيٺ ايندڙ هجي.

لابوفَ (Labov) [1966] جي سرواڻ (Pioneering) ڪم تي پيڙهه رکندي، ٻولي ڪيئن ڦيرَ ڪري ۽/يا تبديل (change) ٿئي ٿي ـــ اهو سنڌاءُ جاچڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ٻوليجاٽي وٽڪو ميدان ۾ آندو ويو. تبديلَ، ائين ٿو ڀائنجي ته ٻوليءَ تي اثرانداز ٿيندڙ هڪ سياويڪ رڪن آهي. هڪ اڻبڌ (non_fixed) وجود طور، ٻولي لاڳيتو هڪ وهڪ جي حالت ۾ رهي ٿي، جنهن دوران ان جون ڪي صورتون ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چوهيون ۽ اوتريون ٿي وڌيڪ سڃاڻپ جوڳيون ٿين ٿيون. تبديل سان گڏ ٻولي جاگرافيائي ۽ سماجي ڦيرقار جي اثر هيٺ به اچي ٿي ۽ جنهن ماحول ۾ ٻولي واهپي ۾ رهي ٿي، انهيءَ حالت ڪي نظر ۾ رکندي ٻوليءَ ڪي ڦيرقار هيٺ ايندو ڏسي سگهجي ٿو. اها ڦيرقار ٻوليجاٽي تبديل جي ميدان ۾ اهميت جوڳو اظهار آهي چو ته ٻوليجاٽي ڦيرقار دوران اها تبديل اَٽل ٿي سگهي ٿي.

ٻوليجاٽي وٽڪو هڪ پاڙيندڙ (dependent) وٽڪو ٿئي ٿو انهيءَ حوالي سان ته اهو ٻاهرين عنصرن (اڻ-پاڙيندڙ وٽڪن) جيئن سماجي طبقي، ڄمار، جنس وغيره تي دارومدار رکي ٿو. جڏهن انهن اڻ-پاڙيندڙ وٽڪن مان ڪو هڪ، سڀ يا ڪي جزا متجن ٿا، تڏهن سمجهيو ٿو وڃي ته ٻولي تبديل ٿيندي. ڦيرقار جيئن ته اپياس جو هڪ مکيه حوالو آهي، ان ڪري اها اميد رکي وڃي ٿي ته ٻوليجاٽي وٽڪو ٻوليائي تبديلي جو رخ جاڻڻ جي معاملي ۾ هڪ اهڙي وکر (tool) جو ڪم ڪري ٿو جنهن کان ڪنڌ ڪيڊائي نه ٿو سگهجي.

سوشيو-لِنگئسٽڪ پيٽرنس (Socio_linguistic Patterns، **سماجي-ٻوليجاٽي ڍنگ**) ۾ لابوفَ لکي ٿو ته هڪ **ڳالِهڪ** (Speech، "ڳالهائيندڙ") برادري جي سماجي-ٻوليجاٽي اپياس ۾ ٻوليجاٽي وٽڪو هر هر ۽ ڪيترائي پيرا ظاهر ٿيڻ گهرجي، ته جيئن چنڊڇاڻ لاءِ چڱو چوکو مواد گڏ ڪري سگهجي. ٻِرٽين (Britain) [1991:56] اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اهو {ٻوليجاٽي وٽڪو} تڏهن خصوصي اهميت وارو ٿي پوي ٿو جڏهن اهو مثال طور مختلف قسمن جي ماحولن ۾ **واياڃاٽي** (Phonological) وٽڪن جي معاملي ۾، چيد ڪندڙ (عنصر ٿي) ڪتب اچي ٿو.

ٻيو ته، لابوف [1991:8] وڌيڪ چوي ٿو ته ٻوليجاٽي وٽڪو **اَڏپي** (structural) هجڻ گهرجي: هڪ ٻوليجاٽي وٽڪي کي انهيءَ حد تائين لاڳو-ٿيندڙ

(applicable) هجڻ گهرجي جو جڏهن بہ هڪ وڏي **اڏپ** (structure)، ممڪن حد تائين سچي جو سچِي، جاچجي تہ اهو ان ۾ بہ ايڪيَل (united) هجي.

ٿيون تہ، ان کي جڏهن **سماجياتِي** (sociological) ماڻَن (parameters) يا ٻوليجاتِي وٿڪن جي ناتي سان ڏٺو وڃي تہ اهو تمام گهڻو تَهدار (stratified) هجڻ گهرجي.

سنڌي ۾ ڪهڙا وٿڪا اهميت جوڳا هئا، سنڌي ٻوليءَ جو جيئن تہ اهڙي نڪتہء نگاهہ کان اڀياس نہ ٿيو هو تنهنڪري اها جاڻ ڪنهن بہ ٻئي حوالي سان پڌري ٿيڻي هئي. اوائلي اڀياسن جي ان کوٽ ڪي گنڀير رنڊڪون پيدا نہ ڪيون ڇو تہ ابتدائي سوالنامو ايترو تہ وسيع ڳاهيو ويو هو جو اهو سنڌي ٻوليءَ جي سڄي **واڄيوئي** (phonemic) سرشتي کي پنهنجي دائري ۾ آڻي سگهي ۽ ان ڪري، ممڪن اهميت وارو ڪو بہ وڙ (item) ان ۾ اچي ٿي ويو پر ان هوندي بہ اهو ضروري هو تہ اڀياس کي وڌيڪ مکيہ وٿڪن تائين محدود رکجي.

انهن وٿڪن کي ڪوجڻ لاءِ، نيٺ جيڪو طريقو (method) ڪم آندو ويو اهو ڏاڍو ڪارائتو هو يعني ماڻهن کي **ڳالهيندي** {ڳالهہ ٻول ڪندي} ٻڌو وڃي. ڪائنَ سنڌن ٻولي بابت سوال پڇيا وڃن ۽ شروعاتي ڳالهہ ٻول دوران جيڪي **لڌيون** (findings) ملن، انهن وسيلي اڳوات ترتيب ڏنل سوالنامي جي **اثرائپ** (effectiveness) کي چڪاس ڪجي.

ڪنهن بہ مقامي رهاڪو سان ڳالهيندي، جيڪو ابتدائي مواد هٿ آيو اهو هو *پِيسو، مَيدان، عَورت ۽ قَوم* جهڙن لفظن جو اچار، جنهن ۾ يا تہ هڪ 'اَي' موجود هو يا وري 'اَو' جيڪو ڪنهن لفظ جي منڍ يا وچ ۾ آيو ٿي. هتي جن وٿڪن جو ذڪر مقصود آهي انهن جو تعلق سنڌي **ٻِسُرن** (disphthongs) /اَي/ ۽ /اَو/ جي مَٽ سَٽ سان آهي. پڙهيل ۽ مراعات يافتہ شهري ٿي انهن کي ٻِسرو (disphthong) اچارن ٿا جڏهن تہ اڻپڙهيل ۽ ڳوناڻن جي ڳالهہ ٻول ۾ اهي يَڪسُرا (monophthongs) آهن.

شروع ۾ /اَي/ ۽ /اَو/ ٻُسرن کي اسان ڏارڏار وٿڪي جي حيثيت ڏني پر پوءِ اسان ان سوچ جي خلاف فيصلو ڪيو جنهن جا سبب هيٺيان هئا:

پهريون، جڏهن اسان پنهنجي گڏ ڪيل جاڻ (data) جي چڪاس ڪئي تڏهن اسان ڄاتي ورتو تہ ڳاليندڙ انهن کي هڪ ٻُسري يا يڪسُري طور مقرر صورت ۾ نہ ٿا وٺن. اهي، جن انهن کي ٻُسري طور ڳاليو ٿي انهن پنهنجي سڄي ڳالهہ ٻول دوران انهن

{جي آواز} کي ائين برقرار رکيو ٿي ۽ اهڙوئي رويو انهن ڳالهائيندڙن جو هو جن انهن کي يڪسُرو ڳاليو ٿي.

جن ماٺهن انهن کي يُڪسرو پئي ڳاليو تن انهن ٻنهي /اَي/ ۽ /اَو/ کي يُڪسرو ئي برقرار رکيو ٿي، اهو چوڻ جو مطلب هي آهي تہ جنهن ڳالهائيندڙ (اَو) جي بدران (او) پئي چيو ان پنهنجي ڳالهہ ٻول ۾ لاڳيتو (اَي) جي بدران بہ (اي) وٽڪو ڪم ٿي آندو. ڳالهائيندڙ انهن ٻنهي وائين (phonemes، صوتين) لاءِ هڪ ڳرو رويو برقرار رکيو ٿي.

/اَي/ ۽ /اَو/ کي اڪيلي وٽڪي طور چوندي جاري رکڻ جو ٻيو وڏو سبب ان حقيقت مان ڦٽي نڪري ٿو تہ انهن هڪ ڳالهائيندڙ جي ڳالهہ ٻول ۾ ان وٽڪي جو واهپو ٻُسري ۽/يا يَڪسري طور تمام گهڻو هر هر نہ پئي ٿيو. ٻوليجاٽي وٽڪن کي چوندڻ جي ڪسوَٽي اها گُهر ڪري ٿي تہ جنهن وڙ کي هڪ وٽڪي طور چونديو وڃي اهو اوس هر هر [لابوف، 1966:03] ڪم اچڻ گهرجي. انهيءَ {ڪوٽ} تي قابو رکڻ لاءِ اسان انهن ٻنهي وائين کي ٻن بدران هڪ ٻوليجاٽي وٽڪي ۾ سمائي رکيو.

ٻن ٻسُرن کي هڪ نمايان وٽڪي جي حيثيت ڏيڻ وارو اهو رويو جيڪو اسان اختيار ڪيو اهو طريقو آهي جيڪو ٻين سماجي-ٻوليجاٽي اڀياسن، خاص ڪري عربي ٻولي جي اڀياسن ۾ ڪم آندو پئي ويو آهي. (ڏسو *شمِدَت* 1974، 1985، *جابر* 1987 ۽ *ختاني* 1992)

اهم سمجهي چونديل ٻيو وٽڪو اهو ننڊيو وائل (vowel، سُر) آهي جيڪو لفظ جي آخر ۾ اچي ٿو. جيئن *سِرَ*، *مَڪِ* ۽ *مَسُ*. اهو وٽڪو ننڊين وائلن /اَ/، /اِ/ ۽ /اُ/ کي سمجهڻ سان واسطيدار آهي، جڏهن تہ ٿيڻ ائين گهرجي تہ اهي ڪيڏي ڇڏجن.

ڪيڏي ڇڏڻ (deletion) جو اهڙو عمل، ائين ٿو ڀائنجي تہ، خاص ڪري نوجوان ڳالهائيندڙن جي ڳالهہ ٻول ۾ ظاهر ٿيو پئي. جن جو ٻوليءَ سان بلڪل سڌو تعلق هو تن وٽ نئين رِواجيَل (innovative) ويٺڪ يعني وائل ڪيڏي ڇڏڻ جي حوالي سان انتهائي درست ڪٿَ (approximation) موجود هئي. ڪن پوڙهن ڳالهائيندڙن، جن وائل ڪيڏي ڇڏڻ جي معاملي ۾ ناپسند جو اظهار ڪيو اسان جي ان مشاهدي جي تصديق ڪئي.

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ مکيہ خصوصيت اها آهي تہ لفظ واياجاٽي طرح (phonologiccally) هڪ وائل-ڍگهي، ننڍي ۽/يا گُهٽي (nasilized، نَڪائين) تي ختم ٿئي. اها خصوصيت هڪ يا ٻن انڊو-آريَن ٻولين ۾، جن ۾ ڪشميري[1] بہ

شامل آهي، ڏيڪارجي ٿي. سَنڌائت اچار واري (articulatory) اها عادت ايتري تہ پختي آهي جو جڏهن ڪو لفظ لکت جي صورت ۾ بہ ڪنهن **واڃڃڻ** (consonant، وينجن) تي ختم ٿئي ٿو تہ بہ اجا سوڌو هڪ ننڍي وائل /اَ/، /اِ/ يا /اُ/ سان اچارجي ٿو. شرٽ (Shirt) [1978] ٻڌائي ٿو تہ سنڌي ماڻهو ڪيئن اها سنڌائت اچار واري عادت انگريزي ڳالهائيندي بہ ظاهر ڪن ٿا. جڏهن هڪ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو انگريزي ڳالهائيندي توهان کي اهو ٻڌائي تہ هن 'گورنمينٽ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي ' تڏهن هو پهريان بہ لفظ **گورنمينٽَ اسڪولَ** اچارڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو. پنهنجي بيان کي اجاگر ڪندي هو هڪ جملو ڪم آڻي مثال ڏي ٿو: "**مون ساٽسِ انجامُ ڪيو.**" هن جملي ۾ شرٽ اسان کي ٻڌائي ٿو 'اسين اهو ڏسي سگهون ٿا تہ هر لفظ يا تہ ڪنهن گهٽي وائل يا وري ننڍي وائل تي ختم ٿئي ٿو ۽ جملا پلي هزارن جي ڳٽپ ۾ گڏ ڪيا وڃن. بنا ڪنهن هڪ بہ ڇَڏڇوٽ جي، نتيجو ساڳيو هوندو. '

وائل ڪيڏي چڏڻ جي حوالي سان ڏسي سگهجي ٿو تہ واياجاٽي (phonological) تحرير ويٽڪن جي واهپي تي ڪو بہ اثر نہ ٿي وجهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ ڪنهن خاص ويٽڪ جي پسند، اڳيان يا پنيان ايندڙ وائيي (phoneme) جي پسند هيٺ نہ ٿي هلي. جيئن اڳي ظي ڪري آيا آهيون تہ اها هڪ سنڌي خصوصيت آهي تہ هر لفظ جو پڇيهہ ڪنهن نہ ڪنهن وائل تي ٽيڻ گهرجي، ۽ ان معاملي ۾ اها ڳالهہ ڪا بہ حيثيت نہ ٿي رکي تہ اهو لفظ ڪنهن وائل سان شروع ٿئي ٿو يا واڃڻ سان. مثال طور هيٺ ڏنل جملن جو بيان هن نُڪتي کي چٽو ڪري ٿو اهي ٻئي جملا تڏهن هر هر ٻئي بيان ٿيا جڏهن اسان ماڻهن سان خيالن جي ڏي وٺ پئي ڪئي.

1_ • هنَ ملڪَ ۾ امنُ امانَ جي صورتحالِ ڏينهون ڏينهن خرابُ ٿيندي پئي وڃي.
• هِنَ ملڪَ ۾ امُن امانٗ جي صورتحالِ ڏينهون ڏينهن خرابِ ٿيندي پئي وڃي.

2_ • اڄُ ڪلهَہ جا نوجوان مائٽنِ {مائٽرنِ} جو چوڻُ ئي ڪو نہ ٿا مڃين.
• اڄُ ڪلهَہ جا نوجوانٗ مائٽنِ {مائٽرنِ} جو چوڻٗ ئي ڪونٗ ٿا مڃين.

متين مثالن ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ ڪيترن ئي واڃڻن پنيان ۽ وائل رکندڙ (vocalic) ۽ واڃڻ رکندڙ (consonantal) ٻنهي جي ابتدائي صورت اڳيان وائل ڪيڏي چڏڻ جو عمل ٿئي ٿي.

وائل وٽڪو سنڌ جي سنڌي ڳالهائيندڙ برادرين ۾، جن ۾ لاسِي، لاڙِي ۽ ڪَڇِي[(2)] محاورا (dialects) شامل آهن، ٿورڙو محاورائي (dialectal) فرق موجود آهي. گريئرسن (Grierson) (1968:169 [1919]) ٻڌائي ٿو تہ لاسي محاورو وچولي محاوري سان ساڳيائپ (similiarity) رکڻ جي حوالي سان سچاٽي سگهجي ٿو سواءِ ڪجھ مثالن جي، جن ۾ ممڪن آهي تہ آخري وائل ڪيرايو وڃي ۽ ان ڪري لفظ چٽيءَ طرح هڪ وائجڻ تي ختم ٿئي ٿو. وائل ڪيڏي ڇڏڻ وارو عمل، بهرحال، ڪڇِي ۽ لاڙِي ۾ ايترو عام ناهي، خاص ڪري انهن علائقن ۾ جتي آخري ننڍو وائل ڪيڏي ڇڏڻ جو مضبوط رجحان موجود آهي. هيٺ ڏنل مثالَ سنڌي محاورن بابت محقق جي پنهنجي چارٽ جي بنياد تي جدول جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿا:

| وچولو | لاڙِي |
|---|---|
| ياءُ | يا |
| پيءُ | پي |
| ماءُ | ما |
| وِيھَ | وِي |
| ٽِريھَ (ٽِيھَ) | ٽِي {ٽيھُ} |
| جوءِ | جو |
| هرڻُ | هرنُ |
| چانھِ | چانھُ |
| ناھِ | ناھُ |
| ڳالهائجِ | ڳالهائجُ |
| شامَ | شامُ |
| جاءِ | جا |

ٽيون وٽڪو جيڪو سنڌي ۾ قيرقار جي اپياس جي لاءِ چونڊيو ويو اهو ٻيپٽي (voiceless) مورڏني (retroflen) بندشي (stop) {وائجڻ} /ٽ/، پٽيٽي (voiced) مورڏني بندشي {وائجڻ} /ڊ/ ۽ وسرگ (aspirated) پٽيٽي بندشي {وائل} /ڍ/ جي ڪيڏ ايندڙ پٽيٽي مهارئين (aveolar) لرزشي (trill) 'ر' جي

موجوديءَ يا اڻموجوديءَ سان واسطيدار آهي، جيئن *مائٽر* (مائٽ)، *چنڊر* (چنڊ) ۽ ڏير (ڏيِ) لفظن ۾ اچي ٿو.

(ر) وِٽڪي سان لاڳاپيل چارَ گهٽ آهي پر ميَسر ساهت (Literature)، جيڪو گهٽي پاڳي گريئرسن (1919)، بلوچ (1965) ۽ الانا (1976) مهيا ڪري ڏنو آهي، جي بنياد تي اهميت جوڳي چارَ چوندڙ لائق ٿي سگهيا آهيون. جيڪا جاچ هيٺ آندل ڳالڪ برادرين ۾ ٻن ويٽڪن تي روشني وجهڻ ۾ مدد ۽ ويٽڪن ۾ فرق جي وضاحت ڪري ٿي.

گريئرسن، 1919 ۾ لکندي، پر ڪيو ته مخصوص محاورن پٽاندر 'ر' جو آواز بدليو پئي: لاڙِي ۾، هن چيو [ر] اچار دوران ڪِڏي چِڏيو پئي ويو جيئن ٽري بدران ٽي، ڪُنڊر بدران ڪنڊ ۽ ڏير بدران ڏيِ. جڏهن ته سرولي ۽ وچولي ۾ اها {ر} اچاري پئي وئي.

لڳ ڀڳ پنجاهه ورهه پوءِ بلوچ (1965) ۽ الانا (1967) ڏنو ته اهو لرزشي [ر] رڳو سرولي ۾ اچاريو ٿي ويو ۽ وچولي سميت ٻئي ڪنهن به ۾ محاوري ۾ ان جو اچار موجود نه هو. چٽيءَ طرح ڏسي سگهون ٿا ته (پراچين ڏيهي) [ر] جي اچار کان [ر] نئين رواجيل (innovative) ويٽڪ جي ڪِڏي چِڏڻ تائين هڪ وڏي ٻوليڄاٽي تبديلي واقع ٿي چڪي.

فرض ڪري سگهون ٿا ته اها تبديلي وڏندڙ سڄاڳي سان لاڳاپيل آهي جيڪا خاص ڪري 1936 کان پوءِ، جڏهن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ڪري ان کي هڪ پاڻ تي ڀاڙيندڙ (independent) صوبو ٺاهيو ويو ۽ عام طرح 1930 ۾ سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي ڪري پيدا ٿي. تعليم ۾ واڌ جو سڌو مطلب اهو ته معياري سنڌي لکيت ڏانهن وڌندڙ واقفيت ڏيڻ، جنهن ۾ [ر] کي اخبارن، درسي لکپڙهه وغيره ۾ خارج ڪيو ويو ۽ اهو وڏو امڪان آهي ته لکيت جِي ان وڌيل ۽ لاڳيتي واقفيت تعليم يافته ماڻهن تي اثر وڌو جنهنڪري اهي [ر] نه اچاريندا هئا.

ان مان تت ڪڍي سگهون ٿا ته اسان جي ٻنهي ڳالهيندڙ برادرين ۾ [ر] کي ڪِڏي چِڏڻ پڙهيل کي ظاهر ڪندڙ ٿي سگهي ٿو جڏهن ته [ر] جي اچار (پراچين ڏيهي ويٽڪ) کي جهوني ۽ اڻپڙهيل جو گڻ سمجهي سگهجي ٿو.

وچولي محاوري بابت هڪ ٻيو مکيه وسيلو خوبچنداڻي (1961) جو ڏنل مختصر جائزو آهي. وچولي محاوري بابت خوبچنداڻي جي ذڪر هيٺ لکت ۾ اهو متان عجيب پانئجي ته واڄڻ رکندڙ ٽولي ٽر، ٻر ۽ ٻر بابت ڪو به حوالو موجود ناهي.

ممڪن آهي تہ اهو ان ڪري ٿيو هجي تہ لکيل متن سان گڏ خوبچنداڻي رڳو پنهنجو ڳالهائڻ مشاهدي هيٺ آندو هجي. توڙي جو هو پاڻ کي وچولي محاوري جو مقامي رهاڪو ڄاڻائي ٿو اهو ذهن ۾ ضرور رکيو وڃي تہ هن جي ڳالهڻ تي متان ان ڪري اثر پيو هجي جو هن پنهنجي جوانيءَ (teen age) ۾ ئي سنڌ مان لڏپلاڻ ڪئي (ڏسو خوبچنداڻي، 1961:03) ساڳيءَ طرح الانا جي تحرير (1991، [1963]) بہ آهي. توڙي جو هن پنهنجي ڳالهڻ جو ڇيد ڪيو جنهن بابت هو سمجهي ٿو تہ وچولي محاوري سان تعلق رکي ٿو تہ، ڊرڳ ڊرجي معاملي ۾ ڪو بہ حوالو نہ ٿو ملي جنهن مان اهو مطلب وٺي سگهون ٿا تہ لاڙي محاوري جو اثر. جيڪو سندس اصلي محاورو آهي، متس اجا سوڌو موجود آهي ۽ اهو ئي [ر] ڪيرائڻ (elision) جو سبب آهي.

اهڙي اثرائتي جائزي جي نتيجي ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ انهن تنهي وٽڪن کي اپياس جو مامرو (crux) بنايو وڃي، توڙي جو جيئن هر هڪُ مَيسر چارٽ/سوالنامي مان ڪوجي وٺندو دلچسپي جو ڪارڻ اهي **وايا** (phones، صوتَ) نہ هئا. ابتدائي خيالن جي ڏي وٺ دوران، جن ۾ اهي بہ شامل آهن، جيڪي سوالنامي کي چڪاسڻ لاءِ ظاهر ٿيا، خصوصي ڌيان انهن وٽڪن تي ڏنو ويو آهي.

**نوٽسَ (Notes):**

(1) انهيءَ سلسلي ۾ چگُو چوکو ناتاهہ موجود آهي تہ ڪشميري ٻولي درحقيقت ٻولين جي ڪهڙي گهراڻي سان تعلق رکي ٿي: ڪي ان کي انڊو-ايراني ٻولين جي داردي ست ۾ رکن ٿا. انهيءَ سان گڏ داردي ڪڏهن ڪڏهن ٻولين جو انڊو-آرين شاخ (اتر-اولهائين ٽولي) ۾ شامل سمجهي ويندي آهي. تفصيلي بحث لاءِ ڏسو گريئرسن، 1968 ۽ ڪِرسٽل (Crystal) 1992.

(2) ٻولي جي **ڄڻڄاڻپ** (Genetic) تفصيل موجب، ڪڇي کي سنڌي جي هڪ محاوري طور درجبيند ڪيو ويندو آهي. اها حقيقت آهي تہ هاڻي ڪڇُ پارت ۾ گجرات صوبي جو هڪ حصو آهي ۽ ان جو مطلب هي آهي تہ ڪڇي ڳالهائيندڙ اڪثر ڪري پاڻ کي گجراتي ڳالهائيندڙ سمجهندا آهن. (تفصيلي بحث لاءِ ڏسو الهہ ڏنو 1948).

**ڪتابسُڌ (Bibliography)**

1. **الانا، غلام علي،** "*سنڌي صوتيات*" 1967. ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد.
2. **Allana, G.** 1991. *The Arabic Element in Sindhi* (Dissertation submitted in 1963 to the University of London for the partial fulfilment for the degree of M.A in Linguistics). Lahore: Muktab_e_Danishwaran.
3. **Alladina, Safdar.** 1984. *The status of Kachchi in India and Britain implication for language teaching.* Paper read at the conference on Language without a Written Tradition and their Role in Education, 1984 London.
4. **Baluch, N.A.** 1965. Introducing a comprehensive dictionary of classical and current Sindhi: In Dil, A.S *Studies in Pakistani Linguistics* 93_114. Lahore.
5. **Britain, D.** 1991. *Dialect and Space: a geolinguistic study of the speech variables in the Fens.* Ph.D. thesis, University of Essex.
6. **Chambers, J.K** and **Trudgill, P.** 1980. *Dialectology.* Cambridge: Cambridge University Press.
7. **Crystal, D.** 1992. *An Encyclopedic Dictionary of Language.* Oxford: Basil Black well.
8. **Greirson, G.** [1919] 1968. *Linguistic Survey of India.* Volume VIII Part II. Delhi: Motilal Bansaridas.
9. **Jabeur, M.** 1987. *A Sociolinguistic Study in Tunisia: Rades.* Ph.D thesis, University of Reading.
10. **Khtani, A.S.** 1992. *The Impact of Social Change on Linguistic Behaviour.* Ph.D. thesis, University of Essex.
11. **Khubchandani, L.M.** 1961. *The Phonology and Morphophonemics of Sindhi.* M.A. dissertation, University of Pennsylvansia.
12. **Labov, W.** 1966. *The Social Stratification of English in New York City.* Washington D.C. Centre for Applied Linguistics.
13. ......... 1972. *Sociolinguistic Patterns.* Oxford: Basil Blackwell.
14. **Schmidt, R.W.** 1974. *Sociolinguistic Variation in Spoken Egyptian Arabic:* An examination of the concept of Diglossia. Ph.D. dissertation, Brown University.
15. **Shirt, G.** 1978. *Traces of Dravidian elements in Sindhi: The Indian Antiquary* Volume II 292_293.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

